
ذڪر زندان جو
مولا بخش چانڊيو

# ذڪر زندان جو

(جيل ڊائري)

مولا بخش چانڊيو

ڇاپيندڙ
سنڌيڪا اڪيڊمي، ڪراچي

ڊجيٽل ايڊيشن :
سنڌ سلامت ڪتاب گهر

# حق ۽ واسطا محفوظ


| | |
|---|---|
| ڇاپو پهريو: | 1999ع |
| ڇاپو ٻيو: | 2016ع |
| ڪتاب جو نالو: | ذڪر زندان جو (جيل ڊائري) |
| ليکڪ: | مولابخش چانڊيو |
| ڪمپيوٽر لي آئوٽ: | امان الله ڀٽي / عبيدالله ميمڻ |
| ڇپائيندڙ: | سنڌيڪا اڪيڊمي، ڪراچي<br>02132737290 |
| قيمت: | 460 روپيا |


## ملڻ جا هنڌ

**قليچ ڪتاب گهر، سنڌي لينگويج اٿارٽي ڪمپائونڊ، نيشنل هاءِ وي حيدرآباد،**
**سنڌي ادبي بورڊ بوڪ اسٽال، تلڪ چاڙهي حيدرآباد**
**سنڌيڪا بوڪ شاپ حيدر چوڪ، گاڏي کاتو حيدرآباد**
**العماد بوڪ سيلرز، اردو بازار، ڪراچي فون:** 0212214521 ، 0300_343115
ڪاڻياواڙ بوڪ اسٽور اردو بازار ڪراچي- ڪتاب مرڪز فريئر روڊ، عزيز ڪتاب گهر بئراج روڊ، بخاري ڪتاب گهر، قادري بوڪ اسٽور، مهراڻ بوڪ اسٽور، مجاهد بوڪ اسٽور نيم ڪي چاڙهي سکر- سلمان ڪتاب گهر پنوعاقل - ڀٽائي بوڪ هائوس حيدرآباد03223011560 - سنڌي ادبي بورڊ بوڪ شاپ، تلڪ چاڙهي حيدرآباد- شاهه لطيف بوڪ شاپ، ڀٽ شاهه- شيريزدان بوڪ شاپ، ڀٽ شاهه، 0300355729، عثمانيه لائبريري، چنيهاڻي ڪنڊيارو، - نيشنل بوڪ اسٽور، نوراني بوڪ ڊيپو بندر روڊ، رابيل ڪتاب گهر اسٽيشن روڊ، رهبربوڪ اڪيڊمي رابعا سينٽر بندر روڊ لاڙڪاڻو- مدني اسلامي ڪتبخانو، نئون چوڪ دادو- حافظ بوڪ اسٽور، خيرپور بوڪ اسٽور مسجد روڊ، خيرپور ميرس - مشعل ڪتاب گهر پڊعيدن 03063291657 - المهراڻ ڪتاب گهر، زاهد بوڪ ڊپو، سانگهڙ- سيد ماس ميگا اسٽور، جيڪب آباد- ميمڻ بوڪ اسٽور، شاهي بازار نوشهروفيروز- حافظ اينڊ ڪمپني، لياقت مارڪيٽ، نواب شاهه- ديدار بوڪ ڊپو، ٽنڊوالهيار- رفعت بوڪ هائوس، ماتلي- مرچو لال پريمي، بدين- مڪتبه يوسفيه، ميرپورخاص. فون. **0300-3319565**، عطار ڪتاب گهر، بدين، مهراڻ ڪتاب گهر، عمر ڪوٽ، حافظ ڪتاب گهر، ڪپرو، سنڌ ڪتاب گهر، مورو، وسيم ڪتاب گهر لکي در. سعيد بوڪ اسٽور، شڪارپور. سومرا بوڪ اسٽور ميهڙ، ساحر ڪتاب گهر، ڪوندي ميهڙ **0346-8948535** ، مڪتبه امام العصر گهوٽڪي**03033695037**،

# ارپنا

**بابا، امان ۽ نسرين جي نالي**

# سنڌسلامت پاران :

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو ڪتاب نمبر **(304)** اوهان اڳيان پيش ڪجي ٿو. هي ڪتاب **”ذڪر زندان جو“** پيپلز پارٽي جي سياسي اڳواڻ **مولا بخش چانڊيي** جي جيل ڊائري آهي. وهاب جروار ڪتاب بابت لکي ٿو:

”مولابخش چانڊئي جي ڪتاب ”ذڪر زندان جو“ کي جيل ڊائري چوڻ نه رڳو مصنف سان پر تاريخ سان پڻ زيادتي هوندي. ”ذڪر زندان جو“ صرف جيل ڊائري ئي نه آهي پر ايم آر ڊي دور جو هڪ مڪمل تاريخي دستاويز آهي. انهيءَ دور جي تاريخ جو دستاويز جنهن دؤر ۾ ”جمهور تنهنجو نانءُ ورتم، جڻ ڪاريهر تي پير پيم“ واري ڪار هئي. جنهن دور ۾ جمهوريت جو نالو وٺڻ جڻ پنهنجي پاڻ لاءِ وير وهائڻ هو، پر پوءِ به هر طرف جمهور ئي جمهور جي وات وائي هئي. جمهوريت جڻ ماڻهن جي رت ۾ شامل ٿي وئي هئي. اهو دور جڻ ته جمهوريت سان عشق جو دور هو. عشق به اهڙو اڻ ڏٺل عشق، جنهن جي ڏسڻ لاءِ تڙپ ڏينهون ڏينهن ويتر وڌندي پئي وئي. عشق ته هونئن به تڙپ جو ئي نالو آهي. انهيءَ تڙپ ئي ته ماڻهن کي پنهنجا گهر ڇڏي جيل جي ڪال ڪوٺڙين ۾ قيد رهڻ تي مجبور ڪيو هو. ”ذڪر زندان جو“ انهيءَ سموري دور جي مڪمل وارتا آهي، وارتا به اهڙي جنهن ۾ جمهوريت لاءِ ٿيندڙ جدوجهد جو داستان به آهي ته زندان ۾ اسيرن کي ملندڙ ايذائن جو لقاءُ پڻ. جنهن ۾ مقصد کي ماڻڻ لاءِ هڙ وڃائڻ جو پيغام آهي ته الستي عشق جي عشاقن جو احوال به آهي.“

هن ڪتاب جو پهريون ڇاپو 1999ع ۾ ڇپيو، جڏهن ته ٻيو ڇاپو 2016ع ۾ **سنڌيڪا اڪيڊمي** پاران ڇاپيو ويو آهي. ٿورائتا آهيون سنڌيڪا اڪيڊمي جي سرواڻ نور احمد ميمڻ ۽ فضل الرحمان ميمڻ جا جن ڪتاب جي سافٽ ڪاپي موڪلي سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ پيش ڪرڻ جي اجازت ڏني. ٿورائتا آهيون وهاب جروار صاحب جا جنهن ڪتاب آنلائين آڻڻ لاءِ اسان جي مدد ڪئي.

اوهان سڀني دوستن، پائرن، سڄڻن، بزرگن ۽ ساٿين جي قيمتي مشورن، راين، صلاحن ۽ رهنمائي جو منتظر.

**محمد سليمان وساڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
sulemanwassan@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**
**books.sindhsalamat.com**

# فهرست

**جمهوري جدوجهد جي ياد گيري ........................................ 5**
**ڪرڪٽا لاهي سڪ مَ ستا ڪڏهين ................................ 7**
**ايم آر ڊي جي شروعات ................................................ 23**
جيل جي تياري يا پلي پار جي سنبت! ...................................... 23
جيل جي سوڙهه ۾ بيزار ڪندڙ خوش خيرعافيت ............................ 31
اسيرن جي عيد ۾ ”اشرافن“ جا اهنج ....................................... 31
جس هجئي او منهنجي پيڻ! ................................................ 34
بينظير صاحبہ بابت چام ساقيءَ جا ويچار ................................... 37
نئوي نظرياتي جيالا ........................................................ 38
گل سائين، قل سائين ...................................................... 40
هاءِ! لوڊشيڊنگ ............................................................ 41
ضياءَ جي تقرير ۾ عورت جو قصو .......................................... 42
پيپلزپارٽي ۾ بروچ ......................................................... 43
پيرول ڪان انڪار ........................................................... 44
پي اين اي جي مخالفت ۾ حسين شاهه جي داستان گوئي ......................... 45
رات آئي وئي .............................................................. 48
پيتو نہ ونڻ تان قيدين ۾ ڦيتاڙو ............................................ 50
مولانا جي مختصر مذمت .................................................... 51
جيئل شاهه ۾ مير ........................................................... 52
سياسي قيدين جي رهائيءَ جون خبرون ....................................... 54
چام ۽ پليجي جي پيروڪارن جو نظرياتي بحث ................................. 55
خراب خبر جهڙو جنرل اقبال ................................................ 57
تنظيم ....................................................................... 60
هارون جو ويچوڙو .......................................................... 61
عوامي جمهوري انقلاب ..................................................... 62
وسارڻ جي رسم ............................................................. 63
چوندن جي ذڪر سان ضياءَ جا وار اُپا تيڻ وارو لطيفو ........................ 65
بڪ تي يوگ نڪاءُ ........................................................... 66
شورن جون شاديون ........................................................... 67
ڳالهيون ڳوٺ وڻن جون ..................................................... 69
قرآن پڙهندڙن متان گوليون .................................................. 76
سائين حسين شاهه جو خواب ۾ تعبير ......................................... 77
نواب ۾ عاشق آزاد ........................................................... 79
ملڪ لال خان ۾ سنڌ .......................................................... 81
دوستن جهڙا شاعر پائر سادات ................................................ 82
پٽي صاحب جو او ايس ڊي ۾ فضيلت پريو دوست عطاءُالرحمان .................. 84
بلوچ قوم پرستن جون جيل ياترائون ............................................ 85
آريسر _ مولانا ڪان قومپرست تائين .......................................... 98
آسرو عالم شاهه ۾ .......................................................... 102

پارٽيءَ بابت سوال ۽ جواب ........ 103
اپريل فول ........ 104
رياض لغاريءَ جون مستيون ........ 105
اشرف ميمڻ جي لاڏاڻي جي ڏکوئيندڙ خبر ........ 106
مقرر نه وسرڻ جهڙا ........ 132
قائد عوام جي ورسي تقريب ........ 134
لسٽون ملڻ کان اڳ ئي قيدي رها، جيل انتظاميا پريشان ........ 134
ملاقات دوران ڳالهه سمجهڻ جو مسئلو ........ 135
اڄ پڻ اکڙين سڄڻ پنهنجا ساريا ........ 136
عجيب تعدي بعد واپسي ........ 144
ڪراچيءَ مان بدلي تي آيل ساٿي ........ 144
گورنر جي بيان تي ضياءَ جي ڪاوڙ ........ 146
اسپتال روانگي ........ 147
پرو چانڊيو مار جي ويو ........ 148
خان محمد جماليءَ جي جيل ۾ آمد ........ 151
۽ جڏهن پ پ ايم پي اي گڏهه گاڏي تي چڙهي اسيمبلي پهتو ........ 153
زهر پيو ڪاوان، تون به کائيندين؟ ........ 154
اسان جو سچ بول راڻو ........ 155
عبرت ۽ مجيد عباسيءَ جون خبرون ........ 157
شڪيل پٺاڻ طرفان ڪتاب لکڻ جون تياريون ........ 159
سياسي قيدين جي نه ڇُٽڻ جون دعائون ........ 160
دادوءَ ۾ ماڻهن ضياءَ جي هيليڪاپٽر کي لهڻ نه ڏنو ........ 163
”مهراج“ جو ”نڪاڻو“ ........ 164
چاچي شاهنواز ٻڌايو ته ڪامريڊ جام ساقي جهڙو ٻڌوسين تهڙو ڪونهي ........ 166
شهيد پٽو ۽ قومي مسئلو ........ 167
مون کان پڇاڻو ........ 172
يوم مئي جو جلسو ۽ پ پ تي تنقيد جو جواب ........ 173
جرئتمند جيالو عبدالرحمان پٽي ........ 174
پ پ آفيس جي ”مرڪز“ منتقلي ........ 175
حيدرآباد جي قرب وارين ڪچهرين جي ياد ........ 176
نازڪ نفيس ”خطرناڪ“ قيديءَ جي آمد تي ٽرٽلو ........ 194
۽ جڏهن سر ڪٽيو ڄڻ عثمان ڪينيڊي مٿان اچي ڪِريو! ........ 196
”اوهين منجهي پيا آهيو، تنهن ڪري هٽو نعرا“ ........ 198
سياسي خبرن تي سينسرشپ، ڊاڙيلن کي ڀرپور ڪوريج! ........ 199
اسماعيل اداسي ۽ عطا دل جا انقلابي گيت ........ 199
چوندن کان ضياءَ ايئن ئي ڀڄي جيئن اُٺ ڀڄي پٽڻ کان ........ 200
پوٽي جي گرفتاريءَ جي صدمي ۾ سيٺ ڪمال الدين جو لاڏاڻو ........ 201
”سرڪار“ جي رضا لاءِ روزا نمازون ........ 203
اسپتال مان بيزار ٿي واپس جيل وڃڻ جي خواهش ........ 204
ضياءَ جي آمد جو ٻڌي جيل مٿان پ پ جو جهنڊو ناهي ڦڙڪائي ڇڏيوسين ........ 205
امان جون دعائون ........ 208
ضياءَ جي حڪومت ۾ وزارتون ماڻيندڙ ”سنڌ پرست!“ ........ 210
وزارت جو ”چئلينج“ ۽ اسلام جي ”روشني!“ ........ 211

هڪڙا حڪمران ٻيا ڏاڙيل باقي عوام ويچارو ڏاڙ ڏوڙ ............................ 212
نالي پائيءَ سان اختلاف جي نوعيت ............................ 214
اسپتال مان بيزار ٿي واپس جيل پهتس سپاهي وچڙيل يارن وانگي مليا ............ 215
جاڳاڳائڻ جي روايت ............................ 216
حوض ۾ طوفان ............................ 218
منير کي بيماري لڳي يا جيل ............................ 219
سزا پوري ٿيڻ باوجود آزاد نه ٿياسين ............................ 219
ٻيا دوست آزاد، منهنجي نظربنديءَ جو آرڊر ............................ 220
مائيءَ جو ريوالور گم ٿيڻ واري عجيب خبر ............................ 220
حسين شاهه جي مارشل لا هيڊ ڪوارٽر طلبي ............................ 222
ڪجهه سپاف ۽ ان جي باني ڪارن بابت ............................ 222
رئيس امروهيءَ جو اعتراف ............................ 230
جيل جي حوض ۾ ٽپي هٽڻ جو مقابلو ............................ 231
قادر پان، يونس پان ۽ حنيف سرواٽ کي جيل ۾ ڪوڙا هنيا ويا ............................ 232
باقي وچي 27 ڄڻا بچياسين ............................ 233
شير خان لنڊ: شينهن قومي ڪارڪن ............................ 234
جيل ۾ عيد ............................ 236
عيد جي موڪلن جيل جي بوريت کي وڌائي ڇڏيو ............................ 237
امان روئي ڏنو ............................ 238
جيل انتظاميا اڪيون ڏيڪارڻ شروع ڪري ڇڏيون ............................ 238
جيل جي تلاشي ............................ 239
ڏيرن تي مڇرن جي حملي جي شدت ۾ اضافو ............................ 240
"جيلن ۾ جاءِ ڪانهي" ............................ 241
سردار خان جو ڏوهه ............................ 242
حڪيم ايڇ ايم سومري کي دل جو مصنوعي دورو ............................ 245
چاچي شاهنواز سان ڪچهريون ............................ 248
جيل ۾ حشر جي رات ............................ 253
"گنجا پير پارٽي" ............................ 253
هڪ مستانو شهيد پٽي جي تصوير ڏسي زارو زار روئندو رهيو ............................ 254
منهن ۾ مسلمان اندر ۾ ابليس ............................ 255
حيدرآباد بار پاران جنرل ضياءَ کي خطاب جي دعوت ............................ 256
سردار خان جي رهائي ............................ 257
زوردار برسات ............................ 258
تيز هوا سان بارش سمورن قيدين جي ننڊ ڦٽائي ڇڏي ............................ 259
جاءِ نه سڄو ڏينهن، هينئڙو اوٽي وڳ جيئڻ ............................ 259
منصف جي شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي سالگره تي جيل ۾ پڙهيل تقرير ............................ 261

## نئين ڇاپي بابت ٻه اکر

# جمهوري جدوجهد جي ياد گيري

قائد عوام شهيد ذوالفقار علي ڀُٽي ڊسٽرڪٽ جيل راولپنڊيءَ جي ڪال ڪوٺڙيءَ مان محترمه بينظير ڀٽو شهيد جي نالي پنهنجي هڪ خط ۾ هڪ لازوال پيغام موڪليو هو ته: ”پياري ڌيءُ، آئون توکي صرف هڪ پيغام ڏيڻ چاهيان ٿو. هيءُ پيغام مستقبل جو پيغام آهي ۽ تاريخ جو پيغام آهي ته صرف عوام تي ئي يقين رکجانءِ، عوام جي مساوات ۽ ڇوٽڪاري جي لاءِ ڪم ڪجانءِ. الله تعاليٰ جي جنت تنهنجي ماءُ جي قدمن هيٺان آهي، پر سياست جي جنت عوام جي قدمن هيٺان آهي.“

ڀٽي صاحب جو اهو نظريو دنياوي، روحاني ۽ سياسي زندگيءَ جي پيچيده ۽ مشڪل مرحلن کي طئي ڪرڻ ۾ مون کي ٻه تمام گهڻو ڪم آيو آهي ۽ اها ڳالهه مون کي سمجهه ۾ اچي وئي ته ادب جي جنت ان جي پڙهندڙن جي قدمن هيٺان هوندي آهي. آئون ادب براءِ ادب يا ادب براءِ زندگي بدران ادب براءِ عوام جو قائل آهيان. آئون پنهنجي سمورن پڙهندڙن جو دل جي اٿاهه گهرائين سان شڪر گذار آهيان، جن جي دلچسپيءَ جي ڪري ئي منهنجي هن ڪتاب”ذڪر زندان جو“ جو هيءُ نئون ايڊيشن شايع ڪرڻ جي ضرورت پيش آئي.

ڀُٽي صاحب جي نظرين جي روشن رستن تي سفر ڪندڙ اسان سيئي اهو چڱي طرح سمجهي چڪا آهيون ته قيد و بند جو صعوبتون ۽ ڪتاب اسان جي نظرياتي عقيدي جو بنيادي عنصر آهن. قائد عوام ذوالفقار علي ڀٽي جيل ۾ ويهي ڪتاب لکيا. جيل جي ڊيٿ سيل جي ناقابل فراموش تاريڪي پڻ ڀٽي صاحب جي عوام ۽ ڪتاب سان محبت کي گهٽائي نه سگهي. پيپلز پارٽي پاڪستان جي واحد سياسي پارٽي آهي جنهن جي ڪتابن سان وابستگي ۽ عوام سان غير مشروط محبت انهيءَ جي سياسي طاقت جو ناقابل تسخير بنياد آهي. انهيءَ ڪري ئي مون پنهنجي جيل جي يادن کي قلمبند ڪري ڪتابي شڪل ۾ توهان آڏو پيش ڪري دراصل پنهنجي ليڊرن جي ئي پيروي ڪئي آهي.

منهنجون هيءُ يادون سياسي جدوجهد ۾ گذريل زندگيءَ جو عهدنامو پڻ آهن. يادون ڀلي تلخ ئي ڇونه هجن مون کي انهن جو تذڪرو سنو ٿو لڳي. منهنجون هي يادون انهيءَ وقت جون يادون آهن، جڏهن مون کي تلخين کي برداشت ڪري سرور حاصل ٿيندو هو ۽ ڀٽائي، بلي شاهه، خواجه غلام فريد ۽ ٻين صوفين جي شاعريءَ ۾ زندگيءَ جي عڪس مون کي بيخود ڪري ڇڏيو هو. هيءُ اهو ئي زمانو هو جڏهن مون منصور حلاج جي شاعري ۽ زندگي جي رنگن ۾ جهاتي پائڻ شروع ڪئي هئي. اهو عشق جو عجيب زمانو هو، جڏهن ظاهري محبوب جو ڪو تصور ئي نه هو. اهو ڏک ۽ عشق جو زمانو هو پر انهن تلخ لمحن ۾ ٻه بيزاري ۽ پڇتاءُ جو ڪو لمحو به نه هو بلڪ اهو هڪ خاص قسم جي سرور ۽ سرمستيءَ جو عالم هو. منهنجو مثال سنبل جي وڻ وانگر آهي جيڪو پنهنجي ٻج کي ڪپهه ۾ لپيٽي هوا جي حوالي ڪري ڇڏيندو آهي ته جيئن اهي اڏامي اڻ ڄاتل منزل تي رسن ۽ زمين کي ڇهي ڇانودار وڻ

ٻڌجي وڃن. منهنجون سموريون سوچون ۽ يادون دراصل ڀٽي صاحب جي سياسي عقيدن جو ٻج ئي آهن جن کي آئون شاعري ۽ نثر جي لباس ۾ ويڙهي عوام جي سپرد ڪريان ٿو ته اهي جيئن ايندڙ موسمن ۾ جمهوري ۽ انساني قدرن جا وڏا وڻ ٿي پنهنجا ٻج پري پري تائين پکيڙڻ جو سلسلو جاري رکي سگهن.

آئون سمجهندو هئس ته منهنجين يادن مٿان وقت جي دز چڙهي ويندي پر وقت گذرڻ سان گڏوگڏ انهن يادن مون کي پهرين کان وڌيڪ بي چين ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيو آهي. شايد انهيءَ جو سبب اهو ئي آهي ته منهنجون هيءَ ساروڻيون اُن سفر سان وابستا آهن جيڪو اجا به جاري و ساري آهي ۽ آئون انهيءَ کان ڪڏهن به الڳ نه ٿو ٿي سگهان. اهي يادون منهنجي لاءِ اهي محبت ڀريا خط آهن جن کي آئون اڄ به وهاڻي جي هيٺان رکي سمهندو آهيان. اهي يادون وقت، فاصلن، آمريت، سازشن ۽ سياسي تبصرن کان بي نياز آهن ۽ مجسم ٻڌجي هر روز ڪنهن نه ڪنهن موڙ تي منهنجو رستو روڪي بيهي رهنديون آهن. منهنجو هينئر جڏهن به پارٽي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداريءَ سان ملاقات جو اتفاق ٿيندو آهي ته مون کي ايئن لڳندو آهي ڄڻ آئون ذوالفقار علي ڀٽو ۽ بينظير ڀٽو صاحبه جي جمهوري ۽ سياسي جدوجهد جي يادن جي گئلري مان گذري رهيو هجان، جنهن جو هر لمحو مون کي پڪاري ائين چئي رهيو هجي ته جمهوريت جي نئين امڪان جو زمانو صورت پذير ٿيڻ وارو آهي.

**مولا بخش چانڊيو**
14/06/2016

# ڪرڪٽا لاهي سڪ مَ ستا ڪڏهين

پيائو مولابخش چانڊيي جي ڪتاب ”ذڪر زندان جو“ ڪي جيل ڊائري چوڻ نہ رڳو مصنف سان پر تاريخ سان پڻ زيادتي هوندي. ”ذڪر زندان جو“ صرف جيل ڊائري ئي نہ آهي پر ايم آر ڊي دور جو هڪ مڪمل تاريخي دستاويز آهي. انهيءَ دور جي تاريخ جو دستاويز جنهن دؤر ۾ ”جمهور تنهنجو نانءُ ورتم، جڻ ڪاريهر تي پير پيم“ واري ڪار هئي. جنهن دور ۾ جمهوريت جو نالو وٺڻ جڻ پنهنجي پاڻ لاءِ وير وهائڻ هو پر پوءِ بہ هر طرف جمهور ئي جمهور جي وات وائي هئي. جمهوريت جڻ ماڻهن جي رت ۾ شامل ٿي وئي هئي. اهو دور جڻ تہ جمهوريت سان عشق جو دور هو. عشق بہ اهڙو اڻ ڏٺل عشق، جنهن جي ڏسڻ لاءِ تڙپ ڏينهون ڏينهن ويتر وڌندي پئي وئي. عشق تہ هونئن بہ تڙپ جو ئي نالو آهي. انهيءَ تڙپ ئي تہ ماڻهن کي پنهنجا گهر ڇڏي جيل جي ڪال ڪوٺڙين ۾ قيد رهڻ تي مجبور ڪيو هو. ”ذڪر زندان جو“ انهيءَ سموري دور جي مڪمل وارتا آهي، وارتا بہ اهڙي جنهن ۾ جمهوريت لاءِ ٽيندڙ جدوجهد جو داستان بہ آهي تہ زندان ۾ اسيرن کي ملندڙ ايذائن جو لقاءُ پڻ. جنهن ۾ مقصد کي ماڻڻ لاءِ هڙ وڃائڻ جو پيغام آهي تہ الستي عشق جي عشاقن جو احوال بہ آهي. ”ذڪر زندان جو“ جي تحرير کي پڙهڻ سان ائين محسوس ٿو ٿئي تہ اها تحرير نہ پر ڪنهن مقرر جي سمنڊ جي لهرن وانگي رواني‍ءَ واري تقرير آهي، جنهن ۾ تجنيس حرفي بہ اهڙي جڻ نثر نہ پر نظم هجي. پيائو مولابخش چانڊيي ”ذڪر زندان جو“ ۾ شخصي خاڪا بہ اهڙا لکيا آهن، جهڙوڪر اهي ڪردار اسان جي آڏو موجود هجن.

جڏهن ”ذڪر زندان جو“ جي ٻئي ايڊيشن جي سمورن مرحلن جي نگرانيءَ جي ذميواري مون کي ملي تہ مون انتهائي خوشيءَ سان اها ذميواري قبول ڪئي ڇاڪاڻ جو پيائو مولابخش چانڊيي جي سڃاڻپ مون وٽ سياست جي آويءَ مان پچي نڪتل هڪ سياستدان کان وڌيڪ قلم ۽ ڪتاب سان عشق جي حد تائين چاهہ رکندڙ گهڻ پاسائين اديب، شاعر ۽ جمهوريت پسند، سنڌ دوست دانشور جي آهي. مان انهيءَ کان اڳ پيائو مولابخش جو شاعريءَ جو ڪتاب ”شبنمي بوندون“ پڙهي چڪو هئس. جيڪو پڙهڻ بعد محسوس ٿيو تہ پيائو تہ آهي ئي شاعر، سياستدان ڪيئن بڻجي پيو، وري جڏهن ذڪر زندان جو پڙهيم تہ محسوس ٿيو تہ پيائو تہ آهي ئي نثرنگار، پر جنهن بہ رخ کان ڏسبو پيائو مڪمل نظر ايندو.

”ذڪر زندان جو“ جي مطالعي دوران هڪ ڳالهہ اها بہ محسوس ٿي تہ رائيٽر موضوع جي مناسبت سان سمورا تفصيل وڻندڙ رواني ۽ سچائيءَ سان بيان ڪندو ٿو هلي ۽ پڙهندڙ کي ساڻ وٺي هلي ٿو پر آخري ورق تي پهچڻ ڪانپوءِ بہ اهو سوال، سوال ئي رهجي وڃي ٿو تہ مصنف کي بہ رهائي نصيب ٿي يا نہ؟ ڪتاب ڪلائيمڪس تي پهچڻ بغير پڄاڻيءَ تي پهچي پئي ويو! جنهن جو پيائو مولابخش چانڊيي پڻ اعتراف ڪيو. نئين ايڊيشن جي ضميمي ۾ جيل ڪهاڻيءَ جو ڪلائيمڪس بہ شامل آهي. ان سان گڏ پڙهندڙن جي دلچسپيءَ کي نظر ۾ رکندي ڪتاب جي نئين ڇاپي ۾ ڊائريءَ جي ورقن کي جدا جدا

عنوان ڏنا ويا آهن. جنهن سان ڪتاب جي ڏيان ڇڪائيندڙ خوبصورتي ۾ اضافو ٿي ويو آهي. پائو مولابخش چانڊئي لاءِ آئون تہ بس مرشد لطيف جو هي ئي شعر چوندس تہ:

ڪرڪٽا لاهي، سڪ مَ ستا ڪڏهين،
اوسيئڙو آهي، ڪاهوڙين ڪي پنڌ جو.

مصنف جي هن پيار واري پورهئي بابت پڙهندڙن جي راءِ جو اوسيئڙو رهندو.

**وهاب جروار**
15/06/2016

# بسم اللهّٰ

14 آگسٽ 1983ع ڪي گذري گھڻو وقت ڪو نہ ٿيو آھي پر وقت جي تيز رفتاري چند سالن جي تذڪري کي قديم تاريخ جو داستان بڻائي ڇڏيو آھي. چوڏھن سال اڳ جو ذڪر اڄ پراڻي تاريخ انھيءَ ڪري پيو لڳي جو انھن سالن ۾ دنيا حيرت انگيز تبديلين کي ڏٺو آھي. دنيا جي ھر شيءِ جو مھانڊو مٽجي ويو آھي، پر پنھنجو مقصد ھتي سڄي جھان جي تبديلين جو وچور ڏيڻ ڪونھي. پنھنجو سروڪار تہ رڳو سياست ۽ سياسي جدوجھد سان آھي جنھن جا اقدار تہ يڪسر تبديل ٿي ويا آھن. سياسي جدوجھد جو نالو ساڳيو آھي باقي مھانڊا ۽ افعال بنھہ سڃاڻڻ کان زور ٿي ويا آھن. سياسي جدوجھد جون ڳالھيون ۽ مھانڊا ياد ڪري حيرت ٿي ٿئي تہ ڪالھہ سياست ھئي يا عبادت، سياسي جدوجھد ھئي يا عشق!

ھا ڪالھہ جا اڪثر سياسي رھنما وَلين وانگي ھئا ۽ سياسي ڪارڪن آدمي اسرار ھئا. سياست عبادت ۽ سياسي جدوجھد عشق ھو. سياست اڄ سئو سيڪڙو اٽڪل تي سڏجي پر ڪالھہ سياست ۾ عقل، عشق سان بہ سلھاڙيل ھو. اڄ سياست سڄي ساري جسماني ضرورتن جي تابع ٿي وئي آھي پر ڪالھہ سياست جو رشتو روح سان بہ ھو. جسم رڳو خوشيءَ ۾ جمالو ڳائي جھمريون ھڻندو آھي پر روح تہ درد ۾ بہ ڌمالون وجھندو آھي. جسم جي ڍَوَ ۾ زندگي آھي. سندس اندر واري حنود ڪاسائيءَ جي ڪڏ ڪڏھن بہ نہ پربي آھي. سدائين ڪُھي ۽ ڦري پيو خوش ٿيندو آھي. جڏھن تہ روح کي وقتي ناڪامي ۽ ڦرجڻ مايوس ڪو نہ ڪندا آھن. ڪيس "ڳوليان ڳوليان م لھان، شال م ملان ھوت" وارو منشور بہ حياتي ۽ حوصلو عطا ڪندو آھي ۽ ڪيس ڪُسڻ ۾ بہ قرار ايندو آھي، جو ڪيس پڪ ھوندي آھي تہ "تون جي ڪالھہ مُئي تہ ڪالھہ ئي گڏئين سڄڻين" مطلب تہ جيترو فرق روح ۽ جسم جي تقاضائن ۾ آھي، اوترو ئي فرق اڄ جي سياست ۽ ڪالھہ جي سياسي جدوجھد ۾ اچي ويو آھي.

اڄ جي سياست ۾ عشق اٽلپ آھي پر ھي انھيءَ زماني جي پوياڙي وارن ڏينھن جو قصو آھي جڏھن سياسي جدوجھد رومانس ھئي. ھي انھن نوجوانن جو قصو آھي جن عشق جون منڊون ڦھري ڪوٽن ۾ گذاري ڇڏيون. نوجوان تہ نوجوان پر پوڙھا پڪا بہ جڻ جيل ۾ نئين سر نوجوان ٿي عشق جون منزلون طئي ڪري رھيا ھئا. انھن عاشقن جيل جا ڏينھن بہ اھڙي ھيج مان پئي ڪاٽيا چڻ سندن محبوب ھتي جيل ۾ ئي ساڻن ملڻ جو وعدو ڪيو ھجي ۽ ھنن کي بہ جڻ محبوب جي وعدي ۾ پڪ ھئي تہ ھتي ئي محب ملندو، ھتي ئي ميل ٿيندو. ھتان ئي ڪين اھا سرھي سيج ملندي جنھن تي پاسي ۾ پرين سمھاري پاڻ بہ سک جي ننڊ سمھندا. ھو بہ ايئن. اُتي (جيل ۾) بہ محبوب جو ئي انتظار ھو مقصد ۽ ماڳ جي صورت ۾. انھن ڏينھن ۾ مقصد ۽ مجاز ھڪ ٿي ويا ھئا. ڪڏھن مقصد مان مجاز پيو ليئا پائيندو ھو تہ ڪڏھن مجازي محبوب، مقصد ماڻڻ واري راھہ ۾ بورائو بڻجيو سپ اٽانگا تڙ پيو اڪاريندو ھو. منزل ڏي ڪاھي ھلڻ جا ترانا ۽ محبوب جي اوسيئڙي جا گيت ساڳيو لطف ڏيندا ھئا. زنجير زلف بڻجي زندانن ڏي ڇڪيندا ھئا ۽ مقتل مان مينديءَ جي خوشبو ايندي ھئي. سڄي دنيا ۾ "سوريءَ مٿي سيڄ،

کهڙي ليکي سنرا، جي لهه لڳا نيڻ، تہ سوريا ئي سيج ٿي“ جا منظر اکين پيا ڏسبا هئا. مقتل ۾ سوربون سينگارڻ وارا گهوٽ اٽموٽ ڪنهن بہ ملڪ جا هئا پر سندن ڪيڏارو سڄي عالم ۾ لکبو ۽ ڳائبو هو. آزادي ۽ انسانيت جا پروانا سڄي دنيا جي باشعور وطن پرست ماڻهن جا محبوب هئا. مارڪس، لينن، مائو، فيڊل ڪاسترو، هوچي منهه، چي گويرا، جيولس فيوچڪ، بوبي سينڊس، آلندي، وڪٽر هارا، لورڪا، عرفات، ليليٰ خالد، ڀڳت سنگهه رڳو پنهنجي ملڪن جا هيرو ڪو نہ هئا پر سندن پرستش سندن ملڪن کان ٻاهر بہ ٿي ڪئي وئي. سندن داستان حيات ڪان سڄي دنيا بہ ايترو ئي واقف هئي جيترو سندن ملڪ.

اڄ گهڻي ڀاڱي ڪارڪن جي ڪتاب سان ڪو نہ ٿي پوي. ”نيلي نوٽ بڪ“ جا عاشق، ”بڪ“ کي تياڳ ڏيو رڳو ”نيلي“ ۽ ”نوٽ“ پويان سهڪندا وتن پر تڏهن علم آگهي سياسي جدوجهد جو لازمي حصو هئي. ڪارڪن جي زبان تي نعرن سان گڏ سمجهه، فڪر ۽ سچائيءَ جا گفتا بہ هئا. گورڪي جي ناول ”ماءُ“ تہ ڪيترن ئي انسانن کي انقلاب جو عاشق بڻائي ڇڏيو پر ”پهاڙون ڪي بيٽي“ ”چراغ جلتا رها“ ”دنيا کو جهنجهوڙ ديني والي دس دن“ ”سرخ چين کا رزميہ“ ”نوجوانون کا گيت“ ”ذلتون کي ماري لوگ“ ”چي گويرا جي ڊائري“ ”نوجوانن ڏانهن“ ”قافلہ شهيدون کا“ ۽ ٻيا ڪيئي غير ملڪي ڪتاب بہ جڻ عشق جون سوکڙيون هيون. انهن کي پڙهي مقصد ۽ مزاج اڳي کان اڳرا پيا ٿيندا هئا. رڳو اهي ڪتاب ڪو نہ هئا جن نوجوانن جي رت کي ٿي گرمايو پر پاڪستان، هندستان توڙي سنڌ ۾ بہ ڪيترن ئي ڪتابن کي پريڻ جي پنن واري حيثيت حاصل هئي. سبط حسن، عبدالله ملڪ، رسول بخش پليجي، محمد ابراهيم جويي، جي ايم سيد ۽ ٻين ڏاهن جا ڪتاب بہ جڻ جدوجهد جو لازمي ڪورس هئا. انهي زماني ۾ رڳو سياسي ڪتاب نہ پر زندهہ ادب بہ ماڻهن جي ذهني خوراڪ هو. اهو زمانو رڳو سياسي دانشورن ۽ اديبن جي مقبوليت جو دور ڪو نہ هو پر اهو دور شاعريءَ جي ڀاڳ وارو دور بہ هو. جيئن بحرانن ۾ غيرمعمولي انسان ۽ قومن جا نجات دهنده ظاهر ٿيندا آهن، تيئن ڏاڍ، ڏهڪاءُ، غلامي ۽ گهٽ واري ماحول ۾ ئي آفاقي شاعرن جو الهامي آواز بلند ٿيندو آهي. انهي دور ۾ ئي اهي سٽون تخليق ٿينديون آهن جيڪي مئل جيئاري ڪُسر نساري ڇڏينديون آهن. سڪ ۽ سرود جي تعلق کي ڏسي لڳندو آهي تہ محبت ۽ موسيقي شايد ساڳي ڪُک مان جنم ورتو آهي. انهي ڪري ئي هر محبت ڪندڙ دل سهڻي ساز ۽ آواز تي جهومي پوندي آهي.

هن ڊائري جي زماني ۾ بہ ڪئين الهامي آواز هئا جن عاشقن کان مقتل توڙي ميدانن ۾ رقص ٿي ڪرايا. سنڌ ۾ حيدر بخش جتوئي، شيخ اياز، تنوير عباسي، نياز همايوني، استاد بخاري، عبدالڪريم گدائي، امداد حسيني، شمشيرالحيدري، سرويچ سجاولي، ابراهيم منشي، سرڪش سنڌي، راشد مورائي، آڪاش انصاري، تاجل بيوس، محمد خان مجيدي ۽ ٻيا ڪيئي محترم نالا آهن جن پنهنجي الهامي صدائن سان اهل سنڌ جا جذبا جاڳائي ۽ رت گرمائي هر ظلم خلاف ارڏي ڏونگر جيان بيهاري ڇڏيو هو. ون يونٽ جي تحريڪ کان وٺي هر قومي تحريڪ جي ڪاميابيءَ جو سهرو روايتي سياستدانن کان وڌيڪ ان وقت جي ڪنڌار نوجوانن جي سر آهي پر اها بہ حقيقت آهي تہ انهيءَ سهري جا گل سنڌ جي روشن خيال اديبن ۽ شاعرن جا ئي پوئيل آهن. انهن مهان شاعرن جي شاعري جڏهن

جلسن، جلوسن، ادبي ڪانفرنس ۽ لطيفي جشن ۾ ڳاتي ٿي ويئي ته سڄي سنڌ تي عجيب ڪيفيت ٿي طاري ٿي. انهيءَ مهل ئي اهو يقين ٿي ٿيو ته ”سنڌ جيئندي سدا، سنڌ جيئندي سدا“ سنڌ وارن ڪي وجد ۾ آٿي اهو نعرو هڻائڻ ۾ آپا زرينه بلوچ، فقير عبدالغفور، بيدل مسرور ۽ بدر سومرو سيني کان زور هئا. سنڌ جي بقا لاءِ وڙهندڙ قومي شاعرن جو اهو هر اول دستو پاڻ به پنهنجي آواز ۽ انداز سان پنهنجو ڪلام ڳائي ٻڌائي سنڌ وارن کي سرور ۽ جذبو بخشيندو هو. شيخ اياز پاڻ به پيو جهومندو هو ته پنڊال کي به پاڻ سان گڏ پيو جهومائيندو هو. استاد بخاري، محمد خان مجيدي ۽ سرويچ سجاولي به پنهنجي مخصوص انداز سان ماڻهن جون دليون ليائيندا هئا. محترم نياز همايوني جو درد ڀريو انداز جن به ٻڌو تن کان ڪڏهن به نه وسرندو. نياز صاحب دوها ڳائيندو هو ته ٻڌندڙن جي اکين ۾ لڙڪ به تري ايندا هئا ۽ جي وري ”آزادي اعلان اسان جو، سوري ڀل سينگار ڪري“ ڳائيندو هو ته ايئن لڳندو هو ڄڻ زمين ۽ آسمان مان آزادي جا اعلان ٿي رهيا آهن پر ابراهيم منشي جلسن جو رنگ ئي اور ڪري ڇڏيندو هو. منشي پنهنجي شاعري ڳائي انهيءَ مهل ئي ماڻهن کي ويرين سان وڙهڻ لاءِ سندرا ٻڌڻ تي مجبور ڪري ڇڏيندو هو.

آئون شاعرن جي مقابلي جو قائل ڪو نه آهيان. ڏات ڏٺي گوءِ جا ڏاند ڪونهن جو ڪنهن جي پلي ۽ ڪنهن جي ڍلي جو اعلان ڪجي. هر ڏات ڏٺي گل مثل آهي، هر گل جي پنهنجي خوشبو ۽ سونهن آهي. سنڌ جا مڙئي شاعر سنڌ جي قومي ۽ ادبي گلستان جي سونهن ۽ سوڀيا آهن.

پريان سندي پار جي مڙيئي مڻائي،
ڳاڻهي ڪڙائي، چکين جي چيت ڪري.

سنڌ جي سمورن مهان شاعرن جو سنڌ جي سجاڳي، قومي جذبي کي اجاگر ڪرڻ، ظلم ۽ ڏاڍ خلاف نفرت پيدا ڪرڻ ۾ اهم ڪردار آهي پر اڄ انهن مان گهڻا ڪو نه ٿا ٻڌجن. انهيءَ جو سبب انهن شاعرن جو ننڍيو وڏو هجڻ يا سندن شاعريءَ جو اهم غير اهم هئڻ ڪونهي. انهن شاعرن ۾ گهڻا وقت کي پورو ڪيو وينا آهن. ڪن وقت جي وهڪري کان خوف زده ٿي وچ سير ۾ ترڻ بجاءِ ڪناري تي ويهڻ بهتر سمجهيو آهي. ڪي شاعري ته ڪن پيا پر سندن دل ۽ دماغ جون راهون ڏار ٿي ويون آهن، ڪائنن پنهنجا ٿاهيل گس ۽ پيچرا وسري ويا آهن. ڪن شاعري ئي مخصوص وقت لاءِ مخصوص سوچ تحت ڪئي هئي. وقت بدليو آهي ته سندن شاعري به گذريل وقت سان گڏ پوئتي رهجي وئي آهي. ڪن ته نفرت کي دائمي سمجهي رڳو جهيڙي لاءِ لکيو آهي تن جو ڪلام غير ضروري ٿي ويو آهي. ممڪن آهي ته وقت وري به انهن حالتن کي موٽائي اچي، وري به انهي شاعريءَ جي گونج ٻڌجي پر يقينن وري به اها شاعري انهيءَ مخصوص ذهنن جي هوندي. پٺائيءَ جو ڪيڏارو رڳو ماتم ۽ محرم ۾ ٻڌبو آهي پر راٺو ۽ ڪنيات سدائين پيا ڳائجن. سو وقت جي شاعري وقت جي ور چڙهي وئي آهي.

ڪالهوڪن الهامي آوازن ۾ ڪالهه به ٻُلند ترين آواز شيخ اياز جو هو ۽ اڄ به انهي آواز جا ئي پڙاڏا پيا ٻڌجن. ايئن ڪونهي ته شاعري رڳو ڪالهه ٿي آهي، اڄ اسان جا ڏات ڏٺي خاموش آهن. اڄ به سنڌ ۾ سونهن ۽ سچائيءَ سان ڀرپور شاعري ۽ ادب تخليق ٿي رهيو آهي. ڪالهوڪي تذڪري تي ٽڏا ساهه ڀرڻ جو مطلب سياڻي لاءِ مايوسي ڪونهي. اڄ احمد سولنگي، حسن درس، مظهر لغاري، حليم باغي،

سعيد ميمڻ، حسن مجتبيٰ، رڪيل مورائي، بخشڻ مهراڻوي، وسيم سومرو، شبنم گل، امر سنڌو اياز گل ۽ ٻين نوجوانن جي شاعريءَ کي پڙهي يقين ٿو ٿئي ته ايندڙ وقت ۾ اهي نوجوان شاعر پنهنجن جوان جذبن ۽ نئين ساڃاهه سان شاعريءَ جي آسمان تي چوڏهين جا ڪيئي چنڊ اڀاريندا. پر اها به حقيقت آهي ته آئينده جي انهن ڏات ڏڻين کي اياز جي جاءِ والارڻ لاءِ اوتروئي پنڌ ڪرڻو پوندو جيترو اياز کي شاهه ثاني ٿيڻ لاءِ ڪرڻو پيو آهي.

انسان نه حُسن ڏي ڇڪجڻ ڇڏيندو نه عشق ڪرڻ کان مڙندو ۽ نه وري خواب ڏسڻ ۽ انهن جي تعبير لاءِ پاڻ پتوڙڻ کان بس ڪندو. مطلب ته مجاز ۽ مقصد اسان جي زندگيءَ جا سدائين لازمي عنوان رهندا، جن شاعرن انهن عنوانن کي ڪير ڪنڌ ڪري شاعري ڪئي آهي، تن جڻ پنهنجا قلم آب حيات مان ٻوڙي شاعري ڪئي آهي. اها شاعري ئي هر پل جي شاعري آهي. عصر حاضر ۾ اردوءَ ۾ فيض احمد فيض ۽ سنڌيءَ ۾ شيخ اياز مجاز ۽ مقصد کي گڏي ڳائڻ وارن شاعرن جا مهندار شاعر آهن. انهيءَ ڪري ئي انهن سياڻن شاعرن جو وکر پٽي پراڻو ڪو نه ٿيو آهي. ڪالهه جي شيخ اياز ۽ اڄ جي شيخ اياز ۾ وڏو فرق آهي. اڄ اياز پنهنجي گذريل ڪيترن ئي خوابن ۽ خيالن کان دستبرداريءَ جو اعلان ڪيو آهي. شيخ اياز اڄ گهٽي ياڳي دعائون لکي رهيو آهي. سنڌ ۾ شيخ اياز کي شاهه ثاني سمجهيو ويندو آهي، شايد تنهن ڪري ئي آخري ايامن ۾ دعائون لکي پنهنجي ڪلام ۾ سُر ڪلياڻ واري ڪمي پوري ڪري رهيو آهي. اياز کي اڄ اهو به احساس ٿيو آهي ته سندس شاعريءَ ۾ سندس ڪو به ڪمال ڪونهي، بلڪ سندس شاعريءَ جو اکر اکر خالق ڪائنات جو ڏنل آهي ۽ جيئن خسرو لاءِ نظام الدين ضروري هو تيئن سندس لاءِ به نظام الدين ضروري آهي. شيخ اياز جي انهن احساسن ۽ اعترافن تي ڪو به اعتراض ڪونهي. انسان الاهي اسرارن جو مجموعو آهي، تنهن ڪري جستجو ڪندڙ هر انسان کي هر روز زندگيءَ جي نئين اسرار سان آشنا ٿيڻو پوي ٿو. لاريب ته انسان بار بار جنم وٺي انسان تي ئي تحقيق ڪندو پر هر بار سندس تحقيق اڌوري رهجي ويندي. شيخ اياز جي سوچن ۽ خيالن جي سمورين تبديلين جي باوجود به منهنجو اهو ويساهه آهي ته اياز جي آنڊل جن ڇيرن جي ڇم ڇم تي سڄي سنڌ جيان آءٌ به نچندو رهيو آهيان، تن ڇيرن جي ڇڻڪار اڃا ڪيئي سال سنڌ وارن جي سماعت کي سرور ۽ سڪون بخشيندي رهندي.

هيءَ ڪهڙي موڙهي مت لوڪو؟
ڌرتي به ته آهي جنت لوڪو.
ڪجهه شاهه ڏني، ڪجهه شيخ ڏني،
هن سنڌڙيءَ کي صورت لوڪو.

۽ جڏهن نه حسن مان ڪشش ختم ٿي آهي ۽ نه ئي انسان مان عشق واري اڄ اجهاڻي آهي، نه ڌرتيءَ سان رشتو ختم ٿيو آهي نه ئي سيٽن سان سڱ ڇنو آهي ته پوءِ ڪهڙي تبديلي آئي جنهن شاعرن جي احساس کي بدلائي ڇڏيو آهي، جنهن سڄي حياتي جي واقعن کي ويل وقت جي ڏنڏلڪي ۾ تبديل ڪري ڇڏيو آهي. اها تبديلي جنهن تحريرون ۽ تصويرون بدلائي ڇڏيون آهن. اها ئي تبديلي آهي جنهن جو تذڪرو پاڻ وينا ڪريون يعني سياسي اقدارن، ضرورتن ۽ حڪمت عملين جي تبديلي،

جنهن مجاز جو نہ پر مقصد جو مهانڊو ئي متائي ڇڏيو آهي. انهيءَ تبديلي زندگيءَ جي هر شعبي ڪي متاثر ڪيو آهي. شين جي تبديل ٿيڻ کان انڪار ئي ڪونهي. وقت جي تبديلي قدرت جي ڪارخاني جي لازمي پيداوار آهي پر قدرت ڪڏهن بہ پاڻ تي الزام ناهي ڪنيو. سندس هر مصلحت ڪن سببن سان گڏ ظهور پذير ٿيندي آهي ۽ بظاهر هن سياسي تبديليءَ جو مامرو بہ جنهن مٽيي تان متو آهي سو ماسڪو جو مٽيو آهي.

عظيم روس تان ڳاڙهي آسمان جي تڏي ويڙهجڻ سان ئي ڏينهن ڏٺي جي ڪيترن خوابن جي تعبير ٿي وئي آهي. دنيا جي سرمائيدارن جي حيرتن ۽ عالم جي پورهيتن جي محبتن جي مرڪز ماسڪو جي ٽوڙ ڦوڙ دنيا جي گولي ۾ ڏار وجهي ڇڏيا آهن. ڪيترن ملڪن جا نقشا، نالا ۽ جهنڊا تبديل ٿي ويا آهن ۽ اڃا الائي ڪيترين قومن جا سڃاڻپ ڪارڊ تبديل ٿيندا. دنيا ڪي ڇڏي رڳو پنهنجي ملڪ تي نظر ٿي ڪجي تہ ڪائنات ئي تبديل ٿي وئي آهي. ماڻهن جا سور ساڳيا آهن باقي هر شيءِ تبديل ٿي وئي آهي، مزاج ۽ ذهن بدلجي ويا آهن، سوچون ۽ خيال بدلجي ويا آهن، فڪر ۽ فلسفا بدلجي ويا آهن. خواب ۽ انقلاب بدلجي ويا آهن. دوست ۽ دشمن بدلجي ويا آهن. غداريون ۽ وفاداريون بدلجي ويون آهن، ساز ۽ آواز بدلجي ويا آهن، راز ۽ هم راز بدلجي ويا آهن. محور ۽ مهرا بدلجي ويا آهن. ماڻهو ۽ چهرا بہ بدلجي ويا آهن. ماپا ۽ معيار بدلجي ويا آهن. مون واري ڊائريءَ جا ڪيئي ڪردار بہ بدلجي ويا آهن. شيون ۽ ڪردار تبديل ٿيندا آهن ۽ سچ جي هر نئين سج صورت بہ نئين ٿيندي آهي پر هتي تہ تبديليءَ جي نالي ۾ انڌير آيو آهي. هيءَ ڪهڙي تبديلي آهي! سچ بينو ڪوڙ جي وڪالت ڪري! ڏينهن بينو رات جا نغما ڳائي ۽ علم، جهالت اڳيان پيو ڦڪو ۽ شرمندو ٿئي! ڏسندي ئي ڏسندي ماڻهن پنهنجي سموري عمر جا نظريا تبديل ڪري ڇڏيا آهن. عوام دوستي، اصول پرستي، انقلابيت، جدت پسندي، قوم پرستي ۽ جمهوريت پسنديءَ جا مجسما پري پور پور ٿي پيا آهن. سموري زندگي تنگ نظري ۽ مذهبي ڪٽرپڻي سان مهاڏو اٽڪائيندڙ زندگي جي آخري حصي ۾ ملائيت جا پرچارڪ ٿي پيا آهن. ڪاڏي پوش ڪامريڊ ڦري دهشتگرد، قاتل ۽ بدبودار ذهني وڏيرا ٿيا آهن.

1983ع کان پوءِ جيڪي تبديليون آيون آهن تن ۾ اهم تبديلي 1985ع واريون چونڊون آهن. اهي چونڊون غير جماعتي بنيادن تي ڪرايون ويون. انهن چونڊن کان پوءِ بظاهر سياسي عمل جاري تہ ٿيو پر حقيقت ۾ انهن چونڊن سياسي پارٽين ۽ حقيقي سياسي طريقيڪار کي ڪاپاري ڌڪ هڻي مستقل جمهوري عمل کي ناڪاره بڻائي ڇڏيو. انهن چونڊن ۾ پارٽين بجاءِ فرد ۽ گروهه اڳتي نڪري آيا. سياست ۾ بدعنواني جي فيشن جو آغاز بہ انهن چونڊن جي نتيجي ۾ ٿيو تہ ملڪ ۾ نسلي ۽ مذهبي نفرتن جي سياست جو بنياد بہ انهن چونڊن جو ڪارنامو آهي. سنڌ اڄ جنهن باهہ ۾ سڙي رهي آهي تنهن جو آڙاهہ بہ انهي دور ۾ ئي ٻاريو ويو.

آمر جنرل ضياءَ جي نيت ڀرين ڏينهن کان ئي مُلڪ، ماڻهن کي موٽائي ڏيڻ جي ڪو نہ هئي. انهيءَ ڪري ضياءَ هڪ پاسي نئين پاڪستان جي معمار، عالم اسلام جي وڪيل ۽ ٽين دنيا جي مدبر ذوالفقار علي ڀٽي کي شهيد ڪري پنهنجي غير ملڪي آقائن جي خوشنودي حاصل ڪئي ۽ ٻئي پاسي پنهنجي شخصي اقتدار کي بچائڻ خاطر مذهبي ۽ نسلي نفرتن جو بنياد وڌو. ضياءَ شهيد ڀٽي

کي قتل ڪرڻ، پ پ جي رهنمائن کي ڦاسيون ڏيڻ، ڪوڙن ۽ جيل جون اذيتون ڏيڻ ۽ شهيد ڀٽي جي سياسي وارث محترمه بينظير ڀٽو کي جلاوطن ڪرڻ جي باوجود پ پ کي ختم نه ڪري سگهيو ته ڪيس پنهنجا خواب شرمنده تعبير ٿيندي نظر نه آيا ۽ ويتر ايم آر ڊي جنهن عملي طرح سڄي ملڪ جي سياسي قوتن ۽ فردن کي ٻن ڪئمپن ضياءُ مخالف ۽ ضياءَ حمايت ۾ تبديل ڪري ڇڏيو هو. سا تحريڪ ضياءُ مخالف بغاوت جو روپ اختيار ڪري وئي ته جنرل ضياءَ کي پنهنجو ۽ پنهنجي اقتدار جو خاتمو يقيني نظر اچڻ لڳو. انهيءَ صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ ضياءَ، دنيا جي غاصبن جي مڃيل اصول ”ويڙهايو ۽ حڪومت ڪريو“ تي عمل ڪندي پنهنجي مد مقابل عوام ۽ سياسي قوت کي تقسيم ۽ ختم ڪرڻ لاءِ باقاعده منصوبابندي تحت مذهبي ۽ نسلي گروپن جي سرپرستي ڪري کين موثر ۽ مضبوط بڻايو.

جنرل ضياءَ جي ڇٽيل نفرتن جي ٻج ڏاڍا رنگ لاتا آهن. نفرتن جو ڪو به فصل اهڙو پلو ڪو نه ٿيو آهي جهڙو ضياءَ جو پوکيل فصل. انهيءَ فصل ۾ سالن کان لاڳارو جاري آهي پر هر نئين ڏينهن نوان سلا ڪڍيو بيٺو آهي. مسجدن ۽ امام بارگاهن جا فرش ڪيترن ئي با ايمان ماڻهن جي بيگناهه خون سان ڳاڙها ٿي ويا آهن. افسوس ته مسلمانن جي ملڪ ۾ ئي مسجدون محفوظ ڪونهن. صد افسوس ته جنهن دين مسلمان هٿان مسلمان جي قتل کي حرام قرار ڏئي، مسلمان کي مسلمان جو ڀاءُ چيو آهي، تنهن ئي دين جا دعويدار رهنما پنهنجي مسلم ڀاءُ کي ڪافر قرار ڏئي سندس قتل جي فتويٰ جاري ڪري رهيا آهن. شيعه، سُني، وهابيءَ جو اختلاف ته صدين کان هلندو اچي پر جنرل ضياءَ پنهنجن مفادن خاطر هن نفاق کي اهڙي منزل تي پهچائي ويو آهي جتان موٽڻ ذري گهٽ ناممڪن ٿي ويو آهي. اسلام ۽ انسانيت جي بهتري ۾ هن مسئلي کي ترت حل نه ڪيو ويو ته يقينن نفرت جي هيءَ باهه سڄي ملڪ جي سمورن گهرن مان ٿيندي وڃي ملڪي سرحدن کي ساڙيندي.

مذهبي نفرتن جي باهه ته سڄي ملڪ جي عوامي اتحاد خلاف ڀڙڪائي وئي پر صوفين جي سر زمين سنڌ جيڪا ضياءَ خلاف بغاوت جو مرڪز هئي ۽ جنهن ضياءَ کي بين الاقوامي ۽ ملڪي سطح تي بدنام ۽ ڪمزور ڪيو. تنهن کي خاص طور تي سزا ڏيڻ لاءِ نسلي نفرتن جو طوفان برپا ڪيو ويو. سرڪاري سرپرستيءَ ۾ نسلي سياست جو اهڙو دور شروع ڪيو ويو جنهن جو مثال پاڪستان جي تاريخ ۾ ڪو نه ٿو ملي. ايئن ڪونهي ته ضياءَ کان اڳ ۾ نسلي ويڇا ڪو نه هئا. نسلي اختلاف هو پر سندس هٽلري انداز ضياءُ شاهي ۾ ئي ظاهر ٿيو.

ڪراچيءَ ۽ حيدرآباد سميت سنڌ جي اندرين علائقن جا هزارين ويران گهر، روئي روئي ٻي نور ٿيندڙ اکيون، يتيم ٻار، قوم جي نياڻين جون اجڙيل سينڌون، نوجوان پٽن، ڀائرن ۽ گهوٽن جون هزارين قبرون نفرتن جي انهيءَ سياست جي هاڃيڪارين جو داستان ٻڌائي رهيون آهن. موجوده نسلي سياست ڪنهن به اتفاقي حادثي جو نتيجو ڪونهي ۽ نه ئي ڪراچيءَ جي شهرين کي بنيادي سهولتن جو نه هئڻ انهيءَ سياست جو بنياد آهي. شهري سهولتن جي حصول لاءِ هٿيار کڻڻ ضروري هجي ها ته پوءِ ڪراچيءَ جا صدين کان آباد اصل ماڻهو هٿيار کڻن ها. جن کي پيئڻ جو پاڻي به آسانيءَ سان ڪو نه ٿو ملي، جن کي پنهنجن ابن ڏاڏن جي پڊن تي ويهڻ جو قانوني حق به حاصل ڪونهي. حيدرآباد جي اصل

رهواسين جا پاڙا ويران ڪرڻ، معصوم نياڻين جا جسم ڏنپڻ، جيئرن جاڳندڙ انسانن کي ساڙڻ، گولين جو بک بنائي، ڪُهي موت جي ننڊ سمهارڻ جو سبب ٽريفڪ جو اڻپورو انتظام ڪونهي. حقيقت ۾ نسل پرستيءَ جي سياست سنڌ ۽ سنڌ جي مستقل باشندن خلاف خطرناڪ سازش هئي ۽ آهي.

مهمانن ۽ ميزبانن جو مفاد هڪ ٽيڻ ۾ وقت لڳندو آهي. پرديسي ذهنيت کي ديسي رنگ چڙهڻ لاءِ زمانو کپندو آهي. فڪر ۽ فلسفي لاءِ پاڻ کي قربانيون ڏيندڙ سمجهڻ وارا انهيءَ فلسفي جي ثمر تي بين ڪان وڌيڪ پنهنجو حق سمجهندا آهن. هجرت ڪرڻ وارا سدائين حاڪميت کي به پنهنجو حق سمجهندا آهن. سنڌ ۾ به پاڪستان ڪان پوءِ لکين لڏي آيلن ۾ موجود اهو احساس به ڪين هتي جي زمين سان جسماني تعلق کي روحاني رشتي ۾ تبديل ڪرڻ ڪان روڪيندو رهيو پر بدقسمتيءَ سان، آيلن جي مخصوص مفاد رکندڙ رهنمائن، ويٺلن جي چند عاقبت ناانديش سياسي اڳواڻن ۽ آمريت جي لڪل ۽ ظاهري ايجنٽن جي منظم سازش اردو ڳالهائيندڙن جي انهيءَ احساس کي وڌيڪ اجاگر ڪري باهه جو اهو پيچ پڙڪايو آهي جنهن ۾ سنڌ جي زمين، سنڌ جا بيگناهه نوجوان، پوڙها، پڪا، نياڻيون، ٻار، ثقافتون، رواج رسمون، مذهبي رواداريون، محبت، امن، سڪون، راحت بخشيندڙ هوائون سڀ ڪجهه جلي رهيو آهي. نفرتن جي اها باهه رڳو "حال" کي ساڙي خاڪ ڪو نه پئي ڪري پر نفرتن جي مچ جي سيڪ تي سنڌ جو مستقبل به غير محفوظ ٿيندو پيو وڃي. اها باهه رڳو موجوده نسل کي رت ڪو نه پئي روئاري پر ايندڙ معصوم انسانن جي خوابن کي به پيناڪ پئي بڻائي.

باهه ڪنهن جي به بهتري ۾ ڪونهي. باهه پهرين پنهنجي بنياد کي ساڙي خاڪ ڪندي آهي. باهه ڏونگرن کي ڏاري ۽ رڪ کي به پگهاري ڇڏيندي آهي. باهه روپ به متائي سگهندي آهي. باهه تڏهن نهايت خطرناڪ بڻجي ويندي آهي جڏهن احساس جو روپ اختيار ڪندي آهي. احساس واري روپ ۾ باهه روح ساڙيندي آهي. ذهنن ۾ پيچ پڙڪائيندي آهي، دلين ۾ ڏار وجهندي آهي. دلين جا ڏار علحدگي جي سرحدن کي وڌائيندا آهن. جدائيءَ جون سرحدون خدا کي پسند ناهن ۽ جا شيءِ خدا کي پسند ناهي سا انسان ذات جي بهتري ۾ ڪيئن ٿي ٿي سگهي؟ جدائي جون سرحدون وڌائڻ نه سنڌ جي فائدي ۾ آهي، نه سنڌ وارن جي حق ۾.

اٺين آئيني ترميم به 1985ع جي دور جي وڏن گناهن مان آهي. انهيءَ ترميم ذريعي جنرل ضياءَ جي سمورن ڪُڌن ڪرتوتن کي آئيني تحفظ فراهم ڪيو ويو. نه رڳو ايترو پر انهيءَ ترميم ذريعي ضياءَ پاڻ کي ايتري اختيار جو مالڪ بڻائي ڇڏيو جو سندس سامهون عوام جي چونڊيل اسيمبلي ۽ حڪومت جي ڪا به حيثيت ڪو نه رهي. انهيءَ ترميم ذريعي صدر کي ڪنهن به وقت منتخب حڪومت کي ختم ڪرڻ جو اختيار ڏنو ويو. اٺين ترميم جي صورت ۾ اسيمبلي پاڻ اهڙو قانون پاس ڪيو جنهن سان سندس ئي خودمختيار ۽ مُلڪ جي اعليٰ ترين اداري واري حيثيت ختم ٿي وئي. اهو قانون پاس ڪري ڇڻ حڪومت ۽ اسيمبلي ميمبرن جنرل ضياءَ کي نالي ماتر جمهوريت قائم ڪرڻ جو اجورو ڏنو. توڻي جو انهيءَ اجوري جي صورت ۾ عوام جي حاڪميت اعليٰ واري حيثيت گروي رکي وئي. اها ترميم جمهوريت جي خاتمي لاءِ صدر جي هٿ ۾ اگهاڙي تلوار هئي. انهي تلوار سان پهرين انهي اسيمبليءَ جي سسي ڌڙ کان ڌار ڪئي وئي جنهن اسيمبلي اهو قانون پاس ڪيو. ضياءَ پنهنجي

شخصي اقتدار کي بچائڻ لاءِ جيڪي ڳُڌا قدم کنيا تن کيس ته ڪو نه بچايو پر سندس مرڻ کان پوءِ به سندس ظالماڻن فيصلن ڪري قوم لوڙي پئي. انين ترميم هيستائين چئن جمهوري حڪومتن کي قتل ڪري چڪي آهي. نواز شريف وڏي همت ڪري اها ترميم ختم ته ڪئي آهي پر انهيءَ ترميم جا اثر اڃا موجود آهن.

10 اپريل 1986ع جو ڏينهن سڄي ملڪ جي سياست پر خاص طور تي پيپلزپارٽي لاءِ وڏي ۽ اهم تبديلي جو ڏينهن هو. انهيءَ ڏينهن پيپلزپارٽيءَ جي قائد، شهيد ڀٽي جي سياسي وارث محترمه بينظير ڀٽو جلاوطني ختم ڪري ملڪ ورڻي هئي. انهيءَ ڏينهن جو ٻڌي سڄي ملڪ جا رستا لاهور هلڻ لڳا. 10 اپريل جي رات لاهور جا سڀ رستا محترمه جي استقبال لاءِ آيل پانڊيئڙن سان والاريل هئا. سڄو شهر هو سبيلون، کير، شربت، پاڻي، مانيون، منايون ورهائيندڙ. سڄو شهر سينگاريل هو. هوٽلون مسافرخانا مهمانن لاءِ کٽي پيا. باغ باغيچا، ميدان، رستا، گهٽيون، فٽ پاٿون، رڳو هئا ماڻهو. سڄي رات شهر جاڳي گذاري. ماڻهن صبح جي انتظار ۾ خوشيون ايئن پئي ملهايون جڻ انهيءَ رات جي پڄاڻيءَ تي سڄ سالن کان پوءِ ايري رهيو هو. صبح سوير ئي ماڻهو آسائتيون اکيون ايئرپورٽ ڏي ڪري بيهي رهيا. چاڪاڻ ته سندن آسن ۽ اميدن جو سڄ ايئرپورٽ تان ئي اڀرڻو هو. سڄ اڀري ايئرپورٽ جي عمارت کان مٿي ٿيو ته شهيد ڀٽي جي بهادر نياڻي به ايئرپورٽ مان نڪري نمودار ٿي. محترمه پنهنجو هٿ بلند ڪري ماڻهن کي سلام ڪيو ته ڪيئي اکيون اشڪبار ٿي ويون. چارئي پاسا نعرن سان گونجي اٿيا، ”اب راج ڪريگي بينظير“، ”انصاف ڪريگي بينظير“ ”سرحد ڪي بيٽي بينظير“ ”پنجاب ڪي بيٽي بينظير“، ”مهران ڪي بيٽي بينظير“، ”بولان ڪي بيٽي بينظير“، ”اب آئي آئي بينظير، اب ڇهائي ڇهائي بينظير“، ” ڀٽو ڪي تصوير بينظير“. ڀٽي جي تصوير کي ڏسڻ لاءِ لکين انسان آتا هئا. انهيءَ ڏينهن عقيدت، محبت ۽ جذبي جا حيران ڪندڙ منظر ٿي نظر آيا. انهن لکين انسانن جي سمنڊ ۾ ڪيئي جذباتي جيالا ڪاري لباس ۾ ملبوس شهيد ذوالفقار علي ڀٽي جي ياد ۾ ماتم به ڪري رهيا هئا. بينظير صاحبه ايئرپورٽ کان مينار پاڪستان 10 ڪلاڪن ۾ پهتي. مينار پاڪستان به هن کان اڳ پنهنجي چوڌرد هيترا سارا انسان ڪڏهن به ڪو نه ڏٺا هوندا. مينار پاڪستان واري جلسي ۾ پنجابي شاعر جي نظم پڙهندي وراڻي ۾ ”ڀٽو ڪي نعري وجڻ گي“ چوڻ مهل عوام وارو جذبو هاڻ لفظن ۾ بيان ڪرڻ کان مشڪل آهي.

ماڻهن جي جذبي ۽ خوشيءَ مان ايئن پئي لڳو جڻ ماڻهو ڪو مذهبي ۽ اخلاقي فرض پورو ڪري رهيا هئا. ڪنهن به انهيءَ فرض جي ادائيگيءَ کان منهن ڪو نه ٿي موڙيو. هر هڪ ڪنهن نه ڪنهن انداز سان پنهنجي عظيم قائد بهادر پيءُ بينظير ڀٽو سان عقيدت جو اظهار ضرور ٿي ڪيو. محترمه بينظير ڀٽو عوام جي عقيدت ۽ محبت جو مرڪز بڻجڻ لاءِ جدوجهد جي راهه ۾ وڏا ڪشالا ڪاٽيا آهن، وڏيون قربانيون ڏنيون آهن. محترمه جي سياست جو آغاز ئي امتحانن سان ٿيو آهي ۽ جدوجهد جي هر امتحان ۾ سرخروئي سندس قدم چميا آهن. محترمه هر قدم ۽ موڙ تي ثابت ڪندي رهي آهي ته:

منڌ نه منجهان تن، پسيو لڪ لڏن جي،
جا پر ڪاهوڙين، سا پر سِڪي سسئي.

محترمہ نہ رڳو پنهنجي عظيم والد جي شهادت جو صدمو برداشت ڪيو پر پنهنجي والده سان گڏ جيل ۽ نظربنديون بہ وڏي همت سان گذاريون. محترمہ بيپناهہ رياستي جبر ۽ تشدد جو بہ وڏي صبر ۽ بهادريءَ سان مقابلو ڪيو جلاوطني دوران سندس ننڍي ڀاءُ شاهنواز ڀٽو کي شهيد ڪيو ويو. نوجوان ڀاءُ جو لاش کڻائي وطن وري تہ سندس گهر ۾ فاتح وٺڻ لاءِ ڪو بہ مرد موجود ڪو نہ هو. ڀاءُ جي تڏي تي ويهي سوڳوارن کان فاتح وٺي محترمہ سنڌ ۾ نئين روايت قائم ڪئي. محترمہ جي نوجوان ڀاءُ جو لاش کڻي اچڻ واري دردناڪ سفر جو ذڪر ڪندي، محترم غلام مصطفيٰ جتوئي، شاهنواز ڀٽو جي تدفين وقت ڳڙهي خدا بخش ۾ پئي ٻڌايو تہ ”اهڙو دردناڪ سفر مون زندگي ۾ ڪو نہ ڪيو آهي. محترمہ سڄي سفر ۾ ڀاءُ جي لاش جي پير ۾ ويٺي روئندي ۽ ڳالهائيندي رهي.“ پنهنجي ڪردار ۽ جمهوري جدوجهد جي حوالي سان محترمہ بينظير ڀٽو جو نالو اڄ دنيا جي سياسي تاريخ جي محترم ترين نالن مان هڪ آهي.

10 اپريل جو ڏينهن رڳو محترمہ بينظير جو ڏينهن هو. هر طرف بينظير بينظير هئي. محترمہ پنهنجن لکين پرستارن ۽ ڪارڪنن جي وچ ۾ هجڻ جي باوجود وڏي صبر ۽ تدبر جو مظاهرو ڪيو. محترمہ چاهي ها تہ 10 اپريل جو اهو ڏينهن ضياءَ شاهي جو آخري ڏينهن ثابت ٿئي ها پر محترمہ ملڪ کي گهرو ويڙهہ کان بچائي پُرامن جدوجهد جو رستو اختيار ڪيو. محترمہ جي صبر جي ڏيهہ ۽ پرڏيهہ تعريف ٿي. اهو ڏينهن پاڪستان جي سياست جو نرالو ڏينهن هو جو حڪومت جا لکين ڪٽر مخالف گڏ ٿيا، جلوس بہ نڪتو تہ جلسو بہ ٿيو پر هڪڙي اسٽريٽ لائٽ بہ ڪو نہ ڀڳي. ڪنهن سائن بورڊ کي بہ نقصان ڪو نہ پهتو.

10 اپريل جي سج اڀرڻ جو منظر ڏسڻ ملڪ صاحب، غازي، آئون ۽ ٻيا دوست بہ لاهور ويا هئاسين. اسان جون اميدون بہ انهيءَ سج جي اڀرڻ ۾ هيون. اسان رات وڏي انتظار ۾ گذاري. انهيءَ رات گذريل سالن جي ڪيترن ئي اذيت وارن لمحن، اوجاڳيل راتين ۽ ڏکائيندڙ ڏينهن جون يادگيريون آيون پر محترمہ جي آمد جي احساس مرهم جا ڦها رکي اسان کي نئون نڪور ڪري ڇڏيو ۽ وري صبح تائين آئنده جي اميدن ۽ خوابن جون ڳالهيون ڪندا رهياسين. 10 اپريل جو صبح عيد ۽ اسين جڻ ٻار هئاسين. صبح جو سوير ئي تيار ٿي هلياسين ايئرپورٽ ڏي.

محترمہ ٽرڪ تي سوار هئي. ٽرڪ جي ويجهو وڃڻ سولو ڪو نہ هو تنهنڪري انهيءَ يقين سان تہ محبت جي مرڪز ڏي منهن ڪري سلام جي نيت سان ڪيل اشاري کي بہ سلام واري قبوليت ملندي آهي، اسين پري کان ئي محترمہ جي ٽرڪ ڏي منهن ڪري هٿ لوڏيندا، تاڙيون وڄائيندا رهياسين. عقيدت اڄائي ڪو نہ ويندي آهي. اسان جا بہ سلام صاب پيا. محترمہ جي ٽرڪ انٽرنيشنل هوٽل وٽ پهتي تہ محترمہ جي نظر ملڪ صاحب تي پئجي وئي. هڪڙو ملڪ صاحب پاڻ بلند، ٻيو بيٺا بہ ڪجهہ اوچائي تي هئاسين. محترمہ ملڪ صاحب کي سلام ڪري ان ڏانهن گل اڇليا تہ اسان جا سڀ ٿڪ دور ٿي ويا. انتظار جو اجورو ملي ويو پر اجوري جي خوشيءَ وارو احساس گهڻو وقت ڪو نہ هليو. ٿيو ايئن جو جلسي جي ٻئي ڏينهن محترمہ کي روبرو سلام ڪرڻ فيصل صالح حيات جي بنگلي تي پهتاسين. اتي ماڻهو ٽولين جي صورت ۾ محترمہ جي آڏو سلام ڪرڻ پئي ويا. هر صوبي جي رهنما پنهنجي

صوبي جي ڪارڪنن کي پئي سلام جو موقعو فراهم ڪيو. اسان جي سنڌ طرفان مخدوم خليق الزمان انچارج هو. اسان ڪيس گذارش ڪئي پر ايئن لڳو ڄڻ خليق سائين اسان کي سڃاڻي ئي ڪو نه ٿو. اسين ڳٽتين ۾ پئجي وياسين. ڏڪا کائي ڪجهه ڏڪا ڏئي سلام ته ڪيوسين پر هوٽل ورياسين ته مونجهارا جام هئا. ملڪ صاحب رات جو دير سان هوٽل وريو. اهو آيو ته اهو به پريشان هو. چيائين ”اتي جي صورتحال ۽ خبرن مان لڳي ٿو جتوئي صاحب هاڻ پارٽي ۾ ڪو نه رهندو.“ اها ئي رات به سُک سان ڪو نه ستاسين. صبح جو اخبار آئي ته جتوئي صاحب جو وڏو بيان لڳو پيو هو ته ”هن عمر ۾ لائن ۾ بيهي بينظير جو استقبال نه ٿو ڪري سگهان.“ بيان پڙهي پڪ ٿي وئي ته هلڻ هارا سپرين، وڃڻ جون وايون ڪن. جتوئي صاحب محترمه سان اختلاف جو اعلانيه اظهار ته محترمه جي واپسي واري ڏينهن ڪيو پر جتوئي صاحب جي پارٽيءَ مان وڃڻ جا اهڃاڻ گهڻو وقت اڳ ڏسڻ ۾ پئي آيا. محترمه جي آمد کان ڪجهه عرصو اڳ ۾ جتوئي صاحب طرفان ڪرايل پنهنجو استقبال به سندس وڃڻ واري وائي هو. پ پ کي به جتوئي صاحب جي وڃڻ جي پڪ هئي، ان ڪري انهيءَ صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ هتي به تياري مڪمل هئي. محترمه جي آمد کان ڪجهه ڏينهن اڳ سنڌ ۾ هيٺين سطح جي عهدن لاءِ چونڊون ٿيون ته جتوئي صاحب سان هلڪي ڦلڪي وابستگي وارا همراهه به ڪو نه کٽي سگهيا. آئون به حيدرآباد شهر جي زون جي صدارت لاءِ بيٺو هئس، ٻيا دوست به چونڊن ۾ حصو وٺي رهيا هئا. اسان مان ڪنهن به ڪو نه کٽيو. پيو ته ٺهيو پر چلتي ڦرتي پيپلزپارٽي قائم خاني به هارائي ويو. انهن چونڊن ۾ مزي جي ڳالهه اها به ٿي ته هڪڙي دوست مون تي اعتراض ڪيو ۽ ڪميٽي مون کان پ پ سان وابستگي بابت ساک ورتي. وري وڏو مزو اهو ٿيو ته انهن چونڊن کان پوءِ جتوئي صاحب پ پ کان عليحدگي اختيار ڪئي ته حيدرآباد مان پهريون اهو شخص پارٽي ڇڏي ويو، جنهن جي چوڻ تي مون کان قسم کڻايو ويو هو. ڪيس ئي انهن چونڊن ۾ مون کان ڪترايو ويو هو. اهو به عجب اتفاق آهي ته انهيءَ چونڊ ڪميٽي جا ٽيئي معزز رڪن في الحال پارٽي کان ناراض ٿيو عليحدگي اختيار ڪيو ويٺا آهن.

1986ع کان 1996ع تائين پاڪستان ۾ وڏي اٿل پٿل ٿي آهي. اهي سال پيپلزپارٽيءَ جا به يادگار سال آهن انهن سالن ۾ پاڪستان ۾ به ٻيرا سندس حڪومت به قائم ٿي آهي ته ڪيس بيپناهه سازشن کي به منهن ڏيڻو پيو آهي. انهن سالن ۾ محترمه بينظير ڀٽو صاحبه پنهنجي حوصلي، تدبر ۽ سچائيءَ سان سياسي ڪاميابيون حاصل ڪري عالم اسلام جي پهرين چونڊيل وزيراعظم به ٿي ته ڪيس صبر ۽ حوصلي جا به ڪيئي امتحان وري ڏيڻا پيا. 1996ع ۾ ئي وري ڪيس 4 اپريل جهڙو صدمو برداشت ڪرڻو پيو. سندس ئي حڪومت ۾ سندس بهادر ڀاءُ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي ڀڳدار پٽ مير مرتضيٰ کي شهيد ڪيو ويو. مير مرتضيٰ کي شهيد ڪري هڪ ئي وقت ۾ شهيد ذوالفقار علي ڀٽي، محترمه بينظير ڀٽو، سندس حڪومت، جمهوريت ۽ سنڌ جي خلاف سازش ڪئي وئي. 1986ع کان 1996ع تائين جو تذڪرو هن مختصر جيل ڊائري جي ”بسم الله“ ۾ سمائڻ ناممڪن آهي. سياسي لحاظ کان انهيءَ عجيب غريب زماني ۾ پاڻ به پاڪستان، سنڌ ۽ پ پ ۾ ئي پئي پساهه کنيا. اُٿل پٿل جي انهن طوفانن جن وڏا وڏا پربت پنهنجن پٽن تان کسڪائي ڇڏيا تن پاڻ کي به ڏونڌاڙي ذري گهٽ پاڙئون پٽيو هو.

ہوا کچھ ایسی چلی تھی کہ بکھر گئے ہوتے
رگوں میں خون جو ہوتا تو کب کے مرگئے ہوتے۔

ڪيئي اڻ ٽٽيون، ٽينديون ڏٺيون سين، ڪيئي ويساهه ٽٽا ته ڪيئي نوان ناتا جڙيا. گهڙيءَ لاءِ هيرن تي مانجهاندي وارا جهوٽا به هنياسين ته جهولن ۾ اماس راتين ۾ اصل ماڳ ڏي به ڪاهي هلندا رهياسين. محبتن جا تناور درخت واڌين جي ور چڙهندي به ڏٺاسين ته اعتماد جون اڀ ڇهندڙ عمارتون پيري پٽ پوندي به ڏٺيون سين پر قطاران ڪو نه ڇڄياسين. انهن سالن ۾ جيڪي سُک مليا تن ۾ رڳو منهنجو ڪمال ڪو نه هو ۽ نه ئي جيڪي ڏک ڏنم تن ۾ هروڀرو ٻين جو ڏوهه هو.

کچھ شہر دے لوک وی ظالم سن،
کچھ سانوں مرن دا شوق وی سی.

انهن سالن ۾ رڳو ملڪ ۾ ويهي مقصد ۽ مجاز جا پنڌ ڪو نه ڪيم پر دنيا جي چند ملڪن جا درشن ڪرڻ جو به موقعو مليو. سچ پچ ته انهن سفرن نظرن جي تنگين ۽ قلب جي ڪدورتن کان آجو ڪري ڇڏيو. عراق ۽ شام جي سفر جي تمنا ۽ من ۾ محبت پيدا ٿيڻ جي تاريخ ساڳي آهي. ڪربلا جي شير دل خاتون سيده زينب ؓ ۽ سندس شهيدن جو سردار ڀاءُ حضرت امام حسين ؓ ننڍپڻ کان ئي منهنجي محبت جا مرڪز رهيا آهن. سندن راهن ۾ عقيدت جا اشڪ وڇائڻ ۾ منهنجي اکين سدائين پنهنجي زندگي سمجهي آهي. انهن جي ساڃاهه ئي مون کي هر رنگ ۾ موجود فرعونيت ۽ يزيديت سان جهيڙڻ جي سگهه عطا ڪئي آهي. جيئن جيئن ڳالهين کي سمجهڻ جي سگهه وڌندي وئي آهي، تيئن تيئن آل محمد صلى الله عليه وسلم سان عشق به ويران وير وڌندو ويو آهي.

سلام تجھ پہ کہ تیری صداقتوں کے طفیل،
کبھی رُکا نہیں صحرا میں بھی سفر میرا،
ملا ہے صبر مجھے تیری عزم سے ایسا،
کہ بے کسی میں بھی قائم ہے کروفر میرا۔

”تمنا هئي مدت کان اها سائل جي سيني ۾ ته گهرائي يا محمد مدني مديني ۾“ تمام ساراهون انهيءَ مالڪ جون جيڪو پنهنجن بندن کي بخشڻ ۽ نوازڻ جا بهانا گهڙيندو وتي. سيئي سجدا ۽ ثنائون ڪعبه جي رب لاءِ، جنهن هن گنهگار بندي کي به مڪ مڪرمه ۾ پنهنجي مقدس گهر جو ديدار ڪرايو ۽ اسرارن جي شهر مديني ۾ فخر انسانيت محمد مصطفيٰ ﷺ جي چائنٺ چمائي. 1995ع ۽ 96ع جي حجاز جي ٽن سفرن ۾ محترم عبدالستار بچاڻي، عبدالحڪيم بلوچ، سيد محسن شاهه بخاري، ڄام آفتاب ڏهر، ڄام مهتاب خان ڏهر، سردار خان لغاري، رياض مغل، پاشا قاضي ۽ ڊاڪٽر اشرف شيخ جي ڪچهرين انهن روحاني سفرن جي راحتن کي وڌائي ڇڏيو پر انهن سفرن جي حوالي سان سائين خورشيد شاهه جون ڳالهيون ڪرڻ کان گهٽيون آهن. خورشيد شاهه سان جن به سفر ڪيو آهي، سي سندس ”هٽڻ، هڪلڻ، ٻيلي سارڻ“ جي خوبين کي ساراهڻ کانسواءِ رهي نه سگهندا. انهيءَ سفر جي

ذڪر ۾ محترم نجم الدين مگريي ڪي وسارڻ بہ بي انصافي ٿيندي، سندس اڻ ورچائي ۽ محنت انهن سفرن جي پانڌيئڙن لاءِ وڏيون آسانيون پيدا ڪيون. حج جي سفر ۾ وري ٽنڊي محمد خان جي روحاني شخصيت پير عبدالوحيد جان جي گفتگو علم ۽ سني طبيعت بہ ڏاڍو متاثر ڪيو.

پ پ جي 88ع واري سرڪار ۾ وفاقي مذهبي وزارت جو هڪڙو وفد ڍاڪا، سنگاپور، ڪوالالمپور، جڪارتا ۽ بئنڪاڪ ويو هو انهيءَ وفد ۾ آئون بہ شامل هئس، چئن ڄڻن جي وفد ۾ هڪ وفاقي وزير مذهبي معاملن جو ۽ بہ مولوي صاحبان هئا، مزي جي ڳالهہ تہ اهي ٽئي ڄڻا پناڻ هئا سڄو ڏينهن پيا پاڻ ۾ پشتو ڪندا هئا ۽ آئون پيو سندن منهن ۾ ڏسندو هئس. اهو سفر بہ ڏاڍو دلچسپ هو. انهيءَ سفر کان پوءِ بہ ٽي سهڻا خانگي سفر بہ ٿيا. مصر، ترڪي ۽ عرب رياستن جي سفر ۾ حڪيم بلوچ، صغير قريشي ۽ گاجان خان سان گڏ هئس. انهيءَ سفر ۾ صغير قريشي ۽ خصوصاً گاجان خان جا احوال اجا بہ لطف پيا ڏيندا آهن. انهيءَ سال جي پڇاڙي ۾ فرينڪفرٽ، پئرس، مئڊرڊ ۽ لزبن بہ ڏسي آياسين. مئڊرڊ ۾ پاڪستاني سفارتخاني جي فرسٽ سيڪريٽري نوجوان خوبصورت شاعر نجم ثاقب جون محبتون ۽ خدمتون بہ سدائين ياد رهنديون. سهڻي شخصيت جو مالڪ نجم ڳالهين ۾ ماڻهن کي موهي ڇڏيندو آهي. نجم ثاقب اسان سان جيڪي محبتون ڪيون سي حقيقت ۾ مظهرالاسلام سان سندس محبتن جو اظهار هو. مظهر الاسلام فون ڪري نجم کي اسان جو خيال رکڻ لاءِ چيو هو. مظهر الاسلام جي دوستي بہ انهيءَ ذڪر ڪيل زماني ۾ رب پاڪ جي ڏنل خوشين مان وڏي خوشي آهي. مظهر جي محبت ۽ ڪچهرين جو تذڪرو هنن صفحن تي ماپڻ ممڪن ڪونهي. انهيءَ داستان تي تہ ڪُليات مظهر الاسلام لکي پورو ڪري سگهجي ٿو. يورپ جي انهن ملڪن جي سفر ۾ محترم عثمان پنهور صاحب بہ گڏ هو. فرينڪفرٽ، ويسباد (جرمني) پئرس، مئڊرڊ ۽ لزبن جون روشنيون ۽ رونقون تہ سبحان الله پر خوابن جي شهر پيڪنگ (هاڻ بيجنگ) ۾ پهچي دل جي وڏي آرزو پوري ٿي ويئي. تيانن من اسڪوائر ۾ چئوڦير ڏسندي ويڙهيچن سان وچن ڪرڻ واري زماني ۾ پهچي ويس. اهي سيئي خانگي سفر محترم عبدالحڪيم بلوچ جي پيار ۽ ساٿ سان ئي ممڪن ٿي سگهيا. حڪيم ياٺو نيڪ دل انسان، سٺو دوست ۽ سفر جو پيارو ساٿي آهي. چين ۽ ٿائليند جي سفر ۾ پاڪستان جو مشهور پورهيت اڳواڻ عثمان بلوچ بہ گڏ هو. واهہ جو ماڻهو آهي. صبرائتو سڄاڻ ۽ زندهہ دل ساٿي آهي، شال سفرن ۾ سدائين گڏ هجي، رهيو سدائين پرولتاري عالمي تحريڪ ۾ آهي. پر بلوچي سڃاڻپ ۽ سياست سندس روح ۾ سمايل آهي. محترم غوث بخش بزنجي مرحوم جو پوئلڳ آهي. انهيءَ سفر ۾ عثمان بلوچ بزنجي صاحب جون ڏاڍيون مزيدار ۽ معلومات پريون خبرون ٻڌايون. چيائين تہ هڪڙي ڪچهريءَ ۾ بزنجي صاحب چيو تہ ”پاڪستان جا ڪميونسٽ بدبخت آهن، ڪين اها بہ خبر ڪونهي تہ سنڌين جي هٿ ملائڻ ۾ بہ مئسيج هوندو آهي. سندن هٿ ملائڻ مان عام رواجي تعلق توڙي محبت ۽ دشمني جي خبر پئجي ويندي آهي.“ بزنجي صاحب کان پوءِ پي اين پي جو باقي نالو وڃي بچيو آهي. پي اين پي کي بيهر بلوچ سردار قيادت ملي بہ آهي تہ ڪيس بيهر منظم بہ ڪيو ويو آهي پر پاڪستان نيشنل پارٽي ڦري بلوچستان نيشنل پارٽي ٿي وئي آهي. سنڌ بلوچستان اتحاد جي داعي بزنجي صاحب جي پارٽيءَ ۾ سنڌ جي بلوچن جي هاڻ ڪا بہ گنجائش ڪونهي. پاڪستان ۾ آيل تبديلين جي طوفان بلوچ سياست

۾ به وڏي تبديلي آندي آهي. انهيءَ تبديلي عثمان بلوچ سميت سنڌ ۾ سندس ڪيترن ئي ساٿين جي دلين کي ڪومائي ڇڏيو آهي. ڳالهه رڳو عثمان جي ڪونهي. انهيءَ تبديلي هزارين سياسي ڪارڪنن جي سموري زندگي جي جدوجهد کي پل جي خواب ۾ تبديل ڪري ڇڏيو آهي. سو پي اين پي ته ختم ٿي وئي آهي پر عثمان اجا تائين پي اين پي واري ليڪي ۾ حياتي پيو گذاري.

ہم اُس قبیلہ بے سائباں کا حصہ ہیں،
ثمر عزیز ہے جس کو شجر عزیز نہیں۔

1986ع کان 1996ع تائين سمورين سياسي تبديلين جو احوال، پنهنجي ڪارگذارين جو پوتاميل ۽ انهيءَ زماني ۾ ڪيل سفرن جي سرور، مختلف ملڪن ۾ ڏٺل خدا جي مظهر ماڻهن ۽ منظرن جو بيان ”بسم الله“ جي هنن صفحن ۾ سمائڻ مشڪل آهي. انهيءَ ڪري تحرير ۽ تذڪري جي لحاظ کان هي صفحا به اڌورا آهن ته جيل جي ڊائري جو داستان به نامڪمل آهي. جيل ۾ سمورو وقت ”جاءِ نه سجو ڏينهن، هينئڙو اوني وڳ جيئن“ واري ڪيفيت هئي. ڪڏهن ”وري پوءِ لکندس“ واري روايتي سُستي سبب گهٽيون شيون لکجڻ کان رهجي ويون ته ڪڏهن ذهن ۽ دل جون راهون جدا هيون، لکڻ تي دل ئي ڪو نه چوندي هئي. جيل ۾ گهڻو وقت ”سهڪو“ به ساهه سان گڏ هو تنهن ڪري ممڪن آهي ته نه چوڻ جهڙيون ڳالهيون چئجي ويون هجن پر پڪ اٿم ته بڌائڻ جهڙيون به سوين خبرون رهجي ويون هونديون. ڪافي بهادر، زندهه دل ۽ ڪچهريءَ جي سونهن دوستن جا تذڪره، دانشمند بزرگن ۽ دوستن جا تبصره رڪارڊ ٿيڻ کان رهجي ويا هوندا. هي ڊائري رڳو تحرير جي لحاظ کان اڌوري ڪونهي پر مقصد جي لحاظ کان به اڌوري جدوجهد جو احوال آهي. ايم آر ڊي ته ختم ٿي وئي آهي پر سندس جدوجهد ختم ڪونهي ٿي. ايم آر ڊي جي جدوجهد حقيقي جمهوريت لاءِ هئي نالي ماتر جمهوريت لاءِ نه. 1983ع کانپوءِ آيل حڪومتون حقيقي جمهوريتون ڪو نه هيون، انهن حڪومتن جا مالڪ حق عوام وٽ ڪو نه هئا، اهي حڪومتون سياستدانن جو مقاطعي تي ورتل اقتدار هو.

یہ داغ داغ اجالا یہ شب گزیدہ سحر،
وہ انتظار تھا جس کا یہ وہ سحر تو نہیں۔

ايم آر ڊي ختم ٿي وئي آهي پر سندس جدوجهد ختم ڪو نه ٿي آهي، ڇاڪاڻ ته اجا عوام جو حق حاڪميت تسليم نه ڪيو ويو آهي ۽ نه ئي حقيقي جمهوريت جو خواب شرمنده تعبير ٿيو آهي. جمهوريت ماڻهن جا خواب ۽ انهن جي ساپيان آهي، عوام جي آزادي ۽ آسودگي آهي. جيڪڏهن اجا خوابن جي تعبير ڪو نه ٿي آهي ۽ اجا ماڻهن جو سُڪون ۽ سُک ڪو نه موٽيو آهي ته پوءِ جدوجهد ڪيئن ختم ٿي وئي آهي. خواب زندگيءَ جي علامت آهن ۽ زندگي ۽ ڪائنات لازم ملزوم. خوابن جي ٽٽڻ جي ڪري ماڻهو خواب ڏسڻ ڪو نه ڇڏيندا. جيسين ڪائنات آهي تيسين ماڻهو خواب ڏسندا ۽ انهن جي ساپيان لاءِ پاڻ پتوڙيندا رهندا. جدوجهد بهتريءَ ڏانهن انسان جي مُسلسل پيش قدمي آهي سا ڪيئن ختم ٿيندي؟ جدوجهد ڪنهن ملڪ يا شهر جي فضائن جو نالو ڪونهي جو اُن شهر جي فضائن جي تبديليءَ سان پوري دنيا جي انسانن جي جدوجهد جو خاتمو اچي ويو ۽ نه ئي انقلاب ڪنهن

ملڪ جي انتظاميہ جو نالو آهي جو انهيءَ ملڪ جي انتظاميہ جي تبديليءَ سان سموري انقلابي جدوجهد بي معنيٰ ٿي وئي! نہ هڪڙي ملڪ جي ماڻهن جي ڪاميابيءَ سان سموري دنيا جي ماڻهن کي حق پلئہ پيا ۽ نہ ئي ڪنهن ملڪ جي مهانڊي متجڻ جي ڪري دنيا جي انسانن جي حقن ۽ خوشحاليءَ واري جدوجهد جو خاتمو ٿي ويو آهي.

انقلاب بهتري ڏانهن حالتن جي تبديلي جو نالو آهي. انسان جي آزاديءَ جي هر جدوجهد انقلابي جدوجهد آهي. انسانيت جي سربلنديءَ جي هر تحريڪ انقلابي جدوجهد آهي. وقت جي تيز رفتار ترقيءَ کان منهن موڙڻ موت آهي پر انهن اقدارن جي احيا جي تحريڪ بہ انقلابي جدوجهد آهي جن کانسواءِ هر ترقي بي معنيٰ بڻجي وڃي ٿي، جيڪي انسان جي سڃاڻپ ۽ ماڻهپي جا معيار آهن، جن سان انسان جا رشتا قائم آهن، جيڪي اذيت جي لمحن ۾ بہ انسان کي سُڪون پهچائين ٿا. انقلابي جدوجهد بهتريءَ ڏانهن تبديليءَ جي جدوجهد آهي تہ پوءِ اها اڃا بہ تيز تر ٿيڻ گهرجي. ڇاڪاڻ تہ اڃا انسانيت چوراهي تي ويٺل لاوارث ٻار جيان ڳوڙها ڳاڙيو هر ايندڙ ويندڙ جي منهن ۾ ڏسي رهي آهي. اڃا بہ انسان مذهبي جنون، فرقي جي فوقيت ۽ نسلي نفرتن جي ٽياسن تي ٽنگيل آهي. اڃا سماجي برابري وارو سج ناهي اڀريو. اڃا جهالت جي گگهہ اونداهي رات جو خاتمو ناهي ٿيو اڃا نہ ”عمر“ جي ارهہ زورائي جو انت ٿيو آهي، نہ ڦهري ڪوٽ ڪريو آهي، نہ ئي ”مارئي“ وطن وري آهي. ويڙهيچا اڃا بہ مَنَهَن بدران ولهہ ۾ ستل آهن ۽ اڃا بہ ”سهڻيءَ“ کي پاڳا ڪرڻ لاءِ ”ڄرڪن ۽ سيسارن“ ۾ صلاحون ٿي رهيون آهن. جيڪڏهن انسان هٿان انسان جي استحصال خلاف دنيا کي جهنجهوڙي ڇڏيندڙ انقلاب ضروري هو تہ اڄ انسان هٿان انسان جي ڪوس کي روڪڻ لاءِ ان کان بہ وڏي عالمي انقلاب ۽ جدوجهد جي ضرورت آهي.

ايم آر ڊي جي نالي ۾ جدوجهد جو هڪڙو مرحلو پورو ٿي وڃي تاريخ جو لازوال باب بڻيو آهي پر زندگي جيئڻ وارن جي جدوجهد جاري آهي. سياسي جدوجهد سجاده نشيني نہ پر فقيري آهي. سجاده نشيني ۾ ڪنهن هڪڙي مرد قلندر جي پورهئي تي سندس ڪيئي وارث محبتن ۽ عقيدتن جا معراج ماڻي سگهن ٿا پر فقيري ۾ فقير کي سدائين رياضت ۾ رهڻو آهي. سياسي جدوجهد ۾ پڄاڻي ڪو نہ ٿيندي آهي. جدوجهد جو نالو پورو ٿيندو پر جدوجهد جوڻ مٿائي وري نئين نالي سان جنم وٺندي آهي.

لڙهيا ونجهہ ڪشتيون ڪنارا جي پيهر
نئون گهاٽ ڪو نيٺ ايجاد ٿيندو.

# ايم آر ڊي جي شروعات

## جيل جي تياري يا پلي پار جي سنبت!

(12- سيپٽمبر 1983ع)

20- آگسٽ 1983ع جي رات منير وٽ رهيس. ڊپ هو تہ متان گرفتاريءَ کان اڳ ئي نہ گرفتار ڪري وڃن. سڄي رات بارش پئي پئي. صبح جو تيار ٿي ڪورٽ روانا ٿياسين. منير وڪالت جي ڪپڙن ۾ هو. آءٌ منير سان موٽر سائيڪل تي ۽ اسان جي اڳيان مون وارو سالو اختر پنهنجي موٽر سائيڪل تي پئي هليو. ڪورٽ وٽ پهتاسين تہ سڄي ڪورٽ ڪي ڪڙو چڙهيل هو. پوئين در تي پوليس گهٽ هئي، اتان گهڙياسين. اختر تہ نڪري ويو. پوليس واري جو هٿ منهنجي ٻانهن ۾ پئجي ويو. چيائين ٻيهو ڪيڏانهن ٿا وڃو؟ مون تڪڙ ڪندي چيس ”ڇڏ ڇڏ، ڪورٽ ۾ دير پئي ٿئي.“ مون در جي پاسي واري ڪورٽ ڏانهن اشارو ڪيو. در جي پاسي ۾ سيڪات ۽ مٿياريءَ جي ACM جي ڪورٽ هئي ۽ منير ڪي بہ ڪارو ڪوٽ پيل هو سو اعتبار اچي ويس ۽ اسان مان ڪٽي هٿ ڪڍيائين ۽ اسين ڪورٽ مان اندران ئي، بار روم جي سامهون اچي نروار ٿياسين. بار روم وٽ ماڻهن جو ميڙ اُتي بہ پوليس جي سخت پهري ۾ هو. اسان کي ڏسي، دوستن نعرا هڻڻ شروع ڪري ڏنا. خانصاحب الاهي بخش ۽ شڪيل پناڻ اڳئي پهتل هئا، رڳو منهنجو انتظار هو. ايتري ۾ خليق شيرواني اچي ياڪر پاتو. ڪن ۾ چيائين ڪٿان آيا آهيو. اسان تہ پوليس جو وڏو بندوبست ڪيو هو؟ SDM ۽ DSP موجود هئا. SDM چيو ”جلدي ڪريو، گرفتاري ڏيو.“ دوستن وڏو گوڙ ڪيو تہ جيسين تقريرون نہ ٿينديون تيسين گرفتاري ڪو نہ ڏبي. تقريرون ٿيون ۽ اسان کي پوليس گهيري ۾ وني، ڪاري گاڏي ۾ چاڙهيو. چڙهڻ مهل، پوئتي ڏسي دوستن يارن کي سلام ڪيم. موڪلائيندڙن ۾ بابا، ماما، ننڍا ڀائر، پيارا دوست ۽ جمهوريت جا پروانا بيٺا هئا. مون موڪلائي اندر وڃڻ جي ڪئي تہ پويان سڏ ٿيو ڏٺم تہ حاجي غلام نبي ساند کي پوليس ٻانهن مان جهليو پوئتي پئي هٽايو. پڇيم خير تہ آهي؟ حاجي غلام نبي پيار مان اهڙي منٿ واري انداز ۾ پاڻ سان وني هلڻ لاءِ چيو جڻ اسين ميڙي ۾ پئي وياسين. مون سپاهيءَ کي چيو ”ادا انهيءَ کي بہ وني هلو اهو ساٿي بہ گرفتاري ڏئي رهيو آهي“. پوليس جي گاڏي هلي، پر ٿوري دير هلي بيهي رهي ۽ اسان کي لهڻ جو حڪم ٿيو. لٿاسين تہ حيدرآباد جي پوليس لائين هئي. بئنچن تي ويهاسين، ٿوري دير ۾ SDM ۽ DSP پڄي ويا. دوستن جي نالن ۽ ضروري معلومات کي رڪارڊ ڪري اسان کي ٻن گروپن ۾ ورهايو ويو. اسان کي وري بہ گاڏي ۾ ويهاري اچي سينٽرل جيل لاٿئون. اٽڪل 2 وڳي جو وقت هو. وڏو در اڪري اندر ٿياسين تہ اڳ ڏٺل چهرن تي نظر پئي. سپرنٽنڊنٽ نواز، جيلر عبدالحئي قريشي ۽ ٻيا سپاهي بيٺا هئا. تلاشي ٿي، ضروري لکپڙهہ ڪئي وئي. اسان کي اندر وني هليا. اندريون در اڪاري ڪابي هلڻ جو چيائون، خبر پئي تہ ڪاري فئڪٽري وٺيو ٿا هلن، اڳئي آيل سياسي قيدي اُتي آهن.

پراڻي بي ڪلاس، بند وارڊ، ڦاسي گهاٽ کان ٿورو اڳتي وڏي گيٽ مان نڪري ساڄي پاسي ٻيو وڏو گيٽ پار ڪيوسين تہ سامهون نهايت قربدار، زندهہ دل شخصيت تي نظر پئي. ٻانهون کُنجيل، هٿ ۾ لوٺو. مون کي ڏسي هڪل ڪري چيائين: ”مڙئي خير آهي، پنهنجي ڳالهہ آهي“ اهو تڪيہ ڪلام ظفر لغاري صاحب جو آهي. ظفر صاحب وڏي پيار سان مليو سندس آواز تي پريان ٻيٺل محترم پير مظهرالحق بہ اسان کي ڏٺو پير صاحب بہ نماز جي تياريءَ ۾ هو. تنهن بہ وڏي واڪي پليڪار ڪئي ۽ پوءِ سيني ٻئرڪن مان تاڙيون وڄڻ لڳيون. خبر پئي تہ اهي تاڙيون هر نئين ايندڙ دوست جو پليڪار آهن. وارڊ ۾ دوست وڏي پيار سان مليا، قادري ۽ ضياءَ سومرو تہ منهنجا پراڻا يار آهن اهي بہ اڳئي ويٺا هئا، تن کان علاوه محترم عاشق جتوئي، حاجي محمد صديق شورو، عبدالحڪيم سيهڙ (مورو)، حاجي غلام نبي ميمڻ (مورو) ڪامريڊ پيرل خان ڪوسو (ميهڙ)، احمد علي عباسي (مورو)، خالد گهلو (دادو) ۽ ٻيا بہ ڪيئي دوست مليا. اڳي موجود دوستن ۾ وڏي اڪثريت دادو وارن جي هئي. پڇڻ شرط خوش خير عافيت بعد تواضع ڪئي ويئي، چانهہ، بڪسٽ ۽ فروٽ ڪٽي آيا. حالن احوالن ڪانپوءِ اسان بہ پنهنجون پاٿاريون وڇيون. مون ۽ منير، قادريءَ جي سيراندي هنڌ وڇايو. موري وارن دوستن لاءِ تہ پابنديءَ سان موري ويندو هئس، هتي تہ خدا ملايا، سو پري ڪٿي ٿي ٿياسين.

ٻئرڪ وڏي هئي. ٻئرڪ جي اوير ۾ پير مظهر، پيرل خان ڪوسو ۽ دادو جا ورڪر دوست هئا. اولهہ پاسي عاشق جتوئي، حاجي صديق شورو، ظفر صاحب ۽ موري جا دوست رهيل هئا. هنن دوستن جي مٿان 3 پنکا لڳل هئا، باقي سڄي ٻئرڪ ۾ پنکو ڪو نہ هو. خبر پئي تہ 14 تاريخ مير اعجاز، مير ممتاز، مير مشتاق، سيد اميد علي شاهہ (ٽنڊوالهيار) پير آفتاب شاهہ جيلاني، سيد روشن علي شاهہ (ٽنڊو قيصر) گرفتار ٿي هن وارڊ ۾ آيا هئا، انهن صاحبن وڏا خرچ ڪري هي پنکا هٽايا هئا. پتو آيو تہ خبر پئي تہ رڳو پاٿاريون جدا ڪونهن پر دسترخوان بہ ڌار هئا. دسترخوان بہ لڳا. اولهہ پاسي ٽفنس جا ڍير لڳي ويا ۽ اوير وارن يارن پتو وٺي ڪاڏو. ٻئي ڏينهن پير مظهرالحق ۽ مون ڪوشش ڪري هڪڙو دسترخوان ڪرايو. هڪڙو دسترخوان تيسين قائم رهيو جيسين ٻئرڪ پنهنجي مهمانن سان ٽمٽار ٿي وئي، پوءِ تہ گڏجي ماني کائڻ مشڪل هو مڙس مڙس سان گڏيو پيو هو. رات جو اٺڻ مهل تہ پير سنڀالي ڪٽڻو پوندو هو تہ متان ڪنهن تي اچي نہ وڃي ۽ رڙ ڪري نہ اٿي پوي. سيئي سوڙهہ ۾ ستا پيا هئا. ماڻهو ڪنهڻ پاڻ کي چاهي تہ پر وارو رڙ ڪري تہ ڇا پيو ڪرين؟ دوست وڌيا، انهيءَ دوران ملڪ لعل خان، حسين شاهہ بخاري، غازي صلاح الدين بہ هن ٻئرڪ ۾ اچي ويا. ملڪ صاحب پهل ڪئي. صلاح ڪري سکين ستابن دوستن پئسا گڏ ڪري سيني سياسي دوستن جي ماني جو بندوبست ڪيو. انهيءَ لاءِ ڪميٽي ٺاهي وئي. ضياءَ سومرو (مورو) ۽ ڪامريڊ مير محمد جوٽيجو بورچيخانو هلائڻ لاءِ ذميدار ٿيا. اهي دوست جيل وارن کان ڪچو راشن وٺي، انهيءَ ۾ پنهنجن پئسن مان گهرايل سامان وجهي مانيءَ کي بهتر ڪري دوستن کي ڏيندا هئا. ڪامريڊ مير محمد جوٽيجو بهادر ۽ اٽورچ سياسي اڳواڻ آهي. جيل بہ وڏي همت سان گهاري رهيو آهي تہ دوستن جي خدمت بہ محنت سان ڪري رهيو آهي. ڪامريڊ تقرير جو بہ بادشاهہ آهي. اسين آياسين تہ ڪچهري بہ هڪڙي ڪئي سون. اڳ ۾ هرڪو پنهنجي منهن پيو هوندو هو. اسان پهرين رات ئي گهڙي کن لاءِ سيني دوستن جي هڪڙي ڪچهري ڪرائي.

انهيءَ ڪچهري ۾ گيت، چرچا، سياسي خبرون هونديون هيون. ظفر خان لغاري جا چرچا ته سچي بئرڪ کي کلائي ساڻو ڪري ڇڏيندا هئا. ظفر خان روز رات جو سمهڻ مهل پاڻ تي تلاوت ڪرائيندو هو ڪچهري ڪري ظفر صاحب ماٺ ڪري ڪنڌ هيٺ ڪري، نمي ذري گهٽ وڃي گوڏن سان لڳندو هو سمجهي ويندا هئاسين ته ظفر صاحب جي ڪچهري پوري ٿي هاڻ سمهڻ جي ڪريو. ظفر صاحب پنهنجي پوزيشن ورتي ته دوست غلام نبي رند به اچي ظفر صاحب جو پاسو وٺندو ۽ ظفر صاحب تي تلاوت ڪرڻ شروع ڪري ڏيندو. گهڻو ڪري رات جو ظفر صاحب تي ياسين شريف پڙهبي هئي. اهو سلسلو تيسين جاري رهيو جيسين دوستن جو "بي" ڪلاس ٿي ويو. بئرڪ به پرجي وئي ۽ اهي اهم دوست هن وارڊ مان بي ڪلاس ويا. ظفر صاحب وارا ته نماز پابنديءَ سان پڙهندا هئا پر دوست وڏيا ته باقاعده جماعت جو بندوبست ڪرايائون. غلام نبي رند امامت ڪندو هو ڏاڍي پياري تلاوت ڪندو هو. هڪڙي ڏينهن عشاءَ جي نماز ۾ اهڙي دعا گهريائين جو سڀ نمازي هئا اوڇنگارن ۾. اسين پري ويٺا هئاسين، چيوسين ته "حافظ کي جهليو متان ڪنهن جو هانو نه ڦاٽي پوي." تحريڪ زور هئي. روز پوليس مقابلن ۾ شهادتن جون خبرون پئي پيون، تقريباً روز غائبانه جنازي نمازون پئي ٿيون. الائي ڪنهن صلاح ڏني ته "ٻانگون ڏيو ته مصيبت ٽري" رات جو دوستن ٻانگون ڏنيون. ملڪ صاحب ٻانگ ڏني ته اڌ ۾ ڦُلجي پيو. پوءِ پاڻ ٻانگ ڪو نه ڏيندو هو پر پنهنجي واري تي منير کي چوندو هو "او منير پُٽر، اٿ آذان ڏي." منير آذان جي شروعات ايڏي درد مان ڪندو هو جڻ ڪنهن ڪنڌ تي ڪاتي رکي اٿس.

سينٽرل جيل اڳ ۾ به آيو آهيان پر اوچتو هن دفعي ته باقاعده پروگرام سان اچڻ ٿيو آهي. جيل جي تياري ايئن پئي ٿي جڻ حج جي سنبت. تحريڪ جو اعلان ٿيو ته اسان جي وٺ وٺان تيز کان تيز تر ٿي وئي. سو پڪ هئي ته جيل ياترا ضرور ٿيندي. الاهي بخش قائم خاني جي گهران بينظير صاحبه جي سالگرهه ڪري موٽياسين ته ملڪ صاحب جي بنگلي تي اچي ويٺاسين. ڪچهري ۾ مولانا احترام، محترم فاضل راهو ملڪ صاحب، خانصاحب، حسين شاهه، غازي ۽ آءٌ هئاسين. ڳالهين ۾ جيل جو تذڪرو ايئن نڪتو جو مولانا احترام چيو "جيلن کي ياد ۽ پسند ايئن پيا ڪيو جڻ هني مون يا پڪنڪ ملهائڻ لاءِ هوٽلون پيا پسند ڪيو." سو هتي پڇي اهڙو سڪون مليو آهي جڻ وڏي مسافري ڪري منزل تي پهتا هجون. هو به ايئن تحريڪ جي آغاز کان ئي ڀوڳ ۾ هئاسين. دوستن سان رابطي ۾ گرفتارين واري سلسلي کي منظم هلائڻ لاءِ به پئي ڀوڳياسين ته پوليس به پئي ڀوڳايو. 14 آگسٽ تي حسين شاهه ۽ غازي ته مخدوم صاحب وارن سان گڏ گرفتاري پيش ڪري ڇڏي. پوئتي جي ذميداري ملڪ صاحب، خانصاحب، شڪيل ۽ مون تي هئي. آءٌ ضلعي ايم آر ڊي جو سيڪريٽري هئس، سو خفو به رتيون وڏيڪ هو. 14 آگسٽ واري ڏينهن گرفتارين کان پوءِ پوليس وڏي سختي ڪئي. پوليس زور لاتو ته گرفتار ٿيل ٻاهر جلوس جي شڪل ۾ نه نڪرن. پر ماڻهن وڏي جوش جو مظاهرو ڪري جلوس ٻاهر ڪڍيو. انهيءَ گوڙ ۾ اسان ڪسڪڻ جي ڪئي، پر ڪي پوليس وارا اسان تي به اک رکيو ويٺا هئا. اسين ٻاهر نڪري ريڊيو پاڪستان ڏانهن ڀڳاسين ته پوسٽ آفيس وٽ پوليس پنهنجي گاڏي اڳيان ڪري رستو روڪي ڇڏيو. اسان واري گاڏيءَ جي اڳيان فاضل صاحب جي گاڏي هئي، سو فاضل صاحب پوليس جي منهن ۾ اچي ويو ۽ ملڪ صاحب تڪڙ ۾ گاڏي پوئتي ڪري اسان کي بچائي ويو. ان ڏينهن

ڪان 20 آگسٽ تائين تاريخي رولڙي ۾ هئاسين. ڪڏهن ڪٿي ته ڪڏهن ڪٿي. لکي ڇپي ملڪ صاحب جي گهر پهتاسين. سنگتي پاڻ سان صحافي دوستن کي ڪٺي آيا. ڳالهه ٻولهه ڪندي خبر پئي ته ڏٺين کي خبر پئجي وئي آهي ۽ سندن هڪڙي موٽر سائيڪل اچي بنگلي تي پهتي آهي. وٺي پڳاسين. چئنل وٺي ٽنڊي الهيار. اتي دوستن سان ملياسين. سائين اميد علي شاهه رضويءَ جي ڳوٺ ان سان ملاقات ڪري گرفتاري جو پروگرام ناهيوسين. اتان شيخ پرڪٽي کان ٽنڊي محمد خان پهتاسين. خبر پئي ته ڪجهه دوستن کي گرفتار ڪري هوسڙي ٺاڻي تي آندو اٿن. ٽنڊي ۾ سيد محسن شاهه جي بنگلي تي گڏجاڻي ڪئي سون. دوستن سان به ملندا هئاسين ته صبح جو ساٿين جون گرفتاريون به ڏسندا هئاسين. اهي سڀ راتيون مينهن به ڏاڍا پيا.

18 تاريخ سيني صلاح ڪئي ته رُليا به ڪافي آهيون ته مينهن به پيا پون، هلو ته لکي ڇپي گهران چڪر هٽي اچون. اها به صلاح بيني ته ملڪ صاحب وري به سيني سان رابطو ڪندو، جيڪڏهن نه ته سيڪو پنهنجي مڙسيءَ سان پاڻ بچائي 20 تاريخ ڪورٽ ۾ اچي. صلاح موجب پهرين مون کي صدر ۾ لاٿائون، پوءِ ويا لطيف آباد. سيئي لطيف آباد جا هئا. شڪيل جي گهر وڃي ڪيس لاٿائون ته شڪيل لاءِ بيٺل پوليس به تڪڙ ڪري ظاهر ٿي پئي ۽ ملڪ صاحب وارا وٺي پڳا. وري آيا پنهنجي عارضي پناهگاهه تي. ملڪ صاحب پناهه گاهه تان هڪڙو همراهه موڪليو ته وڃي سندس گهران خبرچار وٺي اچي. اهو همراهه ملڪ صاحب جي گهر پهتو ته اتي سول ڊريس ۾ موجود نگرانن وڏي اتڪل سان هن کان ملڪ صاحب جي خيريت معلوم ڪئي. ملڪ صاحب جو موڪليل همراهه، سادو سودو بزرگ، خالص گهريلو ملازم هو. تنهن کي حقيقت جي ته خبر ئي ڪو نه هئي ته گهر ۾ مهمان آهن يا پوليس وارا. تنهن ٻڌائي ڇڏين ته ”ملڪ صاحب فلاڻي همراهه جي گهر ۾ بلڪل خيريت سان آهي ۽ مون کي موڪليو اٿس ته گهر جي خبر وٺي اچان“ . پوءِ ته دير ئي ڪو نه ٿي، پوليس وڃي اسان جي اشراف ميزبان جي در تي پهتي، ميزبان چيس ”برابر ملڪ صاحب مون وٽ آهي. گهر ۾ داخل نه ٿيو ملڪ صاحب کي وٺي ٿو اچان.“ ميزبان جي ڳالهه اثر ڪيو پوليس گهر ۾ ڪو نه وئي، ملڪ صاحب ٻاهر نڪري آيو. اهڙي طرح شڪيل ۽ خانصاحب ڪنيجڙ کان بچي ويا.

19 تاريخ جون گرفتاريون جامع مسجد صدر وٽان ڏيڻيون هيون، (ڪورٽ ۾ گرفتاريون ڏيڻ بند ٿي ويون، سختي وڌي تنهن ڪري مختلف جاين تي گرفتاريون پيش ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو. ٽنڊي ولي محمد ۽ سول اسپتال وٽ به گرفتاريون پيش ڪيون ويون) آءُ جامع مسجد جي سامهون ئي لڪل هئس، اتان گرفتارين جو منظر پئي ڏٺم. رات جو منير کي ماڻهو موڪليم، پروگرام ناهيوسين ملڻ جو ۽ گڏجي رهڻ جو. رات جو دير سان اختر سان هنڌا تي چڙهي مقرر جاءِ تي منير سان گڏيس. صبح جو ڪورٽ پهتاسين ته خبر پئي ته ملڪ صاحب گرفتار ٿي ويو آهي، باقي سنگت پڻ گرفتاري ڏني.

گرفتار ٿي جيل پهتا آهيون ته ٽَڪ پچي پيو آهي، هڪڙي ڊوڙ ختم ٿي آهي ته ٻيو جيل ۾ موجود دوستن جو ميڙو، جوش جذبو. سڄي سنڌ مان تحريڪ جي زور جون خبرون، سيني ڳالهين همت وڌائي ٽڪ لاهي ڇڏيو. ايم آر ڊي جي تحريڪ هلائڻ جو اعلان ۽ ايم آر ڊي جي هيٺين سطح تائين تنظيم ڪرڻ جو فيصلو ٿيو ته سڄي سنڌ جا دورا ڪياسين، خصوصاً حيدرآباد ڊويزن جي ته هر شهر ۾ وياسين.

ماڻهن جو جذبو حيران ڪندڙ هو پر ذميداري کڻڻ وارا پريشان هئا. گڏجاڻيون ڪرڻ مشڪل هيون، ڪنهن ڪنهن شهر ۾ ته بار بار وچڙو پيو تنظيم قائم ڪرڻ لاءِ. ماڻهو ته آتا هئا جنرل ضياءَ کان قائد شهيد جي قتل جو پلاند وٺڻ لاءِ پر ”ليڊرن“ لنوايو پئي، ڪين پڪ ڪو نه هئي ته ڪو تحريڪ زور وٺندي يا ڪامياب ٿيندي. وڏي محنت ۽ مشڪل هئي تنظيم قائم ڪرڻ ۽ تحريڪ کي منظم هلائڻ لاءِ ذميداري کڻڻ پر پوءِ ”لوگ آتي گئي ڪاروان بنتا گيا.“

سينٽرل جيل ۾ هي ٻيو دفعو آيو آهيان. هن کان اڳ ۾ آڪٽوبر 1981ع ۾ آيو هئس. نواب شاهه ميڊيڪل ڪاليج جي شاگردياڻي شيرين سومرو سان هڪ ميجر زيادتي ڪئي ۽ سڄي سنڌ ۾ احتجاجي مظاهرا ٿيا. انهيءَ احتجاج جو زور ڄامشوري ۾ هو. 8 آڪٽوبر تي ڄامشوري ۾ وڏو جلوس نڪتو انهي جلوس جي نتيجي ۾ هڪ فوجي سپاهي مارجي ويو. ڏهين الائي ٻارهين آڪٽوبر تي آءٌ شهر مان ٿيو گهر پئي آيس. رستي ۾ ماما منظور پناڻ جي دڪان تي ٿوري دير ويهي گهر آيس. ماما منظور ڏسندو آهي ته سڏي پتي صاحب ۽ پارٽي جون خبرون ضرور ڪندو آهي. گهر اچي ماني جا ٻه تي گرهه مس کاڌم ته ٻار ڊوڙندو آيو چئي: جلدي گهر مان نڪري ڪٽي لڪ، تون دڪان تان اٿئين ته پوليس اچي وئي ۽ تنهنجو پڇي ويئي.“ مون سوچيو ڄامشوري واري جلوس ۽ جلسي سان منهنجو ته واسطو ڪو نه هو پوءِ پوليس ڇو ٿي گرفتار ڪري؟ خير، ماني ڇڏي تڪڙ ۾ وڃي مختار جي گهر پهتس، اتي موليڏنو راڄپر ٻه وينو هو. حال احوال ڪيم. موليڏني پوڇڻ ۾ چيو ”اسان جي جند مس ڇٽي آهي، لڪي اچي وينو آهيان ته تون ٻه هتي لڪڻ آيو آهين، هتان ڀڄئين ته اسين وري ٻه ڪنيچي ويندا سين.“ شام جو اتان اٿي صدر ۾ علي احمد خان نظاماڻيءَ جي جاءِ تي آيس، نيت اها هئم ته سياڻي ڪراچي ۾ چاچي شاهنواز خان جوڻيجي جي شنوائي آهي، ڪو وڃي ته مون کي ٻه وٺيو وڃي. رئيس وٽ پهتس ته هڪڙو پوليس انسپيڪٽر ٻه وينو هو رئيس سان ڪچهري ڪندي رئيس کي ٻاهر وٺي وڃي ساڻس ڪجهه ڳالهايائين. رئيس مون کي سڏ ڪيو دل ۾ چيم خير ڪونهي. رئيس چيو ”انسپيڪٽر توسان ڪجهه ڳالهائڻ چاهي ٿو!“ چيم ”هتي ئي ڳالهائي.“ چيائين ته ”توکي گهڙي لاءِ وٺي وڃڻ ٿو چاهي.“ چيم ڳالهائي ڪو نه ٿو ٻڌيم ٿو موڪل ڏي ته هتان ئي کسڪان.“ ايتري ۾ انسپيڪٽر صاحب اچي نڪتو. رئيس چيس ته هن جو خيال آهي ته تون هن کي گرفتار ڪندين. انسپيڪٽر يڪدم هڪڙو هٿ مٿي تي رکي چيو ”هي ساک آهي، پاڙيو ڪو نه آهيان جو يارن جي جاءِ جي بيعزتي ڪريان، ٻڌڻو هوندو ته جايون ٻيون ٻه گهڻيون.“رئيس کي پڪ ٿي وئي ته منهنجي تڏي تي هرو ڀرو ايئن ڪو نه ڪندو سو مون کي چيائين ”پلي هن سان ڳالهائي اچ.“پوليس آفيسر سان چڙهي وينس سندس گاڏي ۾، اچي ڪنٽومينٽ ٿاڻي جي ٻاهران ٻيٺو ٿوري دير ۾ آيو (پوءِ خبر پئي ته اندر وڃي ٿاڻي جي ايس. ايڇ. او عبدالحڪيم لاشاري کي چيائين ته مولابخش کي علي احمد خان جي جاءِ تان وٺي آيو آهيان تون پاڻ وٽ رکينس، پر لاشاري صاحب انڪار ڪيو ته اهو نامناسب آهي، سنگت ۾ گلا ٿيندي) اتان هلي اچي ايس پي آفيس ٻيناسين. هڪڙي آفيس ۾ ويناسين، مون کي اتي ويهاري پاڻ ٿوري دير ويو هليو (شايد فون ڪرڻ ويو) اتي ٻه مهربان ظفر انسپيڪٽر ۽ احسان صاحب وينا هئا، پيار سان مليا. چيائون ”توهان هتي ڪيئن آيا آهيو؟“ شايد ڪين ٻه خبر هئي ته پوليس کي منهنجي تلاش آهي. مون ٻڌايو ته هي

صاحب بهادر وٺي آيو آهي، چوي ٿو ڳالهائڻو آهي. ٻنهي هڪٻئي ڏي نهاريو. ايتري ۾ پوليس آفيسر اچي ويو. سندس اچڻ کان يڪدم پوءِ ٻيو ٿلهو متارو سب انسپيڪٽر سلوٽ هڻي اچي بيٺو. مون واري انسپيڪٽر ايڪٽنگ ڪندي پڇيس خير آهي؟ چيائين ”مولابخش کپي.“ مون واري انسپيڪٽر وڏي حيرت مان چيو: مولابخش کپي؟ آءُ يڪدم اٿي بيٺس. کيس چيم ته ”صاحب اوهان جا ٿورا لاهي سگهندس ڪو نه. باقي ڳالهائيندس ٻيو چڱو هاڻ هلون ٿا.“ ٿلهي متاري پهلوان انسپيڪٽر ٻاهر رڪشا جو اڳئي بندوبست ڪري ڇڏيو هو. انهيءَ ۾ پاڻ ئي ڪافي هو پر پاڻ سان گڏ سپاهي به ويهاريائين. آءُ وچ ۾ ويٺس ڪو نه پر سيٽن ۽ ڊرائيور جي ٽيڪ جي وچ واري جاءِ ۾ ڦاسي پيس. اتان وٺي سڌي ٺاٽي آيا. پنڌ ٿورو هو پر صفا سُڪي پيس.

سڌي ٺاٽي تي ايس ايڇ او وڏو مهربان هو سندس سنو رويو ڪڏهن وسارڻ جهڙو ڪونهي. لکپڙهه ڪري سڌي لاڪ اپ ۾ ڇڏي ويا. غازي صلاح الدين، ابوبڪر زرداري، ساغر سميجو، عاقل چانهيو (مسلم اسٽوڊنٽس فيڊريشن) اتي اڳئي سرڪار جا مهمان هئا. منهنجي گرفتاري کان ٻه ڏينهن پوءِ اقبال کي سندس مائٽ وٺي آيا ۽ ايس ايڇ او جي حوالي ڪري ويا ان ايس ايڇ او جي بدين ۾ وڏي رهائي پوکي آهي ۽ سندس ئي چوڻ تي اقبال کي پيش ڪيو ويو هو پوءِ مهراڻ يونيورسٽي جو جنرل سيڪريٽري امير حمزو مينگل گرفتار ٿي اسان واري ڪمري ۾ اچي نڪتو. امير حمزه کي ڏاڍو ڪري سڏيندو هئس. ٻروچ اولاد ته الائي کهڙي بزرگ جو آهن پر پاڻ کي امير حمزه جو نسل سڏائيندا آهن، تنهن ڪري مينگل صاحب مون لاءِ ڏاڍو امير حمزو هو. امير حمزي ٻڌايو ته سندس ڳوٺ وارن سان ڏاڍيون جنيون ڪيون ويون. سندس گرفتاري مهل به تمام گهڻي سختي ڪئي وئي. ڏاڍو لاڪ اپ جو سنو ساٿي هو. ڏاڍي لاڪ اپ جا ڏينهن وڏي صبر ۽ همت سان گذاريا. ڪجهه ڏينهن کان پوءِ ڄام ڊيڪوريشن جو مالڪ ڄام عبدالڪريم سهتو به گرفتار ٿي اچي اسان وٽ پهتو. سندس ڏوهه اهو هو ته سندس دڪان پ پ جي ارڏن جو اڏو هو. ڄام صاحب جي دڪان تي صبح سان ئي ڪچهري مچندي هئي. هر چرندڙ پرندڙ جيالو اتي ضرور ايندو ۽ حال احوال وٺي ويندو هو. غازي، حسين شاهه، عالم شاهه، اسماعيل، آءُ شهر ۽ تعلقي جا عهديدار ته پابندي سان وينا هوندا هئاسين ڄام صاحب پارٽيءَ جو عهديدار به هو پر سندس خطرناڪ سرگرمي، سندس دڪان واري ڪچهري هئي! سڀ صلاحون اتي ٿينديون هيون، سڀ پروگرام اتي جڙندا هئا. ڪچهري سياسي هوندي هئي تنهن ڪري پيار ۽ تلخي گڏگڏ هوندا هئا. ڪير به ڳالهائي ڄام صاحب جو ڪنڌ پيو هلندو. هر دوست جي پاران چوندو ”برابر سائين برابر!“ ڄام صاحب جو دڪان ڏاڍو هلندو هو ڪمائيندو ڄام هو سڄي سنڌ ۾ سندس سامان ويندو هو پر سندس شاهه خرچين ۽ سياسي سرگرمين کيس وڏو نقصان پهچايو جيڪي به فنڪشن ٿيا تن ۾ سندس حصو ضرور شامل هوندو هو. سنگت جي خدمت ڪندي خوش پيو ٿيندو هو. گرفتاري کان پوءِ ته سندس ڪاروبار بلڪل تباهه ٿي ويو. کيس پرائي دڪان تي نوڪري ڪرڻي پئي. ڄام صاحب وڏو صبرائتو ۽ لڄاڙو انسان هو پنهنجي تڪليف ٻڌائي ڪو نه سگهندو هو. هڪ رات اوچتو منهنجي اک کلي ته ڏٺم ڄام صاحب اٿيو ويٺو آهي. پڇيم خير آهي، طبيعت ته ٺيڪ آهي؟ ڄام صاحب واتان ڪو نه ڳالهايو اشارو ڪري ڏاڍي حمزي کي ڏسڻ لاءِ چيائين. ڏسان ته ڏاڍو ڄام صاحب واري هنڌ تي

بالم ٿيو ستو پيو آهي. ڏاڏو ننڍ ۾ ليٽڙيون پائي اچي ڄام صاحب تي ڪڙڪيو هو ۽ ڄام صاحب کيس جاڳائي پاسي ڪرڻ ۾ رُڌل هو. ٻي رات سرون، ٽيلها رکي ڏاڏي ۽ ڄام صاحب جي وچ ۾ سرحد قائم ڪئي سون.

لاڪ اپ تہ سڄو عذاب آهي پر سندس ڪڙڪي (بيت الخلا) انسان جي بيعزتي آهي. سٺي لاڪ اپ ان سلسلي ۾ سڀني کان زور آهي، اتي تي چار قيدي گڏجي رهن تہ ڪڙڪي ۾ وڃڻ مشڪل ٿيو پوي. ڪو بہ ڪڙڪي ۾ وڃڻ جي تڪڙ ڪو نہ ڪندو. تان جو عقل، حيا ۽ شرم سڀ ڪم ڇڏي وڃي ۽ ڊوڙي وڃي اُتي پهچي. ننيڙي پيٽ، اٿندي ويهندي اوگهڙ نہ لڪائي سگهجي. 78ع ۾ انهيءَ هڪڙي ڪمري ۾ 15ـ16 ساٿي هوندا هئا. سمهڻ مشڪل هو. ڪڙڪي جي پيٽ تي بہ دوست چڙهيا وينا هوندا هئا. ڄام صاحب حاجت لاءِ وڃي ڪو نہ سگهندو هو رسي گهرائي پيٽ ۾ ٻڌي ڇڏي سين. ڄام صاحب ڪڙڪي ۾ ويندو هو تہ رسي تي چادر لڙڪائي ڇڏيندا هئاسين. ڄام صاحب جي هن عذاب مان جند تڏهن ڇٽي جڏهن نظربند ٿي نارا جيل روانو ٿيو. ڏاڏو امير حمزو بہ لاڪ اپ تان ئي رها ٿي ويو. اسين 15 ڏينهن کن انهيءَ عذاب ۾ رهياسين. مارشل لا هيڊ ڪوارٽر ۾ پيشيون پيون ٿينديون هيون. اقبال ۽ غازي کي تہ هڪ رات اتي رکيو بہ هئائون.

لاڪ اپ ۾ اقبال مزو ڪيو وينو هو. تن ڏينهن اقبال جو تڪيہ ڪلام هو "آ پيارا ڊي ايس پي، نر لڳا پيا آهيون، واندا ئي واندا" جيڪو بہ ڳالهائيندو هئس تہ پهرين هڪل ڪري تڪيہ ڪلام دهرائيندو هو پوءِ ڳالهہ جو جواب ڏيندو هو. اقبال اياز جا گيت ۽ وايون پر هڪڙو انگريزي گيت "او مائي بلوَڊ" (او منهنجا محبوب) ڏاڍي عجيب غريب انداز ۾ ڳائيندو هو. هڪ ڏينهن اقبال اهو انگريزي ڪلام وڏي واڪي پئي ڳايو. انهيءَ مهل بلڙي شاهہ ڪريم جو پيارو دوست خير محمد شورو ملڻ آيو. تنهن اسان جي پير واري ڪمري مان اقبال جون رڙيون ٻڌي مون کان پڇيو "ڪير آهي؟ رڙيون ڇو پيو ڪري؟" مون پوگن ۾ چيس تہ اسان جو بهادر دوست آهي پر هن تي تمام گهڻو تشدد ڪيو ويو آهي، تنهن ڪري ذهني توازن وڃائي وينو آهي." خير محمد پارٽي جو پرخلوص جيالو آهي، سو يڪدم اقبال ڏانهن ڀڳو. خير محمد اقبال کان ڳائڻ دوران ئي خيريت معلوم ڪئي. اقبال ڳائڻ بند ڪري وٺي رڙ ڪئي: "آ پيارا، ڊي ايس پي نر لڳا پيا آهيون، واندا ئي واندا!". اقبال جي رڙ سان ئي خير محمد پوئتي وريو اچي چيائين "خدا جي مار پوين، لاڪيٽو مڙس ڪاري وڏو اٿن."

15 ڏينهن ئي اقبال جون هڪلون، عاقل چانيهي جو "راٽو" ساغر جا ٽري ۽ قومي گيت رت کي گرمايو لاڪ اپ کي مچايو وينا هئا. ساغر "عشق اسان وٽ آرائينءَ جيئن آيو جهول پري" (اياز) "موتي ايئن نہ رول" (امداد حسيني) ۽ ٽري لوڪ گيت "ڪانگڙو ٿو اڏي" ڏاڍي سريلي انداز ۾ ڳائيندو هو.

غازي ۽ پائو ابوبڪر کي اسان کان 2 ڏينهن اڳ ۾ جيل وٺي ويا. ساغر، اقبال، عاقل ۽ آءٌ گڏجي جيل پهتاسين. پهرين رات "اي" ڪلاس جي برداشتن واري کولي ۾ بند ڪيائون. ڪي ڏينهن ملاقات بند هئي، رڳو پاڻ ۾ رهاڻيون ڪيو وينا هئاسين. شيرين سومرو ڪيس جي اسيرن سان، جيڪي بي ڪلاس ۾ هئا، ملاقات جي اجازت ملي تہ سٺو وقت گذريو. اتان وري اسان کي سکر نيو ويو. اتي پيارا دوست ۽ نالي وارا مڙس اڳئي ميڙو مچايو وينا هئا.

حيدرآباد توڙي سکر جيل ۾ دوست اهڙو ماحول قائم ڪيو ويٺا هئا جو جيل جو احساس ئي ڪو نہ ٿي ٿيو. هن دفعي جيل جو رنگ ئي ٻيو آهي. ڏينهن ۾ ڏهہ ڏهہ پيرا ڳاڻيون ٿيون وڃن، يعني روز ڏهہ ڏهہ پيرا سياسي قيدي اچن پيا ۽ سندن آجيان ۾ تاڙيون ٿيون وڃن. ڪاري فئڪٽري ۾ صبح شام ميڙو لڳو پيو آهي. ٽوپين، پٽڪن، اجرڪن سان دوست گهمندا وتن. شام جو جتي ڪٿي ڪچهري متي پئي آهي. ڏار ڏار ڪمبل وڇايو ڪانيون هنيو ويٺا آهن. ڪٿي ٺلهي رهاڻ آهي تہ ڪٿي محفل موسيقي پئي ٿي. ملاقات لاءِ جوابدار اچي دوستن جا نالا ۽ ذاتيون وٺي سڏ ڪندو تہ لڳندو آهي تہ ڄڻ تاريخ مظهر شاهجهاني جو مصنف يوسف ميرڪ، حڪومت جي باغين جون ذاتيون ڳڻائيندو هجي. گهڻو ڪري سنڌ جي هر ذات جو دوست آهي. هتي مشوري، ميمڻ، ملاح، ميربحر، مغل، ميرجت، مهيسر، مڱڻهار، سيد، سما، سهتا، سميجا، سولنگي، ساند، سومرا، سيال، سوها، ساريجا، جوکيا، جوڻيجا، جتوئي، جکرا، جروار، جمالي، جانوري، جنجهي، جلالاڻي، ڦوڙ، پارهيڙي، پتافي، پنهور، پليجا، عباسي، عالماڻي، اوڊيجا، ارباب، ابڙيجا، عمراڻي، نقوي، نائچ، ناريجا، ناهيان، نظاماڻي، نوتڪاڻي، نوحاڻي، رند، راهو، رنڌاوا، راجپوت، رنگ، راهمان، پٽي، پنيرا، پيان، پرڳڙي، برهماڻي، ڀٽ، ٻاگهل، ٻبر، ٻاٽي، ٻرڙا، ٻلال، ٻگهيا، صديقي، قريشي، زبيري، زبيدي، ڪيڙانا، ڪاتيار، ڪاڪا، ڪوري، ڪورائي، قمبراڻي، خواجہ، خاصخيلي، خليفہ، خشڪ، ٽيٻا، چنا، چانيهان، ڪوسا، لغاري، لاشاري، زرداري، ٽالپور، گاڏهي، ڳاڪڙا، گهلو، ٿهيم، ڏيرا، زنگيجا، درس، راڄپر، پليپوٽا، هاليپوٽا، دل، لوهار، شورا، پير، فقير، ترڪ، ڪهڙي ذات آهي جيڪا مارشلائي حڪمرانن خلاف جمهوري ويڙهہ شريڪ ۾ ڪونهي. سنڌ جي مظلوم ۽ ٻي هٿيار ماڻهن تي ٿيندڙ ظلم ۽ تشدد خلاف سڄو لاڙ اتر، ڪاڇو وچولو ۽ ٿر آهي سراپا احتجاج، چپ آهن تہ اهي جيڪي مظهر شاهجهاني واري دور ۾ بہ ڪو نہ ڪڇيا هوندا، سي ڪالهہ بہ حاڪمن سان صلاحي هئا ۽ اڄ بہ حڪمرانن جي حڪم جا ٻاندا آهن.

مون پڪ سڃاتا پنهنجا هئا، گڏ ڏارين سان ڪي ڏاڙي ۾،
ٿي واٽ ڏسيائون ويرين کي، ويهي وانگيئڙن جي واڙي ۾.

اڄ بہ سنڌ جي نئين تاريخ لکجي رهي آهي. هڪڙي پاسي ٻي هٿيار مظلوم عوام پنهنجي ريٽي رت سان ان تاريخ ۾ جدوجهد جي لازوال باب جو اضافو ڪري رهيو آهي تہ ٻئي پاسي غاصب حڪمران ڏاڍ ۽ بربريت جي تاريخ رقم ڪري رهيا آهن. هر حاڪم پنهنجي مزاج ۽ مفاد وٽان تاريخ لکي ۽ لکائي آهي پر ڪنهن بہ حاڪم تاريخ مان سبق ڪو نہ پرايو آهي. ماضيءَ جي حاڪمن جيان موجوده حڪمران بہ انڌ جي گهوڙي تي سوار آهن. اکين هوندي ڏسي ڪو نہ ٿا سگهن، ڪنن هوندي ڪين وقت جي آواز ٻڌڻ جي سگهہ ڪونهي. ڪين ڪير سمجهائي تہ عوام سان روز روز جون ارهہ زورايون عوام کي ختم ڪو نہ ڪري سگهنديون. عوام قدرت جو مظهر آهي، سو قدرت سان گڏ قائم رهندو. حاڪمن جو ظلم خود حاڪمن جي وجود کي وڃائي ڇڏيندو. عوام بغاوت ڪو نہ ڪندو آهي، حاڪم بغاوت جا بنياد فراهم ڪري عوام کي پنهنجي سامهون آڻي بيهاريندو آهي ۽ حاڪم ۽ رعيت جي ويڙهہ ۾ سوڀاري سدائين رعيت ئي ٿيندي آهي.

## جيل جي سوڙهه ۾ بيزار ڪندڙ خوش خيرعافيت

(17 ـ سيپٽمبر 1983ع)

ڪاري فئڪٽري دوستن سان پرجي وئي آهي. وڏيون ڏگهيون ٻئرڪون ٻه پرجي ويون آهن. سنگتي وينا هوندا آهن ته گوڏو گوڏي سان هوندو آهي. هڪ ٻئي وٽ اٿي گهٽ ايندا آهن. ڳنڍ، کلهن جي وٿين مان ئي هڪ ٻئي کي ڏسيو پيا مرڪندا ۽ ڪنڌ لوڏي اشارن ۾ ڳالهائيندا آهن. ميهڙ جو هڪڙو پيارو دوست، نهايت سادو سڀاجهڙو ۽ يگانو پيپلو پنهنجن سمورن سينئر دوستن کي بار بار سلام ڪندو آهي. حسين شاهه به ورڪرن ۾ تمام گهڻو مشهور آهي، تنهن کي ته اهو ميهڙ وارو دوست اٿندي ويهندي کلي چوندو آهي "سائين خوش آهيو نه؟" ٻه ٽي دفعا خيريت پڇڻ ۽ سلام ڪرڻ کان پوءِ حسين شاهه سائين، ان ورڪر جي ڏاڍي تعريف ڪئي، چئي: "ڏاڍو پيارو ماڻهو آهي، ڏاڍي نيازمندي سان پيش ٿو اچي، وڏي اخلاق وارو آهي." ٻئرڪ ۾ بند ٿي ويهندا هئاسين ته ڪنڌ جي وٿين مان يا جيڏي مهل به انهيءَ دوست جي حسين شاهه تي نظر پوي ته پري کان ئي کلي اشاري ۾ چوي ته " سائين خوش آهيو نه؟" انهيءَ خوش خيرعافيت حسين شاهه کي بيزار ڪري وڌو. هڪڙي ڏينهن چيائين "مولابخش خان انهيءَ کي جهل، اهو سلام ڪري ڪري مون کي چريو ڪري ڇڏيندو!" ٻئرڪون پرجي ويون، ڪاڏين ۽ فراسين ناهڻ جي آڏاڻن ۾ به ساٿين جون پاٿاريون وڇايون پيون هيون. پراڻي قاسي گهاٽ ۽ بند وارڊ ۾ به دوستن کي رکيو ويو ۽ اهي سڀ پرجي ويا ته ڪافي دوستن کي اچي چڪر جي ننڍي وارڊ ۾ موڪليو ويو. دوست وڌيا ته مسئلا به وڌي ويا. پاڻي پورو نه ملي، راشن به سولو نه هجي، (راشن ۾ ته دال جي جاءِ تي الائي ڇا پئي کارايو ويو. جو انهيءَ دال جي ڪري، اڪثر دوستن کي پيٽان رت اچڻ شروع ٿي وئي. ڪن دوستن دال کي ڏسي ٻڌايو ته اها دال نه پر جنتر آهي. (جنتر زمين مان ڪلر ختم ڪرڻ لاءِ پوکبو آهي). اسپتال جون سهولتون به اڻپوريون، ملاقات ۾ به مشڪلاتون، مسئلن جي حل لاءِ دوستن نعره هڻڻ ۽ گوڙ ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيو آهي. جيئن پئي عيد ويجهي آئي تيئن دوستن چوڻ شروع ڪري ڏنو ته عيد نماز گڏجي پڙهنداسين. سڀاڻي عيد آهي تنهن ڪري اڄ نعرا جام لڳا. جيل انتظاميه اسان مان چند دوستن کي ٻين وارڊن ڏانهن وڃڻ لاءِ چيو ته جيئن انهن سان ملي مسئلي کي حل ڪريون ۽ نعرا بند ڪرايون.

دوستن جي صلاح سان عبدالسلام ٿهيم، ملڪ لعل خان، قاضي محمد بخش ڏامراهه، غلام رسول انڙ، ڪامريڊ مير محمد جوڻيجو ۽ آءٌ چڪر ڏي وياسين. دوستن جا مسئلا به ٻڌاسين ۽ کين سمجهايوسين به. دوستن سان ملي وري جيل انتظاميه سان ملياسين. نيٺ فيصلو ٿيو ته "مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ به ڪوششون ونون ٿا ۽ سياسي قيدين کي عيد نماز گڏ پڙهڻ جي اجازت به ڏيون ٿا."

## اسيرن جي عيد ۾ "اشرافن" جا اهنج

(18 ـ سيپٽمبر 1983ع)

اڄ عيد جو ڏينهن هو. جيل انتظاميه صبح کان ئي پريشان هئي. اچي چڪر ۾ نعرا لڳي رهيا هئا.

نعرو جيل جي وڏين بغاوتن مان هڪڙي بغاوت آهي. انتظاميہ جو ساهہ پئي نڪتو چيائون اهي نعرا بند ڪرايو. ڪجهہ دوست وري اچي چڪر وياسين. ڪي دوست اجا تياريءَ ۾ هئا پر وڏي اڪثريت تيار ٿيو اسڪولي ٻارن جيان اسيمبليءَ ۾ بيٺي هئي. سيئي دوست قطارن ۾ هئا ۽ چند دوست وراندي ۾ ٿورو مٿي بيٺا هئا. سندن سامهون ننڍي سڪل وڻ ۾ ڪارو جهنڊو جهولي رهيو هو. وراندي ۾ بيٺل دوست اسماعيل اداسيءَ جو گيت "موري ميهڙ دادوءَ ۾ ڀاٽيئڙا پٽ ڊول ڪنا" ڳائي رهيا هئا. ماحول ڏاڍو جذباتي هو. نعرا بہ هڻي رهيا هئا تہ ڪن ساٿين جي اکين ۾ لڙڪ بہ هئا.

جا عمر! تو مل عيد، سا سوءَ ورتي سين سومرا،
ويئي ويچارن وسري، خوشي ۽ خريد،
سڪڻ ڪيا شهيد، مارو مُلڪ ملير جا.

دوستن سان ڳالهائي وارڊ ڏي موٽي اچي نماز جي تياري ڪئي سون. نماز جو وقت بہ اچي ٿيو نماز ۾ اٽڪل 900 کن دوست جماعتي هئا. هر بديءَ ۾ ڪا نيڪي بہ لڪل هوندي آهي، سو جيل ۾ تہ هئاسين پر اها ڳالهہ چڱي ٿي تہ هيترن سارن دوستن، مهربانن ۽ سياسي ساٿين سان گڏجي عيد نماز پڙهڻ جو موقعو مليو. "مارشل لا وارن کي شاباس، جن محبتي ميڙيا..." سڄي سنڌ جا دوست گڏ هئا. جن سان ملڻ ۾ سال ۽ مهينا ٿي لڳا، سي سڀ عيد تي گڏ هئا. اڄ عيد نماز ۾ ورڪر توڙي رهنما جيل ۾ گڏ هئا. ورڪرن جو تہ خير آهي پر سنڌ جا وڏا ماڻهو جن لاءِ در تي پوليس اچڻ ۽ جيل بيعزتي ۽ بدناميءَ جي ڳالهہ هئي، سي بہ جيل ۾ اهڙو خوش هئا جهڙو ڀاڪٽر ڏس ڏنو هجين جيل جو. ڪاش هي خانداني ۽ اشراف ماڻهو اهڙي مڙسي اڳ ۾ ڪن ها تہ ممڪن هو تہ پ پ ۽ سنڌ وارن کي موجوده صورتحال کي منهن نہ ڏيڻو پوي ها. خير وقت گذري ويو جا رب کي وڻي.

گهڙو پڳو منڌ مئي، وسيلا سڀ وئا،
تنهان پوءِ سئا، سهڻي سڌ ميهار جا.

اڄ نماز ۾ رئيس غلام مجتبيٰ خان جتوئي، عاشق حسين جتوئي، نواب يوسف ٽالپر، مير اعجاز علي ٽالپر، ممتاز علي ٽالپر، مير مشتاق ٽالپر، سيد اميد شاهہ رضوي، پير آفتاب شاهہ جيلاني، حاجي محمد صديق شورو، پير مظهرالحق، عبدالسلام ٿهيم، غلام رسول انڙ، پير علي بهادر شاهہ، عبدالله هاليپوٽو، سيد شبير شاهہ (نواب شاهہ) ۽ ٻيا سنڌ جا نامور اڳواڻ ۽ مانوارا ورڪر دوست شريڪ هئا. نماز کان پوءِ وڏا اڳواڻ ڪاري فئڪٽري جي دوستن سان ملڻ لاءِ ٻئرڪن ۾ بہ ويا. اسان جي ٻئرڪ ۾ آيا ۽ گهڙيءَ لاءِ ويٺا. سيني دوستن صلاح ڪري ڳائڻ جي محفل مچائي، ڪافي دوستن گيت ٻڌايا. دوستن جي حڪم تي پروگرام جي اناؤنسمينٽ مون پئي ڪئي، ڪن دوستن فرمائش ڪئي تہ سرويچ سجاوليءَ جو قبلہ مخدوم طالب المولىٰ لاءِ چيل گيت ٻڌايو وڃي. سرويچ جو گيت "اجا تحريڪ کي اڳتي وڌاءِ اي طالب المولىٰ" پٽ شاهہ جي دوست ذوالقرنين شاهہ ڏاڍي پياري آواز ۾ سُر ۾ ڳايو ۽ داد وصول ڪيو.

گيتن جي محفل پوري ٿي تہ اسين عيد وارو ٽيلارو ڏيڻ لاءِ نڪتاسين."بي" ڪلاس وياسين تہ خبر پئي تہ ڪافي وڏا اڳواڻ مون کان ناراض آهن. ڪن ڳالهہ دل ۾ رکي، ڪن منهن گهنجايو پر مير اعجاز ٽالپر چئي ڏنو تہ "توهان سنو نہ ڪيو. اسان کي اعتراض آهي تہ اوهان مخدوم جو ڪلام ڳارايو ۽

تعريف بہ ڪئي پر جتوئي صاحب جيڪو اسان جو اڳواڻ آهي، جنهن تحريڪ هلائي آهي ۽ جنهن جي چوڻ تي، سنڌ جا هيترا سارا خاندان جيل آيا آهن، تنهن لاءِ ڪجهہ بہ ڪو نہ چيو.“ مون ڪيس سمجهايو تہ ”اوهان ڪي هرويرو غلط فهمي ٿي پئي آهي، جتوئي صاحب خلاف ڪا بہ سازش ڪو نہ ڪئي اٿئون، سرويچ مخدوم صاحب لاءِ لکيو پٽ شاهہ جي دوست ڳايو سڄي سنگت ڪي پسند هو انهن فرمائش ڪئي. بس ڳالهہ ايتري آهي. مخدوم صاحب لاءِ چند لفظ چوڻ ڏوهہ ڪونهي. مخدوم صاحب جي مريدن سان بہ بئرڪ پيري پئي آهي، سندس پٽ بہ وڏي بهادري وارو ڪردار ادا ڪيو آهي. مخدوم صاحب پنهنجي پٽن ۽ جماعتن سوڌو پهريون پيرو وقت جي حڪومت سان مهاڏو اٽڪايو بيٺو آهي، ان لاءِ چند لفظ چيم تہ ڏوهہ ڪو نہ ٿيو باقي جيستائين جتوئي صاحب جو تعلق آهي تہ انهيءَ ۾ ڪنهن ڪي بہ شڪ ناهي تہ موجوده تحريڪ جو صحيح معنيٰ ۾ اڳواڻ جتوئي صاحب بہ پنهنجي خاندان سوڌو هن تحريڪ ۾ شريڪ آهي ۽ جتوئي صاحب جي اڳواڻيءَ کي ڪنهن بہ چئلينج ڪو نہ ڪيو آهي. اها بہ حقيقت تسليم ڪريون ٿا تہ اوهان ۽ ٻيا خاندان جتوئي صاحب جي چوڻ تي ئي آيا آهيو.“ اڳواٽن جون تڪيون منيون ڳالهيون ٻڌي، گهنجيل منهن ۽ اکين جا اشارا ڏسي، ڪاري فئڪٽري ورياسين. غازي، قادري ۽ ٻيا دوست ڪافي دير انهيءَ ڳالهہ تي تبصرو ڪندا رهيا.

مير اعجاز صاحب جي چڙ ڏسڻ جهڙي هئي. خدا جو شان آهي يا آمريڪا جو ڪمال، نہ تہ ڪجهہ وقت اڳ ۾ ۽ حڪومت واري وقت ۾ مير اعجاز کي جتوئي صاحب اکين ڏٺي ڪو نہ وڻندو هو. مير صاحب جتوئي صاحب جو وڏو مخالف هو ۽ اڄ وڏو وڪيل آهي. مير اعجاز صاحب جي مخدوم صاحب سان شايد اصل کان ڪو نہ پوندي آهي، (خبر ناهي ڇو). پيٽي صاحب جي حڪومت جا آخري ڏينهن هئا. ممتاز ڀٽي صاحب کي حڪم ٿيو تہ سنڌ جو دورو ڪري، ممتاز صاحب ڪراچي کان دورو شروع ڪيو. مخدوم خليق سائين بہ انهي دوري ۾ وڏو جلوس وٺي گهگهر ڦاٽڪ وٽ شريڪ ٿيو. غازي، آءٌ، علي احمد خان، نواب دل، نواب وزير بہ گڏ هئاسين. ٺٽي ۾ جلسو ٿيو. جلسا ڪراچي کان ٺٽي تائين تقريباً هر بس اسٽاپ تي سنا ٿيا. رات جو ڪينجهر تي دعوت هئي. اسين تہ ڪو نہ وياسين پر مخدوم صاحب انهيءَ دعوت مان اچي ٻڌايو تہ ”مير اعجاز سان تلخ ڪلامي ٿي پئي، مير اعجاز هرويرو جهيڙو ڪيو.“ مير اعجاز هر گڏجاڻي ۾ چوندو آهي تہ ”مخدوم صاحب هڪڙي تعلقي جو ليڊر آهي ۽ اسين ٽن ضلعن جا ڌڻي آهيون.“ مير صاحب ٺٽي، بدين ۽ حيدرآباد کي پنهنجي کاتي ۾ سمجهندو آهي. ڀٽي صاحب جي حڪومت وڃڻ کان پوءِ بيگم نصرت ڀٽو صاحبہ جي صدارت ۾ ٿيل گڏجاڻي مان بہ ٽن ضلعن جي ٽڪيٽن گهرڻ تان واڪ آئوٽ ڪري نڪتو هو. مير اعجاز صاحب جي اها ڳالهہ بہ سچي هئي تہ ”جتوئي صاحب جي حڪم تي جيل آيا آهن.“واقعي ڀٽي صاحب يا پارٽيءَ لاءِ جيل اچڻ ها تہ گهڻو وقت اڳ ۾ اچڻ ها. ڏاڍي مزي واري ڳالهہ ياد آئي آهي. صاحبزادي بينظير ڀٽو صاحبہ سنڌ جي پهرين دوري ۾ ٽنڊي محمد خان پهتي تہ مير اعجاز خان طرفان دعوت هئي. بنگلي تي ننڍڙو جلسو بہ ٿيو. مير اعجاز آجيان جي تقرير ڪندي شاهہ جو شعر پڙهيو تہ ”اتي ئي آهين جتي اوهان ڇڏيون...“ غازي، حاجن ۽ آءٌ بہ جلسي ۾ هئاسين. پر ۾ وينل اسان جي ٽئڪسي ڊرائيور مير صاحب جو شعر ٻڌي يڪدم چيو ”متان اڳتي وڌيا آهيو اتي بيٺا هجو مڙس ڪُسي تہ ڪسجي وڃي اوهين اڳتي وک نہ

وڏجوا!“ سو مير صاحب وارا تہ اڳتي وڏتا ڪو نہ هئا, سڪ سان وينا هئا پر جتوئي صاحب الائي ڪهڙا ڪلام ٻڌائي هنن کي جيل آندو آهي. جتوئي صاحب جي انهن آسرن تي گهڻا اشراف ڏينهن ڳڻيندا آهن. انهن آسرن تي آيل هڪڙو يار ڏاڍو بيچين آهي. ڏينهن سج ۽ واچ ڏسندي گذاريندو آهي. هر صبح جو خوشخبري ٻڌڻ لاءِ اٿندو آهي. جيل ۾ ڪافي ڏينهن گذريا ۽ جڏهن ”نہ تون آئين صنم سهڻا ۽ نہ قاصد ئي وري موٽيو“ تہ همراهہ پريشان ٿي ويو. ٿوري ٿوري ڳالهہ تي چڙيو پوي. ڏوهہ ڪو نہ اٿس, جيالو ڪونهي, نہ ڪو پتي صاحب جي پلاند لاءِ آيل آهي. هڪڙي ڏينهن اخبار ۾ آيو تہ ”غوث بخش بزنجو صاحب ايم آر ڊي ۾ شامل ٿي ويو آهي ۽ تحريڪ ۾ ساٿ ڏيڻ جو اعلان ڪيو اٿس.“ سيئي دوست خوش ٿياسين پر هي سنگتي ناراض ٿي پيو. چئي ”اها سازش جتوئي صاحب جي تحريڪ کي ناڪام ڪرڻ لاءِ ڪئي وئي آهي. هي ڪميونسٽ چاهين ٿا تہ آمريڪا هن تحريڪ جي مخالفت ڪري“ اها خبر پئي پائو ابوبڪر زرداري کي تہ هن همراهہ کي آمريڪا جو خوف آهي. پائو کي اهو موقعو خدا ڏياريو. ڪيس وندر تي آئي, روز رات جو ڪچهريءَ ۾ بهانو ڪري ضرور چوي تہ ”آمريڪا.... ڦري ويو!“ جتوئي صاحب جو حمائتي ڪچي بلڪل ڪو نہ, بہ تي دفعا صبر ڪيائين پر جڏهن ”وڏي ويون دل جون پريشانيون“ تہ همراهہ جو صبر ٽٽي پيو. چيائين ”اها ڪميونسٽن جي سازش آهي پر جتوئي صاحب هوشيار ماڻهو آهي انهيءَ سازش کي ڪامياب ٿيڻ ڪو نہ ڏيندو. باقي جيڪو چوندو تہ آمريڪا ڦري ويو تنهن سان منهنجو جهيڙو آهي.“

جتوئي صاحب جي آسرن تي رڳو ”اشراف ۽ خاندان“ آيا آهن باقي عام ماڻهو ۽ ورڪر جو جذبو جيل ۾ توڙي جيل کان ٻاهر سياسي تاريخ ۾ بيمثال آهي. سچ پچ تہ اهڙن جذبن جي آڌار تي قومون آزاديون حاصل ڪري وٺنديون آهن. هي مجاهد ماڻهو تہ رڳو ضياءَ کي لاهي پنهنجي قائد شهيد جو پلاند وٺڻ لاءِ لازوال قربانيون ڏئي رهيا آهن.

جتوئي صاحب جو بہ ڏوهہ ڪونهي, گهڻو ڪري سيئي رهنما پنهنجن پوئلڳن کي اڄ سياڻي جي ڪاميابي جون خوشخبريون ٻڌائيندا آهن. جتوئي صاحب جي چند بي صبرن دوستن کي ڇڏي سندس خاندان ۽ ساٿي وڏي همت ۽ جذبي جو مظاهرو ڪري رهيا آهن, باقي پيپلزپارٽي جي ڪاتي ۾ آيل اڳواڻن توڙي ڪارڪنن جون ڪچهريون جهڙيون ٻاهر تهڙيون هتي آهن. ٻاهر پ پ ۽ جمهوريت جا پروانا مقابلن کي منهن پيا ڏين ۽ هتي جيل ۾ جوش, جذبي ۽ همت سان آمريت جي ڦهري ڪوٽ کي ڊاهڻ لاءِ دعائون وينا گهرن.

## جس هجئي او منهنجي پيڻ!

(25۔ ڊسمبر 1983ع)

اڄ يوم بينظير پٽو صاحبہ ملهايو ويو. جلسي جو مهمان خصوصي سيد عالم شاهہ بخاري ۽ اعزازي مهمان عطاءُ الرحمان ميمڻ هو صدارت دادو جي دوست جان محمد برهماڻي ڪئي. تلاوت قرآن پاڪ امام الدين ڪاڪا ڪئي. عرس خاصخيلي بہ گيت ”پيل توکي پٽا صاحب, گلي ۾ گل رتا هوندا“ ۽

”قوم جا ڪيهر ڪين سمهو“ ٻڌايا. جلسي ۾ سرور شاهه (پٽ شاهه)، پيرل ڪوسو صالح ڪاتيار، عبدالله ملاح، خانصاحب، الاهي بخش قائمخاني ۾ مون تقرير ڪئي.

صاحبزادي بينظير صاحبه سڄي ملڪ جي مظلوم ماڻهن جي عقيدت ۽ اميد جو مرڪز آهي، عوام لاءِ انقلاب جي علامت آهي. پيپلزپارٽي ۽ سندس ڪارڪن خوشنصيب آهن جن کي شهيد ڀٽي کان پوءِ وري به بهادر، روشن خيال ۽ نامور قيادت ملي آهي. شهيد ڀٽي کي ڏسي وري سندس خاندان کي ڏسجي ته زبان تي بي اختيار پٽ ڌڻي جي سٽ اچيو وڃي ته ”جهڙو پنهون پاڻ، تهڙي سڻا ساڻ جي...“ وارثن جي حوالي سان ورلي ڪو سياسي رهنما ڀٽي شهيد جهڙو خوش نصيب هوندو. بينظير صاحبه وڏي بهادريءَ سان ضياءَ شاهي جو مقابلو ڪري عوام جي قيادت ڪري رهي آهي، سنڌ جي پهرين دوري ۾ ئي سندس بهادري ۽ عوام سان محبت ۽ وابستگي جا ڪيئي منظر ڏسڻ ۾ آيا.

صاحبزادي بينظير ڀٽو جي مختصر سياسي زندگيءَ ۾ ئي سندس بهادري، جرئت ۽ رياستي ڏاڍ سان مقابلي جو داستان طويل آهي. پنهنجي عظيم پيءُ جي شهادت کان وٺي جلاوطني جي اذيت تائين هر ظلم جو مقابلو وڏي همت سان ڪيو آهي. تشدد، نظربنديون ۽ جيل سندس حوصلي کي هيسائي ڪو نه سگهيا آهن. عوامي تحريڪ جي رهنما محترم فاضل راهو تحريڪ جي دوران بينظير صاحبه جي سالگره جي موقعي تي قائم خاني جي گهر تقرير ڪندي ٻڌايو ته ”سندس سکر جيل ۾ قيد جي دوران بينظير ڀٽو صاحبه کي به قيد ڪري سکر جيل وٺي آيا. انهن ڏينهن ۾ گرمي قيامت جي هئي، پکن مان به ٻاهر پئي نڪتي، اهي ڏينهن رمضان مهيني جا هئا. اسان کي خبر پئي ته انهيءَ گرمي جي باوجود بينظير صاحبه روزا پئي رکي. اسان ڪيس نياپو اماڻيو ته اسين گرمي جي ڪري برف جونناديون گهرائي ڪمرن ۾ رکندا آهيون، اوهان اجازت ڏيو ته اهي ناديون اوهان ڏي به موڪليون. بينظير صاحبه انهيءَ نياپي جو جواب موڪليو ته ”اوهان جي وڏي مهرباني جو اوهان منهنجي تڪليف جو احساس ڪيو پر آءٌ برف گهرائي هنن ظالم حڪمرانن تي اهو ظاهر نه ٿي ڪرڻ چاهيان ته مون کي سکر جي گرمي تنگ ڪيو آهي ۽ آءٌ ڪا پريشان آهيان. آءٌ حڪمرانن کي ٻڌائڻ گهران ٿي ته ذوالفقار علي ڀٽي جي ڌيءَ به ظلم آڏو ڪو نه جهڪندي، سختيون مون کي به پنهنجي پيءُ وانگر ڪمزور ڪرڻ بجاءِ مضبوط ڪنديون.“

الله تعاليٰ بينظير صاحبه کي وڏي عمر ۽ ڪاميابي عطا ڪري. هتي سرويچ سجاوليءَ جو بينظير صاحبه لاءِ چيل گيت ڳائبو آهي ته سڄو جيل ”ماروي ملير جي، بينظير، بينظير“ جي نعرن سان گونجي اٿندو آهي.

جس هجئي او منهنجي پيڙ،
جس هجئي او سودي سانئڻ،
جس هجئي او مارئي ٻاگهي،
جس هجئي او منهنجي پيڙ،
سرديون گرميون سيجون تولئہ، سوريون توکي سجدا ڪن،
مينهن توڙي طوفانن ۾، تنهنجي جذبن جو جوڀن

آلاپي ٿو گيت گلابي، ڏکي توکان ڏانئڻ ڏيڻ

نصرت، اندرا، بندرا، ليليٰ، ٽيچر، توڙي، حسينہ شيخ،
ٻاگهي ۽ بختاور جي پڙ، من ۾ تنهنجي ڪُتل ميخ،
تنهنجي عظمت اوچائي جا سڀ ٿيون ڳائن ڳيچ ۽ ڳيڻ.

زنجيرن جا زور چنا تو، لاٿا هٿڪڙيون تان ڪس،
ڪارين ڪلفيل ڪوٺين ۾ تو، ٺاهيا پنهنجا گهر ۽ گس،
ويڪو منصف لرزن لڪن، ٻڌندي تنهنجو پٽڪو پيڻ.

سرويچن ۽ سانگيئڙن جي، سونهن بہ تون ۽ ساک بہ تون،
اونداهين ۾ تون ئي اماڙي، اميدن جي باک بہ تون،
ڄاڻ تہ اڀريو سج سکن جو، ڄاڻ وهائي ڪاري ريڻ،
جس هجئي او منهنجي پيڻ،
جس هجئي او منهنجي پيڻ

# بينظير صاحبہ بابت ڄام ساقيءَ جا ويچار

(11 ـ جنوري 1984ع)

صبح جو چانھہ پي ويٺاسين تہ سادي نائين وڳي ڏاري ڪامريڊ ڄام ساقي اچي نڪتو. ڄام ساقي ٽيون ڏينهن سکر جيل مان امتحان ڏيڻ هتي آيو آهي. ساٿس سيئي دوست ڏاڍو احترام سان مليا. ڪامريڊ مون واري پاڻاري تي ويهي ڪچهري ۾ شروع ٿي ويو. سنگت کي جيئن جيئن ڪامريڊ جي اچڻ جي خبر پئي پيئي، تيئن ايندا ويا ۽ ڪچهري مچي وئي. سندس ڪل پوڳ، چرچن ۽ مثالن سان ڀرپور ڪچهري جي خاص ڳالهہ اها هئي تہ سندس سموري ڪچهريءَ تي محترمہ بينظير ڀٽو صاحبہ ڇانيل هئي. بار بار ٿي چيائين تہ مون بينظير کي هيئن چيو. مون کي بينظير هوئن چيو. مون بينظير کي صلاح ڏني، وغيره وغيره. ڪامريڊ سندس ڪيس ۾ بينظير ڀٽو صاحبہ جي ڏنل بيان جي ڏاڍي تعريف ڪري رهيو هو. ڪامريڊ بينظير صاحبہ سان گڏوگڏ ڀٽي صاحب جي بہ ڏاڍي تعريف ڪئي. ڪامريڊ جي هي گفتگو گهڻن ماڻهن لاءِ نئين ڳالهہ هئي.

ڪامريڊ صاحب چيو تہ اسين پ پ کي اقتدار ملڻ تائين گڏ هونداسين. پ پ کي اقتدار ملڻ گهرجي، اها تاريخي ضرورت آهي. اسان کي تاريخ ڏنڊا هڻي پ پ سان گڏي ڇڏيو آهي. ڀٽي صاحب کي ڦاسي نہ اچي ها تہ نذير عباسي بہ شهيد نہ ٿئي ها. ڪامريڊ صاحب چيو تہ مون بينظير کي چيو تہ ”توهان نيشنلي وڏي آهيو، انٽرنيشنلي آءٌ وڏو آهيان.“

ڪامريڊ ڄام اهو بہ ٻڌايو تہ هن بينظير صاحبہ کي صلاح ڏني هئي تہ هو بلوچ اڳواڻن سان ملاقات ڪري، ڇاڪاڻ جو بلوچ نياڻين جو وڏو احترام ڪندا آهن. ولي خان تہ ضياءَ جي حمايت ڪئي هئي پر بلوچ اڳواڻن مارشل لا جي مخالفت ڪئي هئي. بينظير صاحبہ اها صلاح ڀٽي صاحب کي جيل ۾ ٻڌائي ۽ ڀٽي صاحب پڇيو تہ صلاح ڪنهن ڏني آهي. بينظير صاحبہ ٻڌايو تہ ڄام ساقي، ڀٽي صاحب صلاح جي تعريف ڪندي چيو تہ هاڻ دير ٿي ويئي آهي (ڪجهہ وقت اڳ ۾ پليجي صاحب ٻڌايو هو تہ بينظير صاحبہ کي بلوچ رهنمائن سان ملڻ جي صلاح مون ڏني هئي ۽ ان جي نتيجي ۾ ڊاڪٽر اشرف عباسي بلوچ ليڊرن سان ملڻ ويئي هئي.)

منهنجي ڪامريڊ سان هيءَ پهرين تفصيلي ملاقات هئي پر ايئن پئي لڳو ڄڻ سالن جا واقف هجون. ڪامريڊ کي سنڌي شاگرد تحريڪ وارا پاڻ وٽ چانھہ تي وٺي ويا ۽ آءٌ عاشق جتوئي صاحب ڏانهن ڪچهري تي ويس.

ٽيئين وڳي نسرين ۽ نندڙي سميرا آئي، ملاقات ۾ نسرين ٻڌايو تہ ڪراچي ۾ عاشق صاحب جا گهر وارا ڪيس ليڊي ڊاڪٽر ڏي وٺي ويا هئا، ڊاڪٽر آپريشن جو وقت ڏنو آهي. اتان اٽي ڪامريڊ ڏي ويس. ڪامريڊ سان گڏجي يوسف صاحب ۽ عاشق صاحب ڏي آيس. رستي ۾ ڪامريڊ چيو تہ مون بينظير کي چيو آهي تہ سنڌ پيپلز هاري ڪميٽي کي سنڌ هاري ڪميٽي ۾ ضم ڪيو وڃي. اڄ بہ ـ ٽي دفعا ڪامريڊ سان ڪچهري ٿي پر سندس سموري گفتگوءَ تي بينظير صاحبہ ۽ ڀٽو صاحب جو ئي اثر هو.

اڄ سڀئي اخبارون بينظير صاحبہ جي خبرن سان ڀريل هيون. اخبارن ۾ بينظير صاحبہ جي علاج لاءِ ولايت وڃڻ تي سياستدانن جا تبصرا هئا. انهن تبصرن مان اڪثر سياستدان جي شڪست جو اعتراف ظاهر هو. مولانا امروٽي صاحب چيو تہ بينظير ڀٽو کي ٻاهر موڪلڻ سرڪار جو خوف زده ٿيڻ جو ثبوت آهي. سڀني تبصرن مان مُلي ستار نيازي جو تبصرو واهيات ۽ ڪريل هو. ڪيس ڏيءَ هجي ها تہ اها بہ تبصري تي شرمنده ٿئي ها. اڪثر ملان بينظير ڀٽو صاحبہ ۽ بيگم نصرت ڀٽو صاحبہ جي دشمنيءَ ۾ عورت ذات جا ويري ٿي ويا آهن ۽ انهيءَ دشمنيءَ ۾ ماءُ، ڀيڻ، ڌيءَ ۽ زال جو احترام وساري وينا آهن.

## نئوي نظرياتي جيالا

(15- جنوري 1984ع)

صبح جو قادري سان گڏجي بي ڪلاس ويس. اعجاز خواجہ جي ڪمري تي اخبارون بہ پڙهيون سين تہ وهنتاسين بہ. اعجاز خواجہ نئي جي مشهور سياسي دوستن مان هڪ آهي. پارٽيءَ جو نظرياتي ساٿي آهي. جهڙو روبو جيل ڪان ٻاهر، اهڙو ئي سنجيده روبو جيل ۾ اٿس. چوندا آهن تہ مڙس جي خبر سفر ۾ پوندي آهي، جيل بہ سفر آهي. اهڙو سفر جتي سڄو ڏينهن ساٿي هڪٻئي جي سامهون. ماڻهو سڄو پڌرو ٿيو پوي. سچ پڇ تہ جيل، سفر سان گڏوگڏ سياسي ماڻهن لاءِ تہ ايڪسري مشين بہ آهي.

اعجاز خواجہ جيل جو سنو ۽ صبر وارو دوست آهي. هونئن چند ساٿين کي ڇڏي نئي جا سمورا دوست خالص سياسي ۽ نظرياتي آهن پر تعلقي بنوري ۾ انهن دوستن جي گهڻائي آهي. بنوري ۾ محترم رسول بخش پليجي جي عوامي تحريڪ جو گهڻو ۽ ڪجهہ قوم پرست تحريڪ جو ڪم ڪيل آهي. اڪثر ڪارڪنن تي پليجي صاحب جو رنگ نظر ايندو آهي.

اعجاز سان گهڻو وقت اڳ ۾ ڀهرين تفصيلي ملاقات ٿي هئي. سنڌ جي سينئر وزير ۽ پ پ سنڌ جي صدر عبدالواحد ڪٽپر مون کي پ پ سنڌ لاءِ پنهنجو رابطا آفيسر مقرر ڪيو هو. تعلقي بنوري جي ورڪرن ۾ اختلاف هو. ڪٽپر صاحب مون کي موڪليو تہ انهيءَ بابت رپورٽ ڏيان. اعجاز خواجہ ۽ اسماعيل سوهو جي سنگت ۾ اختلاف هو. ٻنهي سان الڳ الڳ ڪچهري ٿي. ٻنهي گروپن هڪٻئي تي اهو الزام ۾ پئي هنيو تہ مخالف گروپ جو ڳجهي طرح پليجي صاحب جي عوامي تحريڪ سان ۽ ٻئي مخالف گروپ جو قاسم پٽر سنڌيءَ جي گروپ سان تعلق آهي.

محترم محمد خان سومرو، وزير ميمڻ، بابو غلام حسين، مظفر شاهہ، عبدالستار لوهار، ارشاد جتوئي ۽ حميد ميمڻ پارٽي جا اوائلي اڳواڻ دوست آهن. سڀني تي نئي جي نظرياتي سياست جو رنگ ڏسڻ ۾ ايندو آهي. حميد ميمڻ سڏجي ۽ ڏسجي وڏيرو پر سندس اٿڻ ويهڻ، سنگت ساٿ جيلن تائين ڪامريڊن سان. بابو غلام حسين روين، لاڙن ۽ ڪچهرين ۾ نئي جي رنگ ۾ رڱيل پر مزاج ۾ سيئيو رنگ بہ شامل اٿس. نئي جا گهڻو ڪري سڀئي اڳواڻ ۽ ڪارڪن سنا مقرر آهن. ارشاد، ستار لوهار ۽ عثمان سرويچ واهہ جون تقريرون ڪندا آهن. عثمان سرويچ ۽ ارشاد جتوئي تہ شاعري بہ سني ڪندا

آهن. ارشاد پنهنجي تقرير ۾ ٽني جي ٻين اڳواڻن جيان ٻڌائي ۽ اياز جي شاعري سان گڏوگڏ تقرير جي آغاز ۾ وڏي جوش سان چوندو آهي ته

سنڌ خداءِ ڪعبو، ڪينجهر اڙڻ جو ايمان ميان،
جهوپڙ وارن جهانگيڙن لاءِ شاهه جا بيت قرآن ميان.

عثمان سرويچ به پنهنجي والد سرويچ سجاولي جيان، ٺيٺ عوامي ۽ لاڙي ٻوليءَ ۾ خوبصورت شاعري ڪندو آهي. سرويچ سجاولي پنهنجي مخصوص انداز بيان ۾ جوش ڏياريندڙ شاعري سان ساٿين جا جذبا جاڳائيندو رهندو آهي. سندس ٻئي صاحب ۽ محترمه بينظير صاحبه لاءِ چيل گيت ٻاهر توڙي هتي جيل ۾ ڏاڍا مقبول آهن. عثمان سرويچ تقرير سان گڏوگڏ جلسي جي اناؤنسمينٽ به ڏاڍي سهڻي ڪندو آهي. عثمان هتي پنهنجو هڪڙو "خواب" ٻڌائي دوستن کان ڏاڍو داد وصول ڪيو. خواب ٻڌائيندي چيائين:

رات ڏٺو هوم گهوٽ پنائي،
گهمندي روپا ماڙيءَ تي.
اجرڪ جو هوس جهنڊو هٿ ۾،
رت لڳل هئس ڏاڙهيءَ تي.

ٽني جي سياست ۾ هڪڙي پاسي سيئي وڏيرا ۽ سندن اثر ۾ آيل نندڙيرا ۽ ٻئي پاسي ٿورا سڪيا ستابا، پڙهيل ڪڙهيل شعوري سياست ڪندڙ دوست آهن. پارٽيءَ جي پاور ڪان پوءِ وڏيرن پارٽي ۾ ڪاهه ڪئي ته سڀ وڏيرا مخدوم صاحب ۽ جتوئي صاحب سان گڏجي ويا ۽ ورڪر لڏو پهرين مير رسول بخش خان ٽالپر سان ۽ پوءِ ممتاز صاحب جي حوالي سان سڏجڻ لڳو.

محترم اعجاز خواجه به هيل تائين ممتاز صاحب سان گڏ آهي، جن کي جتوئي گروپ مان سمجهي تن سان گهٽ وچڙندو آهي. بي ڪلاس مان عالم شاهه قادري ۽ آءُ گڏجي عاشق صاحب ڏي وياسين. هن ٻڌايو ته جتوئي صاحب خط موڪلي جيل جي دوستن کي چيو آهي ته سندس بيان جي حمايت ڪئي وڃي. اٽڪل 2 وڳي ڏاري خانصاحب قائم خاني سان گڏجي محب شاهه ڏي ويس. دائود خان جي رهائي جو آرڊر اچي ويو هو. سو تياريءَ ۾ لڳو پيو هو. دائود خان ٻاهر پاڻ جاڻي باقي جيل ۾ پيلو آهي. عطا، عالم شاهه، خانصاحب گڏجي جتوئي صاحب جي بيان تي صلاح مشورو ڪيوسين. عطا بيان جي حمايت ڪرڻ جي سخت مخالفت ڪئي. خانصاحب واضح حمايت ڪئي. پوءِ گڏيل صلاح مشوري سان وچٿرو بيان جاري ڪيوسين. بيان عطا کي انگريزيءَ ۾ ڊرافٽ ڪرڻ لاءِ ڏنوسين.

جتوئي صاحب جي بيان تي پرجوش ڪارڪن خوش ڪونهن، ڇاڪاڻ ته هي ڪنهن به رئيس وڏي جي پندرهن ڏينهن يا ٽن مهينن جي آسري تي ڪو نه آيا آهن. هنن کي مصلحت نه پر انقلاب لاءِ جدوجهد پٽي سني لڳي. سندن خيال آهي ته هن تحريڪ جي نتيجي ۾ شهيد ڀٽي جي قاتل ضياءَ جي حڪومت ختم ٿي ويندي ۽ ڀٽي خاندان جي حڪومت موٽي ايندي. ڪارڪن جتوئي صاحب جي بيان کي تحريڪ کي اڌ ۾ بنا نتيجي ختم ڪرڻ جي سازش ٿا سمجهن. پر جيل ۾ موجود سينئر اڳواڻن جو خيال آهي ته هن بيان جي حمايت ڪرڻ کپي. بيان کي پسند ڪرڻ يا نه ڪرڻ کي ڇڏي

رڳو حقيقت پسندي ڪان ڪم ٿو وٺجي تہ هن بيان جي حمايت ٿي ڪرڻي پوي ٿي. چاڪاڻ جو هي بيان ان شخصيت جاري ڪيو آهي جيڪو عملي طرح ايم آر ڊي ۾ پ پ جو نمائندو ۽ سموري ايم آر ڊي جي جدوجهد جو سرواڻ آهي. سندس بيان پ پ لاءِ نہ پر ايم آر ڊي لاءِ پاليسي ساز بيان آهي.

## گل سائين، ڦل سائين

(17 ـ جنوري 1984ع)

اڄ سائين جي ايم سيد جي سالگرهہ هئي. سيني دوستن جي مرضي هئي تہ سالگرهہ ۾ شريڪ ٿجي پر سپاف جي سخت مخالفت سبب شرڪت نہ ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو. رات جو علي احمد خان نظاماڻي ۽ شمس الدين پتافي اسان وٽ رهيا. ڪچهري رات جو دير تائين هلندي رهي. جيل ۾ علي احمد خان، ڏنل خان ۽ شمس پتافي جو گڏ هجڻ بہ خدا جي نعمت آهي. جيل هجي تہ هي شال ضرور هجن پر جي جيل گرم ۽ قيد طويل هجي تہ پوءِ هنن کي موڪل آهي ۽ وري هنن جي جاءِ تي سائين حسين شاهہ ۽ محترم ظفر لغاري کي الله جيل آڻي. رئيس علي احمد خان نظاماڻي، شمس الدين پتافي، ڏنل خان نظاماڻي جيل ۾ واهہ جو ٽڪنبو آهي. ٽئي ڪچهرين جا مور آهن. علي احمد خان جيل کان ٻاهر بہ راڄن جو دوست آهي. هر جماعت ۾ سندس يار ۽ چاهيندڙ آهن. رئيس ڪرم خان نظاماڻي تعلقي هالا جو زميندار آهي. مخدوم خليق سائين جي ساڄي ٻانهن سڏبو آهي. حاجي الله داد راهو (سعيد آباد) چوندو هو "گل سائين تہ گل سائين پر اسان لاءِ ڦل سائين وڏي شيءِ آهي!" (گل سائين مخدوم خليق الزمان کي جماعت وارا چوندا آهن). رئيس علي احمد خان جي ناني ڪافي زرعي زمين جماعت اسلامي کي ڏني هئي. جنهن ۾ وڏو مدرسو ۽ شاگردن لاءِ هاسٽل قائم ڪئي وئي آهي ۽ ٻي زرعي زمين اڃان بہ جماعت اسلامي جي مدرسي لاءِ وقف آهي. هالا ويجهو جماعت جو مرڪز منصوره انهيءَ ڏنل زمين تي ئي آهي. ڏنل نظاماڻي بہ مخدوم صاحب جو مريد آهي پر پڪو پيپلو بہ آهي. لطيفن، مثالن ۽ سنڌي شعرن سان پريو پيو آهي. هلڻ ۽ ڳالهائڻ مهل هٿن جا اشارا ٺيٺ سنڌي، سُر ڏاڍو پيارو اٿس. منهنجو وڏن ڀائرن جهڙو دوست آهي. نارا جيل ۾ بہ گڏ هئاسين. اتي بہ سٺو وقت گذريو.

شمس پتافي ٽنڊي الهيار جو پارٽي ڪارڪن آهي. سندس والد صاحب شيعن جو وڏو عالم هو. شمس بہ ننڍي هوندي ذاڪري ڪندو هو. انهيءَ ڪري اڃا تائين " مولوي" سڏبو آهي. شمس جنهن بہ ڪچهريءَ ۾ هوندو، تنهن ڪچهري ۾ بہ ڪو ڪلڻ کان آجو ڪو نہ هوندو. چرچا، لطيفا، شيعا سني عالم جون اهلون، ويٺلن کي ڪلائي ڪلي ساڻو ڪري ڇڏيندو آهي. بت ۽ هلڻ مان سيڪو سهي ڪري ويندو تہ هن همراهہ ڏڪار ڏٺو ئي ڪونهي. سندس حاضر جوابي ۽ چرچي جا جواب واهہ جا آهن. سڄي جيل جي ڪچهرين جي رونق آهي. هڪڙي ڏينهن مولوي شمس بئرڪ ۾ تاش راند پئي کيڏي تہ اوچتو ٽنڊي الهيار مان سينٽرل جيل بدلي ٿي آيل دوست هن بئرڪ ۾ اچي نڪتا، اهي دوست ٻاهران آيا هئا، وڏي جوش ۾ هئا ۽ هتي سنگت کي 3 مهينا کن ٿي ويا هئا ۽ هڪڙي واندڪائي ٻيو ساڳين ساڳين مهاندن گهٽن کي چيڙائي وڌو هو. نوان دوست جو بئرڪ ۾ داخل ٿيا تہ وڏي جوش ۾ اچي نعرا هنيائون،

”جيئي ڀٽو“ بئرڪ ته جواب ڏنو پر مولوي چيو ”ڦٽوث... اڄ آيا آهيو ويهو صبر ڪريو مهينا گذرن پوءِ هٽجو نعرا ته خبر پوي.“

ٻارهين ربيع الاول جو ڏينهن هو جنرل ضياءَ ٽي وي تي تقرير ڪئي، ڪافي دوست اسپتال ۾ تقرير ٻڌڻ ويا. مولوي شمس به اها تقرير ٻڌي موٽيو ته، ضياءَ تي گارين جا مينهن وسائيندو آيو. پڇيوسين خير ته آهي؟ چيائين ”خدا خانو خراب ڪري جنرل ضياءَ جو آزاد به ڪو نه ڪيائين رڳو اسان جي ماني حرام ڪري ڇڏيائين.“ چيوسين وري ڇا ٿيو؟ چيائين ”او ڇا ٿيو؟ اخبارن ۾ پئي آيو ته ٻارهين ربيع الاول تي قيدين جي آزاديءَ جو اعلان ٿيندو، سنگت به هئي نڪرڻ لاءِ آتي، سو آزاديءَ جي خوشي، وٺي يارن وار ٺهرايا ۽ لاٿا. بئرڪون سموريون ڪليون پيون آهن. واءُ جو لڳو آهي ته سڀ وار آهن بئرڪ ۾. پٽ، ماني ٻوڙ سڀ وار لڳا پيا آهن. هڪڙو گرهه به حرام آهي.“

مولوي شمس جي ڳوٺان سندس مائٽ ملڻ آيا. سيخن واري ڪمري ۾ ملاقات هئي. هي پهلوان مڙس هن پاسي، مائٽ هن پاسي. مائٽ شمس کي ڏسي پاڻ ۾ سرائڪي ۾ ڳالهايو ته ”مڙس ته ڏسو جهڙو شينهن پڃري ۾ پيو آهي، واهه جو پيو نهي، شمس آهستي ڪين چيو ته پرئين پاسي بيٺا چئو ته مڙس ته ڏسو شينهن پيو لڳي، هن پاسي اچو آءٌ توهان واري پاسي ٿو اچان، پوءِ ٻڌايو ته شينهن آهيو يا گدڙ. اسانکي سر جي لڳي پئي آهي هنن کي شينهن پيا لڳون، گهر وٺي پيا...“ مولوي شمس پٽافي تمام سنو مقرر به آهي.

رئيس ڏنل خان، علي احمد خان ۽ مولوي ڪنهن ڪنهن رات دوستن وٽ ڪچهريءَ لاءِ ٻين بئرڪن ۾ به وڃي رات رهندا آهن. پنهنجي بئرڪ مان ٻئي بئرڪ ۾ ويندا آهن ته چوندا آهن ته اڄ فلاڻي بئرڪ ۾ راڳ آهي سو خانصاحب اوڏانهن پيا وڃن. ٻين بئرڪ ۾ ويندي لڳندا به ايئن ئي آهن. ڏنل خان کي شال، مولوي ۽ علي احمد کي اجرڪون اوڍيل، هٿن ۾ ڪمبل جا ٿيلها، ڪڇن ۾ وهاڻا. علي احمد خان ۽ ڏنل خان اڳ ۾ رها ٿي ويا. مولوي اڪيلو رهجي ويو. پوءِ پيو چوندو هو ته ”ادا ايم آر ڊي جي آر ڊي رها ٿي ويئي آهي باقي ايم وڃي بچي آهي.“ (M- مولوي R- رئيس D- ڏنل خان).

اڄوڪي اخبار ۾ ممتاز ڀٽي صاحب جي حمايت ۾ بيان شايع ٿيو آهي، جنهن ۾ پارٽيءَ جي ڪافي رهنمائن جا نالا آهن. اهو ٻيهريون دفعو آهي جو ممتاز صاحب جي حمايت ۾ بيان شايع ٿيو آهي ۽ جتوئي صاحب به پنهنجي حمايت ۾ بيان وٺي رهيو آهي. جيئن وڻين تيئن ڪن، پارٽي جي ورڪرن ۽ عوام جي حمايت انهن کي هوندي جنهن جي حمايت بيگم نصرت ڀٽو صاحبه ۽ محترمه بينظير ڀٽو صاحبه جن ڪنديون.

# هاءِ! لوڊشيڊنگ

18- جنوري 1984ع

گذريل ڪجهه ڏينهن کان صبح سوير کان ئي بجلي بند ٿي ويندي آهي. شايد لوڊشيڊنگ جي ڪري ايئن ٿي رهيو آهي. انهيءَ ڪري صبح جو چانهه ڪو نه ملندي آهي. ڪافي دير سان ٺاهيندا

آهيون. 10 وڳي ڌاري بشير ڀڳهئي ڏي ويس. ڪيس تيز بخار هو. محب شاهه سان ملڻ ويس ته ڪيس به بخار هو. جيل ۾ بيماري به هڪ وڏو عذاب آهي. جيل جي بيوسي، بيماريءَ ۾ اڪيلائي، قيد جي احساس کي اجا وڌايو ڇڏي. ملاقات جي خيال سان ماڙيءَ ۾ ويس ته ماڙي ۾ ڪي نوان دوست داخل ٿيا. سيئي دوست هئا. جن ۾ سانگهڙ جو پيارو ۽ سدا ملوڪ فدا حسين ڏيرو نمايان هو. ساڻس مليس. ڀڏايائين ته ذلف (ذوالفقار بلوچ الله داد چنڊ جو ڳوٺ حيدرآباد) فيض محمد ابڙو (پينڊو تعلقو حيدرآباد) ۽ ٻيا ڪافي دوست آيا آهن. ذلف جي اچڻ جي ڏاڍي خوشي ٿيم جو ذلف ۽ شريف قريشي منهنجي ڇوٽڻ تي گرفتاري ڏني آهي. گرفتار ٿي ذلف ناري جيل ۽ شريف سکر جيل وڃي نڪتو. ناري جيل جي سيني دوستن ذلف جي تعريف پئي ڪئي. سکر جيل مان آيل خطن ۾ شريف جي تعريف هئي. ٻئي ٻيهريون دفعو جيل آيا آهن. شريف جي ته شادي به تازي ٿي آهي.

ناري جيل مان آيل دوستن پاڻ ۾ گڏجي رهڻ لاءِ پئي چيو تنهن ڪري بئرڪ 13 ۾ سيني کي گڏ رهايو ويو. اي ڪلاس ڏي ويس ته عاشق صاحب وٽ ڪامريڊ ڄام ۽ طارق اشرف ويٺل هئا. عاشق جتوئي ٻڌايو ته بيان سپاٽي موڪلٽو آهي. سيئي گڏجي ماڙي تي آياسين جو موري جو پيارو دوست ضياءَ سومرو ۽ دادو ميونسپل ڪميٽي جو چيئرمين مهتاب قريشي آزاد ٿي رهيا هئا ۽ حسب دستور اسان سمورن دوستن کي کين الوداع چوڻو هو.

ماڙيءَ مان ٻاهر نڪتاسين ته اسپيشل وارڊ ڪان چاچي شاهنواز خان کي ايندي ڏٺم. ساڻس وڃي مليس. خبر پئي ته چاچو به اڄ ئي نارا جيل مان بدلي ٿي آيو آهي. چاچو هن دفعي ڪافي ڪمزور ٿي لڳو لٿل به هو ۽ آواز مان به سندس هيٺائي پئي ظاهر ٿي.

رات جو بئرڪ ۾ ڪراچي مان رڪارڊ ٿي آيل ممتاز صاحب جو بيان ٻڌوسين. هن بيان ۾ ڪنفيڊريشن جي تجويز ڏني ويئي هئي.

## ضياءَ جي تقرير ۽ عورت جو قصو

(19 _ جنوري 1984ع)

اڄ يارهين وڳي ڌاري جتوئي صاحب جي بيان جي حمايت ۾ لکيل بيان عاشق جتوئي جي حوالي ڪيوسين. بيان تي عطا الرحمان، عالم شاهه، الاهي بخش قائمخاني، ذلف، قادري، منور ڀٽ، محمد صالح ڀٽ، مون ۽ ٻين ڪافي دوستن جون صحيحون ڪيل هيون.

اڄ اخبارون اسلامي سربراهه ڪانفرنس ۾ جنرل ضياءَ جي ڪيل تقرير جي تعريف سان پريون پيون هيو. تعريف ۾ اهو به چيو ويو هو ته 1965ع ۾ اقوام متحده ۾ ڀٽي صاحب جي ڪيل تاريخي تقرير جهڙي تقرير هئي. ملڪ جي مولوين، ضياءَ جي تقرير کي عظيم اسلامي خدمت قرار ڏنو ۽ سرمائيدارن، سرڪاري دانشورن ۽ سياستدانن ضياءَ جي تقرير کي بين الاقوامي مدبرانه تقرير قرار ڏئي ضياءَ جي سرڪار جي فيور ۾ قوالي جو نذرانو پيش ڪيو هو. اخبار ۾ لکيل هو ته ترڪيءَ جي صدر ڪنعان ايورن تقرير ٻڌي روئي ڏنو. شاهه فهد اٿي وڃي ضياءَ کي مبارڪباد ڏني. اردن به ڪافي تعريف

ڪئي. دوستن بہ انهيءَ تقرير تي ٽيڪا ٽپڻي پئي ڪئي. انهيءَ تي هڪ ڳالهہ اچي ياد پيم ۽ سنگت کي ٻڌايم تہ هڪڙي عورت جيڪا ٻئي ڪنهن ڳوٺ ۾ پرڻيل هئي تنهن وٽ وڏي عرصي کان پوءِ پنهنجي اباڻي ڳوٺ مان ڪو مهمان آيو. مائي وڏي اڪير مان مائٽن ۽ ڳوٺ وارن جا حوال پئي ورتا. مهمان ڳالهين ڪندي ٻڌايس تہ "تنهنجي پاءُ کي ڳوٺ جو چڱو مڙس ڪيو اٿن." ان ڳالهہ جو ٻڌڻ هو ۽ مائي اچي روئڻ پئي. مائي جي ساهراڻي ڳوٺ جا مرد مايون اچي مڙيا، تن روئڻ جو سبب پڇيو. ڳوٺ وارن مائي کي چيو تہ "حيرت آهي، تنهنجي پاءُ کي چڱو مڙس ڪيو اٿن ۽ تون پئي روئين!" تڏهن مائي چيو تہ روئان انهيءَ تي ٿي تہ "منهنجي ڳوٺ ۾ شايد ڪو بہ ڪو نہ بچيو آهي تڏهن تہ منهنجو پاءُ چڱو مڙس ٿيو آهي."

سو ضياءَ جي تعريف ڪيئن نہ ٿيندي، جو ڪونهي ڪو ملڪ ۾ مڙس چوندا آهن تہ جتي وڻ ناهي اتي ڪانڌيرو بہ درخت، ڪنعان ۽ ضياءَ تہ سڳا ڀائر، ٻئي جمهوريت جا قاتل آهن. ڪنعان کي پنهنجي پاءُ جي تقرير ۽ تعريف ٻڌي روئڻ آيو هوندو يا وري پاڪستان جي ڀاڳن تي رنو هوندو. اردن کي بہ تعريف ضرور ڪرڻ کپي جو ضياءَ اردن جي شاهہ جو اهو نمڪ حلال پاڪستاني جنرل آهي، جنهن هزارين فلسطيني شهيد ڪري اردن جو اعليٰ ترين اعزاز حاصل ڪيو آهي ۽ شاهہ فهد تي بہ ضياءَ جي تعريف واجب آهي ڇو تہ جنهن آمريڪا جو فهد ڪمدار آهي تنهن آمريڪا جو ضياءَ وري در جو ٻانهو آهي. باقي اسان وارن سرڪاري سياستدانن ۽ دانشورن جي هر باشعور شهري کي خبر آهي ۽ اسان وارن ملن جي تہ ڳالهہ ئي ڪهڙي! هونئن جڏهن بہ ڪنهن حاڪم، ڪنهن مُلي کي ڳرانٽڙي پائي قدمن ۾ ويهاريو آهي تڏهن ان ملي بادشاهہ جي رضا لاءِ سوئر کي بہ حلال ڪرڻ ۾ دير ڪو نہ ڪئي آهي.

اڄ ٿوري دير لاءِ اسپيشل وارڊ ۾ محترم ڄام ساقي ۽ رفيق صفيءَ سان ملاقات ٿي. ٻئي دوست اسان جي سياسي ڪم مان خوش هئا. منهنجي اسٽڊي سرڪل هلائڻ جي تعريف ڪندي چيائون تہ جيل ۾ "اهو حقيقي سياسي ڪم آهي." منهنجي رفيق صفيءَ سان اها پهرين ملاقات هئي. ننڍي هوندي سندس پاءُ جون ون يونٽ جي خلاف احتجاجي جلوسن ۾ تقريرون ٻڌيون هيون. رفيق صفي کي اي ايس سي ۾ انجنيئر هو. مٿس جاسوسي جو الزام هڻي 25 سال سزا ڏئي جيل اماڻيو اٿن. ڪجهہ ڏينهن ٿيندا جو سکر مان بند وارڊ ڪري هيڏي موڪليو ويو. جيل ڪميٽيءَ کي خبر پئي تن ڪوشش ڪري سندس ڏنڊا ٻيڙي کولرائي اسپيشل وارڊ منتقل ڪرايو آهي.

## پيپلزپارٽي ۽ ٻروچ

(23- جنوري 1984ع)

ٻن ٽن ڏينهن جي وقفي کان پوءِ اڄ وري ڪافي سردي آهي. ڪالهہ سروري جماعت جا اٽڪل 40 ڄڻا دوست ضمانت تي آزاد ٿيا. اڄ اسان وٽ نارا جيل مان آيل دوستن جي چانهہ پارٽي هئي.

يوسف ٽالپر، عاشق جتوئي، الله جڙيو پتافي، بابو غلام حسين، اعجاز خواجہ، شاهنواز خان، سکر

جيل مان آيل دوست ڄام ساقي، نذير لاشاري نياز ٻٽي، مسعود ٻٽي سميت ڪافي دوست ڪچهري ۾ شريڪ ٿيا. حسب معمول دوست شمس پتافيءَ جي چرچن ڀوڳن محفل مچائي ڇڏي. مڙس ڪلائي ڪلائي ڪيرو ڪري ڇڏيو. شمس پتافي جيڪو پاڻ بہ شيعہ برادري سان تعلق ٿو رکي ۽ مجلسون بہ پڙهندو آهي، تنهن شيعن جا چرچا پئي ٻڌايا تہ حاجي غلام حيدر نظاماڻي ڪليو پئي. جڏهن سنين جو وارو وريو تہ شمس تي جتي ڪٽي اٿيو. حاجي صاحب کي ڪافي سمجهايوسين پر ناراض ٿي محفل مان ويو هليو.

رئيس غلام حيدر جي وڃڻ کان پوءِ اڇي ٻروچن جو ذڪر نڪتو. ڪامريڊ بہ ٻروچن تي ڳالهائيندي ڳالهائيندي حسب معمول پارٽيءَ تي ڳالهايو ۽ چيائين تہ پيپلزپارٽي بہ ٻروچ آهي ۽ ڏپ آهي تہ متان وري بيوفائي ڪري. ڪامريڊ کي ڇيہ تہ ٻروچ تہ بخت ۽ تخت کان بي پرواهہ ٿي ناتو نڀايو. بيوفائي پنهون نہ پر ڀائرن ڪئي، دغاباز ڀائر هئا تن تي ڳالهايو تہ بهتر آهي. مون کي وارهہ ۾ هڪڙي مائٽ جو ٻڌايل قصو ياد اچي ويو. سنگت کي ٻڌايم تہ اهو مائٽ هڪڙي ڳوٺ ۾ ڪم سانگي ويو. اتي حسب دستور رات جو ڪچهري تي سنگتي ساٿي گڏ ٿيا. اڇي ڪچهري هلي، ڪچهري ڪل ڀوڳ ۽ چرچن ڪانسواءِ اڌوري، سو چرچن ۾ اڇي همراهن ٻروچن تي سسئيءَ جي حوالي سان ڀرين چرچا ۽ پوءِ جنيون ڪرڻ شروع ڪيون. مائٽ بہ جواب ڏئي اڇي ڦاٿو ۽ چڙ مان چيائين تہ ادا ڏوهہ "ٻروچن" جو ڪو نہ هو. ڏوهہ "ڏيرن" جو هو. هن محفل ۾ ويٺل بہ ٿي همراهہ چڙي اٿي پيا. تڏهن خبر پئي تہ اهي همراهہ ذات جا ڏيرا هئا.

ڪافي دير ڪچهري هلي، سڀئي دوست ڪلندا ڪلندا پنهنجي بئرڪن ڏانهن روانا ٿيا. جڏهن کان ناري وارا دوست آيا آهن جيل ۾ ڀيهر رونق اڇي ويئي آهي. دعوتن ۽ ڪچهرين جي گهما گهمي لڳي ويئي آهي. اڄ ملاقات تي خبر پئي تہ ڀيڻ ۽ عمير بيمار آهن.

## پيرول کان انڪار

(25ـ جنوري 1984ع)

صبح جو اٽي عالم شاهہ ۽ آءٌ اسپتال وڃڻ لاءِ ماڙيءَ تي آياسين تہ خبر پئي تہ پوليس اسپتال ۽ ڪورٽن جا قيدي وٺڻ ڪو نہ آئي آهي جو گورنر اڄ شيخ پرڪيو ويندو ۽ پوليس سندس حاضري ۾ ويل آهي. ٻاهر اسپتال ان ڪري وڃي رهيا هئاسين تہ ڪالهہ خبر پئي هئي تہ عالم شاهہ جو سؤٽ سخت بيمار آهي ۽ سندس بچڻ مشڪل آهي.

11 وڳي ڏاري غلام نبي ڪوسو آيو. ٻڌايائين تہ عالم شاهہ جو نوجوان سؤٽ گذاري ويو آهي. عبدالله ملاح، ابوبڪر زرداري ۽ مون ڪافي ڪوشش ڪئي تہ عالم شاهہ پيرول تي رها ٿئي. ايس پي جيل مارشل لا حڪام سان ڳالهايو جواب مليو تہ درخواست موڪليو. درخواست موڪلي سين. ورندي ملي تہ اسان کي اختيار ڪونهي تہ عالم شاهہ کي پيرول تي رها ڪريون.

واهہ جو جواب هو تہ "اسان کي اختيار ڪونهي." سڄي سنڌ تي گوليون هلائڻ، سڄي سنڌ کي

گرفتار ڪري جيل اماڻڻ ۽ جيل جي معائني دوران بروقت رها ڪرڻ، ڪيسن جون اپيلون ٻڌڻ، جيلن ۾ ڪلاس ڏيڻ سميت سموري سول انتظاميه تي اختيار رکڻ ۽ مير اعجاز ۽ سيد منل شاهه کي پڦيءَ ۽ نانيءَ جي وفات تي پيرول تي رها ڪرڻ جو اختيار آهي، باقي عالم شاهه کي پنهنجي نوجوان سؤٽ جي جنازي ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ پيرول تي رها ڪرڻ جو ڪين اختيار ڪونهي.

اسان جي ڪوشش هئي ته عالم شاهه کي اها خبر ٻاهر پئي پر جڏهن ڪافي ڪوشش جي باوجود به عالم شاهه جنازي ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ پيرول تي رها نه ٿي سگهيو ته مايوس ٿي اها خبر عالم شاهه کي ٻڌائي سين. عاشق جتوئي، يوسف ٽالپر، ابوبڪر ۽ آءٌ گڏجي ڊپٽي ڏي وياسين. سيني سخت رويو اختيار ڪيو خصوصًا عاشق جتوئي تمام سخت لهجي ۾ جيل وارن کي اهو واضح ڪيو ته عالم شاهه لاءِ وڃڻ جو بندوبست ڪرايو نه ته جيل جي صورتحال خراب ٿيڻ جي ذميداري جيل وارن تي هوندي. ملاقات جي نتيجي ۾ جيل وارن پنهنجي طرفان ليٽر لکي ٻاهرين همراهه جي معرفت هوم سيڪريٽريءَ ڏي موڪليو.

## پي اين اي جي مخالفت ۽ حسين شاهه جي داستان گوئي

(24- فيبروري 1984ع)

رات جا 10 ٿيڻ وارا آهن. ڪالهه رات به بجلي ڪا نه هئي. اڄ به ڪافي ڪوشش جي باوجود لائٽ ڪو نه آئي. ڪالهه وانگر اڄ به 8 وڳي بند ٿيا آهيون. هينئر 3 لالٽين ڏيئي ويا آهن. هڪڙو صفدر جميل وارن پاڻ وٽ رکيو آهي. اهي لوڊو راند وينا کيڏن. ٻيو عالم شاهه وارن جي پاسي بئرڪ جي در تي پيو آهي. عالم شاهه وارن جي پاڻاري تي عرس خاصخيلي گيت وينو ٻڌائي. عطا ۽ آءٌ لالٽين وچ ۾ رکيو وينا لکون.

ڪالهه ڪچهريءَ ۾ شريڪ ٿيس. ٻنپهرن جو ذلف ۽ اختر ملاقات تي آيا. اڄ پروگرام موجب جنرل باڊي جي گڏجاڻي ٿي. بئرڪ 9 ۾ پير معظم وارن وٽ دوست گڏ ٿيا. عالم شاهه، منير پرڳڙي، ڪامريڊ شمس الدين ميمڻ ۽ عابد زبيري تقرير ڪئي. فيصلو ڪيو ويو ته 27 تاريخ علامتي بک هڙتال ڪئي ويندي.

گڏجاڻيءَ کان پوءِ خانصاحب، عالم شاهه، عطا ۽ آءٌ گڏجي محب شاهه ڏي وياسين، نقوي صاحب به وينو هو. ڪچهري ۾ نقوي صاحب پنهنجي عادت موجب شهيد پٽي ۽ پ پ تي تنقيد ڪرڻ شروع ڪئي. نقوي عادت موجب تنقيد ضرور ڪندو آهي ۽ محب شاهه دستور مطابق وڙهڻ شروع ڪري ڏيندو آهي. ٻئي لفظن جي چٽي ويڙهه ۾ مصروف ٿي ويا. محب شاهه گهڻو ڪري تنقيد جي جواب ۾ پي اين اي جي حمايتن سان جنيون ڪندو آهي. گڏجي سڏجي ڪين بس ڪرائي سين. نقوي چيو ته ”اسين محسوس ٿا ڪريون ته پ پ جا ڪارڪن پي اين اي جي تحريڪ کي وساري نٿا سگهن ۽ انهن پارٽين سان شديد نفرت ٿا ڪن. ايم آر ڊي ۾ شامل پي اين اي جي حمايتي جماعتن جا اڪثر ساٿي اها ڳالهه ڪري پ پ تي احسان جتائيندا آهن ته هو ايم آر ڊي ۾ شامل ٿيا آهن. اسين اهڙن دوستن

جون ڳالهيون ٻڌي ظاهري طرح منافقي ڪان ڪم وٺندي ڪين پرچائيندا آهيون ۽ ڪين يقين ڏيارڻ جي ڪوشش ڪندا آهيون ته اوهان سان اسان ڪي ڪا به نفرت ڪونهي، بلڪ اوهين اسان ڪي پنهنجن ٻچن کان به مٺا آهيو. مون وچ ۾ مداخلت ڪندي نقوي صاحب کي سمجهائڻ لاءِ چيو ته ”اهڙي ڪا به ڳالهه ڪونهي. اسان سياست جي ضرورتن کي محسوس ڪندي هر ڳالهه کي وساري ڇڏيو آهي ۽ پي اين اي جي ڪجهه پارٽين سان ته پ پ پ جي ڪارڪنن جي ياري ٿي ويئي آهي ۽ نوابزادو نصرالله خان به انهن محبوبن مان آهي. باقي پي اين اي جي تحريڪ جي ذڪر تي پ پ وارن جو جذباتي ٿيڻ يقيني ڳالهه آهي، ڇاڪاڻ ته انهيءَ تحريڪ جا ڏنل ڦٽ پراڻا ڪو نه ٿيا آهن. انهيءَ تحريڪ جي نتيجي ۾ سنڌ خاص طور تي، سموري ملڪ عام طور جيڪي عذاب سٺا آهن تن جو ڪاٿو ئي ڪونهي. ملڪي سياست ۾ تشدد جو آغاز انهيءَ تحريڪ کان ٿيو. سياست کي دشمني ۾ انهيءَ تحريڪ بدلايو. اها تحريڪ لساني نفرت جو باعث بڻي. انهيءَ تحريڪ دوران شهيد ڀٽي کي ”سنڌي وڏيرو“ چئي سنڌس حڪومت ختم ڪرڻ ۽ ڪيس ڦاسيءَ ڏيڻ جا اعلان ڪيا ويا. انهي تحريڪ جي نتيجي ۾ پ پ جي ڪارڪنن جي محبوب ليڊر شهيد ذوالفقار علي ڀٽي کي ڦاسي آئي. ڦاسيءَ تي شهرن ۾ مٺايون ورهايون ويون. شهرن ۾ دڪانن ۽ رستن تي ڀٽي صاحب جي تصوير کي رسن جون ڦاسيون ٺاهي لٽڪايو ويو. انهيءَ تحريڪ جو ظلم رڳو ڦاسي تي ختم ڪو نه ٿيو پر ڦاسيءَ کان پوءِ ڀٽي خاندان، سنڌ جي مسڪين ماروئڙن ۽ پنجاب جي پ پ جي پرجوش ڪارڪنن جيڪي سور سٺا آهن تن جي تذڪري لاءِ ته ڪيئي ڪتاب درڪار آهن. موجوده تحريڪ ۾ به سنڌ ۾ جيڪو تشدد ڪيو پيو وڃي اهو به انهيءَ انسان ۽ جمهوريت دشمن تحريڪ جو ئي تسلسل آهي. پوءِ ڀلا پ پ جو ڪارڪن پي اين اي جي تحريڪ جي تذڪري تي جذباتي ڪيئن نه ٿيندو ۽ ڪيئن ڀلا پي اين اي کي وساريندو؟ عباس نقوي ڪجهه ٺڏو ٿيو ۽ بيزاريءَ مان چيائين ته ”اوهين بلڪل صحيح ٿا چئو پر منهنجو ڏوهه ڪونهي، دراصل آءٌ گهڻا ماڻهو ڏسي پريشان ٿي ويندو آهيان. گهڻن ماڻهن ۾ رهي نه سگهندو آهيان ۽ نه ئي گهڻو بحث مباحثو ڪري سگهندو آهيان. آءٌ ان طبيعت جو آهيان ته مون کان اڪيلائي وارو ڪم ورتو وڃي. آءٌ ڪنهن ڪمري ۾ ويهي ڊرافٽنگ ڪرڻ جو ماهر آهيان. قرارداد يا اهڙو ڪو مواد جيڪو هڪ وقت گهڻين ڌرين کان متفقه طور پاس ڪرائڻو هجي ته آءٌ اهڙو ڪاميابي سان لکي ويندس“ ۽ پوءِ ٻڌايائين ته ايم آر ڊي جو افغانستان متعلق نهراءُ ۽ ٻيا به سمورا نهراءُ سنڌس ئي لکيل آهن.

اتان اٿي بئرڪ ڏي آياسين، لائٽ ڪو نه هئي. آفتاب رضا ۽ خانصاحب ٻاهر ويٺا هئا. 8 وڳي تائين ٻاهر ڪچهري ڪئي سون. ڪچهرين ۾ حيدرآباد جا دوست وينا هوندا آهيون ته سائين حسين شاهه جو ذڪر ضرور نڪرندو آهي ۽ اڄ به ذڪر اهو ئي نڪتو. حسين شاهه پاڻ نه هجي ته سندس ڳالهيون ضرور هونديون آهن. سندس تبصرا ۽ تشبيهون سيني دوستن کي ڪلايو وجهن. سندس ڳالهيون رڳو ڪلائڻ واريون نه پر حيران ڪندڙ هونديون آهن. جنهن جو ذڪر ڪندو تنهن جي ڏاڏي کان ٿي بيهندو، جڳن جو ڳالهيون ڪندي پاڻ به جڳن جو لڳندو آهي. ڳالهه ايئن ڪندو جهڙو اکين ڏٺو شاهد هجي، تڏهن سنگتي چوندا آهن ته سائين گانڌيءَ سان لوڻ واري تحريڪ ۾ شريڪ هو پر اڃا تائين چوڪرو لڳو پيو آهي. شايد قيامت جا تڏا ويڙهيندو. حسين شاهه ٻڌائيندو آهي ته ٽنڊي مير

محمود ڪان ٻيڙيءَ ۾ ويهي ڄامشوري تائين ويندا هئاسون ۽ تڏهن ڄامشوري واري پل ڪو نہ هئي. هڪ ڏينهن مخدوم خليق الزمان سان ڪراچيءَ ۾ قائداعظم جي قبي وٽان پئي لنگهياسون تہ سائين حسين شاهہ هڪڙي اسڪول ڏانهن اشارو ڪندي مخدوم صاحب کي ٻڌايو تہ توهان هن اسڪول ۾ هيترا سال پڙهيا آهيو. مخدوم صاحب حيرانگيءَ مان پڇيو: اها ڳالهہ اوهان کي ڪنهن ٻڌائي ڇاڪاڻ تہ ان ڳالهہ جي رڳو مون کي خبر آهي.

ايم آر ڊي کي منظم ڪرڻ جي سلسلي ۾ مخدوم صاحب سان گڏ سکر مان پئي موٽياسين ۽ ڪنڊياري ۾ خشڪ دوستن وٽ مانيءَ لاءِ ترسياسين. تہ اتي سائين مراد شاهہ بہ اچي نڪتو. ڪڇهري ڪندي حسين شاهہ، مراد شاهہ کان پڇيو تہ سائين اوهان جي والد صاحب روزانو صبح جو گل پٽ شاهہ ۽ سيوهڻ موڪلڻ جو سلسلو شروع ڪيو هو اهو اڃا هلي رهيو آهي يا بند ٿي ويو؟ مراد شاهہ ڳالهہ ٻڌي ڏاڍو حيران ٿيو چيائين تہ اهو سلسلو جاري آهي. روزانو صبح جو گل پٽ شاهہ ۽ سيوهڻ اماڻيندا آهيون. پوءِ تہ حسين شاهہ آهستي آهستي مراد شاهہ کي سندس ڪاروبار ۽ ملڪيتن جو ٻڌائڻ لڳو. مراد شاهہ حيران هو ۽ سنگت مرڪي رهي هئي.

هڪ دفعي ايم آر ڊي جي تنظيم سازي ڪرڻ جي سلسلي ۾ ڪامريڊ فاضل راهو ۽ سائين حسين شاهہ دادو ويا. فاضل راهو اتان لاڙڪاڻي هليو ويو ۽ پنهنجي هڪ دوست کي چيائين تہ حسين شاهہ کي حيدرآباد وٺي وڃجو. پر فاضل جي وڃڻ کان پوءِ اهو دوست حسين شاهہ کي دادو ۾ ئي ڇڏي ويو هليو. سائين جيئن تيئن حيدرآباد پهتو اسان سان احوال ڪيائين. چيائين پهرين خبرون وٺان تہ اهو ڪامريڊ جو سنگتي آهي ڪير! تنهن کان پوءِ انهيءَ سان پلاند ٿيندو. ٻئي ڏينهن سائين مليو تہ انهي همراهہ جي اچي ڏاڍي ڪان ٿي بيٺو. ٻڌايائين تہ اهو اڳوڻو ٽپيدار آهي. دادو مان فاضل جي سنگت ۾ لڏي هتي آيو آهي، بدين ۾ بہ رهيو آهي، هيتري هيتري زمين سرڪاري قبائي اٿس. وري اچي ڪليو ۽ چيائين تہ ”ٽپيدار جو ٻڌي باهہ جهڪي ٿي وئي آهي، غلطي ڪامريڊ ڪئي جو پوءِ ڊائي جي حوالي ڪري ويو هن کي ڪهڙي خبر تہ پاڻ ڪهڙي بلا آهيون. اهو پنهنجو پلاند ڪامريڊ ڏي ٿيو.“

سکر جيل بدلي ٿيڻ کان اڳ ۾ سندس پٽ ملاقات تي آيا. ملاقات تان ٿي آيو تہ ضياءَ تي گار جي رئي هجيس، پڇيوسين خير تہ آهي؟ چيائين ”اڄ ٻار مون کي شيخن اندر ڏسي حيران هئا. ڇو جو گرفتاري کان هڪ ڏينهن اڳ ڪين گهمائڻ راڻي باغ وٺي ويو هوس، اتي پولڙن کي پڃرن ۾ ڏٺو هئوسين، اڄ وري مون کي پڃري ۾ ڏٺئون تہ حيران هئا تہ بابا ڇو پولڙن واري پڃري ۾ بيٺو آهي“ سائين هتي هو تہ جڳن جون خبرون بہ پيون پونديون هيون تہ وقت بہ سٺو پيو گذرندو هو.

رات 8 وڳي بند ڪيو اٿن، ڪافي عرصي کان پوءِ تارن پري رات ڏٺي سين. 1977ع ۾ نارا جيل ۾ تہ چئن مهينن کان پوءِ رات ۾ آسمان ڏٺوسين، جو گرمي قيامت جي هئي، مينهن بہ غضب جو وٺو سڃي ڇت پئي ٽمي ۽ اسان ٿانوَ ٺڪر ٽمڻ وارين جاين هينان رکي ڇڏيا. سيد روشن شاهہ (ٽنڊو قيصر) ڏنل خان نظاماڻي (ٽنڊو قيصر)، حبيب الله ناريجو ۽ آءٌ هنڌ ويڙهيو انهن تي چڙهيو وينا هوندا هئاسين. ڏنل خان پيو ڪلام ڳائيندو هو ۽ اسين وينا ٻڌندا هئاسين. ٻي وات بہ ڪا نہ هئي. گهٽيون راتيون ايئن گذريون، تان جو مولائي سپرنٽنڊنٽ شاهہ صاحب کي اسان تي رحم اچي ويو ۽ بند نہ ڪرڻ جو حڪم

ڏنائين.

اڄ جمعو هو. ڪچهري ڪو نہ ٿي. صبح جو علي مردان چانڊيو هڪ ساٿي سان گڏ آيو. علي مردان لنواري جي ستن خونن جي ڪيس ۾ آيو آهي. سپاف ضلعي بدين جو جنرل سيڪريٽري رهي چڪو آهي. بدين دوري تي ويندا هئاسين. لنواري اسٽيٽ جو مئنيجر ڏاڏو آخوند گاڏي موڪليندو هو ۽ اسين لنواري ضرور ويندا هئاسين. لنواري ۾ سپاف جا سنا جلسا ٿيندا هئا. لنواري جي هڪڙي جلسي ۾ مون چيو تہ ”جنهن عظيم شخصيت وٽ پٽائي پلارو پاڻ هلي اچي ۽ جنهن لاءِ فرمائي تہ

مون سي ڏنا ماءِ، جنين ڏٺو پرينءَ کي،
تنين سندي ڪاءِ، ڪري نہ سگهان ڳالهڙي

تنهن بزرگ جي ابدي آرام گاهہ مون لاءِ جهوڪ، پٽ شاهہ ۽ درازا وانگر مقدس هنڌ آهي. ”منهنجي انهي تقرير جي تفصيل لنواري جماعت جي روحاني پيشوا پير گل حسن صاحب ٻڌي تہ مون کي پاڻ وٽ اچڻ لاءِ نياپو ڏياري موڪليائين. علي مردان چانڊيو جيڪو سپاف ضلعي بدين جو اڳواڻ هو تنهن سان گڏجي پير صاحب وٽ ڪراچي ويو هوس. پير صاحب وڏي پيار سان مليو. پير صاحب کي تمام سادا ڪپڙا پهريل هئا. جنهن صوفي تي ويٺا هئا ان تي هرڻ جي کل وڇايل هئي. پير صاحب وٽ هڪ پيو شخص بہ ويٺل هو جنهن جو پير صاحب تعارف ڪرائيندي ٻڌايو تہ هي لنواري جماعت جو فرد آهي ۽ پيرس ۾ رهندو آهي. پير صاحب منهنجو تعارف ڪرائيندي ڏاڍا پيار وارا ۽ همٿائيندڙ جملا ڳالهايا.

پير صاحب وٽ ڪافي دير ڪچهري ٿي. ڳالهين مان لڳو پئي تہ سچي دنيا هئي پير صاحب جي اکين آڏو. پير صاحب جي روشن خيالي انهيءَ مان ئي ظاهر هئي جو پير صاحب مون کي نصيحت ڪئي تہ پنهنجي تقريرن ۾ سنڌ ۾ موجوده بيچڙي رواج ادي بدي جي شاديءَ جي مخالفت ڪريان ۽ سنڌ ۾ عورتن جي تعليم لاءِ جاکوڙ ڪريان. پير صاحب پنهنجي جماعت ۾ بہ نياڻين جي تعليم تي توجهہ سان گڏوگڏ مردن توڙي عورتن جي فوجي ٽريننگ وٺڻ لاءِ هدايتون ڪيون.

پير صاحب جي وفات کان پوءِ درگاهہ جي گادي ۽ ملڪيت جي وارثن تي اختلاف ٿيو آهي، انهيءَ جي نتيجي ۾ بي گناهہ ماڻهو قتل بہ ٿيا آهن. انهيءَ ڪيس ۾ ئي ڏاڏو آخوند، علي مردان چانڊيو، هادي بخش سهتو ۽ ٻيا لنواري جماعت جا مريد هتي قيد آهن.

## رات آئي وئي.....

(26- فيبروري 1984ع)

صبح جو 9 وڳي ڪچهري ۾ شريڪ ٿيس. ڪافي دوست رها ٿي ويا آهن، هاڻي ڪچهري ۾ 8 کن دوست بچيا آهن. اڄ کان نائون دوست بخشل قمبراڻي (خيرپور ناٿن شاهہ) اچڻ شروع ٿيو آهي. رها ٿي ويل دوست ملاقات تي ايندا آهن. اڪثر دوستن ٻڌايو تہ هو ٻاهر بہ پابندي سان پڙهن ٿا. 11 وڳي ڏاري بي ڪلاس ويس. اعجاز خواجہ ۽ بابو غلام حسين سان ڪچهري ٿي. اتان وڃي نور محمد ٽيٻي جي ڪمري ۾ اخبار پڙهيم. 2 وڳي ڏاري اي ڪلاس ۾ ڪميٽي جي گڏجاڻي رکيل هئي. گڏجاڻي ۾ عاشق

جتوئي، يوسف ٽالپر، عطاءُ الرحمان ميمڻ، عالم شاهه، ڀائو ابوبڪر، عبدالله ملاح ۽ آئون شريڪ ٿياسين. گڏجاڻيءَ ۾ ڪالهوڪي چانهه پارٽي جيڪا جان محمد برهماڻي طرفان لاڪاڻ جي جتوئين جي مان ۾ ڏني وئي، تنهن ۾ عبدالله ملاح طرفان ڪيل اعلان سبب پيدا ٿيل غلط فهمين تي بحث ٿيو.

ڪالهوڪي چانهه پارٽيءَ ۾ تقرير جو پروگرام نه هو. تنهن ڪري ڪچهريءَ کي پر لطف بڻائڻ لاءِ امداد چانڊئي کي گيت ٻڌائڻ لاءِ فرمائش ٿي. امداد به سهڻا گيت پنهنجي پياري آواز ۾ انهيءَ شرط تي ٻڌايا ته آئون به ڪو گيت ٻڌائيندس. تنهن ڪري امداد کان پوءِ عطاءُ الرحمان ۽ مون گڏجي اياز جو گيت ٻڌايو. جيل جي دوستن عبدالله کي پهريون پيرو ڳائيندي ٻڌو. هن به شيخ اياز جي وائي ”رات آئي وئي“ تمام سٺي انداز ۾ آواز ۾ ٻڌائي. چانهه پارٽيءَ ۾ يوسف ٽالپر، ممتاز علي ڀٽي طرفان خط پڙهي ٻڌايو جنهن ۾ لاڪاڻ جي جتوئين کي خراج تحسين پيش ڪيو ويو هو. 3 وڳي ڊاري ملاقات جو سڏ ٿيو. گهرواري ڏاڍي بيمار هئي، تنهن ڪري سندس مائٽ ڪافي پريشان هئا. سهري ۽ سس چورائي موڪليو ته جلد ٻاهر اچان. ڪين اها خبر شايد ڪا نه هئي ته آئون جيل ۾ ته پنهنجي مرضيءَ سان آيو آهيان پر نڪرڻ ٻين جي وس آهي. ملاقات تان نڪتس ته پير معظم، عالم شاهه ۽ عبدالله ڊپٽيءَ جي آفيس ۾ ويٺا هئا. ڊپٽي جو ضد هو ته بک هڙتال جي نوٽيس تي نالا لکي ڏيو ته هي نوٽيس ڪنهن جي طرفان ڏنو پيو وڃي. ڪافي بحث کان پوءِ عالم شاهه ۽ عبدالله صحيحون ڪري ڏنيون.

شام جو پير معظم، پير مڪرم ۽ سندس 3 سئوٽ عالم شاهه وٽ تعزيت لاءِ آيا. پير معظم ۽ پير مڪرم جو وڏو ڀاءُ محترم پير مظهرالحق به گرفتار آهي ۽ هن وقت مڇ جيل ۾ قيد آهي. پير صاحب دادوءَ ۾ ايم آر ڊي جي هلچل دوران وڏي همت جو مظاهرو ڪيو آهي.

پير سان سال اڳي ملاقات ٿي هئي، جڏهن عبرت اخبار جي ٻارن جي ٻاري ۾ ماما موجي جي نالي سان انچارج هو. پير صاحب سان گڏ چاچا سروٽي جي نالي سان عبدالجبار عباسي ٻانهن ٻيلي هو. ان زماني ۾ سنڌي ٻارن پاران جدوجهد ڪئي پئي وئي ته ٻارن کي ملندڙ صدارتي ايوارڊ سنڌي ٻارن کي به ڏنو وڃي. ڪيڏي نه افسوس جي ڳالهه آهي ته پاڪستان جو خالق صوبو ۽ سندس رهندڙ ته ٻئي درجي جي حيثيت رکن ٿا پر سنڌ جا ٻار به اڪيائي جو شڪار ٿيا.

جدوجهد دوران مغربي پاڪستان جو گورنر محمد موسيٰ پٽ شاهه جي ميلي تي اچڻو هو. ٻارن جي ٻاري طرفان فيصلو ڪيو ويو ته سنڌي ٻارن طرفان ڪيس يادداشت پيش ڪئي وڃي. گورنر پٽ شاهه آيو ۽ سنڌي ٻارن طرفان يادداشت کي آفتاب چنا (محترمه مهتاب اڪبر راشديءَ جو ڀاءُ) ڪٽي الائي ڪيئن سمورن حفاظتي انتظامن کان لڪي گورنر تائين پهتو ۽ ڪيس يادداشت ڏني. ٻارن جي ٻاري طرفان اورينٽ هوٽل جي نوري لائونج ۾ عاليشان پروگرام منعقد ڪيو ويو ۽ ان ۾ آفتاب چنا کي سندس ڪارنامي تي ميڊل ڏنو ويو. ان پروگرام جو مهمان خصوصي ڊپٽي ڪمشنر عثمان علي عيساڻي هو.

# پٽو نہ ونڻ تان قيدين ۾ ڦيٽاڙو

(27_ فيبروري 1984ع)

صبح جو سوير اٿياسين، چانهہ سان سلائس کائي اڄوڪي بک هڙتال جي تياري ڪئي سون. دوست ڏهين وڳي کان ئي بئرڪن مان نڪرڻ شروع ٿي ويا. ڪو اڪيلو پئي آيو تہ ڪي گڏجيو پئي آيا پر سڀني جي هٿن ۾ فراسيون، چادرون يا اجرڪون ضرور هيون، ڄڻ عيد نماز جي نيت سان عيدگاهہ ڏانهن وڃي رهيا هئا. سڀئي دوست پٽين ۽ وڻن جي ڇانوَ ۾ ڪمبل، فراسيون وڇائي ڪچهري ۾ شروع ٿي ويا. رنگين ڪپڙا، سنڌي ٽوپيون، اجرڪون، رنگ برنگي شالون، ننڍيون ننڍيون ڪچهريون، ڄڻ ميلو هو. ڪچهرين ۾ وڏي ڪچهري ان وڻ جي ڇانو ۾ هئي جنهن جي هيٺان چاچو شاهنواز جوڻيجو، عاشق جتوئي، يوسف ٽالپر، اعجاز خواجہ، فدا حسين ڏيرو، عالم شاهہ، ابوبڪر زرداري، عبدالله ملاح، عطاءُ الرحمان ميمڻ، محب شاهہ، رفيق صفي، عابد زبيري، انور عباس نقوي ۽ ٻيا دوست ويٺا هئا. پير معظم اٿي اعلان ڪيو تہ اسان دوستن فيصلو ڪيو آهي تہ ”ٽن وقتن جي ماني واپس ڪبي.“ اسان ڪين چيو تہ ڪميٽي ٻن وقتن جو فيصلو ڪيو آهي جو علامتي بک هڙتال آهي، پر نہ مڃيائين ۽ چيائين تہ بهرحال اسان جو اهو فيصلو آهي ۽ اهو ٻہ ٻڌايائين تہ عوامي تحريڪ جي دوستن چيو آهي تہ عبدالله ملاح ٻن وقتن جو فيصلو ڪري غلط ڪيو آهي، اهو سندس ذاتي فيصلو هو پر هاڻي جي دوستن جو فيصلو ڪرايو تہ اسين (عوامي تحريڪ جا دوست) حمايت ڪنداسين. پائو ابوبڪر ۽ عبدالله چيو تہ ”پ پ وارن جو پنهنجو اختلاف آهي. پاڻ ۾ طئي ڪريو.“ اسان ڪيس چيو تہ ڪميٽي جو ٻن وقتن وارو فيصلو متفقہ فيصلو آهي ۽ ان ۾ اوهان ٻہ شامل آهيو. اوهان پنهنجي راءِ ضرور ڏيو. ٻنهي ڪتو جواب ڏنو تہ اسان جو ڪجهہ ٻہ نہ وڃي، اوهان پاڻ ۾ فيصلو ڪيو. اسان کي پائو ابوبڪر ۽ عبدالله جي رويي تي ڌڪ ٿيو پر چيوسين ٻئي مجبور آهن، سو ٻنهي تي ميار ڪونهي. عبدالله عوامي تحريڪ جو نمائندو آهي، ذاتي طرح بيوس آهي. پنهنجي ڳالهہ ڪري ئي ڪو نہ سگهندو آهي. مڙس جو ”ضابطي“ هانوَ ڪائي ڇڏيو آهي. ڪامريڊ لاءِ ضابطو ٻہ جهڙو ”ڪاٺ!“ جيسين ڪنهن ڪامريڊ تي ضابطو لاڳو هوندو آهي تيسين ڪامريڊ توائي هوندو آهي. ضابطو ٻہ پراڻن وڏيرن وارو ”هٿ بند ڪرڻ“ جهڙو فيصلو آهي. سو عبدالله گهٽئي پلو پر بيوس، تنهن تي ميار نهي ڪو نہ ٿي. باقي پائو ابوبڪر تنهن جو ٻہ ڏوهہ ڪونهي. پائو سنگتي سڀني جو، سنگت تان پيو گهور ٿيندو، محبت جا پيو مينهن وسائيندو، پر جي سنگت ۾ اختلاف ٿيو تہ پائو کي ڪوهہ تي ڏسبو، خير ڪرائڻ لاءِ تہ پائو ڄائو ئي ڪونهي. صلاح ڏيندو ڪو نہ، جي ڏيندو تہ پائوءَ جي پلي صلاح ٻہ ڦري تيل ۽ تيلي ٿي پوندي ۽ باهہ اڳي کان ٻہ وڌي ويندي آهي.

نيٺ يوسف صاحب، عاشق صاحب، عطا ۽ عالم شاهہ گڏجي صلاح ڪري پير معظم جي راءِ سان اختلاف هجڻ جي باوجود سندس رٿ جي حمايت ڪئي، ڇاڪاڻ تہ اختلاف جي صورت ۾ سنگت ۾ ڏڦيڙ پئي ها ۽ اها سياسي قيدين لاءِ ڪا سٺي ڳالهہ ڪا نہ ٿئي ها. عالم شاهہ اٿي اعلان ڪيو تہ ٽن وقتن جو پٽو نہ ورتو ويندو.

ڪالهہ گڏيل فيصلو ٻن وقتن جو هو. ان افراتفري سبب رٿيل احتجاجي جلسو نہ ٿي سگهيو.

جلسي جو مهمان خصوصي عابد زبيري هو. مون تجويز ڏني تہ رڳو زبيري صاحب کان تقرير ڪرائي وڃي پر پائو ڳالهہ تاري چڙي ۽ پوءِ دوستن قومي گيت ڳاتا. امداد چانڊيو عطا، مون، سليمان لنڊ، تنڊي الهيار جي اقبال جروار، نياز پٽي ۽ سوني فقير گيت ڳاتا. گيتن کان پوءِ ڳالهہ ختم ٿي ويئي. عابد زبيري سخت ناراض ٿيو تہ گڏجاڻي جو ختم ڪئي وئي. جڏهن تہ ڪالهہ کان جلسي ۽ منهنجي مهمان خصوصي هئڻ جو اعلان ڪيو ويو هو جيڪڏهن جلسو ختم بہ ڪرڻو هو تہ اسان کي بہ اعتماد ۾ ورتو وڃي ها. آءُ زبيري سان متفق هئس. اسپتال وڃي محب شاهہ وٽ وينل عالم شاهہ سان احتجاج ڪيم تہ اهو نہ ٿيڻ کپندو هو. عطا جي ساڳي صلاح هئي تہ جلسو ٿيڻ کپندو هو ۽ جيڪڏهن ملتوي ڪرڻو هو تہ صلاح مشورو ڪرڻ ضروري هو. اتان اٿي نقوي صاحب کي ساڻ ڪري عابد زبيري وٽ آياسون ۽ بدنظمي جي وضاحت ڪئي سون. زبيري صاحب ناراض هو. اتان ٿي عاشق صاحب ۽ يوسف صاحب وٽ وياسين. انهن بہ سچ پچ بک هڙتال ڪئي هئي. سڄو ڏينهن بليڪ ڪافي تي گذر ڪيو هئون، تن کي جوس پياريوسين، وري سيئي گڏجي عابد زبيري وٽ آياسين. يوسف صاحب ڪيس پرچايو. زبيري صاحب پرتو. پاڻ بہ جوس پيتائين ۽ اسان کي بہ پياريائين. نيٺ واپس بئرڪ ورياسين. اڄوڪي بک هڙتال ڪافي قدر ڪامياب هئي. ڪجهہ دوستن ڪانسواءِ باقي سڀني دوستن مڪمل بک هڙتال ڪئي. ڪافي دوستن وٽ چانهہ وغيره جو سامان بہ ڪو نہ هو ٻين دوستن کان ڪجهہ سامان وٺي انهن کي ڏنوسين.

## مولانا جي مختصر مذمت

(28_ فيبروري 1984ع)

صبح جو اٽي ڪچهري ۾ شريڪ ٿيس. اڄ ڪچهريءَ ۾ عبدالحسين مون تي تنقيد ڪئي تہ دير سان ٿو اچان ۽ ڪجهہ دير ويهي ڪچهريءَ مان هليو ٿو وڃان. ان ڪري پڙهڻ ۽ سمجهڻ سمجهائڻ جو مقصد پورو نہ ٿو ٿئي. طئي ٿيو تہ آئينده دير نہ ڪبي ۽ سمورو وقت ڪچهري ۾ ويهبو. اعجاز خواجہ جي ڪمري مان وهنجي نور محمد ٿيبي وٽ وڃي اخبارون پڙهيم. جنگ، ڊان ۽ نواءِ وقت ۾ بک هڙتالن جون خبرون اهميت سان آيل هيون. خبرن موجب سکر جيل ۾ بہ مير هزار خان بجاراڻي ۽ فتحياب علي سميت 16 اڳواڻن بک هڙتال ڪئي ۽ ٻين دوستن بہ پتو واپس ڪيو هو. ڪراچي جيل ۾ بہ حيدرآباد جي سياسي قيدين جي اپيل تي بک هڙتال ڪئي ويئي. خواجہ خير الدين ۽ جتوئي صاحب بہ پنهنجي ماني واپس ڪئي.

اڄ اخبارن ۾ بزنجي صاحب، مزاري صاحب ۽ پيار علي الانہ جي آزادي جي خبر بہ اهم هئي ۽ اخبار چند ڏينهن ۾ پليجي صاحب جي آزادي جي توقع ڪئي هئي. هن کان اڳ پنجاب جي اڳواڻن جن ۾ ارشد چوڌري، ٽڪا خان ۽ فاروق لغاري شامل آهن تن کي رها ڪيو ويو آهي.

اڄوڪين اخبارن ۾ مزاري صاحب جو مارشل لا هٽائڻ، آئين ۾ ترميم نہ ڪرڻ ۽ سياسي قيدين جي رهائي جو مطالبو بہ شامل آهي تہ مولانا امروٽي صاحب پاران ايم آر ڊي جي ٻئي مرحلي جو اعلان بہ

ڪيل آهي تہ ”مارچ کان بک هڙتالون ڪيون وينديون ۽ جلسا منعقد ڪيا ويندا.“ امروٽي صاحب چيو آهي تہ ”جيل ۾ قيد ٿيل ڪارڪن بک هڙتالون بہ ڪندا.“ مولانا صاحب جو حڪم اکين تي، جڏهن حڪم ڪندا، هڙتال ڪنداسين. اها ٻي ڳالهہ آهي تہ حيدرآباد جي قيدين جي اپيل تي سمورن جيلن ۾ ساٿين بک هڙتال ڪئي پر ايم آر ڊي ان سلسلي ۾ سڪتو اخباري بيان بہ ڪو نہ ڏنو. ايم آر ڊي ڪجهہ ڏينهن اڳ ۾ پنهنجي اجلاس ۾ شاگرد يونين تي بندش جي سلسلي ۾ بہ بلڪل خاموش رهي. مهراڻ يونيورسٽي ۾ شاگردن تي فائرنگ ٿي تہ بہ ايم آر ڊي جا رهنما چپ هئا. جڏهن تہ سڄي سنڌ احتجاج ڪيو. آءِ سنڌ ڪنوينشن منعقد ڪرڻ جي سلسلي ۾ ڪراچي ميٽنگ ۾ ويس تہ ان ڳالهہ تي احتجاج ڪيم. پوءِ اڳواڻن بيان ڏنا. ان رات مولانا فضل الرحمان جيڪو سندس پارٽي جي رهنما جي گهر پريس ڪانفرنس ڪري رهيو هو تنهن کي ڪراچي بدر ڪرڻ لاءِ پوليس گهيرو ڪيو بيٺي هئي. اسان کي اجلاس ۾ خبر پئي تہ آءُ، مولانا ٿانوي، خواجہ خير الدين ۽ فاضل راهو سان گڏجي مولانا فضل الرحمان ڏي وياسين. مولانا سان بہ مهراڻ يونيورسٽي واري ڳالهہ ڪئي سون تہ اڪثر ايم آر ڊي سنڌ ۾ ٿيندڙ ناحق وارين ڪارروائين تي چو خاموش ٿي رهي؟ سنڌ جي عام ماڻهن، نوجوانن، شاگردن، دانشورن ۽ پورهيتن جي مسئلن تي انهن سان يڪجهتي جو اظهار نہ ڪنداسين تہ عوام بہ اسان سان ڪيئن گڏجي هلندو. مولانا صاحب پريس ڪانفرنس ۾ مهراڻ يونيورسٽيءَ جي واقعي جي مختصر مذمت ڪئي. اڄ شام جو امير بخش هاليپوٽو رها ٿيو. سيئي دوست ڪيس ڇڏڻ لاءِ جيل جي در تي آيا.

# جيئل شاهہ ۽ مير

(29- فيبروري 1984ع)

صبح ساڍي ستين وڳي چانهہ پيتي سين. عطا ٻڌايو تہ رات بشير ٻگهيو ٺيڪ نہ هو. ڪيس وات مان ٿوري رت آئي آهي. ڪيس ڏسڻ ويس تہ بشير ستو پيو هو. سائين جيئل شاهہ اٿيو ويٺو هو. بشير جي اٿڻ جي انتظار ۾ سائين وٽ ڪچهري ۾ ويهي رهيس. بشير ٻگهيو خيرپور ناٿن شاهہ جي پارٽي جي بهادر ڪارڪنن ۽ سپاف جي نظرياتي اڳواڻن مان آهي. گفتگو ۽ تقرير سٺي ڪندو آهي. سائين ڪجهہ پريشان هو. ٻڌايائين تہ ”گهر ننڍو پٽ ڇڏي آيو آهيان. ڪيس گهر جي ڪاروبار هلائڻ جي خبر ڪانهي.“ اها بہ پريشاني هئس تہ بہ نائي بہ گهر ڇڏي آيو آهي. ٻن نائين جي گهر ڇڏي اچڻ جو پڇيومانس تہ ٻڌايائين تہ ”هڪ ڏيءَ ياڻتي کي ۽ ٻي ڏيءَ سالي جي پٽ کي پرڻائي ڏنم. ٻئي سڱ بدي جا هئا پر پاءُ ۽ سالو پنهنجي وعدن تان ڦري ويا ۽ ٻئي نياڻيون هاڻ مون وٽ آهن. هڪڙي کي الحمد الله ٻار بہ ڄائو آهي.“ سائين کي چيم تہ اوهين تہ سمجهدار سياسي ڪارڪن آهيو اوهان بہ جيڪڏهن هنن بڇڙين ريتن رسمن کان نہ بچو تہ ٻين جو ڇا ٿيندو. سائين چيو تہ ”بس ڇا ڪيون. ماحول ئي اهڙو آهي. جند ڪو نہ ٿا ڇڏائي سگهون.“ سائين ۽ منهنجو ڳوٺ ساڳيو آهي. سائين جو اڃا حال ڇڱو آهي، گهڻا ڳوٺ وارا تہ رحم جوڳي زندگي گذاري رهيا آهن. ڳوٺن ۾ تہ ڪيترين ئي عورتون جانورن کان بدتر حياتي گذارين ٿيون. ٿوري ٿوري ڳالهہ تان زالن کي مار ڏيڻ تہ ڪا ڳالهہ ئي ڪونهي. ڏيئون رسائي

ويهارڻ ته جڻ فخر جي ڳالهه آهي. پٽن پرڻائڻ لاءِ ڏيئرون پوڙهن. ٻارن ۾ زالن وارن کي ڏيڻ. مطلب ته اوڙاهه ۾ اڇلائڻ عام ڳالهه آهي. ڏيئرون ساهرن ۾ ڏکيون ته ڀلاند وري ننهن کان ونڻ. ڳوٺ جي کهڙين رسمن جو ذڪر ڪجي، مرد ته ٺهيو پر عورتن کي ٿو ڏسجي ته ويچاريون جانورن کان به بدتر زندگي پيون گذارين، سوچيان ٿو ته تحريڪ نسوان واريون تنظيمون الائي ڪٿي آهن....

سائين جيئل شاهه وتان اتي ڪچهري ۾ آيس. اعجاز خواجه وٽ شمس الدين ميمڻ، بابو غلام حسين ۽ ڏاڏي آخوند سان ڪچهري ٿي. اختر ملاقات تي آيو ٻڌايائين ته آئنده ملاقات تي ڪو نه ايندو. جو سندس والد جيڪو تازو لبيا مان آيو آهي سو منهنجي گرفتار ٿيڻ تي سخت ناراض آهي. اڄ به بک هڙتال جي اپيل ڪنڊڙن جي بدلي جا افواهه هئا. بئرڪ ۾ آيس ته چاچي سيف الدين کي بخار هو. چاچي کي سيئي چرچن ۾ چئي رهيا هئا ته چاچا اوهان کي اميربخش جي جدائي جو اثر ٿيو آهي. چاچو سيف الدين کلڻو ملڻو سيني دوستن جو پوڳ چرچو برداشت ڪندڙ بزرگ ساٿي آهي. شام جو جيلر اشرف شاهه چاچي جي عيادت لاءِ آيو. ان مهل خبر پئي ته جيئل شاهه جي ضمانت جا آرڊر اچي ويا آهن. رها ٿي رهيو آهي، ڪيس الوداع چوڻ لاءِ ڪافي دوست جيل جي در تي آيا.

جيئل شاهه کي ايم آر ڊي جي تحريڪ دوران تعلقي ٽنڊو محمد خان پ پ ۽ ايم آر ڊي جو صدر مقرر ڪيو ائين. سائين جيئل شاهه 1968ع ۾ ٽنڊو محمد خان ۾ وڪيل ملازم حسين جو منشي هو. ان جي ضد ڏيارڻ تي ته پنجاب ۾ پ پ جو وڏيڪ ڪم آهي ۽ سنڌ ۾ ڪو به تنظيمي ڪم نه ائس، پ پ ۾ شامل ٿيو. تمام گهڻو سرگرم ٿي ويو. ٽنڊي جي بااثر ميرن پيرن جي مخالفت برداشت ڪرڻي پيس. ترت ئي مرحوم مقبول پٽي ۽ سندس دوست تنظيم ڪرڻ آيا (سائين حسين شاهه چوي ٿو ته ان موقعي تي آءٌ به هئس) تن پهرين محسن شاهه جيڪو اردو ڳالهائيندڙ هو تنهن کي صدر مقرر ڪيو ۽ ڪجهه ڏينهن کان پوءِ جيئل شاهه کي صدر مقرر ڪيو ويو. جيئل شاهه پارٽي لاءِ ٽنڊي محمد خان ۾ بيپناهه محنت ڪئي آهي. پارٽي جي ڪارڪنن دوستن ۽ غريب ماڻهن ۾ عزت ائس. ٽنڊي ۾ ميرن جي خلاف ڪم ڪرڻ ته وڏي ڳالهه هئي پر ڪم ڪرڻ لاءِ سوچيندو به ڪو ورلي هو. ٽنڊي ۾ رڳو سائين عارف شاهه سياسي لحاظ کان ميرن خلاف اعلانيه مورچو قائم ڪيو ويٺو هوندو هو. سائين جيئل شاهه ميرن جي مخالفت ۾ اهڙو لڳو جو مير پارٽي ۾ شامل ٿيا ته به هن مان قاتل هئا. شهيد پٽي جي جيڪا به ڪليل ڪچهري ٿئي، تنهن ۾ سائين جيئل شاهه ميرن خلاف درخواست ۽ ٻين ڪاغذن جي پريل بيگ سان موجود هوندو هو ۽ شهيد پٽو به ڪيس ڏسي اڳ ئي چئي ڏيندو هو ته "جيئل شاهه هن دفعي ڪهڙو ڪيس ڪٽي آيو آهين؟"

جتوئي صاحب جي وزارت اعليٰ جي زماني ۾ تنظيم ٿي ته ٽنڊي محمد خان ۾ پير سعيد جان سرهندي جي چوڻ تي تنظيم ڪئي وئي جنهن ۾ جيئل شاهه جي جاءِ تي الحاج عبدالخالق سومرو مقرر ڪيو ويو ۽ ٻيا به عهديدار ڪنيا ويا جن ۾ چوڌري، محمد هاشم سهتو ۽ ڪي ٻيا به شامل هئا. سي سيئي هن وقت پارٽيءَ کان لاتعلق آهن. هنن جو ڏوهه به ڪونهي. حڪومت هئي ته سڄي سنڌ ۾ اهڙا دوست ڪيئي هئا. انهن سيني جو سرڪار سان واسطو هو. اهي پارٽي سان ٻڌل ڪونهن. جيڏانهن سرڪار تيڏانهن اشراف، خبر ناهي ڇو جڏهن پارٽي کي مصيبتن ۾ منظم ڪرڻ جي مهل بااثر ماڻهن

جي ضرورت هوندي آهي تڏهن نڏٽڪا اڳيان ٿيندا آهن ۽ اڳيان ڪبا بہ آهن ۽ جڏهن سڪ ۾ پارٽي لاءِ راڄ حاضر هوندا آهن ۽ ڪنهن بہ بااثر جي ضرورت ڪو نہ هوندي آهي تڏهن وري نڏٽڪا ڇتا، اشراف بااثر اڳيان هوندا آهن ۽ ڪبا آهن.

نئين تنظيم ڪان پوءِ سائين جيئل شاهہ خاموش ٿي ويٺو پر سرڪار ويٺي تہ سائين جي بيماري بہ اٿل ڪاڏي، چرپر شروع ٿي. ايم آر ڊي کي منظم ڪيوسين تہ ٽنڊي محمد خان جي اجلاس ۾ مون کيس تعلقي لاءِ ذميداريون ڏنيون. سائين ڪافي ڪم ڪيو. سندس ساٿي بہ سنا هئا. گڏجي ڪم ڪيائون. تعلقي ۾ ايم آر ڊي تمام گهڻي سرگرم ڪئي وئي. ٽنڊي جي دوستن ۾ سائين سان گڏ عبدالحڪيم ميمڻ وڪيل جيڪو تازو ڪراچي جيل مان رها ٿيو آهي. سيد محسن شاهہ، زمان شاهہ تڪڙائي، زاهد سمون، علي غلام بالادي، عبدالرحمان پٽي، مسعود پٽي، نياز پٽي، ممتاز بالادي، يعقوب ميمڻ شامل آهن. تن مان ڪي دوست ڪجهہ وقت اڳ ۾ رها ٿيا آهن ۽ ڪي سکر جيل ۾ سزا ڪاٽي رهيا آهن. سو خير سان سائين جيئل شاهہ، ڪلندي ڪڏندي ڪڏهن ڪڏهن ڳڻتين ۾ ٻڏندي جيل ڪاٽي ڳوٺ روانو ٿي ويو آهي. ڪيس الوداع چئي اچي بئرڪ ۾ وينس.

## سياسي قيدين جي رهائيءَ جون خبرون

(پهرين مارچ 1984ع)

هينئر هينئر جيل جي مورچن تان سپاهين گهنڊ کي 11 ڏڪ هڻي رات جا 11 ٿيڻ جو اعلان ڪيو آهي.

صبح جو 9 وڳي ڪچهري ۾ شريڪ ٿيس. دوست بئرڪن ۾ وچي ڪچهريءَ ۾ شريڪ ٿيڻ جي تبليغ ڪري رهيا آهن. ٿنهنڪري اڄ ڪجهہ وڌيڪ دوست شريڪ ٿيا. 11 وڳي جان محمد برهماڻي، علي احمد پليپوٽو ۽ بشير ٻگهيو آيا، چيائون تہ 4 مارچ جو ڏينهن ملهائي رهيا آهيون، ان سلسلي ۾ صلاح ڪرڻ آيا آهيون تہ ج- س- ا-ف کي دعوت ڏجي يا نہ؟ مون چيو تہ شرڪت جي دعوت ضرور ڏجي، باقي دوستن سان تقرير جي سلسلي ۾ اڳ ئي ڳالهائجي. اختلافي ڳالهيون نہ ڪيون وڃن، وڌيڪ جيڪو فيصلو سپاف ڪندي، اسين اهو ئي مڃينداسين. محترم جي ايم سيد جي سالگرہ جو بائيڪاٽ سپاف ڪيو تہ پ پ وارن سندن تائيد ڪئي.

12 وڳي اي ڪلاس ويس. پائو ابوبڪر ۽ عالم شاهہ ويٺا هئا. اتي خبر پئي تہ ڪالهہ امير علي شاهہ ڄاموٽ کي مارشل لا وارن گهرايو هو ۽ رهائي لاءِ بهتر چال جو بانڊ ڀري ڏيڻ لاءِ چيو پر شاهہ صاحب انڪار ڪري ڇڏيو ۽ اڄ بہ سندس رهائي جو مشروط آرڊر آيو آهي پر ڄاموٽ صاحب رها ڪو نہ ٿيو آهي.

ڄاموٽ صاحب کي آفرين هجي. ٻيا بہ جي جيل مان وڃڻ جي ٿوري جلدي نہ ڪن ها تہ شايد حڪومت تي دٻاءُ وڌيڪ پوي ها. وڏن ماڻهن لاءِ هرويرو ايڏي تڪليف ڪو نہ هئي.

اڄڪلهہ رهائي جا افواهہ زور تي آهن. اخبارن ۾ گورنر جو بيان آهي تہ رهائيون جاري آهن. ڪالهہ

جنرل ضياءَ بيان ڏنو آهي ته سياسي اڳواڻن جي رهائي تي غور ڪيو پيو وڃي. جيل جي بک هڙتال تي به ڳالهائيندي چيائين ته ”بک هڙتالين جي مسئلن جو جائزو ورتو پيو وڃي.“ گورنر عباسي چيو ته ”بک هڙتال سان ڪو به فرق ڪو نه پوندو، سندن مرضي، سدا بک هڙتال ڪن.“ڏاڍي هٽي ڌه توڏو هٽي تيرهن. (ٻنهي ڇڻن جيڪو به ڳالهايو پر ايم آر ڊي ته اڪر به ڪو نه ڪڇي سياسي قيدين جي بک هڙتال تي).

اڄ بي بي سي خبر نشر ڪئي ته لاهور هاءِ ڪورٽ بار سنڌ ۽ بلوچستان جي سياسي قيدين سان انتظاميه جي غلط رويي جي مذمت ڪئي آهي ۽ سندن مسئلن کي حل ڪرڻ جي اپيل ڪئي وئي آهي. اتان اٿي بئرڪ آياسين. شام جو اي ڪلاس ۾ 4 مارچ جي سلسلي ۾ گڏجاڻي هئي، خبر پئي ته يوسف ٽالپر گڏجاڻي جو ميزبان آهي ۽ سندس طرفان هڪ وقت جي ماني به ڪارائي ويندي. دوستن اهو به ٻڌايو ته ج.س.ا.ف کي تقرير لاءِ ڪو نه چيو ويندو. چاڪاڻ جو ڊيمو ڪريٽڪ اسٽوڊنٽس وارن چيو آهي ته جيئي سنڌ وارا تقرير ڪندا ته اسين بائيڪاٽ ڪنداسين. ڪجهه ڏينهن اڳ ۾ ج.س.ا.ف. وارن مهراڻ يونيورسٽي ۾ سپاف ۽ ڊيموڪريٽڪ وارن سان جهيڙو ڪيو آهي (اها ڪا نئين ڳالهه ڪونهي، ج. س.ا. ف. يونيورسٽين ۽ ڪاليجن ۾ ٻي ڪنهن سنڌي شاگردن جي تنظيم جي ڪم ڪرڻ کي غير شرعي سمجهندي آهي)

گڏجاڻي ۾ مقررن تي به مشورو ڪيو ويو. گڏجاڻي ۾ اهو به ٻڌايو ويو ته 4 مارچ جو مهمان خصوصي به يوسف ٽالپر هوندو. اڄ شام جو اها به خبر پئي ته سياسي قيدي دوستن هڪ ٻي جيل ڪميٽي به ٺاهي آهي، جنهن ۾ ابوبڪر، عبدالله ملاح، مولابخش مشوري ۽ پير معظم شامل آهن. اها ڪميٽي شايد جيل ڪيس وارن دوستن ٺاهي آهي. ان ڪري ٻين ساٿين کي انهيءَ بابت ڪو نه ٻڌايو ويو آهي.

ڪالهه به اونهاري جهڙو ڏينهن ٿي لڳو. اڄ شام جو به گرمي پئي محسوس ٿي. مڇرن يلغار ڪري ڏني آهي. مڇر به ڇتا، جتي ٿا ويهن ڏنيپو ڇڏين. لکڻ پڙهڻ به مشڪل آهي. انهيءَ مصيبت کان ٿي عالم شاهه به پنکو هلائي ڇڏيو آهي.

## چام ۽ پليجي جي پيروڪارن جو نظرياتي بحث

(2 مارچ 1984ع)

صبح جو اٿي چانهه پي، هنڌ ۽ ڪمبل ٻاهر اُس ۾ سڪائڻ لاءِ وڌاسين. اتي ئي ويٺا هئاسين ته چاچو شاهنواز جوڻيجو ۽ سيد امير علي شاهه چاموٽ آيا. چيائون ته جمعي جو ڏينهن آهي موڪل جو فائدو وٺي دوستن سان ملڻ نڪتا آهيون. ڪچهري ٿي. اتان اٿي اعجاز خواجه وٽ آيس ته جيلر حيدر زمان ٻڌايو ته چاموٽ صاحب جي رهائي جا آرڊر اچي ويا آهن. پرچي موڪلي اٿئون ته تيار ٿي اچي. عالم شاهه، عطا ۽ آئون گڏجي اسپيشل وارڊ وياسين ته چاموٽ صاحب کان موڪلايون. اتي رفيق صفي جو چيني نموني ٺاهيل پلاءُ کاڌوسين. چاموٽ صاحب به موڪلايو، ڪيس الوداع چيوسين.

اڄ بئرڪ نمبر 14 ۾ سنڌي شاگرد تحريڪ ۽ ڊيموڪريٽڪ جي دوستن جو نظرياتي بحث رکيل

هو. ان بحث ڪي ٻڌڻ لاءِ عالم شاهه ۽ آءٌ بہ اتي وياسين. انهن جماعتن کان علاوه ڪافي دوست اچي گڏ ٿيا هئا. اسين پڇتاسين تہ گفتگو جاري هئي. سنڌي شاگرد تحريڪ وارا چئي رهيا هئا تہ "اوهان ڊيمو ڪريٽڪ وارا پنهنجي سياسي تنظيم ٻڌايو؟ اسان کي خبر هجڻ گهرجي تہ اسين بحث ڪنهن سان ويٺا ڪريون." ڊيمو ڪريٽڪ وارن چيو تہ "اسين شاگرد تنظيم سان واسطو رکون ٿا ۽ ان حيثيت ۾ ئي بحث ڪنداسين. باقي سياسي جماعت ٻڌائڻ لاءِ پابند نہ آهيون. توهان جو زور پرڻ اجايو آهي. اهڙو ئي سوال پوليس اسان کان تشدد ڪري پڇيو آهي اسان جو ساڳيو جواب آهي تہ شاگرد تنظيم سان واسطو رکون ٿا." عوامي تحريڪ چيو "يا تنظيم ٻڌايو يا اعلان ڪريو تہ توهان جي ڪا بہ تنظيم ڪونهي". ٻنهي ۾ ضد وڌي ويو. ايئن لڳو جڻ بحث ڪو نہ ٿيندو."

عوامي تحريڪ چئي تہ اهم سوال تي شاگرد تنظيم سان ڪو نہ ڳالهائينداسين. ڊيموڪريٽڪ چيو تہ "نظرياتي سوال ڪنهن بہ تنظيم کان ڪو بہ ڪارڪن پڇي سگهي ٿو." ٻڌندڙن مداخلت ڪئي ۽ ڊيموڪريٽ جي موقف جي حمايت ڪئي (ڪجهہ ڏينهن اڳ ۾ ڪامريڊ ڄام ساقي اسان وٽ ڪچهريءَ) تي آيو هو. ڪافي دوست موجود هئا. عبدالله ملاح بہ اچي نڪتو. عبدالله ملاح پهريون سوال ئي اهو ڪيو تہ شاگرد تنظيم انقلاب آڻي سگهي ٿي ڇا؟ ڪامريڊ ڄام چيو تہ "نہ. باقي آءٌ سمجهي ويو آهيان تہ اوهان اهو سوال ڇو ڪيو آهي." عبدالله وري چيو تہ آءٌ رڳو اوهان جي سياسي جماعت يا انقلابي محاذ بابت پڇڻ چاهيان ٿو." تڏهن بہ ٻنهي ۾ ڪافي بحث ٿيو پر نہ عبدالله پنهنجو سوال ڇڏيو نہ ڄام ساقي ئي جواب ڏنو. سنين ۽ شيعن ۾ بہ ڪو حال آهي. ڪامريڊ ڄام جا دوست ۽ پليجي صاحب جا پيروڪار تہ انهن کان بہ اڳتي آهن. ٻئي گروپ پاڻ کي مارڪس ازم جا پرچاري ۽ پوئلڳ چوائيندا آهن پر ٻئي هڪٻئي جي نظر ۾ ڪافر جيان هوندا آهن. پليجي صاحب تہ پنهنجي تقريرن ۾ ڪامريڊ وارن تي ڪڏهن ڊيندڙا چئي تہ ڪڏهن نازشي نقوي ٽولو چئي خوب چوهہ چنڊيا آهن. پليجو صاحب مزدورن، هارين، شاگردن ۽ عام ماڻهن ۾ مختلف نالن سان جماعتون ٺاهي سنڌي عوامي تحريڪ جي نالي ۾ کلي عام سياست ۾ سرگرم آهي. جڏهن تہ ڪامريڊ ڄام وارا ڪنهن بہ سياسي تنظيم جو نالو اعلانيہ ڪو نہ وٺندا آهن. سنڌ ۾ شاگرد تنظيم اڳ ۾ ايس اين ايف ۽ هاڻ ڊيموڪريٽڪ جي نالي ۾ ڪم ڪن ٿا. في الحال ڪميونسٽ پارٽي جي قبوليت ڪو نہ ڪندا آهن. تنهن ڪري عوامي تحريڪ وارا جماعت جو نالو پڇندا آهن ۽ ڪامريڊ ڄام وارا حيادار عورت وانگر مڙس هوندي سوندي بہ سندس نالي بدران پٽ جو پيءُ چئي ٻڌائيندا آهن) بحث شروع ٿيو. "فڪر مائوزي تنگ" اڄوڪي بحث جو موضوع هو. عوامي تحريڪ جو چوڻ هو تہ فڪر مائوزي تنگ باقاعده ازم آهي. جڏهن تہ ڊيموڪريٽڪ وارا ان ڳالهہ کان انڪاري هئا.

عوامي تحريڪ جي پاران سراج ۽ منير ٿي ڳالهايو. سندن مدد ۾ ڊاڪٽر شيخ بہ هو پر وقت پورڻ تي سيني گڏجي ٿي ڳالهايو. ڊيموڪريٽڪ پاران امداد چانڊيئي ٿي ڳالهايو. سندس مدد ۾ گهنشام پرڪاش، لاشاري هئا. پهرين عوامي تحريڪ ڳالهايو. تفصيل سان فڪر مائوزي تنگ جي حمايت ۾ ڳالهايو. سندن چوڻ هو تہ مارڪس ۽ اينگلس ڪافي ڳالهين جي ڇنڊڇاڻ ڪانہ ڪئي هئي، ڇاڪاڻ تہ صورتحال ٻي هئي ۽ لينن پنهنجي وقت مطابق فڪر مارڪس ۾ اضافو ڪيو. اهڙي طرح مائوزي تنگ

پنهنجي ملڪ ۾ حالتن مطابق مارڪس ازم ۽ لينن ازم ۾ واڌارو ڪيو. مائو هارين کي جاگيرداري سماج ۾ متحرڪ انقلابي ۽ سرواڻ قوت قرار ڏنو ۽ انقلاب برپا ڪيو ويڙهه جي سائنس ۾ واڌارو ڪيو. ثقافتي انقلاب جو اصول اپنايو. عوامي جمهوري آمريت جو بنياد وڌو ۽ اهڙي طرح فلسفي، سياست معاشيات ۽ سوشلزم ۾ اضافو ڪيو اٿس. اهي واڌارا فڪر مائو آهي.

ڊيموڪريٽڪ وارن ان ڳالهه کان انڪار ڪيو ته ڪي مائو واڌارا ڪيا آهن. هنن ڪافي دليل ڏنا ۽ چيائون ته "مائو غلطيون ۽ ترميمون ڪيون. مائو ترميم پسند هو." وڏو بحث ٿيو. هڪڙي تي هو ٻئي تي هي. آخر ٻڌندڙن چيو ته اوهان گهٽو ڳالهايو. اهو فيصلو سيڪو پاڻ ڪندو ته فڪر مائو آهي يا نه. مون تجويز ڏني ته هاڻي ان نظريي جي پنهنجي ملڪ کان ٻاهر قومن ۽ انقلابن جي سلسلي ۾ ڪردار ۽ اسان جي ملڪ ۾ هلندڙ حالتن مطابق نفاذ تي ڳالهايو وڃي. دوستن کي ڳالهه وڻي، عوامي تحريڪ مائو ازم جي ٻاهرين قومن جي آزادي جي جنگ ۾ مدد ۽ ساٿ جا احوال ٻڌايا ۽ ان جي ضد ۾ ايٿوپيا ۾ روسي پاليسي تي تنقيد ڪئي. ڪافي گوڙ کان پوءِ امداد اٿي بيهي رهيو ۽ هڪ ڪتاب پڙهڻ لڳو. عوامي تحريڪ ڪتاب جو نالو معلوم ڪيو ڪين ٻڌايو ويو ته وزارت خارجه ويٽنام پاران، ويٽنام ۽ چين جي لاڳاپن تي ڇپايل آهي. ڪتاب ۾ چين تي سخت حملا ڪيل هئا ۽ ٻڌايو ويو هو ته مائو توسيع پسند آهي. سندس پاليسيون انقلاب دشمن آهن. عوامي تحريڪ گوڙ ڪيو. ڄاڻ جهيڙو ٿيو تيز ڪلامي ٿي. منير پرڳڙي جي غير پارليامينٽري ٻوليءَ ڪري فضا بار بار خراب پئي ٿي (بحث هجي يا تقرير منير جون ڳالهيون ماڻهن کي چيڙائي وجهنديون آهن. تقرير ۾ به ڏاڍو جذباتي هوندو آهي. مخالفن تي تابڙ توڙ حملا ڪندو آهي. هڪ دفعو تقرير ڪندي جوش ۾ مارشل لا ۽ آمريڪا کي مخاطب ٿيندي چيائين ته "اهو پتو هو جنهن کي آساني سان ڦاسي ڏئي ڇڏيوَ رسول بخش پليجي کي ڦاسي تي چاڙهيو ته خبر پئجي وڃيوَ!" سنگت ڪافي جذباتي پئي ٿي. آخر عوامي تحريڪ وارا واڪ آئوٽ ڪري ويا. سندن ڇوڙ هو ته ڪتاب نه پڙهيو وڃي. ويندي ويندي چوندا ويا ته "سچو گوڙ پائو ابوبڪر ڪرايو آهي." الائي ڇو هر جهيڙي جو ڏوهه پائو تي ايندو آهي. ڪن دوستن امداد کان اهو مضمون ٻيهر پڙهائي ٻڌو. ڪچهريءَ جي اڪثر دوستن ڊيموڪريٽڪ جي دوستن سان همدرديءَ وارو اظهار ڪيو ۽ عوامي تحريڪ جي دوستن جي رويي جي مذمت ڪئي.

ٿوري دير لاءِ عالم شاهه، عطا ۽ آءٌ اي ڪلاس وياسين. 4 مارچ جي سلسلي ۾ گڏجاڻي هئي، جنهن ۾ يوسف صاحب، عاشق جتوئي، علي محمد جمالي، جان محمد برهماڻي ۽ غلام مصطفيٰ ڪورائي به شريڪ هئا. يوسف صاحب 500 رپيا ڏنا ته شربت جو بندوبست ڪيو وڃي. اٽڪل شام جو 7 وڳي بند ٿياسين.

## خراب خبر جهڙو جنرل اقبال

(3_ مارچ 1984ع)

صبح جو ٿورو پنڌ ڪيم، چانهه پي ڪچهريءَ ۾ شريڪ ٿيس. اخبار آئي. اخبار ۾ مير علي احمد

ٽالپر وزير دفاع جو بيان وڏي سرخيءَ سان هو جنهن ۾ چيو هئائين ته ”اسين سؤ سالن تائين ڪو نه ويندا سين ۽ موجوده حڪومت جائز حڪومت آهي. هن کان اڳ ۾ جيڪي حڪومتون هيون سي ناجائز هيون. اسلامي نظام نافذ ڪري سک جو ساهه پٽيندا سين... ڪابه معنيٰ بک ۽ ساڃو معنيٰ ڏالر.“ مير صاحب مارشل لا جي قيام کان وٺي هيل تائين جنرل ضياءَ جي حمايت ۾ اهڙا بيان ڏيندو اچي جو شايد ڪڏهن ڪڏهن ڪيس به ڦڪائي ٽيندي هوندي. شيرين سومرو ڪيس ۾ جيل ۾ هئاسين ته به اهڙا بيان پيا پڙهندا هئاسين. جو ڪل ايندي هئي. تن ڏينهن ۾ مير صاحب حڪومت جي تعريف ڪندي چيو هو ته ”اسان جي حڪومت لوهي ڏندن واري حڪومت آهي. اسين وڃڻ وارا ڪو نه آهيون.“ اسين بيان پڙهي حيران به ٿيندا هئاسين ته هي ساڳيو مير صاحب آهي جيڪو تقريرن ۾ ماڻهن کي روئاريندو هو ۽ عوام جا سور بيان ڪندي پاڻ روئندو هو ۽ چوندو هو ته ”اسان سدائين حسينيت جو علم ڪلهي تي کنيو آهي. هر حاڪم اچڻ وڃڻ وارو آهي. حاڪميت رڳو الله جي رهندي ۽ جنهن سان ماڻهو آهن تنهن سان الله آهي.“ مير صاحب جي بهادري ۽ خطابت ڪيس سموري سنڌ جو هر دلعزيز رهنمائي بڻائي ڇڏيو هو.

ڪڏهن ڪڏهن مارشل لا جي تعريف ڪرڻ تي دل چوندي آهي ته جس هجي مارشل لا کي جو هن ڪيترن ئي ڪوڙن اصول پرستن جا بت ڊاهي عوام کي سندن اصل مهانڊو ڏيکاري ڇڏيو آهي. جن سالن تائين قوم پرستي، جمهوريت پسندي ۽ انقلاب دوستي جون دعوائون ٿي ڪيون، سي اڄ جنرل ضياءَ جي درباني ڪندي نظر ٿا اچن.

”ڪيڏا ڪلنگي دار وڪاٽا ڏسندي جاٽو سچاٽو.“ بنپهرن جو آفتاب مغل اچي ٻڌايو ته ريڊيو تان ٻڌي آيو آهي ته جنرل اقبال ۽ جنرل سوار خان کي رٽائر ڪيو ويو آهي ۽ سندن جاءِ تي جنرل رحيم ۽ جنرل عارف کي مقرر ڪيو ويو آهي. جنرل اقبال سنڌ جو گورنر رهي چڪو آهي. محترمه بينظير ڀٽو صاحبه پنهنجي سنڌ جي پهرين دوري دوران سيد قمر الزمان جي بنگلي تي پهتي ته ڪيس سندس سيڪريٽري ڳنَ ۾ ڪجهه اچي ٻڌايو. محترمه صاحبه اها ڳالهه ٻڌي چيو ته ”بيڊ نيوز.“ موجود رهنمائن پڇيو خير ته آهي ان تي محترمه ٻڌايو ته جنرل اقبال کي گورنر سنڌ ڪيو ويو آهي، هاڻ شايد منهنجو دورو مڪمل به نه ٿي سگهي. ٿيو به ائين بينظير صاحبه نواب شاهه کان خيرپور ويندي رات جو 8 وڳي ڏاري رسول آباد وٽ پهتي ته ناڪي جي زنجير ڇڪي پوليس وڏي تعداد ۾ جمع ٿي رستو بند ڪيو بيٺي هئي. جلوس روڪي بينظير صاحبه کي خيرپور وڃڻ کان روڪيو ويو. ڪيس خيرپور ۾ داخل نه ٿيڻ ۽ ڪراچيءَ تائين محدود رهڻ جي آرڊر جي تعميل ڪرائي وئي. جلسو اتان واپس ٿيو. رات نوان جتوئي ۾ ترسياسين. اتي پارٽيءَ جا ڪيئي رهنما موجود هئا. رات جو ڪچهريءَ ۾ جتوئي صاحب، سائين قائم علي شاهه، محمد بخش ڏامراهه، عبدالله شاهه، عطاءُ الرحمان ميمڻ ۽ مخدوم خليق الزمان موجود هئا. گذريل رات به هتي محترمه صاحبه ترسيل هئي ڪچهريءَ ۾ قاضي محمد بخش ڏامراهه جتوئي صاحب جي اڳوڻن وزيرن تي وڏي وٺ پئي ڪئي. جتوئي صاحب به بار بار چوندو رهيو ته قاضي صاحب هاڻ ڇڏيو انهيءَ قصي کي وقت گذري ويو. قاضي صاحب همه اوست جي منزل تي هو ۽ خليق سائين جي به مڪمل پنيرائي جاري هئي، سو قاضي صاحب بس ڪا نه ٿي ڪئي. قاضي

صاحب پل پل ويران وير وڌ هو.

جتوئي صاحب ۽ خليق سائين سڄي دوري ۾ هڪٻئي کان پاسيرا پاسيرا هئا. مارشل لا جي سختيءَ جي باوجود بہ ماڻهن جا اجتماع پنهنجي عظيم قائد ذوالفقار علي ڀٽي جي بهادر نياڻيءَ جي آجيان ڪرڻ جا منتظر، ڏاڍا جذباتي ۽ حيران ڪندڙ منظر هئا. جتي بہ بينظير صاحبہ ويئي، انتظاميہ جا عوام کي روڪڻ جا سمورا وسيلا بيڪار ثابت ٿيا.

چاچي شاهنواز جوڻيجي ڏي ويندي ٺنڊو آدم ۾ فوج وڏي زور سان عوام کي منتشر ڪيو، اتي بينظير صاحبہ صبر جو مظاهرو ڪري وڏي جاني نقصان ٿيڻ کي روڪي ورتو. نواب شاهہ بہ ڏسڻ جهڙو هو تہ مورو، هالاڻي، ڪنڊيارو ۽ محرابپور جا اجتماع بہ ڪمال جا هئا. ڀنين ۾ ڪم ڪندڙ هاري ۽ هارياڻيون ڪم ڇڏي بينظير صاحبہ جو رستو روڪي بيهي رهيون. جتان بہ محترمہ گذري ٿي اتي جي پورهيتن ساٿس ملاقات ضرور ٿي ڪئي. بينظير صاحبہ سموري دوري ۾ جڏهن ڳالهائيندي عوام کي سندن قيدي قائد جا سلام ٿي ڏنا ۽ جيل جون ڳالهيون ٿي ٻڌايون تہ اجتماع مان اوڇنگارن جا آواز ٿي ٻڌڻ ۾ آيا. انهيءَ دوري جي اجتماعن جو ڏيک محرم جي مجلسن جهڙو ٿي لڳو.

گهڻن ڏاهن جو خيال آهي تہ ”محترمہ صاحبہ جو اهو دورو اڌورو نہ ٿيڻ کپندو هو. رسول آباد وٽان ورڻ بجاءِ خيرپور وڃڻ کپندو هو ۽ اهو عوامي بار ڀٽي صاحب جي ڪيس جي سلسلي ۾ اهم ڪردار ادا ڪري سگهيو ٿي.“ پر انهيءَ جلوس ۾ شامل اڪثر ڏاها ۽ جهونا جوڳي ٽڪراءُ بجاءِ جلوس ورائڻ جي حق ۾ هئا، تنهن ڪري جلوس خيرپور وڃڻ بجاءِ مورو وريو.

ايم آر ڊي جي تحريڪ جي ختم ٿيڻ کان پوءِ ملڪ صاحب سان گڏ سندس ڳوٺ ڪمڙيال تعلقي فتح جنگ وياسين. ملڪ صاحب جي ڳوٺ ويجهو ئي پنڊي گهيپ جو شهر آهي. جنرل ضياءَ دور جو اهم جنرل، جنرل اقبال انهيءَ ڳوٺ جو آهي. انهن ڏينهن جنرل اقبال جي والده جو انتقال ٿيو هو. جنرل اقبال جو ننڍو ڀاءُ پ پ ۾ هو، تنهن ڪري ملڪ صاحب سندس والده جي تعزيت لاءِ وٽس هليو، اتي وچي جنرل جي ننڍي ڀاءُ سان فاتحہ ڪئي سون. اتي خبر پئي تہ بنگلي جي ٻئي ڪمري ۾ پنجاب جو گورنر جنرل جيلاني ۽ صوبائي وزير نواز شريف، جنرل اقبال سان تعزيت ڪري رهيا آهن. جنرل اقبال ملڪ صاحب کي سڃاڻيندو هو، تنهن ڪري، ملڪ صاحب کي پاڻ وٽ سڏائي ورتائين. ملڪ صاحب موٽي آيو تہ چيائين تہ جنرل اقبال چوي ٿو تہ ”سنڌ جي دوستن کي وڃڻ نہ ڏيو، آءٌ انهن سان ملندس.“ ملڪ صاحب اهو بہ ٻڌايو تہ جنرل اقبال منهنجو تعارف جنرل جيلاني سان ڪرايو ۽ چيو تہ ”هيءُ منهنجو گرائين (ڳوٺائي) آهي پر وڏو ليڊر سنڌ جو آهي.“ انهيءَ تي جنرل غلام جيلاني چيو تہ ”مون کي هنن جي پنجاب اچڻ جي رپورٽ ملي آهي تہ شرارتين جو ٽولو پنجاب آيل آهي.“

جنرل جيلاني ويو تہ جنرل اقبال اسان وٽ اچي وينو ۽ ڪچهري شروع ٿي وئي. اسين ايم آر ڊي مان تازو واندا ٿيل هئاسين. سيئي ڄڻا منهن سڃايو وينا هاسين، آءٌ تہ مورڳو پري ٿيو وينو هوس، جو اجا جيالن وارو جنون بہ جام هو. جنرل اقبال ڳالهائيندي چيو تہ ”اڄڪلهہ سنڌ ۾ شڪار جي موسم هوندي، سنڌ ۾ شڪار تہ جام ٿيندو آهي.“

هيستائين تہ رڳو جنرل پئي ڳالهايو ۽ اسان پئي ٻڌو جو اسان مان ڪو بہ ان سان ڪچهري لاءِ تيار نہ

هو پر سندس مٿين ڳالهه تي مون کيس چيو تہ ”ها جنرل صاحب، سنڌ ۾ شڪار جي موسم سٺي آهي، هر قسم جو شڪار جام آهي، اڄڪلهہ پکين، جانورن توڙي انسانن جو شڪار سٺو ٿئي ٿو.“ جنرل صاحب اسان واريون شڪليون اڳئي پڙهي ڏٺيون، ويتر اسان وارو لهجو ٻڌي سمجهي ويو تہ مڙس باهہ ٿيا پيا آهن، سو ڳالهيون مختصر ۽ مختلف ڪرڻ لڳو پر ڪيسين حالتن کان نتائي سگهياسين ٿي. هو اڳوڻو گورنر ۽ مارشل لا حڪومت جو ڪرتا ڌرتا، اسين سياسي ڪارڪن سي بہ پيپلا ۽ مارشل لا جا ڪاڙل، سو ڳالهيون وري بہ ڦري اڻ سڌي طرح سياست ڏانهن اچي نڪتيون. ٽيڏيون بہ سياسي خبرون ئي هيون، پيو سيڏي جي اگهن تي تہ ڪو نہ ڳالهايون ها، سو ڳالهين ۾ قومي ملڪيت ۾ ورتل ڪارخانن کي اصل مالڪن کي موٽائڻ جو ذڪر هليو ۽ ان موضوع تي خبرون ڪندي مون پنهنجي ڪاوڙيل انداز سان چيو تہ ”جنرل صاحب هي حڪومت هر شيءِ پنهنجي اصل مالڪن کي واپس ڪري رهي آهي، ڪارخانا، ملون، اسڪول، لڳي ٿو آخر ۾ ملڪ بہ پنهنجي اڳوڻن ڌڻين انگريزن کي واپس ڪري ڇڏيندي.“ اها ڳالهہ ٻڌي جنرل صاحب جو لهجو تبديل ٿي ويو ۽ سندس صبر جي انتها ٿي وئي، چيائين ”دوستو آءٌ سمجهان پيو تہ اوهين اسان کان سخت ناراض آهيو، اوهين حڪومت کي سنڌ ۽ سنڌين جو دشمن سمجهو ٿا پر هڪڙي ڳالهہ ياد رکو، اوهين ضياءَ جي ڪري سڄي فوج کي پنهنجو دشمن نہ سمجهو، فوج نہ اوهانجي خلاف هئي ۽ نہ ئي ڀٽي صاحب کي ڦاسي ڏيڻ جي حق ۾ هئي. جيستائين منهنجو تعلق آهي تہ مون ڀٽي صاحب جي ڦاسيءَ جي مخالفت ڪئي هئي. مون ضياءَ کي چيو هو تہ ڀٽي کي عدالت ۾ ختم ڪرڻ بجاءِ سياسي طرح ختم ڪرڻ گهرجي. وقت ايندو، حقيقتون سامهون اينديون. اوهان کي خبر پئجي ويندي تہ جنرل اقبال، ڦاسيءَ جو سخت مخالف هو ۽ ضياءَ انهيءَ ڪري منهنجو مخالف ٿيو.“ جنرل اقبال جي انهيءَ ڳالهہ ٻولهہ کان پوءِ وڌيڪ ڪو نہ ويناسين ۽ ڪانئس موڪلايوسين جو هاڻ وڌيڪ ڪچهريءَ جو ماحول ئي ڪو نہ هو.

سچ جي فتح جو اهو ئي وڏو دليل آهي جو ظلم ڪرڻ وارن جا ساٿي ۽ ٻانهن ٻيلي تہ ظالم کان ڌار ٿي بيهندا آهن پر خود ظالم بہ پنهنجي ظالماڻي عمل جا ڌڻي ڪو نہ ٿيندا آهن. اهو ئي سبب آهي جو اڄ تاريخ جي ظالمن جو ڪو بہ وارث ۽ والي نہ ٿو ڏسجي پر مظلوم سان مائٽيءَ لاءِ راڄ آتا آهن.

# تنظيم

(4_ مارچ 1984ع)

صبح جو اٺين پنڌ ڪيم. نائين وڳي ڏاري ڪچهري ۾ ويس. اڄ ڪچهري جو موضوع ”تنظيم“ هو. گفتگوءَ جو حاصل مقصد اهو ئي هو تہ ڪا بہ جدوجهد تنظيم  کانسواءِ ڪاميابي نہ ٿي ماڻي سگهي. تنظيم جو فقدان يقيني ڪاميابي کي بہ ناڪاميءَ ۾ تبديل ڪري ڇڏي ٿو. قائد عوام جيڏي وڏي تبديلي آندي ۽ جنهن سماجي تبديلي جي خواهش ڪئي، تنهن کي ڏسندي چئي سگهجي ٿو تہ سندس پارٽي جي تنظيم سندس پروگرام جي ابتڙ هئي. انقلابي تبديلي لاءِ نهايت مضبوط ۽ موثر تنظيم ضروري آهي. اها بہ حقيقت آهي تہ قائدعوام کي حڪومت جن حالتن ۾ ملي تن ۾ هو فوري طور تي تنظيم تي ڌيان نہ ڏئي سگهيو ۽ کيس پارٽيءَ جي قيام کان حڪومت جي ملڻ تائين، تنظيم کي

بهتر طور منظم ڪرڻ جو بہ وقت نہ ملي سگهيو.

شام جو سائين عالم شاهہ سان ڪچهري ٿي، اتي آفتاب مغل ۽ ارباب ٻڌايو تہ ڪين ايس. ايم.ايل.اي گهرايو آهي. سياڻي ويندا سين. اڄ دوستن جي دعوت آهي توهين ضرور اچجو. عالم شاهہ ۽ آءٌ رات آفتاب وارن وٽ رهياسين. ان بئرڪ ۾ هاڻ گهٽ ساٿي آهن. ڪجهہ ڏينهن اڳ ۾ بئرڪ اندر ترِ چٽڻ جي جاءِ ڪانہ هئي، ان بئرڪ ۾ سروري جماعت جا دوست رهندا هئا. سي گهڻا آزاد ٿي ويا آهن ايڪڙ ٻيڪڙ بچيو آهي. پير سليم ۽ سندس ساٿي اڃا رهيل آهن. پير صاحب تي هٿيار رکڻ جو ڪيس داخل ڪري 3 سالن جي سزا ڏني اٿن. پير صاحب ۽ سندس ساٿي نماز جا پابند آهن، رات جو ذڪر بہ ڪندا آهن. پير صاحب، جيل جي دوستن سان گهٽ ملندو آهي، جيڪي ساڻس ملڻ ويندا آهن، تن سان ڏاڍو پيار سان ملندو ۽ ڪچهري ڪندو آهي.

ٽنڊي ڄام زرعي ڪاليج ۾ شاگرد سياست جي عروج واري زماني ۾ پير سليم زرعي ڪاليج جو مقبول شاگرد رهنما هو. سندس گروپ بہ مضبوط ليکيو ويندو هو. زرعي ڪاليج جا ٻيا مشهور گروپ، بشير شاهہ گروپ ۽ کهاوڙ گروپ هئا. اهي اڄڪلهہ ڪو نہ ٿا ٻڌجن. باقي پير صاحب ڪنهن نہ ڪنهن حوالي سان زرعي ڪاليج سان تعلق رکيو اچي.

## هارون جو وڇوڙو

(7۔ مارچ 1984ع)

يارهين وڳي ڌاري اي ڪلاس ۾ وڃي اخبارون پڙهيم. اڄ عاشق جتوئي صاحب لاڪاٺ جي جتوئين جي دعوت ڪئي. شام جو عالم شاهہ ٻڌايو تہ عبرت اخبار ۾ آيو آهي تہ هارون سومرو گذاري ويو آهي. ڏاڍي ڏک جي خبر هئي. اخبار ڳولي ڏٺوسين تہ ننڍڙي خبر هئي تہ هارون سومرو وفات ڪري ويو آهي. خبر ۾ سگا، سنڌي ادبي سنگت ۽ عبدالرزاق سومرو اڪيڊمي جا ٺهراءُ هئا. هارون سومرو منهنجو تمام پيارو دوست هو. ممتاز پٺاڻ صاحب جي هدايتن تي جڏهن سپاف کي ٻيهر منظم ڪيو ويو هو. تڏهن مسعود نورانيءَ جي شاگرد تنظيم ايس ايس ڪو بہ سپاف ۾ ضم ٿي. نئين سر تنظيم ڪرڻ واري گڏجاڻي ۾ ايس ايس ڪو طرفان هارون سومرو شريڪ ٿيو هو. ان ڏينهن کان ئي هارون سان دوستي ٿي. ان گڏجاڻي ۾ ماروئڙا فيڊريشن بہ سپاف ۾ ضم ٿي، تنهن جي پاران غلام مصطفيٰ پٺاڻ نمائندگي ڪري رهيو هو. ٻين دوستن ۾ فتح محمد پٺاڻ (سکر)، اسد ابڙو، گلزار شيخ (پنو عاقل)، روشن پنهور، غازي، آءٌ ۽ ٻيا ڪي دوست شامل هئا. بعد ۾ دوست عبدالله ورياه جي اڳواڻيءَ ۾ سروري اسٽوڊنٽس فيڊريشن سپاف ۾ شامل ٿي هئي. هارون سومرو سچو قوم پرست، سٺو دوست ۽ بهترين مقرر هو. ون يونٽ جي زماني ۾ مورو شهر قومي جدوجهد جو وڏو مرڪز هو ۽ هارون سومرو ان جو مهندار هو. تن ڏينهن ايس. ايس. ڪو موري جي مضبوط شاگرد تنظيم هئي. هارون سومرو سپاف جو سينئر وائيس چيئرمين مقرر ڪيو ويو. هارون حيدرآباد ۾ مون وٽ ئي رهندو هو.

# عوامي جمهوري انقلاب

(8_ مارچ 1984ع)

اڄ ڪچهري جو موضوع هو ”عوامي جمهوري انقلاب“ اڄ يوسف ٽالپر طرفان دوستن جي دعوت هئي. 1 وڳي بي ڪلاس جي ان بئرڪ ۾ جنهن ۾ ولي خان ڪيس جي اسيرن لاءِ ڊائنگ هال هو تنهن ۾ دوست گڏ ٿيا. ماني کان اڳ ۾ ڪامريڊ شير خان لنڊ، قادر ڀان ۽ امداد چانڊيئي گيت ٻڌايا. دعوت ۾ اٽڪل 40 کن دوست هئا جن ۾ عاشق جتوئي، شاهنواز خان جوڻيجو رفيق صفي، عالم شاهه، عطاءُالرحمان، الاهي بخش قائمخاني، ظهور عالم رند، نبي بخش پرڳڙي، گهنشام پرڪاش، امداد چانڊيو پير معظم، پير مڪرم، ڪامريڊ شمس الدين ميمڻ، عبدالله ملاح، ابوبڪر زرداري، مولابخش مشوري، محب شاهه، انور عباس نقوي، امين خٽڪ، اين ڊي پي احمد علي عباسي، روشن علي ٻرڙو ج. س. ا. ف ۽ ٻيا دوست شامل هئا.

پروگرام مطابق مانيءَ کان پوءِ 2 وڳي سپرنٽنڊنٽ سان ملڻ وياسين. انور عباس نقوي جي مسئلي تي عاشق صاحب، يوسف صاحب ۽ ابوبڪر زرداريءَ سان گڏجي ايس پي سان ملياسين. انور عباس نقويءَ جو چوڻ هو ته ڪيس ٻڌايو وڃي ته ڪيس جيل جي معافي ملي رهي آهي يا نه. ٻي صورت ۾ هو هاءِ ڪورٽ ۾ درخواست داخل ڪندو. ٻين جيلن ۾ سياسي قيدين کي عام معافي ملندي آهي پر هتي جيل پڇڻ وقت سپرنٽنڊنٽ نواز رجسٽر ۾ لکي ويو آهي ته ايم آر ڊي جا قيدي ڪم نه ٿا ڪن، سڄو وقت نعرا ٿا هڻن، جيل جا ڪپڙا نٿا پائين ۽ جيل قوانين جي ڀڃڪڙي ڪن ٿا. سپرنٽنڊنٽ اوقاش سان ملياسين. چيائين ته جنوري 84ع کان مهيني ۾ 5 ڏينهن معافي ڏيندس، وڌيڪ معافي آءٌ جي ڏيندو ته آءٌ به ڏيندس، باقي جي نه ته آءٌ به غريب ماڻهو آهيان، سرڪار کي ناراض ڪو نه ڪندس. اتان اٿي بئرڪ آياسين. شام جو سيني دوستن کي سياڻي 11 وڳي هارون سومرو جي تعزيتي گڏجاڻي جو اطلاع ڏنوسين. اڄ بي بي سي ٻڌايو ته پشاور ۾ شاگردن ۽ پوليس وچ ۾ جهڙپ ٿي آهي. شاگرد ۽ سپاهي زخمي ٿيا آهن. 140 شاگرد گرفتار ڪيا ويا آهن، لاهور ۽ ڪراچي ۾ به شاگردن احتجاج ڪيو آهي. ڪالهه کان چاچو سيف الدين پنهور ڳوٺان آيل مٽرن جون ڦريون رڌيو پيو ڪارائي.

جيل ۾ اڄ ڪلهه سياسي ڪچهريون عام جام آهن. مختلف پارٽين جي گڏ هجڻ ڪري، هر قسم جا سياسي سوال زير بحث اچن ٿا. عوامي تحريڪ ۽ ڊيموڪريٽڪ جي دوستن جا اسٽڊي سرڪل هلن ٿا. ٻين پارٽين جا دوست جيڪي پاڻ کي خالص انقلابي ۽ نظرياتي سياسي ڪارڪن تصور ڪن ٿا، تن طرفان مختلف مسئلن تي پ پ جي ڪارڪنن کان سوال پڇيا ٿا وڃن؛ خاص ڪري سوشلزم، اسلامي سوشلزم، قومي جمهوري انقلاب، عوامي جمهوري انقلاب، قومي جدوجهد، شخصيت پرستي وغيره وغيره. سو اسان جي ڪچهريءَ ۾ به پارٽيءَ جا پڙهيل لکيل دوست مختلف موضوعن تي پارٽيءَ جي سنگت سان ڳالهه ٻولهه ڪندا آهن. سو اڄ ڪچهري ۾ عوامي جمهوري انقلاب متعلق ڳالهه ٻولهه ٿي. هتي جيل ۾ عوامي تحريڪ طرفان عوامي جمهوري انقلاب جا بحث به جاري آهن.

اڄ اخبار ۾ نام نهاد وزير محنت غلام دستگير جيڪو ڏسڻ ۾ ئي ڪنهن سئنيما جو داداگير لڳندو

آهي، جو جهالت وارو فرمان شايع ٿيو آهي ته ”حڪومت جي قدمن ملڪ ۾ پٽو ازم ۽ ڪميونزم جي راهه روڪي ڇڏي آهي، پٽو ازم نه ايندو...“ وغيره وغيره. پ پ جا ڪارڪن خان عبدالولي خان جا شڪرگذار آهن. جنهن پهريون پيرو پٽو ازم جو لفظ استعمال ڪري ڪين ٻڌايو ته شهيد پٽو فرد مان ڦري فڪر بڻجي چڪو آهي. ضياءَ ۽ سندس حوارين جا وري انهيءَ ڪري شڪرگذار آهيون، جو اهي پارٽي ورڪرن کي ياد ڏياريندا رهن ٿا ته قائد عوام ڀٽي کي فرد سمجهي قتل نه ڪيو ويو آهي، انسانيت جي سربلندي، محڪومن، مظلومن جي خوشحالي، ڏيهي پرڏيهي ظلم کان نجات جو فڪر ۽ واٽ سمجهي قتل ڪيو ويو آهي ۽ انهيءَ ڪري ئي شهيد ڀٽي جا قاتل چئي رهيا آهن ته پٽو ازم جو خاتمو ڪيو ويو آهي پر عقل جي انڌن کي شايد خبر ڪونهي ته جيڪڏهن ڀٽو فڪر بڻجي ويو آهي ته فڪر ظلم سان ختم ڪو نه ٿيندا آهن پر ڏاڍ، فڪر کي ڏينهون ڏينهن وڌائيندا رهندا آهن. قربانيون ڏيئي فڪر دائمي زندگي حاصل ڪندا آهن. زور وٺندا آهن ۽ فاتح ٿيندا آهن.

# وسارڻ جي رسم

(9_ مارچ 1984ع)

صبح جو نائين وڳي ڌاري ”بي“ ڪلاس ۾ شڪيل پٺاڻ جي طبيعت ڇڪڻ ويس. جڏهن ڪان شڪيل ٻاهران آيو آهي ڪيس بابو غلام حسين جي ڪمري ۾ رهايو اٿئون. جو ڪيس ويهڻ ۾ اجان تڪليف محسوس ٿئي ٿي. اتي اعجاز خواجه ۽ امداد چانڊيي سان به ڪچهري ٿي، ٻڌايائون ته ڪالهوڪي عبرت ۾ آمريڪي نائب وزير خارجه سان ملڻ وارن جا نالا آيا آهن تن ۾ سيٺ احمد دائود پڻ شامل آهي. اڇي احمد دائود جو ذڪر نڪتو. احمد دائود ڪراچيءَ جي سيٺين سان گڏجي يونائيٽيڊ ميمڻ جماعت ٺاهي آهي. ان جو صدر رٽائرڊ جج حفيظ ميمڻ کي ڪيو اٿن. بابو غلام حسين ٻڌايو ته حفيظ ميمڻ کي تمام سٺي پگهار، بهترين آفيس ۽ ٽرانسپورٽ جو بندوبست ڪري ڏنو ويو آهي.

اڄڪلهه سڄي سنڌ ۾ حفيظ ميمڻ ۽ احمد دائود ننڍين ڳوٺن ۽ شهرن ۾ پاڻ وڃي ميمڻ جماعت جون برانچون قائم ڪري رهيا آهن. هاڻ احمد دائود کي احساس ٿي ويو آهي ته هو به ميمڻ آهي ۽ سندس سنڌي ميمڻن سان مائٽي آهي. حفيظ ميمڻ ۽ سيٺ دائود جتي به وڃن ٿا سٺيون امدادون ڏين پيا. وڏا سماجي ڪم ڪرڻ ۾ مصروف آهن. ڪافي دير جماعت جي قيام ۽ ڪار گذاري تي بحث ٿيو. بابو غلام حسين ٻڌايو ته نٿي مان حميد ميمڻ هڪ گڏجاڻي ۾ ميمڻ جماعت جي قيام ۽ ان جي شموليت تي سخت اعتراض ڪيو ۽ چيائين ته ڪراچيءَ جا سمورا ميمڻ پنهنجون پنهنجون الڳ جماعتون ٽوڙي اتحاد ڪن ته اسين به غور ڪريون باقي اڪيلي سر احمد دائود کي سنڌ جي سنڌي ميمڻ جي اڳواٽي ڏيڻ سنڌ سان محبت ڪونهي. حميد ميمڻ هن جماعت ۾ شريڪ ڪو نه ٿيو.

حميد ميمڻ تمام پيارو دوست آهي. ساڻس واقفيت سکر جيل ۾ ٿي، اها واقفيت سٺي دوستي ۾ تبديل ٿي ويئي. حميد جن جو به دوست آهي، تن جو پر خلوص دوست آهي. سکر جيل ۾ گهڻن ٻين،

ٻاهران ڪامريڊن اندر وڏيرن جيان ڌاڙون ڪو نہ هٽندو هو. سدائين پيو چوندو هو تہ ”ادا اپري لڏ آهيون، جيترو پنو اوترو ئي ڪنداسين.“ سدائين پيو جهونگاريندو وتندو هو. سنگت کي ڏسي چوندو هو ”آهين ڪٿي منهنجا مڪليءَ جا مور“ وري جي ڪيس ڏسي ڪو پيو اهو سوال ڪانئس ڪندو هو تہ يڪدم جواب ڏيندو تہ ”اتي ئي پيا ٽڪون جهليون، پيو ڪٿي آهيون.“ اهو جواب جيل توڙي ٻاهر لڳو اچي. سکر کان دوستي هلندي اچي. خدا ڪندو سدائين هلندي.

”بي“ ڪلاس مان ٽي بئرڪ ۾ آيس. گلم وڇاياسين. 30_11 وڳي جو ٽائم ڏنل هو. آهستي آهستي دوست گڏ ٿيا. هارون سومري جي ياد ۾ تعزيتي گڏجاڻي ڪئي سون. مختصراً هارون سومري جو تعارف ڪرايم. سندس ڪچهرين ۾ سرگرمين جو ٿورو ذڪر ٿيو. ڪيترائي دوست هارون سومري کان ناواقف هئا. رڳو ٽي- چار اهڙا ساٿي هئا جن سڃاتو ٿي. هارون سومرو وڏيرو هجي ها ۽ پوءِ گهٽو بڇڙو بہ ٿي مري ها تہ بہ اڌ سنڌ ڪانئس واقف ضرور هجي ها. يا وري حڪومتي منصب تي پهتل هجي ها، پوءِ ڪٽي سنڌ جو خانو خراب ڪري ها تہ بہ اڄ سندس تذڪرو ضرور ٿئي ها. ڪيڏي نہ بدقسمتي آهي جو ڪو وڏيرو يا منصبدار ٿئي تڏهن ئي سندس ذڪر ڪتابن ۽ تاريخن ۾ ٿو ٿئي، پر جي ڪڏهن ڪو قوم جي قسمت مٽائيندي مٽائيندي راهن ۾ گمنام ٿي مارجي وڃي تہ ڪو بہ سندس واقف نہ ٿو ٿئي. ڪيسين ڪتابن ۽ تاريخ ۾ رڳو ننڍي مان وڏي ٿيندڙ جو ذڪر ٿيندو. ڪڏهن قومن لاءِ پاڻ پتوڙيندڙ ويچارن ننڍين جو تذڪرو بہ محفوظ ڪيو ويندو؟

ڪيڏي نہ افسوس جي ڳالهہ آهي جو جيڪڏهن اسان جا ڪي اديب، دانشور، فنڪار، قومي ڪارڪن، ڪن مصيبتن سبب ڪجهہ خاموش ٿين ٿا تہ ڪانئن ڪو پڇڻ وارو ڪونهي تہ اوهان سان ڪهڙي ويڌن آهي؟ ساڻن جيئري ئي اهڙو حال ٿا ڪريون، جو جڻ هئا ئي ڪونہ.

پنهنجن رٽائر، بيمار، غريب قومي ڪارڪنن، دانشورن، فنڪارن جي عزت افزائي نٿا ڪريون تہ ڏينهون ڏينهن قوم جو هر فرد قومي مفاد کان بيگانو ٿيندو پيو وڃي. قومي فنڪارن، ڪارڪنن، دانشورن جي ڪسمپرسي ڏسي ايندڙن ۾ مفاد پرستي ۽ خودپرستي جنم وٺندي پئي وڃي. پنهنجي پيٽ پرڻ جو فڪر وڌندو وڃي. قومي سورن ۽ مسئلن کان بيگانگي وڌندي وڃي. جيڪو بہ اجتماعي مفادن کي ترجيح ٿو ڏئي سو سڀني کان مختلف ٿو نظر اچي. ڪيس بيوقوف سمجهي چيو وڃي تہ ”پاڻهي هٽ هٽندو.“ مسڪين جهان خان کوسي جي علاج لاءِ اپيلون اخبار ۾ آيون. ڪامريڊ غلام محمد لغاري جي علاج لاءِ بہ اپيلون ٿيون، اڄ مولانا غلام محمد گرامي کي ڪو بہ ياد نہ ٿو ڪري. ڀلا اهڙن عظيم سپوتن جي بيوسي ڏسي ڪير ديانتداري اپنائيندو؟ جي قوم لاءِ مرڻ کان اڳ مئا تن کان قوم جي لاتعلقي ڏسي ڪير قوم لاءِ تري تي سر رکي ايندو؟ اسان جي پنهنجي قومي تاريخ جي ”سونهن فردن“ سان بيوفائي، اسان لاءِ ئي هاڃيڪار آهي. اها وسارڻ جي رسم اسان جي غلامي، بدحالي ۽ بيوسي ۾ اضافو ڪندي.

# چونڊن جي ذڪر سان ضياءَ جا وار اُپا ٿيڻ وارو لطيفو

(12_ مارچ 1984ع)

صبح جو سوير اک کلي، چئين وڳي ڏاري پير سليم صاحب جا ساٿي اٿيا، وضو ڪيائون ۽ مسلسل عبادت ڪندا رهيا. 30_6 وڳي ڌاري در بہ کليو. ميزبان چانهہ ناهي پياري. چانهہ پي بئرڪ آيس. 9 وڳي ڌاري ڪچهري ٿي. اڄ ڪچهريءَ ۾ محترم عاشق جتوئي، محترم نبي بخش پرڳڙي ۽ محترم صفر لغاري بہ شريڪ ٿيا. 12 وڳي ڌاري ملاقات ڪئي. هڪ وڳي ڌاري اسپتال ۾ اچي سائين محب شاهہ وٽ ننڊ ڪيم. ننڊ مان اٿيس تہ محب شاهہ ٻڌايو تہ جنرل ضياءَ پشاور ۾ جلسي ۾ تقرير ڪري رهيو آهي. ريڊئي جهلڪيون ٻڌايون آهن. جلسي ۾ ضياءَ اعلان ڪيو آهي تہ اليڪشنون اسلامي ڪرائيندو ۽ اليڪشن لاءِ پروگرام بہ اسلامي ڏنو ويندو. اليڪشن ۾ شرابي ۽ جواريءَ کي حصو نہ وٺڻ ڏنو ويندو ۽ ڪو حصو وٺي ڪٿي بہ ويو تہ ان کي نااهل ڪندس.“

ريڊئي اهو بہ ٻڌايو تہ سنڌ جي گورنر عباسيءَ کي لاهي سنڌس جاءِ تي حيدرآباد جي اڳوڻي ڊي ايم ايل اي جنرل جهانداد خان کي گورنر مقرر ڪيو ويو آهي.

گذريل ڪافي ڏينهن کان جنرل ضياءَ دل جهلي چونڊن جي ڳالهہ ڪرڻ شروع ڪئي آهي. اها ٻي ڳالهہ آهي تہ چونڊون ڪرائي يا نہ ڪرائي پر شڪر جو هاڻ چونڊن جو لفظ واتان ڪڍي تہ ٿو. نہ تہ بہ ٿي ڏينهن چونڊن جي سلسلي ۾ هڪڙي ڳالهہ ڏاڍي مشهور ٿي تہ ضياءَ پنهنجي انٽيليجنس جي انچارج کي گهرائي چيو تہ ”جيڪو حجام منهنجا وار ناهڻ ٿو اچي سو وار ناهيندي گهڻو وقت رڳو چونڊن تي ٿو ڳالهائي، تنهن ڪري تحقيقات ڪئي وڃي تہ ڪنهن جي اشارن تي ڪم ڪري رهيو آهي ۽ سندس ارادا ڪهڙا آهن؟“ تحقيقاتي آفيسر فورن حجام کي گرفتار ڪري پنهنجي ”حسن سلوڪ“ سان سچي ڪرائڻ لڳا. حجام روئندي رڙيون ڪندي چيو تہ ”ڪنهن بہ پارٽيءَ جو ڪو نہ آهيان. منهنجو سياست ۾ ڇا وڃي. آءٌ تہ رڳو جنرل ضياءَ صاحب سان وارن ناهڻ وقت چونڊن جي ڳالهہ ان ڪري ٿو ڪريان جو چونڊن جو نالو ٻڌندي ئي جنرل ضياءَ صاحب جا وار اڀا ٿيو وڃن ۽ مون کي وار لاهڻ ۾ آساني ٿي ٿئي!“

جنرل ضياءَ هاڻي ڪجهہ وقت کان همت ٻڌي چونڊن جو بار بار ذڪر پيو ڪري ۽ هميشہ وانگر سي ايم ايل اي (ڪيسنل ماءِ لاسٽ اناؤسمينٽ) تحت هن دفعي چونڊن لاءِ نئون اضافو ڪيو اٿس تہ چونڊون اسلامي ڪرائيندس. اسلام ۾ چونڊون هجن نہ هجن، ضياءَ مسلمان بادشاهہ آهي، جنهن کي وڻيس تنهن کي اسلامي ڪري، جيڪي وڻيس تنهن کي غير اسلامي قرار ڏئي ملن کان فتوا وٺي! اسلام ويچارو اڪثر مسلمان حڪمرانن اڳيان ”رضيہ غنڊون مين ڦنس گئي“ وانگر ڏسڻ ۾ ايندو آهي. اسلامي چونڊن جو مطلب تہ اهو ئي آهي تہ چونڊن جو طريقو بہ پنهنجو، اميدوار بہ پنهنجا، نتيجا بہ پنهنجا ”يعني مثبت“.

# بک تي پوڳ نڪاءُ

(13_ مارچ 1984ع)

رات جا ڏھہ ٿيا آھن. عطا خط پيو لکي. ٿوري ٿوري ڪچهري بہ هلي پئي. عالم شاھہ، عطا، چاچو ۽ ٻيا دوست بہ ڪچهريءَ ۾ شريڪ آهن. ڪچهريءَ ۾ پارٽي جي تنظيم موضوع بڻيل آهي. دوستن جو خيال آهي تہ جيڪڏهن، صاحبزادي بينظير صاحبہ ڪجهہ وقت رڳو تنظيم کي ڏئي تنظيم مڪمل ڪرائي ڇڏي تہ مستحڪم جمهوري انقلاب برپا ڪري سگهجي ٿو. جو عوام ۾ بيپناھہ جذبو موجود آهي ۽ عوام انقلابي، سماجي ۽ معاشي تبديلي چاهي ٿو پر تنظيم جي کوٽ وڏي مشڪل بڻجي ويئي آهي.

اڄ صبح جو پنڌ ڪري، نائين وڳي ڪچهريءَ ۾ شريڪ ٿيس. اڄ ڪچهريءَ جو موضوع هو”عوامي جمهوري انقلاب ۽ قومي جمهوري انقلاب“ اهي اصطلاح اڄڪلهہ انقلابي شيعا سني يعني روسي ۽ چيني پيروڪار اڪثر هتي استعمال ڪن ٿا. هتي ٻنهي ڌرين جا مناظرا چوٽ تي آهن تہ اهڙا اصطلاح بہ عام جام زير بحث آهن.

يارهين وڳي پروگرام موجب اسپيشل وارڊ ۾ چاچي شاهنواز خان ڏي ويس، اتي خانصاحب قائم خاني بہ موجود هو. ڪافي دير پارٽي ۾ گروپ بندي ۽ تنظيم متعلق گفتگو ٿيندي رهي. فوج ۾ ٿيل حاليہ تبديلي، يعني جنرل عارف جي تقرري بہ موضوع هو.

اڄ سنڌ پيپلز هاري ڪميٽيءَ جي دوستن جي گڏجاڻي رکيل هئي. شام جو پنڌ ڪندي ڏٺوسين تہ گڏجاڻيءَ ۾ پروگرام مطابق دوست تقريرون ڪري رهيا هئا. اهڙيون گڏجاڻيون اڪثر ٿينديون آهن. رات جو بئرڪ ۾ بہ دوستن کان تقريرون ڪرائيندا آهيون تہ جيئن ساٿي تقرير ڪرڻ جي فن کان بہ واقف ٿين.

شام جو ”اي “ ڪلاس وياسين. عاشق جتوئي صاحب پراڻيون ڳالهيون ٻڌايون. جنهن ۾ حميد جتوئي سان اختلاف، غلام مصطفيٰ جتوئيءَ جي حميد جتوئي سان دوستي، جتوئي صاحب جو وزيراعليٰ ٿيڻ ۽ سندس قائد عوام سان ملاقات جو ذڪر هو.

انين وڳي ڏاري بئرڪ آياسين. بي بي سي ٻڌايو تہ ڪالهہ پشاور ۾ جنرل ضياءَ جي جلسي ۾ شاگردن نعرا هنيا، جن تي لٺ بازي ڪئي وئي. ڪافي شاگرد زخمي ٿيا. جلسي ۾ بم رکڻ جا بہ افواھہ ٻڌا ويا جنهن سبب ڪافي ماڻهو جلسي گاھہ مان ڀڄي ويا. اسلامي جمعيت طلبہ جا اٽڪل 200 شاگرد گرفتار ڪيا ويا . هڪ اڳواڻ کي ڪوڙن ۽ ڏنڊن جي سزا بہ ڏني ويئي. ريڊيو مطابق ڪراچيءَ ۾ بہ ڪافي گوڙ ٿيو ڳوڙها گئس بہ هلائي ويئي. ايئرپورٽ روڊ 3 ڪلاڪ بند رهيو ۽ لاهور ۾ بہ گوڙ ٿيو آهي.

هينئر رات جا 12 ٿيا آهن. عالم شاھہ ۽ عطا لکن پيا. ٿوري دير اڳ ۾ پڙهيم پئي تہ اوچتو عالم شاھہ اٿي ڇٻن ۾ ڪجهہ ڳولڻ کان پوءِ اسان ڏي ڏسي کليو ۽ چيائين تہ بسڪيٽ الائي ڪٿي رکيا اٿن. ڏاڍي بک لڳي آهي. عطا چيو تہ مون تہ سربيڪس تي ڪاڏي آهي بک مون کي بہ لڳي آهي. ٿوري دير اڳ ۾ آئون بہ چيو وينو هوس تہ مون کي بہ بک لڳي آهي. ڏاڍا کلياسين. سنگت کي ٻڌايم تہ

خانصاحب جون مٺيون لوليون آيون آهن. عالم شاهہ ٽپ ڏئي اٿيو ”واهہ جي ڳالهہ ڪئي اٿئي.“ وچي خانصاحب جي ڇپن ڪي لڳو پر لڌس ڪجهہ بہ نہ. انهيءَ وچ ۾ چاچي سيف الدين کي سائينءَ جو پير لڳي ويو ۽ چاچو سيف الدين جاڳي پيو. ڪاوڙ تہ ڏاڍي لڳس پر ڪڇيو ڪو نہ. آءٌ اٿيس تہ ڪجهہ مٺيون مانيون ڪڍي آيس. ٽنهي ويهي کاڌيون. عطا کي پوڳ سجهيو سو چاچي کي سڏ ڪري چيائين تہ ”چاچا، دادو مان شفيع ميمڻ جو خط آيو آهي ٻڌندؤ؟“ چاچي کي ننڊ جو خيال هو، تنهن ڪمبل مان اندران رڙ هون هون ڪئي. عطا وري وڏي سڏ چاچي کي چيو تہ ”چاچا شفيع جو ضروري خط آهي، ٻڌو!“ چاچي چڙ مان منهن ۾ چاتي تان ڪمبل لاٿو ۽ اٿي ويهي رهيو ۽ عطا ڏي گهوريندو رهيو. عطا چيو تہ شفيع محمد لکيو آهي تہ ”چاچا سيف کي چئو تہ فڪر نہ ڪري، سندس جاءِ جو ڪم هلي پيو. جلدي مڪمل ٿيندو ۽ انشاءَالله جلدي چاچو مٿو ڏوئي جاءِ جو اچي افتتاح ڪندو.“ اتي سنگت ٺوري کلي پر چاچو وري بہ ڪو نہ ڪڇيو ۽ اٿي ليٽرين ڏي وڃڻ لڳو تہ عطا چيو تہ چاچا شفيع محمد وڏو ڪو چوتيو آهي ڇا لکيو اٿس.“ چاچي چڙ مان عطا کي چيو تہ ”شفيع محمد اڪيلو چوتيو ڪونهي، ان سان گڏ 2_3 ٻيا بہ چوتيا آهن. تن کي هيڏي موڪلي ڇڏيو اٿن.“ سنگت اچي کل ۾ پئي. چاچو ليٽرين مان موٽيو تہ ٽڙندو لڏندو (اڪثر چاچو چڙ ۾ ايئن هلندو آهي) ٻارن وانگر اچي هنڌ تي ڪريو ۽ زور سان ڪمبل ڇڪي اونڌو ٿي سمهي رهيو. اسين ڪافي دير تائين چاچي کي دعائون ڪندا، کلندا رهياسين. جس هجي هن زنده دل بزرگ ساٿيءَ کي.

## شورن جون شاديون

(14_ مارچ 1984ع)

رات جو پيپلز هاري ڪاميٽي جي دوستن جي فيصلي موجب بئرڪ نمبر 3 ۾ حاجي علي نواز جتوئي لاڪاڻ جي دعوت ۾ شريڪ ٿيس. هتي پهرين اسٽيڊي سرڪل ۽ پوءِ هاري ڪميٽيءَ جي نالي ۾ دوستن جون ڪچهريون ٿينديون آهن. هڪبئي جون دعوتون بہ ڪري ڪچهريون مچائيندا آهن. جيل ۾ جيئن جيئن ساٿي وڌندا ويا تيئن تيئن هنن ڪچهرين جي حاضري وڌندي وئي. س. پ. هہ. ڪ جي آغاز ۾ ٻين ڪن دوستن سان گڏ گل محمد سومرو (دادو)، بشير ٻگهيو (خيرپور ناٿن شاهہ)، مير خان ٻبر (خيرپور ناٿن شاهہ)، عبدالقادر ٻگهيو (خيرپور ناٿن شاهہ)، عبدالواحد شورو (ماتلي)، غلام رسول (ٽنڊو محمد خان)، علي غلام جلالاڻي (ٽنڊو محمد خان)، رفيق احمد جوڻيجو (سپاف) (خانپور تعلقي خيرپور ناٿن شاهہ)، پير علي غلام (شهدادپور)، ممتاز علي (سکر)، نواز علي شاهہ (پٽ شاهہ)، نثار علي (ٽنڊو محمد خان)، غلام حيدر جوکيو (ڪڪڙ خيرپور ناٿن شاهہ)، شمس الدين ساند (ڳوٺ ابراهيم ساند خانپور)، غلام رسول زنگيجو (ميرپور بٺورو)، خدا بخش مير جت (ٽنڊوالهيار)، اقبال جروار، محبوب جروار (ٽنڊوالهيار)، سرور شاهہ (پٽ شاهہ)، گل حسن عالماڻي (ڳوٺ الهداد عالماڻي مورو)، شاهنواز نائچ (خيرپور ناٿن شاهہ)، محمد هارون (ڪاڪا سعيد آباد هالا)، گل محمد ڪوسو (سائين بخش ڪوسو ٽنڊو محمد خان)، محمد صالح چنو (چوڪنڊي خيرپور ناٿن شاهہ)، محمد اڍيجو (ڳوٺ

غريب اوڍيجو ماتلي)، خدابخش جنجهي (ڪڪڙ خيرپور ناٿن شاهه)، روشن نائچ (خيرپور ناٿن شاهه)، علي نواز نائچ (خيرپور ناٿن شاهه)، احمد چنو (چوڪنڊي خيرپور ناٿن شاهه)، امداد علي گاڏهي، (موسيٰ ڪٽياڻ حيدرآباد) ۽ محمد خان کوسو (ٽنڊو محمد خان) ڪافي سرگرم هئا. علي نواز جتوئي لاڪاڻ جي پيارن دوستن مان ڪافي سرگرم آهي. هن دعوت ۾ سڄي بئرڪ کي اجرڪن سان سينگاريو ويو. چئني پٽين سان هنڌ وڇايل هئا. دوستن جي ڪچهري پئي هلي تہ اوچتو هڪ دوست اٿي اعلان ڪيو تہ هاڻي تقريرن جي نشست ٿيندي. ڪچهري ۾ گهڙي کن ماٺ ٿي ويئي. دوست متوجهه ٿيا پر وري بہ آهستي آهستي ڪچهري ٿيندي رهي. هن دعوت حاجن شوري وارن جي شاديءَ جو ڏيک پئي ڏنو. مون شورن جون لاڙ ۾ جيڪي بہ شاديون ڏٺيون آهن تن ۾ بہ اوچتو اعلان ٿيندو تہ "وعظ ٻڌو" پوءِ ڪو نہ ڪو مولوي اٿي تقرير ڪندو آهي. شورن جي شادي ۾ بہ چئني ۾ پاسن سان کٽون رکيل هونديون آهن جن تي سهڻا هنڌ وڇايا پيا هوندا آهن. کٽن جي اڳيان چاچي وينا هوندا آهن. اهي کٽون مختلف پاڙن يعني نکن يا خاندانن سان منسوب هونديون آهن. هر کٽ اڳيان انهي پاڙي جو وڏيرو ۽ سندس راڄ وارا وينا هوندا آهن. وڏيري جي مرضي آهي تہ جي وٽيس تہ لٽ ڏئي کٽ تي سمهي بہ پوي. شورن ۾ انهن کٽن تان اڪثر اختلاف بہ ٿيندا آهن.

ڪجهہ وقت اڳ ۾ محترم حاجي محمد صديق شوري (ڪوٽڙي) ۽ وڏيري ڪرن شوري (ڄامر شورو)، شورا ايسوسيئيشن ٺاهي، کٽن جي رواج کي ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پر ڪين ڪاميابي ڪو نہ ٿي ۽ شورا برادري جي اربابي ۽ کٽون اڄا قائم آهن. حاجن وارا شادين ۾ دهل ڪو نہ وڃائيندا آهن. حاجن جي سؤٽ جي شادي بنوري ۾ ٿي تہ اسان صلاح ڪئي تہ هن شاديءَ ۾ راڳ ڪرائجي. گهوٽ جو پاءُ ادا احمد بہ ان سازش ۾ شريڪ هو. انهيءَ شادي ۾ حيدرآباد مان ڳائڻو حضور بخش هزاري ۽ ٻيا فنڪار بنوري پهتا. انهيءَ شادي ۾ مولانا عبدالواحد آريسر، نياز همايوني ۽ ٻي ڪافي سنگت بہ بنوري اچي پهتي، رات جو راڳ شروع ٿيو تہ حاجن جو چاچو چڙي پيو ۽ گاريون ڏئي چوڻ لڳو تہ دهل بند ڪريو. حاجن وڏو استاد آهي. اٿيو وڃي فنڪار کان ڍولڪي وٺي آيو ۽ اچي حاجي عبدالله کي چيائين تہ "هي ڏسو دهل ڪونهي. هيءَ تہ پکواز آهي دهل تہ وڏو ٿيندو آهي. دهلاري وڃائيندا آهن." چاچي ڪٽي بس ڪئي، چئي، "چڱو پکواز پلي وڃايو پر دهل نہ وڃائجو متان...." حاجن جو چاچو بہ پنهنجو مٽ پاڻ آهي. اڇا ڪپڙا، پريل بت، اڇي ڏاڙهي، لوڏ لکن ۾ پڌري، نقصان نپ نہ سهي. فائدو اصل نہ ڇڏي جيڪا وٽيس خان خانان کي منهن تي چئي ڏي، سندس پٽ ادا احمد تمام پيارو دوست مهمان نواز ۽ ڪچهري جو ڪوڏيو آهي. سياست جا جراثيم ڪافي اٽس پر چاچي عبدالله منجهائي وڌو اٿس. هونئن هوسڙيءَ جي هن ننڍڙي ڳوٺ ڪاٽڙي جي سيني مڙس ماڻهو شورن ۾ سياست، سنگت ۽ مهمان نوازي وڏو گهر ڪيو پئي آهي. هن ڳوٺ ۾ محترم مير رسول بخش ٽالپر، سيد قمر الزمان، قاضي محمد اڪبر سميت جهونن اڳواڻن جون ڪچهريون ٿيون آهن. هاڻ محترم آريسر ۽ پ جي دوستن جون ڪچهريون بہ جام ٿينديون آهن.

پير علي غلام ڏاڻو فهميدو ۽ صبرائتو ساٿي هو جيل ۾ لکڻ پڙهڻ ۽ سياسي بحث مباحثي ۾ بہ دلچسپي وٺندو هو. هي نوجوان ۽ بهادر دوست (ڪڏهن؟) لاڙڪاڻي ۾ المرتضيٰ هائوس ويجهو پوليس

فائرنگ ۾ شهيد ٿي ويو.

# ڳالهيون ڳوٺ وٽن جون

(16- مارچ 1984ع)

صبح جا پوڻا اَٺ ٿيا آهن. صبح اٿي ٿورو پنڌ ڪيم. پنڌ ڪندي ئي بوند پڻ شروع ٿي ويئي. ڪالهہ بہ جهڙ هو ۽ ٿڌيون هوائون بہ هلنديون رهيون. اڄ بہ سنهڙي بوند ڪان پوءِ گهڙيءَ لاءِ وڏ ڦڙي پيئي. نالي ۾ پٽ پسائي ويئي، مٽي ويٺي آهي تہ ڳاڙهسرو ميدان سهڻو ٿي پيو آهي. بئرڪ ۾ چاچو سيف الدين پنهور، ڪامريڊ ڏٽي بخش پنهور (حيدرآباد) ۽ آءٌ جاڳيا ويٺا آهيون. ٻي سنگت اڃا ستي پيئي آهي. هينئر ئي بہ ساٿي بئرڪ وٽان گذرندي ڳالهائيندا ويا، هڪڙي چيو "واهہ جي موسم آهي"، ٻئي جواب ڏنس "ڪهڙي موسم، جيل ۾ بہ ڪا موسم ٿيندي آهي!" ٻئي سنگتي جي ڳالهہ سچي هئي، "جيل ۾ ڪهڙي موسم"موسمن جي حسن جو احساس تہ ڪنهن جي ساٿ ۾ ٿيندو آهي، تنهائي ۾ تہ وڻندڙ موسم اداس ڪري ڇڏيندي آهي. الائي ڪهڙو جادو آهي ڪڪرن ۾، جو هر جيئري دل جهومڻ تي مجبور ٿي ويندي آهي. الائي ڇو وسندي مينهن ۾ پنهنجن جا پور پوندا آهن.

نہ گل کھلے ہیں نہ ان سے ملے نہ مئے پی ہے،

عجب رنگ میں اب کی بہار گذری ہے۔

خلاف معمول آفتاب مغل سوير اٿي پيو آهي. وڏي ڳالهہ تہ تيار ٿيو يونس يان، آفتاب يان ۽ ٻين دوستن سان ڪرڪيٽ راند ڪرڻ پيو وڃي. سامهون واري ورانڊي ۾ ٽنڊي محمد خان جو دوست وڏي ستڻ ۽ پهراڻ سان بوسڪي جو پٽڪو ٻڌي، ٻانهون گوڏن تي رکيو اوڪڙو ويٺو آهي. انهيءَ سنگتي ڪي ڏسي خيالن ۾ وڃي ڳوٺ پهتس. ڳوٺ بہ صبح جو مائٽ گهرن مان نڪريو اچو ٻنجرن تي اوڪڙو ويهن. گهرن جا ٿلها هڪ ٻئي سامهون. پوءِ پنهنجي ئي ٿلهي تان پيا خبرون ڪندا، ڪن ڪي ڪپڙ جا ڏنڊڻ هٿن ۾ تہ ڪي نيرانا پيا پن جي ٻيڙي مان دونهان ڪيڏندا. سندن خبرون بہ مزي واريون. ٻني ٻاري جي خبر، ان ۽ گاهہ پني جي اگهن جي خبر، ڪالهوڪي مليل واقفڪارن جا احوال، آسي پاسي ۾ ٿيل چوري چڪاري ۽ جهيڙي جهٽي جي خبر. سالن ڪان ڳوٺ نہ وڃڻ جي باوجود سوچن ۾ ئي ڳوٺ جي يادن مان روح پئي خوش ڪيم تہ، بشير جمعدار جي هڪلن ورائي جيل حوالي ڪري ڇڏيو. جيل نالو ئي پرائي وس هجڻ جو آهي.

بشير طوفان ٿي هڪڙي در مان آيو ٻئي در مان نڪري ويو. وري آيو بئرڪ ۾ هيڏانهن هوڏانهن ڏسي چوڻ لڳو " ايي تو ساري سياسي سور رهي هين." وري طوفان ٿي نڪري ويو. بشير سڀني دوستن کي "سياسي" چوندو آهي. بند ڪرڻ ايندو تہ چوندو "او سياسيئو خدا ڪي واسطي بند هو جائو خدا کا خوف ڪرو، هماري بچون ڪا خيال ڪرو، سارا دن اڌر ايي تو جاني دوا!" اسان ڪميٽي وارن کي "ليڊر لوگ" چوندو آهي. ڪميٽي جي ڪنهن دوست کي بند ٿيڻ ۾ دير ٿي تہ چوندو "او خدا ڪي واسطي آپ ليڊر لوگ سويري آؤ تو يہ سياسي لوگ بند هون، ان لوگون ني تو هماري..." اڳي رڳو دادو

وارن دوستن لاءِ گھوڙا گھوڙا ڪندو هو. هاڻ وري لاڪاٽ جا جتوئي دوست بہ دير سان بند ٽيڻ لاءِ چڪر ۾ وينا هوندا آهن ۽ بشير جي آواز تي ڪن ڪو نہ ڏيندا آهن. بشير هنن کي بند ٽيڻ جو چئي هيڏانهن هوڏانهن پيو هلندو. هنن جي پاسي بيهي کين بند ٽيڻ جو ڪو نہ چوندو آهي، جو ڊڄندو آهي تہ متان وڙهي پون. بشير جي رڙين جي باوجود جتوئي جلدي اٿڻ جي ڪو نہ ڪندا تہ چوندو ويندو "خدا جاني يہ جتوئي صاحب کي مخلوق ڪهان سي آگئي هي". اسين ايندا سين تہ چوندو: سائين ان ڪو تو بولو پهلي ڪيا ڪم تهي ڪہ ان ڪو بهي لي آئي" (جتوئي پهريون ڪاري فئڪٽري ۾ هئا اسين کين وٺي اچي چڪر آيا سين. بشير هڪلون ڪري هليو ويو ۽ گهڙيءَ لاءِ چپ ٿي تہ هينئڙو سيڪ نيئر ۽ ڏانوٽيون ڇنائي، ڪوٽ اڪري وڃي ڳوٺ پهتو.

ڳوٺ ڦڙيون مس پيون تہ مايون مرد لڳي ويندا ها مَنهن لنبڻ ۾، ساوڻ ڏينهن سيني کي ساريا پيا هوندا هئا، گهرن راڳڻ جي تياري گهٽو ڪري وسڪاري کان اڳئي شروع ٿي ويندي هئي. مايون مڙسالن کي چوڻ شروع ڪري ڇڏيندي هيون: "هان، ٻڌين ٿو ساوڻ وري آيو آهي، مينهن آيا ڪي آيا، گارو ڪر تہ منهن راڳي ڇڏيون، متان دير ٿئي ۽ ٽيڙ سمورا پيجي ٿين پٽ."

هلڪي مينهن ۾ سيڪو پنهنجي ڪکن ۾ پيو هوندو هو ڪي ڪچن گهرن ۾ تہ ڪي مَنهَن ۾، ڪي غريب تہ پکن ۾ پيا هوندا. گهٽو ڪري سيني ڪکائن گهرن وارن وٽ پکا پيا هوندا هئا. ڪي هاسيڪار مينهن جي ڪري آٽيندا هئا تہ ڪن وٽ شادين جا بہ رڪيل هوندا هئا. هاڻ تہ ايڪڙ ٻيڪڙ ڪو پڪو گهر بہ آهي تہ ورانڊو بہ، پر اڳي ڪمرو ۽ ورانڊو ڪو نہ هو. ڳوٺ ۾ گهٽو ڪري سيني جو هڪڙو ڪکائون ڪمرو ۽ اڳيان اڏيل مَنهن هوندو هو. تن ڏينهن شادي ٿيندي هئي تہ گهوٽ ڪنوار ستاوڙي تائين ٿلهي تي اڏيل پکي ۾ رهيا پيا هوندا هئا. ستاوڙي کان پوءِ پکي مان نڪري انهيءَ هڪڙي ڪمري ۾ اچي گذران ڪندا هئا جنهن ۾ ڪنوار جي سس، سهرو ۽ ٻيا ٻار رهيا پيا هوندا. ڪو ڳوٺائي سکيو هوندو ۽ وٽس ڪچو ڪمرو بہ هوندو تہ ڪمري کي ڏاڪڻ نما در هوندو، باقي سيڪ پڌرا پيا هوندا. هڪڙي ئي ڪمري ۾ منهن ۾ ننهن، سس ٻئي پيون ٻار ڇٽيندي يون.

ڳالهہ هئي مينهن جي، سو هلڪي ڦلڪي مينهن ۾ تہ سيڪو پيو ڳوٺ ۾ مينهن سان مقابلو ڪندو پر جي مينهن گهٽ نہ ڪئي ۽ ساندهہ وسندو رهيو تہ ڳوٺ وارن جو گهرن ۾ رهڻ ۽ هلڻ ڦرڻ مشڪل ٿي پوندو. مالوند، مال کي وس تي موڪلي ڇڏيندا ۽ گهر وارا لڏي اچي پوٺي تي ويهندا. پوٺي تي پکن جو ڳوٺ اڏجي ويندو هو. پوٺو ڳوٺ کان پري ڪو نہ هو. مرد ماڻهو روز وڃي گهرن جو حال احوال وٺي ايندا هئا، تيسين پوٺي تي رهيا پيا هوندا هئا. جيسين ڳوٺ مان پاڻي سُڪي ۽ ماڻهن ۽ مال جو رهڻ ممڪن ٿئي.

اونهارو ئي اسان جي ڳوٺ اچڻ جي مند هئي، سياري ورلي ڪو ايندا هئاسين. پانڌي واهہ وهي آيو يا ساوڻ جا ڪڪر وريا تہ ناني بہ ڳوٺان اچي ويندي هئي اسان کي وٺڻ. اسان کي بہ ڳوٺ جا ڏينهن وسرندا ڪو نہ هئا. گرمي جون موڪلون مليون تہ ناني جو انتظار شروع ٿي ويندو هو. نانيءَ کي گهٽيءَ مان ايندي ڏسندا هئاسين تہ ٻارن ۾ رڙ پئجي خوشي واري ويندي هئي تہ "ڏاڏي اچي ويئي، ناني اچي ويئي!" ناني سان وڏي هڙ ڳوناٽين سوکڙين سان پري پئي هوندي هئي: سچو گيهہ، مکڻ، تندي جي مشهور

حلوائي جي دڪان جي مٺائي، وڙو حلوو مال پڙا، ميسو پاڪ، ٽڪيون ضرور هونديون هيون. منڊ سارو پيرون، ڪماند جو ٻُليون ۽ مٽر بہ کٽي ايندي هئي.

بہ ٽي ڏينهن رهي ناني، بابا کان موڪل وٺڻ شروع ڪري ڏيندي هئي تہ ”ابا پاڻي وهي آيا آهن، ساوڻ منڊ بہ آهي، سيئي ٻار پيا راند روند ڪن، سڄي ڳوٺ جي ماين کي مولا بخش جي ماءُ جو انتظار آهي، موڪل ڏي تہ اها بہ مائٽاٽا ڪک ڏسي اچي.“ بابا انڪار ڪندو تہ ناني جو مطالبو بہ زور وٺي ويندو هو: ”ابا، تيسين چڙين، جيسين جيئري آهيان. پوءِ نڪو ڪو زور پيري ٻار وٺي ويندو نڪو ٻار ڪرندا.“ ٽيو بہ ايئن. ناني مئي کان پوءِ نہ ٿي ڪو شوق مان امان ۽ ٻارن کي وٺڻ آيو ۽ نہ ٿي اسين بہ ڪو ڪوڏ مان ڳوٺ لاءِ سنبرياسين.

ڳوٺ وڃڻ جي موڪل ملي تہ هڪ بہ ڏينهن تياري ٿيندي هئي. تنڊي محمد خان وڃڻ اهڙو سولو ڪو نہ هو جهڙو هينئر. تنڊي بس ڪا ورلي ويندي هئي. هڪڙو رستو بچڙو ٻي بس هٽلر جي زماني جي، قدم قدم تي بيهندي هلندي هئي. ماڻهن کي ريل سولي لڳندي هئي. اسين بہ ريل ۾ ئي ويندا هئاسين. تنڊي 3 ريليون ويندڙيون هيون، هڪڙي”پهرين“ صبح جو 7 وڳي، ٻي ”لنڊو“ صبح جو 10 وڳي، ٽين ”پوئين“ شام جو 5 وڳي ڏاري. اهي ريلن جا سرڪاري ٽائيم هئا. باقي ريليون پنهنجي مسافرن جي مزاج تي هريل هيون. ڪڏهن وقت تي ڪو نہ هليون. سدائين ليٽ. حيدرآباد کان تنڊي تائين ريل جو سفر اسان لاءِ وڏو لطف وارو سفر هو جو اهو ٿي وڏو سفر ڪندا هئاسين. ريل ۾ شين وڪڻڻ وارن جي اچ وڃ، عجيب غريب هوڪا، فقيرن جو قسمين قسمين جون صدائون، سڀ دلچسپي جون باعث هيون.

تنڊي اسٽيشن تي ڏيگي گاڏي اسان جي انتظار ۾ هوندي هئي. اسٽيشن تان اچي اميٽا چاڪياٽيءَ جي گهر منزل ضرور ٿيندي هئي. ماسي اميٽا وڏي صبر ۽ پيار واري خاتون هئي. ڳوٺ جون مايون تنڊي اينديون هيون تہ سندن پڙاءُ ماسي اميٽا وٽ ئي هوندو هو. ماسي اميٽا چاڪياٽي جو گهر تنڊي ۾ مين اسٽيشن روڊ تي نيشنل بئنڪ جي سامهون هوندو هو. اتي ڪُٽرن جا ڪارخانا جام هوندا هئا. ڳوٺ وارا پنهنجون گاڏيون ڇُٽو ڪري انهن ڪارخانن ۾ ئي بيهاريندا هئا. ڪارخانن جي سامهون نيشنل بئنڪ جي لائن ۾ رڳو چاڪين جا گهاٽا هئا. گهاٽن جي پويان ۽ مير جي پڙ ۾ ڪٽن واريون هوٽلون هيون، ٻوڙيا بہ هوندا هئا. پر سيئيل ۽ تريل مڇي، پلو جام هلندو هو. تنڊي جي پڙاءُ دوران ٻنپهرن جي ماني انهن هوٽلن تان ايندي هئي. ڪائي ڳوٺ روانا ٿيندا هئاسين. شهر ۾ ٿورو ترسڻ هوندو هو تہ جانورن جي اسپتال جي پاسي ۾ گهاٽين نمن جي ڇانوَ ۾ گهڙيءَ لاءِ ڏاٻو ڪري ڳوٺ هلندا هئاسين.

تنڊي کان ڳوٺ وارو رستو ”لاڪاٽ روڊ“ بہ پنهنجي پانڊيئڙن لاءِ وڏو امتحان هو. هڪڙا ڪڏا ٻي ڏوڙ، ڏوڙ ۾ ڪڏا ڪوٻا ڏسڻ ۾ ئي ڪو نہ ايندا هئا، اوچتو ڏيگي گاڏي کي اهڙو لوڏو ايندو جو پاسراٽين مان نڪاءُ نڪري ويندا هئا. لاڪاٽ وارو روڊ بہ اهڙو ئي هو جهڙو ٻڪيرن وارو روڊ ڀڏبو هو. ٻڪيرن واري روڊ بابت پهرين ”قادو شيدي“ کان ٻڌو هئوسين. قادو شيدي بہ ڪاڇن ۽ مجلسن جي سونهن ۽ سڪيائي جي نشاني هو. قادو شيدي فن جي مظاهري مهل خاص قسم جو لباس پائيندو هو. مٿي ۾ ٽن ڪنڊن سان ڪانگريسي ٽوپي پيل هوندي هئس. رات جو انهيءَ ٽوپي ۾ ننڍڙا بلب بہ ٻرندا هئا. قادو شيدي پنهنجي

لطيفن، حرڪتن سان محفل کي ڪلائي ڪلائي ساڻو ڪري ڇڏيندو هو. ماڻهو سڄي رات پيا قادو جون خبرون ٻڌندا هئا. ورچندا اصل ڪو نه هئا. انهن ڪچهرين کي ساري هاڻ ٿو ماڻهن کي ڏسجي ته جڻ ماڻهن مان چرچي ڀوڳ جي حس ئي ختم ٿي ويئي آهي. ماڻهن کان جڻ کلڻ وسري ويو آهي. وقت انسان کي سهولتون ڏيئي، سڪون ڦري ڇڏيو آهي. سهولتن سان گڏ ماڻهن کي جڻ "ڊوڙ" به حصي ۾ آئي آهي. ڊوڙ به اهڙي جو زندگي جو نئون نالو ئي "ڊوڙ" رکڻ کپي. ڳالهه رستي جي هئي، وچي اٽڪيو آهيان وقت ۾. وقت کان ڪنهن ڪٿيو آهي. وقت "اڄ" جي حقيقت آهي سياڻي نه. تنهن ڪري وقت کي "اڄ" ۾ ڪو به ماري نه سگهيو آهي. قادو شيدي، ٻڪيرن جي رستي جي ڳالهه ڪندي چوندو هو ته "ٻڪيرن ويندي بابا جي ڪلهي تان ڪري پيس. حرام جو مائٽن کي هٿ اچان. وڏا پروڻ ڪٽي آيا، رستي جي مٽي چاٽيندا رهيا. تئين ڏينهن خدا خدا ڪري مائٽن مون کي لڌو."

لاڪاٽ وارو رستو به ذري گهٽ ٻُڪيرن واري رستي جهڙو هو. پنڌ وارو اجا به ڪجهه سولو ساهيون ڪٽي وچي تنڊي پڄندو هو پر گاڏيءَ جا لوڏا ڳوٺ تائين سڪائي لاهيندا هئا. ڏيڊ ڪوهه جي پنڌ ۾ ڏيڍا آبڙي شاخ تي ساهه پٽيندا هئا. ڳوٺ پهتاسين ته چوبول پئجي ويندو ته "حيدرآد وارا اچي ويا." (سڀ ڳوٺائي حيدرآباد کي حيدرآد چوندا آهن) اسان واري گهر ماين جا ميڙا مچي ويندا. هڪڙيون مايون هٿ ڏئي گهر جو ڪم ڪار لاهي اينديون ته ٻيون وينديون. امان سان ايندي به مائٽياڻيون روئي ملنديون هيون ته ويندي به. ويندي وڌو جذباتي منظر هوندو هو. سيئي مائٽياڻيون ۽ ساهيڙيون امان کي رستي تي ڇڏڻ اينديون هيون. موڪلائڻ مهل ڏاڍو روئنديون هيون. روئندو آءٌ به هوس. مائٽن جي وڇوڙي تي نه پر سمجهندو هوس ته کيل ختم، پيسا هضم، وري اسڪول، وري ٻنپهرن جو زوري سمهڻ، هلڪيون ڦلڪيون پابنديون وري شروع.

شهر ۾ سوير سجاڳي ڪو نه ٿيندي هئي، جي ٿي به ويئي ته اسڪول جي ڊپ ۾ هرويرو به اکيون پوريون پيون هونديون هيون. ڳوٺ جهل پل ڪو نه هئي ته اک به اسر ويل ئي کلي ويندي هئي. وڏي اسر کان ئي زندگي جو آغاز ٿي ويندو هو. ورلي ڪو صدورو سڄ چڙهئي ستل هوندو هو. مايون، مردن کان اڳ ۾ اٿنديون هيون. چٽني پاسي جنڊ جا چيڪڙاٽ پيا ٻڌبا هئا. هر ڪا مائي ڪم سان هوندي هئي: ڪا ولوڙڻ ۾، ڪا ڇڙڻ ۾ ڏرڻ ۾. ٻين ٻارن وانگر پاروتو پٽ، ديگڙي ۾ ڪائي، سوير ئي سنگتين سان مال ۾ ويندو هوس. ٻارهين ڏاري مال ڪامن ۾ ويهاري گهر ايندا هئاسين.. ماني ڪڏهن ٻوڙ سان ته ڪڏهن سانڌاڻي سان ڪائي وري مال ۾. مال ڪامن ۾ ته ڏراڙ به ڪامن ۾. ٻارن سان وهنجڻ پانڌي واهه تي ويندو هوس. پر تارو ڪو نه هئس. ادا شمون ٻيا دوست ۽ مائٽ ٻيرن تان چڙهيو واهه ۾ ٽپ پيا ڏيندا هئا ۽ آءٌ ڪپ تي ئي پيو پاڻ کي پسايو خوش ٿيندو هوس.

هينئر ته ڪمند ملڪ کي ڍَڪي ڇڏيو آهي. ڪلر آباد ٿي ويا آهن. تڏهن پانڌي واهه ٻاراهو ڪو نه هو ٻوني جون زمينون نارن ۽ هرلن تي ٿينديون هيون. ڪلر آباد ٿيا. خوشحالي جي هلڪي لهر آئي ته ماڻهن چوڻ شروع ڪري ڏنو ته "اڄڪلهه ڪلر ۽ ڪير جو قدر آهي." پانڌي واهه ٻاراهو شهيد ڀٽي جي زماني ۾ ٿيو هو. اڳ ۾ گهڻو ڪري ساريون ٿينديون هيون: "گنجا ۽ رتڙيا." گنجا ته اجا به غريبن جو ساٿ ڏيو اچن. سندن ڳاڙهي ماني، ڳاڙهو پٽ روزانو جو رزق آهي باقي رتڙين کي ڪا اهڙي بيماري

لڳي جو ويا ته وري نه ٿيا. پراڻا ماڻهو رتڙين ڪي ساريو ٿڌا ساهه پريندا آهن. رتڙين ۾ سڪون جو ساڳيو زمانو هو. سو ڪمند پئسو ڏياريو ته هڻ وٺ وڌي ويئي. پئسو به جڻ اُڃي مٽي ۾ بيچينيءَ جي پاڻي مان نهيل آهي، جنهن وٽ ٿوَ اچي تنهن جي پٺي پوي ته ”اچان ڪي آڻ، اچان ڪي آڻ!“ پئسو جنهن ڪي پاڻ پسائيندو آهي تنهن ڪي حياتيءَ جا ٻيا به ڪيئي منظر ڏيکاري ڇڏيندو آهي.

هاڻ ته پيار به پئسن سان آهي ته مرڪڻ جو به ملهه آهي پر تڏهن ڳوٺ وارا ماهيو ڪو نه ڪندا هئا. ڪير وڪڻڻ عيب هو. ڪير به پٽن وانگر هو. سندس خير به پٽن جي خيريت سان گڏ پڇبو هو. ڪير ڪاڙهبو ۽ ولوڙبو هو. ماڻهن ۾ ڪس ڪسر ڪاڻ هو. پنهنجن وٽ ويندي ۾ گهرندي عيب ڪو نه ٿيندو هو. جو پنهنجن ڪي مهل ۾ ڏيڻ به وڏائي ڪو نه هئي. ٻار ٻچي ڪي ڪير لپ جي ضرورت پئي ته ريءَ ملهه ملي ويندو هو. جنهن گهر ۾ ڪير ڪو نه هو تنهن گهر جي نياڻي سياڻي صبح سان ڪير وارن جي گهر لنگهي ويندي هئي ته چوئنري ڏڌ جي پري ايندي هئي. ڳوٺ ۾ به ٽي ننڍڙا دڪان هئا، انهن تي روڪڙي جي پيٽ ۾ اوڌر ۾ ان تي ڏيتي ليتي وڏيڪ ٿيندي هئي. اَنُ جي جهولي يا ڳنڍ ڪٽي ويندا هئاسين ۽ دل گهريون شيون وٺي ايندا هئاسين. گهر وارن جي ڏنل ان مان پيٽ ڪو نه پربو هو ته لابارو ٿيل فصلن مان چونڊبو به ڪري ايندا هئاسين. ڳوٺ جي ماين جو مينهن ۾ وچين ۾ ساهه هو ۽ مرد ماڻهو ڍڳن جا شوقين هئا، جن ڪي ڍڳا گاڏيون هيون سي ڪانا ۽ گاهه ڪٽي ڪمائيندا هئا (اسان وارا مائٽ گهڻو ڪري ڪانا پري حيدرآباد ايندا هئا. حيدرآباد ۾ ڪانن جي وڏي مارڪيٽ هئي. گاڏيون آفندي باغ ۾ بيهنديون هيون) ڪي مزدوري ڪندا هئا. ايڪڙ ٻيڪڙ ڳوٺاڻن ڪي پنهنجو ٻني ٽڪر به هو پر گهڻا ماڻهو هارپو ڪندا هئا ۽ گهڻا ريوومل، دولومل ۽ موتي مل جا هاري هئا. ٻه ٽي گهر ميرن جا هاري هئا. اٿر ميرن جو ماڻهو به ميرن جا هئا. ڪاڄ، قضئي ۽ ماتم ۾ ميرن جي حڪم تي حاضر هوندا هئا، ڪنهن جي مجال جو ميرن جي خلاف ڳالهائي. پيٽي صاحب جي تحريڪ جو آغاز هو. حيدربخش جتوئي جي خبرن جي سڏ پئجي ويئي هئي. تڏهن ڳوٺ ايندو هئس ته ميرن جي خلاف ڳالهائيندو هئس ۽ ماما پنهون مون ڪي زوري ڳوٺان وٺي امان وٽ ايندو هو چوندو ته ”ادي، مولابخش ڪي سمجهاءِ، مير اعجاز وارن جي خلاف ٿو ڳالهائي. مير بادشاهه آهن، ميرن جي زمينن تان سج ئي ڪو نه ٿو لهي.“ پيٽي صاحب جي حڪومت قائم ٿي. سائين اسدالله شاهه سان گڏجي تنبدي محمد خان جي دوري تي آيس ته وڏا جلسا ٿيا. شهر ۾ وڏو جلسو ٿيو انهيءَ جلسي ۾ تقرير ڪندي چيم ”ماما اچي ڏس، توهان وارن ميرن جو سج لهي ويو آهي. هاڻ ماڻهو گهرن ۾ نه پر چوڪن ۽ چوسولن تي ميرن تي پيا ڳالهائين.“ انهن ڏينهن سڄي سنڌ وانگر تنبدي ۾ به پارٽي ۾ گروپ بندي هئي، مير اعجاز وارا ممتاز پيٽي صاحب سان گڏ هئا. پير سعيد جان ۽ تنظيم ڪي جتوئي صاحب جي سرپرستي حاصل هئي. مير صاحبان به پ پ ۾ هئا پر تنظيم سڄي تعلقي ۾ ميرن جي خلاف جلسا پئي ڪندي هئي.

ماڻهن ۾ سُڪيائي ڪو نه هئي پر صبر توڪل جام هو. پير پنڌ ڪان ڪو نه ويندا هئا. شادين ۾ پوئو پهت ۽ قضئي تي چاڙ ضرور ڏيندا هئا. اوسي پاسي گهڻا راڄ هئا. پهوڙن جو راڄ، پٽ ڳاهن جو راڄ، ماري مهاڻن، زنئورن، سمن، ٽيبن، لنجواڻين، مڱن، ستين جا راڄ پاسي ۾ ٻبرن جو راڄ به هو مشهور اداڪاره بينا (فلم رنگ محل واري) سندس پيڻ زرينه. ڪاڪي ٽيئومل جي گهر واري انهيءَ راڄ مان

هيون. سيني سان اٿندا ويهندا هئا. پنهنجا ڪاڄ به وس سارو سنا ڪندا هئا. غريب غربو ته راڄ سڏائي فرض پورا ڪري ڇڏيندو هو پر جن جي ڪتي يا ڇيٽ پلو ٽيو سو پٽ ضرور ڪندو هو. ڪاڄ ۾ زالن ۾ ته ماتلي ۽ ٽنڊي مان ڳائڻيون ايندون هيون پر مرداڻي ڇني ۾ ڳائڻين جو رواج ڪو نه هو. ناچو ايندا هئا. ڪو پڪو پختو ڳائڻو به ايندو هو ته ان سان به هڪ اڌ ناچو ضرور هوندو هو. انهن ڏينهن سيد سليمان شاهه جي پل پلان هئي. ڏاڍو مقبول هو مون وارن مائٽن ۾ به. پاڻ وٽ يا اوسي پاسي ڪاڄ ۾ سليمان شاهه جي اچڻ جو ٻڌي وڏي تياري ڪندا هئا. پئسا به ڏيندا هئس ته سونيون منڊيون به پارائيندا هئس. ڪن شوقينن ته مينهون به تحفي ۾ ڏنيون. سليمان شاهه جا ڳايل ڪلام ڪي ڏينهن ڇوڪرا پيا جهونگاريندا هئا. لتا، محمد رفيع، طلعت محمود جا به عاشق هئا، ڪي ته مڌو بالا ۽ نرگس جا چريا ٿيل به هئا. ٽنڊي ويندا هئا ته ڪم ڪار لاهي رڪارڊنگ واري هوٽل تي ضرور ويهي ايندا. ٽنڊي ۾ رڪارڊنگ واريون هوٽلون جام هيون پر بنورو روڊ تي آچو ماڇي جي هوٽل ۽ اسٽيشن روڊ تي ٽين بتي چار راسته وٽ مالهي جي هوٽل سيني کان زور هئي. وڏو ميڙو هو انهن هوٽلن تي عاشقن، معشوقن ۽ محبت جي مارين جو. ميلي ملاکڙي جا به شوقين، سمن شاهه ۽ ساجن سوائي تي وڏي تياري ڪندا هئا پر گهٽ پاڙي واري پيرن جي ميڙن تي به ڪو نه ڪندا هئا. شيخ فريد جي ميڙي جي تياري عيد کان به وڌيڪ ٿيندي هئي. شيخ فريد بزرگ لاءِ چوندا ته ”شيخ فريد زالون زور مڙس غريب!“ خبر ڪو نه پئي ته ميڙي جي رونق ڏسي نعرو هڻندا هئا يا زالن جي دانهن ڏيندا هئا.

ڳوٺ ۾ به ٽي ڄڻا، ڪي سنڌي درجا پاس هئا. سڄي ڳوٺ ۾ به ڄڻا قرآن پڙهيل هئا، هڪڙي منهنجي پڦي ٻيو پري جو مائٽ نانا پيرو چانڊيو. مسجد هئي پر نمازي به يا ٽي هئا. بيماري سيماري ۾ ڊاڪٽر ڏي گهٽ ويندا، هلڻ کان هلاڪ ٿيا ته پاڻ ڪٽائي ڊاڪتروٽ پهچندا، نه ته گهر ۾ ئي رلين ۾ پيا ڪرڪندا ۽ ڪنجهندا. تعويذن تي وڏو زور هو سنئوڻ ساٺ جام ڪرائيندا. هر بيماريءَ جو تعويذ ۽ ساڻ هو. گهڻو ڪري سيڪا بيماري ڪنهن ڏوهه يا حساب جو نتيجو سمجهندا هئا. ڊاڪٽر ڏي هينئر به وسئون ڪو نه ويندا آهن، مجبوري مارين ته مِٽ مائٽ ڪي ڊاڪٽر تائين رسائيندا. تعويذن، ڏوهن ۽ حساب ڪيائڻ جي آسري ڪيئي سدا ملوڪ ماڻهو ۽ ڪنڌار جوانيون جبل جو ڪاڄ ٿي ويون آهن. پوڙهو پڪو يا ڪا جهوني بيمار ٿي پئي ته آئي وئي کي پئي چوندي ته ”دعا ڪر چڙهي جُتي وڃان، الله ڪنهن جو محتاج نه ڪري.“ وڌيڪ عمر هوندي ته حياتي مان بنهه لاطمع ٿي چوندي ”دعا ڪريو ته ڏٽي پنهنجو ڪري، وڃي سُکي ٿيان، هاڻ ته جبل ۾ مائٽ پيا سارين.“ انهن جملن جي اصل معنيٰ اڳ ۾ ته ڪو نه ايندي هئم پر هاڻ ڪنهن کي زندگي مان لاطمع ڏسندو آهيان ته دل اداس ٿي ويندي آهي، ٿهڪ ڏيندڙ زندگيءَ جي رئندڙ پڇاڙي پريشان ڪري ڇڏيندي آهي. انسان جو انت، زندگيءَ جي پڇاڙي ڏسي، اهو ويساهه وڌي ويو آهي ته ”الله تعاليٰ کي پنهنجي حسين تخليق اشرف المخلوقات سان بيحد محبت آهي، انهيءَ ڪري ئي موت کي خلقي انسان جي پٽ رکي اٿس.“

مرد ته مرد آهي هٽيو وڃيو هنڌ ڪري، پر عورت ذات وڏي عذاب ۾ هئي ۽ آهي به. گهڻو ڪري نياڻيون بدي تي ڏنل هيون، تنهنڪري هڪڙي سورن ۾ ته ٻي هرويرو به سور ڏسندي. هڪڙي رسي يا ڪاوڙجي ويئي ته گهڻو ڪري بدي واري به گهر ۾ ڪو نه هوندي. نه ڪنوار جي عمر جو خيال، نه گهوٽ

جي وهيءَ جي ڳٽيتي. جوانيءَ ۾ مڙس جي وس، پيريءَ ۾ ٻُنهن ۽ پٽ جي حوالي. مڙس پائيندا بہ پر جي بگڙيا تہ خدا جي پناھہ. ٻني ٻاري، وهٽ وڙي جي هر ڪم ۾ مڙس سان پاڳي پائيوار پر پنهنجي هر ڳالهہ ۾ بي اختيار. ڳوٺ ۾ ڪي پاڳن وارا ماءُ پيءُ، زال مڙس، سسون، سهرا بہ. پر گهٽي پاڳي حياتيءَ ۾ سور مڙئي سرسُ هئا. هڪ دفعي امان سان رهاڻ ڪندي هڪڙي مائٽياڻي سُڪل نارنگي پي سونگهي. امان ان جو سبب پڇيس تہ چيائين ”جيجي، اڄڪلهہ هر شيءِ مان ٿي باس اچي، سڄو ڏينهن ٽا اوڪارا اچن، رڳو نارنگي جي ڪتي خوشبو وٽيم ٿي، سونگهان ٿي تہ ڪجهہ آرام اچيو وڃيم پر هيءَ (نارنگي) نپٽي ڪير آڻي ڪو نہ ٿو ڏيم، سو سڪل سانڍيو ويٺي آهيان. جيسين ڪا تازي نارنگي يا ان جي ڪل هٿ اچيم.“ امان کي ڏاڍو ڏک ٿيو تنهن ان مائٽياڻي جي مڙس کي چيو ”خدا جو خوف ڪريو زالن جا بہ حق اٿوَ سي خدا ڪڏهن معاف ڪو نہ ڪندو. ٻار ٿيندو تہ ڇٽي ۽ جهنڊ تي وڏو خرچ ڪندين، باقي ٻار جي ماءُ پئي رڻي جي ميوي لاءِ سڪي.“

سرجڻ سان سورن جي سڌ ڪونهي، باقي ساماڻ سان سک وڃڻ جي پڪ اٿم. ٻنهہ ڪو مت جو ماريل، جيءَ ۽ جهان کان بيگانو هوندو جيڪو ساماڻي سکيو هوندو ننڍپڻ جا ريجالا ڏينهن ماڻهوءَ جو گهٽو ساٽ ڪو نہ ڏيندا آهن. ننڍپڻ ۾ تہ قضيو هجي يا ڪاڄ ٻار لاءِ مڙئي رونشو پر جيئن جيئن ويندو ننڍپڻ هٿ ڇڏائيندو تيئن تيئن ويندو ماڻهو چپ ٿيندو. تان جو خوشي ۽ غم جو فرق سمجهہ ۾ اچي ويندو. واجبي ۽ بي واجبي ڇٽي ڏسڻ ۾ پئي ايندي.

ڏسن، ڏک ڏاهيون تيان، ۾ ڏاهي الله

ڪيا. پال ۾ پورائيءَ پرين، مون سين مون

سو پنهنجن سانوٽن ۽ سيارن مان لطف نڪري ويو. ڪامن ۾ مال سان ويهڻ ڇڏائي ويو. نار ۽ هرلا وسري ويا. مٽيءَ مان ٺاهيل ڍڳن جا سگ پيچي پيا. بلبلن جهلڻ لاءِ ڪوڙڪا ٺاهڻ بہ وسري ويا تہ نڪر تي مٽرن جون ڦريون پچائڻ بہ ياد ڪو نہ ٿي پيون. جن وٽ وڃڻ لاءِ واجهائيندو هوس تن وٽ اچي اداس ٿي ٿيس. جن ڳالهين ۾ مون لاءِ رونشو هو تن تي پريشاني پئي ٿي. مائٽن کي واٽئي زميندار جي گهوڙي اڳيان واڳ جهلي هلندي بہ ڏٺو هئم ۽ ميرن جي پيرن ۾ ويهندي بہ. پر هينئر مير صاحب زوري ڳوٺ وارن جو پاڻ ڪٽائي ويو تہ ڏاڍو ڏک ٿيو پر بچان لڳي تہ اسر آڏي جاڳي مايون ڇيٽا ميڙي رکن پنهنجي لاءِ، ڪٽائي وڃي مير، ڇو؟ انهي تي ماين رڳو ڇو پئي رڙيون ڪيون؟ مردن ڇو نہ ٿي مير صاحب کي روڪيو؟ اسان جي ڳوٺ 3 راڄ آهن ماڇين، چانڊين، شيدين جو راڄ. شيدي الائي ڇو سڌبا آهن. سندن رنگ اڇا اجرا، منهن مهانڊا سدا ملوڪ. وارن ۾ گهنڊي نالي ۾ بہ نہ. انهيءَ راڄ مان ماما وڪئي جو ڍڳو حيدرآباد ايندي ڪري مري پيو. ماما وڪيو انهي ڏينهن اسان جي گهر اچي ڏاڍو رنو ڍڳي مرڻ تي وڪئي کي اڇنگارون ڏيندي ڏسي آءُ بہ رنو هئس تہ الائي هن جي سورن جا ڏينهن ڪڏهن پورا ٿيندا ۽ دعا گهري هئم تہ ”الله سائين ماما وڪئي کي ٻيو ڍڳو جلدي ڏي.“ روز مائٽن لاءِ دعائون وڏنديون ويون ۽ سوال بہ ڪئين اپرندا ويا. ٻار اسڪول ڇو نٿا وڃن؟ مڙس زالن کي ڇو ٿا مارين؟ پوڙها مرڻ جون دعائون ڇو ٿا گهرن، جهولن کان ڇو نٿا لڪن؟ سياري ۾ ڪمبل ڇو نٿا اوڍين؟ سوئٽر ڇو نٿا پائين؟ انهن ڏينهن ئي روس چين جون خبرون ڪنين پئجي ويون. جيئي سنڌ، ون يونٽ مرده باد جيئي پٽو سوشلزم زنده

باد جي نعرن جي گونج هئي  چوڌس، آءُ بہ موذين کي مارڻ ۽ ڏڪارين کي ڏيهہ مان ڪيڍڻ جي جنگ ۾ جنبي ويس، اهي ڏينهن، هي ڏينهن، نہ ٿڪو آهيان نہ ساهي پٽي اٿم.

رڙهي رڙهي وڙهان پيو،

وڙهي وڙهي رڙهان پيو.

ڏک وسرندا ناهن پر يادگيري، سدائين سکن جي ايندي آهي. چوندا آهن تہ ”روئاڙيندا سک آهن.“ وسندي ۾ ميلاپ ياد پوندا آهن وڇوڙا نہ. مينهن ۾ محبتون ياد پونديون آهن تلخيون نہ. ڳوٺ جون يادون بہ تلخيون ناهن. تلخيون تہ سمجهہ جا  سپ آهن. منهنجون يادون تہ انهن بيپرواهہ ڏينهن جون آهن جڏهن، ڪپڙن جي لامن تي پيار جي پڪيئڙي کي پهريون پيرو لنوندي ٻڌو هئم.

اڳڻ تازي ٻهر ڪنديون، پڪا پٽ سهن،

سرهي سيج پاسي پرين، مر پيا مينهن وسن،

اسان ۽ پرين، هُونِ، برابر ڏينهڙا.

# قرآن پڙهندڙن مٿان گوليون

(20_ مارچ 1984ع)

رات بيچينيءَ ۾ گذري. مڇرن بہ واهہ جون ملهون ڪيون. ٿوري ٿوري وقفي سان اک کلي ٿي ويئي. 12 وڳي اک کلي، ڏٺم تہ ڊاڪٽر فضل جاڳيو پئي. 2 وڳي جاڳيس، ڊاڪٽر قرآن شريف پئي پڙهيو. اجرڪ منهن تي ڏيئي اکيون پوري ڇڏيم. پاسا ورائيندي 4 ٿي ويا. ان مهل ڏٺم تہ ڊاڪٽر بينو هو ڦٽي پئي ڏنائين ۽ وري ڪاغذ ڪٽي ڪجهہ لکڻ ويٺو. ڊاڪٽر سڄو ڏينهن هڻ وٺ ڪري رات جو اٽڪل 10 وڳي ڏاري بند ٿيندو آهي، وري ايندو تہ ساڳي ڪل پوڳ. هر مريض کي ڏسندو، ٿوري ماني کائيندو، چانهہ ملنديس تہ پيئندو، ٿوري دير ليٽندو نہ تہ ڪم ڪار لاهي دير سان سمهندو آهي. هن هيڏي محنت ۽ وٺ وٺان ڪان پوءِ بہ سڄو ڏينهن تازو توانو. هر هڪ سان خوش اخلاق، سيني جو همدرد. مسيحا ۽ ساٿي، ڊاڪٽر کي جس هجي.

صبح جو چانهہ کو نہ پيتم جو رت جي چڪاس ڪرائڻي هئي. 10 وڳي ڏاري مهراڻ ليبارٽري وارو آيو. بلڊ، شگر ۽ ايل ايف ٽي لاءِ رت ڪٽي ويو. اتان اڃي اسپتال ۾ ابراهيم منشي واري ڪانجهي پيتم. ملاقات تي پپو ۽ پائو روشن آيا. ٿوري دير ڪچهري ٿي. شام جو هاري ڪميٽيءَ جا دوست ۽ عاشق جتوئي، چاچو شاهنواز خان، خانصاحب الاهي بخش، منير، ظهور عالم بلوچ، عالم نوتڪاٽي ۽ ٻيا دوست ملڻ آيا.

8 وڳي ڏاري بند ٿياسين. سائين نذير شاهہ سان ماني کاڌم. اڄ وارڊ ۾ نئون مهمان آيو آهي. خبر پئي تہ دادوءَ جي سيتا جي سيد راضي شاهہ جو پٽ محمد شاهہ آهي. هن کي ۽ ڪجهہ ٻين کي پرو چانڊيي جي مددگار هئڻ جي ڏوهہ ۾ نظربند ڪري موڪليو اٿن. چاچي محمد جتوئي ڪچهري ڪري سمهڻ لاءِ اکيون پوريون آهن، سو ڏاڍو پيو کلي. کلندي آهستي چيائين ”بابا قوم جي سڏ تي جيل نہ آيا،

هڪ ڏاڙيل ڪين ڇڪي جيل وٺي آيو آيا ساڳيا پر اڳ ۾ اچن ها تہ عزت ٿئين ها“ ۽ پوءِ ڪافي دير تائين وري ڪچهري شروع ٿي ويئي. ڏاڍا لطيفا ٻڌائيندو رهيو. هر خبر ڪان پوءِ چوي تہ هي بہ حاڪم آهي. هن جي.... هڪڙو پري، بيو چورن پاران ڪٽي اشراف قابو ڪيا اٿس. اڇيو ڪل ۾ پوي هر گهڙي اهو بہ چوندو رهندو آهي تہ سائين هن ظالم (حاڪم) ماڻهن سان ويل وهائي ڇڏيا آهن. چاچو جيڏي مهل تشدد جو ذڪر ڪندو آهي تہ رئيس پنهل خان چانڊيئي ڪي ضرور ياد ڪندو آهي. رئيس پنهل خان سڪرنڊ ويجهو ڳوٺ جو رهاڪو ۽ زميندار آهي. رئيس غلام مصطفيٰ جتوئي جي ويجهن دوستن ۾ شمار ٿيندو آهي. چاچي چيو تہ هن اشراف ماڻهو سان بہ ڏاڍو ظلم ٿيو. سندس راڄ احتجاج طور نيشنل هاءِ وي تي ويهي قرآن ڪريم جي تلاوت ڪري رهيو هو تہ مٿن گولين جا وسڪارا ٿي ويا. ڪيئي قرآن پڙهندي سهٽا ۽ دلير گولين جو بک بڻجي ويا. ڪيترائي عضوا وڃائي ويٺا. وڏو ظلم ڪياٿون ماڻهن تي. رئيس پنهل خان جيڪو ٿڌي شخص طور مشهور هو. تنهن بزرگ ڪي بہ ڏاڍو مارياٿون. چاچي اهو بہ ٻڌايو تہ جلوس نڪرڻ کان هڪ رات اڳ ڪنهن جي طرفان ڪيس نياپو مليو تہ سڀاڻي جلوس نہ ڪيجان. تمام گهڻي سختي ڪئي ويندي، ماڻهو بہ ماريا پر رئيس پنهل ڊنو ڪو نہ. چيائين اسان جي طرفان جلوس جو اعلان ٿيو آهي سو ضرور نڪرندو. جيڪو وڻين ڪن. آءٌ بزدل ڪو نہ ٿيندس. (سلام آهي رئيس پنهل خان ۽ سندس بهادر ساٿين کي)

رئيس پنهل خان سان هڪڙي ملاقات ٿي آهي. سندس ڳوٺ جتوئي صاحب جي ماني هئي. جتوئي صاحب سان مزاري صاحب بہ گڏ هو. مولانا احترام الحق ٿانوي، حسين شاهہ غازي، ذوالفقار بلوچ ۽ آءٌ ان دعوت ۾ شريڪ ٿياسين. اسان کي جتوئي صاحب 4 اپريل جي پروگرام جي سلسلي ۾ موري سڏيو هو. رئيس جي دعوت کان پوءِ موري ويا هئاسين. موري ۾ محبوب دوست منظور ميمڻ طرفان جتوئي صاحب جي مان ۾ پيلي دعوت جو اهتمام هو. رئيس پنهل خان جي ڳوٺ ماڻهن جتوئي صاحب ۽ مزاري صاحب کي تقرير لاءِ چيو تہ جتوئي صاحب جواب ڏنو تہ ”بابا پنهل خان اشراف ماڻهوءَ کان تقرير ڪرائي ڪيس مصيبت ۾ ڪو نہ ٿا وجهون.“ اهو ساڳيو پنهل خان وقت اچڻ تي هر مصيبت ۽ تشدد برداشت ڪري پاڻ ساٿين سوڌو قوم ۽ سنگت اڳيان سرخرو ٿيو.

رئيس پنهل خان جو پٽ غلام عباس چانڊيو بہ پارٽي جو بهادر ۽ وفادار ساٿي هو. 88ع واري حڪومت ۾ وزيراعليٰ جو صلاحڪار ٿيو. حڪومت کان پوءِ جهاز اغوا ڪندڙن جو ساٿي قرار ڏيئي ڪيس گرفتار ڪيو ويو. وڏي اذيت برداشت ڪيائين. رهائي کان پوءِ فورن شادي ٿيس ۽ شادي جي ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ ٽريفڪ حادثي ۾ سڪرنڊ ويجهو وفات ڪري ويو. بي انتها پيارو ماڻهو هو.

## سائين حسين شاهہ جو خواب ۽ تعبير

(21_ مارچ 1984ع)

ڏهين وڳي ڏاري ملاقات جو سڏ ٿيو. علي محمد سومرو آيو هو ٻڌايائين تہ مولانا احترام دادو اچڻ ٿو چاهي، تنهن جي نياپي تي ڪراچي پيو وڃي. مولانا صاحب لاءِ مون بہ خط لکي ڏنو جنهن ۾ ڪيس

گذارش ڪيم تہ سياسي قيدين جي مسئلي تي ايم آر ڊي ۽ پارٽي طرفان مسلسل خاموشيءَ تي انهن سان ڳالهائي، ايم آر ڊي تہ اسان جي هر مسئلي تي بلڪل خاموش رهي آهي. مولانا احترام ثانوي، ايم آر ڊي جي سلسلي ۾ ڏاڍو سرگرم رهيو. سنڌ جا ڪافي دورا بہ ڪيائين. سندس شعلہ بياني ڪارڪنن توڙي عوام ۾ وڏو جوش پيدا ڪيو. مولانا صاحب ايم آر ڊي کان پهرين بہ پارٽي جي هر سڏ تي سڏ ڏئي ڪارڪنن جي اڳواٽي ڪئي آهي. بيگم نصرت ڀٽو صاحبہ احتجاج جو سڏ ڏنو تہ ڪراچيءَ جا وڏا وڏا رهنما مارشل لا جي جاه و جلال آڏو بيهي نہ سگهيا پر مولانا اعلان ڪيل وقت تي ميمڻ مسجد پهچي احتجاج ڪيو. سادن ڪپڙن ۾ اهلڪارن مٿس ڏاڍو تشدد ۽ توهين وارو سلوڪ ڪيو.

مولانا ڏاڍو جذباتي مقرر آهي. مولانا صاحب روپ ۽ ڏيک ويک ۾ سؤ سيڪڙو مولوي ئي آهي پر سندس دل مولوين کان ڪافي مختلف آهي. مولانا صاحب نرم ۽ انسان دوست دل جو مالڪ آهي. ڪچهرين ۾ ڏاڍي زنده دلي جو مظاهرو ڪندو آهي. اسان جون ساڻس سفرن توڙي محفلن ۾ ڪافي ڪچهريون ٿيون. سندس ڪچهريءَ مان ماڻهو هرگز بيزار ڪو نہ ٿيندو. سندس ڪچهرين ۾ دين ۽ دنيا ٻنهي جا رنگ نمايان هوندا آهن. حافظ ۽ خيام پڙهندي سندس اکيون پرجي اينديون آهن تہ سنڌ جي ڀهراڙين ۾ عوام تي ظلم ۽ ڏاڍ جا داستان ٻڌي بہ پنهنجا ڳوڙها روڪي نہ سگهندو آهي.

ايم آر ڊي جي سلسلي ۾ پٽ شاھہ جي هڪڙي ننڍڙي ڳوٺ ۾ عوام جون خبرون ۽ سور ٻڌي مولانا زارو قطار روئي ڏنو هو. غازي صلاح الدين پنهنجي پياري آواز ۾ شيخ اياز جو راڳ "رات آئي وئي تون نہ آئين ڪهي" ڳائي ڪيس ترجمو ٻڌايو تہ بہ مولانا اشڪبار ٿي ويو هو. مولانا ڪچهري توڙي تقريب ۾ موقعي مهل سان شعر مذهبي مثالن سان گڏ لطيفا بہ ڏاڍا ٻڌائيندو آهي. ڪچهري ۾ تہ حاضر جوابي بہ مزيدار هوندي اٿس. هڪ دفعو سائين حسين شاھہ سان گڏ مولانا صاحب جي طارق روڊ واري فليٽ تي وينا هئاسين، حسين شاھہ مولانا صاحب کي چيو "قبلہ مولانا صاحب مون رات خواب ۾ ڏنو آهي تہ اوهان مون کي ڪائي وڏو آهي، چون ٿا تہ خواب ۾ اٺ عزرائيل هوندو آهي، سو انهي خواب جي ڪري ٿوري پريشاني آهي." مولانا صاحب خواب ٻڌي چيو تہ "شاھہ صاحب اها ڳالهہ صحيح آهي تہ خواب ۾ اٺ جي موت ئي تعبير آهي پر اوهان جي لاءِ اها پريشاني جي ڳالهہ ڪونهي. اٺ ٻئي ڪنهن کي ڪائي ها تہ ان ماڻهو لاءِ خطرو هو پر اٺ اوهان کي ڪاڏو آهي هاڻ اٺ جو خير ڪونهي." مولانا صاحب ايم آر ڊي کي منظم ڪرڻ لاءِ بي انتها سرگرم رهيو پر تحريڪ جي آغاز ۾ پارٽي سان اختلاف ڪري ڪجهہ وقت لاءِ خاموشيءَ کيس ڪارڪنن ۾ مشڪوڪ ڪري وڌو. اختلاف بابت اهو اعلان ڪيائين تہ پ پ جي سوشلزم واري پروگرام سان اختلاف هجڻ جي ڪري خاموشي اختيار ڪري رهيو آهيان. ان اعلان کان پوءِ گرفتاري بہ پيش ڪيائين پر جوش جو مظاهرو اڳي وارو ڪو نہ هو. ان اعلان کان اڳ ۾ ڪجهہ ڏينهن لاپتہ ٿي ويو هو. چيو ويو هو تہ کيس گرفتار ڪري گم ڪيو ويو آهي.

هڪ وڳي عالم شاھہ سان گڏجي عاشق صاحب جي دعوت ۾ ويس. اتي خبر پئي تہ ايس پي اوقاش سان پير معظم ۽ ٻين ساٿين جي زباني ڪلامي ڏي وٺ ٿي پئي آهي. ڪجهہ سياسي دوست اسپتال ويٺا هئا، اوقاش عادت موجب گهوڙا گهوڙا ڪئي، سنگت بہ جذباتي هئي، سو ڏي وٺ ٿي ويئي. آخر اوقاش موڪليا اهي ئي ساٿي جيڪي سنگت چيا ٿي. اوقاش کي مڙئي عادت پوري ڪرڻي هئي.

سرڪار ڪان ڊڄندو آهي، تنهن ڪري ڊپٽي ۽ ٻين اڳيان گوڙ ڪري ڀڄائيندو آهي ته ايم آر ڊي وارن سان همدردي ڪو نه ٿو رکان. حقيقت ۾ سندس گوڙ جو سرڪار تي يا سندس نوڪري تي ڪو به اثر نه ٿو پوي پر بزدلي سبب رڳو دل کي ڏڍ ٿو ڏئي ته متان ٿوري همدردي جو اظهار ئي ڪيس ڪنهن مصيبت ۾ نه وجهي. اوقاش شيخ ڪم ڪندو به ضرور، پر سندس ٻاٽتال جي ڪري نيڪي برباد گناهه لازم ٿيو وڃي.

عاشق صاحب جي دعوت ۾ چاچو شاهنواز خان جوڻيجو، محب شاهه، عالم شاهه، انور شاهه، نور محمد شاهه (سيتا وارو)، علي گوهر شاهه، الاهي بخش قائمخاني، عطا ۽ ٻيا ڪافي دوست موجود هئا.

شام جو ڊاڪٽر فضل، چاچي محمد جتوئي ۽ نذير شاهه جي روڪڻ جي باوجود ٻئرڪ موٽي آيس جو رت جون رپورٽون نارمل هيون. رات جو ايس پي ۽ ڊي ايس پي ساٿين کي جلد بند ڪرائڻ لاءِ وڏو رعب تاب ڪيو پر سنگت وري به 8 وڳي بند ٿي.

رات جو 30ـ8 وڳي بي بي سي پنهنجي پروگرام ۾ هندستاني پنجاب جو ذڪر ڪندي ٻڌايو ته گذريل ڪيترن ئي مهينن کان سک ليڊر جرنيل سنگهه ڀنڊران والا گردواري ۾ لڪيل آهي. ان تي ڪيترن قتلن ۽ سازش جا ڪيس داخل آهن پر پوليس ڪيس اجا گرفتار ڪرڻ لاءِ گردواري ۾ داخل ڪا نه ٿي آهي. هندستان جي سيڪيولر حڪومت جنهن کي اسان وارا ملان ڪُفر جي حڪومت چون ٿا، مقدس گردواري ۾ حڪومت دشمن کي گرفتار ڪرڻ لاءِ داخل ٿيڻ جي سلسلي ۾ وڏي صبر جو مظاهرو ڪيو آهي، ورنه حڪومت کي روڪي ڪو به نه سگهندو. اسان جو ڪو مسلمان بادشاهه هجي ها ته دير ئي ڪو نه ڪري ها. تازو سعودي حڪومت جيڪا اسلام جي آئيڊيل حڪومت هجڻ جي دعويدار آهي، تنهن جي مخالفن ڪعبة الله جي احاطي ۾ پناهه ورتي ته دير ڪو نه ڪيائون. اهي گولين جا وسڪارا ڪرايائون جو حرم جي مينارن جا ٽڪر اڏندي ٽي وي تي سموري عالم اسلام ڏٺا. اسان جا مسلمان حڪمران پنهنجي مخالف کي قتل ڪرڻ به مذهبي فرض سمجهندا آهن. مسجدون، مندر ۽ حرم به سندن راهه روڪي نه سگهندا آهن. اخباري خبرن مان خبر پئي آهي ته سعودي حڪومت اهڙو حال ڪيو جو حرم ۾ موجود ماڻهو جي رب جي امان ۾ هئا، امانت جي شهر ۾ محفوظ هوندي به حڪومتي عذاب کان بچڻ لاءِ حرم جو احترام وساري ويٺا. پنهنجي وطن ۾ ويهي جنت البقيع ۽ جنت العولا ۾ دفن ٿيڻ جي خواهش وارا الائي ڪيئن جان بچائي حرم مان نڪتا. امام حرم جي ته سيني کان حالت خراب ٿي. پر مسلم بادشاهه لاءِ هيءَ ننڍي ڳالهه هئي جو مخالفن کي ختم ڪرڻ لاءِ رڳو حرم جي عمارت کي نقصان پهتو پر تاريخ شاهد آهي ته مسلم حڪمرانن پنهنجي اختيار بچائڻ خاطر نه رڳو مسجد نبوي جي توهين ڪئي پر ڪعبته الله شريف کي ڊاهڻ کان به نه ڪيٻايو آهي.

## نواب ۽ عاشق آزاد

(22ـ مارچ 1984ع)

صبح جو ڪچهري ٿي. ڪچهري کان پوءِ ”بي“ ڪلاس ۾ وهنجڻ پئي ويس ته ماڙيءَ وٽ خبر پئي ته

يوسف ٽالپر، عاشق جتوئي ۽ نبي بخش پرڳڙي جي رهائي جا آرڊر اچي ويا آهن. ”اي“ ڪلاس ويس تہ سامان ٻڌو پيو هو. پرڳڙي صاحب دير سان وڃڻو هو باقي يوسف صاحب ۽ عاشق صاحب کي ماڙيءَ تي چڙھڻ لاءِ بہ سيئي دوست آيا. يوسف صاحب پنهنجي پائرن سان روانو ٿيو پر عاشق صاحب، اٽڪل 2 وڳي ڏاري سندس والد جيڪو ڪراچي مان اچڻو هو تنهن سان گڏ جيل ڇڏي گهر روانو ٿيو. عاشق صاحب کي هڪ سال ٽيپ ۽ 5 لک ڏنڊ ۽ يوسف صاحب کي هڪ سال ٽيپ ۽ 3 لک ڏنڊ جي سزا هئي. دوست تہ رها ٿين پيا پر يوسف ٽالپر ۽ عاشق صاحب جي رهائي جي خوشي بہ ٿي تہ اداسي بہ. ٻنهي ساٿين جيل سٺي نموني سان گذاريو. جيل ۾ ٻين ڪارڪن دوستن سان سندن رويو تمام سٺو هو. سيني ٻئرڪن ۾ اچي دوستن سان ڪچهريون بہ ڪندا هئا تہ جيل جي اسيرن جي مسئلن ۾ بہ تمام گهڻي دلچسپي وٺندا هئا. جڏهن تہ ڪافي وڏيرا سائين رڳو تاش ۽ ڪوڙ ڪٽڻ ۾ مصروف هوندا هئا پاڻ جيل آيا هئا، اهو سندن قوم تي احسان هو باقي جيل ۾ ڇا پيو وهي واپري تنهن سان سندن واسطو ڪو نہ هو. ايس پي ٻڌايو تہ 120 سياسي قيدين جي رهائي جا آرڊر اچن پيا پر شام تائين ڪو بہ رها ڪو نہ ٿيو. ”اي“ ڪلاس وياسين تہ اتي چاچو شاهنواز، رفيق صفي، انور شاه، محمد شاه، چاچو سيف الدين پنهور ۽ ٻيا ڪافي دوست موجود هئا. اتي خبر پئي تہ پرڳڙي صاحب اڃا آزاد ڪو نہ ٿيو آهي ۽ صفر لغاري صاحب جا آرڊر آيا آهن، پر مشروط رهائي کان انڪار ڪيو اٿس. پرڳڙي صاحب ٻڌايو تہ ڪيس ڪالهہ رهائي لاءِ چيو ويو پر هن بہ مشروط رهائي کان انڪار ڪيو ۽ اڄ وري رهائي لاءِ چئي ويا آهن پر اڃا تائين ڪجهہ بہ نہ ٻڌايو اٿن. پرڳڙي صاحب سان گڏ سندس پٽ بہ گرفتار آهي، ڪيس هڪ سال جي سزا آهي. رات جو بند ٿيڻ مهل خبر پئي تہ هالا جي ورڪر ساٿي مولابخش کي گڙدي ۾ تڪليف ٿي پئي آهي سو اسپتال جي ٻاهران بک هڙتال ڪيو ليٽيو پيو آهي. بند بہ ڪو نہ ٿو ٿئي. پائو ابوبڪر، عطا، عالم شاه، پير معظم وارن سان گڏجي ڪوشش ڪري ڪيس رات جو ئي ٻاهر موڪلڻ جو بندوبست ڪيوسين.

8 وڳي ڌاري رات جو خبر پئي تہ ملڪ لعل خان جيڪو گورنر جي معافي ملڻ جي نتيجي ۾ ميرپور خاص جيل مان رها ٿيو تنهن کي ٻيهر گرفتار ڪري مارشل لا ريگيوليشن 78 تحت نظربند ڪري هيڏانهن موڪليو اٿن. اوقاش شيخ ٻڌايو تہ مارشل لا انتظاميہ سپرنٽنڊيٽ ميرپور جيل منظور ميمڻ تي سخت ناراض آهي جو هن ملڪ صاحب کي انتظاميہ کان پڇڻ کان سواءِ رها ڪري ڇڏيو. جڏهن تہ جيل وارن کي مارشل لا وارن وٽان اهڙو حڪم پهتل آهي تہ ڪنهن بہ سياسي قيديءَ کي رها ڪرڻ کان اڳ ڪائنڻ پڇيو وڃي.

ٻئرڪ آياسين تہ سڄي سنگت ملڪ صاحب کي گهيرو ڪيو ويٺي هئي. قدآور مڙس اٿيو ۽ پنهنجي وڏي ۽ مخصوص ٺهڪ سان وڏو ڀاڪر پائي مليو. ملڪ صاحب ٻڌايو تہ ڪيس ميرپور مان پوليس جي نگرانيءَ ۾ ڊپٽي ڪمشنر آفيس آندو ويو. ڊي سي پوليس کي واپس وڃڻ جو حڪم ڏيندي چيائين تہ ملڪ صاحب آزاد آهي باقي سندس ڏنڊ جيڪو 2 لک رپيا آهي سو بعد ۾ وصول ڪيو ويندو. ملڪ صاحب گهر پهتو، ڪافي دوست موجود هئا. تن سان ملي گهر ويو، وري دوستن سان ڪچهري ڪرڻ نڪتو تہ ٻاهر دوستن سان گڏ پوليس بہ منتظر هئي. پوليس ڪيس سڌي ٿاڻي تي وٺي آئي ۽ اتان سينٽرل جيل وٺي آيا آهن.

منهنجو مهربان، قربائتو عاشق جتوئي، قائد عوام جي پڳدار پٽ مير مرتضيٰ سان گڏ پوليس جي فائرنگ جي نتيجي ۾ شهيد ٿي ويو.

## ملڪ لال خان ۽ سنڌ

(25_ مارچ 1984ع)

ڪالهه ٻنپهرن جو ڪافي تڪليف هئي، ٽنگن ۾ ته جڻ ساهه ئي ڪو نه هو. رات نه ڪجهه لکي سگهيس نه پڙهي سگهيس. شام جو ڊپٽي سان ملياسين ته ملڪ صاحب ۽ قائمخاني صاحب کي ڪمرو ڏنو ويجي. ڊپٽي ٽيون ڏينهن جي ڳالهه ورجائي ته سڀاڻي يعني اڄ اڌ ڪان وڏيڪ دوست رها ٿي ويندا پوءِ ڏينداسين.

اڄ صبح جو بئرڪ نمبر 3 ۾ سنڌ پيپلزهاري ڪميٽي ٽنڊوالهيار جي دوستن طرفان ملڪ صاحب جي مان ۾ چانهه پارٽي هئي. 8 وڳي ڏاري اوڏانهن ويس ته دوست ڪم ۾ مصروف هئا. 10 وڳي جي دعوت هئي سوائين ڏهين وڳي دعوت شروع ٿي. بئرڪ تمام سهڻي سينگاريل هئي ۽ اجرڪن سان سهڻو دروازو به ٺاهيو ويو هو. اقبال جروار، سليمان لنڊ ۽ پيرل ڪوسي گيت ڳڌايا. اقبال، عبدالحسين پنهور، جان محمد برهماڻي، عثمان جروار، مون، عالم شاهه ۽ ملڪ صاحب تقريرون ڪيون. دعوت ۾ سڀني دوستن اقبال ۽ عبدالحسين پنهور جي تقريرن، وقت جي پابندي ۽ نظم ضبط جي تعريف ڪئي. هڪ لحاظ کان ملڪ صاحب جي تقرير دلچسپ ۽ جذباتي تقرير هئي. سڀني دوستن بار بار تقرير دوران ملڪ صاحب کي خراج تحسين ٿي پيش ڪيو. ملڪ صاحب پنهنجي تفصيلي تقرير ۾ پنهنجن ڏکين ڏينهن جو جذباتي انداز ۾ ذڪر ڪندي ٻڌايو ته ”آءٌ بي سرو ساماني ۾ سنڌ آيس، مزدوري ڪيم، ڊرائيوري ڪيم، قسطن تي به ٽرڪون ورتم. پاڻ هلائيندو هوس. ايستائين جو هڪڙي ٽرڪ حيدرآباد مان هلائي موري رسائيندو هوس ۽ اتي ڪجهه دير آرام ڪري، اتان پنجاب مان ايندڙ ٽرڪ حيدرآباد ڪاهي ايندو هوس. مون کي خوشحالي نصيب ٿي ته سياست ۾ اچي خدمت جو شوق ٿيم. تڏهن فيصلو ڪيم ته مون کي جيڪو ڪجهه رب جي مهرباني ۽ محنت جي بدولت مليو آهي اهو سڀ مون کي سنڌ ڏنو آهي، سنڌين مون کي قرب ۽ عزت ڏني. سنڌي وفادار، دوست ۽ قربائتا آهن. عزت ڏيڻ ڄاڻيندا آهن. تنهن ڪري ڏنو به سنڌ آهي. خدمت به سنڌين جي اول آهي.“ ملڪ صاحب ڏاڍ سٺي تقرير ڪئي. جلسي کان پوءِ بئرڪ آياسين. ظهور عالم رند صاحب به آيو. ڪافي دير ڪچهري ٿي. ٻنپهرن جو پپو ملاقات تي آيو. سڄو ڏينهن بئرڪ ۾ هئس. شام جو ”اي“ ڪلاس ۾ ڪمرو کولائي ملڪ صاحب جو سامان رکيوسين. اسپتال آيس، ڊاڪٽر انجيڪشن هنئي. مرڪزي اڳواڻ عرس خاصخيلي سان مليس. اتان ٿي اچي بئرڪ بند ٿياسين.

(ملڪ لعل خان جتوئي صاحب سان گڏ پارٽي ڇڏي، جتوئي صاحب جي اين پي پي ۾ شامل ٿيو. ملڪ صاحب جيڪو پارٽي جو سڀ کان وڏو بهادر، سخي جيالو هو سو هينئر پ پ جو وڏو مخالف، ڪالاباغ ڊئم جو جذباتي حمايتي، نواز شريف جي مسلم ليگ جو ايم اين اي آهي).

# دوستن جهڙا شاعر پائر سادات

(26_ مارچ 1984ع)

صبح جو ڪچهري ٿي. 10 وڳي منير سنڌس، ملڪ صاحب ۽ خانصاحب جو سامان کڻائي ”اي“ ڪلاس ويو. ٻنپهرن جي ماني عطا مون ۽ منير، ملڪ صاحب سان کاڌي. عالم شاهه اتي آيو ڪافي ڪچهري ٿي. 6 وڳي ڊاري ماڻهو آيو چيائين ته ڊپٽي صاحب توهان کي سڏايو آهي. آءٌ ۽ عطا وياسين ته 19 ساٿين جي نالن جي لسٽ ڏيئي چيائين ته هي ماڻهو تياري ڪن ڇو ته هنن جي آزاديءَ جا آرڊر اچي ويا آهن. لسٽ ۾ قائم خاني صاحب، علي گوهر شاهه ۽ عرس خاصخيلي جا نالا به هئا. ٽيئي اسان جي بئرڪ جا دوست هئا.

شام جو دوستن کان موڪلائڻ لاءِ ڪافي دوست ماڙي وٽ گڏ ٿي ويا. ڪافي دير تائين نعرا هڻندا رهيا. س پ هه ڪ جا دوست عرس خاصخيلي کي وٺي آيا ۽ سهرو به ڳائيندا آيا: ”آهيون پٽي جا ماڻهو نئين ديري ويندا سين.“ قائمخاني صاحب وڏي قرب مان موڪلايو. آڱرين سان وي جو نشان ٺاهي، جيئي پٽو ۽ جيئي سنڌ چئي روانو ٿيو. خانصاحب جيل ۾ توڙي جيل کان ٻاهر به وڏي صبر جو مظاهرو ڪندو آهي. خانصاحب ۽ چاچو سيف الدين واقعي نوجوانن لاءِ مثال آهن. جيل ۾ صبر، همت ۽ سهپ جا. قائمخاني صاحب پ پ جي بنيادي ميمبرن مان آهي، شايد ڊاڪٽر مبشر جي گهر تي پهرين گهرايل گڏجاڻي ۾ به هو پ پ ۾ هيل تائين پڪو پيپلو آهي. سياسي بحث مباحثو ۽ ڪچهريون سنڌس روحاني خوراڪ آهن. سياسي سڏ جتي به ٿيندس ويندو ضرور.

خانصاحب سٺو مقرر آهي، سنڌس دليلن سان ڀرپور، مارواڙي لهجي واريون تقريرون ٻڌندڙ کي لطف ڏينديون آهن. سنڌس تقريرن ۾ اردو ۽ مارواڙي شعر به ماڻهن کي ڏاڍا وڻندا آهن، انهن شعرن کان سواءِ سنڌس تقرير اڌوري هوندي آهي، اهي شعر ٻڌي ٻڌي ماڻهن کي ياد ٿي ويا آهن. خانصاحب ڪنهن به شعر جي پهرين سٽ پڙهندو مس آهي ته ٻڌندڙ ٻي سٽ ۾ سنڌس ڀرپور ساٿ ڏيندا آهن.

دیکھ بڑوں کی ریت نہ جائے، پران جائے پر پریت نہ جائے،

پریت کی ریت سدا چلی آئے، جان جائے پر بچن نہ جائے۔

پٽي صاحب کي اڃا ڦاسي جي سزا ڪو نه آئي هئي، تڏهن کان ئي خانصاحب مارواڙي شعر پڙهندو هو ته

خدمت کر تو ایسی، جیسے لوٹا ڈوری ڈول،

آپ کھائے پھانسی، پانی پیئے کوئی اور۔

خانصاحب ٻڌايو ته مارشل لا وارا پڇا ڪرڻ مهل انهي شعر بابت ضرور پڇندا هئا. خانصاحب جيل وڃڻ جي ڪنهن به موقعي تي گسايو ڪونهي. پارٽي جي اڳواڻن توڙي ڪارڪنن ۾ سنڌس وڏو

احترام آهي.

رات جو بئرڪ ۾ خاموشي هئي، خانصاحب به ڪو نه هو ۽ منير به ڪچهري جو مور، علي گوهر شاهه به آزاد ٿي ويو. سائين علي گوهر شاهه، الله داد چنڊ جي ڳوٺ جي عالم گهراڻي جو فرد آهي. علي گوهر شاهه جو والد سنڌ جو مشهور شاعر ۽ ڪچهرين جي سونهن سيد احسن الهاشمي آهي. سائين احسن الهاشمي ايم آر ڊي جي تحريڪ تي مثنوي جي طرز تي طويل شعر به لکيو آهي جنهن جو هڪڙو بند مون کي به ياد آهي ۽ اهو جيل ۾ دوستن کي ياد ٿي ويو آهي ۽ هاڻ هر مقرر ان بند کي پڙهندو آهي.

مولوي مشتاق بن شيطان تي لعنت ڪريو
۽ وڏي انوار بي ايمان تي لعنت ڪريو
دشمنان عظمت ميزان تي لعنت ڪريو
قتل ڪُتي جي ڪري هڪڙي قلندر کي ڪيئون
قطره ناپاڪ تان صدقي سمندر کي ڪيئون.

سائين علي گوهر شاهه جو چاچو علي احمد شاهه به شاعر آهي، شايد ”ساقي“ سندس تخلص آهي. سائين علي احمد شاهه به ڀٽي صاحب جي شهادت تي شاعري ڪئي آهي سندس هڪڙو قطعو آهي ته:

مون ڏٺو هڪ ڪوڙ هڪڙي سچ کي ماري ڇڏيو
عظمتن جي نور کي تاريڪين ساڙي ڇڏيو
هي لکيو تقدير جو هو، يا خدا جو هو حڪم
هڪڙي ڪاٽي ڪُتي، هڪڙي راڻي کي ماري ڇڏيو.

علي گوهر شاهه جو وڏو چاچو سائين حيدر شاهه سيشن جج به شاعر آهي. سائين حيدر شاهه هجي يا سائين امير شاهه، احسن الهاشمي سائين هجي يا علي احمد شاهه: سندن ڪچهري، گفتگو ۽ سياو جي ڪهڙي تعريف ڪجي. سندن ڪچهرين مان ڪو به ورچندو ڪو نه. وري جيڪڏهن سيئي پائر ڪنهن ڪچهري ۾ گڏ هجن ته سبحان الله، دل چوي ته وقت بيهي رهي ۽ هنن جي ڪچهري هلندي رهي. هڪ ٻئي جو احترام به بي انتها ڪندا پر ڪچهرين ۾ ڪو نه لڳندو ته ڀائر آهن. سيڪو ڀائيندو ته پيارن ۽ ڏاهن جي چؤپاري آهي. هڪٻئي سان چرچا ته ڪندا آهن پر جي وارو لڳندو ته پٽ ۽ ڀائٽي سان به واهه جو چرچو ڪري ڇڏيندا. سائين حيدر شاهه، سائين احسن الهاشمي ۽ سائين علي احمد شاهه مخدوم طالب المولیٰ سائين ۽ سندس فرزند سان لازم ملزوم آهن. چئني ڀائرن جا چرچا، علمي گفتگو ۽ ڪچهرين جي تفصيل لاءِ سچ پچ وڏو داستان گهرجي. هنن بزرگن جو اولاد به هنن وارو ئي ڏيک ڏيندو آهي. سيئي گڏ، سيئي هڪٻئي جا دوست.

علي گوهر شاهه 22 اگست 1983ع تي عالم شاهه بخاري، آفتاب رضا مغل ۽ امير بخش هاليپوٽي (ڪوٽڙي) سان گڏ گرفتاري پيش ڪئي. عرس خاصخيلي کان پوءِ بئرڪ ۾ پيينگ آهي. هن جا پنهنجا ناز ۽ مخصوص ادائون آهن، سچو پچو پيپلو آهي.

ٿوري دير لاءِ ڪچهري ٿي. الله حياتي ڏي چاچي سيف الدين کي، سندس قرب واري ڪچهري، پيار ڀريا چرچا پوڳ جاري آهن، ڪافي دير ڪلندا ۽ پڙهندا رهياسين. عالم شاهه ڪافي دير کان بئرڪ

جي سيخن واري در ۾ هٿ وجهيو بيٺو آهي. مختلف هندستاني ڳائڻن جا ٻول جهونگاريا اٿس. هينئر جهونگاري پيو ته:

”آواز دي ڪهان هي دنيا ميري جوان هي.“

## پيٽي صاحب جو او ايس ڊي ۽ فضيلت ڀريو دوست عطاءُالرحمان

(27۔ مارچ 1984ع)

رات جا پوڻا 11 ٿيا آهن. ٻئرڪ ويڳاڻي ٿي وئي آهي. چاچو ۽ محمد بخش حسب معمول تاش کي لڳا پيا آهن. ساٿي صالح ستو پيو آهي. عالم شاهه اشفاق صديقي جيڪو اڄ ئي اسپتال مان آيو آهي تنهن سان ڪچهري پيو ڪري. بند ٿيڻ مهل ٻئرڪ ۾ گهڙيس ته ٻئرڪ ڪائڻ ٿي آئي. ڪافي دوستن جون جايون خالي هيون. سندن آزاديءَ جي خوشي هئي. ڊائڻ ڪو نه آهيون جو يارن جي آزادي نه وڻي پر ساڻ ڏينهن پل جو هجي يا سالن جو سندس گهڙي جي ٽٽڻ جو به احساس ٿئي ٿو.

ٻنپهرن جو ملڪ صاحب وٽ ويٺا هئاسين ته عطا اچي ٻڌايو ته سندس رهائي جو آرڊر آيو آهي. ملاقات تي اختر، روشن پاڻو ۽ بابو آيا، ان مهل خبر پئي ته ملڪ صاحب به رها پيو ٿئي. اي ڪلاس ويس اتي عالم شاهه به هو. اڃا مس ويٺس ته جيلر حيدر زمان جو ماڻهو آيو ۽ چيائين ته ملڪ صاحب تيار ٿي اچي. عطا ۽ ملڪ صاحب تيار ٿي اچي چڪر هلي دوستن سان مليا. ڪافي دوست ڪين در تي ڇڏڻ آيا. عطاءُ الرحمان سان دوستي پ پ جي پهرين دور حڪومت ۾ قائم ٿي. عبدالله شاهه سنڌ جو صوبائي وزير هو ۽ اهو حيدرآباد جي دوري تي آيو ته عطا ان سان گڏ هو. ٽنڊي ڄام جي جلسي ۾ عطا به تقرير ڪئي، اتي ئي ان سان ملاقات ٿي. پوءِ جڏهن به آءٌ دادو ويندس هوس ته عطا سان ملڻ ٿيندو هو. سپاف جي تنظيمي دوري دوران سيوهڻ ۾ حاجن شاهه لڪياري وٽ ويٺا هئاسين ته اتي خبر پئي ته عطاءُ الرحمان کي وزيراعظم ذوالفقار علي ڀٽي پنهنجو پارٽي معاملن لاءِ او ايس ڊي مقرر ڪيو آهي. اتان ئي عطا کي مبارڪون ڏنيون سين.

او ايس ڊي ٿيڻ کان پوءِ به جڏهن به حيدرآباد سرڪاري توڙي غير سرڪاري ڪم سان آيو ته ڪچهري ضرور ٿيندي هئي. بدين جي تنظيم جي انڪوائري تي آيو ته تڏهن به گڏ ويا هئاسين. او ايس ڊي واري زماني ۾ رات جو عطا ٽنڊي ولي محمد ايندو هو گڏجي ڪڙهائي گوشت کائي (تڏهن ڪڙهائي گوشت مشهور مس ٿيو هو ۽ سندس دڪان رڳو ٽنڊي ولي محمد ۾ هئا) موٽر سائيڪل تي تي ڄڻا چڙهي چڪر ڏيندا هئاسين.

عطا ملڻ ۽ ڳالهائڻ ۾ نهايت فضيلت وارو آهي، سندس رويو به دوستن سان ڏاڍو پيارو هوندو آهي. ڀٽي صاحب جي حڪومت ختم ڪئي ويئي ته عطا پارٽي کان پاسيرو ٿي ڪو نه ويٺو بلڪ ڀٽي صاحب جي گرفتاري ۽ لاهور هاءِ ڪورٽ ۾ ڪيس دوران ڊيوٽي ذميداري سان ادا ڪندو رهيو. ڀٽي صاحب کي ماني، دوائون ۽ ضروري سامان به عطا ئي پهچائيندو هو.

پنجاب هاءِ ڪورٽ ۾ شهيد قائد عوام جي ٽن ڏينهن واري خطاب دوران به عطا ڪورٽ ۾ ئي هو. جيل

۽ ڪورٽ دوران ڊيوٽي ڏيڻ جي سلسلي ۾ به عطا کي وڏين تڪليفن کي منهن ڏيڻو پيو. عطا کي 5- آگسٽ 1978ع تي فليٽ مين هوٽل لاهور مان گرفتار ڪري 8- آگسٽ 1978ع تي شاهي قلعي موڪلي ڇڏيائون. 21- آگسٽ 1978ع تي قلعي مان آزاد ٿي گجرات جيل اچي پهتو. اتان 26- اپريل 1979ع تي رها ٿيو. پيتي صاحب جي خطاب کان پوءِ وري به کيس گرفتار ڪري 9 مهينا قيد ۽ ڏهه هزار ڏنڊ جي سزا ڏني ويئي. هاءِ ڪورٽ جي فيصلي تي کيس آزاد ڪيو ويو جو اجا هاءِ ڪورٽ کي رٽ ٻڌڻ جو اختيار هو عطا جو ڪيس ڪرمنل لا جنرل ۾ رپورٽ ٿيل آهي.

19- سيپٽمبر 1983ع تي عطا کي گهران ڇاپو هڻي گرفتار ڪيو ويو ۽ ساڳي ڏينهن ايس ايم ايل اي جي ڪورٽ ۾ پيش ڪري حيدرآباد جيل موڪلي ڇڏيئون. عطا جيل ۾ ڏاڍو سنو وقت گذاريو. سيئي دوست سندس احترام ڪندا هئا، جو پاڻ به سيني سان احترام ۽ پيار سان ٿي پيش ايندو هو. عطا ڪيڏي ڪيڏي مهل شاعري به ڪندو آهي. منهنجو پيارو دوست آهي ۽ انشاءَ الله سدائين رهندو.

## بلوچ قوم پرستن جون جيل ياترائون

(28- مارچ 1984ع)

صبح جو ڪچهري ۾ شريڪ ٿيس. اٽڪل 11 وڳي ڌاري سامان کڻي "اي" ڪلاس ۾ منير وٽ آيس. دل تہ ڪون ٿي چيو تہ عالم شاهه ۽ ٻين دوستن کي بئرڪ ۾ ڇڏي اچان پر منير ۽ عالم شاهه جي چوڻ تي لاچار هتي آيس. ٻنپهرن جو ڪمري ۾ ستو پيو هوس تہ چاچو سيف الدين پنهور آيو ۽ اچي ٻڌايائين تہ سندس رهائي جو آرڊر اچي ويو آهي، موڪلائڻ لاءِ آيو آهيان. گڏجي بئرڪ وياسين، اتي خبر پئي تہ تنڊي الهيار جي ٽن دوستن جي آزادي جا آرڊر بہ آيا آهن، انهن ۾ هڪڙو بزرگ جيڪو ذات جو لنڊ هو. تنهن جي عمر اٽڪل 80 سال کن ٿيندي ۽ ٻيو بہ بزرگ هو جيڪو ذات جو جروار هو ۽ دوست عثمان جروار جو سهرو هو. دوستن ٻڌايو تہ هن بزرگ ڪامريڊ حيدربخش جتوئيءَ جي هاري تحريڪ ۾ تمام گهڻو حصو ورتو هو. هي بزرگ هن وقت جوش جذبي ۾ مست لڳو ٿي وتو. سلام آهي هنن پيرسن ساٿين کي جن قوم کي پنهنجي حال سارو ساٿ ڏنو. عمر تہ خان صاحب، چاچي سيف ۽ هنن بزرگن دادو ۽ حيدرآباد جي ٻين ڪافي بزرگ ساٿين جي گهر ۾ آرام ڪرڻ جي آهي پر

بندر جان پئي، تہ سڪاٽئا ۾ سمهو
ڪپر ٿو ڪن ڪري، جيئن ماٺي منجهه مهي
ايڏو سور سهي، ننڊ نہ ڪجي ناڪئا.

واري لطيف سائين جي صلاح تي عمل ڪندي اچي جيل نڪتا آهن، دوستن کي ڏاڍي جوش خروش سان رخصت ڪيو ويو. چاچي سيف سان تہ دوست ڏاڍي پيار ۽ احترام سان پيي مليا. سندس وڃڻ کان پوءِ ڪافي دير تائين سندس تعريف ٿيندي رهي، چاچو سيف هو بہ تعريف جي لائق. چاچي جي متعلق دادوءَ جي دوستن ٻڌايو تہ ايم آر ڊي تحريڪ جي شروع وارن ڏينهن ۾ چاچي روپوش رهي تحريڪ لاءِ ڪافي ڪم ڪيو ۽ سندس نياڻي رشيده پنهور بہ تحريڪ ۾ سرگرمي سان حصو ورتو هو بہ ڪراچي جيل ۾

قيد هئي، ڪجھ ڏينهن اڳ ۾ رها ٿي آهي.

شام جو عالم شاھ سان گڏجي اسپتال ويس. اتي اقبال جروار، عثمان ۽ بخشل قمبراڻي سان ڪچهري ڪري 8 وڳي ڌاري ”اي“ ڪلاس موٽيس. 9 وڳي ڌاري بند ڪيائون. سليم گاڪڙو اڄ اسان وٽ رهيو (سليم گاڪڙي جو پيءُ چوڌري غلام قادر گاڪڙو پ پ بدين جو باني ميمبر ۽ اهم اڳواڻ هو. سليم ٻڌايو تہ سندس والد سڀاش چندر بوس سان گڏ ڪم ڪيو هو“. چوڌري صاحب وڏو جوشيلو مقرر هو ڪيس مير جي باغ تي پ پ جي جلسن ۾ تقرير ڪندي ٻڌو هئم) جنهن ڪمري ۾ ترسيا پيا آهيون، تنهن ڪمري ۾ ڀٽي صاحب جي حڪومت ۾ حيدرآباد سازش ڪيس دوران بلوچ رهنما عطاءُ الله مينگل رهندو هو. هن ڪمري جي پاسي ۾ هن جيترو ئي ٻيو ڪمرو آهي، جنهن ۾ عبدالولي خان رهندو هو ۽ هينئر ان ۾ ظهور عالم رند ۽ فدا حسين ڏيرو رهيل آهن. جنهن ڪمري ۾ نبي بخش پرڳڙي ۽ صفر لغاري رهيا آهن، تنهن ۾ غوث بخش بزنجو رهندو هو. پاسي ۾ ننڍي ڪولي آهي، جنهن ۾ نواب خير بخش مري رهندو هو. ان ڪمري ۾ ڪجھ ڏينهن پهرين عاشق جتوئي ۽ يوسف ٽالپر رهندا هئا ۽ هينئر خالد گهلو ۽ محمد علي پرڳڙي رهندا آهن ۽ هن وارڊ جي وچ ۾ پراڻي ريسٽ هائوس جهڙي ڪنگرين واري عمارت آهي ۽ هن عمارت جي چوگرد، انب، نم، ٽالهي ۽ ٻيا ڪيترائي وڻ ۽ نازبوءِ، گيندي ۽ ميندي جا ڪيترائي ٻوٽا ٻيٺل آهن. اهو وارڊ ”وليد خان وارن جو وارڊ“ طور مشهور آهي. حيدرآباد سازش ڪيس دوران هن سڄي عمارت ۾ قالين وڇايل هئا. جمعدار بشير ٻڌايو تہ انهن قالينن جي ڏڄ ۾ اسان جا پير بہ لڪي ويندا هئا. عمارت جي چئن ڪمرن ۾ ايئرڪنڊيشنر لڳل هئا. ڪمرن جا باٿ روم بہ ڪنهن عاليشان بنگلي جي باٿ رومز کان گهٽ ڪونهن. منجهن ڪموڊ ۽ ڊبليوسي لڳل آهن. باٿ روم ۾ پنکا ۽ ٽيوب لائٽس لڳل آهي. اسٽاف ٻڌايو تہ اهي رهنما پنهنجن ڪمرن مان گهٽ ٻاهر نڪرندا هئا. ان وقت جي اسٽاف ۽ قيدين ۾ سڀني کان وڌيڪ نواب خير بخش مري جي تعريف هئي. نواب صاحب ڪڪڙن جو شوقين هو. هتي وارڊ ۾ بہ ڪڪڙ پاليندو ۽ ويڙهائيندو هو. ان وقت جا همراھ نواب صاحب جي سادگيءَ کان ڏاڍو متاثر هئا. ٻڌايائون تہ نواب صاحب پنهنجا ڪپڙا پاڻ ڌوئيندو هو ۽ پنهنجي ڪمري جي ٻهاري بہ پاڻ ڪندو هو.

حيدرآباد سازش ڪيس جا سمورا قيدي ٽن وارڊن ۾ رهندا هئا. ”اي“ ڪلاس جي پاسي ۾ ڪورٽ وارڊ آهي، جنهن ۾ سندن ڪيس هلندو هو ۽ ان جي پاسي ۾ ”بي“ ڪلاس آهي، جنهن جي اٺن ڪمرن ۾ قالين وڇايل هئا. ڪمرن جي سامهون واري بئرڪ ۾ ڊائننگ هال ٺاهيو ويو هو. ان ۾ ڊائننگ ٽيبل ۽ ڪرسين جو بندوبست ڪيل هو. بئرڪ جي ديوارن تي وڏيون خوبصورت تصويرون لٽڪايون ويون هيون، ان بئرڪ جي ڇت سان لٽڪيل تمام گهڻيون ٽيوب لائٽون اڃا بہ ٽنگيون پيون آهن. انهن رهنمائن جي ملاقات لاءِ بہ ڪمري کي بهترين ڊرائنگ روم وارو ڏيک ڏنو ويو هو. بشير ٻڌايو تہ جنرل ضياءَ ولي خان وارن سان ڊپٽي جي آفيس ۾ ويهي ملاقات ڪئي هئي. اها ملاقات اٽڪل ڪلاڪ کن هلي هئي. نواب خير بخش مري ضياءَ سان ملڻ ڪو نہ آيو هو.

نواب خير بخش خان ۽ بلوچ رهنمائن جو رويو بہ جيل مان آزاد ٿيڻ کان پوءِ ضياءَ ۽ شهيد ڀٽي جي معاملي ۾ ولي خان کان مختلف هو. بلوچن، شهيد جي کليل حمايت ڪا نہ ڪئي پر ضياءَ جي حاضري

بہ ڪا نہ پري، جڏهن تہ ولي خان ضياءَ جو ٻانهن ٻيلي ٿي بيٺو. ڇٽي ”پٽو ماريو اٿوَ تہ پٽو ازم ختم ڪريو. ”چونڊون نہ ڪرايو احتساب ڪريو.“ سچ پڇ تہ ڀٽي صاحب جي سياست جيڏري توڙي مُئي وڏا ٻت ڍاهي وڌا آهن. جيڪي پارٽ ڪي اصول پرست ۽ انقلاب جا هماليہ سڏائيندڙ هئا. سي ڍهي ڀورا ڀورا ٿي پيا آهن. جن لاءِ پاڪستان حرام هو سي لياقت علي، چوڌري محمد علي ۽ چوڌري خليق الزمان ڪان وڏا پاڪستاني ٿي پيا آهن. جن ڪي اسلام جو الف ڪو نہ ٿي وڻيو جن مجبوري ۾ ڇمندي ٻانگ ٻڌي هئي سي بہ وڏا مولوي ۽ ديندار بڻجي اسلامي حاڪميت لاءِ آتا ٿي پيا آهن. جن جا ڪميونسٽ ۽ سوشلسٽ ڏسڻ سان نڪاح ٿي ٽٽي پيا سي انهن انقلابين جا سڳا سؤٽ ٿي پيا. تفصيل ۾ ڪو نہ ٿا وڃون. بس ڏنوسون پئي تہ ڀٽي صاحب ڪي پنهنجي راهہ تان هٽائڻ لاءِ، عوام ڪي وري وڏيرا شاهي جي غلامي ۾ ڏيڻ لاءِ، عوام جي محبوب رهنما ڪي هميشہ لاءِ ختم ڪرڻ لاءِ ڪير ڪير اچي گڏ ٿيا هئا. اوپر اولهہ ڪي ٿي پاڪر پاتا. زمين آسمان ڪي پئي چميون ڏنيون. سازشين جي سازش تہ ڪامياب ٿي پر وقت ثابت ڪيو تہ ڀٽي صاحب پنهنجي جيڏري بہ عوام دشمن مخالفن ڪي شڪستن مٿان شڪستون ڏنيون ۽ ڀٽي صاحب مانَ وارو موت قبولي بہ پنهنجي مخالفن ڪي سياسي موت ڏئي ڇڏيو.

مرڻا اڳي جي مئا، سي مري ٿين نہ مات،
هوندا سي حيات، جيئڻا اڳي جي جئا.

هن وارڊ ۾ پهريون دفعو شيرين سومرو ڪيس دوران آيو هوس. سٽي لاڪ اپ ۾ 14 ڏينهن رهڻ ڪان پوءِ ساغر سميجي، اقبال نظاماڻي، عاقل ۽ مون ڪي سينٽرل جيل اماڻيائون تہ هن وارڊ ۾ رکيائون. پهريان ٽي ڏينهن اسان ڪي ڪوليءَ ۾ رکيائون. ڪولي بنهہ ننڍي هئي، هن ۾ باٿ روم وغيره جي ڪا بہ سهولت ڪا نہ هئي، هڪڙي ڪناري ۾ ننڍي پاٽ (ٽڪر جي پليٽ) پئي هئي . شڪر ٿيو جو ان ڪوليءَ ۾ رهڻ دوران بند ٿيڻ ڪان پوءِ نہ ڪنهن دوست تي پيتل پاٽي جو زور پيو ۽ نہ ئي ڪنهن ڪي ڪو وٽ پيو نہ تہ اڳڻ ڀهاري ٽڪجي پئون ها پر اڳڻ صاف ڪو نہ ٿين ها ۽ پوءِ سچو جيل سياسي مڙسن مٿان سال ڪلون ڪري ها. جيل ۾ لڳائي چڳائي لڪي بہ ڪو نہ ۽ سندس تذڪرو ٿئي بہ سال. چاچي شاهنواز خان ٻڌايو تہ 1977ع جي پي اين اي جي تحريڪ دوران ڀٽي صاحب ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ مني مارشل لا جو اعلان ڪيو تہ پي اين اي جي هڪڙي مشهور اخباري شهري اڳواڻ جي پتلون خراب ٿي پئي ۽ پوءِ برداشي اها پتلون راڄن ڪي ڏيکاري سياسي ماڻهن تان جنيون ٿي ڪيون. اسان واري سنگت ڪي ان ٽڪي ڪان الله ڪٽي بچايو ۽ ڪوليءَ مان پت بچائي نڪتاسين.

هن وارڊ ۾ آياسين تہ ملاقات تي مڪمل بندش هئي. ٻاهران تہ نهيو پر جيل جو بہ ڪو ماڻهو سواءِ پٽي ڏيڻ واري قيدي ۽ ڊيوٽي واري سپاهي جي، هن وارڊ ڏي ڪو نہ ايندو هو. اقبال نظاماڻي پٽي ڏيڻ واري سان ڳالهائي ڳالهائڻ جي سڌ پوري ڪندو هو اڪثر پٽي واري سان اقبال ساڳيا جملا ئي ورجائي ڳالهہ ڪندو هو تہ ”اوهين ڪهڙي وارڊ ۾ ڪهڙي بئرڪ ۾ ٿا رهو. ڪٽي ڪٽي پٽو ڏيڻ ويندا آهيو“ ۽ پوءِ اتي جي مڙس ماڻهو يعني نالي واري قيديءَ جو نالو پڇندو ۽ چوندو تہ ”ادا انهيءَ مڙس ڪي ٻڌائجو تہ جساف جو اڳواڻ اقبال نظاماڻي آيو آهي. اوهان ڪي سلام ٿو چئي.“ ان وارڊ ۾ ڪجهہ ڏينهن ڪان پوءِ ابوبڪر زرداري ۽ غازي صلاح الدين جيڪي ساڳئي ڪيس ۾ اسان ڪان اڳ سٽي لاڪ اپ مان هيڏي

آيا سي به اسپيشل وارڊ مان اسان ڏي موڪليا ويا. بعد ۾ سميع مڱرئي کي به گرفتار ڪري اسان ڏي وارڊ ۾ موڪليئون. اهڙي طرح اسين سيئي هڪڙي جانچ انڪوائري ڪيس وارا سيئي گڏجي وياسين. غازي، ساغر ۽ آءٌ نواب مريءَ واري ڪمري ۾ هئاسين (اسان لاءِ ڪمرا کوليا ويا ته سيني ڪمرا پسند تي ورتا. اسان کي وري مري صاحب پسند هو ان وارو ڪمرو ورتوسين). سميع مڱرئي، ڀائو ابوبڪر، اقبال ۽ عاقل بزنجي صاحب وارو ڪمرو ورتو (ڀائو ابوبڪر، اقبال ۽ سميع سائين شاهه محمد شاهه وارن جو گروپ هئا ۽ اهي بزنجي صاحب سان هئا). خدا حياتي ڏي اقبال نظاماڻيءَ کي سڄو ڏينهن مزو لڳو پيو هوندو هو. سندس خبرون، وڏا مخصوص ٺهڪ "آ پيارا ڊي ايس پي نر لڳا پيا آهيون، واندا ئي واندا" جا نعرا (اهو نعرو اقبال هر ماڻهو سان مخاطب ٿيڻ مهل وڏي هڪل سان ضرور هڻندو هو). عاقل سان چرچا، اقبال جون کهڙيون ڳالهيون ڪجن. غريب جو يار هر وقت اکيون ڳاڙهيون، مستن وانگر هر وقت مست هو ڪير اچي نه اچي هن جي پيتي واري سان ڪچهري تي ويندي هئي. سوير تيار ٿيو وارڊ ۾ پيو ٿيلارا ڏيندو هو.

هلڻ مهل سندس ٻئي ٻانهون جسم کان ميل ڪن پري پيون لڏنديون هيون. ڪجهه وقت اڳ سنڌ جا وڏيرا ۽ مڙس ماڻهو اهڙي هلڻي هلندا هئا، انهيءَ لوڏ مان پڌرو هوندو هو ڀلا ڪو مڙس پيو اچي! هاڻ ته وقت سان هلڻ به ڦري ويو آهي، وڏيرا ننڍيرا، سڀ ٿيڏي قدم پيا کڻن. گهٽ ۾ گهٽ هلڻ مان ته زناني مرداني ۾ فرق ختم ٿي ويو آهي، سو اقبال کي ڳڻتيءَ ۾ ڪو نه ڏٺوسين، سواءِ هڪڙي موقعي جي. نوان نوان وارڊ ۾ آيا هئاسين، عاقل نماز پڙهندو هو صبح جو تلاوت به ڪندو هو ۽ ڏينهن جو گهڻو وقت عمارت جي ڀوڀان ڪيلن جهڙن ٻوٽن ۾ پلٽي هڻي لڪي تسبيح پڙهندو هو. اقبال کي به اچي شوق ٿيو يا خطرناڪ ڪيس جو خوف! عاقل کي چيائين ته گڏجي نماز پڙهنداسين ۽ قرآن به. درستي تون ڪرائجان. صبح جو اقبال سوير اٿيو ۽ ڪلام الله جي تلاوت ڪرڻ لڳو شايد ياسين سڳوري تي پڙهيائين. شيخ اياز جي وائين واري سر ۾ بلند آواز ۾ تلاوت ڪرڻ لڳو. سيئي جاڳي پياسين پر سيڪو چادر مٿان ڪيو پيو هو. شايد سيئي اقبال جي تلاوت ٻڌي رهيا هئا. اوچتو اقبال هڪڙي لفظ تي منجهي پيو، وري واپس کان زور سان پڙهڻ شروع ڪيائين ۽ ان لفظ تي اچي وري ماٺ تي ويو، وري واپس کان پڙهيائين ۽ وري ان لفظ تي اچي ماٺ تي ويو. سيئي دوست کل ۾ ٻڏي ويا پر "توهين قرآن" جي ڊپ کان يڪدم عاقل کي اٿاريوسين، تنهن اٿي درستي ڪرائي ۽ اقبال اڳتي پڙهيو. فجر به پڙهيائين. مغرب تائين نمازون پڙهي بند ٿيو ۽ ٿوري دير کان پوءِ اقبال جون رڙيون ٻڌڻ ۾ آيون. اسين اڃا ڏار بند ٿيا هئاسين، سو اقبال کي ڏسي ڪو نه سگهياسين پر سندس ڳالهه ٻڌي سين، هڪلون ڪري چيائين، "او پيارا غازي، مولابخش، ساغر مون کي الائي ڪيڏانهن وٺيو پيا وڃن، صبح جو اخبارن ۽ بي بي سي وارن کي ٻڌائجو وغيره وغيره" صبح جو ٻاهر نڪتاسين ته پڇا ڪئي سون، خبر پئي ته اقبال کي پڇا ڳاڇا لاءِ ڏاڍا مڙس کڻي ويا آهن. ٻن ڏينهن کان پوءِ وريو، ڏاڍو منڌل هو. ٻڌايائين ته "سميع مڱريو گرفتار ٿيو آهي، اهو به اتي هو. پهرين مون (اقبال) کي هڪڙي ٽيبل جي هيٺان لڪائي ڪمري ۾ سميع کي وٺي آيا، تنهن کان اقبالي بيان ورتائون ۽ منهنجو به پڇيائون، تنهن ٻڌايو ته اقبال نظاماڻي به گڏ هو پوءِ سميع کي ڪمري مان وٺي ويا. ڏاڍي مار ڏني اٿن لڳ لڳ پيو سور ڪري" سندس قصو ٻڌي

سيئي دوست ذڪيرا هئا. اقبال ڳالهه ٻڌائيندي سوچ ۾ پئجي ويو. سنگت چيس ته هاڻي خير ٿيندو، گهبراءِ نه. هاڻ ڪو نه وٺي ويندا، آيا ته وڙهنداسين. اسان ڪيس دلاسا ڏيڻ لڳاسين ته چيائين ”گهبراهٽ ۽ پريشاني مار جي ڪو نه اٿم پر خفو ان جو اٿم ته انهن کي اهو ڪنهن ٻڌايو ته مون نماز شروع ڪئي آهي.“ اها ڳالهه جنهن انداز ۾ اقبال ڪئي سنگت کي کل اچي وئي. اقبال به وڏو ٽهڪ ڏنو ۽ ٻڌايائين ته ”مون کي اهو به چيائون ته..... جيل ۾ نماز پڙهي شروع ڪر ڏي هي.“ (ڪاش اها سچي ٻولي لکي سگهان جيڪا اقبال ڳالهائي رهيو هو)

ان واقعي ڪان پوءِ اقبال به ٽي ڏينهن منڌل هو باقي هر وقت اکيون ڳاڙهيون. ان واقعي ڪان پوءِ اقبال جو نماز تان ارواهه ئي کڄي ويو. چئي پهرين ڏينهن هي حال ڪيو اٿس، اڳتي پڙهيم ته پانيان ٿو سر ويندو.“ واقعي جي ٻن ٽن ڏينهن ڪان پوءِ عاقل آڌي رات جو اٿيو. عاقل سمجهيو ته فجر ٿي وئي آهي، سو اقبال کي ننڊ مان جاڳائي پڇيائين ته فجر جو وقت ٿي ويو آهي ڇا؟ اقبال باهه مان ڏسندي ڪڇيو ڪو نه، رڳو ها چئي سمهي رهيو. عاقل نماز پڙهي ۽ وري سمهي رهيو پر اقبال کي ننڊ ڪو نه آئي. تان جو فجر ٿي وئي ۽ ٻانگون آيون، اقبال اٿي رڙ ڪئي، ” عاقل نماز پڙهه، سمهي رهيو آهين، فجر جي ٻانگ هاڻي آئي اٿئي، وري نماز پڙهه ته خبر پوئي. اسان کي جاڳائي تون وري اشراف ننڊ ڪندين!“ ڏاڍو مزيدار وقت گذرندو هو. انهي سچي رونق جو سهرو اقبال ۽ عاقل تي هو. عاقل ته جلد آزاد ٿي ويو پر اقبال جو ساٿ حيدرآباد ڪان سکر ۽ سکر جيل ڪان وري حيدرآباد تائين رهيو. عاقل به جيستائين گڏ هو تيسين ڏاڍو خوش مزاجي ۽ زندهه دلي جو مظاهرو ڪندو رهيو. توڙي جو ڪيڏي ڪيڏي مهل جيل جي خيال پريشان به پئي ڪيس. ان ۾ به عاقل جو ڏوهه ڪو نه هو. جو سندس تعلق مسلم ليگ سان هو ۽ انهيءَ ناطي ۾ مسلم ليگ جي بزرگن جي چڪ هئس ته ڪٿي مسلم ليگ، ڪٿي ماڻهن لاءِ جيل؟

هن وارڊ مان اسان کي بي ڪلاس موڪليو ويو. بي ڪلاس، اي ڪلاس جي پر واري ڪورٽ وارڊ جي پاسي ۾ آهي. بي ڪلاس ۾ اڳيئي، ايل ايم سي، مهراڻ يونيورسٽي ۽ سنڌ يونيورسٽيءَ جا ساٿي ميڙو مچايو وينا هئا. ڪي دوست اسپيشل وارڊ مان هن وارڊ ۾ وٺي آيا، ويهه پنجويهه ڄڻا هئا، اسين به اچي نڪتاسين. ڪمرا به پرجي ويا ته ٻئرڪ ۾ به ڪافي دوست رهڻ لڳا. هنن دوستن سان ڪافي ڏينهن مزيدار گذريا. هنن دوستن ۾ ڊاڪٽر نجيب صديقي جهڙو زندهه دل، ڏاهو ۽ ڪامريڊ دوست به هو ته ظفر جماڻي ۽ اعجاز نارو شاهي جهڙا قربائتا دوست به هئا. اعجاز زبيري ۽ سائين حبيب الله شاهه تڪڙائيءَ بنهه صبرائتا ساٿي هئا. مهراڻ يونيورسٽي جا منظور باجڪائي ۽ عزيز سومرو ته صفا يگانه هئا. سچو ڏينهن مست، هڪلون پيون پونديون هئن. ٻيا سيئي دوست به ڏاڍي همت، جوش ۽ صبر وارا هئا.

ظفر سچو ڏينهن چاڪ چوبند لڳو پيو هوندو هو. ڳوٺان آيل خوراڪون پيو کائيندو هو. بيڊ منٽن ۽ ڪيرم بورڊ راند سٺي ڪندو هو. سندس سٺي طبيعت ڪري سيئي ڪيس پسند ڪندا هئا. اعجاز نارو شاهي به پيارو دوست هو. ڏاڍو جذباتي هوندو هو. آواز به سٺو هوندو هئس. انڊين گانا ڏاڍا سنا ٻڌائيندو هو. ڊاڪٽر نجيب جي کهڙي ڳالهه ڪجي، چرچن ڀوڳن جي موڊ ۾ هجي ته سڄي سنگت کي کلايو پاڻ به پيو ٽهڪ ڏيندو هو. سنجيده ٿئي ۽ سياسي، سائنسي ۽ ٻين علمي معلوماتي موضوعن تي ڳالهائي

تہ سچي سنگت کي ماٺ لڳيو وڃي، سيئي ويٺا غور سان ڪيس ٻڌن. سندس ڪلٽي ملٽي طبيعت ڪيس سڀني دوستن جو محبوب بنائي ڇڏيو هو. نجيب سان دوستن جي پيار جو وڏو ثبوت نجيب جي سالگرهہ هئي. دوستن اها سالگرهہ وڏي جوش ۽جذبي سان ملهائي، اجرڪن جو شاميانو ٺاهيو ويو، ڪيڪ گهرايو ويو، شمعون ٻاريون ويون. وارڊ مان گل پٽي، سڀئي ڏاڍي سان هار ٺاهيا ويا. راڳ جي محفل ٿي. هو جمالو تي سڀني دوستن جهمر وڌي. سالگره ۾ جيل جا ڊاڪٽر، جيلر ۽ ٻيو اسٽاف بہ شريڪ ٿيو.

هن وارڊ ۾ اي ڪلاس کان وڌيڪ سنو وقت گذريو جو هتي دوست ڪافي هئا. ڪچهريون بہ جام ٿينديون هيون تہ راڳ جون محفلون بہ صبح شام. هنن محفلن ۾ غازي، اعجاز ٽارو شاهي، ساغر سميجو ۽ نجيب حصو وٺندا هئا. غازي جو آواز بہ ڏاڍو سنو هوندو هو، لتا جا گانا ڏاڍا سٺا ٻڌائيندو هو. دوست گهڻا هئا تہ بحث مباحثا بہ هر وقت جاري هئا. بحث دوران اڪثر ڪري ساغر سميجو ۽ پائو ابوبڪر اٽڪي پوندا هئا. ساغر چوندو هو تہ ”اسان کي طبقاتي جدوجهد ڪرڻ کپي، طبقاتي مسئلي جو حل ئي سمورن مسئلن جو حل آهي.“ پائو ابوبڪر هو جيئي سنڌ جو. تنهن کي طبقاتي واري ڳالهہ اصل ڪو نہ وڻندي هئي. سو چوندو هو تہ ”طبقاتي نہ پر قومي مسئلي جو حل ئي مسئلن جو حل آهي. سنڌ جو قومي استحصال ٿي رهيو آهي، تنهنڪري قومي جدوجهد ڪرڻ کپي.“ دنيا وڃي چنڊ تي قدم رکيا آهن اسان پنهنجي جند وهمن مان آزاد نہ ڪرائي سگهيا آهيون. دنيا وڃي منزلون ماٽيون آهن .اسان اڃا سفر جو آغاز ئي نہ ڪري سگهيا آهيون. بحث مان لڳندو تہ ڄاڻ جهيڙو ٿيو پر ايئن ڪو نہ ٿيندو هو. بحث کان پوءِ سڀ کير کنڊ، سيئي گڏ هوندا هئاسين. هڪڙي ڳالهہ انهن بحثن دوران صاف نظر ايندي هئي تہ پ پ ۽ پٽي صاحب جي معاملي ۾ سيئي هڪ جهڙا هئا يعني پاڻ ۾ گڏ هئا، فرق رڳو ايترو هو تہ پٽي صاحب جي دشمني جي اظهار ۾ ڪي اٽڪل کان ڪم وٺندا هئا ۽ ڪي لاهي پائي بيهندا هئا.

بي ڪلاس ۾ ڪم ڪار لاءِ برداشتي مليل هئا. انهن برداشتين ۾ هڪڙو برداشتي ٽنگ کان منڊڪائيندو هو جيل جا ڪپڙا ڪلهن ۽ پانچن کان ڦاٽل (جيل جا ڪپڙا گهٽو ڪري ڪلهن، ڪنڌ ۽ سٿون لانگن کان اڌڙي ويندا آهن) مٿي ۾ ٽوپي بہ جيل واري، هلندو تہ ڪبو ٿيو هلندو هو. پريان پيو ايندو تہ ”هنچ بئڪ آف نوٽرڊيم“ واري انٿوني ڪوئن وارو ڏيک پيو ڏيندو. نالو تہ الائي ڇا هئس پر ”چارلي“ سڏبو هو. ٻڌائيندو هو تہ ٽنڊي سائينداد جي سرهندي پير صاحبن جو نوڪر آهي. سندس خبرون بہ عجيب هيون، قيدين تي تبصرا بہ واهہ جا ڪندو هو. هڪ دفعي منڊڪائيندو، سڏو اسان وٽ اچي نڪتو اسين اُس تي ويٺا هئاسين. ڪچهري ماٺ ٿي ويئي جو سڀني کي چارلي جي ڪنهن خبر ٻڌڻ جي پڪ هئي. چارلي کي هٿ ۾ پنو هو سو کڻي مون کي ڏنائين، ڏٺم تہ آيت الله خوميني جو اخباري فوٽو هو. اهو فوٽو انهن ڏينهن اخبارن ۾ جام شايع ٿيندو هو جو ايران ۾ شهنشاهہ رضا شاهہ خلاف تحريڪ عروج تي هئي. چارلي چيو: ”سائين هي فوٽو ڏسي مون کي پڪ ٿي ويئي آهي تہ بابا خوميني رضا شاهہ باشا کي ڪاٽي ويندو.“ اسان چيس ڪيئن؟ چيائين ”بابا خوميني جي نرڙ جا گهنج بہ اهو ئي پيا ٻڌائين.“ آيت الله خميني جي انهيءَ فوٽو ۾ آيت الله جو هٿ ڳل تي ۽ پاڻ وڏي سوچ ۾ هو. سندس نرڙ تي تمام گهڻا گهنج هئا. چارلي جي ڳالهہ سچي ٿي، ماڻهو ظالم حاڪم خلاف اٿيا ۽ فاتح

ٿيا. ماڻهو اڻندا آهن تہ فوجون، ٽينڪون ۽ ڏاڍ جا ٿهري ڪوٽ راهہ جي رڪاوٽ نہ بڻجي سگهندا آهن. ماڻهو هر هنڌ فاتح ٿيا آهن سي ايران ۾ بہ فاتح ٿيا. عوام جو قائد آيو تہ غاصبن پاڄ ڪاڏي رضا شاهہ تہ پڄي ويو پر سندس هٿ ٺوڪي حڪومت جيڪا عوام کي دوکي ڏيڻ لاءِ قائم ڪئي وئي هئي سا بہ پل ۾ پوري ٿي ويئي. چارلي ولي ڪو نہ هو. اها انقلاب جي خصوصيت آهي تہ جڏهن انقلاب جو واءُ ورندو آهي تہ ملڪ جا پوڙها پڪا، عورتون، ٻار، هوائون، فضائون وڻ ٽڻ انقلاب جي آمد جا اعلان ڪندي نظر ايندا آهن، عقل وارا تہ عقل وارا پر چريا ۽ مجذوب بہ انقلاب جي خوشخبري ڏيندا آهن.

وارڊ ۾ ڏاڍو سنو وقت پئي گذريو تہ هڪ ڏينهن جمعدار علي شير سان جيڪو وارڊ جو عملدار هو. پائو ابوبڪر جي منهن ماري ٿي پيئي. علي شير لاءِ ٻڌڻ ۾ آيو تہ ڊپٽي جو دادلو عملدار آهي، تنهن وجي ڊپٽي کي دانهن ڏني. ڊپٽي اسان کي گهرايو. پائو صورتحال ٻڌائي. ڊپٽي ٿورو اسان کي سمجهائي ڪلندي چيو "ڪا ڳالهہ ناهي آئينده خيال ڪجو." مون پائو کي چيو تہ "نواز ڊپٽي جي متعلق اها ڳالهہ مشهور آهي تہ ڪنهن مسئلي تي ڪلي ڳالهہ تاري ڇڏي ۽ سختي بجاءِ نرمي ڪري بحث اُتي ۾ ختم ڪري ڇڏي تہ خير ڪونهي." بند ٿياسين، ماني پئي ڪاڏي سين تہ پائو ابوبڪر، اقبال، سميع، غازي، ساغر ۽ منهنجو نالو زور سان پڪاريو ويو. سپاهين اچي چيو تہ تيار ٿيو جيل بدلي آهي. تڪڙ ۾ ماني ڪائي ٽپڙ ٻڌاسين. سنگت ڪان موڪلائي وارڊ مان نڪري ماڙي ڏي وجڻ لڳاسين تہ، سپاهي چڪر جي در ڏانهن اشارو ڪندي چيو "ماڙي ڏي نہ پر هيڏانهن هلو." چڪر ۾ داخل ٿياسين تہ وري ڪاري چڪر ۾ وٺي هليا، تڏهن خبر پئي تہ بند وارڊ پيا ڪن. اسان سيني کي الڳ الڳ ڪمري ۾ بند ڪري ويا. وارڊ ۾ بجلي ڪو نہ هئي پر جمعدار زوراب گل جنهن جو رويو اسان سان هميشہ سٺو هو سو ويندي ويندي لالٽين منهنجي ڪمري اڳيان رکيو ويو. ڪمري ۾ اوندهہ هئي، پاٽي پيئڻ لاءِ مٽ ۽ پلاسٽڪ جو گلاس در ڪان ٻاهر رکيل هو. ڪمري جو فرش سرن جي چونڪن مان ٺڌل هو ۽ چونڪا پراڻا هئا، تن جو وچ تہ گسي ويو هو ۽ ڪنارا اڀا ٿي پيا هئا، سڄي رات انهن ڪنارن ٻت کي پڇي وڌو. صبح جو سوير پيٽي وارو آيو ڪين جهڙي چانهہ، پاپڙ جي اڌ جيتري ماني ڏئي ويو. هن وارڊ ۾ نہ هجون ها تہ جيڪر اها چانهہ ڪنهن قيمت تي ڪو نہ وٺون ها پر اڄ اسان تي "سونٽي هجي ساڻ" وارو پهاڪو ٺهڪي آيو. خبر ڪو نہ هئي تہ هاڻ الائي ڇا ڪندا ۽ ماني الائي ڪيڏي مهل نصيب ٿيندي. سو بک جي بلا ڪان بچڻ لاءِ وڏي شوق سان چانهہ ماني ڪاڌم، ان مهل نہ بہ ڪاوان ها تہ گهڙي ڪان پوءِ ضرور ڪاوان ها جو بک ۾ بيڙي شيءِ بہ وڻندي آهي.

ٿوري دير ڪان پوءِ سڀ سنگتي هوشيار ٿي ويا، هڪلون ڪري هڪٻئي ڪان حال احوال ورتاسين. سيني پئي ٻت جي سور ۽ مڇرن جون دانهون ڪيون، رڳو ساغر، فرش وارن چونڪن ڪان بچي ويو جو وارڊ مان نڪرڻ مهل ڪنهن خدا جي ٻانهي سپاهي ڪيس صلاح ڏني تہ "سرڪاري گاديلو ڪنيو هل، جيل بدلي ڪونهي." 8 وڳي ڏاري جوابدار ڳاڙهي ٽوپي سان اچي نڪتو. جوابدار جيل ۾ ملائڪ وارو ڪم ڪندو آهي، قيدين جي سموري چرپر تي نظر رکي مالڪن کي مطلع پيو ڪندو آهي. جوابدار اسان ڪان اسان جا نالا ۽ ولديتون پڇيون. پڇيوسون تہ ڇو پيا ٿا پڇو؟ تہ معنيٰ خيز مسڪراهٽ سان چيائين "جاڻ خبر پوندوَ تہ ڇو پيا پڇون." پائو جيل جو پراڻو واقف هو تنهن هڪل ڪري ٻڌايو تہ "بند

وارڊ جون رسمون پوريون ڪندا.“ (بند وارڊ ۾ صبح شام قيدي ڪي سونٽن جو ذائقو ضرور وٺائيندا آهن، اهي ڏڪ گهٽو ڪري پيرن جي ترين تي هڻندا آهن. بند وارڊ ۾ قيديءَ جي شلوار مان اڳٽ ڪڍي ڇڏيندا آهن ته متان قيدي خودڪشي جي ڪوشش ڪري. بند وارڊ ۾ ڏنڊا بيڙي، آڙا بيڙي به هڻندا آهن ته قيديءَ جون ٻانهون اپيون ڪري دروازي سان به ٻڌي ڇڏيندا آهن) نالا لکي ويا ته وري سپاهي ۽ مُقدم آيا، اچي تلاشي ورتائون، ٿيلهن ۽ ٽوڪرين کي مٿي ڪري اونڌو ڪيائون ته سڄو سامان اچي فرش تي پيو. آرسي، ڪولڊ ڪريم، دوا جي شيشي سڀ پورا پورا ٿي پيون. بليڊ، سيفٽي ۽ ٻيو ضروري سامان پاڻ ساڻ کڻي ويا.

اٽڪل ٻن ڪلاڪن جي موتمار انتظار کان پوءِ وڏيون هڪلون ٿيون، سمجهي وياسين ته جيل ڪاٽي جو هٽلر، نورالاهي شيخ (جنهن کي قيدي ”قهرالاهي“ به چوندا آهن) ڄاڻ ڪنڌ ڌوڻيندو، نرڙ تي وار لٽڪائيندو اچي پهچندو. ٿيو به ايئن. سپرنٽينڊنٽ نورالاهي پنهنجي سموري اٿالي سان اچي نڪتو. اسان کان پڇندو ويو ته بي ڪلاس ڪنهنجو آهي؟ جن جو بي ڪلاس هو تن کي ٻاهر ڪڍيائين ۽ انهن کي اي ڪلاس موڪلڻ جو حڪم ڪيائين. باقي سميع مگريي ۽ پائو ابوبڪر جن جو اجا بي ڪلاس ڪو نه ٿيو هو تن لاءِ چيائين ته ”في الحال هن وارڊ ۾ رهندا باقي ڪين ڪولين ۾ بند ڪو نه ڪيو ويندو.“ اسان کي اي ڪلاس وٺي آيا. بخار به سيني کي هو ڊاڪٽر ۽ اخبارون گهرايون سين. اخبارون آيون ته خبر پئي ته سپريم ڪورٽ، پنجاب هاءِ ڪورٽ جي فيصلي کي برقرار رکندي ڀٽي صاحب ۽ ٻن ٻين کي سزاءِ موت جو حڪم ڏنو آهي. فيصلي سڄي سنگت کي اداس ڪري ڇڏيو. اي ڪلاس مان وري به بي ڪلاس موڪليا وياسين، اتي به دوست اداس ۽ مايوس هئا. ڪچهرين ۾ اڳوڻو مزو ڪو نه هو. ڪجهه ڏينهن هن وارڊ ۾ رهياسين ته هڪ رات وري اسان هڪڙي ڄاڄ وارن کي سڏ ٿيو هن دفعي سڄي پڇي جيل بدلي هئي. ٽيڙ ٻڌي دوستن کان موڪلايوسين. ظفر، نجيب، اعجاز ٺاروشاهي، اعجاز زبيدي ۽ پياري دوست حبيب الله شاهه کان موڪلائيندي دوستن جي اکين ۾ پاٽي پرجي آيو.

سنگت کان موڪلائي ماڙيءَ مان ضروري لکپڙهه کان پوءِ ٻاهر نڪتاسين ته پوليس واري گاڏي بيٺي هئي، چڙهياسين. ماين ۽ مردن جا آواز ٻڌڻ ۾ آيا. اونده هئي، يڪدم ته هڪٻئي کي نه سڃاڻي سگهياسين. جهٽ کن کان پوءِ خبر پئي ته آپا زرينه بلوچ ۽ سندس پٽ اسلم پرويز کي به گرفتار ڪيو سکر جيل وٺيو هلن. آپا زرينه بلوچ به ٽنڊي ولي محمد ۾ رهندي هئي، سندس والد جو گهر صالح شاهه جي مسجد جي پويان هوندو هو. اسان جي راڄ ۾ به سندن اٿڻ ويهڻ هوندو هو. مائٽن کان ئي خبر پئي ته آپا زرينه بلوچ جو اصل نالو آمنه آهي، آپا زرينه جي ڀاءُ يوسف بلوچ جو آواز ڏاڍو پيارو هو. دادا غلام دستگير ٻڌايو ته لعل صاحب وارن جي جلسن ۾ يوسف بلوچ ڏاڍي پياري آواز ۾ انداز ۾ انقلابي گيت ٻڌائيندو هو.

گاڏي هلي، مينهن به تيز پوڻ لڳو، سيءُ به چوي اڄ نه پوان ڪڏهن پوان! گاڏيءَ جو منهن به اتر ڏي هو. گاڏي ۾ لڳل ڄاري مان ٿڌي هوا وڏيو ٿي ڇڏيو هٽڪڙيون، جوڙي جوڙي کي لڳل هيون، جيئن تيئن ڪري هنڌن مان ڪمبل ڪڍياسين رات جو اٽڪل ٻين اڍائي وڳي جمالي پيٽرول پمپ مورو پهتاسين. هنڌن مان ٻيا به ڪمبل ڪڍي آپا زرينه بلوچ ۽ ان سان گڏ سپاهي عورتن کي ڏناسين.

حيدرآباد ڪان موري، موري ڪان سکر ڪچهريون ڪندا، لطيفا ٻڌائيندا ۽ گيت ڳائيندا آياسين. ساغر ٽري گيت ٻڌايا پر غازي ۽ مون آپا زرينہ جا ڳايل گيت ڳايا:

ڪانگ لنوي ڪانگ لنوي، ڪانگ لنوي ٿو

آءُ پرين ڪٽڪ ڪيا سنگ سنهرا،

ڪيت ٿيا ڪاڻ سچو سون پري ٿو.

آءُ پرين اُپ مٿان آهي لڱهہ لس،

چاڻ وٺو مينهن ڏنو وڄ وراڪو.

فجر جو چئين، پنجين جي وڄ ڏاري سکر جيل پهتاسين تہ مينهن اچا وٺو پئي. ڊپٽي کي گهرايائون، ماڙي کلي، اسين اندر ٿياسين. سکر جيل جي نالي ۾ دٻدٻي جو سالن ڪان ٻڌندا آيا هئاسين. ذهنن تي اهو بہ اثر هو. هتي حيدرآباد ڪان وڌيڪ سختي ڏسڻ ۾ پئي آئي. هتي تلاشي مهل بہ حيدرآباد جي بند وارڊ وانگر تي ڪيائون. ٿيلها ڇڻا اونڌا، تہ پڄڻ جهڙا ٽپڙ سڀ پڄي پيا. تلاشي دوران حيدرآباد مان آيل سپاهي عورتون ۽ مرد اداس پئي لڳا. سندن اکين ۾ ڇهرن مان اسان لاءِ محبت ۽ همدردي صاف ظاهر پئي ٿي.

تلاشي دوران، اسان جا سمورا ڪتاب ڪٺي هڪڙو سپاهي ڊپٽي جي آفيس ڏي ويو تہ اسين بہ سڀ اوڏانهن وياسين. ڊپٽي چار پنج منديون پٽرن واريون ڇيڇن ٻاچن ۾ وجهيو وينو هو. گهنجيل نرڙ تي نماز جو وڏو نشان هئس. اسان کي چيائين "اوهين پلي وجو ڪتاب في الحال ڪو نہ ملندا، ڪتابن جو معائنو ڪري پوءِ ڏينداسين." (جيلن ۾ چرس، آفيم ۽ هيروئن وڃي سگهي ٿي باقي ڪتاب ڪو نہ وڃي سگهندا) آپا زرينہ بلوچ شاهہ جو رسالو ڪنيو تہ ڊپٽي وري بہ روڪيندي چيس تہ " محترمہ في الحال ڪتاب ڪو نہ ملندا." آپا چيس "جيل ۾ قرآن ڪٽي وڃڻ تي بہ بندش آهي ڇا؟" آپا جي سوال تي ڊپٽي پريشان ٿي چيو "نہ نہ، هتي قرآن ڪٽي آهي!" آپا رسالو ڪٽندي چيو "اسان جو شاهہ جو رسالو سنڌي ۾ قرآن آهي." ڊپٽي وائڙو ٿي چيو "معاف ڪجو ٻيا ڪتاب ڇڏي وڃو، پوءِ ڏينداسين. باقي پنهنجو رسالو پلي ڪٽي وڃو." اسان سيني وٽ رسالا هئا سي ڪٽي آفيس مان نڪتاسين، جمعدار اسان کي ماڙيءَ مان وٺي هليو.

در ٽپي اندر ٿياسين تہ ڪاٻي، ساڄي پڪا رستا پي ويا. آپا زرينہ بلوچ کي ڪاٻي پاسي وٺي ويا، سمجهيوسين تہ زنانو وارڊ ايڏانهن آهي پر اسين اڃا بہ ٻيا لوهي دروازا اڪري اڳتي هلياسين. سامهون ڪاٻي پاسي، چئن ٽنين تي ننڍڙي اڏيل چبوتري جي پاسي ۾ لوهي در هو. اسان جي اڳيان جيل جو صوبيدار ننڍڙي اسٽڪ جيڪا اڪثر پوليس ۽ فوجي آفيسر ڪٽندا آهن، بغل ۾ وجهيو چال ۾ ليفٽ رائيٽ ڪندو پئي هليو سو انهي لوهي در ڏي مڙيو. لوهي در تي سپيريئر وارڊ لکيل هو. وارڊ ۾ گهڙياسين تہ پياري اياز سومري (لاڙڪاڻي) جو چاتل سڃاتل آواز ٻڌوسون. سنگت جي سڏن ۽ ڳالهائڻ مان سمجهيوسين تہ هنن کي اسان جي اچڻ جي شايد خبر پئجي چڪي هئي. اياز جو آواز پهرين نمبر ڪمري مان پئي آيو. آءُ، غازي صلاح الدين اوڏانهن وياسين، (پتي صاحب کي لاڙڪاڻي مان گرفتار ڪري سکر جيل وٺي آيا هئا. سندس لاءِ پهريون ڪمرو (جنهن ۾ اياز هو) رکيو ويو هو پر پتو صاحب

ان ڪمري ۾ ٿوري دير لاءِ بہ ڪو نہ رهيو رڳو ڪمري ۾ گهڙي ڪمرو ڏٺو هئائين. ڪمرو ٻين ڪمرن وانگر هو رڳو پوئين پٽ پڇي باٿ روم ناهي ڪاٺ جو ڪموڊ رکيو ويو هو. انهيءَ پڇڳل پٽ تي ڳوڻ ٽنگي ويئي هئي. (پيٿو صاحب سڄو ڏينهن ڪمرن جي سامهون بينل توت جي وڻ هينان ڪرسي تي ويٺو رهيو. رات جو ڪيس وٺي ويا). مينهن بہ پيو پوي تہ سردي بہ سخت هئي. دوستن سيءُ کان بچڻ لاءِ ڪولين جي درن تي ڳوڻيون لٽڪائي ڇڏيون هيون. ٿوري دير ۾ سيني دوستن کي ڪوليو ويو. هتي بہ ڪافي سنگت گڏ ٿيل هئي. وڏي سڪ مان هڪ ٻئي سان ملياسين. ڇڻ ورهين جا وڇڙيل مليا هجون. ڪجهہ دير کان پوءِ ڏار ڏار ڪچهريون شروع ٿي ويون. هتي اڳئي موجود ساٿي ۽ مانوارا اڳواڻ ميڙو مچايو ويٺا هئا. انهن مانوارن ۾ عبدالله خان ورياهہ, محترم عبدالسلام ٿهيم, ڪامريڊ عبدالرزاق سومرو (ٽنڊو آدم) سندس پٽ شاهنواز بابر, عبدالسلام ٿهيم جو ڀائٽيو عبدالستار ٿهيم, سپاف جو دوست اسد ابڙو, غفور نظاماڻي, عبداللطيف مگريو ۽ مسعود پيٿي بہ هو تہ پارٽيءَ جا محترم ساٿي محمد سليمان سميجو, چاچا سيف الدين پنهور, منظور جمالي (لاڙڪاڻو) محمد صديق ڪوسو (جيڪب آباد) احمد بخش انصاري (جيڪب آباد) انور گوپانگ (قمبر) پير مختيار جان سرهندي ۽ ٻيا ڪجهہ دوست بہ هئا. ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ سنڌ جي مشهور سياسي جوڙي محترم قاضي محمد بخش ڏامراهہ ۽ عبدالفتاح ميمڻ صاحب اچي نڪتا ۽ ٿوري عرصي کان پوري وري حاجي منور علي عباسي (لاڙڪاڻو) ۽ لالا افضل (شهدادڪوٽ) جهڙا دوست بہ اچي مليا. قرب واريون ڪچهريون مچي ويون. غازي روم نمبر 1 جنهن ۾ اياز ۽ منظور جمالي رهيل هئا تنهن ۾ رهيو. (منظور جمالي تمام پيارو ۽ صبر وارو دوست هو سڄو وقت ڪل پوڳ ۾ گذاريندو هو پيٿي صاحب کي ڦاسي آئي تہ بہ وڏي صبر جو مظاهرو ڪيائين. پيٿي صاحب جي شهادت جي ٻئي يا ٽئين ڏينهن سندس آزادي جو آرڊر آيو تہ اوچنگارون ڏئي روئڻ لڳو چئي ماڻهن کي ڇا چونداسين تہ قائد وڃائي پوءِ آيا آهيون. ڏاڍو جذباتي ماحول ٿي ويو. ڪيس دوست زوري خاموش ڪرائي ماڙيءَ تي ڇڏي آيا. آءٌ ۽ ٻيا دوست انهن ڪمرن جي سامهون واري ٻئرڪ ۾ وڃي رهياسين. انهي ٻئرڪ ۾ ٿهيم صاحب, سومرو صاحب ۽ ٻيا دوست رهيل هئا. پهريان بہ ٿي ڏينهن ڀائو ابوبڪر ۽ سميع مگريو اسان کان اڪيلا رهيا پر پوءِ ترت شنوائي تي حيدرآباد وياسين تہ سمري ملٽري ڪورٽ هنن ٻنهي جو بي ڪلاس منظور ڪيو تہ هي دوست بہ اسان سان گڏ اچي رهيا. سکر سينٽرل جيل ۾ ٽي چار مهينا گذارياسين پر وقت ائين ٿي گذريو جو جيل جو احساس ئي ڪو نہ ٿي ٿيو.

پير مختيار جان سرهندي ۽ يوسف ٽالپر صاحب جلد آزاد ٿي ويا ۽ انهن کان پوءِ عبدالله خان ۽ عبدالواحد بروهي صاحب بہ آزاد ٿي ويا. هنن دوستن جي هاءِ ڪورٽ ۾ رٽ داخل ڪئي وئي هئي, هر طرف ٿهڪ ئي ٿهڪ ٻڌبا هئا. محترم پليجي صاحب جي ڇاڻ مان پرپور, ٻوڙي ڇڏيندڙ ٻوليءَ واري ڪچهري ۾ ڪافي سٺو وقت گذرندو هو. قاضي محمد ڏامراهہ جا چرچا پوڳ گذريل سياسي ۽ مجازي داستان بہ ڪچهرين جو روح هئا. قاضي صاحب سدائين سنگت کي کلائيندي ۽ کلندي ڏاڍو خوش پيو ٿيندو هو. مون کي انهيءَ گهڙي اڪثر ڪري 1968ع ڌاري ٿيل اهو مشاعرو جيڪو بسنت هال ۾ ٿيو هو. ڏاڍو ياد پوندو هو. انهيءَ مشاعري ۾ شيخ اياز ۽ ٻين قومي شاعرن سان گڏ ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي بہ پنهنجي شاعري ٻڌائي هئي. ڪامريڊ پنهنجو هڪ نظم جنهن جو نالو تہ مون کي ياد ڪونهي پر سندس

پهرين سٽ شايد هيئن هئي تہ ”دادن ماءُ هيڏي آءُ!“ اهو نظم ٻڌي هال ۾ سمورا مرد ۽ عورتون کلي رهيون هيون. انهي مشاعري ۾ محترم ڪامريڊ جي گهر واري يعني ”دادن ماءُ“ بہ موجود هئي. جتوئي صاحب انهي مهل پنهنجي گهر واري کي مخاطب ٿيندي چيو تہ ”دادن ماءُ ڦڪي نہ ٿي، تنهنجي ڳالهہ تي جي سنڌي کلن ٿا تہ آءُ خوش ٿو ٿيان جو سنڌين کي کلندي ورهيہ ٿي ويا آهن.“ ڪامريڊ جي انهيءَ ڳالهہ کان پوءِ اڄ تائين جيڪو بہ پنهنجي پيار ڀرين ٻولين سان سنڌي مظلوم ماڻهن کي بہ خوشي ۽ سچائي وارا ٽهڪ ڏياري ٿو مون کي ڏاڍو وڻندو آهي. قاضي صاحب جهڙو نامور ۽ هر دلعزيز پارٽي اڳواڻ پنهنجا قصا ٻڌائي بلڪل ڦڪو ڪو نہ ٿيندو آهي. اهي واقعا هوند ٻيو ڪو ماڻهو پاڻ پنهنجي واتان شايد ٻڌائي سگهي. انهيءَ سنگت ۾ محترم محمد صديق کوسي کي پارٽي ورڪرن ۾ بزرگ واري حيثيت حاصل هوندي هئي. کوسو صاحب بي انتها جذباتي ساٿي هو. پارٽي تي سڌي طرح تہ ٺهيو پر اڻ سڌي طرح تنقيد تي بہ ناراض ٿي ويندو هو. چاهيندو هو تہ ڪو پوڙهو ۾ بہ پارٽي خلاف نہ ڳالهائي. قائد عوام ۽ سندس خاندان جي تڪليفن جو تذڪرو ڪندي سندس اکيون ڀرجي ايندڀون هيون. جيل ۾ سنو ساٿي هو. دل جو صاف ۽ سچو،محبوبن وانگر محبت جا مينهن بہ وسائيندو هو تہ پل ۾ رسي ويهڻ واري محبوباڻي پر بہ ڪندو هو. جيسين پرچائبو ڪو نہ هوس تہ ڳالهائڻ تہ ٺهيو پر پاسي مان گذري وڃڻ مهل منهن بہ ٻئي پاسي ڪري ڇڏيندو هو. صبح ٿيندي ئي بزرگ ساٿي تاش راند تي شروع ٿي ويندا هئا راند ۾ 2_3 ٽيمون هونديون هيون پر قاضي محمد بخش، چاچي سيف الدين واري ٽيم جي راند ۾ راند ڪندڙ ڏسندڙ ۽ سندس هڪلون ٻڌندڙ سڀ پيا مزو وٺندا هئا. نوجوان سياسي ڪچهريون، مطالعو ڪيرمئہ شام جو بيڊ منٽن راند ڪندا هئا. نوجوان دوستن ۾ پيارو اياز هر وقت چاڪ چوبند، هر وقت اڇو اجرو. جڻ جيل ۾ بہ عشق ڪرڻ آيو هجي. بيڊمنٽن راند بہ سٺي ڪندو هو چاچو سيف هر وقت اياز جي تعريف ڪندو هو. قاضي صاحب ۽ ٻيا دوست، چاچي سان چرچا ڪندا هئا. اياز جو رويو بہ سڀني سان سٺو هو تہ سڀئي اياز سان بہ پيار ڪندا هئا.

محترم رسول بخش پليجي جي ڪوشش سان جيل ۾ لطيف ادبي سنگت جو قيام عمل ۾ آيو جنهن جا جيل ۾ باقاعده ميمبر ڪيا ويا، ڪافي دوست ميمبر ٿيا. ڪجهہ دوستن ميمبر ٿيڻ پسند نہ ڪيو تن دوستن جي نظر ۾ جيل ۾ اهي خبرون اجايون هيون. سنگت جو باقاعده سيڪريٽري چونڊيو ويو جيڪو سنگت جي ڪارروائي هلائيندو هو هر گڏجاڻي جي صدارت مختلف دوستن کان ڪرائي ويندي هئي. دوستن جي صلاح سان مون کي سنگت جو سيڪريٽري چونڊيو ويو. سنگت طرفان ميمبرن جي هڪ ڪميٽي ناهي وئي جيڪا شاهہ جي رسالي مان بيت منتخب ڪري ڏار لکندي هئي. انهيءَ لاءِ ڪميٽيءَ جو ۽ ان جي صلاح سان بيت منتخب ڪرڻ جي ڪارروائي ۾ بہ ڏاڍو لطف ايندو هو هڪڙو بيت شاهہ جو، ٻيو پليجي صاحب جي شرح ڪرڻ... سبحان الله، کهڙي ڳالهہ ڪجي ان ڪميٽيءَ ۾ پليجو صاحب، پائو ابوبڪر، عبدالله ورياهہ، ساغر سميجو ڪجهہ ڏينهن اسد ابڙو ۽ آءُ هئاسين، سنگت جي ان مزيدار ڪارروائي مان لطف نڪري ويو جڏهن رسول بخش پليجو آزاد ٿي ويو.

اهي ڏينهن قائد عوام ذوالفقار علي ڀٽي جي ڪيس جا سپريم ڪورٽ ۾ آخري ڏينهن هئا. ڪچهريءَ ۾ اهو بہ خاص موضوع هو. بي بي سي روز ٻڌبي هئي. ڪيس ختم ٿيو. سپريم ڪورٽ ٻيهر

هاءِ ڪورٽ جي سزا بحال ڪئي. رحم جي اپيل جا ڏينهن گذري ويا، پارٽي سڳوري خاموش هئي. سينٽرل ڪميٽي جا اجلاس جاري هئا. بي بي سي ٻڌايو تہ ”سينٽرل ڪاميٽي پنهنجي اجلاس کان پوءِ پنهنجي چيئرمين کي اپيل ڪئي آهي تہ هو پنهنجي بک هڙتال ختم ڪري ماني کائي ۽ شيو ڪري.“ ( واهہ اسان جي سينٽرل ڪميٽي، اها بہ سندس ڪمال مهرباني هئي جو ڪُچي تہ سهي) وري بہ هڪڙو اجلاس ٿيو شايد اهو آخري اجلاس هو. انهيءَ جي متعلق بي بي سي ٻڌايو تہ ”ڀٽي صاحب جي رحم جي درخواست جو مدو پورو ٿي ويو ۽ شايد ڪيس هڪ ٻن ڏينهن ۾ ڦاسي ڏني وڃي. اسان جو نمائندو اجلاس کان پوءِ سينٽرل ڪميٽي جي ميمبرن سان ڳالهائڻ لاءِ اجلاس واري هنڌ پهتو پر ڪيس ڪو بہ ميمبر ڪو نہ مليو خبر نہ آهي تہ اهي فيصلو ڪري گم ٿي ويا آهن.“ ڪجهہ ڏينهن اڳ دوست شنوائي تي هاءِ ڪورٽ ويا هئا تہ پارٽيءَ جي اهم رهنما جيڪو پاڻ کي ڀٽي صاحب جو جانشين سمجهندو هو محترم عبدالحفيظ پيرزادو دوستن کي گڏيو چيائين تہ ”پرواهہ نہ ڪريو جلد ڀٽو عوام سان اچي ملندو.“ اهڙو بيان جتوئي صاحب جو بہ وڏي سرخيءَ سان شايع ٿيو هو تہ ”چيئرمين ڀٽو جلد عوام وٽ ايندو.“ پيرزادي صاحب چيو تہ منهنجي داخل ڪيل پٽيشن جي نتيجي ۾ سپريم ڪورٽ جو فيصلو رڪجي ويندو. انهن ڏينهن عبدالحفيظ پيرزادي صاحب هاءِ ڪورٽ ۾ سپريم ڪورٽ جي چيف جسٽس جي تقرري خلاف پٽيشن داخل ڪئي هئي. پيرزادي صاحب جي اها پٽيشن هاءِ ڪورٽ ۾ سپريم ڪورٽ جي فيصلا ڏيڻ کان پوءِ داخل ڪئي وئي هئي. قانون جا ڪتاب اسان لاءِ تہ مونجهارو آهن پر قانون دان انهن ڪتابن کي ڄاڻين ٿا، انهن ڪتابن جي هر اکر جي هر وڪيل پنهنجي معنيٰ ڪيندو آهي. قانون دان وار جي کل لاهڻ ڄاڻي ۽ اها بہ عبدالحفيظ پيرزادو صاحب، جيڪو ملڪ جو مڃيل قانون دان آهي، سو تہ پٽيشن مان پر اميد هو ۽ ماڻهن کي بہ پڪ ڏياري رهيو آهي تہ ڀٽو صاحب جلد آزاد ٿيندو پر هتي جيل ۾ ڪنهن بہ ساٿي مختيار ڪار وٽ ڊي سي خلاف دانهن تي انصاف ٿيڻ جي توقع ڪو نہ پئي ڪئي. هر ساٿيءَ جي اها راءِ هئي تہ مختيارڪار ، ڊي سي جي تقرريءَ کي غيرقانوني قرار نہ ٿو ڏئي سگهي. قانون جي لحاظ کان پيرزادو صاحب صحيح هوندو پر وقت جي لحاظ کان جيل جا ساٿي صحيح ثابت ٿيا. هاءِ ڪورٽ فيصلو ڏنو تہ اسان کي هن رٽ جي ٻڌڻ جو اختيار ڪونهي ۽ ان سان گڏ پيرزادي صاحب جي حبس بيجا جي درخواست بہ خارج ڪئي وئي.

انهن ڏينهن سيئي دوست اڪثر مايوس رهندا هئا. پر خبر ناهي تہ ڇو پارٽيءَ سان وابستہ هر ماڻهو کي يقين هو تہ ڀٽي صاحب کي ڦاسي ڪو نہ ڏيئي سگهندا. سمورو وقت اهوئي موضوع هوندو هو. هڪ شام بي بي سي ٻڌايو تہ ”حڪومت ڀٽي صاحب جي لاڙڪاڻي ۽ ڪراچيءَ واري رهائشگاهہ تي ڇاپو هڻي ڪجهہ ڪاغذات هٿ ڪيا آهن.“ انهيءَ خبر کان پوءِ دوستن جي اها اميد اجا بہ وڌي وئي تہ هاڻ ڀٽي صاحب کي ڦاسي جي سزا نہ ٿا ڏين، تنهنڪري ئي ڇاپو هڻي ڪاغذات هٿ ڪرڻ جو ناٽڪ رچائي ڪو بيو ڪوڙو ڪيس پيا ناهين.

4- اپريل جي نياڳي ڏينهن تي صبح جو سوير ئي سپرنٽنڊنٽ جيل رائونڊ تي آيو اسان وٽ اچي وينو خلاف معمول خاموش هو. چانهہ پيئڻ کان بہ انڪار ڪيائين ۽ منڊل منڊل هو رڳو ايترو پڇيائين تہ ”اوهان وٽ ريڊيو آهي يا نہ؟“ وري چيائين تہ ”ناهي تہ گهرائي وٺو.“ ايئن چئي خاموشيءَ سان اٿي

هليو ويو. سپرنٽنڊنٽ کي خبر هئي ته اسان وٽ ريڊيو آهي پر جيل جي روايت کي قائم رکندي ڄاڻندي به اڻڄاڻ ٿي ڪري جڏهن اسان کي چوڻ آيو هجي ته اڄ ريڊيو ضرور ٻڌجو. سيئي دوست سپرنٽنڊنٽ جي رويي ۽ ڳالهه تي حيران هئا. سيني جو پنهنجو پنهنجو تبصرو هو. 9 وڳي ڌاري پائو ابوبڪر زرداري تيز هلندو بئرڪ مان نڪتو ڪولين ڏي پئي ويو ۽ ويندي ويندي چيائين ته ”بيڊ نيوز. ڀٽي صاحب کي ڦاسي ڏئي ڇڏيائون.“ سڄي وارڊ ۾ قهرام مچي ويو. دوست زارو قطارو روئي رهيا هئا. ڪي دوست ته بيحال ٿي ويا. ڪين ڪٺي سندن بسترن تي ليٽايو ويو. عام قيدي، سپاهي به روئي رهيا هئا. جيل جي ڀتين ۽ وڻن تي به ڄڻ سڪتو طاري ٿي ويو. هر طرف چپ هئي، ڄڻ وقت جي چرپر بيهي رهي هئي. 11 وڳي سنڌي خبرن ۾ ڀٽي صاحب جي ڦاسيءَ جي خبر نشر ڪئي وئي. انهيءَ ڏينهن کان سيئي دوست اداس هئا. وارڊن مان ڄڻ خوشي موڪلائي وئي. ٿهڪ وسري ويا. هر ڪو پنهنجي منهن پيو هوندو هو. ڪجهه ڏينهن کان پوءِ حيدرآباد مان ڪجهه دوست بدلي تي فجر ڌاري سکر جيل جي سپيريئر وارڊ پهتا. انهن دوستن ۾ ٻيهر گرفتار ٿي آيل محترم رسول بخش پليجو، محمد خان سومرو، عبدالحميد ميمڻ (ٽنٽو) حاجي محمد رحيم شورو (هوسڙي) ۽ ڪجهه سانگهڙ جا دوست شامل هئا. ساڻن ملياسين. وڏي بئرڪ ۾ ڪچهري دوران پليجي صاحب غازي ۽ مون کي چيو ته اياز جي وائي ٻڌايو. اسان وائي ٻڌائي. پليجي صاحب چيو ته ”انڊو اپ انڌاري ڌرتي“ ٻڌايو. اسان اهو گيت پئي ٻڌايو ته پليجو صاحب روئندو اٿي ويو. اسان ان گيت کي اڌ ۾ ئي ڇڏي ڏنو. آئون پليجي صاحب جي ڪمري ڏي ويس ته متان سندس طبيعت بگڙجي نه وڃي، وڃي ڏٺم ته پليجي صاحب جون اکيون گهٽي روئڻ جي ڪري ڳاڙهيون ٿي ويون هيون ۽ پليجو صاحب اکين کي پاڻي هڻي رهيو هو. مون ڏنو ته اکين ۾ پاڻي اچي ويس ۽ روئندي چيائين ته ”چانڊيا صاحب ڀٽي صاحب، سان اسان جي به مائٽي هئي.“

وارڊ ۾ اڳي جهڙي رونق ته موٽي ڪا نه آئي پر نون دوستن جي اچڻ ڪري ڪچهريون وري شروع ٿي ويون. بحث مباحثا ۽ تبصرا وري جاري ٿي ويا. وارڊ ۾ اٽڪل 30-35 ڄڻا هئاسين. سيئي دوست ماني گڏجي کائيندا هئاسين. مانيءَ جي بندوبست لاءِ منور علي عباسي صاحب کي فوڊ منسٽر مقرر ڪيو ويو. دوستن سان سندس رويو به بهتر هو ته ماني وارو انتظام به تمام سٺو ڪندو هو. سکر جيل ۾ چاچو سيف الدين به سيني لاءِ احترام واري شخصيت هو سيئي ساڻس پيار ڪندا هئا. چاچو سيف، عمر ۾ پوڙهو ۽ سرگرمين ۾ ڦڙتيءَ وارو جوان هو. سڄي سنگت کيس ”مين آف دي جيل“ چوندي هئي.

نون آيل دوستن ۾ حاجي رحيم شورو اسان جو ورهين جو سنگتي آهي. اسان جي ٻاهر واري سڄي سنگت کيس ”وتايو فقير“ چوندي آهي. سندس خبرون ٻڌڻ جهڙيون آهن. ورلي ڪو سنجيده ٿيندو هوندو. جلسو جلوس هجي يا گڏجاڻي، شادي جي دعوت هجي يا قضئي جو تڏو سندس پير ۾ وينلن جون واچون ٽڙيون پيون هونديون پر شرط اهو ته سائين حسين شاهه اتي موجود نه هجي، جو حاجن جي سائينءَ اڳيان دال ڪو نه ڳرندي آهي. باقي حسين شاهه ڪونهي ته حاجن ڪچهريءَ جو بادشاهه آهي. سندس حاضر جوابي، چرچي سان ڀرپور جواب ۽ تبصرو، سندس کهڙيون خبرون ڪجن. هڪ دفعي گول بلڊنگ وٽ وينا هئاسين ته اچي ولين ۽ بزرگن جو ذڪر نڪتو. ڪنهن دوست ڳالهين ۾ اچي قلندر شهباز جي واکاڻ ڪئي ۽ ڪرامتون ٻڌايون. حاجن بزرگن کي مڙئي گهٽ مڃيندو آهي. درگاهن

۾ گهٽ ايمان ڪو نہ اٿس. تنهن وري ڪل مذاق ۾ تبصرو ڪيو تنهن تي قلندر سائينءَ وارو حمايتي دوست ناراض ٿي پيو ۽ جذباتي ٿي چوڻ لڳو تہ ”ڪمال آهي تون قلندر کي ڪو نہ ٿو مڃين!“ تنهن تي حاجن چيس تہ ”توکي قلندر جي لڳي آهي. آئون تہ خدا کي ئي سورن سان ٿو مڃان!“ اهو ٻڌي قلندر جو حمايتي بہ اچي ڪل ۾ پيو. حاجن شوري جي ڪار بہ حاجن شوري جهڙي آهي. سدائين پيو ڪم هلندو اٿس. ڪڏهن سيٽون پيو نهرائيندو تہ ڪڏهن در ۽ شيشا پيو سيٽ ڪرائيندو، ڪڏهن رنگ پيو ٿيندو تہ ڪڏهن انجڻ پئي کلندي ۽ لڳندي. گاڏيءَ جا دروازا بند ٿيندا ڪو نہ ۽ جي بند ٿيا تہ کلندا سورن سان. هڪ دفعي سنگت گاڏي مان ڪٿي لهڻي هئي تہ ان وقت دروازو کليو ئي ڪو نہ. اندران وٺي لتون هنيون سين پر در ڪو نہ کليا، آخر هڪ همراهہ کي چيوسين تہ ٻاهران لاڪ ڇڪي کولي، آخر وڏي جدوجهد کان پوءِ در کليا، حاجن کي چيوسين تہ ”هي خطرناڪ ڳالهہ آهي، ڪنهن مهل ڪو حادثو پيش اچي سگهي ٿو“ حاجن شوري يڪدم جواب ڏنو تہ ”انهيءَ ڪري هي ڪار رکي اٿم تہ متان ڪو حادثو ٿي پوي، جي در بند هوندا تہ گهٽ ۾ گهٽ لاش تہ مائٽن کي سلامت ملندا!“ اسان جي هن وتائي فقير جون خبرون لکڻ ۽ ٻڌائڻ کان گهٽيون آهن. حاجن ۽ آئون گڏجي 1971ع ڌاري سپاف ۾ شامل ٿياسون. پٽي صاحب جڏهن سپاف کي ٻيهر منظم ڪيو ۽ روشن پنهور سپاف جو چيئرمن نامزد ٿيو تہ حاجن ضلعي حيدرآباد جو صدر ٿيو. تڏهن ضلعو بدين بہ حيدرآباد ۾ هو. حاجن سڄي ضلعي جا ڪافي دورا ڪيا ۽ سپاف کي منظم ڪيو. سندس گڏجاڻيون بہ جلسي جو ڏيک ڏينديون هيون. حاجن جو ڳوٺ بہ ڪچهرين جو مرڪز هو. سندس ڳوٺ بہ يادگار ڪچهريون ٿيون آهن.

## آريسر_ مولانا کان قومپرست تائين

جيئي سنڌ جو رهنما محترم عبدالواحد آريسر جيڪو تڏهن مولوي عبدالواحد هو تنهن جو حاجن سان گهرو واسطو هليو پئي. محترم آريسر رسالو پيغام ڪڍيو تہ حاجن شايد ان جو پبلشر هو. آريسر صاحب ان رسالي ۾ منهنجو نالو سرڪيوليشن مئنيجر طور شايع ڪيو هو.

محترم عبدالواحد آريسر تن ڏينهن ۾ ڊومڻ واهہ روڊ تي نشاط پيٽرول پمپ جي پويان مسجد ۾ پيش امامت ڪندو هو اسين بہ پهرين جمعي تي خطبو ٻڌڻ ويندا هئاسين ۽ پوءِ تقريبن سومهڻي جي نماز تي سندس درس قرآن بہ ٻڌندا هئاسين. آهستي آهستي دوستي وڌي ويئي ۽ پوءِ آريسر صاحب جو گهڻو وقت اسان سان گذرندو هو سندس خطبو بہ ٻڌڻ جهڙو هوندو هو. سندس خطبي ۾ قرآن ۽ حديثن سان گڏوگڏ ڪانگريسي ليڊرن، احراري اڳواڻن ۽ ڪميونسٽ ڪامريڊن جا احوال بہ مثالن طور بيان ٿيندا هئا. شايد پاڪستان جي اها پنهنجي نوعيت جي پهرين مسجد هئي جنهن ۾ ديني فرض ۾ بہ غير مسلم ۽ لاديني اڳواڻن جا قول بہ نمازين کي وڻندا هئا. خطبي دوران سنڌي جماعتي تہ سبحان الله پيا ڪندا هئا پر اردو وارن کي بہ مسجد ۾ ڪانگريسي ۽ ڪميونسٽ احوال وڻندا هئا. اهو آريسر جو ڪمال هو تہ ڇا حيدرآباد جي مسجد ڇا ڪانگريس ۽ ڪميونسٽ. مولانا آريسر جو جمعيت علماءِ اسلام سان تعلق هو. مولانا مفتي محمود حيدرآباد ۾ مياڻي روڊ تي جلسي کي خطاب ڪرڻ آيو تہ گاهہ منڊي واري

مدرسي طرفان آريسر کي خطبہ استقباليہ پڙهڻ لاءِ چيو ويو. جلسو شروع ٿيو. آريسر خطبي جي بسم الله ڪئي، چند گهڙيون مس ڳالهيائين تہ جلسي جي انتظاميہ ڪيس ٻانهن مان جهلي مائيڪ تان پري ڪري هيٺ اماڻي ڇڏيو. آريسر انهيءَ خطبي ۾ سنڌ جي ٻوليءَ واري مسئلي تي ڳالهائيندي ثابت پئي ڪيو تہ اردو ٻولي نہ اسلامي ٻولي آهي ۽ نہ ئي تحريڪ پاڪستان جي.

آريسر انهيءَ تقرير ۾ اهو بہ پئي ٻڌايو تہ اسلام جي روح خلاف بہ سڀ کان وڏيڪ مواد اردو زبان ۾ ئي شايع ٿيل آهي. جلسي ۾ ٿيل اها اڌوري تقرير پيغام رسالي ۾ بہ شايع ٿي. انهيءَ تقرير دوران آريسر کي اسٽيج تان لاهڻ جو ٻڌي رات جو مولانا غلام محمد گرامي، آريسر صاحب سان ملڻ آيو ۽ ڪيس تقرير تي مبارڪون ڏنيون هيون. ان کان پوءِ تہ ڪو بہ موقعو هجي آريسر کان سنگت تقرير ضرور ڪرائيندي هئي. تمام پياري ۽ معصوم دوست محترم عباس ٿيٻي مرحوم جي شاديءَ ۾ وياسين تہ بہ آريسر صاحب کان تقرير ڪرائي سون ۽ ٻنوري ۾ حاجن جي سؤٽ جي شاديءَ ۾ بہ آريسر تقرير ڪئي. آريسر جي تقرير سندس بي پناهہ مطالعي جي عڪاسي ڪندي هئي. سندس تقرير ۾ تاريخ جو احوال اهم هوندو هو. سندس گفتگو آزاد، نهرو، گانڌي ۽ سورش ڪاشميري جي حوالن سان ڀريل هوندي هئي، ايئن چئجي تہ بہ غلط نہ ٿيندو تہ آريسر ڳالهائيندو ئي اهو هو جيڪو انهن ڳالهايو آهي.

مولانا آريسر جو هجرو سومهڻي نماز کانپوءِ سياسي ۽ علمي ادبي ڪچهريءَ جو مرڪز هو. اڪثر ڪري محترم نياز همايوني بہ روزانو ايندو هو. انهن ڪچهرين ۾ حديثون ۽ آيتون بہ پڙهبيون هيون تہ نياز صاحب جي شاعري بہ. ڪچهرين ۾ سڄي سنڌ جي قومي ڪارڪنن ۽ ڪامريڊن جا احوال ٿيندا هئا. نياز همايوني صاحب الائي ڇو ڪامريڊ حيدربخش جتوئي جي شهپرن کان الرجڪ هو. همايوني اڪثر شيعن تي ڏاڍو ڪاوڙيل رهندو هو. آريسر صاحب پڇندو هئس تہ "توهين پاڻ کي سيڪيولر ٿا چئو پوءِ رڳو شيعن تي ايڏا ڇو ناراض آهيو." همايوني صاحب چوندو هو تہ "شيعن جي وڏي خرابي اها آهي تہ وڏيون مڇون ٿا رکن ۽ انهيءَ ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي بہ وڏيون مڇون رکي خراب ڳالهہ ڪئي آهي."

انهيءَ ڪچهري جي هر دلعزيز شخصيت محترم محمد صالح عاجز هو. ڪاڏيءَ جا ڪپڙا، سنڌي ٽوپي، ڏسڻ ڳالهائڻ جو سادو، نماڻو "حق صدق" تڪيو ڪلام. ڳالهائي تہ رڳو ويهي ٻڌجي. پل ۾ ڪلاڪ تہ ڪل ۾ وڏي کان وڏي ڳالهہ ڪري ڇڏي. سندس گفتگوءَ ۾ سڄي سنڌ اکين آڏو اچيو وڃي، ڄڻ سنڌ جو چپو چپو ڏٺل هجيس. جنهن سان بہ ملي ائڊريس پڇي تہ ان جي ڳوٺ جا احوال ٻڌائي حيران ڪري ڇڏي، جنهن سان مليو تنهن جو ڳوٺ ڏٺل هئس. لڳ ڀڳ سنڌ جي واهن، واٽرن، وسندين، آبادين، ڳوٺن ۽ برادرين کان واقف هو. هڪ دفعو ڳالهين ۾ پڇيومانس تہ "عاجز صاحب، نبي سر جون نام ڪنيون ايڏيون سهڻيون آهن ڇا، جو شاعرن کين ڳايو آهي." جواب ۾ ورائيائين تہ "چانڊيا صاحب، سنڌ جي سونهن ڏسي دنگ ڪو نہ ڪئي اٿم تہ سنڌياڻيون ڪٿان ڏسان!" سندس انهيءَ جواب کان پوءِ ڪافي دير سنگت گم سم لڳي پئي هئي. محمد صالح عاجز اصل ڪانگريسي هو. ڪچهرين ۾ مهاتما گانڌي، غفار خان، امين خان کوسي ۽ ان وقت جا اهم واقعا ڏاڍي لطف سان ٻڌائيندو هو. محمد صالح عاجز ٻڌايو تہ ڪيس مولانا آزاد ۽ نهروءَ سان بہ ڪم ڪرڻ جو موقعو مليو ۽ هن سان ڪافي ڪچهريون ڪيائين. آريسر جي هجري کان سواءِ منهنجي گهر ۽ حاجن جي بئراج ڪالوني واري ڪوارٽر تي بہ

ڪچهري مچندي هئي. اها ڪچهري تڏهن ٿني جڏهن آريسر پنهنجي پيغام رسالي ۾ وزيراعليٰ سنڌ ممتاز علي ڀٽي (جيڪو ان وقت ڏهيسر سنڌ هو) جي خلاف سخت مضمون لکيو. رسالي جي سرورق تي ممتاز جو اهو فوٽو هو جنهن ۾ هٿ ٻڌيو بيٺو هو. تصوير جي پاسي تي لکيل هو تہ ”سنڌ جو ڏهيسر پناهگيرن کان هٿ ٻڌي معافي ٿو گهري.“ پيغام جي لکڻين پنهنجو اثر ڏيکاريو. پوليس آريسر جي پڇا ڪرڻ شروع ڪري ڏني. آريسر ڪي مسجد ڇڏڻي ۽ ڏاڙهي ڪوڙائڻي پئي. آريسر چاهي ها تہ ڏاڙهي رکي بہ روپوش ٿي وڃي ها پر لڳو ٿي تہ هاڻ هو پاڻ بہ مولانا ٿيڻ مان بيزار هو سو مولانا عبدالواحد آريسر کي هيرآباد جي هڪڙي حجام وٽ وٺي آياسين ۽ مولانا آريسر پنهنجي نالي مان مولانا کي هميشہ لاءِ رخصت ڪري ڇڏيو. انهيءَ مهل آريسر صاحب سان مرحوم علڻ خان ٽيپو حاجن شورو ۽ آئون گڏ هئاسين. اهو 25 سيپٽمبر 1972ع جو ڏينهن هو. صبح جو نياز همايوني، محمد صالح عاجز، مولانا عبدالواحد ”آريسر“ غازي ۽ آءٌ هوسڙي وياسين. اتي ادا يعقوب جي دعوت هئي. ٻئي ڏينهن تي دعوت مان موٽي رفيق اسٽوڊيو تي مولانا صاحب جو ڀهريون بنا ڏاڙهيءَ جي فوٽو ڪڍايوسين. شام جو آخري پيرو جبيس هوٽل ۾ گڏجي ويناسين. رات جو حاجن جي ڪوارٽر تي ڪچهري ٿي. ڪچهري ۾ اداسي هئي ۽ آريسر صاحب جون دل ليائيندڙ ڳالهيون بہ هيون تہ اياز ۽ نياز جي شاعري بہ هئي. ڪچهريءَ ۾ مرتضيٰ ڏاڏاهي بہ ياد پيو ”غمن ۾ ڪلندي گذاري ڇڏيوسين.“ آريسر سان آڌي تائين ڪچهري ٿي. موڪلايوسين تہ سيني جون اکيون آليون هيون. مولانا بہ پريل آواز ۾ چيو تہ قسمت هوندي تہ وري ڪچهريون ڪنداسين.“ روپوشي جو گهڻو وقت آريسر صاحب مون وٽ مهمان ٿي رهيو ۽ پوءِ جو گم ٿيو تہ ڪيئي مهينا ڪيس ڪونہ ڏٺوسين. محترم عبدالواحد آريسر سان قرب ۽ احترام واري دوستي اجان هلي پئي. مولانا صاحب آڪٽوبر 1949ع جي پيدائش آهي. سائين جي ايم سيد جو ڪتاب ”موجوده سياسي مسئلا“ پڙهي سيد کان متاثر ٿيو بيو ڪتاب ”جيئڻ ڏنو مون“ 1968ع ۾ پڙهيائين. انهيءَ ڪتاب جي ڏوهہ ۾ پيندي جي مدرسي مان نڪرڻو پيس.

ڳالهہ پئي هلي سکر جيل ۾ حاجن جي اچڻ جي. حاجن جيل ۾ خدا ڏياريو، سچو وقت پاڻ بہ خوش تہ سنگت کي بہ خوش رکيو ايندو هو. نون آيل دوستن مان محترم حميد ميمڻ نٽي وارو جيل جو سنو ساٿي ثابت ٿيو. حڪومت جي زماني ۾ هن لاءِ مشهور هو تہ هي ظالم وڏيرو آهي ورڪرن جو دشمن آهي پر هتي جيل ۾ منجهس وڏيرپ جي بوءِ ئي ڪو نہ هئي. سندس پيٽ ۾ نٽي ۾ محترم محمد خان سومرو ورڪرن جو دوست، ڪامريڊ ۽ قوم پرست طور مشهور هو. سومرو صاحب پارٽيءَ جي بنيادي ساٿين مان آهي. سنڌ جي ڀهرين وزارت ۾ جيل کاتي جو وزير ٿيو. مير رسول بخش ٽالپر جي گروپ جو ليکبو هو. محترم محمد خان جيل جي حوالي سان بہ بهادر ساٿي طور سڃاتو ويندو آهي. سومرو صاحب جيل ۾ گهڻو وقت قاضي محمد بخش ڏامراهہ وارن سان گذاريندو هو. جڏهن تہ حميد ميمڻ سومرن سنگتين سان ڪچهريون پيو ڪندو هو. راڳ جي نشست ۾ بہ پوئتي ڪو نہ هوندو هو. آواز سنو هئس، پراڻا انڊين گانا، پنجابي فلمي گيت ۽ پوءِ اياز جون وايون بہ ٻڌائيندو هو. اڪثر بحث ۾ چوندو هو تہ ”ادا وڏيرو آهيان، انهيءَ ۾ منهنجو ڏوهہ ڪونهي جو آئون سکيو آهيان يا بابا سکيو هو جيترو ساڻ ڏئي سگهيس ڏيندس باقي جي ٽڪجي پيس تہ هٿ ٻڌي معافي وٺبي.“

سکر جيل ۾ سيئي ساٿي ڏاڍا خوش هوندا هئا پر پليجي صاحب جي ڪچهري جي ڳالهه ڪجي. سڄو ملڪ، سڄي دنيا هئي ڳالهين ۾ پر جنگيون، تحريڪون، عشق ۽ حسن جا داستان اهم موضوع هئا. ماني ڏنڌي جو خفو نه هجي ته سڄو جڳ ڇڏي رڳو پليجي صاحب جون ڳالهيون ويهي ٻڌجن. سکر جيل ۾ پليجي صاحب سان گڏ ويهڻ ڪري سندس ٻي جنهن ڳالهه حيران ڪيو سا سندس ويسر هئي.

ماني ڪائيندي اوچتو اٿي وڃي هٿ ڌوئائين. ڪٽ تي ليٽي مٿان سوڙ وجهي ڪجهه لکڻ يا پڙهڻ شروع ڪري ڏنائين. سيئي ماني کائي واندا ٿياسين برداشتي ٿانو کڻڻ لڳو ته پريان پليجو صاحب ڪوليءَ مان تيز تيز هلندي ماني جي ٽيبل تي اچي ويٺو چئي! ”يار معاف ڪجو ماني ڪائيندي ڪا ڳالهه ذهن ۾ اچي وئي. سا وڃي لکيم. پوءِ ياد پيو ته مار! مون ته ماني پي ڪاڌي“ سو وري اچي ماني کي لڳو. پليجي صاحب کي سکر ۾ سيءُ ڏاڍو لڳندو هو. گنجيءَ جي مٿان ننڍو سوئٽر، وري قميص، وري سوئٽر يا جيڪٽ مٿان اوورڪوٽ. مٿي ۾ چمڙي جي ڪنن تائين ٽوپي ۽ پوءِ سوڙ ۾. هڪ ڏينهن يارهين يا ٻارهين ڌاري ڏسون ته پليجو صاحب سياري جي سڄي يونيفارم ۾ ليفٽ رائيٽ ڪندو، ٻانهون لوڏيندو بئرڪ کان ڪمري ڏي پئي آيو. سندس ڪلهي تي آلو ٽوال رکيل ڏسي پڇيوسين: سائين خير ته آهي، چيائين ”اج سيءُ سان ملهه ڪئي اٿئون. وڏو مقابلو ڪري وهنتا (غسل) آهيون.“ پوءِ ٽڪڙو وڃي پليجو صاحب سوڙ ۾ گهڙيو. سڄو ڏينهن ڪمري ۾ سوڙ ۾ هو. شام جو بند ٿيڻ مهل پليجي صاحب سان ملڻ ويس ته ڏٺم ته آلو ٽوال اجا ڪلهي تي پيو هوس. مون چيو سائين هي ڇاهي؟ ته ڪلهي تان ٽوال لاهيندي چيائين ”بلي اجا هتي پيو آهي، لاهڻ وسري ويم.“ پليجي صاحب جي ويسر جا واقعا ڏاڍا مزيدار هوندا هئا، ويسر جا ڪي واقعا پاڻ به ٻڌائيندو هو. ٻڌايائين ته هڪ دفعي ڪيڏانهن وڃڻ لاءِ صبح جو اچي ڪار ۾ ويهي ڪار اسٽارٽ ڪيم. ڪار اسٽارٽ نه پئي ٿئي، سوئچ هٽي ٽڪس، هڪڙي همراهه کي سڏي ٿورو ڌڪو ڏياريم اهو به ٿڪجي پيو وري پاڙي جي ٻن ٽن همراهن کي منٿ ڪري ڌڪو ڏياريم پر ڪار اسٽارٽ ٿيڻ جو نالو ئي نه وٺي. همراهه ته ٿڪجي بيزار ٿي پيا پوءِ ياد پيم ته. بلي! هن ۾ ته پيٽرول ئي ڪونهي.

پليجي صاحب ٻڌايو ته (شايد جرمني ۾) وڃي هڪڙي ٽرين ۾ ويٺو. ڪنهن شهر وڃٺو هئس، اوچتو پليٽ فارم تي هڪڙو ماڻهو ڏسڻ ۾ آيو جيڪو سندس پسنديده اداڪار جهڙو هو. بس ان کي ڏسي ريل مان لهي پيو. ان همراهه جي پويان وڃي ٻي ٽرين ۾ ويٺو ۽ ٽرين وڃي ڪٿان نڪتي، پوءِ اوچتو ياد پيس ته ”بلي ڪيڏانهن وڃڻو هو ڪيڏانهن اچي نڪتو آهيان. تڏهن وڏو مفاصلو ڪري وري ساڳئي شهر آيس.“

پليجي صاحب جي رڳو ويسر حيران ڪندڙ ڪونهي پر سندس حافظو به حيرت انگيز آهي. ڪتاب، صفحا، سٽون، مصنف، جنرل، هيرو، غدار، اداڪار، فنڪار، شهر ۽ تاريخون به ڏاڍيون ياد اٿس. جيڪا ڳالهه ڪرڻي هوندس ڪائنات جا حوالا نثر ۽ نظم ۾ ڏئي ڇڏيندو. اسان ويسر جو سبب پڇيس ته ٻڌايائين ته ”مون اهو پڙهيو آهي ته شين کي وسارجي ڪيئن؟ انهيءَ ڪري آئون غير ضروري شيون وساري ڇڏيندو آهيان.“ پر جيل ۾ گهڻو وقت رهڻ ڪري منهنجي اها راءِ هئي ته پليجي صاحب برابر وسارڻ جو علم سکيو

آهي پر پليجو صاحب وساري ڪا بہ شيءِ يا ڳالهہ نٿو.

جيل جا ڏينهن بہ وڏا تہ راتيون بہ وڏيون ٿينديون آهن پر سکر جيل ۾ اٽڪل ساڍا 4 مهينا ڪيئن گذريا خبر ئي ڪا نہ پئي. وري اهڙو جيل سڄايو ڪو نہ ٿيو جهڙو سکر جيل جو زمانو.

سکر سيئي ڏينهن، جي مون گهاريا بند ۾،
وسايم وڏڦڙو، مٿي ماڙين مينهن،
نيئر منهنجو نينهن، اجاري اڇو ڪيو.

# آسرو عالم شاهہ ۾

(29۔ مارچ 1984ع)

صبح سادي اٺين وڳي اچي چڪر وجي ڪچهريءَ ۾ شريڪ ٿيس. ٻنپهرن جو چاچو سيف الدين پنهور ملاقات تي آيو هاري ڪميٽيءَ جا دوست بہ ملڻ آيا. ٽيئين وڳي ڏاري عالم شاهہ جي ماڙيءَ تي وڃڻ جو ٽائيم ٿيو اهو ماڙي ڏي ويو اڄڪلهہ رهائيون روزانو ٽين ٿيون. جيل وارا عالم شاهہ کي سڏائي لسٽ ڏيندا آهن تہ هنن کي تيار ڪري وٺي اچو. اهو ٽائيم تقريبن 4 وڳي جو هوندو آهي، تنهن ڪري عالم شاهہ پاڻ بہ ويندو آهي تہ دوست بہ ڪيس موڪليندا آهن. ڪي دوست تہ اچيو عالم شاهہ وٽ ويهي رهن، ڪي ٻئرڪ جي ٻاهران عالم شاهہ جو انتظار ڪندا آهن. (هنن جو ڏوهہ بہ ڪونهي وڏن ماڻهن جي روانگي تي ويئي آهي، هاڻ غريبن کي گهرن ۽ گهر وارن جو اوسيئڙو قدرتي آهي) عالم شاهہ ٻڌايو تہ ماڙيءَ لاءِ نڪرندو آهيان تہ لڳندو آهي تہ ڪي دوست منهنجي انتظار ۾ آهن، ڪي وري آهستي آهستي پيا پنيان ايندا آهن. سندن سس پس مان ايئن لڳندو آهي ڄڻ چوندا هجن تہ عالم شاهہ آفيس ۾ ويندو ۽ چاڻ ڪا لسٽ ڪٽي ايندو. عالم شاهہ کي چيم تہ توهان وارو حال بہ هاڻ محرم ۾ نياز ورهائڻ وارن جهڙو ٿي ويو آهي. پڙن ۾ ايندڙ نياز جا شوقين بہ نياز ورهائڻ واري کي اک ۾ ڪيو بيٺا هوندا آهن، اهو همراهہ ٻارن توڙي وڏن ڪان سالن ۾ بہ نہ وسرندو آهي. سال بسال پڙائي ايندا ۽ نياز واري کي ڏسندا تہ ڪيڏي مهل ٿو نياز آڻي.

عالم شاهہ کي ٻڌايم تہ هڪڙي پڙ ۾ ذلف (ذوالفقار بلوچ)، سان گڏ هئاسين، نياز پئي ورهايو. مون چيس: ذلف هتي جو نياز واهہ جو ٿيندو آهي. ذلف چيو: اڃهو ٿو آڻيان. مون چيس تہ ڪير ڏيندو هن رش ۾؟ چيئن ڏس تہ ڪيئن ٿو آڻيان. ذلف وڃي ورهائڻ واري جو پاسو ورتو ۽ زور سان چيائين "سائين بابا ڇو نہ ملندو نياز، نياز مولا جو آهي، ڪنهن جي پيءُ جو ٿورئي آهي." نياز ورهائڻ واري ٻڌي ورتو. يڪدم چيائين بيشڪ نياز مولا جو آهي. هان وٺ پاٺ وڃي سائينءَ کي ڪاراءِ!"

ڪافي دير پڙن، جهولن، گهوڙن، مولائين، موالين ۽ پڙن ۾ حاجن شوري جي خبرن کي ياد ڪندا رهياسين.

اڄ 2 وڳي گهر وارا ملاقات تي آيا. نسرين سان گڏ عمير، سميرا رباب، ناصر، زرينہ هئا. نسرين ٻڌايو تہ سميرا هوشيار ٿي وئي آهي. ملاقات تي ايندا آهيون تہ جيل جي وڏي دروازي ڏانهن اشارو ڪندي،

"بابا بابا" چوندي آهي.

## پارٽيءَ بابت سوال ۽ جواب

(30- مارچ 1984ع)

اڄ اٽڪل اٺين وڳي ڏاري صبح جو ئي چاچو شاهنواز خان اچي نڪتو سيئي دوست گڏ ٿي ويا. ڪافي دير ڪچهري ٿي. چاچي ٻڌايو ته بي بي سي ٻڌايو آهي ته آمريڪي سينٽ جي خارجه ڪميٽي متفقه رڻ سينيٽ ڏي ڏياري موڪلي آهي ته پاڪستان جي هر قسم جي امداد تيستائين بند ڪئي وڃي جيستائين پاڪستان سندس ائٽمي پروگرام جي وضاحت نه ڪري ۽ ملڪ جي سياسي پارٽين جي شرڪت سان منصفاڻيون چونڊون نه ڪرايون وڃن.

11 وڳي بئرڪ نمبر 19 ۾ هڪ پڪي قيديءَ جي دعوت هئي. اتي ويس ته چاچو شاهنواز منير پرڳڙي ۽ ڪجهه ٻيا دوست به موجود هئا. 12:30 وڳي ڏاري بئرڪ 11 ۾ عوامي تحريڪ جي دوستن طرفان ٻنپهرن جي ماني هئي، اوڏانهن ويس. دعوت ۾ چاچو شاهنواز ظهور عالم رند، پير مڪرم، پير معظم، مولابخش مشوري، عبدالله ملاح، صالح ڪاتيار، عالم ٿهيم، منير پرڳڙي، يوسف ڪيڙانو ۽ ٻيا دوست شريڪ هئا. اتان اٿي ڪمري تي آيس. عالم شاهه، يونس پيان ۽ سليمان لنڊ وينا هئا. سليمان لنڊ پارٽي متعلق سوال پڇي رهيو هو" پارٽي ڪي ڪيئن منظم ڪبو؟ بينظير صاحبه انقلابي تبديلي لاءِ ڇا ٿي سوچي؟ ڪامورا شاهيءَ تي ڪنٽرول ڪيئن ڪيو ويندو؟ پوليس ۽ جاسوسي ادارا جيڪي بيگناهه ماڻهن تي ظلم ڪرڻ جا ذميدار آهن تن کي درست ڪيئن ڪيو ويندو. وڏيرا شاهيءَ جي سازشن کي منهن ڪيئن ڏبو عوامي حاڪميت تي عمل ڪيئن ڪرائبو؟ وغيره وغيره..." عالم شاهه سيني جا جواب ڏنا پئي. 4 ڪلاڪ ڪن ڪچهري هلي. سليمان تازو هتي ئي عوامي تحريڪ مان پ پ ۾ شامل ٿيو آهي. سالن جا سال انڊر گرائونڊ ڪانگريس جون خبرون ٻڌندو رهيو آهي. ڪميونسٽ ملڪن جي، منظم پارٽين، اتي جي ڪنٽرول، انتظاميه ۽ حڪومت تي پارٽيءَ جي اختيار متعلق ٻڌي ٻڌي ۽ پڙهي پڙهي هتي لاءِ به ساڳي سوچ قائم ٿي ويئي اٿس. توقع سٺي آهي خدا شل اها توقع پوري ڪري، باقي سليمان هتي جي وڏيرن جي ڏڻ ۾ ويهي پارلياماني سياست جي اٽڪلن، چالبازين ۽ حڪمت عملين کان اڃان ناواقف آهي. اڃا ڏينهن لڳندس پارٽي ۾ طبيعت هيرائيندي، جيسين هري تيسين نڪو پارٽي جي سياست سمجهي ۽ نڪو اسان جون خبرون. به ٽي ڏينهن ته جهڙو ڪانگن ۾ چپ هوندو. سليمان مون ڏانهن نهاري مون کي به ڪچهري ۾ شريڪ ڪيو. مون رڳو ايترو چيس ته "ساٿي اوهان جي ٻڌايل مسئلن ۽ ٻين سمورين ڇڙواڳين جو خاتمو رڳو هڪ منظم ۽ نظرياتي پارٽي ئي ڪري سگهي ٿي. پارٽيءَ کي حڪومت تي اختيار ڏئي هر محڪمي متعلق پارٽيءَ جي رپورٽن کي اهميت ڏني وڃي. حڪومتي پاليسين متعلق پارٽي کي مختلف سطحن تي اعتماد ۾ وٺڻ گهرجي. ترقياتي ڪمن، نوڪريون فراهم ڪرڻ ۽ ٻين پلائيءَ وارن ڪمن کي سرانجام ڏيڻ ۾ ذاتي نشوونما، انفرادي اثر رسوخ کي وڌائڻ لاءِ استعمال ڪرڻ بجاءِ پارٽي جي عزت ۽ اجتماعي ڪاميابي لاءِ ڪيا

وجن. عوامي حاڪميت قائم ڪرڻ لاءِ جي پارٽي ضروري آهي ته حاڪميت ڪي استحڪام ٻه پارٽي ئي ڏئي سگهي ٿي. منظم ۽ متحرڪ پارٽي ئي طاقتور پارٽي آهي ۽ طاقتور پارٽي جي جدوجهد ٻه ڪامياب آهي ته ڪاميابي ٻه پائدار ٿئي ٿي.“

شام جو مولانا جاويد نعماني ۽ انور شاهه آيا، خالد گهلوءَ جي ڪمري اڳيان ڪچهري ٿي. ظهور عالم رند، منير رنڌاوا، سليم گاڪڙو ۽ محمد علي پرڳڙي ٻه ڪچهري ۾ شامل هئا. مولانا نعماني پهريون دفعو هتي ڏٺو ۽ ٻڌو اٿئون، چئي ٿو ته ڪراچي جو پارٽي ورڪر آهيان. مولانا صاحب سکر مان رفيق صفيءَ سان بدلي ٿي هتي آيو آهي. ڪچهري ڪندي مولانا پيپلز هاري ڪميٽي ۽ عوامي جمهوري انقلاب جي نعري تي اختلاف ڪري رهيو هو. سندس چوڻ هو ته عوامي جمهوري انقلاب سائنٽيفڪ سوشلزم جي راهه آهي تنهن ڪري اهڙيون ڳالهيون نه ڪرڻ کپن. ڪچهري اڌوگابري ٿي مولانا چيو ته وڏيڪ وري ٻيهر ڳالهائينداسين.

## اپريل فول

(پهرين اپريل 1984ع)

صبح جو ستين وڳي ٻاهر نڪري وينس. ورزش ۽ پنڌ بند آهي. اٺين وڳي ڌاري چانهه پي ڪپڙا ڌوئڻ وينس ته ڪچهريءَ جا ڪافي دوست اچي نڪتا. سوير اچڻ جو سبب پڇيومانِ ته چيائون ته غلام رسول زنگيجي ٻڌايو ته، اوهان سڏيو آهي. چيم ته زنگيجو ڪوڙ جهڙو ڪونهي. پوءِ الائي اوهان ڪي ڇو پڇايو اٿس. دوست حيران هئا پر ٿوري دير ۾ ياد پيو ته اڄ ”اپريل فول“ آهي، اڄ وڌيڪ هوشيار ٿيڻ کپي جو هونئن ته راڄ بيوقوف پيا بڻائين پر اڄ پنهنجا ويجها جن ۾ شڪ ئي نه پوندو ته سي به بيوقوف بنائي سگهن ٿا. سنگت ڪلندي ڪلندي رواني ٿي. 15_20 منٽ ئي مس گذريا ته ڊاڪٽر فضل سهڪندو آيو. وارڊ ۾ گهڙڻ شرط منهنجو پڇيائين. منير چيس ڪپڙا پيو ڌوئي، خير ته آهي؟ ڊاڪٽر چيو ته مون کي ٻڌايو ويو آهي ته مولابخش جي طبيعت تمام گهڻي خراب ٿي وئي آهي، هيڏانهن پڳس ته رستي تي ٻڌائيندڙ دوست چيو ته بلڊ پريشر وارو اوزار به کنيو وڃ. وري اتان پڳس، ڊوڙندو پهتو آهيان. اڃا ڊاڪٽر مس وينو ته عالم شاهه به تڪڙو تڪڙو پئي آيو سمجهي وياسين ته ڳالهه مڙئي ساڳي آهي. سليمان لنڊ به اچي نڪتو. ٻنهي وري ڪمري ۾ ڊاڪٽر به وينل ڏٺو ٻئي خاموش ٿي ويهي رهيا ڪجهه دير ڪان پوءِ پڇڻ تي خبر پئي ته هنن کي ”فول“ بنايو ويو آهي. ٻنهي کي فول بنائڻ لاءِ محبوب جروار ۽ جبار پنهور (هوسڙي) پنهنجي روڻهارڪي شڪل جو فائدو ورتو هو. ڪچهري هلي پئي ته احمد علي عباسي به ساڳي تير جو نشانو ٿي هتي اچ نڪتو. هوشيار ٿي وياسين. 11 وڳي ڌاري منشي سڏڻ آيو ته ايس پي پيو سڏي. اسين سمجهي وياسين ۽ چيوسين ته گهٽا ڏينهن.... هاڻ ڪو نه ٿا بيوقوف ٿيون. پوءِ ٻه ٽي ماڻهو ٻيا آيا ۽ پوءِ مشتاق اچي نڪتو. تنهن قسم کنيا تڏهن اعتبار آيو. وياسين. اتي پائو ابوبڪر، پير مڪرم ۽ مظهر بلوچ وينل هئا. ايس پي چيو ته ٽوٽل روزاني رات جو 10 تي وجن ٿا. جڏهن ته پنهنجي فيصلي موجب ستين وڳي بند ٿيڻ کپي. صلاح ڪري 8 وڳي جو ٽائيم مقرر ڪيوسين،

ايس پي وري چيو تہ ڪوڏي ڪوڏي راند شروع ٿي آهي تنهن کي بند ڪرايو. اهو مسئلو بہ حل ٿيو تہ آئينده جمعي جي ڏينهن راند ڪئي ويندي هئي. سنگت بہ ايس پي کي پنهنجا مسئلا ٻڌايا جن ۾ مريضن جو اسپتال وڃڻ، چڪر ۾ پاڻي جي کوٽ، مڇرن لاءِ اسپري ۽ ٻيا مسئلا شامل هئا. ايس پي واعدو ڪيو ۽ اسين ڪمري تي آياسين. هڪ وڳي ڌاري ملاقات جو سڏ ٿيو. اعتبار ئي نہ اچي، دوست ويو ڏسي آيو تڏهن ملاقات تي وياسين. پيو ڪپڙا کڻي آيو هو. ملاقات تان ٻاهر آيس تہ دروازي وٽ نياز پٽي (تنڊو محمد خان) بيٺو هو ٻڌايائين تہ چاچي شاهنواز کي ڏسڻ ويو هوس، طبيعت تمام گهڻي خراب اٿس. يڪدم اسپيشل وارڊ ويس، ڏٺم تہ چاچو سڪون سان ستو پيو هو. دوستن کان معلوم ڪيم. چاچو بلڪل ٺيڪ ٺاڪ هو. يڪدم ياد پيو تہ اپريل واري چار ۾ ڦاٿو آهيان. شام جو روم تي ڪچهري ٿي. ڪچهري ۾ صفر لغاري، ظهور عالم رند، خالد گهلو منير، سليم شامل هئا. صفر صاحب ٻڌايو تہ اڄ نور محمد ٽيٻي صاحب سان مڙني هلڪي ڦلڪي ٿي پئي آهي، انهيءَ ڪري نبي بخش پرڳڙي صاحب "بي" ڪلاس ۾ ڪچهري ڪرڻ ويو آهي (عام طور تي صفر صاحب وارن جي ڪچهري ۾ پرڳڙي صاحب، يوسف ٽالپر، بابو غلام حسين، اعجاز خواجہ، نور محمد ٽيٻو ۽ ڪڏهن ڪڏهن آفتاب رضا مغل شامل هوندا هئا) اٽڪل 9 وڳي ڌاري بند ٿياسين.

## رياض لغاريءَ جون مستيون

(2_ اپريل 1984ع)

صبح جو ڪچهري ۾ شريڪ ٿيس. اسپتال وڃي دوستن سان ملي ڪمري تي آياسين. شام جو عالم شاھ، پير معظم سان گڏجي ڊپٽي ڏي ويس. ڪيس سياڻي پوليس گهرائڻ لاءِ چيوسين تہ جيئن دادوءَ جي ورڪر دوست عبدالمجيد جماليءَ کي دادو ڪورٽ ۾ موڪلجي. عبدالمجيد جمالي کي ايم آر ڊي جي ڪيس مان آزاد ڪيو اٿن. ٻئي ڪنهن ڪيس ۾ دادو ۾ شنوائي اٿس. اڳين شنوائين تي بہ ڪو نہ موڪليوسين، تنهن ڪري اڄ عبدالمجيد وڻ تي چڙهي ويو ۽ رسو بہ پاڻ سان کڻي ويو ۽ اعلان ڪندي ستين وڳي تائين مهلت ڏنائين تہ جيڪڏهن ڪيس دادو موڪلڻ جو فيصلو نہ ڪيو ويو تہ پاڻ کي ڦاسي ڏيندو. پير معظم ۽ راڄ مڙسن منٿ ڪيس، 8 وڳي تائين مهلت جي مهرباني ڪيائين. تيسين ڊوڙي ڊڪي ايس پي کي وٺي آياسين. تنهن واعدو ڪيو تڏهن مڙس هيٺ لٿو. اڄ دادوءَ جي سنگت تيش ۾ هئي تہ جيل جي غير سياسي قيدين ۾ بہ بيچيني هئي. تن ۾ اڪثريت ڪچن قيدين جي هئي. قيدين کي وڻن مان پيگل ڏنڊڻ هٽڻ ۾ هئا. اڄڪلھ جيل جي وڻن ۾ ٽاڪوڙا آهن. ڪاري فئڪٽري ۾ بہ ڏاڍي ساوڪ هئي، پر خدا چڱي ڪري سياسي دوستن جي، روزانو اٽڪل 200 کن ڏنڊڻ وڻن مان پڇندا هوندا. ٻئي پاسي رياض لغاري مست، وڻن تي چڙهي ويندو هو. جيسين ٽڪبو ڪو نہ هو تاريون پيو پڇندو هو. بشير جمعدار جي ٻڪرين جي مرغوب غذا ئي هنن وڻن جون ڪچيون تاريون آهن. روز پري ٻڌائي وڃي. هتي جو اسٽاف بہ جيل جي ماني تي پلجي ۽ اسٽاف جو مال بہ. وڻن جي تارين سان گڏ بورچيخاني ۾ ضرورت کان وڌيڪ مانيون پچرائي ڇت تي اڇلرايون ويندون آهن ۽ سڪڻ کان پوءِ

مال وند  آفيسرن، جمعدارن ۽ سپاهين جي گهر موڪلبيون آهن. سو ڳالهه هئي وڻ جي، رهيل کهيل ڪسر اوقاش پوري ڪري ڇڏي آهي. وڻ تہ جهڙو منهان پيل اٿس. اڪثر وڻ وڍائي ناس ڪيا اٿس ۽ ڪافي وڻ ڇانگائي ڇڏيا اٿس.

رات جو 8 وڳي ڏاري اسپتال مان ڪمري ڏي پئي آياسين تہ ڪاري چڪر ڏانهن گوڙ ٿيو جيل جو گهنڊ وڳو ۽ ڪجهہ فائرنگ جا آواز آيا. وٺي اچي چڪر ڏي پڳاسين. خبر پئي تہ ڪاري چڪر جي ڪچن قيدين اڄ بک هڙتال ڪئي هئي ۽ هينئر ڇتين تي چڙهي ويا آهن. سندن مطالبو آهي تہ ڪين شنوائيءَ تي ٻاهر موڪليو وڃي. جيل وارن فائرنگ ڪئي. ٻاهران فورس ڪجهہ دير سان آئي جو گورنر سنڌ الوداعي دعوتون کائڻ جي سلسلي ۾ حيدرآباد آيل هو. فورس اتي مصروف هئي. خير فورس آئي تنهن بہ فائرنگ ڪئي. ڳوڙها گئس هلايائون. 3_4 شيل اسان جي وارڊ ڏي بہ اڇلايا ويا.

اڄ شام جو 6 وڳي نور محمد ٽيٻي جي روم تي 4 اپريل ملهائڻ جي سلسلي ۾ گڏجاڻي ٿي. قرآن خواني ۽ جلسي جو پروگرام طئي ڪيو ويو. گڏجاڻي ۾ سيد عالم شاهہ بخاري، نور محمد ٽيٻو مولا بخش پرڳڙي، محب شاهہ، مسعود پيٽي، جان محمد برهماڻي، پير مڪرم ۽ آءٌ شريڪ ٿياسين.

رياض لغاري دادوءَ جي مجاهدن سان گڏ گرفتار ٿي آيو هو. رنگ پورو، ڪڪا وار، صفا انگريز لڳندو هو. گهڙيءَ لاءِ سمجهہ جون ڳالهيون ڪندو هو. باقي ڏينهن رات سندس مستيون ۽ حرڪتون ٻڌائڻ ۽ سهڻ کان زور هيون. سندس حرڪتن مان دوست بيزار ٿي پيا تہ سائين حسين شاهہ جيل انتظاميہ سان ڳالهائي آيو تہ ڪيس الڳ رکيو وڃي. حسين شاهہ اچي رياض کي چيو تہ ”تنهنجي رهائي جو آرڊر اچي ويو آهي، ماڙيءَ تي هل.“ رياض، سڀني کان موڪلائي، ماڙيءَ تي ويو جيل وارن ماڙيءَ تان ڪيس بند وارڊ ڏانهن موڪلي ڇڏيو. ٻئي ڏينهن صبح جو سوير ڏسون تہ رياض اچي پيو سڌو اسان ڏي آيو اچي حسين شاهہ کي پيرين پيو چيائين ”سيد، وڏو ظالم آهين، مون کي ناحق بند وارڊ ڪرايئہ. مون سان وڏو ظلم ڪيو اٿن. سپاهين مون تي غير انساني تشدد ڪيو آهي ۽ هاڻ اهو اخبار ۾ بہ ڏيار. آءٌ بہ سياسي آهيان، اڄ مون سان ڪيو اٿن، سڀاڻي توسان بہ ڪندا.“ پوءِ رياض پنهنجون رهڙيل ٻانهون ڏيکاريندي ٻڌايو تہ پٽيون ٽپي آيو آهيان.

## اشرف ميمڻ جي لاڏاڻي جي ڏکوئيندڙ خبر

(3_ اپريل 1984ع)

صبح جو ٿورو پنڌ ڪري، ڪچهري ۾ شريڪ ٿيس. ٻنپهرن جو پيو ملاقات تي آيو ان مهل سنڌ يونيورسٽي سپاف يونٽ جو دوست بينو هو. تنهن هي دل ڏکوئيندڙ خبر ٻڌائي تہ بيگم نصرت ڀٽو صاحبہ جو سيڪريٽري اشرف ميمڻ لاڙڪاڻي ۾ ٽيل ايڪسيڊنٽ ۾ گذاري ويو آهي. دوست اداس ٿي ويا. اشرف ميمڻ جو عالم شاهہ سان گهرو تعلق هو ڪيس سيڪريٽري ڪرائڻ ۾ بہ عالم شاهہ جو هٿ هو. اشرف منهنجو بہ پيارو دوست هو. ٺٽي جام جو عاقلاڻي ميمڻ هو. جيئي سنڌ ۾ هوندو هو. آءٌ ٺٽي جام شريف قريشي، عبدالقادر ميمڻ وارن سان ڪچهري ڪرڻ ويندو هوس تہ اشرف سان ڏاڍو بحث

ٿيندو هو. اشرف سپاف جي ٻن حصن ۾ ورهائڻ ڪان پوءِ ممتاز ڀٽي واري گروپ ۾ شامل ٿيو ۽ ڪافي سرگرم به رهيو.

ڊيپٽي ڪان فون ڪرائي اشرف جي وفات جي تصديق ڪرائي سين. عالم شاهه، اشفاق، محمد بخش ميمڻ، سليمان لنڊ، يونس ڀان، اقبال جروار، منير رنڌاوا، سليم گاڪڙو، عبدالحسين اچي ڪمري ۾ ويٺاسين.



مصنف، ماما عمر ساريجو عبدالستار ميمڻ، مجيد ميمڻ ۽ بدين جو هڪڙو ساٿي
بدين جي دوري دوران.



غازي صلاح الدين، مصنف، اقبال نظاماڻي ۽ ابوبڪر زرداري هٿڪڙين سان،
شيرين سومرو ڪيس جي ٻڌڻيءَ جي موقعي تي.



مصنف ۽ محترم عثمان بلوچ چين ۾.



ڪامريڊ علي احمد جوٽيجو اسماعيل ميمڻ، مصنف ۽ غازي صلاح الدين
لنواري شريف ۾



عبدالستار بچاڻي، مصنف، عبدالحکيم بلوچ ۽ رياض سعودي عرب ۾



محترم غوث بخش بزنجو ملڪ لعل خان ۽ مصنف.



سينٽرل جيل حيدرآباد ۾ اقبال هيسباڻي شهيد جي ورسي ۾ مصنف تقرير ڪندي، ظفر لغاري، سيد علي نواز شاهه. بشير ڀگهيو استيج تي ويٺل آهن



عثمان بلوچ ۽ مصنف چين ۾ انقلاب جي يادگار اڳيان



ملڪ اڪبر، علي محمد جتوئي ۽ مصنف (نارا جيل)



شڪيل پٺاڻ، مصنف ۽ ملڪ اڪبر نارا جيل ۾.



قادري، منير، عبدالله خان ورياه، پيير علي بهادر الاهي بخش قائمخاني، مهتاب صاحب، دادو ۾ علي محمد سومرو سينٽرل جيل اي ڪلاس وارڊ ۾.



مصنف، محمد خان ڪوسو ۽ عطا رحمان ميمڻ حيدرآباد جيل ۾.



سيف الدين پنهور، منير رنڌاوا ۽ قادري سينٽرل جيل حيدرآباد.



عطا رحمان ميمڻ، پير علي بهادر شاهه ۽ مصنف (حيدرآباد جيل)



يوسف ٽالپر، عاشق حسين جتوئي، مصنف، غلام رسول جلالاڻي ۽ ٻيا دوست
اسٽڊي سرڪل ۾.



عاشق حسين جتوئي، نبي بخش پرڳڙي، صفر خان لغاري، محمد خان کوسو اعجاز
خواجو ۽ ٻيا ساٿي اسٽڊي سرڪل ۾ مصنف ڪتاب پڙهندي- حيدرآباد جيل.



منير ۽ قادري، ڪاري فيڪٽري سينٽرل جيل حيدرآباد ۾.



محمد خان کوسو مصنف، پير علي غلام ۽ ٻيا ساٿي سينٽرل جيل.



ڊيو خان پتافي، سيد اميد علي شاھ، يوسف ٽالپر، عاشق جتوئي، سيف الدين پنھور، مصنف، عطا رحمان ميمڻ، قادري، منير عالم شاھ، اسپيشل وارڊ حيدرآباد جيل.



سيد علي گوھر شاھ، صالح ڪاتيار ۽ دادو جو دوست سينٽرل جيل حيدرآباد.



قادري، مصنف، ڪامريڊ ڄام ساقي ۽ عالم شاهه ولي خان وارڊ ۾.



سيد خورشيد احمد شاهه ۽ مصنف.



محترم صفر لغاري، محمد خان ڪوسو اعجاز خواجه، غلام رسول زنگيجو ۽
عبدالحسين پنهور، حيدرآباد جيل جي اسٽڊي سرڪل ۾.



ملڪ اڪبر ۽ مصنف نارا جيل ۾.



حيات علي فقير رح



منير رنڌاوا، صفدر جميل ڀٽي ۽ ٻيا ساٿي سينٽرل جيل ۾ وهنجندي.



رضا رباني، شهيد غلام عباس چانڊيو ۽ شهيد اسماعيل اوڍيجو مصنف پاران
ڏنل دعوت ۾.



علي محمد جتوئي، ملڪ اڪبر ۽ مصنف ناز جيل ۾ پٽ تي پير معظم جي ٿاهيل تصوير.



مظهر الاسلام سان پهرين ملاقات دوران ورتل يادگار تصوير


يونس پان، يوسف ٽالپر، عاشق حسين جتوئي ۽ غلام رسول زنگيجو سينٽرل جيل حيدرآباد ۾.


غلام قادر قادري، سينٽرل جيل



سينٽرل جيل جي احتجاجي گڏجاڻي ۾ ستار راڄپر، ظفر خان لغاري، الاهي بخش قائمخاني، سيد علي نواز شاھ، ممتاز جنيدي، فدا حسين ڏيرو، الطاف خان رند، بشير ٻگهيو ۽ ملو قريشي.



ڊاڪٽر اسماعيل اوڍيجو سجاول ۾ پنهنجي قائد محترمہ بينظير ڀٽو جون هدايتون ٻڌي رهيو آهي.



امر جگديش ڪمار ملاڻي ۽ مصنف.



سيد اسد الله شاھ حسيني ۽ حسين شاھ بخاري ساماري ۾.



غلام رسول زنگيجو مصنف ۽ يوسف ڀان جيل اسپتال ۾.



منير ۽ مصنف اچي چڪر ۾ پنهنجي بئرڪ آڏو.



صغير قريشي ۽ مصنف بغداد ۾ امام موسيٰ ڪاظم جي روضي آڏو.



ٽنڊي آدم ۾ چيئرمين سپاف خلاف اجلاس ۾، غلام مصطفيٰ ڀٽو، هارون سومرو،
عبدالله خان ورياه، ريحانه افغان ۽ مصنف.



وزيراعليٰ غلام مصطفيٰ جتوئي سان سپاف جو وفد. نذير چاڪراڻي، غازي صلاح الدين، عبدالله خان ورياه. نذير شيخ، مختيار چانڊيو قربان شيخ، ناصر قاضي، حاجي رحيم شورو هارون سومرو طارق ملڪ. طارق کهڙو مصنف ۽ ٻيا ساٿي



سپاف ۾ ڦهرين تصوير. سيد حسن شاهه بخاري، غازي صلاح الدين، حاجي رحيم شورو مظهر بلوچ، الله ڏنو ناريجو سيد اطهر شاهه جهانيان پوٽو رضا سهتو گل حسن زنئور ۽ ٻيا دوست.



غلام مصطفيٰ جتوئي، ايئر مارشل اصغر خان، مخدوم شفيق الزمان مصنف جي
پيءُ جي شادي جي موقعي تي ورتل تصوير.



محترم قاضي محمد بخش ڌامراهه، مصنف جي آفيس ۾.



سنڌ جو مهان ڪوي شيخ اياز مصنف جي آفيس ۾.



ٽنڊي محمد خان ۾ جلسہ عام دوران محترمہ بينظير ڀٽو صاحبہ مصنف سان ڳالهائيندي



سيد صالح شاھ تقرير ڪندي

ڪافي دير اشرف جو ذڪر ٿيندو رهيو. شام جو وارڊ ۾ ظهور عالم بلوچ، خالد گهلو محمد علي پرڳڙي، سليم ۽ منير سان ڪچهري ٿي. رات جو 30_9 وڳي بند ٿياسين. اڄ خبر پئي ته اعجاز خواجه رها ٿي ويو آهي.

## مقرر ۽ وسرڻ جهڙا

(3_ اپريل 1984ع)

رات به ٿي پيرا اک کلي، ننڊ پوري ڪو نه ٿي. صبح ائين وڳي اک کلي. جلدي تيار ٿي ڪچهري تي ويس. اڄ کان ڪچهريءَ جو ٽائم 8 وڳي ٽائي ڪيو ويو آهي. ڪچهريءَ کان پوءِ سنجر چانڊيو ڏي وياسين. ان طرفان دوستن لاءِ چانهه جو بندوبست ڪيو ويو هو. اتي الله بچائي لغاري صاحب سان ٿوري دير ڪچهري ٿي. بي ڪلاس ويس پر احمد علي عباسي ۽ آصف لغاري ڪو نه هئا. نور محمد ٽيٻي صاحب ۽ شڪيل پٺاڻ سان ڪچهري ٿي. شڪيل ٻڌايو ته هن سندس ڪتاب ۾ ڪافي دوستن جون خبرون ورتيون آهن. شڪيل اهو به ٻڌايو ته اسپتال رڳو ان ڪري نه ٿو وڃي جو خرچ ڪافي ٿو ٿئي. مون چيس ”اخبارن ۾ ته گهوڙا گهوڙا پئي ٿئي ته قومي محاذ آزاديءَ جي معذور رهنما جو علاج ڪرايو وڃي ۽ تون وري اسپتال ڪو نه ٿو وڃين.“ شڪيل انور عباس نقوي جو خط پڙهي ٻڌايو سندس لکيل خط به ٻڌايائين. ٻئي ڄڻا هڪ ٻئي کي خط لکي لکنوي زبان ۾ هڪ ٻئي جي چنچري خوب لاهيندا آهن. انور عباس، شڪيل ۽ محب شاهه ڏي لکيل خط ۾ چيو آهي ته ”ٻاهر سڪون ڪو نه ٿو اچي، جيل بهتر آهي.“ نقوي صاحب هتي هو ته ٻاهر وڃڻ لاءِ ماندو هو. الله ڪري ڏينهن گذاريائين. چوندو هو ”چانڊيو صاحب، ڪراچي اور گهر تو خواب و خيال هو گئي هين. نه جاني ڪب جائين گي، ڪب ان سي ملاقات هوگي.“ نقوي صاحب پنهنجي گهرواريءَ جو ذڪر وڏي چاهه سان ڪندو هو. ٻُل ملندو هئس ته ڪنهن نه ڪنهن ٻي خاتون جو تذڪرو به ضرور ڪندو هو. اتان اٿي ڪمري تي آيس ته حسين شاهه، عالم شاهه، الله بچايو لغاري صاحب، اقبال، محبوب ۽ منير ويٺا هئا. ڪافي دير ڪچهري ٿي، ماني به گڏجي ڪاڌي سون.

شام جو عبدالله ملاح موڪلائڻ آيو. عبدالله جو ضامن ٿي ويو آهي. اڄ سندس همشيره جي شادي به آهي. عبدالله سنڌي شاگرد تحريڪ کان اڳ ۾ سپاف ۾ هو. عبدالله جيل ۾ تمام سٺو وقت گذاريو. دوستن سان سٺي روئي سبب جيل جا سمورا دوست به سندس عزت ڪندا هئا. عبدالله عوامي تحريڪ واري رنگ جو سٺو مقرر به آهي. عبدالله جو آواز به تمام سٺو آهي، دوستن جي فرمائش تي اڪثر قومي گيت ٻڌائيندو هو.

رات جو عالم شاهه چيو ته ”محب شاهه ذهني طور سخت پريشان آهي، تون پنهنجي طرفان ناراضگي ختم ڪر.“ اڄ شاهه جو غلام رسول زنگيجو بابو غلام حسين وٽان ٿي آيو ته ان به اهائي ڳالهه ڪئي. عالم شاهه ۽ آءٌ شام جو گڏجي محب شاهه ڏي وياسين ۽ ڪيس چيم ته ”جيڪڏهن مون کان ڪا تڪليف پهتي آهي ته معافي ٿو گهران.“ محب شاهه ڪافي جذباتي ٿي ويو ۽ چيائين ته ”غلطي مون

ڪان ٿي آهي ان لاءِ آءٌ معافي ٿو گهران، مون غلط سمجهيو هو تو نظام تي تنقيد ڪئي هئي قائم علي شاھ تي نہ.“ اتي غلام رسول ۽ ٻيا هاري ڪميٽي جا دوست بہ اچي نڪتا. ڪافي دير ڪچهري ٿي. ڪچهري ۾ دلچسپ ۽ مزيدار تقريرن جو ذڪر اچي نڪتو. محترم عبدالحفيظ قريشي، ڪامريڊ مير محمد ٽالپر، قاضي محمد بخش ڏامراھ ۽ مير رسول بخش خان سميت بزرگ رهنمائن جي تقريرن جو تذڪرو ٿيو. ڪچهريءَ ۾ سپاف ۽ هاٺوڪن پارٽي اڳواڻن جي ڪافي تقريرن جي ذڪر سان گڏ ماما عمر ساريجي ۽ حاجن جي تقرير بہ ياد آئي.

ماما عمر ساريجو سپاف بدين سب ڊويزن جو صدر هو. غازي، آءٌ ۽ حاجن بدين جي تنظيمي دوري تي وياسين تہ تلهار ۽ سعيدپور ۾ گڏجاڻين ڪان پوءِ راجو خاناڻي جي بازار ۾ جلسي عام جو بندوبست هو. جلسي جي ڪارروائي شروع ٿي. سيني ڪان پهرين ماما عمر اٿيو مهمانن جي آڌر ڀاءُ ڪرڻ لاءِ مائيڪ تي اچي بيٺو.

چيائين ”جناب غازي صلاح الدين، مولابخش چانڊيو صاحب، حاجي رحيم شورا صاحب ۽ ٻيا معزز مهمان، حاضرين السلام عليڪم، جيئي پٽو... اهو چئي، مامو عمر چپ ٿي ويو هيڏانهن هوڏانهن ڏسڻ لڳو وري ڊائس تي رکيل پاڻيءَ جو گلاس هڪڙي ڪنڌ ڪان ڪٽي ٻي ڪنڌ تي رکئين. يڪو چپ هو مائيڪ جي ڪوڪ پي پئي. وري اسان ڏي ڏٺئين، چيائين“ .... ڪي سر ٿو وجي، مرڳي ڪريا هئاسين.“

1977ع جي چونڊن ۾ حيدرآباد تعلقو ٽنڊي محمد خان سان گڏ هو ان ٽڪ مان قومي اسيمبليءَ لاءِ مير اعجاز علي ٽالپر بيٺل هو. مير اعجاز جي دعوت اسان جي پياري دوست ڪريم بخش جهيجي ڏيتا لڳ پنهنجي ڳوٺ ۾ ڪئي. ڪريم بخش کي تقرير ڪو نہ ٿي آئي تنهن حاجن کي چيو تہ سندس پاران تقرير ڪري. مهمان خصوصي سميت سمورا مهمان اچي ويا، اجرڪون ۽ هار بہ ڪافي پيا، اعلان ٿيو تہ حاجن آڌرڀاءُ ڪندو. حاجن مهمانن جا نالا ونئي آڌر ڀاءُ ڪيو ۽ پوءِ تقرير ڪيائين. حاجن تقرير ۾ پلبو بہ آهي تہ ڪٿندو بہ آهي. حاجن تقرير ڪندي وڏي جوش ۾ چيو تہ ”هن علائقي جا ماڻهو ٻنهي ميرن مان بيزار آهن (سندس اشارو مير علي احمد ۽ مير رسول بخش ٽالپر ڏانهن هو) هڪڙو مير علي احمد خان ٻيو ننڍو مير اعجاز علي ٽالپر“ حاجن کي احساس ئي ڪو نہ ٿيو تہ مير رسول بخش خان جي جاءِ تي مير اعجاز جو نالو ونئي ويو آهي، سو حاجن تہ وڏيڪ تقرير جاري رکي پر مير اعجاز حاجن جي منهن ۾ پريشانيءَ مان ڏسندو رهيو ۽ ماڻهو کل ۾ ٻڏا پيا هئا.

نصرپور ۾ سپاف جي طرفان وڏو جلسو هو جلسي ۾ حاجن جي تقرير بہ هئي جو حاجن ضلعي حيدرآباد جو صدر هو. حاجن تقرير ڪندي اوچتو منجهي پيو. چيائين ”انهيءَ ڪري... انهيءَ ڪري... رڳو انهيءَ ڪري“ لفظ دهرائيندو رهيو. حاجن جي ڳل ۾ وڏي ڳوڙهي هئي) ڳل جي ڳوڙهي تي هٿ گهمائيندو رهيو ۽ وري ڳوڙهي مان هٿ ڪڍي، پيٽ تي هٿ ڦيريندو رهيو ۽ چوندو رهيو ”انهي ڪري..“ وري حاجن هٿ پوبان ڪري پنا ڪنهڻ شروع ڪيا ۽ چيائين ”انهي ڪري..“ نيٺ ”انهي ڪري هاڻ ويهي ٿا رهون.“

سائين اسد الله شاھ، بلڙي شاھ ڪريم جلسي ۾ شريڪ هو ڪافي ماڻهو گڏ ٿيل هئا حسين شاھ

بخاري بہ وڏي جلال ۾ تقرير ڪئي. سڄو ملڪ ڪنبائي ڇڏيائين. تقرير ختم ڪري ويٺو تہ انائونسر اچي شعر پڙهيو تہ:

متو آهين مڇ، ٿلها ٿو ٿونا هڻين،
تو جا پائين اڇ، تنهن پاڻي پنا ڏينهڙا

۽ پوءِ چيائين تہ اهو هو سائين حسين شاهہ بخاري چيئرمين سپاف سائين حسين شاهہ جلسي کان پوءِ انائونسر سان تہ وڏي جٺ ڪئي پر جيڪو ٿيڻو هو سو ٿي ويو. اهڙوئي واقعو ٽنڊي باگي ۾ مخدوم خليق الزمان جي جلسي ۾ ٿيو. بشير لغاري تقرير ڪري ويو تہ انائونسر شعر پڙهيو:

”گيا دور سرمائيداري گيا، دکا ڪي تماشا مداري گيا... اهو هو بشير لغاري صاحب.“

شام جو تنوئري ڪچهريءَ ۾ اقبال نظاماڻي دوستن کي ياد اچي ويو. اقبال تمام پيارو دوست ۽ پرخلوص قومي ڪارڪن آهي. ڪراچي مان آيل دوستن ٻڌايو تہ ”ڪراچي جيل ۾ اقبال نظاماڻي مٿو ڪوڙائي روڊو ٿيو هو هڪڙي ڏينهن ڪوڙيل مٿي سان ٽيلارا پئي ڏنئين تہ سرڻ لامارو ڏئي اچي اقبال جي مٿي تي ڏک هنيو. اقبال جي مٿي مان رت نڪري آئي (سرڻ الائي ڇا سمجهيو) اقبال رت ڳاڙيندو ، سپرنٽنڊنٽ جي آفيس ۾ ويو ۽ وڏو گوڙ ڪيائين تہ هي جيل آهي يا....سرڻون ٺونگا هڻنديون وتن!“ دوستن ٻڌايو تہ سپرنٽنڊنٽ منٿون ڪري اقبال مان جان ڇڏائي.

# قائد عوام جي ورسي تقريب

(4- اپريل 1984ع)

تيار ٿي 1:30 وڳي ڊاري ظهور عالم بلوچ، منير ۽ سليم سان گڏجي بئرڪ نمبر 9 ۾ قائدعوام شهيد ذوالفقار علي ڀٽي جي ورسي ۾ شريڪ ٿيس. سڄي بئرڪ اجرڪن سان سينگاريل هئي، اسٽيج جي جاءِ تي سهڻيون رليون لڳايون ويون هيون، ڊائس بہ ٺاهيل، اسٽيج واري پٽ تي قائد عوام جي وڏي تصوير ٺهيل هئي. ڪيس گلن جا هار پيل هئا.تصوير پير معظم ٺاهي هئي. صدارت بہ ان تصوير کان ڪرائي ويئي. جلسي جو مهمان خصوصي جوهيءَ جو ورڪر دوست بشير ٿهيم هو. ڪافي دوستن تقريرون ڪيون ۽ گيت ٻڌايا.

# لسٽون ملڻ کان اڳ ئي قيدي رهاء جيل انتظاميا پريشان

(5- اپريل 1984ع)

صبح جو ٿورو پنڌ ڪري، سڪل وٽن ۽ مينديءَ جي ٻوٽن کي پاڻي ڏنم، شيرين سومرو ڪيس ۾ هن وارڊ ۾ آيا هئاسين تہ ابوبڪر، اقبال، ساغر، غازي ۽ مون هٿن سان سمورن وٽن ۽ ٻوٽن لاءِ نالي ٺاهي پاڻي ڏيڻ جو بندوبست ڪيو هو. نائين وڳي ڊاري ماڙيءَ تي پوليس جو معلوم ڪرڻ ويس، جو اسپتال ويٺو هو. پوليس ڪو نہ آئي هئي. آفيس ۾ اوقاش ويٺو هو ٻڌايائين تہ اڄ 90 کن دوست رها ٿي ويندا. اهو بہ چيائين تہ اوهان دوستن سنو وقت گذاريو آهي، چند دوستن جي رهائي جو خوشي سان گڏ ڏک بہ ٿي رهيو آهي. جيل جي ٻين آفيسن ۾ ڪم ڪندڙ قيدين سيني دوستن کي ٻڌايو تہ اڄ ڪافي دوست

رها ٿي ويندا، تنهن ڪري هر طرف رهائيءَ جو ڳالهيون آهن. دوستن ڪي چيوسين ته پريشان نه ٿين. ٿي سگهي ٿو ته جيل وارا رڳو سياسي قيدين کي ذهني تڪليف ڏيڻ لاءِ اهڙيون ڳالهيون ڪندا هجن. گهڻو ڪري اسان وارين خبرن تي ڪنهن به ڌيان ڪو نه ٿي ڏنو سيني کي ايس پي ۽ ڊي ايس پي، جيلر جي خبرن تي اعتبار هو. ٻنپهرن تائين پوليس ڪو نه آئي. آسرو پلي ويهي رهيس. شام جو ستين وڳي ماڙيءَ تي ويس ته جيل وارا هشريءَ ۾ هئا. اهي نارا جيل مان آيل دوستن جي معلومات وارو ليٽر ڳولي رهيا هئا. انهيءَ ليٽر ۾ گهنشام پرڪاش بابت معلومات هئي. گهنشام پرڪاش نارا جيل جي ٻين دوستن سان گڏ آيو هو ۽ سندس نالو به ايم آر ڊي وارن سان گڏ مارشل لا وارن ڏي ويو ۽ پڪي لسٽ ۾ سندس رهائيءَ جو آرڊر به هو ۽ ڪيس حيدرآباد وارن رها ڪري ڇڏيو. هاڻ مارشل لا وارن کي خبر پئي آهي ته گهنشام ايم آر ڊي ۾ ڪو نه هو ۽ وڏو خطرناڪ قيدي هو اهو ڪيئن رها ٿي ويو آهي! جيل وارن تي سخت ناراض هئا ۽ جيل وارا پريشان هئا. جيل وارن منهن مٿو پئي پٽيو ته اسان جو ڪهڙو ڏوهه؟ اسان کين ٻڌايو ته گهنشام ايم آر ڊي ۾ ڪونهي، پر ڪو به صحيح جواب نه پيو ڏي. ٻه ٽي دفعا فون ڪري وري چيوسين ۽ پوءِ جيڪو صاحب وينو هو تنهن چيو ته: ”ڪيون پريشان ڪرتي هو جس ڪا نام پيي ليٽر مين هي اسڪو رها ڪردو.“ اسان رها ڪري ڇڏيو هاڻ ويل ۾ آهيون. گهنشام ڪيئن رها ٿيو ڪنهن رها ڪيو، انٽيليجنس جو آفيسر انڪوائري تي به آيو هو. گذريل ٽن چئن ڏينهن کان لسٽ ناهڻ جو ڪم زور شور سان جاري آهي، وڏو مزو لڳو پيو آهي. مارشل لا وارا جن جي رهائي جا آرڊر ڪري موڪلين ٿا، سي گهڻو ڪري اڳ ۾ رها ٿي ويا آهن يا جيل وارن کي هٿ نٿا اچن ته اهي همراهه ڪٿي آهن! ٻه ٽي ڏينهن پهرين اهڙي لسٽ ڪٽي اشراف جيلر اشرف شاهه صاحب اسان وٽ آيو ۽ چيائين ته ”اوهان جي دوستن جا نالا آهن. اوهان کي خبر هوندي ته ڪهڙي جيل ۾ آهن. ڇاڪاڻ ته هي همراهه اسان وٽ ڪونهن ۽ رهائيءَ لاءِ اسان جي لسٽ ۾ اچي ويا آهن. نالن لکڻ ۾ به پلون ڪيون اٿن. ڪرڙ جو اڪ ٿي ويو آهي، هاڻ ڪٿان هٿ ڪريون.“ شام جو ڊي ايس پي ٻين جيلن تي فون ڪيو. هتان جي رها ٿي ويل ۽ گرفتار سياسي قيدين بابت معلومات ڏني ورتي پئي. مون کي ڏسي چيائين ”يائي خدا تمهين آزاد ڪري، هماري جان آزاد هو هماري تو..... هي“ (شايد گار ۽ واهيات ٻولي، پٽي واري هر نوڪريءَ ۾ ترينئنگ جو حصو هوندي آهي)

رات جو بي بي سي تان بينظير صاحبه جو انٽرويو نشر ڪيو ويو. اڄ اخبار جي سرخي هئي ته ”پاڪستان کي آمريڪي امداد تي پابندي جي تحريڪ نامنظور“ انهي خبر جي ٻي لائن هئي ته ”پاڪستان کي هٿيارن جي فراهمي جي طريقي ۾ آساني محترمه بينظير ڀٽو سان صلاح مشوري کان پوءِ ڪئي وئي آهي.“ اهو بيان آمريڪي سينيٽ جي خارجه ڪميٽي جي چيئرمين سينٽر چارلس پرسي ڏنو آهي.

## ملاقات دوران ڳالهه سمجهڻ جو مسئلو

(7- اپريل 1984ع)

صبح جو نائين وڳي ڏاري جيلر حيدر زمان جو ماڻهو نبي بخش ٻرڙيءَ کي سڏڻ آيو. ٻرڙي صاحب ويو ۽ وري اچي ٻڌايائين ته بدين مان ايس ايم ايل اي وٽ پيش ٿيڻ جو حڪم آيو آهي. مون انڪار ڪري لکي ڏنو آهي ته رها ڪريو ته هتان غير مشروط رها ڪريو باقي پيش ڪو نه ٿو ٿيان.

11 وڳي عطا ملاقات تي آيو. ٻڌايائين ته ڳڙهي خدابخش ويو هو. پنجاب مان صوبائي صدر شيخ رفيق ۽ خواتين جي صوبائي صدر نادره خاڪواني وڏن جلوسن سان آيا هئا. اجتماع وڏو ٿيو هو. ملاقات جي ڪمري ۾ ڏاڍي رش هئي. گوڙ ۾ ڪا ڳالهه سمجهڻ مشڪل هئي. انهيءَ سيخن واري ڪمري ۾ رڳو هڪٻئي کي ڏسبو آهي، باقي سمجهندا رڳو تجربيڪار آهن. جيڪي چپن مان سمجهندا آهن ته همراهه ڇا پيو چئي. چاچو صفر لغاري به عطا سڏايو سو به آيو اهو بزرگ سمجهيو ڪو نه ٿي، عطا ڳالهائيس پيو ته. وري منهنجي منهن ۾ ڏسيو چوي ڇا ٿو چوي؟ ڪافي دير کان پوءِ عطا موڪلائڻ مهل چيس ته صفر خان دادو ڪم ڪار هجي ته حڪم ڪريو؟ چاچي صفر چيو ته ”رمضان گذاري ويو. انا لله وانا اليه راجعون!“ آءٌ اچي ڪليس، چاچو ڦڪو ٿيو تنهن ڏاڍي نماڻائيءَ سان چيو ته ڇا ٿو چئي؟ اها ڳالهه عطا کي ٻڌايم ڏاڍو ڪليو. ٻنپهرن جو قائمخاني آيو تنهن به لاڙڪاڻي ۾ وڏي اجتماع جي ڳالهه ڪئي. خانصاحب ٻڌايو ته اڄ به سيني قيدي دوستن جي مائٽن سان ملي آيو آهي.

شام جو خبر پئي ته لاڪاڻ جي جتوئين کي سکر بدلي ڪرڻ جو حڪم آيو آهي ۽ بشير کين تيار ٿيڻ جو چئي ويو آهي. ڪافي دير کان پوءِ بشير وري آيو اچي چيائين ته سکر وڃڻ جو هينئر پروگرام ڪينسل آهي هاڻ صبح جو پنجين وڳي وڃبو. باقي ڏنڊا ٻيڙيون هينئر هٽائي ڇڏيو. اها ڳالهه ٻڌي اسان ڊي ايس پي ڏي وياسين ۽ سخت اعتراض ڪيوسين. اتي ڪجهه جتوئي به آيا تن به ڏنڊا ٻيڙيون هٽائڻ کان انڪار ڪيو. ڊي ايس پي ڳالهه مڃي. ٻاهر نڪتاسين ته جتوئي نوجوان بيٺا هئا. سرائيڪي ۾ جيل وارن تي وٽ هئن، چيائون ”اجايو تنگ ڪيائون، وڏا.... اڳ ۾ چيائون تيار ٿيو هاڻي چون ٿا صبح جو اسان هنڌ ويڙهي ٻڌي ڇڏيا آهن. ماڻهو ڇا چوندا ته جتوئي تيار به ٿيا پر ڪو نه ويا. اها اسان جي بيعزتي آهي. اسان بند ڪو نه ٿينداسين.“ حاجي علي نواز جتوئي ۽ اسان ڪافي سمجهاين، تڏهن وڃي ٺڏا ٿيا.

رات جو پيپلز هاري ڪميٽيءَ جا سيئي دوست حاجي علي نواز سان الوداعي ڪچهريءَ لاءِ سندس بئرڪ ۾ رهيا. آءٌ به اتي ئي رهيس. ڪچهريءَ ۾ تقريرن ۽ گيتن جي نشست ٿي. حاجي علي نواز سٺي سياو وارو دوست آهي. سندس محبت ڀري روبي ۽ هاري ڪميٽي ۾ سرگرمين تي دوستن سندس ڪافي تعريف ڪئي. اها ڪچهري رات جو 3 وڳي تائين هلندي رهي.

## اڄ پڻ اڪڙين سڄڻ پنهنجا ساريا.....

(9_ اپريل 1984ع)

صبح جو يارهين وڳي ملاقات جو سڏ ٿيو. ملاقات جي ڪمري ۾ ويس ته عبدالله ڪورائي ۽ شمس ڪورائي بيٺا هئا. جيلر کي چيم تنهن اسپيشل ملاقات ڪرائي. عبدالله سان سندس والد جي فاتحه

ڪيم. عبدالله جو والد ڪلڙو ملڙو شفيق ۽ رهائي پوڪي وارو شخص هو. موري، عبدالله ڏي ويندا هئاسين ته چاچو ڏاڍي خدمت ڪندو هو. سوير اٿندو هو ۽ اچي اوطاق تي ويهندو. اسين اٿياسين ته ڪوسا، ٿڌا پاڻي اچي ويندا هئا. چانهه بسڪيٽ ڪارائيندو ۽ چوندو ته "ابا صاحب اجا اٿيو ڪونهي، اٿندو ته ناشتو پاڻ ڪرائيندو. آءُ رڳو چانهه پيئاري سگهان ٿو. ناشتو ڪرائيندس ته صاحب ناراض ٿيندو ته اسان جي مهمانن کي به بابا ماني ڪارايو ڇڏي. "خدا ڪيس جنت الفردوس ۾ جاءِ ڏي تڏي، جو خان هو.

ملاقات جي ڪمري ۾ اوچتو ڊاڪٽر اسماعيل اوڍيجو اچي نڪتو ڏاڍا حيران ٿياسين. ٻڌايائين ته "ڪالهه سکر مان بدين وٺي ويا، ميجر وٽ پيش ڪيائون. ميجر بانڊ لکي ڏيڻ لاءِ چيو. مون انڪار ڪيو. جيتوڻيڪ بانڊ ۾ منهنجي اعتراض کي ختم ڪري بانڊ پرڻ لاءِ به چيائون پر مون سوچيو ته جنهن حڪومت کي تسليم نه ٿو ڪريان تنهن کي ڪو به بانڊ نه پري ڏيان. سو مون هر قسم جي بانڊ پرڻ کان انڪار ڪيو. ميجر چيو ته ML078 ۾ رهائي جو اهو ئي طريقو آهي باقي ذاتي ڪم هجي ته ٻڌايو؟ مون کيس حيدرآباد جيل وڃڻ لاءِ چيو. تنهن مون کي رات هتي موڪليو آهي." ملاقات کان پوءِ ڪمري تي آيس ته عالم شاهه، پير مڪرم، بابو غلام حسين ويٺا هئا. چيائون ٻين پارٽين جا دوست بينظير صاحبه جي سينيٽ سان ڳالهه ٻولهه ۽ انٽرويوءَ تي تنقيد ڪري رهيا آهن. پارٽي جي خلاف پرو پيگنڊا ٿي رهي آهي، انهيءَ تي گڏيل موقف اختيار ڪرڻ کپي. فيصلو ٿيو ته پنهنجي دوستن کي سڏي صورتحال تي ڳالهايو ويندو.

ٻنپهرن جي مانيءَ تي ڊاڪٽر اسماعيل به آيو. ڊاڪٽر جي ڪچهري به ڪمال جي هوندي آهي، ڪو به بيزار ڪو نه ٿيندو آهي. ڊاڪٽر جي گفتگو نظرياتي به هوندي آهي ۽ منجهس مزاح جو مزو به شامل هوندو آهي. ڊاڪٽر ٿوري ٿوري شاعري به ڪندو آهي. گهڻو ڪري ٻين شاعرن جي شاعري جو مهانڊو به وڏي ڏانو سان مٿائي ڇڏيندو آهي. ابراهيم منشي جي شعرن ۽ جلال جي ڳايل ڪلام تي مزاحيه ٽيڪا ٽپڻي واهه جي ڪندو آهي. ڪافي دير سکر جيل جي دوستن جا قصا ۽ اتي جوڙيل مزاحيه شاعري ٻڌائيندو رهيو.

اڄ پڻ اڪڙين، سڄڻ پنهنجا سارِيا،
ڳلن تان ڳوڙهن جون، بوندون بس نه ڪن،
سندي سڪ پرين، لوڪ ڏٺي نه لهي.

اڄ ڊاڪٽر اسماعيل اسان ۾ موجود ڪونهي. اها سٽ لکندي دل کي ڌڙڪو وٺيو وڃي، هٿ رڪڻ لڳن ٿا، اکين ۾ ڳوڙها پرجيو اچن. ڊاڪٽر لاءِ مرحوم لکندي جيڪا تڪليف ٿئي ٿي تنهن جو احساس انهن سيني کي محسوس ٿيندو، جن ڊاڪٽر سان وقت گذاريو هوندو. موت ايڏو خطرناڪ ڪونهي جيترا موت جا اثر خطرناڪ ٿين ٿا ۽ موت جا اثر، مرڻ واري تي نه پر جيئرن لاءِ عذاب ٿين ٿا، تڏهن ئي وڏڙن چيو آهي ته موت يا ماري يا ڪاري، پر ڪري به ڇا ٿو سگهجي سواءِ صبر ڪرڻ جي. الله جي رضا تي راضي رهڻ ڪانسواءِ ٻي ڪا به واٽ ڪونهي، جو سندس منشا ۽ مرضيءَ جي انسان کي ڳل ئي ڪا نه ٿي پوي ته ڇا ٿو چاهي؟ ڇا ۾ خوش آهي؟

دوست کهائي دادلا، محب مارائي،

خاصن خليلن کي، سختيون سهائي،
الله الصمد بي نياز سا ڪري جا چاهي،
انهي ۾ آهي، ڪا اونهي ڳالهہ اسرار جي.

ڊاڪٽر سان پهرين ملاقات تڏهن ٿي جڏهن سول اسپتال ۾ آر ايم او هو. سول اسپتال حيدرآباد جي وڏي گيٽ وٽ سندس آفيس هوندي هئي. آءٌ حسين شاهہ ۽ غازي گڏجي الائي ڪهڙي ڪم سان وٽس ويا هئاسين. ٻي ملاقات 83ع ۾ مخدوم خليق الزمان جي لطيف آباد واري بنگلي تي ٿي، اتي ڊاڪٽر، غلام علي نظاماڻي جي دانهن کڻي آيو هو. غلام علي نظاماڻي تن ڏينهن ضلعي ڪائونسل بدين جو چيئرمين هو. سندس دوست جيڪو پڻ ضلعي ڪائونسل جو چيئرمين هو تنهن کان بدين جي حد مان ڪار ڦر ٿي هئي. وڏيرو بشير هاليپوٽو نظاماڻي جو مد مقابل هو تنهن ڪري ڦر جي جاچ جو منهن بشير ڏانهن ئي ٽيڙو هو. ڊاڪٽر اسماعيل جو سؤٽ وڏيرو ابو بشير جو خاص ماڻهو هو تنهن ڪري انهيءَ ڦر جي ڪري ابو اوڍيجي کي بہ گرفتار ڪيو ويو. ڊاڪٽر، خليق سائينءَ وٽ پنهنجي سؤٽ جي بيگناهي کڻي آيو هو.

سائين حسين شاهہ ۽ فاضل راهو شهيد بدين ضلعي جي ايم آر ڊي جي تنظيم ڪئي تہ، بشير لغاري ضلعي سيڪريٽري ۽ ڊاڪٽر اسماعيل ضلعي خزانچي نامزد ٿيا. پوءِ تہ ڊاڪٽر سان باقاعده ملاقاتن جو سلسلو شروع ٿي ويو. اهي ملاقاتون اهڙيون ٿي ويون جو پوءِ هڪٻئي کانسواءِ سرندي ڪو نہ هئي. جلسن جلوس، گڏجاڻين ۽ سفرن ۾ گڏ. جيلن ۽ ريلن ۾ ساڻ. جنين، تعريفن ۾ پائيوار جنهن کي ڊاڪٽر نہ وڻي، تنهن کي مون لاءِ بہ جهڙي ڊاڪٽر جي جهل. مطلب تہ دوستيون دشمنيون ساڳيون. 1986ع ۾ انهيءَ سات ۾ جڳديش بہ شامل ٿي ويو. ٻاهر تہ گڏ هوندا هئاسين پر جي حيدرآباد ۾ تہ، روز شام جو جڳديش، جهڻ موريءَ تان موٽندي ٽنڊي ولي محمد ۾ گهر هيٺان اچي موٽر سائيڪل جا هارن هڻي سڏيندو. آءٌ دري مان ئي ڏسندو هئس، مٿي ۾ پيوت ٽيو بيٺو هوندو، چوندو "ڪيڏانهن نہ وڃجان، ڊاڪٽر کي کنيو اچان ٿو." وهنجي سهنجي ڊاڪٽر کي کڻي ايندو. سندن اچڻ جو ٻڌي مون واري زال چوندي تہ"اچي ويا رات جا راهي." پوءِ فجر تائين هيٺ بينچن تي ويٺا هوندا هئاسين. الائي ڪهڙيون ڳالهيون هيون جي کٽيون ڪو نہ ٿي. اسر تائين پيو چانهہ جو دور هلندو. پهرين منهنجي گهر هيٺان واري هوٽل، پوءِ دير سان وري پريان ڏوبي گهاٽ جي سامهون واري هوٽل تان پيون چانهيون ايندي هيون. قسمت سان سوير اٿيا تہ ٽيئي ساڳئي موٽر سائيڪل تي. چانهہ جي هڪڙي قسط "کدڙا گليءَ" ۾. گاڏيون ٽنهي وٽ ڪو نہ هيون، ٽيئي هئاسين جڳديش واري موٽر سائيڪل تي.

ڊاڪٽر سان آخري ملاقات لاهور ۾ ان رات ٿي هئي، جنهن رات جي صبح کان پوءِ ڊاڪٽر سان وري ملاقات ٿيڻي ئي ڪا نہ هئي. ان رات آءٌ قاضي عليءَ سان هوائي جهاز ذريعي لاهور پهتس. ساڳي جهاز ۾ غلام قادر پليجو بہ هو. ايئرپورٽ تي ملاقات ٿي، ٻڌايائين تہ "لانگ مارچ ۾ شريڪ ٿيندڙن جو قافلو لاهور پهچي ويو آهي." اسين انٽرنيشنل هوٽل تي آياسين. اتي عبدالقادر جوڻيجو بہ رهيل هو ان سان ٿي وي جا اداڪار، هدايتڪار ۽ ليکڪ ملڻ آيا، انهن سان ڪچهري ٿي. ڪچهريءَ کان پوءِ غلام قادر پليجو صاحب اچي نڪتو ۽ اسان کي بہ پاڻ سان وٺي ويو، سندس هوٽل تي، ڊاڪٽر اسماعيل، فقير

محمد لاشاري، جڳديش ڪمار ملاڻي، ارشاد جتوئي ۽ ٻيا بہ ڪي دوست موجود هئا.

ڪافي دير ڪچهري ٿي پر ان رات خلاف معمول ڊاڪٽر ڏاڍو سنجيده هو. فقير محمد لاشاريءَ جا بہ هميشہ وارا ٽهڪ ڪو نہ هئا (لاشاري صاحب جو ڪلڻ ڏاڍو سهڻو هو سندس ٽهڪن ۾ سچائي هئي.) حيرت جي ڳالھ تہ هئي جڳديش جي ماٺ، نہ تہ جڳديش ڪچهريءَ ۾ هجي ۽ ڪنهن کي چمي نہ ڏي، چڪ نہ هڻي، سنگتي پر ۾ هجيس ۽ ڇهنڊڙي نہ هڻي تہ پوءِ سمجهبو تہ جڳديش آهي ئي ڪو نہ. ان لحاظ کان ان رات ڪچهري ۾ ڄڻ جڳديش هوئي ڪو نہ (جڳديش سچو پچو ٽري هو. دل جو صاف ۽ زبان جو ڪرو. نہ ڪو حجاب نہ ڪا اٽڪل. جيڪا آيس سا چئي ڏيندو. پ پ جو چريو جيالو بيگم نصرت ڀٽو صاحبہ کي سڳي ماءُ جيان چاهي ۽ بينظير ڀٽو صاحبہ کان راڪي ٻڌائي پاڻ کي سندس ڀاءُ سمجهي مٿانئس صدقو ٿيڻ لاءِ هر وقت تيار. ٽر جي وڪالت، وڏيرن، اربابن ۽ راڻن جي مخالفت سندس مشن جو اهم حصو هو.

ڪچهري هلندي غلام قادر پليجي اعلان ڪيو تہ "هاڻ سرزمين پنجاب تي شيخ اياز ٻڌبو." پوءِ مون کي شيخ اياز جو ڪلام ٻڌائڻ لاءِ چيائين، مون اياز جون وايون ٻڌايون تہ ڊاڪٽر پنهنجي فرمائش ڪئي، ڊاڪٽر کي "آئون ڪيئن سيج سمهان، منهنجا ماروئڙا پڌري پٽ سمهن" ڏاڍو پسندو هو (اهو مون جيل ۾ ڪامريڊ شير خان کان ٻڌو، پوءِ آءٌ دوستن کي ٻڌائيندو هوس). ڊاڪٽر اهو ڪلام بہ دفعا ٻڌو. لانگ مارچ تي اچڻ کان اڳ واري رات بہ پليجي صاحب جي ڪلفٽن واري بنگلي تي ڪچهري هئي. ڊاڪٽر اتي بہ خلاف معمول فرمائش ڪري اهو ڪلام ٻہ دفعا ٻڌو، ڄڻ ڪيس خبر پئجي ويئي هجي تہ پنهنجي پسند جو ڪلام وري ڪو نہ ٻڌي سگهندو.

اها رات جي ڪچهري اداسيءَ واري احساس سان پوري ٿي، توڙي جو لانگ مارچ جو سڌ واپس وڃڻ جي خبر پئجي ويئي هئي، اها بہ پڪ هئي تہ سياڻي سياسي فتح يقيني آهي، اهو ڪم جنهن لاءِ اسلام آباد ڪاهيو هئوسين سو گس ۾ ئي ٿي ويو آهي.

صبح جو قاضي صاحب ڪم ڪاريون لاهي واندو ٿيو تہ شام جو اسلام آباد روانا ٿياسين. هوٽل تي ڪمرو وٺي ٽپڙ ٽاڙي لاهي ڪچهريءَ لاءِ فيڊرل لاج ڏي نڪتاسين. فيڊرل لاج ۾ سائين خورشيد شاھ جو ڪمرو آئي وئي لاءِ سُک ۽ سنگت جو مرڪز هو. فيڊرل لاج ۾ چپ هئي، ڪو بہ نہ مليو. حيرت جهڙي ڳالھ هئي، ڪو تہ هجي ها. اتان وري مظهر السلام ڏي وياسين، اهو بہ ڪو نہ مليو. وري صلاح ڪري فيڊرل لاج موٽياسين تہ من هاڻ ڪو اچي ويو هجي يا ڪنهن کان سنگت جي خبر پئجي وڃي. فيڊرل لاج ڏي ايندي قاضي صاحب کي چيم "اڄ اسلام آباد جي رات ڪائڻ پيئي اچي، چوطرف چپ ۽ تاريڪي ڊيڄاري پئي." قاضي صاحب چيو "اسلام آباد جون شامون سدائين اداس ۽ ڪاريون هونديون آهن." پر ٻئي انهيءَ ڳالھ تي هئاسين تہ "واقعي اجوڪي رات وڌيڪ چپ ۽ تاريڪ آهي، ڄڻ ڪجھ ٿيو آهي." وڌيڪ شڪ اهو هو تہ مارشل لا نہ لڳي ويئي هجي. نواز شريف ۽ محترمہ بينظير گرفتار نہ ڪيا ويا هجن. " مطلب تہ ٻنهي کي پڪ هئي تہ ڪجھ ٿيو ضرور آهي، پر ڇا ٿيو تنهن جي خبر تڏهن پئي جڏهن فيڊرل لاج پهتاسين. استقباليہ وارن کان پڇيوسين تہ ڪو آيو؟ چيائون سائين خورشيد شاھ ڪراچي ويل آهي، باقي ميراڻي صاحب ۽ عبدالله شاھ هاڻ آيا آهن. پنهنجي ڪمري ۾

ويا آهن.“ عبدالله شاهہ جو ڪمرو هيٺ هو. اوڏانهن وڃي در کڙڪايم، پريشان چهري سان ٻاهر نڪتو مون کي ڏسي چيائين ”بيڊ نيوز اسماعيل گذاريو ويو.“ ڳالھہ سمجهہ ۾ نہ آئي. چيم ”ڪهڙو اسماعيل؟“ چيائين ”پنهنجو اسماعيل، ڊاڪٽر اسماعيل، لاهور کان آيا پئي، گوجر خان وٽ ايڪسيڊنٽ ٿيو آهي، ڊاڪٽر ۽ فقير محمد لاشاري وفات ڪري ويا آهن باقي جڳديش ۽ پليجو زخمي آهن.“

ڪٽا منجهہ قرار، هئا هيڪاندا سنگ ۾،
ڳاهي ڳاهہ فراق جي، ڪيا ڏارو ڏار،
نہ جاٽان پيهار، ڪير ملندو ڪنهن سان.

ڊاڪٽر سان لاهور واري ملاقات آخري هئي، پوءِ ڊاڪٽر ان سفر ڏي روانو ٿيو جتان ڪو بہ نہ موٽيو آهي. پين جي تہ لانگ مارچ ختم ٿي پر ڊاڪٽر لانگ مارچ ڪندي وڃي ازل اورانگهيو.

اوري هئا تہ آئيا، جيڪس ويا پري،
ساٿي سڏ ڪري، ماڳ نهاري موٽيا.

ڊاڪٽر ڪڇهرين جو راڻو هو، موت کي بہ سندس ڪڇهرين جي سڪ ٿي، تنهن وڃي پنهنجو مهمان ڪيس. موت بيشڪ ماريندو آهي پر ڪي ماڻهو موت کي ماريندا آهن. پنهنجي ڪمن سان پنهنجي ڳالهين ۽ يادگيرين سان. ڊاڪٽر بہ زندهہ رهندو، ڪڇهرين ۽ تذڪرن ۾، سندس ٻڌنڌڙ ڪيس هر جلسي ۾ ڳوليندا. سندس ساٿي هر هلچل ۾ ڪيس ساريندا. ڊاڪٽر وسرڻ جو ناهي، ڊاڪٽر پلن، ڏينهن ۽ سالن ۾ صدين جا قصا ڇڏي ويو آهي ڪرڻ لاءِ.

ويون پب پئي، ڪيرون ڪاهوڙين جون،
آئون تن ڏوٿين جو، پڇان پير پهي،
رُڃن رات رهي، ڏونگر جن ڏوريا.

ڊاڪٽر مقرر بہ واهہ جو هو. پاڻ روئندو هو تہ سندس ٻڌنڌڙ بہ روئي ڏيندا هئا. ٻڌنڌڙن کي کلائيندو هو تہ پاڻ بہ پيو ٽهڪ ڏيندو هو. بي ريا هو. چاپلوسي جاٽيندو ڪونہ هو. محڪومن مان هو پر حاڪمن جي ٻوليءَ کان گهڻو واقف هو. ماڻهن جي ڏکن تي ڏڪارو ٿيندو هو، روئي ڏيندو هو پر پنهنجا ذاتي سور ڪو نہ سليندو هو سندس ڏک سک جي خبر ئي ڪو نہ پوندي هئي. پنهنجي محرومين جو ماتم ڪو نہ ڪندو هو.

هر وقت کلڻ ۽ کلائڻ جو ڪوڏيو ڊاڪٽر سنجيده گفتگو بہ گهڻي ڪندو هو. مغز کپائڻ ۽ مٿي ڳري ڪرڻ وارا موضوع تہ جڻ روحاني خوراڪ هئس. سائنسي دنيا جو ماڻهو هو پر معاشيات (جنهن سان سندس پري جو واسطو ڪو نہ ٿي ڏسڻ ۾ آيو) جو چاڻو هو اسيمبليءَ ۾ توڙي اسيمبليءَ کان ٻاهر گئلري مان پنهنجن ساٿين جي سياسي مسئلن توڙي بجيٽ جي انگن اکرن جي سلسلي ۾ بہ مدد ڪندو هو. اخبار ۾ بجيٽ تي تنقيدي مضمون لکندو هو. بجيٽ تان ياد آيو تہ سنڌ اسيمبليءَ جي تاريخ ۾ سنڌي ٻوليءَ ۾ بجيٽ پيش ڪرڻ جو اعزاز بہ ڊاڪٽر کي ئي حاصل ٿيو.

ڊاڪٽر کي پڙهندي گهٽ ڏسبو هو پر ڳالهائيندو دنيا جي هر موضوع تي هو. آبپاشي تي ڳالهائيندو هو تہ آبپاشي جو جهونو ماهر لڳندو هو. آبپاشي تي مضمون بہ لکيائين، تہ هڪڙو ڪتاب

۾ ترتيب ڏئي رهيو هو. وزارت جي دوران, هڪڙي گڏجاڻيءَ ۾ سکر بئراج جي دروازن جي تبديلي تي ڳالهائيندي دوستن کي حيران ۽ آبپاشي جي جهوني سيڪريٽري کي پريشان ڪري وڌائين.

ڊاڪٽر هلندي گهمندي جهان جي شين تي به پيو تبصرا ڪندو هو. سندس تبصرا ۽ تشبيهون به ڪمال جون هونديون هيون. موقعي ۽ محل جي مناسبت سان جملي بازي ۽ حاضر جوابي به واهه جي ڪندو هو. بدين ضلعي جي گروپ بندي کيس ڏاڍو پريشان ڪيو. سندس مخالفن کي پارٽي جي وڏيرن جي حمايت حاصل هئي، کيس بدين ضلعي جو شهري تسليم ڪرڻ کان ئي انڪار ڪيو ويو انهيءَ ڪري ئي کيس حيدرآباد شهر جي سياسي اسيرن واري ڪميٽي جو ميمبر نامزد ڪرايو ويو.

ڊاڪٽر کي ضلعي ميٽنگ ۾ سوچي سمجهي سخت تنقيد جو نشانو بڻايو ويندو هو ايستائين جو کيس پنهنجي سڄي سؤٽ سان ملڻ تي به وڏي وٺ سهڻي پيئي. اهڙي ئي تنقيد جو جواب ڏيندي ڊاڪٽر گڏجاڻي ۾ چيو "ٿوري دير پهرين مون تي سخت تنقيد ڪئي ويئي آهي ته آءُ ابو سان ملان ٿو سندس گهر وڃان ٿو وغيره وغيره، آءُ تسليم ٿو ڪريان ته اهو سچ آهي پر آءُ پنهنجي مخالف کي چوان ٿو ته ابو جو چاچو منهنجو پيءُ آهي ۽ جيڪڏهن غلام علي نظاماڻي جو چاچو سندس (مخالف جو) پيءُ آهي ته کيس غلام علي سان ملڻ جي آزادي آهي." (انهي مخالف دوست ڊاڪٽر تي تنقيد ڪري پنهنجي غلام علي نظاماڻي سان تعلق کي درست پئي ثابت ڪيو)

سائين حسين شاهه 1986ع ڌاري ڊاڪٽر ۽ مون تي مهربان هو. گهڻو ڪري ڊاڪٽر ته سندس جملي بازي کان آجو ڪو نه هو. انهن ڏينهن سائين حسين شاهه، خليق سائينءَ جي خاص نورتن مان ۽ اسين عتاب زده ٽولي مان هئاسين. انهن ڏينهن اسين ذهني سائبريا ۾ ڏينهن گذاري رهيا هئاسين. 86ع ۾ محترمه ڪوٽڙيءَ جي دوري تي آئي ته حاجي محمد صديق شوري جي بنگلي تي سنگت جو وڏو ميڙ هو سائين به پنهنجي مشغلي ۾ لڳو پيو هو يعني ڊاڪٽر ۽ ٻين مخالفن تي تبصرا ۽ تبرا جاري هئا. ته ڪنهن سائين حسين شاهه کان پڇيو ته "سائين ايڊيشنل خزانچي ڇا آهي؟" سائين تازو سنڌ پ پ جو ايڊيشنل خزانچي نامزد ٿيو هو. ڊاڪٽر سوال ٻڌي چيو "آءُ ٿو ٻڌايان ته ايڊيشنل ڇا آهي. گڏهه گاڏي ۾ گڏهه سان گڏ هڪڙي پخ به ٻڌل هوندي آهي. گاڏي جو بار ته سمورو گڏهه تي هوندو آهي پر پخ جي ٽور اهڙي هوندي آهي جهڙو سمورو بار انهيءَ پخ تي هجي، انهي گاڏي ۾ پخ کي ايڊيشنل چئبو آهي."

ايم آر ڊي جو پهريون جلسو بدين ۾ ٿيو اهو تحريڪ جو سنڌ ۾ به پهريون جلسو هو. انهيءَ جلسي جو انتظام به ماتلي ۾ ڊاڪٽر ۽ سندس دوستن ڪيو هو. انهيءَ جلسي ۾ عوامي تحريڪ جي ڪارڪنن به ڀرپور شرڪت ڪئي هئي. عوامي تحريڪ جا ڪارڪن شرڪت کي وڌيڪ ڏيکارڻ لاءِ نعرن جي وڏي وٺ وٺان ڪندا آهن. انهيءَ جلسي ۾ به نعرا اهڙا پئي هنيائون جو لڳو پئي ته اهي ئي وينا آهن ٻيو ڪو آهي ئي ڪو نه. ٻين نعرن سان گڏ "هاري جاڳيا هاري ڙي، پيچ وڏيرا پاڙي ڙي" واري نعري تي وڏو زور هئن. ڪين سمجهايو ئي اهو ويو هو ته سندن پارٽيءَ کانسواءِ سڀ پارٽيون وڏيرن جون آهن. پ پ جا اڳواڻ آيا ته اهو نعرو اڃا به زور وٺي ويو. جلسي جو مهمان خصوصي مخدوم خليق الزمان هو فاضل راهو شهيد ۽ ٻيا صوبائي ۽ مقامي اڳواڻ به هئا. نعرن جو به زور هو ته تقريرون به وڏي جوش واريون هيون پر تقريرن کي عوامي تحريڪ جي ڪارڪنن نعرا هڻي روڪي ٿي وڌو. نعرو هڪڙو ئي ته

”هاري جاڳيا هاري ڙڪي، پيچ وڏيرا ڀاڙي ڙڪيا“ جڏهن نعرن گهڻو تنگ ڪيو تڏهن ڊاڪٽر اٿي مائيڪ تي چيو ”ساٿي اوهان جي وڏي مهرباني، اوهان کي وڏيرو فاضل چوي ٿو جلسو صبر سان ٻڌو.“ (عوامي تحريڪ جا دوست هڪ‌ٻئي کي ساٿي چوندا هئا ۽ فاضل پنهنجي علائقي توڙي عوامي تحريڪ ۾ وڏيرو سڏبو هو.)

ضياءُ الحق جي سموري دور ۾ ڊاڪٽر وڏي همت جو مظاهرو ڪيو سڄي سنڌ ۾ آمريت خلاف قول ۽ فعل سان جدوجهد ڪندو رهيو. هر جاءِ تي سندس تقريرن جو هُل هو. ڄام صادق دور جا وڏا واڪ به ڪيس ڪمزور نه ڪري سگهيا ۽ نه ئي ڄام جي دهشت ڪيس ڊيڄاري سگهي. سڄاول جي باءِ اليڪشن هجي يا ڳڙهي خيري جي چوندٻ وارو معرڪو ڊاڪٽر پوئتي ڪو نه هو. سڄي سنڌ ۾ سندس گجگوڙ پيئي پئي. مٺيءَ ۾ محترمه بينظير صاحبه جي جلسي جو پروگرام ٿيو ته جلسي جي ميزبان جڳديش ڪمار ملاڻيءَ کي گرفتار ڪيو ويو جلسي جو انتظام جڳديش جي مائٽن ۽ دوستن ڪيو. وڏو ڪامياب جلسو ٿيو. جلسي ۾ ڊاڪٽر جي تقرير به ڏاڍي پسند ڪئي وئي. ڊاڪٽر جي تقرير جو هڪڙو لطيفو ڏاڍو مقبول ٿيو. ڊاڪٽر ٻڌايو ته ”هڪڙو همراه پنهنجو گڏه رستي تي بيهاري ڊگڊگي وڄائي اعلان ڪري رهيو هو ته جيڪو به ماڻهو منهنجي گڏه کان ”نه“ ڪرائيندو تنهن کي سئو رپيا انعام ڏيندس. اعلان ٻڌي ڪافي ماڻهو ايندا ويا ۽ پنهنجي پنهنجي ڳالهه ڪندا ويا پر هر ڳالهه تي گڏه ڪنڌ لوڏائي ”ها“ ڪندو رهيو. آخر هڪڙو ماڻهو آيو تنهن گڏه کي ڪن ۾ ڪجهه چيو ته گڏه هينگون ڏئي نهڪار ۾ ڪنڌ ڌوڻڻ لڳو. ماڻهو حيران ٿي ويا ۽ گڏه جو مالڪ پريشان. گڏه جي مالڪ ان ماڻهوءَ کان اها ڳالهه پڇي جنهن تي گڏه ”نه“ ڪئي. ماڻهو چيو ته پهرين ته شرط وارا سئو رپيا ڏي ۽ پوءِ ڳالهه ٻڌائڻ جا سؤ رپيا ڏيندين ته ڳالهه ٻڌائيندس. گڏه جي مالڪ به سؤ رپيا ان ماڻهو کي ڏنا. ماڻهو چيو ته مون گڏه کي چيو ته ڄام صادق جو وزير ٿيندين ته گڏه هينگون ڪري چيو ته ”نه نه!“

ڊاڪٽر گندي ۽ گراهه جو شوقين ڪو نه هو نه بک جي ڪري پاڻ کي ڪيرائيندو هو نه ئي پراون ٺٺن ٺانگرن کان متاثر ٿيندو هو. چوندو هو ته ”ناشتو ڪريان ڪو نه. ٻنپهرن جو ملي ته ڪائبي، باقي رات جي ياد پيئي ته ڊيُو تي ڪائبي جي وسري ويئي ته نهيو.“

ڊاڪٽر بجيت تي مٺي ڪپاٽ واري مضمون سان گڏ سياسي ڪالم به لکيا. سندس ڪالمن ۾ به سندس گفتگو وانگر مزاح جو عنصر شامل هو. ڪيس گهڻو لکڻ جو وقت ملي ها ته سنڌي ادب ۾ مزاح ۽ تنقيد ۾ بهتر واڌارو ٿئي ها. ڊاڪٽر ذاتي زندگيءَ ۾ ته ايمانداري سان وقت گذاريو پر سياسي وابستگي ۽ پنهنجي سوچن جي حوالي سان ته ديوانگي جي حد تائين سچو ۽ پرخلوص هو. پارٽيءَ جي سرگرمين ۾ حصو وٺڻ جي آغاز کان آخر تائين هڪ لمحي لاءِ به پارٽيءَ جي ڪمن کان ٽڪي مايوس ٿي پاسيرو ڪو نه ٿي وينو.

جان جان هئي جيئري، ويني نه ويساند،
لڙهي لهرن پاند، ميائي ميهار ڏي.

چوندو هو ته ”دل پسند حالتون هر ماڻهو کي ميسر ٿي ڪو نه سگهنديون. تنهن ڪري حالتن جي انتظار ۾ خاموش ٿي وقت وڃائڻ پنهنجي مقصد سان غداري آهي.“ هن اڪثر پارٽيءَ جي ڪمن ۾

پنهنجي ذاتي مجبورين ۾ تڪليفن ڪي ڪو نہ ڏنو جتي بہ سڏ ٿيس پهتو جيڪو ڪم بہ مليس جنبي ويندو هو ان ۾ ڏينهن جا ڏينهن گهر ۾ ٻارن کان بيخبر رهي بہ پنهنجي ڪم سان نڀائيندو هو. ڀٽي صاحب جي شهادت تي نوڪري تان استعيفيٰ ڏنائين. پارٽي ۾ ايم آر ڊي جي ذميداري مليس تہ سڀ ڪم ويس وسري.

پارٽيءَ جو سچو سپاهي ۾ محترمہ بينظير ڀٽو صاحبہ جو وفادار ساٿي هو. پارٽي ۾ قيادت سان سچائي اجائي ڪو نہ ويس. ورڪرن ۾ بہ سندس وڏي عزت هئي تہ قيادت بہ کيس ڪو نہ وساريو. ايم پي اي ٿيو وري وزير بہ ٿيو وزارت ۾ بہ اهميت وارا ڪاتا, صحت ۾ خزاني جا کيس مليا. اها بہ حقيقت آهي تہ سندس ڪمائي قبول پئي, جيئري بہ ماڻهن ۾ دوستن جي محبتن جو مرڪز هو ۾ مئي پڄاڻان بہ پارٽيءَ جي قيادت محترمہ بينظير ڀٽو صاحبہ توڙي سندس دوستن سندس وڏي يادگيري ڪئي. اها ٻاگهن جي بہ ڳالهہ آهي ورنہ ڪيئي تاريخ ساز شخصيتون, قومي تاريخ جا سونهان فرد اڄ گمنام ٿي ويا آهن, سندن پونيئرن جي ڪو بہ پرگهور لهڻ وارو ڪونهي.

ڊاڪٽر اسماعيل, جهاز کي معصوم ٻارن وانگر ڏسندو هو. ڊفينس ۾ ظهور سريوال جي بنگلي تي رات جو ڇت تي وڃي ويهندو هو جو اتان جهاز لهندي ويجهو ڏسڻ ۾ ايندا هئا. جهاز جون بتيون ڏسي الائي ڇو واتان نڪري ويندو هوس تہ "ماٺ ڪريو جهاز پيو اچي." حيدرآباد کان ڪراچي ويندي اڪثر جهاز ڏسندو هو. جهاز ڏسي منهنجو ڌيان بہ جهاز ڏي ضرور ڇڪائيندو هو "استاد, هو ڏس جهاز پيو اچئي!" جهاز ڏسڻ واري ڳجهارت بہ ان ڏينهن پڌري جڏهن سندس مڙهہ جي انتظار ۾ ڪانڌي اُپ ۾ اکيون وجهيو بيٺا هئا." ڊاڪٽر جو مڙهہ اسلام آباد مان جهاز ذريعي پئي آيو. اتفاق اهو بہ هو تہ رات جو وقت هو جهاز جون ڀريان بتيون ڏسي, ڳالهائيندڙ سڀ چپ ٿي ويا, جڻ اسماعيل چوندو هجين تہ "چپ ڪريو جهاز پيو اچي!" جهاز آيو پر منجهانئس ڪلندڙ چهرو نمودار نہ ٿيو ڊاڪٽر پاڻ لڏندي ڪو نہ لٿو پر کيس هٿن تي کڻي لاٿو ويو ڊاڪٽر جي خاموشي ۾ بيجانيءَ تي ڪنهن بہ اعتبار ڪو نہ ٿي ڪيو. ڪوثر ڀٽي صاحب چيو "لڳي ٿو جاڻ ڊاڪٽر چرچو ڪري اٿندو." پر انهي ننڊ مان اڳ ڪير جاڳيو آهي جو ڊاڪٽر جاڳي ها. ڊاڪٽر ٿوري عرصي لاءِ آيو پاڻ سان ڪيئي خوبيون کڻي آيو. هو تہ ڪچهرين, جلسن, جلوسن جي رونق هو ويو تہ هر اک کي اشڪبار ڪري ويو ڪرڻ لاءِ ڪيئي ڳالهيون ڇڏي ويو.

سندس ڪانڌي, لاش کڻي ماتلي روانا ٿيا تہ ايئرپورٽ کان وٺي مقام تائين وڏڦڙو وسندو هليو. کيس ماڻٽاڻي ڳوٺ ۾ پوري وريا تہ ڪانڌين جون اکيون بہ آليون هيون تہ پاڻ بہ پسيل هئا, جڻ آس پاس جو ذرو ذرو ڊاڪٽر لاءِ نير وهائي رهيو هو.

هي جو بادل ڀرجي ڀرجي
تنهنجي قبر تي برسيو آهي
ماڪ ڦڙا آڪاش وسائي
ڳايو تنهنجو مرثيو آهي
سنڌ ديس جي ڌرتي تنهنجي
جهوريءَ ۾ اوڇنگاريو آ

موت نہ توکي ماري سگھندو
موت کي توئي ماريو آ.

## عجيب تعدي بعد واپسي

(10- اپريل 1984ع)

صبح جو ڏهين وڳي ڏاري ظهور عالم بلوچ، غلام رسول زنگيجو اقبال جروار گڏيا. ڪچهريءَ ڏي پي وياسين تہ ماڙي وٽ وڏي رش هئي. خبر پئي تہ ڪراچي مان دوست بدلي تي آيا آهن. ماڙيءَ وٽ ڪافي دوست مليا، سائين حسين شاهہ بہ چانوَ ۾ بيٺو هو. ڪيس ڏسي ڏاڍي خوشي ٿي. ماڙيءَ وارو وڏو در کوليو ويو. سڀ ماڙي سامان سان پري پئي هئي. چيائون سيڪو پنهنجو سامان اچي کڻي. حسين شاهہ هڪل ڪري چيو "ابا عرفات جو ميدان آهي پنهنجو سامان پاڻ سنڀالي کڻو." سيڪو سامان ۾ لڳي ويو هنڌ، بيگون، بالٽيون، لوٽا، ٽين جا دٻا، ڇٻا هر ڪنهن پنهنجا ساري ڪنيا. حسين شاهہ جو سامان کڻائي بئرڪ 15 ۾ آياسين. بئرڪ ۾ هاڻي عالم شاهہ، اشفاق، محمد بخش ميمڻ ۽ هڪ برداشتي رهيل آهن. 12 وڳي سائينءَ کي وٺي ڪمري تي آياسين، تنهن وهنجي سهنجي ڪپڙا مٽايا. سندس لاٿل قميص جو ڪيسو ۽ سٽڻ جو پانچو قاٿل هو. غلام رسول زنگيجي سائين کان قاٿل ڪپڙن بابت پڇيو تہ حسين شاهہ چيو تہ "انٽرنيشنل شهر جي انٽرنيشنل جيل ۾ انٽرنيشنل حرامين جي وچ ۾ هئاسين. ماڙيءَ تي وجبو هو تہ ڪاغذ بہ ڪيسي مان ڪڍي ڪمري تي رکڻا ۽ پئسا ابداڻي ۾ وجھڻا پوندا هئا. مون کي ٿلهو متارو ڏسي سمجهندا هئا تہ پئسو مون وٽ جام هوندو، سو ماڙيءَ تي وجان تہ کيسا ڦاڙايو اچان، الائي ڪهڙن چوتين جي وچ ۾ هئاسين جن کي مون وارا ڪپڙا ڏسڻ ۾ ڪو نہ ايندا هئا، هتي آيو آهيان تہ سيڪو پيو قاٿل ڪپڙن جو پڇي." (سائين ڪيسن جي قاٽڻ جو سبب تہ ٻڌايو پر پانچن ڦاٽڻ جي ڳالهہ ڪانہ ڪئي الائي ڇو؟) سائين چيو تہ "جيل ڪافي آزاد هو ملاقاتين کي ٻاهن تي نپو هٽائي بئرڪن ۾ وٺي ايندا هئاسين، 3 وڳي تائين ڪچهري ڪري وري ماڙي تي ڇڏي ايندا هئاسين، اتي 3-3- برداشتي هئا، پر هتي هجڻ بہ نہ کپن. اتي ننڍين شرٽن ۽ ڪٽل مهانڊن وارا برداشتي هئا، تن کي ڪم لاءِ دل چوندي بہ هئي، هتي وڏن شهپرن وارا جهڙا پهلوان، هر ڪنهن جا 8-8 خون ڪيل، ڪير ڪم جو چوي، اوچتو ڪو گٽو جملو نڪري وڃي تہ سر وڃائي ڇڏين."

سائين موتي آيو آهي تہ ڪچهري ۽ ٺهڪ موٽي آيا آهن. ٻنپهرن جو ماني گڏ کاڌي سين. اڄ ڪراچيءَ مان 66 ڄڻا بدلي تي آيا آهن.

## ڪراچيءَ مان بدلي تي آيل ساٿي

(11- اپريل 1984ع)

اڄ صبح جو بدين ۽ ماتليءَ جا ڪجھ نوان دوست ڪچهريءَ ۾ شامل ٿيا. تن ٻڌايو تہ ڪراچيءَ ۾ ڏاڍي ڪوشش ڪئي سون تہ ڪچهري ٿئي ۽ جيل ۾ موجود سينيئر رهنما اسان کي سياسي تعليم ۽

تربيت ڏين پر ڪاميابي ڪو نہ ٿي. جڏهن تہ ٻين پارٽين جا اسٽڊي سرڪل هلندا هئا.

صبح جو اٺين صاحبزادي بينظير ڀٽو صاحبہ جي بيان جي ڪٽنگ ڪري، فوٽو اسٽيٽ ڪرائڻ لاءِ موڪليم. ڪچهري ڏي پئي ويس تہ آدم چانڊيو (ٻنورو)، سنجر چانڊيو (ٽنڊو محمد خان) ۽ ٽنڊي محمد خان جو سيد سليمان شاهہ آيا پئي، چيائون تہ توڏانهن پيا اچون. موٽي ڪمري تي آياسين. هنن دوستن ڪراچي جيل ۾ ٿيل بدمزگين جا قصا پئي ٻڌايا. هنن دوستن ڪراچي جيل ۾ حسين شاهہ جي رويي تي سخت تنقيد پئي ڪئي. هنن ٻڌايو تہ ڪراچي جيل ۾ جتوئي گروپ ۽ ممتاز گروپ اعلانيہ آمهون سامهون هئا.

ڪمري تان اٿياسين تہ ماڙيءَ وٽ شير خان لنڊ مليو سامان ڪنيو چڪر ڏي پئي پيو ٻڌاياءين هو ۽ ڪجهہ ٻيا دوست ڪراچي مان بدلي ٿي آيا آهن. شير خان عوامي تحريڪ ۾ هو مشهور بهادر ۽ سڄاڻ هاري اڳواڻ آهي، هينئر پي اين پي ۾ آهي، قومي گيت ڏاڍي سهڻي آواز ۾ ٻڌائيندو آهي.

15 نمبر ٻئرڪ ۾ ويس تہ ڪافي دوست ڪچهريءَ ۾ هئا، تن چيو تہ سائين حسين شاهہ ڪي شريڪ ٿيڻ لاءِ چيوسين پر انڪار ڪيائين. هي دوست سائينءَ جي رويي تي حيران ۽ ڏڪيرا هئا. اتي خبر پئي تہ سنڌ جي اڳوڻي وزيراعليٰ جتوئي صاحب جو پوليٽيڪل سيڪريٽري الهچايو لغاري بہ بدلي ٿي آيو آهي. ان سان ملڻ ٻئرڪ 11 ۾ وياسين. ان سان گڏ تلهار جو دوست نواز جتوئي بہ گڏ هو. نواز بدين ضلعي جو جوشيلو سٺو مقرر ۽ نظرياتي دوست آهي. سندس والد انتقال ڪري ويو آهي، ساڻس فاتحہ ڪئي سون. 12 وڳي ڊاڪٽر اسماعيل ملاقات تي آيو. (ڊاڪٽر ڪي جنهن رات وٺي آيا انهيءَ جي صبح جو رها ڪري ڇڏيائون). ڊاڪٽر چيو تہ ڪم ڪار جي سلسلي ۾ صلاح مشورو ڪهڙو آهي، ڇا ڪرڻ کپي؟ سنگت چيس تہ في الحال رڳو دوستن سان رابطو ڪرڻ کپي، سمورا دوست ۽ رهنما نڪرن تہ پوءِ وڏيڪ سوچبو.

ڇئين وڳي ڏاري محبوب جروار اچي ٻڌايو تہ 40 ڄڻن جي لسٽ آئي آهي. بخشل قمبراڻي بہ رها ٿي ويندو. اتان اسپتال ويس. اتان هاري ڪميٽيءَ جا دوست گڏجي بخشل ڪي ماڙيءَ تي وٺي آياسين. رش لڳي پئي هئي، سڀڪو پنهنجي ويندڙ دوست کي ڦريو بيٺو هو. سامان جو ڍڳ، تڙيو پکڙيو پيو هو. واقعي اهڙي محل تي ماڙي جي عمارت بحري جهاز جو ڏيک ڏيندي آهي. دوست گهٽا رها ٿيندا آهن تہ رش ۽ سامان سبب چوندا آهن تہ اڄ بحري جهاز لڳو آهي. ٿورڙا دوست رها ٿيا تہ چوندا تہ اڄ فوڪر آيو آهي ۽ جي 2 ـ 3 دوست رها ٿيا تہ چوندا تہ اڄ رڪشا لڳي آهي. انين وڳي تائين آهستي آهستي دوست ويندا رهيا. آءُ ۽ منير 15 ٻئرڪ ڏي آياسين. بجليءَ جي ٿنڀي هيٺان ٽونئرين تي حسين شاهہ، عالم شاهہ، صالح ڪاتيار، محمد بخش ميمڻ، يونس ڀان ۽ پير معظم ويٺا هئا. نئي جي تنظيمي ڪارڪردگي ۽ نئي جي ايم آر ڊي جي قيام تي ڪچهري هلي رهي هئي. ويهي اٿياسين تہ عالم شاهہ چانهہ جي صلاح هنئي، حسين شاهہ چيو ”مانٽ چانهہ پِين تہ پاڻ وچي ڪٽي اچو باقي پاڻ وارو برداشتي ڪو نہ آٽيندو. اهو در مان وينو ڏسندو ڪيترا ماٺهو آهن. اهي گهٽ ٿين تہ پوءِ ڪٽي وڃان. رٽ ڪري ماريو اٿس. عادتون اهڙيون اٿس جو مجلس شوريٰ جو ميمبر ٿيڻ کپيس.“ وري چيائين ”انهيءَ جو ڏوهہ ڪونهي ٽنڊي ولي محمد جو آهي، ڪير رسي ٿو سگهي.“ مون چيو آءُ ڪو نہ ٿو سڃاڻانس. برداشتي

آيو پيچوسينس ڪٿي جو آهين؟ مون کي چيائين اوهان جي پاڙي جو آهيان. اوهان سان ٻاهر ٻه ملندو آهيان. اهو ٻڌي اٿي مليوسانس. چيم يار معاف ڪجان. سنگتي ڪليا ته پاڙي جو ماڻهو ڪو نه ٿو سڃاڻين. ڪين غلام رسول زنگيجي جي ٻڌايل ڳالهه ٻڌايم ته اعجاز خواجا جو پاءُ خادم اعجاز جا ٻار ملاقات تي وٺي آيو ته اعجاز ٻين ٻارن سان ملي پڇيو ته هي ننڍڙو ڪنهنجو آهي؟ تڏهن خادم چيس ته اهو ٻه تنهنجو آهي.

اهڙي ڳالهه ملاقات تي ڊاڪٽر اسماعيل ٻه ٻڌائي، چيائين ته رها ٿي گهر ويس ته ننڍڙي ڪڪي، منهنجي گهر واريءَ کي چيو ته "امي هي چاچا ڪير آهي؟" مون ڊاڪٽر کي چيو ته شڪر ڪر ننڍڙي ايئن نه چيو ته هي ماما ڪير آهي. اتان اٿي وارڊ آياسين. سليم، خالد، بلوچ صاحب سان 9:30 وڳي تائين ڪچهري ٿي. خالد گهلو حسب معمول ٻه ٽي درديلا شعر ٻڌايا ۽ سندس ٻڌايل لطيفن تي ٽهڪ ڏيندا وڃي بند ٿياسين.

## گورنر جي بيان تي ضياءَ جي ڪاوڙ

(13 - اپريل 1984ع)

صبح جو شاهنواز خان جوڻيجو آيو. مختصر ڪچهريءَ کان پوءِ چيائين شاهه جو رسالو پڙهه ته ٻڌون. شاهه جو سر يمن ڪلياڻ پڙهيوسين. گذريل جمعي وانگر منير اڄ ٻه غور سان شاهه ٻڌي رهيو هو. ڪامران چوڌري (ڪراچي) ٻه آيو تنهن ٻه چيو ته ڪيس ٻه شاهه ٻڌڻ جو شوق آهي. پوءِ ڪيس ۽ منير کي ترجمو ٻڌائيندا وياسين. چاچو ۽ آءٌ نارا جيل ۾ ٻه پابنديءَ سان شاهه جو دور ڪندا هئاسين. اتي هڪ دفعو امداد الله انڙ صاحب ٻه دور ۾ شريڪ ٿيو. نارا جيل ۾ سائين الله بخش شاهه بخاري سڄو ڏينهن شاهه جو ڪو نه ڪو بيت يا سٽ مستيءَ ۾ جهونگاريندو رهندو هو.

اخبارون آيون، اخبارن جي سرخي هئي ته سنڌ مان 281 سياسي قيدي رها ڪيا ويا آهن. رها ٿيڻ وارن ۾ خواجه خير الدين، عبدالحفيظ لاکو نفيس صديقي، عابد زبيري، سليمان گهانچي، بيگم نورجهان سومرو ۽ بيگم اين ڊي خان ٻه شامل آهن. اخبار ۾ عابد زبيري جو بيان هو جنهن ۾ هن آزادين جي آجيان ڪندي چيو آهي ته گورنر مثبت قدم کنيو آهي. گورنر سياستدانن سان مفاهمت چاهي ٿو. گورنر سياسي رهنما رها ڪري اليڪشن لاءِ سازگار فضا قائم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي "گورنر جو صاحب" يعني صدر 24 ڪلاڪ سياستدانن لاءِ گندي زبان استعمال ڪندو رهي ٿو. زبيري صاحب جو خيال آهي ته سياسي رهنمائن جي آزاديءَ سان سڀ مسئلا حل ٿي ويندا. ماڻهو ڇڏيو باقي چونڊون جيئن وٺي تيئن ڪرايو! جيڪڏهن نالي ماتر چونڊون ئي مسئلي جو حل هو ته هيڏي ساري جدوجهد ڇا لاءِ هئي؟ ڪجهه ڏينهن اڳ ۾ زبيري صاحب جي اڳواڻ، شير باز مزاري جو ٻه اڳوڻي گورنر عباسي جي تعريف ۾ بيان شايع ٿيو هو ته گورنر اشراف ماڻهو آهي. مزاري صاحب سرحد جي گورنر سان ٻه گهاٽو واسطيدار آهي، ساڻس ملندو جلندو آهي. صدر سان ملڻ، تعريف ڪرڻ حرام آهي. گورنر لاءِ بيان ۽ ملاقات جائز آهي! مسڪين، سپاهين ۽ ڪپتان سان ٻه ملي ته غدار ۽ ايجنٽ آهي وڏو ماڻهو صدر ۽ گورنر سان ڪچهريون ڪري ته ذاتي تعلقات آهي.) اڳوڻي گورنر عباسيءَ جي متعلق اعلان

ڪيو ويو هو ته اسلام آباد پهچڻ شرط وفاقي وزارت ماڻيندو. تنهن بابت ڪا به خبر ڪو نه آئي آهي ته ڪٿي آهي، سندس وزارت جو چا ٿيو. گورنر ڪي لهڻ جا پسڻ پئجي ويا هئا. چارج ڏيڻ کان چند ڏينهن اڳ ۾ بيان ڏنو هئائين ته ”ايم آر ڊي جي تحريڪ بحالي جمهوريت لاءِ هئي. هن تحريڪ ۾ تشدد بعد ۾ داخل ٿيو.“ گورنر جو اهو بيان صدر جي پاليسيءَ جي ابتڙ هو. جو صدر سندس پچ لتڪائو وزير ۽ حواري چوندا رهيا آهن ته ايم آر ڊي جي جدوجهد غير ملڪي اشاري تي ملڪي سالميت خلاف ۽ تشدد ۽ تخريبڪاري جي جدوجهد هئي! تازو ضياءَ ڪراچي آيو ته بيان ڏنائين ته عباسي جو بيان غلط آهي، ايم آر ڊي جي جدوجهد تخريب لاءِ هئي، آءٌ عباسي کان سندس بيان بابت ضرور پڇندس. گورنر عباسيءَ چند ڏينهن اڳ ۾ بينظير ڀٽو صاحبه لاءِ به تعريفي بيان ڏنو هو.

شام جو اچي چڪر وياسين ته حسين شاهه ۽ عالم شاهه ٽوئنريءَ تي ڪچهري مچايو ويٺا هئا. حسين شاهه شيعه عالم وانگر وچ ۾ ڳالهائي رهيو هو. ويٺل سڄي سنگت ٻڌي پئي هئي اوچنگارن ۾ نه پر ٽهڪن ۾. ڪچهريءَ دوران خبر پئي ته هوسڙيءَ جو ننڍڙو ساٿي جبار پنهور بيهوش ٿي ويو آهي. ڪيس اسپتال آندوسين. ڊاڪٽر 2-3 سيون به هنيون پر فائدو ڪو نه ٿيو. ڊاڪٽر امداد ڪي گهران گهرايوسين. ڪافي دير لڳي ڊاڪٽر جي اچڻ ۾. جو جيل جي ڊاڪٽرن لاءِ جيل ۾ رهائش لاءِ بنگلو ته آهي پر رهندا ڪو نه آهن. جيڏي مهل ضرورت پوندي آهي ته فون ڪري ڊاڪٽر کي اباڻي گهران گهرائبو آهي. تيسين قيدي جو الله واهي آهي. ڊاڪٽر آيو. جيل جي پوليس سان ئي جبار کي سول اسپتال موڪلي يارهين وڳي اچي ڪمري تي ستس.

# اسپتال روانگي

(14- اپريل 1984ع)

صبح جو اسپتال وڃڻ لاءِ پنهنجو ۽ جبار جو فارم ڪٽي ڊاڪٽر امداد ڏي ويس. اتي پائو ابوبڪر ويٺو هو. خبر پئي ته اسپتال لاءِ 6 ڄڻن جي اجازت آهي، تن ۾ پورل شاهه ۽ پائو ضرور هوندا باقي ٻين جو فيصلو پاڻ ڪيو. پائو جي والده اسپتال ۾ داخل ٿي آهي. گڏيل صلاح سان 6 سياسي 2 غير سياسي طئي ڪياسين. اسپتال وياسين، پائو والده سان مليو. مولابخش مشوري ڪي داخل ڪيو ويو. پاڻ ڪي ۽ جبار کي ڊاڪٽر کي ڏيکاريم. ڊاڪٽر چيو ته جيل کان اجازت وٺون ٿا، توکي به داخل ٽيٽو پوندو تيستائين وغيره لاءِ. اسپتال ۾ سرور شاهه پٽ شاهه، الله جڙيو پتافي، عبدالغفور نظاماڻي، منير ميمڻ (ماتلي) ملڻ آيا. هي سڀ دوست تازو رها ٿيا آهن. 2 وڳي تائين اسپتال ۾ هئاسين. وري جيل آياسين. شام جو دوست ٻڌائڻ آيو ته غلام رسول جلالاڻي (ٽنڊو محمد خان) جي رهائيءَ جو آرڊر آيو آهي. ڪيس در تي ڇڏڻ لاءِ ويس. ساڻس موڪلائڻ محل دوست ڏاڍو جذباتي هئا. غلام رسول صبرائتو ۽ سٺي سڀاءَ وارو دوست آهي. ڪچهري ۾ گهڻي دلچسپي وٺندو هو. ڪيس سياسي تعليم ۽ تربيت حاصل ڪرڻ جو ڏاڍو شوق هو.

# پرو چانڊيو مارجي ويو

(16 ـ اپريل 1984ع)

ڪالهه ڊاڪٽر چيو تہ اکين ۾ سائي پيئي ڏسڻ ۾ اچي، دوائون ۽ آرام ضروري آهي. ڪچهريءَ جي دوستن کان موڪل ورتم، اج ڪچهري ۾ ڪو نہ ويس. ٿوري دير لاءِ جبار کي اسپتال ڏسڻ ويس. گهڙيءَ لاءِ حسين شاهه سان ڪچهري ٿي. شام جو عالم شاهه، محبوب جروار، غلام رسول زنگيجو، اقبال جروار ۽ عبدالحسين پنهور اسان وٽ ترسيا.

ڪالهه کان پرو چانڊيو جي پوليس هٿان مارجڻ جو تذڪرو جيل ۾ عام آهي. اج سڄي عبرت اخبار پروءَ سان ڀري پئي هئي. اخبار جي سرخي هئي "پرو مارجي ويو" خبر اهڙي اهميت سان شايع ٿيل هئي جڻ مارشل لا نافذ ٿي ويئي. پروءَ جو احوال پروءَ جي ساٿين جو احوال، پوليس جي سورهيائي جو قصو سڄي اخبار هئي پرو، پرو، سڄي جهان جا ڪيس هئا پروءَ جي ڪاتي ۾. ظاهر آهي جيڏو ڏاڙيل ڪي وڏو ثابت ڪبو اوڏوئي پوليس جو ڪارنامو ليکبو.

دادو ضلعي ۽ آسپاس پرو جي وڏي دهشت هئي. پرو جي خاتمي سان في الحال دهشت ۽ بدامني جو دور پورو ٿيو. تان جو وري ڪنهن ياڳيل جي ڪاتي ۾ هيڪاندا ڏوهه وجهي ڪو وڏو ڏاڙيل بڻايو وڃي. ٽيون ڏينهن آءِ جي جو بيان آيو هو تہ "پروءَ جو وقت پورو ٿي ويو." (اسان جي پوليس کي ڏوهن ۽ ڏوهارين بابت اڳ ۾ ئي خبر پئجي ويندي آهي) دادوءَ جي دوستن ٻڌايو تہ پروءَ کي پوليس نہ پر دشمنن ماريو آهي. اسان وٽ اڪثر ڏاڙيل جي مارجڻ کي پوليس پنهنجي ڪاميابي قرار ڏيندي آهي. مخلوق چوندي آهي تہ ڏاڙيل کي دولاب سان ماريو ويو آهي. گنگوءَ جي گوڙ جي خاوند کي خبر.

ٻنپهرن جو غلام رسول جلالاڻي ملاقات تي آيو. ٻڌايائين تہ س پ هہ ڪ جو ڪم ڪريون پيا، محمد خان کوسو ٽنڊي محمد خان تعلقي جو صدر ٿيڻ لاءِ تيار آهي. شام جو دوستن جي ڪچهري ڏي ويس. دوست پابندي سان ڪچهري ڪن ٿا. شام جو تقريرن جي نشست ٿيندي آهي، انهيءَ ۾ هر ڪو دوست بيهي ڳالهائيندو آهي تہ جيئن ڪيس تقرير ڪرڻ جي تربيت بہ ملي.

اتان ٿي ٿوري دير لاءِ حسين شاهه سان ڪچهري ڪيم. رات جو فدا حسين ڏيري، بلوچ، منير، سليم ۽ خالد سان ڪچهري ٿي. اج ظهور عالم بلوچ صاحب ڏاڍو جذباتي هو جو آفتاب رضا ۽ بابو غلام حسين ڪن دوستن سان گڏجي بلوچ صاحب وٽ آيا ۽ ڪنفيڊريشن جو پرچار ڪري پنجاب تي ڇوهہ ڇنڊي ويا هئا. بلوچ صاحب چوي تہ "سنڌ جا اهي سپوت قائد عوام جي شهادت مهل ڪيڏانهن ويا هئا. پنجاب جي ماڻهن پاڻ کي باهيون پئي ڏنيون ۽ هنن شاديون پئي ڪيون. جڏهن تحريڪ جو وقت هو تڏهن هنن پارٽيءَ سان غداري ڪئي، هاڻ تہ حڪومت لاءِ جهيڙو آهي." سنڌ جي احساس محروميءَ جا "نوان ترجمان" بلوچ صاحب جي گفتگوءَ سان ايم آر ڊي جي جدوجهد جو موضوع ڇڙي ويو. دوستن مون کان منهنجي راءِ پڇي تہ مون کين چيو تہ "ڀٽي شهيد جي شهادت سبب پاڪستان ۾ پراڻي روائتي قيادت کان بيگانگي جي لهر اٿي هئي، تنهن کي بہ ختم ڪرڻ لاءِ هن جدوجهد کي وقت جي ضرورت سمجهي شروع ڪيو ويو. پاڪستان جي مستقل حاڪمن فردن توڙي

ادارن ڪي صاف نظر اچي رهيو هو تہ قائدعوام جي شهادت کان پوءِ پيدا ٿيل اپار ۾ سنڌ جي روايتي وڏيرائي قيادت طرفان قائد عوام جي شهادت تي مجرماڻي خاموشي سبب جيڪا نئين قيادت اڀري رهي هئي، سا ڪنهن بہ صورت ۾ سندن مفاد وٽان ڪو نہ هئي. تنهنڪري ٿي سگهي ٿو تہ هڪ سوچ تحت ئي انهن پراڻن ليڊرن جي قيادت ۾ ئي زوردار تحريڪ هلرائي پئي مقصد حاصل ڪيا ويا هجن. اهو بہ ممڪن آهي تہ پراڻي قيادت جي گرفتارين کان پوءِ نئين ليڊرشپ جي اڳيان اچڻ واري خوف کان ئي تحريڪ ڪي مايوس ڪن انداز ۾ ختم ڪيو ويو هجي.“ (عابد زبيري ڪچهريءَ ۾ اهڙي ڳالھ ڪئي هئي تہ جتوئي صاحب جو بيان وقتائتو آهي، هاڻ تحريڪ غلط هٿن ۾ وڃي رهي هئي.“)

”هڪڙي پاسي هن تحريڪ کي هڪڙي صوبي ۾ زور وٺائي مٿس بيپناھ تشدد ڪري انهيءَ صوبي جي ماڻهن کي مرڪزي سياست کان بيگانو ڪيو ويو تہ ٻئي پاسي سنڌ جي احساس محرومي بابت ڪاغذي ڪارروايڻ ۽ بيانن جو طوفان کڙو ڪري سنڌ جي ماڻهن جي اڪيلائپ جي احساس کي وڌيڪ اجاگر ڪيو ويو نہ تہ ڇا تحريڪ استقلال جو مشير پيش امام ۽ پنجاب جو نسل پرست رهنما دولتانہ ۽ ڇا صوبن جي خودمختياري ۽ سنڌي ماڻهن جا حق! اهي ٻئي بہ چون تہ ”صوبائي خودمختياري ڏيو ڪرنسي، دفاع ۽ خارجہ پاليسي مرڪز وٽ هجي، سنڌ سان زيادتي آهي! پنجاب سنڌ سان زيادتي ۾ شريڪ نہ ٿئي!“ سبحان الله. رائو فرمان علي بہ چيو آهي تہ پنجاب کي رڳو پاڻ کي پاڪستان نہ سمجهڻ گهرجي. ذات پنجابي اردو دانشور ڪاهي پيا آهن سنڌ جي احساس محرومي خلاف جنگ ۾. جڏهن سڄي سنڌ سڙي رهي هئي، تڏهن غير سنڌي دانشورن کي نانگ سنگهي ويو هو. اردو اڪثريتي جماعتن، نوراني واري جمعيت ۽ جماعت اسلامي ٻڙڪ نہ ٻوليو سنڌ جي قتلام تي، بلڪ انهن تحريڪ جي مخالفت بہ ڪئي ۽ ڪٿي ڪٿي تہ تحريڪ جي ڪارڪنن سان مقابلا بہ ڪيا. شهرن ۾ موجود نام نهاد پرولتاريہ بہ هن ڪوس تي خاموش تماشائي هئي. تحريڪ جي ختم ٿيڻ شرط ئي اردو اخبارن کي ياد پئجي ويو آهي تہ مهراڻ رنگ ۾ سنڌ ايڊيشن شايع ڪيا وڃن، سنڌي ادب جا ڏڌا ڏڌ ترجما ڪري شايع ڪيا پيا وڃن، جن سرڪاري آفيسرن جا هانوَ اجرڪ ۽ سنڌي ٽوپي پڇائڻ سان ڏرندا هئا سي بہ سنڌ جي حقن ۽ احساس محروميءَ جي خاتمي لاءِ جاکوڙين پيا. ڊاڪٽر حميده کهڙو ۽ سندس پارٽي سنڌ جي قتلام مهل چپ، باقي هاڻ ”سنڌ سان ظلم آهي“ جون صدائون بلند ڪري رهيون آهن. ڊاڪٽر صاحبہ سرڪاري عهديدار هئڻ جي باوجود غير ملڪي صحافيءَ کي وٺي دادو جيل جو معائنو ڪرايو ۽ ڊاڪٽر صاحبہ اعلانيہ سنڌو ديش جي حمايت ۾ بيان جاري ڪيا آهن. اها بہ سوچڻ جي ڳالھ آهي تہ سنڌ ۾ صوبائي خودمختياري جون ڳالهيون پيون ٿين ۽حاڪم چپ آهن! انهن جماعتن جي اڪثر ليڊرن جا تہ سنڌ ۾ خودمختياريءَ جي نالي ٻڌڻ سان بہ نڪاح خطري ۾ پئجي ويندا آهن. جن کي سنڌ ۾ صوبن سان دشمني جڻ دين جي ورثي ۾ ملي هجي تن جي ماٺ واقعي حيرت ۾ وجهندڙ ڳالھ آهي، جڻ سرڪاري سرپرستيءَ ۾ قومي مسئلي کي شدت سان اڀاريو پيو وڃي.

اها بہ حقيقت آهي تہ پ پ جي رهنمائن جو رويو بہ جدوجهد کي سنڌ ۾ ئي زور وٺائڻ ۽ محدود ڪرڻ جو پئي لڳو. انهيءَ ۾ ڪو شڪ ناهي تہ پنجاب ۾ بہ پ پ جلوس ڪڍيا، گرفتاريون ڏنيون، احتجاج ڪيو پر اتي اها سرگرمي نہ هئي جيڪا سنڌ ۾ هئي. پنجاب جي صف اول جي اڳواڻ فاروق

لغاري جو رويو آغاز ۾ ئي تحريڪ لاءِ ٿڌو هو. سنڌ ۾ جتوئي صاحب تحريڪ جو باقاعده آغاز ڪري بلدياتي چونڊن جي بائيڪاٽ جو فيصلو ڪيو. جڏهن تہ فاروق لغاري انهيءَ وقت بہ ڪارڪنن کي بلدياتي چونڊن جي تياريءَ جي هدايت ڪئي. پر جڏهن سنڌ ۾ تحريڪ جو آغاز ٿي ويو تہ پنجاب سنڌ سان يڪجهتي طور حصو ورتو. سرحد ۾ بہ گرفتاريون ٿيون پر اتي تحريڪ جو زور ڪو نہ هو. سرحد جي اهم سياسي قوت عوامي نيشنل پارٽي ۽ ايم آر ڊي جي مرڪزي رهنما بلور تہ تحريڪ جي آغاز ۾ ئي تحريڪ کي ڪاپاري ڌڪ هنيو ۽ عملي طرح عليحدگي اختيار ڪري ڇڏي.

خود قيادت تحريڪ کي سنڌ ۾ زور وناڻ ۽ محدود ڪرڻ جو طريقو اختيار ڪيو (خبر ناهي ڇو؟) جتوئي صاحب تحريڪ جي آغاز ۾ ڪراچي پريس ڪلب ۾ خطاب ڪندي اهڙو لهجو اختيار ڪيو جنهن سان لڳو ٿي تہ پاڪستان ليول تي جمهوريت جي بحاليءَ لاءِ نہ پر خودمختياريءَ جي جدوجهد جو آغاز ٿي رهيو آهي. پ پ جي حوالي سان سنڌ جي ٻي وڏي شخصيت ممتاز علي ڀٽي بہ پنهنجي تقريرن ۾ ايم آر ڊي جي جدوجهد کي اجرڪ، ٽوپي ۽ پٽڪي جي جدوجهد قرار ڏئي ماڻهن جي قومي جذبي کي اڀاريو. سنڌ ۾ ان وقت جي مقبول رهنما مخدوم خليق الزمان جنهن هن هلچل کي هلائڻ لاءِ سنڌ جي شهرن ۽ ڳوٺن جا دورا ڪري اهم ڪردار ادا ڪيو. تنهن بہ سنڌ جي سورهيہ پٽ ذوالفقار علي ڀٽي ۽ سنڌ جي مارئي بينظير ڀٽو جو ذڪر ڪري پلاند واري جذبي کي جاڳايو. (يقينن مخدوم صاحب سڀ ڪجهہ جذبي ۽ جوش وچان ئي ڪيو ڇاڪاڻ جو مخدوم صاحب ايم آر ڊي جو پاليسي ساز اڳواڻ نہ پر نج عوامي رهنما هو. سندس سمورو زور عوام ۾ اپار ۽ جوش پيدا ڪرڻ تي هو. پنهنجي لب و لهجي جي ڪري ئي عوام ۾ وڏيڪ مقبول هو. هڪڙو مخدوم طالب المولىٰ جو سهڻو پٽ، ٻيو وري ڳالهيون عوامي، تنهن مخدوم صاحب کي عوام ۾ هر دلعزيز بنائي ڇڏيو.) ڀٽي صاحب جي ڪيس دوران بہ مخدوم صاحب جون تقريرون ماڻهن کي جذباتي ڪري ڇڏينديون هيون. سعيد آباد ۾ هڪڙي جلسي ۾ تقرير ڪندي چيائين تہ ”جن آڳرين سدائين هيرن جون منڊيون ۽ جن ٻانهن سونيون واچون پاتيون آهن، تن ٻانهن ۾ هاڻ هٿڪڙيون پائڻ لاءِ تيار آهيان“ تہ ويٺل ماڻهو ڏاڍا جذباتي ٿي ويا ۽ هالا جي مشهور شخصيت حاجي الله داد راهو بي اختيار روئي ڏنو. هڪڙي جلسي ۾ مخدوم صاحب چيو تہ ”ڀٽي صاحب جي ڦاسي سڄي سنڌ ۾ درياءَ کي ريتو ڪري ڇڏيندي.“ اهڙيون ڪئين جذباتي ڳالهيون مارشل لا وارن کي سخت ناپسند هيون. سندس تقريرن تي مارشل لا هيڊ ڪوارٽر ۾ بار بار طلبي ٿيندي هئي.

مخدوم خليق سائينءَ کي 1977ع ۾ سنڌ پ پ جو نائب صدر نامزد ڪيو ويو. انهيءَ زماني کان وٺي 1983ع جي تحريڪ تائين پاڻ ڏاڍو سرگرم رهيو آهي. ايم آر ڊي کي منظم ڪرڻ لاءِ سنڌ جا ڏاڍا دورا ڪياسين. ايم آر ڊي جو پهريون جلسو ماتليءَ ۾ ڊاڪٽر اسماعيل ۽ بشير لغاري ڪرايو تہ ان جو مهمان خصوصي بہ مخدوم صاحب ئي هو. ستار بڇاڻي صاحب جي ٽوپر گاڏي جيڪا پوءِ ملڪ لعل خان ورتي، تنهن ۾ مخدوم صاحب، بڇاڻي صاحب، سائين حسين شاهہ، ملڪ صاحب، غازي ۽ آءٌ هوندا هئاسين. سڄي سنڌ ۾ جلسا ۽ گڏجاڻيون ڪيوسين. ٽوپر ۾ بہ ڄڻ سڄي جهان جون خبرون هيون. اهو دورو بہ ڏاڍو مزيدار هوندو هو. مارشل لا وارن وٽ اها ٽوپر ۽ ٽيم ڏاڍي بدنام هئي.)

انهيءَ ۾ بہ ڪو شڪ ڪونهي تہ ڀٽو شهيد، سندس خاندان ۽ پارٽيءَ لاءِ جيڪو جذبو سنڌ ۾ موجود

آهي سو ٻين صوبن جي جذبن ڪان مختلف آهي. ڀٽو صاحب پاڪستان ۾ جدوجهد جي نشانيءَ سان گڏوگڏ سنڌ جي سورهين مخدوم بلاول، شاهه عنايت ۽ دولهه دريا خان واري حيثيت اختيار ڪري ويو آهي. بينظير صاحبه ڪي سنڌ ۾ ماروي ملير جي چيو پيو وڃي. پاڪستان ڪان ترت ئي پوءِ سنڌ جي ماڻهن ۾ پاڻ سان زيادتي ۽ ٻه اڪيائيءَ جو احساس پيدا ٿي چڪو هو ۽ انهيءَ احساس ڪي شهيد ذوالفقار علي ڀٽي جي شهادت وڌائي ڇڏيو. سنڌ ۾ ڀٽو ۽ سنڌ هڪ ٿي ويا هئا ۽ ڀٽي صاحب جي قتل جو پلاند ۽ قومي ويڙهه گڏجي هڪ ٿي ويون هيون. انهيءَ ڪري سنڌ جي احتجاج ۽ ٻين صوبن جي احتجاج ۾ فرق ٿيڻ فطري هو پر صورتحال تي غور ڪرڻ سان ايئن ٻه لڳي ٿو ته قومي سوال ڪي اپاري ڪو خاص مقصد ٻه حاصل ڪيو پيو وڃي. منهنجي خيال ۾ جنرل ضياءَ پنهنجي مخالف سياسي طوفان ڪي شڪست ڏيڻ لاءِ نسلي نفرتن ۽ مذهبي منافقين جو خطرناڪ هٿيار استعمال ڪري رهيو آهي. ليڊرن جي نيت ڪهڙي ٻه هجي پر سنڌ جي عوام برصغير جي سياسي جدوجهد جي تاريخ ۾ ناقابل فراموش سونهري باب جو اضافو ڪيو آهي. موجوده جدوجهد جا ٽڪرا نتيجا نڪرن يا نه نڪرن پر موجوده تحريڪ پاڪستان جي آئنده جي سياسي اٿل پٿل تي وڏو اثر وجهندي ۽ عوام جي چرپر هر حال ۾ آمريت لاءِ مشڪلاتون ئي پيدا ڪندي.

## خان محمد جماليءَ جي جيل ۾ آمد

(17_ اپريل 1984ع)

صبح جو سادي ڇهين وڳي در کُليو. فدا حسين ڪي اٿاريم. ٽورو پنڌ ڪيوسين. نائين وڳي ڪچهري ۾ ويس. ڪچهريءَ ۾ شاهه سائين جي بيتن جي حوالي سان ڪچهري ٿي. ڪچهري جو موضوع هو ته استحصال جي شڪار ماڻهن ڪي ئي استحصال خلاف جنگ ڪرڻي پوندي، بڪ جو خاتمو اهي ئي ڪندا جن جو بڪ مسئلو هوندي، مڪمل عوامي انقلاب، عوام جي اڪثريتي خواهشن ۽ مسئلن ڪي حل ڪرڻ سان ئي برپا ٿيندو.

ڏکيون جان نه مڙن، تان تان پيٽ نه ٿئي،
پٽڻ واريون پڌريون، ڳاڙها ڳل سندن،
ٻيون هُنهين هٽ هٽن، روئنديون روئڻ واريون.

جن دوستن ڪي اسپتال وڃڻو هو تن ڪي وٺي ڊاڪٽر پاتوليءَ سان مليس. ٻنپهرن جو عالم شاهه ڪمري تي آيو ماني گڏجي کاڌي سين. 2 وڳي ڌاري نٽي جو دوست شوڪت شاهه عرف بابو شاهه جيڪو ٽيون ڏينهن سکر جيل مان آزاد ٿي آيو آهي، سو پنهنجي ڀائرن ۽ نٽي جي ٻين دوستن سان ملڻ آيو هو. تنهن سان ملاقات ڪئي سون. بابو شاهه ۽ آءُ نور محمد هاءِ اسڪول ۾ گڏ پڙهيا آهيون. ڪيئي سال ڪو نه ملياسين، هتي جيل ۾ ملياسين ته هڪٻئي ڪي سڃاڻي ورياسين. نٽي جا دوست بابو شاهه جي ڏاڍي تعريف ڪندا آهن ته تحريڪ دوران هن وڏي همت جو مظاهرو ڪيو آهي. شوڪت شاهه ٻڌايو ته هن سان گڏ شريف قريشي ٻه رها ٿيو آهي. شريف جي رهائيءَ جي ڏاڍي خوشي ٿي، جڻ پاڻ آزاد ٿيو آهيان. شريف گهريلو مسئلن جي باوجود جيل وڏي همت ۽ صبر سان گهاريو آهي. جيل جا ٻيا دوست ٻه

سندس تعريف ڪندا آهن، شريف ڪي آفرين هجي.

ٿيون ڏينهن ڪان فدا ڏيري ۽ بلوچ صاحب ڳالهه ڪئي آهي ته موري جي اهم شخصيت خان محمد جمالي صاحب اسپتال مان اچي رهيو آهي، تنهن لاءِ رهڻ جو بندوبست ڪجي. ڏيري صاحب جو خيال هو ته اسين خالد گهلوءَ جي ڪمري ۾ وڃي رهون ۽ اسان کي احساس هو ته خالد نهايت نازڪ ۽ نفيس ماڻهو آهي، اسان ۽ اسان جي مهمان جي گهڻي اچ وڃ ڪيس پريشان ڪندي. اسان وٽ اڪثر سياسي دوست ڏينهن جو آرام ڪرڻ ايندا آهن، سو اسان جي خالد گهلوءَ واري ڪمري ۾ وڃڻ جي صلاح ڪو نه بيٺي.

شام جو 6 وڳي بابو شاهه جي پاءُ شاهد شاهه طرفان دوستن جي اعزاز ۾ چانهه پارٽي هئي. ڪورٽ وارڊ ۾ ويس ته چاچو شاهنواز خان، فدا ڏيرو، الهه بچايو لغاري، سليمان شاهه، مولانا جاويد نعماني، رفيق صفي، غلام رسول زنگيجو نواز جتوئي، علي احمد ٽالپر، (ٽنڊو محمد خان)، سنجر چانڊيو محب شاهه، بابو غلام حسين، سليمان لنڊ، شير خان لنڊ، نور محمد ٽيبو مشتاق مگريو بخت کهاوڙ يونس پان، مصطفيٰ ڪورائي ۽ ٻيا ڪافي دوست ويٺا هئا. شير خان لنڊ، دوستن جي فرمائش تي پنهنجي پياري آواز ۾ اياز، منشي ۽ امداد حسينيءَ جا گيت ٻڌايا.

ٿوري دير عالم شاهه وٽ ٽونٽري تي ڪچهري ڪري وارڊ ۾ آيس. اڄ وارڊ ۾ محترم خان محمد جمالي جو اضافو آهي. جمالي صاحب ملڻ جلڻ ۾ پلو ڪچهريءَ جو پيارو ساٿي آهي. پوڙهي نائين ڏاري ماني ڪاڌي سين. مانيءَ کان پوءِ پنڌ ڪندي جمالي صاحب سان ڪچهري ٿي، ڪچهري ۾ گهڻو ڪري ايم آر ڊي جا احوال هئا. جمالي صاحب ٻڌايو ته "موري، نوشهري، چانڊين جي ڳوٺ (سڪرنڊ) ۾ لاڪاٽ ۾ وحشياڻي طريقي سان عوام تي تشدد ڪيو ويو. لاڪاٽ تي ساڍا 11 ڪلاڪ فائرنگ ڪئي وئي، آخر ۾ هيليڪاپٽر مان باهه جا گولا اڇلايا ويا. چانڊين جي وڏي چمار جي چڱي مڙس تي ڏاڍو ٽارچر ڪيو ويو. سندس اکيون ۽ ٻانهون ٻڌي ڊوڙايو ويو. انهيءَ ڪري مڙس جا پير سُڄي پيا. سندس حالت خراب ٿي وئي پر سندس علاج جو ڪو به بندوبست نه ڪيو ويو. موري ۾ سونهري فارم وٽ هر ايندڙ ويندڙ بيگناهه ماڻهو تي فائرنگ ڪئي وئي، ظلم جي انتها هئي. هڪڙي انڌي تي به گولي هلائي وئي!" جمالي صاحب کان تحريڪ دوران سندس بنگلي کي باهه ڏيڻ واري واقعي بابت پڇيم ته چيائين، "اها مارشل لا جي دلال وڏيري جي حرڪت هئي، انهن چاهيو ٿي ته اسين ۽ جتوئي پاڻ ۾ وڙهي پئون ۽ موري ۾ تحريڪ کي نقصان پهچي، پر اسان کي خبر هئي ته اهو ڪم جتوئين نه ڪيو آهي. اسين ۽ جتوئي هڪٻئي جا دشمن برابر آهيون پر جتوئي صاحبان اهڙي ڪريل حرڪت نٿا ڪري سگهن. هنن جي سياسي جهيڙي جو طريقو مختلف آهي." جمالي صاحب ٻڌايو ته ٻن ڏينهن کان اخبارون ڪونه پڙهي سگهيو آهيان، اخبارون پروءَ سان پريون پيون آهن. سوير ئي اسپتال جي ٻاهران وڪاميو وڃن، اڄ به پروءَ سان عبرت پري پئي هئي. سندس احوال سندس دهشت جا قصا تفصيل سان هئا. اڄ جنگ ۾ ايس پي جو بيان هو ته پرو بهادر هو ۽ سندس مارڻ جو سهرو فرض شناس پوليس جي سر تي آهي.

اڄ صبح جو بي بي سي تان نوابزادي نصرالله خان جيڪو ٽيون ڏينهن آزاد ٿيو آهي، جو انٽرويو

نشر ٿيو جنهن ۾ بيگم نصرت ڀٽو صاحبه ۽ صاحبزادي بينظير ڀٽو جي تمام گهڻي تعريف ڪيل هئي. نوابزادي ملڪي سالميت ۽ جمهوريت جي سلسلي ۾ هنن جي ڪردار کي خراج تحسين پيش ڪيو ۽ اميد ظاهر ڪئي ته ٻئي جلد وطن وري ملڪ ۽ قوم جي خدمت ڪنديون.

سيد شاهد شاهه رهائي کان ڪجهه عرصو پوءِ پوليس جي فائرنگ جي نتيجي ۾ مارجي ويو.

## ۽ جڏهن پ پ ايم پي اي گڏهه گاڏي تي چڙهي اسيمبلي پهتو

(18 ـ اپريل 1984ع)

صبح جو پير معظم آيو. ٻڌايائين ته 9:30 وڳي بي ڪلاس ۾ محترمه بينظير صاحبه جو ڪتاب "پاڪستان اُمنڊتا طوفان" پڙهيو ويندو، ان ۾ شريڪ ٿيڻو آهي. وقت تي پهتس. ڪافي دوست ڪتاب ٻڌي رهيا هئا. محمد بخش ميمڻ ڪتاب پي پڙهيو. هن ڪتاب ۾ پ پ جي حوالي سان حال ۽ مستقبل متعلق بحث ۽ منصوبا هئا. هي ڪتاب هندستان ٽائمز ۾ شايع ٿيو آهي ۽ ٻڌايو ويو آهي ته هن ڪتاب جي مصنفه بينظير صاحبه آهي پر محترمه طرفان هن ڪتاب جي مصنف هجڻ جي ترديد ڪندي ڪتاب سان لاتعلقي جو اعلان ڪيو ويو آهي.

يارهين وڳي ڊاري حسين شاهه ڏي ويس. ٻين وڳي ڊاري ملاقات جو سڏ ٿيو عالم شاهه ۽ آءٌ ملاقات جي ڪمري ۾ وياسين ته پ پ سنڌ جي خاتون رهنما نورجهان سومرو ويٺي هئي، ساڻس 3 عورتون ٻيون به گڏ هيون. نورجهان سومرو ڪجهه ڏينهن اڳي رها ٿي آهي. هن ٻڌايو ته نارا جيل به ويئي هئي ۽ سياسي قيدين سان ملاقات ڪري آئي آهي. محترمه سياسي قيدين لاءِ فروٽ وغيره به وٺي آئي. نورجهان سومرو جو گهر وارو انجنيئر آهي. 1978ع ۾ محترمه بينظير صاحبه سان سنڌ جي دوري ۾ به گڏ هئي. نورجهان سومرو سان گڏ ڪراچيءَ جون بيگم شميم اين ڊي خان، فريده خانم، تاجدار صديقي جيڪا سدائين مرداڻا ڪپڙا پائي مرداڻي لهجي ۾ ڳالهائيندي آهي، بزرگ خاتون امينه ناگوري ۽ منيره شاڪر سنڌ ۾ تمام گهڻيون سرگرم آهن. بيگم شميم اين ڊي خان سکر جيل ۾ نظربند هئي. شيرين سومرو ڪيس ۾ سکر کان حيدرآباد شنوائي تي ايندا هئاسين ته هوءَ به ڪراچي شنوائي تي ويندي ريل ۾ اسان سان گڏ هوندي هئي.

نورجهان سومرو جو ڀاءُ احمد علي سومرو به پارٽيءَ جو بنيادي ڪارڪن ۽ ڪراچيءَ جي اڳواڻن مان آهي، هن وقت نارا جيل ۾ قيد آهي. سومرو صاحب ڀٽي صاحب جي وقت ۾ ايم پي اي هو. هڪ دفعي اسيمبلي ۾ ويندي کيس دروازي تي روڪيو ويو جو هو پنڌ هو. هن احتجاج ڪيو ته "مون وٽ گاڏي ڪونهي ته ڇا ٿي پيو، اسيمبلي ۾ داخل ٿيڻ تي منهنجو به ايترو ئي حق آهي جيترو ڪنهن گاڏيءَ واري ميمبر جو" ڪافي گوڙ ٿيو ۽ سومرو صاحب موٽي ويو ۽ گڏهه گاڏي تي چڙهي آيو ۽ گڏهه گاڏي سوڊو وڏي شان سان اسيمبلي بلڊنگ ۾ آيو ۽ گڏهه گاڏيءَ کي ڪارن موٽرن جي ڀر ۾ اچي بيهاريو. سومرو صاحب سڄي خاندان سميت پارٽي ۾ سرگرم آهي.

شام جو خبر پئي ته عبدالحسين پنهور جي رهائي جو آرڊر آيو آهي ۽ تيار ٿي ماڙي ڏي وڃن پيا،

ڪانئن موڪلائڻ وبس عبدالحسين سان گڏ هوسڙيءَ جي ٻين دوستن کي آزاد ڪيو ويو آهي، جن ۾ عبدالحسين جو ڀاءُ عبدالجبار، چاچو محمد رحيم پنهور، جمشيد پنهور، علي شير سولنگي، گلشن ڪيچي ۽ ٻيا شامل آهن. دوستن ٻڌايو ته هنن دوستن تحريڪ دوران هوسڙي ۾ وڏي همت جو مظاهرو ڪيو ۽ گرفتار ڪيا ويا ۽ ڪين گرفتاريءَ کان پوءِ رها ڪيو ويو پر هي جوشيلا ڪارڪن وري گڏ ٿيا، نعرا هڻندا حيدرآباد آيا ۽ اچي گرفتاري ڏنائون. ڪين شاباس هجي نه ته هوسڙيءَ ۾ پارٽيءَ جي دعويدارن ۽ ڪنڌارن جي ڪمي ڪو نه هئي. هي دوست جيل ۾ وڏي همت ۽ صبر سان رهيا. عبدالحسين سنڌ پيپلز هاري ڪميٽي جو سرگرم دوست ۽ اسٽڊي سرڪل جو پابند ساٿي هو.

## زهر پيو کاوان، تون به کائيندين؟

(19- اپريل 1984ع)

نائين وڳي ڪچهريءَ ۾ شريڪ ٿيس. اڄ ڪامريڊ جام ساقيءَ جي ڪيس ۾ محترمه بينظير ڀٽو جو ڏنل بيان پڙهيوسين. حسين شاهه سان ڪچهري ٿي. عالم شاهه ۽ آءٌ گڏجي ڪمري تي آياسين. ماني گڏ کاڌي سين. ٻين وڳي خبر پئي ته آفتاب رضا مغل کي آزاد ڪيو اٿن. آفتاب کان موڪلائي ڪيس رخصت ڪيوسين. آفتاب شڪل شبيهه جو سهڻو ريشمي کاڌيون پايو، ڇڀي ڇڀي پيو ڳالهائيندو، گهڻو ڪري ڪريز خراب ٿيڻ جي ڊپ کان سئون سڌو پيو هوندو. حفيظ پيرزادي ۽ ممتاز ڀٽي صاحب کان گهڻو متاثر هو. سنگت به ڪيس نئڙو حفيظ چوندي هئي.

آفتاب جي پاڻاري سائين جيئل شاهه جي ويجهو هئي. بئرڪ جا ٻيا همراهه صبح جو تيار ٿي ٻاهر ويندا هئا ته جيئل شاهه پٽ جي پاسي ۾ رکيل پنهنجو ٽين جو دٻو کولي، ان مان ڳوٺان گهرايل منايون ۽ خوراڪون پٽ ڏي منهن ڪري پيو کائيندو هو. آفتاب به ڪيس تاڙي ورتو. تيسين ماٺ هوندو جيسين جيئل شاهه وات چوري. جيئل شاهه وات هلايو ته آفتاب سُر ۾ چوندو هو ته ”سائين جيئل شاهه ڇا پيو کائي؟“ سائين چوندو ادا فلاڻي شيءِ، کائيندين؟ آفتاب به هائو ڪندو هو هن وٽ نه ته هئي ئي ڪا نه. اهو سلسلو ڪافي ڏينهن هليو. هڪ ڏينهن شيون به کٽل هيون ۽ جيئل شاهه به بيزار. جيئن ئي جيئل شاهه پٽ ڏي منهن ڪري دٻو کوليو ته پل رکي آفتاب سُر ۾ چيو ته ”سائين جيئل شاهه ڇا پيو کائي؟“ جيئل شاهه باهه ٿيو وينو هو تنهن رڙ ڪري چيو: ”سائين جيئل شاهه زهر پيو کائي، کائيندين؟“ سنگت ٻڌو. ڪي ڏينهن آفتاب جو سريلو سوال ۽ جيئل شاهه جو زهريلو جواب سنگت جي وات تي هو.

آفتاب مون سان ستي لاڪ اپ ۽ نارا جيل ۾ به گڏ هو جو هاءِ ڪورٽ طرفان شهيد ڀٽي کي ڏنل سزا خلاف احتجاج ۾ شريڪ هو. آفتاب، جيل ۾ توڙي ٻاهر سٺو دوست آهي.

اڄ اخبار ۾ آيو ته ”خبر پئي آهي ته غازي صلاح الدين جنهن جي سزا 25 تاريخ پوري ٿي رهي آهي تنهن کي ٻيهر ٽن مهينن لاءِ نظربند ڪيو ويو آهي.“ جيلر حيدر زمان کان پڇيوسين، چيائين اها خبر ڏياريل ٿي لڳي جو ڪو به آرڊر اچي ها ته پهرين اسان کي خبر پوي ها. اسان واري سنگت مان غازي بابت ذري پرزي جي خبر اخبار ۾ ضرور شايع ٿيندي آهي، انهيءَ سلسلي ۾ سندس مقابلو شڪيل پٺاڻ

سان آهي.

اڄ ايس پي ۽ جيلر قريشي ٻڌايو ”جن چند دوستن کي رها نہ پيو ڪيو وڃي تن ۾ تون ۽ عالم شاهہ بہ شامل آهيو.“

شام جو ستين وڳي عالم شاهہ، ابوبڪر زرداري، عبدالله ملاح، منير پرڪڙي، پير معظم ۽ آءٌ سپرنٽنڊنٽ سان مسئلن تي ڳالهائڻ وياسين. مسئلا ٻڌاياسين. اوقاش وٽ هميشہ ها جي بڪ ڪو نہ هئي ۽ ڊي ايس پي بہ حسب معمول روڙا اٽڪائيندو رهيو ۽ مسئلن کي مڃڻ لاءِ هن پنهنجا شرط رکڻ شروع ڪيا. اوقاش حسب دستور هر حال ۾ ڊي ايس پي سان ها ۾ ها ملائي گهوڙا گهوڙا شروع ڪري ڏني ۽ ٿوري دير کان پوءِ ڪلندي چيائين: ”سائين حاضر ڪنداسين، ٻيو حڪم.“ مون چيس اهو طريقو سٺو آهي وقت گذارڻ جو. دوست بادشاهہ آهن. هنن کي مڙئي مسئلن پيش ڪرڻ جو شوق آهي، ورنہ مسئلا ساڳيا آهن: دوائن جو، پاڻي جو اسپري وغيره جو. اڳيون ايس پي نواز بہ ها ها ڪندو ويندو رهيو ۽ آءِ جي بہ ڪنڌ ڌوڻيندو رهيو ۽ هاڻ اوهان جو وارو آهي، جيسن پنهنجو ساٿ آهي مسئلا هلندا رهندا، اجايو پاڻ کي بہ پيا ٿڪائين ۽ اوهان کي بہ پيا بيزار ڪن.“ اوقاش کلندي چيو تہ .”سدائين ڏاڍي ڪندو آهين پر هاڻ وعدو آهي تہ مسئلا حل ڪنداسين.“ اسان وقت گذارڻ جي نئين وعدي ٿيڻ سان روانا ٿياسين.

ٻڌرڪ 15 جي اڳيان تونئري ڪچهريءَ ۾ شريڪ ٿيس. ڪچهريءَ ۾ حسين شاهہ، عالم شاهہ، الله بچايو لغاري، غلام رسول زنگيجو، اقبال جروار، محبوب جروار، محمد بخش ميمڻ، صالح ڪاتيار، علي احمد لغاري (ماتلي)، علي نواز جتوئي. شريڪ هئا. مزيدار ڪچهريءَ ۾ ٻين جي ذڪر سان گڏ سائين اسدالله شاهہ حسيني جو بہ ذڪر نڪتو ڪافي وقت تائين هن مهربان ۽ محترم شخصيت جو تذڪرو ٿيندو رهيو.

## اسان جو سچ ٻول راڻو

(20_ اپريل 1984ع)

صبح جو سويري ٿورو پنڌ ڪيم. فدا ڏيرو ۽ خان محمد جمالي بہ اتي پنڌ ۽ ورزش ڪندا آهن. اٺين وڳي ڏاري تيار ٿي وينس تہ چاچو شاهنواز خان بہ اچي نڪتو هر جمعي تي چاچو سوير ايندو آهي ۽ ويهي شاهہ پڙهندا آهيون. اڄ بہ رسالو پڙهندا، منير کي ترجمو ٻڌائيندا وياسين.

يارهين وڳي ڌاري چاچو بہ ويو تہ عالم شاهہ بہ ننڊ مان سجاڳ ٿيو. ٻارهين وڳي ڌاري اچي چڪر ۾ الله بچائي لغاريءَ وٽ ڪچهري تي وياسين. حسين شاهہ ۽ ٻي سنگت بہ هئي. ڳالهين دوران لغاري صاحب، حسين شاهہ کان سندس عمر پڇي. حسين شاهہ چيو تہ 36_38 سال هوندي. اسان کي اعتبار ڪو نہ آيو. چيوسين تہ ”ڳالهين مان تہ ڪن جڳن جا پيا لڳو.“ هميشہ وانگر سائينءَ جي خبرن جو موضوع شروع ٿي ويو. ڪالهہ حسين شاهہ جي خان محمد جمالي سان ملاقات ٿي تہ هن جمالي کان سندس والد جي طبيعت پڇي ۽ چيائين تہ ”اوهان جي والد صاحب سان پراڻي نياز مندي آهي. مرحوم

جعفر خان جمالي حيدرآباد ايندو هو ته ان وٽ ملاقاتون ٿينديون هيون.“
اڪثر ڪچهرين ۾ سنڌ جي پراڻن ماڻهن سان ملاقات ٿيندي آهي ته سائين سندن مٽن مائٽن سان تعلق ضرور ٻڌائيندو آهي. حسين شاهه جو حافظو واقفيت ۽ جرئت قابل ذڪر آهي. وٽس ڪا ڪوٽ آهي ته اها جوڪائي جي ڪوٽ آهي. جڏهن اها ڪوٽ ختم ٿي ته گهٽڻ جا تڻ تپائي چڙهيندو. سدائين چوندو آهي ته هن ملڪ ۾ پهرين مڪان پوءِ دسترخوان پوءِ سياستدان.
ٻنپهرن جو ڪمري تي الله بچايو لغاري ۽ نواز جتوئي آيا ۽ وري بابو غلام حسين ۽ نور محمد ٿيٻو به اچي نڪتا، واهه جي ڪچهري ٿي. نور محمد ٿيٻي ۽ لغاري صاحب جو ڏاڍو بحث مباحثو ٿيو. بحث دوران نور محمد ٿيٻي ٻڌايو ته 1976ع ۾ پ پ ۾ شامل ٿيو هو بابو ڳالهه ڪئي ته اعجاز خواجه 78 جي چونڊن ۾ شهيد ذوالفقار علي ڀٽي خلاف فارم ڀريو هو ۽ بيگم صاحبه جلسي ۾ خواجه تي ڏاڍي تنقيد ڪئي هئي.
ڪچهريءَ ۾ اڄڪلهه صوبائي خودمختياري تي بحث ضرور نڪرندو آهي، پر جي اهڙو ڪو موضوع نه نڪري ته پوءِ ڪچهريءَ ۾ ممتاز صاحب سان سڏجندڙ دوستن تي ديني فرض آهي ته اهو ڇيڙي ۽ تنقيد جا سڀ تير پنجاب جي ڪاٽي اک ۾ هڻن. اڄوڪي ڪچهريءَ ۾ سنڌ پنجاب جي پاڻي جو تذڪرو ٿيو. ٿيٻي صاحب جو ڪُل ڏوهاري پنجاب هو ۽ لغاري صاحب جيڪو اڄڪلهه غلام مصطفيٰ خان جتوئيءَ جو نمبر 2 آهي، تنهن کي اتڪل سان ڳالهائڻو آهي، ”صوبائي ڳالهه به ڪبي ۽ مرڪز کي به ڪو نه وساربو.“ لغاري صاحب چيو ”پنجاب بيشڪ ڏوهاري آهي پر سنڌ کي جيڪو پاڻي ملي ٿو سو به ڌيان ڪيو ٿو وڃي، اهو سمورو پاڻي سنڌ جا وڏيرا ڪٽي ٿا وڃن، غريبن کي ڪو به فائدو ڪو نه ٿو پوي، ساڳيا ويل ۾ آهن. نارا ڪئنال ۽ منڇر تي پاڻي ذخيري ڪرڻ جي اسڪيم تي عمل ڪري پنهنجا وسيلا ڪتب آڻڻ کپن.“ ڪچهريءَ ۾ تربيله ۽ چشمه بند جو به ذڪر نڪتو انهيءَ ذڪر سان لغاري صاحب جي ٿر واري دوري جي يادگيري اچي ويئي.
1974ع ۾ لغاري صاحب، جتوئي صاحب جو پوليٽيڪل سيڪريٽري هو سو ٿر جي دوري تي نڪتو. راڻو خان ڀٽو غازي ۽ آءٌ به گڏ هئاسين. انهن ڏينهن تي تربيلا بند جي هڪ سرنگ کي نقصان پهتو هو. انهيءَ ڪري حڪومت سخت پريشان هئي. دوري ۾ عمرڪوٽ پهتاسين ته الله بچائي اسير سپاف جي صدر پاران وڏو جلسو ٿيو. جلسي ۾ مهمان لغاري صاحب هو. راڻي خان ڀٽي تقرير ۾ پنجاب تي ڇتي تنقيد ڪندي چيو ته ”تربيلا ڊيم کي لطيف جي پاراتن ٽوڙيو آهي جو سنڌ وارن کي نقصان هو.“ جلسو پورو ٿيو ته لغاري صاحب چيو ته ”راڻا خان اهڙيون به ٿي تقريرون ڪيئي ته منهنجي نوڪري ته ڇٽي ٿي ويندي پر مورڳو جتوئي صاحب واري نوڪري به ڏچي ۾ اچي ويندي، هوش ڪري هل ٿر ۽ عمر ڪوٽ سرحدي علائقو آهي، هتي ڏسڻ ٻڌڻ ۽ لکڻ وارا جام آهن. پنهنجو سر ويندو هليو.“
راڻو خان سپاف جو مست صدر هو. سپاف جي صدر جي لئه ڏسي پريشان ٿي ويو هو ته ڇا ٿي ويو آهيان!“ سندس ڪيئي خبرون اهڙيون هيون. تقرير ۾ شل نه ڪا ڳالهه مغز ۾ اچيس، پوءِ ڪنهنجي پرواهه ڪو نه ڪندو. بدين سٽيزن ڪلب ۾ وزيراعليٰ جتوئي صاحب کي سپاف جو آجياڻو ڏنل هو. راڻي خان تقرير ڪندي جتوئي صاحب کي سندس دور جي ڪيترين ڳالهين تي ڪريون ٻڌايون، راڻي

خان پنهنجي ان مهل ڊي ايس پي جي پوسٽن جي مقررين تي تنقيد ڪئي. انهيءَ زماني ۾ سنڌ جي بي تاج بادشاهه ڪاموري هوم سيڪريٽري محمد خان جوڻيجي، جنهن کي مير رسول بخش خان ”ڦل ماڇي“ چوندو هو. تنهن جو پٽ به ڊي ايس پي ٿيو هو ڪن ٻين وڏيرن کي به اهي پوسٽون مليون هيون. راڻي خان، محمد خان تي حيران ڪندڙ تنقيد ڪئي هئي. ان تقرير ۾ راڻو خان چوندو ويو ته ”جتوئي صاحب اوهان جي راڄ ۾ پوليس جا هي حال آهن، آفيسرن جو هي حال آهي، وزيرن جا هي ڪارناما آهن وغيره وغيره.“ جتوئي صاحب صبر ته وڏو ڪيو پر سندس شڪل ۽ لهجي ۾ ناراضگي صاف ظاهر هئي.

شهدادپور ۾ سپاف جو جلسو هو. جلسي جو اهتمام مخدوم صاحب جي خاص خليفي پير ڪوڙل ڪيو هو. راڻو خان تقرير لاءِ اٿيو ۽ تقرير ڪندي پير پاڳاري تي تنقيد ڪندي ڪل پيرن ۽ خليفن تي شروع ٿي ويو. پير ڪوڙل مونکي چيو ته ”راڻي خان کي چئو ته وضاحت سان ڳالهائي، پير مخدوم صاحب به آهي.“ مون ننڍڙي پرچي لکي راڻي خان جي هٿ ۾ ڏني، سا راڄ ڏٺي. راڻي خان پرچي پڙهي گهڙي ڪن چپ ڪئي. اوچتو راڻي خان ٻيهر ڳالهايو. چئي ”دوستو اسان جي پياري دوست مولابخش چانڊيي پرچي ڏني آهي، ان ۾ لکيو اٿس ته پيرن بابت وضاحت سان ڳالهايو. پير مخدوم طالب المولىٰ به پير آهي ۽ اهو سينيئر وائيس چيئرمين پڻ آهي ۽ روشن خيال شخصيت آهي. اها ڳالهه صحيح آهي ته مخدوم صاحب اسان جو اڳواڻ آهي ۽ سندس تعليم ۽ ادب جي ميدان ۾ وڏيون خدمتون به آهن پر ساٿيو آءٌ پيرن ميرن کي سنڌ لاءِ نقصان ڪار ٿو سمجهان، تنهن ڪري پاڻ کي پيرن ميرن خلاف جدوجهد ڪرڻي پوندي.“ بس ٿوري مروت سان پر وري اچي پيرن تي شروع ٿيو. راڻي خان جي تقريرن ۽ خبرن راڄ چيڙائي وڌا هئا پر اها حقيقت آهي ته راڻي خان رک رکاءُ ڪو نه ڪئي.

رات جي ماني لغاري صاحب اسان سان ڪاڏي نائين وڳي ڌاري اچي چڪر روانا ٿيا ۽ اسين 9:30 بعد بند ٿياسين.

## عبرت ۽ مجيد عباسيءَ جون خبرون

(21- اپريل 1984ع)

صبح جو اٿي ٿوري دير فدا ڏيري ۽ جمالي صاحب سان گڏجي پنڌ ڪيم. نائين وڳي ڪچهري ۾ ويس. اڄ قائدعوام جا قول پڙهيا ويا. ڪچهري جو موضوع سماج جي تبديلي هو. گفتگوءَ جو حاصل مقصد هو ته جيستائين فڪر نافذ ڪرڻ وارا مجسم فڪر نه ٿيندا ۽ ظالم سماج جي تبديلي چاهيندڙ تبديلي جي ويڙهه ۾ عملي شرڪت نه ڪندا تيسين نه فڪر نافذ ٿيندا ۽ نه ئي سماجي تبديلي ايندي.

ڏکيون جان نه مڙن، تان تان پنڻ نه ٿئي،
پٽڻ واريون پڌريون، ڳاڙها ڳل سندن،
ٻيون هُئين هٿ هٽن، روئنديون روئڻ واريون.

ڪچهري مان اٿي لغاري صاحب ڏي ويس. هو ڪراچي جيل ۾ حسين شاهه جي روبي تي ڏک جو

اظهار ڪري رهيو هو. چيائين ته ٻاهر نڪري پارٽي جي تنظيم تي ڌيان ڏبو. ٻنپهرن جو عبدالحسين پنهور، عبدالجبار پنهور ۽ مسڪين شورو ملاقات تي آيا. سيد سرور شاهه، جان محمد مگريو به ملڻ آيا. جان محمد جي اک ۾ رت جميل هئي. ٻڌايائين ته هالا ڪاليج ۾ جساف جي ڪارڪنن، سپاف وارن تي حملو ڪيو آهي. ٻين وڳي ڏاري نبي بخش ٻرڙي، يوسف ٽالپر ۽ اعجاز خواجه دوستن سان ملڻ آيا، ڪافي دوستن سان مليا. ٽئي ڇٽا ڇڻ صلاح سان آيا هئا. جيل ۾ به ٽيئي گڏ ۾ ممتاز صاحب جي سوچ جا حامي هئا. شام جو حسين شاهه ۽ عالم شاهه وٽ ٽوري ڪچهري به ٿي. ڪچهريءَ ۾ الله بچائي لغاري ۽ حسين شاهه بخاري ۾ ڪافي ڏي وٺ ٿي. موضوع پارٽي جي تنظيم ئي هو. سڄي ڪچهري متفق هئي ته تنظيم خالص تنظيمي ماڻهن جي حوالي ڪئي وڃي جيڪي هيستائين پارٽي جو تحفظ ڪندا آيا آهن. وزيرن ۽ ميمبرن کي تنظيم ۾ مداخلت جي اجازت نه ڏني وڃي. پوڻي نائين وڳي وارڊ ۾ اچي سنگت سان گڏجي ماني ڪاڌم.

اڄ عبرت ۾ وڏي سرخي سان خبر هئي ته ”اڄ کان سياسي قيدين جي رهائي جو ٻيو مرحلو شروع ٿيندو.“ سرخي وڏي هئي ته اميدون به وڏيون ٿي ويون. شام جو وڏي جهاز لڳڻ جي اميد هئي پر جهونا جوڳي چئي رهيا هئا ته ”خبر عبرت جي آهي ۽ سا به مجيد عباسيءَ جي. ڪجهه چئي نٿو سگهجي.“ اڄڪلهه ڪراچيءَ مان مجيد عباسي جون خبرون اهم هونديون آهن. جيڪي وٽندا ۽ پائيندا اٿس تن جي لئه ڪرائي چڙهيندو آهي، پ پ وارا جيڪي وٽنس ٿا تن جون خبرون ڏيئي ٻڌائي چڙهيندو آهي، ته ”فلاڻي فلاڻي جي لنڊن ۽ پئرس ۾ قيادت سان ڳالهه ٻولهه ٿي آهي ۽ ڪيس خاص هدايتون ڏنيون ويون آهن.“ پ پ جي ڪنهن ليڊر يا ڪارڪن جي لنڊن ۽ پئرس مان ڪال جي وڏي اهميت آهي. سائين عنايت شاهه ميرپور واري ۽ ان ڪلاس جي چند ماڻهن جون اهڙيون خبرون جام شايع ٿينديون آهن. عباسيءَ کي جيڪي سٺا لڳندا آهن تن جا نالا شهر جي هر وڏي سياسي اجتماع، شادي مرادي، استقبال ويندي وڏن جنازن ۾ شامل ڪري چڙهيندو آهي، پوءِ ڏٺيءَ کي پلي خبر به نه هجي ته ڪير مئو ۽ ڪير پرڻيو آهي.

اڄوڪي اخبار ۾ علامه نصير الاجتهادي جو بيان به آيو آهي ته ”حڪومت کي سياستدانن سان ڳالهيون ڪرڻ کپن ۽ سياستدانن کي به حڪومت سان دشمني ختم ڪرڻ گهرجي.“ بيان ۾ مولانا جنرل ضياءَ کي صدر محترم چئي مخاطب ٿيو آهي. مولانا فرمايو آهي ته ”حڪومت چوندون ڪرائڻ ۽ اسلامي نظام نافذ ڪرڻ ۾ پرخلوص آهي.“ (مولانا کي اها خبر ڏاڍي دير سان پئي آهي) مولانا اهو واضح ڪو نه ڪيو آهي ته ڪهڙو اسلامي نظام نافذ ڪري رهيو آهي. اهو اسلامي نظام جيڪو مولانا جو عقيدو آهي يا اهو نظام جنهن تي تبرا ڪرڻ سندس عقيدي جو حصو آهي.

مولانا اڄڪلهه مجلس شوريٰ جو ميمبر آهي. شوريٰ جي ميمبر ٿيڻ کان ٽي چار ڏينهن اڳ ۾ قدم گاهِ مولا علي حيدرآباد جي مجلس ۾ پنهنجي سحر انگيز خطاب ۾ هن ضياءَ کي وقت جو يزيد ثابت ڪيو هو ۽ هن خلاف جهاد کي قرآن ۽ حديث جي روشنيءَ ۾ جائز قرار ڏنو هو. هاڻ ميمبر شوريٰ ٿيو آهي ته نه حسين جي سنت جي پرواهه اٿس ۽ نه وقت جي يزيد خلاف جهاد ئي ياد اٿس.

ڦريا پسي ڦِيڻ، ڪرين ڪير نه چڪيو،

دنيا ڪارڻ دين، وڃائي ولها ٿيا.

# شڪيل پناڻ طرفان ڪتاب لکڻ جون تياريون

(22۔ اپريل 1984ع)

هينئر رات جا 11 ٿيا آهن. عالم شاهه، محبوب جروار، اقبال جروار اسان وٽ رهيل آهن. اهي عالم شاهه کان شاگرد سياست ۽ ٻيا سياسي سوال پڇي رهيا آهن، عالم شاهه جواب ويٺو ڏي. منير منهنجي پاسي ۾ ريڊيو کڻي تي رکيو اردو فرمائشي پروگرام ويٺو ٻڌي.

صبح اٿي ٿورو پنڌ ڪيم. اڄ جمالي صاحب کو نہ اٿيو فدا حسين اٿيو پنڌ ڪيائين. عباسي صاحب آيو ٻنهي بيڊ منٽن راند ڪئي. عباسي صاحب، مجتبيٰ خان جتوئي سان گڏ گرفتاري ڏني هئي. مجتبيٰ خان هينئر لانڊي جيل ۾ آهي. عباسيءَ جا ٻيا ساٿي عبدالحڪيم سهڙو، ضياءَ سومرو، حاجي غلام نبي ميمڻ ۽ قادري رها ٿي ويا آهن. عباسيءَ کي خبر ناهي ڇو رها ڪو نہ ڪيو اٿن. آزادين مان ايئن ٿو لڳي تہ ڪجهہ نامور رهنمائن ۽ سرگرم ماڻهن کي ڇڏي باقي ٻين جي رهائيءَ لاءِ ڪٽا پيا نڪرن، جنهن جي نالي جي پرچي تي هٿ اچين تنهن کي ٽا رها ڪن. عباسي صاحب جيل جي لحاظ کان تمام سٺو وقت پيو گذاري، سندس ڪلڇي ملڻي طبيعت سبب دوستن وٽ هن لاءِ پيار ۽ احترام آهي.

راند ختم ٿي. گڏجي ويهي چانهہ پيتي سين. ڪچهري ڪافي دير هلي. ڪچهريءَ ۾ عباسي صاحب ٻڌايو تہ شڪيل پناڻ جيل بابت ڪتاب لکي رهيو آهي. دوست حيران هئا تہ سڄو ڏينهن ڪمري ۾ ويٺو آهي. ڏسي ڇا ٿو جو لکي پيو. ڪجهہ ڏينهن کان هتي عمر قيد ڪاٽيندڙ اديب ماستر مهر ڪاڇيلوي دوستن کان انٽرويوز وٺي رهيو آهي، شايد اهي انٽرويو شڪيل جي ڪتاب لاءِ پيو وٺي.

ڪالهہ رفيق صفي ٻڌايو تہ "شڪيل پناڻ ڪتاب لکي رهيو آهي تہ مون ڇا ڏٺو ان ڪتاب ۾ دوستن جا ڪنڌا ڪٽي ڇڏيا اٿس ۽ طارق اشرف تي وڏا چوهہ چنڊيا اٿس." ڏيري صاحب چيو تہ جيڪڏهن ماستر مهر بہ ان ڪتاب ۾ شريڪ آهي تہ يقيناً مهر، طارق اشرف لاءِ گهٽو ڪجهہ لکيو هوندو، جو طارق اشرف بہ پنهنجي جيل جي ڊائري ۾ مهر تي ڪافي لکيو آهي.

ماستر مهر ڪاڇيلوي سان 1978ع ۾ نارا جيل ۾ ڪچهري ٿي هئي، هن کان ئي معلوم ٿيو تہ هو زال کي قتل ڪري آيو آهي.

ڏهين وڳي اچي چڪر ويندي، جيلر حيدرزمان کان حسين شاهہ بابت پڇيم "حسين شاهہ جي اڄ سزا ختم ٿي آهي ۽ ڪيس رها ٿيڻو آهي." چيائين معلوم ڪري ٻڌايان ٿو. ٻئرڪ 15 ۾ ويس تہ حسين شاهہ ٻڌايو تہ آفيس وارن پرچي موڪلي آهي پر معلوم ڪري پوءِ ويندس. يارهين وڳي حسين شاهہ جو ڀاءُ معصوم شاهہ ملڻ آيو، ان مهل ڊپٽي ٻڌايو تہ حسين شاهہ کي ايم ايل او 78 تحت نظربند ڪيو ويو آهي. حسين شاهہ ٻڌو تہ چيائين "توقع تہ رهائي جي هئي."

اڄ اخبار ۾ عثمان ڪينيڊي جي نظربنديءَ جي بہ خبر آئي آهي. ڪافي ماڻهو رها بہ ٿي رهيا آهن تہ ٽيون ڏينهن وري نواب شاهہ ۾ 40۔30 ڪارڪنن کي سزائون بہ ڏنيون اٿن. شايد حڪومت ماحول

جي مڪمل ساز گار ٿيڻ جي ضمانت ڪان سواءِ سمورن سياسي قيدين کي رها نہ ٿي ڪرڻ چاهي ۽ اهڙن سمورن سياسي ڪارڪنن ڪان جيڪي سرگرم ٿي عوامي رابطو تيز ڪري تحريڪ کي ٻيهر زور وٺائي سگهن ٿا. تن ڪان ذاتي ضمانت وٺڻ چاهي ٿي.

ٻارهين وڳي ڏاري عرس خاصخيلي ملاقات تي آيو. ملاقات ڪري ڪمري تي آيس. سنگت سان ٿوري ڪچهري مس ٿي تہ عالم شاهہ ۽ مون کي وري سڏ ٿيو. وياسين تہ رئيس علي احمد خان نظاماڻي ۽ حسين ابڙيجو آيل هئا. رئيس ٻڌايو تہ ڊاڙيل سندس 3 همراهہ ڪٽي ويا آهن. اڄ موٽي ملڻ جو آسرو مليو آهي. شام جو حسين شاهہ سان ملڻ وياسين تہ ڪو نہ هو. ٿوري دير لاءِ ٽوئنري تي ڪچهري ڪري وارڊ موٽي آيس.

# سياسي قيدين جي نہ ڇُٽڻ جون دعائون

(23- اپريل 1984ع)

صبح جو اٿي پنڌ ڪيم. ساڍي ڇهين ڏاري عباسي صاحب، انور شاهہ، منير، فدا حسين ۽ هادي بخش سهتي بيڊمنٽن راند ڪئي. تيار ٿي ٻئرڪ ڏي ويس تہ اتي عالم شاهہ ۽ حسين شاهہ ڪو نہ هئا. موٽي وارڊ آيس تہ خبر پئي سادات، منير ۽ فداحسين شاهہ وٽا ڪچهري ڪن. اوڏانهن ويس. اتي ظهور عالم صاحب ۽ جمالي صاحب بہ آيا. ماني گڏجي ڪاڌي سين. ٻين وڳي ڏاري ملڪ صاحب ملاقات تي آيو. ملڪ صاحب منير کي چيو تہ ”هاڻ جلد اچ. تنهنجا ٻار روز تيار ٿي ويهن ٿا تہ ابو اڄ ضرور ايندو.“ (رهائيءَ جي افواهن سبب سڀني دوستن جي گهر ۾ اهائي ڪيفيت آهي) ملڪ صاحب ۽ حسين شاهہ سان ڪچهري مهل جيل جو احساس بلڪل ڪو نہ هو رڳو غازيءَ جي ڪمي هئي. ٻاهر بہ هن چوڪڙيءَ جي ڪچهري روز پئي ٿيندي هئي. آزاديءَ جي عارضي احساس کي عبادالله جيلر اچي ختم ڪري ڇڏيو. عبادالله آيو ۽ اچي ويهي رهيو. عبادالله جيلر منهن ۾ پريشان. چوويهہ ئي ڪلاڪ چڙيو وتندو آهي.

ڪچهريءَ ۾ حسين شاهہ حسب عادت راڄن تي ڇوهہ ڇنڊيندي اچي جيل انتظاميہ تي بيٺو. جيل ڪاتي جو ذڪر نڪتو تہ حسين شاهہ جيلن جون ڳالهيون ڪندي ايئن پئي لڳو ڄڻ ڄاڻو. نپنو ۽ وڏو ٿيو ئي جيل ۾ آهي. رٽائر آفيسرن جو ذڪر، فلاڻو سپاهيءَ مان سپرنٽنڊنٽ ٿيو فلاڻو منهنجي جيل اچڻ دوران ڪلرڪ هو پوءِ جيلر ٿيو وري ان کي سپرنٽنڊنٽ بہ ڏٺوسين. ايس پي الاهي بخش جي وقت ۾ رائونڊ مهل قومي ترانو وڄندو هو جيل جي بينڊ بہ هوندي هئي. وغيره وغيره. حسين شاهہ جي ڳالهين مهل عبادالله ڪنڌ ڏوڻيندي ايئن پي لڳو ڄڻ وڏو گويو پنهنجي جوانيءَ جا قصا ٻڌيو پيو مزو وٺي. جيل جا اهي سخت دور جهڙا عباد الله جا ڪارناما هجن. اوچتو عبادالله ٺڏو ساهہ کڻي چيو ”شاهہ صاحب، آپ وہ ترپين (53) کي بات ڪر رهي هين، ڪيا زمانہ ٿا. تب ڪا ڊسپلين ياد ڪرکي، آج ڪا ڊسپلين ديکتي هين تو خون ڪولني لگتا هي. دل چاهتا هي اپنا سر پهوڙ دون يا ڪسي اور ڪا.“ اها ڪيفيت رڳو هن جي ڪونهي، انهن ٻن ٽن آفيسرن کي ڇڏي جن هن افراتفري مان لک ڪمايا آهن، سڀني پراڻن آفيسرن جي آهي. اهي پنهنجي فرعوني دور کي ياد ڪري ماتم ڪري روئي رهيا آهن. هاڻ

اهي جيل ڪونهن جن ۾ ”ماچيس“ بہ بدمعاشي شمار ٿيندو هو. ڪي آفيسر اچا بہ جيلن ۾ پنهنجي خدائي جا دعويدار آهن پر سندن اختيار اڳي جهڙو ناهي رهيو. اها حقيقت آهي تہ هنن قهري ڪوٺن ۾ سياسي قيدين پنهنجي همت، صبر ۽ حوصلي سان وقتن بہ وقتن ڏار پئي وڌا آهن. هن رُڪ ڪي ميڻ ڪرڻ لاءِ ڪيئن سورهيہ پنهنجون جوانيون ۽ زندگيون ٻارڻ ڪري ويا آهن.

جڏهن بہ سانوڻيون اچن
جڏهن بہ پٽ پٽ تي
گهتا گجي گجي وسي
جڏهن بہ مور ٿور ۾
ڏسو نہ ڪنهن هور ۾
جڏهن بہ روجهہ ريجهہ ۾
ڏسو اڀوجهہ ريجهہ ۾
تڏهن نہ هي وسارجو
تہ ڪير سُڄ ۾ ستو.

گذريل ڪيترن سالن کان سياسي قيدي جيل ايندا ۽ اوچن ديوارن ۽ هٽلري قانونن کي ڪمزور ڪندا رهيا آهن، پر ويجهڙائيءَ واري دور ۾ خاص ڪري جنرل ضياءَ جي دور ۾ تہ جيل سياسي قيدين جو ٻيو گهر بڻجي ويا آهن. سياسي قيدين جي اچ وڃ جيلن کي ڪافي نرم ڪري ڇڏيو آهي. ڪاري چڪر جي هڪڙي قيدي ڳالهہ ٻڌائي تہ ”اسان وٽ قيدي روز صبح جو اٽي چوندا آهن تہ ”مولا سياسي نہ ڇٽن، نہ تہ اسان کر مفت مارجي ويندا سين.“ سلام آهي حيدربخش جتوئي، ڪامريڊ غلام محمد لغاري کان وٺي شهيد ذوالفقار علي ڀٽي ۽ سياسي تحريڪن جي اڏول بزرگن ۽ نوجوانن تي، جن پنهنجي عزم ۽ سچائي سان جيل جي ”روهن کي رتيون ڪيو آهي.“

انہیں کے فیض سے بازار عقل روشن ہے،
جو گاہ گاہ جنوں اختیار کرتی رہی۔

ملاقات کان پوءِ ڪمري تي آيس، سائين وارا اڃي چڪر ويا. شام جو هاري ڪميٽيءَ جي شام واري نشست مان ٿيندو، اڃي توئنري ڪڇهري ۾ شريڪ ٿيس. اڄ ڪچهريءَ ۾ حسين شاهہ پنهنجي چين ۽ ڪوريا جي دوري جون خبرون ٻڌايون. سائينءَ جي واتان وڏي عرصي کان پوءِ اهو تذڪرو ٻڌوسين. سائين، ڀٽي صاحب جي وقت ۾ چين ۽ ڪوريا ويو هو. اتان موٽيو تہ سائينءَ جي چپن تي ٻي ڳالهہ هئي ڪو نہ. هر بحث هر ڳالهہ هئي چين ۽ ڪوريا. ايئن ڇئجي تہ انهن ڏينهن سائين کي ”چين ۽ ڪوريا“ فوبيا ٿي ويو هو. مزي مزي جون خبرون ڪندو هو. هڪڙي ڏينهن سپاف جي گول بلڊنگ واري آفيس ۾ داخل ٿيس تہ ڏنم سائين وڏي جوش ۾ وينو هو. هٿ ڏئي وينس ئي مس تہ سائين ناراضگيءَ واري لهجي ۾ چيو ”مولابخش خان هاڻ پنهنجو بہ جهيڙو آهي.“ چيم ”سائين خير تہ آهي؟“ چيائين ”تو واري يار اسان جي يار تي حملو ڪري وڌو آهي.“ مون چيس ”پنهنجا ڪهڙا سنگتي وڙهي پيا آهن؟“

چيائين تو اخبارون ڪو نہ پڙهيون آهن؟ آمريڪا جي صدر فورڊ، ڪوريا جي خلاف جنگ جو اعلان ڪيو آهي.“ سائينءَ جي ڳالهہ ٻڌي هڪڙي پريشاني تہ دور ٿي پر ٻي پريشاني وٺي ويئي تہ سائينءَ جو اهو حال رهيو تہ مڙس هٿن مان وڃائي ويهنداسين. انهن ڏينهن فورڊ ۽ جمي ڪارٽر جي اليڪشن جو دور هو ۽ مون ڪنهن ڪچهريءَ ۾ چيو تہ نڪسن ۽ فورڊ جي زماني ۾ ويٽنام جي جنگ بند ٿي ۽ فورڊ سي آءِ اي کي غير ملڪي سربراهن کي نقصان پهچائڻ جي ڪارروايئن کان روڪيو هو اهڙيون خبرون اخبارن ۾ شايع ٿيون هيون. تنهن ڪري فورڊ، ڪارٽر کان بهتر آهي. فورڊ لاءِ اهي رسمي ڳالهيون سائين ذهن تي رکي ڇڏيون. جڏهن آمريڪا ۽ ڪوريا ۾ اختلاف ٿيا تہ سائين ڪوريا پاران ذري گهٽ مون سان ٿي وڙهيو. انهيءَ ڏينهن جڏهن سائين مون سان مٿين ڳالهہ ڪئي، سائين پنهنجي سيڪريٽريءَ کي وڏي جلال مان حڪم ڏنو تہ ”مجيد فورن هڪڙو ٽيليگرام ڪر، ڪامريڊ ڪم ال سنگ کي، ڪيس ٻڌاءِ سنڌ جا نوجوان اوهان سان گڏ آهن ۽ اوهان جي حڪم جا منتظر آهن.“ سائينءَ جو سيڪريٽري مجيد ميمڻ پلو ماڇهو هو اهو بہ ٻي سنگت وانگر سائينءَ جي خبرن کان پريشان هو. وڏي رازداريءَ سان چوندو هو تہ ”يار سائينءَ کي ڇا ٿي ويو آهي؟“ سائينءَ کي هڪڙو هينڊ بيگ ڪوريا جي دوري دوران ڏنو ويو هو اهو ڳاڙهي چمڙي جو نهيل هو اڪثر سائين اڳيان پاڻهون لوڏيندو هلندو هو ۽ مجيد پويان پويان اهو بيگ کنيو ٽڪڙو پيو هلندو هو. سائين انهيءَ مهل سڪئي ستابي شوقين ٽپيدار جو ڏيک ڏيندو هو ۽ مجيد ٽپيدار جي خاص ماڻهوءَ جيان ڳاڙهي ڪپڙي جي پنن جي پري سان پيو هلندو هو.

سپاف جا اڪثر ضلعي صدر انهيءَ زماني ۾ سائينءَ جي اختيار کان ٻاهر هئا. خاص ڪري منظور وساڻ (خيرپور)، غفور نظاماڻي (بدين) جا تہ وزيراعليٰ جتوئي سان سڌا تعلقات هئا ۽ حيدرآباد جو صدر حاجي رحيم شورو وري غازي ۽ منهنجو گهاٽو يار هو تنهن ڪري اهو بہ سائين کان زور هو انهيءَ صورتحال تي سائين وڏو تفصيلي تبصرو ڪندي چوندو هو ”آءُ بهادر شاهہ ظفر آهيان، منهنجي بادشاهي رڳو هن محل (آفيس) تائين آهي، مولابخش خان دارا شڪوه آهي، پير فقير سڀ سندس حمايتي آهن.“ (سپاف جي ٻين اڳواڻن سان گڏوگڏ عبدالله خان ورياهہ مخدوم صاحب جي گاديءَ جو واسطيدار، سائين پيرل شاهہ پٽ شاهہ جي گادي وارو منهنجا مهربان هئا ۽ سيوهڻ جي گادي نشين مراد شاهہ جو پاءُ حاجن شاهہ لڪياري غازي ۽ منهنجو گهاٽو يار هو.)

سائينءَ جون تشبيهون ۽ نالا رکڻ بہ ڪمال جا هوندا آهن. ڪٽپر صاحب سينيئر وزير ۽ صوبائي صدر هو رنگ جو ڳاڙهو پورو، مٿو وارن کان آجو چمڪاٽ پيو ڪندو هو. هڪڙي ڏينهن حسين شاهہ سنگت سان گڏ ڪٽپر صاحب جي گهر سندس انتظار ۾ ويٺو هو. رات جو وقت هو. ڪٽپر صاحب مٿي کان وٺي پيرن تائين اڇو ٿيو پئي آيو. پاڻ بہ اڇو پرنس ڪوٽ (پ پ وارو) ۽ پينٽ بہ اڇي، بوٽ ۽ جوراب بہ اڇا، روشني ۾ سڄو پئي چمڪيو. سائين ڏسي سنگت کي چيو ”هوشيار ٿيو راءِ بهادر خوبچند پيو اچيوَ“ حسين شاهہ ضياءَ جي ئي دور ۾ مير علي احمد خان کي 23 مارچ تي شيرواني ۽ جناح ٽوپيءَ ۾ ڏسي چيو ”مير صاحب ٻڙي غلام علي خان لڳو پيو آهي.“

هڪڙي ڏينهن مون کي ٻڌايائين تہ سکر جيل ۾ سائين عالم شاهہ کير ۾ اصلي گيهہ ملائي پيئندو هو حسين شاهہ، عالم شاهہ کان ان جو سبب پڇيو تہ ٻڌايائين تہ طاقت وڌندي وغيره وغيره. فائدا ٻڌي

سائين به ايئن ڪيو. چيائين ته ”مون به 2 ڪلو ڪير پاءُ گيهه جو گڏائي ٿهڪائي پيتو ته طاقت ٿئي پر مولابخش خان ڪير پيئڻ کان پوءِ آءُ جهڙو آئل ٽينڪر. جتي بيهان ليڪ ٿيو وڃان.“ سائين حسين شاهه راج سان ته سدائين پيو جنيون ڪندو آهي پر ڪڏهن ڪڏهن پاڻ کي به ڪو نه بخشيندو آهي. هيل تائين رڳو ڄام صادق علي کي سندس تبصرن کان محفوظ ڏٺو اٿم. سائين سدائين سندس تعريفون ڪندو آهي.

ڪچهريءَ ۾ الله بچائي خان لغاري به سنيون خبرون ٻڌايون. لغاري صاحب کي ڪيترن ملڪن جي جاگرافي، موسمن ۽ ماڻهن جي ڪافي معلومات آهي. فرانس، جرمني، روس ۽ ٻين ملڪن جا احوال ٿيا.

9 وڳي وارڊ واپس آيس. ماني کائي بند ٿياسين. منير اڄ خالد گهلو وٽ ترسيل آهي.

## دادوءَ ۾ ماڻهن ضياءَ جي هيليڪاپٽر کي لهڻ نه ڏنو

(25_ اپريل 1984ع)

صبح جو ڇهين وڳي اٿي ٿورو پنڌ ڪيم. ساڍي ڇهين وڳي ڏاري هادي بخش، منير، خان محمد خان، فدا حسين ۽ خالد گهلو بيڊمنٽن راند ڪئي. نائين وڳي ڏاري ڪچهريءَ ۾ ويس. اڄ گڏريل ڪچهرين کي دهرايو ويو. ڪمري تي آيس ته ملاقات جو سڏ ٿيو. علي محمد سومرو آيو هو تنهن سان عالم شاهه ۽ مون ملاقات ڪئي. علي محمد ٻڌايو ته دادوءَ جا ڪافي دوست س. پ. هه. ڪ ۾ ڪم ڪرڻ لاءِ تيار ٿيا آهن. ملاقات جو ٻيهر به سڏ ٿيو. اختر آيو تنهن گهر جي پريشانين جا اڇي احوال ڏنا. اهو به ٻڌايائين ته قائم خاني ايندو آهي.

پنجين وڳي ڌاري ڪورٽ وارڊ ۾ لياقت ڪوسي جي مان ۾ بخت کهاوڙ پاران ڏنل چانهه پارٽي ۾ شريڪ ٿيس. لياقت 16 آگسٽ 1983ع تي ستن دوستن سان گڏجي گرفتاري پيش ڪئي. هئي. ضياءَ دادو ويو ته ماڻهن پاران سخت احتجاج ڪيو ويو هو سندس هيليڪاپٽر کي مقرر هيلي پيڊ بجاءِ ٻي چوديواري ۾ لاٿو ويو. بي بي سيءَ تان انهي سخت احتجاج جي خبر ٻڌي جيل جا سيئي دوست ڏاڍا جذباتي ٿي ويا هئا پر دادو جي دوستن جو جوش ڏسڻ جهڙو هو. دير تائين ”جيئي پنو ماروي ملير جي، ويٽ نام ويٽ نام دادو ضلعو ويٽ نام“ جا نعرا لڳندا رهيا. نعرا هڻندي لياقت ڪوسو بيهوش ٿي ويو. هن کي چاڪ ڪرڻ لاءِ ڊاڪٽر گهرائڻو پيو هو. گڏريل ڏينهن هن جي رهائيءَ جو آرڊر به آيو هو پر هن جو نالو جيل ڪيس ۾ هجڻ ڪري ڪيس رها نه ڪيو ويو اهو ڪيس ايس ڊي ايم تي ڪورٽ ۾ چالان لاءِ پيش ٿيو آهي، تنهن ڪري هاڻ هنن دوستن جا ضامن ٿيڻ شروع ٿيا آهن. اڄ به چئن جو ضامن ٿيو ۽ اهي به رها ٿي ويا. شايد سڀاڻي لياقت به آزاد ٿي وڃي.

پروگرام مطابق بئرڪ ايڇ ۾ ايم آر ڊي جي گڏجاڻي ٿي تنهن ۾ ويس. گڏجاڻيءَ ۾ عالم شاهه، خان محمد جمالي، پير معظم، منير پرڳڙي، عبدالله ملاح، ابوبڪر زرداري، پي اين پي رشيد الدين طارق، قومي محاذ آزادي ۽ جمعيت علماءِ اسلام جا دوست شريڪ ٿيا. فيصلو ڪيو ويو ته، ملاقات واري ڪمري ۾ ملاقات ويجهي ڪرائڻ لاءِ سيخن تي جاري هٽائڻ، مريضن کي دوائون مهيا ڪرائڻ ۽ جيل ۾ هيروئن

جي آمد روڪائڻ لاءِ آءِ جي سان ملاقات ڪئي وڃي. (ملاقات مان ورڻو سرڻو ڪونهي. باقي رهيو هيروئن جي آمد جو مسئلو سو ته سوچڻ به اجايو آهي. هيروئن ته ڪا به. ڪنهن جي وس ۾ ڪونهي پر جنهن هيروئن جي اسان کي ڳٽتي آهي تنهن جي آمد جا ته حڪمران پاڻ ذميدار آهن. تنهن کي اسين ويچارا ڪيئن ٿا روڪي سگهون)

گڏجاڻيءَ ۾ اهو به فيصلو ٿيو ته سکر جيل جي سياسي قيدين جي بک هڙتال بابت معلوم ڪيو وڃي. جيڪڏهن انهن هڙتال ڪئي آهي ته اسان کي به هڙتال جو سڏ ڏيڻ کپي. انهيءَ هڙتال جي خبر بي بي سي به نشر ڪئي هئي. اهو به فيصلو ڪيو ويو ته يوم مئي جو جلسو منعقد ڪيو وڃي ۽ انهيءَ مقصد لاءِ ابوبڪر، منير ۽ منهنجو نالو تجويز ڪيو ويو پر مون پنهنجي جاءِ تي پير معظم جو نالو ڏنو.

اڄ دودو جتوئي، گل پنهور ۽ فيض محمد سيال (ٿيئي دوست) حيدرآباد جيل مان آزاد ٿيا.

## "مهراڄ" جو "نڪاٽو"

(26- اپريل 1984ع)

صبح جو دير سان اٿيس. پنڊ به ڪو نه ڪيم. تيار ٿي ڪچهريءَ ڏي ويس ته اها به ختم ٿي ويئي هئي. غلام رسول زنگيجي سان گڏجي ملاقات لاءِ ويس. آفتاب رضا مغل ملاقات تي آيو هو ساڻس گڏ امير بخش هاليپوٽو هو. شام جو خورشيد جوڻيجو (دادو) ۽ لياقت ڪوسو موڪلائڻ آيا جو جيل ڪيس ۾ سندن ضمانت ٿي ويئي، اڄ رها پئي ٿيا. هنن سان گڏ رفيق جوڻيجو (دادو) ۽ پليجاڻي اسٽيشن جو ساٿي محمد علي پهوڙ به آزاد ٿيا. محمد علي کان سواءِ مجاهد علي مراد خاصخيلي، جمال ڀاٽي، عدلو ڀاٽي، عرس سوهو، محمد شاهه، ايوب سمون، مولانا قمر هاشمي پليجاڻي مان گرفتار ٿي آيا هئا ۽ آزاد ٿي ويا آهن.

لياقت وارن کان موڪلائڻ ماڙيءَ تي وياسين ته ڊپٽي جي آفيس ۾ قاضي محمد بخش ڏامراهه مصطفيٰ ڪورائي، عالم شاهه ۽ ٻين دوستن سان ملاقات ڪري رهيو هو. ساڻس ملياسين. قاضي صاحب ٽيون ڏينهن ڪراچيءَ مان آزاد ٿيو آهي.

قاضي صاحب ايم آر ڊي جي تحريڪ ۾ سرگرميءَ سان حصو ورتو. انهيءَ سلسلي ۾ بنوري جي دوري دوران اتان ئي گرفتار ڪري نظر بند ڪيو ويو هو. ساڻس گڏ حيدرآباد جو نوجوان وڪيل امير علي قريشي به هو. قاضي صاحب ڪچهريءَ جو مور آهي. نظر بندي جو گهڻو حصو هتي ئي رهيو. ڪاري فيڪٽري ۾ غاليچن جي ڪڏين واري بئرڪ ۾ رهندو هو. اتي هر وقت دوستن جو ميڙو متو پيو هوندو هو. سياسي بحث يا تاش راند ۾ سندس هڪلون پيون پونديون هيون. خاص ڪري محترم اسماعيل سوهي سان هجتون دوستن کي ڪلاڪن ڪلاڪ ماندو ڪري وجهنديون هيون. اسماعيل سوهو به ٺٽي جي بهادر سياسي ڪارڪنن مان آهي. پاڻ، سندس پيائر ۽ ڀائٽيا سڀ جيل ياترائون ڪندا رهندا آهن. ڪنهن سياسي سڏ کان منهن ڪون موڙيندو آهي. سيئي پيائر دوستن جا دوست ۽ مهل جا مڙس ماڻهو آهن. قاضيءَ کي سنگت مهراڄ ۽ سندس پاٽاري کي نڪاٽو چوندي هئي جو اتي هر وقت

ڪچهري قائم هئي ۽ قاضي صاحب وهاڻي يا هنڌ تي چڙهيو ساڻن وانگر ويٺو هوندو هو. تقريبن روزانو راڳ جون رهاڻيون ٿينديون هيون. هن ميڙ جا يار محمد خاصخيلي (بدين) ۽ ابو ملاح ڳُل وقتي فنڪار هئا. ابو ملاح جو آواز ڏاڍو سٺو هو. عوامي تحريڪ جو ڪارڪن هو. يار محمد خاصخيلي بدين جي بهادر دوستن مان آهي. شاهه جون وايون نارو ڀڳت جي انداز ۾ ٿالهي وڄائي واهه جون ٻڌائيندو آهي.

قاضي صاحب پارٽيءَ جو بنيادي ڪارڪن آهي ۽ شروعاتي دور کان وٺي پارٽيءَ جو شعلہ بيان عوامي مقرر آهي. سندس تقرير ڪارڪنن ۾ تمام گهڻو پسند ڪئي ويندي آهي. قاضي صاحب سان گڏوگڏ انهيءَ زماني ۾ ڪامريڊ مير محمد ٽالپر ۽ محترم عبدالواحد بروهي (سانگهڙ) بہ پارٽي جا مقبول مقرر هئا. بروهي صاحب کي شير سانگهڙ چوندا هئا. قاضي صاحب پارٽي ۾ هميشہ ورڪرن جي وڪالت ڪندو آهي، انهيءَ ڪري ڪارڪن هن کي تمام گهڻو پيار بہ ڪندا آهن. هن سان اختلاف بہ ڪندا آهن تہ هن جون جٺيون بہ سهندا آهن. قاضي صاحب جيل ۾ وڏي صبر جو مظاهرو ڪندو آهي. تنقيد بہ وڏي همت سان برداشت ڪندو آهي. پارٽيءَ جي مخالفن جي تنقيد صبر سان ٻڌي تفصيلي جواب بہ ڏيندو آهي تہ مخالف جي جائز تنقيد جي حمايت ڪري اهڙيون ڳالهيون بہ ڪندو آهي جو سندس پارٽي جا ئي ڪارڪن ناراض ٿي ويهندا آهن. قاضي صاحب، بروهي صاحب ۽ ڪامريڊ مير محمد جون تقريرن مخالفن تي تلوار ٿي وسنديون هيون. ڪامورن ۽ وڏيرن کي وڍ وجهنديون هيون. هنن بزرگن جون ڪچهريون بہ ڪمال جون هونديون هيون. يحيٰ خان وارين چونڊن جي دوران، مير اعجاز جي بنگلي تي ڪچهري دوران ڪامريڊ، مير علي احمد خان کي چيو تہ ”مير صاحب اڄ ڪلهہ قبول پور جا تتر ڏاڍيون نندون ڪندا هوندا.“ مير صاحب پڇيو ڇو؟ چيائين ”مير اعجاز پ ۾ شامل ٿيو ويو آهي تنهن ڪري ڪافي ڏينهن کان ڪامورن ۽ وزيرن کي شڪار ڪو نہ پيو ڪرائي، تتر ويچارا سکيا ستا پيا هوندا.“ تقرير جو مير علي احمد خان بہ بادشاهہ هو انهيءَ ڪچهري کان اڳ ۾ سيريءَ ۾ جلسو هو جلسي ۾ مير علي احمد خان جي تقرير دوران ڪيترائي ماڻهو روئي رهيا هئا (مير صاحب ۽ مولانا ڪوثر نيازيءَ جون تقريرون ٻڌي اهڙيون تقريرون ڪرڻ جون دعائون پيو گهرندو هو)

پارٽيءَ جي پهرين دور ۾ قاضي صاحب وارن جي ٽيم ئي پارٽي جي اهم ٽيم هئي. ٽيم ۾ محترم شير سنڌ مير رسول بخش ٽالپر، قاضي صاحب، عبدالواحد بروهي، عبدالفتاح ميمڻ، چاڪر علي جوڻيجو عبدالرزاق سومرو، هادي بخش لاڙڪ، (خيرپور) عبدالنبي شيخ (جيڪب آباد) نبي بخش پيرڳڙي (بدين)، غلام قادر گاڪڙو (بدين)، لعل بن يوسف (حيدرآباد) محمد خان سومرو (ٺٽو)، سليمان سميجو (دادو)، امام بخش گهرياڻي ۽ ٻيا بزرگ شامل هئا. قاضي صاحب ۽ فتاح ميمڻ جي جوڙي سنڌ جي مشهور سياسي جوڙين مان هئي. ٻنهي ۾ ڏاڍو قرب هو پر هاٽوڪي جيل ۾ سندن انهيءَ قرب جا اهڃاڻ هلڪا هئا. هڪ ٻئي جي سامهون ڪو نہ ڪڇندا هئا پر پرپٺ ٻئي هڪ ٻئي لاءِ هلڪي ڦلڪي جٺ وارا جملا ضرور استعمال ڪندا هئا. فتاح صاحب سنڌ پ پ جو سيڪريٽري ۽ پاڪستان نيشنل اسيمبليءَ جو ڊپٽي اسپيڪر بہ ٿيو. قاضي صاحب سان ڪنهن جا ڪيترا بہ اختلاف

هجن پر انهيءَ ڳالهه ۾ ڪو به شڪ ناهي ته ڪيس ڪارڪنن لاءِ ۽ ڪارڪنن کي سندس لاءِ بيحد پيار ۽ احترام آهي.

شام جو اسپتال ويس، جو ڊاڪٽر پيرزادو بيمار هو. ٿوري دير ان سان ڪچهري ڪري تنوَري واري رهاڻ ۾ شريڪ ٿيس. نائين وڳي وارڊ واپس ٿيس ڏهين وڳي بند ٿياسين.

صبح خان محمد حاجي صاحب اسپتال ويو. ڪيس ڏندن ۾ ڪافي تڪليف هئي. ويڄ ڪان اڳ ۾ ڳالهه پئي ڪيائين ته "سور ڪافي آهي، خاص ڪري جيل ۾ ڪو خاطر خواهه علاج ڪونهي، جنهن سبب راتيون جاڳي گذارڻيون ٿيون پون." جمالي صاحب جنهن وقت ڏندن جي سور جي ڳالهه پي ڪئي مون کي پيٽي شهيد جي يادگيري پئي آئي. قائد عوام کي جيل جي دوران ڏندن جي ڪافي تڪليف هئي، سندس مهارون سچي پونديون هيون. وڏي احتجاج ۽ ڪوشش ڪان پوءِ ڪيس ڊاڪٽر جي سهولت ڏني ٿي ويئي. پيٽي شهيد جي جيل جي تڪليف کي ياد ڪري وري جي سندس، نازڪ شخصيت ۽ عيش آرام واري زندگيءَ کي ٿو ڏسجي ته سندس، همت حوصلي کي سلام ڪرڻ کان سواءِ رهي نٿو سگهجي. سندس قيد ۽ قتل تي هر روشن ضمير انسان جي دل ڏڪيري ۽ اڪ اشڪبار آهي.

مقام فيض کوئی راہ میں جچا ہی نہیں،
جو کوئے یار سے نکلے تو سوئے دار پہ چلے۔

## چاچي شاهنواز ٻڌايو ته ڪامريڊ ڄام ساقي جهڙو ٻڌوسين ٿهڙو ڪونهي

(27۔ اپريل 1984ع)

صبح جو اٺي پنڌ ڪيم ته سائين حسين شاهه اچي نڪتو ٻڌايائين ته بيڊ منٽن ڪرڻ آيو آهيان. هوا تيز پئي هلي. بيڊ منٽن جا رانديگر ڪو نه آيا ۽ سائين مون سان گڏجي پنڌ ڪرڻ لڳو. پنڌ ڪري وراندي ۾ ٿي ڪچهري ڪرڻ ويهي رهياسين. منير، فدا حسين، ظهور عالم صاحب ۽ مجاهد به ڪچهري ۾ شريڪ ٿي ويا. فدا حسين، ظهور ۽ مجاهد جو تعلق سانگهڙ سان آهي. گهڻو موضوع سانگهڙ جي تنظيم رهي. سانگهڙ ۾ پ پ جي پهرين ٽيم ۾ محترم محمد شريف ورياهه، عبدالواحد بروهي، عبدالسلام ٿهيم، الطاف خان، شوڪت راٽيپوري، عبدالرزاق سومرو، ڊاڪٽر حاجي خان ۽ مير ضيغم شامل هئا. مير ضيغم جو تعلق مير رسول بخش خان سان هو انهيءَ تعلق جي ڪري شامل ٿيو ۽ انهي تعلق ۾ ئي چڙهي ويو. عبدالسلام، عبدالرزاق ۽ محمد شريف ورياهه جو ٻيو نسل به پارٽي سان نيائيندو اچي. عبدالسلام جي پاٽتي، عبدالرزاق جي پٽ بابر سومري، ورياهه صاحب جي پاٽتي، محترم عبدالله خان ورياهه ۽ بروهي صاحب جي پاءُ به گرفتاري ڏني آهي.

انين وڳي ڏاري چاچو شاهنواز خان آيو لطيف پڙهيوسين. اج ٻڌندڙن ۾ ڪامران چوڌري، منير ۽ غلام رسول زنگيجو هئا. چاچي ڪافي دير ڪچهريءَ ۾ پنهنجا تجربا ۽ تبصرا ٻڌايا. چاچي ڪچهريءَ

۾ ڳالهه ڪئي ته ”ڪامريڊ ڄام ساقي سنڌ ۽ بهادر ماڻهو آهي باقي جهڙو ٻڌوسين تهڙو ڪونهي. انهيءَ جي پيٽ ۾ پليجو صاحب وڏيڪ هوشيار ماڻهو آهي.“ چاچي اهو به ٻڌايو ته ”هن پ پ ۾ مخدوم صاحب ۽ ڄام صادق جي ڪري شموليت ڪئي هئي ۽ هو سياست کي بيماري سمجهندو هو پر هاڻ هن بيماري جو پاڻ به مريض آهي ۽ هاڻ پ پ سان مڪمل وابستگي آهي ۽ پ پ جي قيادت جي حڪم مطابق ئي هلبو ۽ سياست هن وقت جي اهم ضرورت آهي.“

نائين وڳي ڏاري چاچو ويو. اخبارون آيون پر سنگت جي ور چڙهيل هيون. دير سان پڙهڻ لاءِ مليون. اخبارن ۾ هڪڙي خبر هيءَ به هئي ته ايم آر ڊي پنجاب جي سيڪريٽري رائو رشيد بيان ۾ چيو آهي ته ”سنڌ جا سياسي قيدي رها ڪيا وڃن، ٻي صورت ۾ پنجاب جا ڪارڪن سنڌ ۾ وڃي گرفتاريون پيش ڪندا.“ بيان ته واهه جو ڏنو اٿس پر مون کي سمجهه ۾ ڪو نه آيو اسان کي آزاد ٿو ڪرائي يا جيڪي آزاد ٿي ويا آهن تن کي وري ٿو جيل گهرائي. وڏو ليڊر آهي، وڏي سوچ ڪئي هوندئين باقي پاڻ کي ڳالهه سمجهه ۾ ڪو نه آئي.

شام جو دوستن ۾ به ان بيان تي تبصرا جاري هئا. ظهور صاحب ۽ منير چيو ته ”جنين پريو خط ٿا لکي موڪليونس ۽ چئونس ٿا ته جيڪو چئو ٿا سو سمجهو به ٿا يا نه. جيڪي ڦاڙها مارٽا اٿو سي ايڏانهن پنجاب ڏي ماريو هتي اسين ڪوڙ وينا آهيون.“

ٻارهين وڳي ڌاري ٻئرڪ 11 ۾ سانگهڙ جي دوست محمد خان جيڪو س. پ هـ.ڪ ۾ ڪم ڪرڻ لاءِ تيار ٿيو آهي، تنهن جي دعوت ۾ وياسين. دعوت ۾ الله بچايو لغاري، سنجر خان چانڊيو ۽ سليمان شاهه به شريڪ هئا. دعوت ۾ غلام رسول مستاني برهماڻي لوڪ انداز ۾ ڪلام ٻڌائي محفل کي سهڻو ڪري ڇڏيو. ڇئين بجي ڌاري علي احمد لغاريءَ جي چانهه جي دعوت ۾ شريڪ ٿيس. علي احمد تي ماتلي ۾ وٺن وڍڻ، رستا روڪڻ ۽ ڪارائيءَ سان فوجي کي زخمي ڪرڻ جو الزام آهي.

## شهيد پنوءِ قومي مسئلو

(28_ اپريل 1984ع)

تيار ٿي ڪچهري ۾ ويس. اڄ ڪچهريءَ جو موضوع هو ”قومي مسئلو ۽ ان جو حل.“ ڪچهريءَ ۾ هميشه وانگر سيني دوستن ڳالهايو. ايم آر ڊي جي جدوجهد جو آغاز ته رڳو جمهوريت جي بحالي لاءِ ڪيو ويو آهي پر هن جدوجهد پاڪستان جي قومي مسئلي کي به واضح ۽ اهم ڪري ڇڏيو آهي.

اجوڪي ڪچهريءَ جي بحث جو تت اهو ئي هو ته، ”اها حقيقت آهي ته سنڌ ۾ قومي جبر جو احساس شدت سان وڌي رهيو آهي، پاڪستان جي آغاز ڪان ئي سنڌ جي اصلوڪن ماڻهن سان به اکيائي ڪئي ويئي ۽ سنڌ جا اصل باشندا ٻئي درجي جا شهري ٿي رهڻ لڳا.“

سنڌ ۾ هندستان مان آيل مسلمانن جي رويي ۽ پاڪستان کان پوءِ پنجاب ۽ سرحد جي ماڻهن جي سنڌ ۾ آمد انهيءَ احساس کي وڏيڪ مضبوط ڪيو آهي. سنڌ ۾ قومي استحصال سان گڏوگڏ طبقاتي استحصال به جاري آهي جنهن ۾ پراوا ۽ پنهنجا ٻئي شريڪ آهن. سنڌ ۾ صرف قومي يا رڳو طبقاتي

استحصال خلاف تنظيم ۽ تحريڪ ڪاميابي ماڻي نہ ٿي سگهي. ٻنهي مسئلن کي گڏيل طريقي سان حل ڪرڻ ۾ ئي ڪاميابي آهي. سنڌ ۾ بيوقتا ۽ جذباتي نعرا ڏيئي سنڌ کي اڪيلو ڪرڻ، سنڌ خلاف سازش آهي. سنڌ جي ماڻهن کي پاڪستان جي ٻين علائقن جي عوام دوست قوتن سان گڏجي ئي جدوجهد ڪرڻ کپي.... نظام جي تبديلي اهم ضرورت آهي باقي ظلم ڪندڙن جي مهانڊن متاثڻ سان ڪو بہ فائدو ڪو نہ ٿو ٿئي. قومي خوشحاليءَ واري دور ۾ ئي زبان، ادب ۽ ثقافت ترقي ڪري سگهن ٿا، باقي بکئي ۽ اگهاڙي لاءِ ثقافتي ترقيءَ جي ڪا بہ معنيٰ ڪونهي. طبقاتي مسئلن جي حل جي ضمانت ڏيڻ کان سواءِ قومي جدوجهد لاءِ ”عوام وٽ ڪا بہ ڪشش ڪونهي وغيره وغيره.“

شهيد ذوالفقار علي ڀٽي جي ڪاميابي جو وڏو سبب بہ اهو ئي هو جو سندس تحريڪ ۾ عوام کي پنهنجي قومي توڙي طبقاتي مسئلن جو حل ڏسڻ ۾ پئي آيو. سنڌ ۾ خاص طور تي ان خيال تي ئي اڄ تائين سندس پارٽي مقبوليت ماڻي رهي آهي. پنجاب ۾ قومي استحصال اهم نڪتو نہ هو پر سنڌ ۾ اهو احساس شدت سان هو تہ سنڌي ماڻهو لساني، ثقافتي ۽ معاشي طرح بي انتها جبر جو شڪار آهن. سنڌي زبان پاڪستان ۾ غيرملڪي زبان پئي لڳي. سنڌي ثقافت کي ڄٽن ۽ غدارن جي ثقافت سمجهيو ٿي ويو، ايستائين جو ريڊئي تان پنجاب جي ساراهہ جا گيت ڳائي سگهجن ٿا پر اياز نٿو ڳائي سگهجي. جيئي سنڌ نٿو چئي سگهجي، سنڌ جون نوڪريون سنڌين لاءِ ڪونهن. پاڪستان ۾ صوبن جي ڪوٽا خاص ڪري سنڌ جي ڪوٽا تي عمل نہ ٿو ڪيو وڃي. سنڌ جون زمينون سنڌين لاءِ ناهن. سنڌين لاءِ ووٽر لسٽون بہ سنڌيءَ ۾ نہ ٿيون شايع ڪيون وڃن. مطلب تہ ڪيئي مسئلا هئا سنڌين کي درپيش پر ڀٽي صاحب جي شخصيت ۽ جدوجهد سنڌين کي وڏي قوت عطا ڪئي. سندس شخصيت ۾ سنڌين ”پنهنجو“ پئي ڏٺو ۽ سندس جدوجهد ۾ پنهنجي طبقاتي مسئلن جو حل بہ پئي ڄاتو. ان وقت سنڌي عوام جن بہ ڌرين ۽ فردن سان ذهني ۽ عملي جنگ جوٽيون بيٺو هو سي سڀ فرد ۽ ڌريون شهيد ڀٽي خلاف ٿي بيٺيون، اهو ئي سبب هو جو ڀٽو صاحب هر لحاظ کان سنڌ جي ماڻهن کي پنهنجو نظر پئي آيو ورنہ سنڌ ۾ ان وقت اهڙيون ڌريون بہ هيون جيڪي رڳو سنڌين جي ڳالهہ بہ ڪري رهيون هيون ۽ اهڙا گروهہ بہ عمل جي ميدان ۾ هئا جيڪي صرف طبقاتي انقلاب جي ڳالهہ ڪري رهيا هئا. سکر جيل ۾ هڪڙي قوم پرست مون کي ”انگولا جي آزادي“ نالي ڪتاب ڏيندي چيو ”استاد هي ڪتاب پڙهہ تہ خبر پئي تہ قوم پرستي ڇا ٿيندي آهي ۽ سنڌ پاڻ بہ آزاد ڪرائيندا سين يا نہ!“ ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ ساڳي دوست ڪچهريءَ ۾ ڪتاب متعلق پڇيو. چيومانس سمجهي ويو آهيان تہ قوم پرستي صحيح رستو آهي ۽ سنڌ بہ آزاد ٿي ويندي پر اوهان واري تحريڪ ڪهڙي روپ ۾ رويي ۾ انگولا جي آزاديءَ واري تحريڪ جهڙي آهي؟ پروگرام عمل توڙي اڳواٽي ۾؟

ڪنيس ڪوبڄن، تن طبيب نہ گڏيا،
ڏيئي ڏنڀ ڏڌن، پاٽا ڏيل ڏڪوئيو.

قومي جدوجهد جي وڏي بدنصيبي اها آهي تہ روز اول کان ئي ان جي دعويدارن جا اندازا درست نہ هئا. روز اول کان سندن حڪمت عمليون غلط ۽ عمل مشڪوڪ هو ۽ هاڻ بہ انهيءَ سياست جا سرواڻ پنهنجي غلطين جو اعتراف ڪري انهن کي درست ڪرڻ بجاءِ رڳو عوام سان جنيون ڪري رهيا آهن

تہ عوام سادو آهي، بي سمجهہ ۽ چريو آهي، وڏيرن جي ور چڙهي ويندو آهي... وغيره وغيره.

ستئين سنجهي ئي، منهن ويڙهي مئن جيئن،
اوجاڳا اکين کي، ڄاتئہ نہ ڏيئي،
هتان تو پيئي، ٿي ڪچو ڪيچين کي ڪرين

ڏوهہ سنڌ جي عوام جو ڪونهي، ڏوهہ سرواڻن کان ٿيو آهي. سنڌي ماڻهن، ون يونٽ جي تحريڪ کان وٺي ايم آر ڊي جي تحريڪ تائين سچائيءَ سان هر سڏ ڏيندڙ کي ”جيءُ“ چيو آهي. هر جدوجهد جي دعويدارن لاءِ حقيقتن جو ادراڪ ڪري پنهنجي سوچ کي صحيح ۽ قابل عمل هئڻ ثابت ڪرڻ لازمي آهي. قومي جدوجهد جي دعويدارن جيڪڏهن پنهنجي غلطين کي درست ڪري غلط حڪمت عملين ۾ سڪٽن، کوکلن نعرن مان جند آزاد نہ ڪئي تہ ايندڙ هر ڏينهن سندن غلطين جو ڍير ۾ آئيندو اونداهو ئي رهندو. قوم کي مهڻا ڏيڻ ۾ جنين ڪرڻ مان ڪو بہ فائدو ڪونهي جدوجهد کي. سچي دنيا ۾ عوام جي عقل جا دليل پکڙيا پيا آهن. ڪنهن بہ سچاڻ ۾ انقلابي رهبر عوام کي ڏوهي ۾ چريو ناهي چيو.

ڪا مونهين ۾ ال، نات سچڻ سپاجهو گهڻو.

ڪچهريءَ مان اٽي بئرڪ 15 ڏي ويس. اتي عيسيٰ ملاح جي پاٽاريءَ تي پارٽيءَ جي ورڪرن، شاگردن ۽ نوجوانن جي ڪچهري رکيل هئي. ڪچهريءَ ۾ محترمہ بينظير ڀٽو صاحبہ سان منسوب ڪتاب پڙهيو پئي ويو. ڪتاب کي پڙهڻ کان پوءِ ان تي مختصر بحث بہ ٿيو. محب شاهہ سوال پڇيا تہ مارشل لا وارن مان جند ڪيئن ڇٽندي، ماضي جي غلطين کي وري نہ دهرائڻ لاءِ ڪهڙا اپاءَ ورتا ويندا؟ وغيره وغيره. تبصرا ڪندڙ دوستن ۾ پير مڪرم پيرل خان کوسو ۽ بابو غلام حسين بہ هئا. مون کان منهنجي راءِ پڇيائون. مون کين چيو تہ ”سمورن سياسي مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ پارٽيءَ کي منظم ڪيو وڃي ۽ هر سطح جي انتظاميہ مٿان پارٽيءَ کي نگراني ۽ رابطي لاءِ ڪم سونپيو وڃي، جمهوريت لاءِ آئين ۾ ضمانت ڪافي ڪونهي. ضمانت تہ 1973ع جي آئين ۾ بہ هئي تہ جيڪو طاقت جي زور تي آئين کي ٽوڙيندو تنهن کي موت جي سزا ڏني ويندي، پوءِ ان آئيني تحفظ جو ڪهڙو حشر ٿيو؟ آئين هجي يا جمهوريت ۽ انقلاب، ان جو تحفظ بيجان ڪتاب بجاءِ هڪ جاندار پارٽي ۽ خود ماڻهو ئي ڪري سگهن ٿا.“

ڪچهريءَ ۾ پارٽيءَ جي گذريل اصلاحن ۽ ان جي ناڪاميءَ جو ذڪر بہ نڪتو. منهنجو ان بابت بہ دوستن کي اهو چوڻ هو تہ ”ان جو وڏو سبب بہ پارٽيءَ جو غير منظم هجڻ هو غير منظم پارٽي نہ طئي شده پاليسيءَ کي بچائي سگهي ٿي، نہ اوچتو پيش ايندڙ صورتحال کي منهن ڏيئي سگهي ٿي. روس ۾ انقلاب کان پوءِ آفيسرن عدم تعاون جي پاليسي اختيار ڪئي تہ ان جو پارٽي ڀرپور مقابلو ڪري آفيسرن جي سازش کي ناڪام بنايو. روس کان علاوه دنيا جي ڪيترن ملڪن ۾ منظم پارٽيون پنهنجي پاليسين ۽ ان تحت هلندڙ ادارن جو تحفظ ڪيون بيٺيون آهن. پ پ جي اوائلي ڏينهن ۾ پنجاب ۾ ٽريفڪ پوليس هڙتال ڪئي تہ پ پ پنجاب جي صدر مصطفيٰ کر جيڪو شايد گورنر هو، تنهن جي هدايت تي پارٽي ڪارڪنن ٽريفڪ جو انتظام سنڀالي ان پوليس هڙتال کي ناڪام ڪيو.

باقي پاليسي پارٽيءَ جي هجي ۽ ان کي نافذ ڪرائڻ وارا پارٽي ۽ ان جي مقصدن جا مخالف هوندا ته ناڪامي يقيني ٿيندي. پٽي صاحب سارين چڙڻ واريون ۽ اتي جون ملون قومي ملڪيت ۾ ورتيون ته اتي رشوت جا هيراڪ ڪامورا مقرر ڪيا ويا جن پنهنجا پيٽ ڀرڻ جي شوق ۾ پٽي صاحب جي ان فيصلي مان عوام کي سک پهچائڻ بجاءِ عوام کي آزاريو. نتيجي ۾ اهو فيصلو پٽي صاحب جي وڏي ناڪامي ثابت ٿيو.“

سارين ۽ اتي جي ملن واري منهنجي ڳالهه تي محب شاهه ناراض ٿي پيو. چيائين ”اها سيد قائم علي شاهه تي تنقيد ڪئي ويئي آهي.“ مون ڪيس ڪافي سمجهايو پر ڪو نه مڃيو ۽ ناراض ئي رهيو (ڪارخانن کي قومي ملڪيت ۾ وٺڻ مهل سائين قائم علي شاهه ان جو وزير هو ۽ سندس پسند جا ڪافي ماڻهو ڪارخانن جي سنڀال لاءِ مقرر ڪيا ويا هئا. شايد انهيءَ ڪري ئي محب شاهه منهنجي ڳالهه کي سائينءَ تي تنقيد سمجهيو)

ٻنپهرن جو علي محمد سومرو ملاقات تي آيو. ٻڌايائين ته لانڍي جيل ۾ خليق سائين، مجتبيٰ خان جتوئي، اياز سومرو، غلام الله ماهوتي ۽ منظور وساڻ سان ملاقات ڪري آيو آهي. اهي دوست خوش ويٺا آهن (مخدوم صاحب، مير اعجاز، اميد علي شاهه، مجتبيٰ خان، اياز، فاضل راهو ۽ ٻيا دوست مڇ جيل مان ٿي آيا آهن. مڇ جيل ۾ انهن دوستن جا ڪي اختلاف به ٿي پيا جن جون هلڪيون ڦلڪيون جهلڪيون هتي به ٻڌڻ ۾ آيون آهن). علي محمد سومري کي شاباس هجي، جيل ۾ قيد دوستن سان پابنديءَ سان ملڻ پيو ايندو آهي.

شام جو چڪر ڏي به ويس. اتان خيرپور ناٿن شاهه جو نوجوان دوست قربان چانڊيو اڄ رها ٿيو آهي. بئرڪ 12 ۾ سنجر خان وٽ ڪچهري ٿي. دوستن ٻڌايو ته شام جي نشست ۾ اڄ سنجر خان تمام سٺو ڳالهايو آهي. اڄ تنئوري ڪچهريءَ به واهه جي ٿي، لغاري صاحب ڏاڍيون مزيدار خبرون ٻڌايون. لغاري صاحب ڪافي عرصو ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تي ڪم ڪندو رهيو آهي، ان زماني جون دلچسپ خبرون ٻڌائيندي عبداللطيف عباسي، محمد بخش انصاري ۽ سائين صالح محمد شاهه جون ڳالهيون ٻڌايائين. چيائين، عبداللطيف عباسي اناؤنسمينٽ دوران سدائين پيو پلبو هو هڪ دفعي مصري خان جماليءَ کي بينن تي جمالو ٻڌائڻو هو. تنهن جي اناؤنسمينٽ ڪندي لطيف عباسي چيو ته ”هاڻ مصري خان جمالو بينن تي جمالي ٻڌائيندو.“

انهيءَ اعلان تي مصري خان کي ڏينهن ناراض رهيو. لغاري صاحب، محمد بخش انصاري ۽ سائين صالح شاهه جا به ڏاڍا قصا ٻڌايا. محمد بخش انصاري صاحب، جيڪب آباد پ پ جي رهنما محترم احمد بخش انصاري جو پاءُ آهي. ايم آر ڊي سکر جي اجلاس ۾ احمد بخش انصاري به شريڪ ٿيو ۽ ڪافي سرگرم رهيو اهو اجلاس مخدوم خليق الزمان قائم مقام صدر جي حيثيت ۾ گهرايو هو.

سائين صالح شاهه عرف فتح خان به ريڊئي پاڪستان جي حوالي سان سنڌ جو مشهور ۽ مقبول نالو آهي. ”جمهور جو آواز“ پروگرام ۾ سائين جو فتح خان جو ڪردار ته سنڌ جي ٻچي ٻچي جي دلچسپيءَ جو باعث هو. ڳوٺن جا سباجهڙا سنڌي ته سندس وڏا پرستار هئا. اسان جي ڳوٺان آيل مهمان سائين صالح شاهه کي ٽنڊي ولي محمد ۾ ايندي ويندي ڏسي وٺندا هئا ته وڏي فخر سان وڃي ٻڌائيندا

هئا تہ فتح خان کي ڏسي آيا آهن ۽ هٿ ملائي آيا آهن. سائينءَ جو ان پروگرام ۾ آواز، خبرون، حاضر جوابي ۽ ٻڌندڙن کي موهي ڇڏيندي هئي. سائين ان پروگرام ۾ بزرگ جي حيثيت ۾ هوءَ ڪيس ٻيا ڪردار ”ڏاڏا“ چئي مخاطب ٿيندا هئا. هڪڙي پروگرام ۾ فتح خان پنهنجي ڪچهريءَ جي سمجهو ڪردار ڪمال خان کي مخاطب ٿيندي چيو تہ ”ڪمال خان عربي ۾ اٺ کي ڇون جمل“ ڪمال خان چيس: ڏاڏا عربي ۾ گوري کي ڇا ٿا چون؟ فتح خان جواب ڏنس ”ڪمال خان عربي ۾ گوري کي چون.....“ فتح خان گهڙيءَ لاءِ چپ ڪري چيو ”ڪمال خان عربي ۾ گوري کي چون ئي ڪو نہ. وڌو ٿئي پوءِ چونس ”جمل“

انهيءَ مزيدار ڪچهري مان پوٽي نائين وڳي ڏاري وارڊ ڏي پئي موٽياسين تہ ايس پي ماڙيءَ جي لوهي در کي رنگ ٿيندي پي ڏٺو اسان کي ڏسي چيائين توهان جي وڃڻ جي خوشي ۾ رنگ پيو ڪرايان. اسان چيس ”اڳ ۾ تہ توهان چيو تہ ڪو نہ ٿا وڃون، هاڻ ڇئو پيا وڃون ٿا. حقيقت الائي ڇا آهي؟“ چيائين سڀ وڃن پيا، رڳو مولا جو بخشل ڪو نہ ٿو وڃي.“ پوءِ خبر پئي تہ اها تياري 30 تاريخ هوم سيڪريٽري جي جيل جي دوري سبب ڪئي پئي وڃي. ماني ڪائي ختم ڪئي سون تہ احمد علي عباسي ۽ آصف لغاري اچي نڪتا. ٻڌايائون تہ سيد محب شاهہ وٽ گڏجاڻي ۾ اهو فيصلو ڪيو ويو آهي تہ مولابخش طرفان قائم علي شاهہ تي ڪيل تنقيد تي ساڻس جهيڙو ڪنداسين.

انهيءَ گڏجاڻيءَ ۾ عيسيٰ ملاح ۽ بابو غلام حسين بہ هئا. ٻنهي اهو بہ ٻڌايو تہ بابو غلام حسين کين صلاح ڏني تہ ”ڪچهريءَ جي شروعات ۾ ئي نہ وڙهجو نہ تہ اهو ظاهر ٿيندو تہ هي جهيڙو پلاننگ تحت ڪيو ويو آهي. باقي بحث هلندي اهو ذڪر وري نڪري تہ اختلاف ڪجو.“

اڄ اخبارن ۾ چوڌري خليق الزمان جي پٽ جلال الزمان جو بيان آيو آهي تہ ”ڪوٽا سسٽم اسلام جي منافي آهي.“ جيڪا تي ڳالهہ پنهنجي مد مقابل يا نقصان ۾ نظر اچين سا، اسلام جي مخالف آهي. سندن ڪوڙا ڪليم اسلامي آهن، سنڌ جي زمينن جا نيلام اسلامي آهي، سنڌ جي روزگار تي سندن هڪ هٽيون اسلامي آهن، پُرامن بي هٿيار سنڌين جو قتلام بہ اسلامي آهي، باقي ڪوٽا سسٽم اسلام جي خلاف آهي! هڪڙي پاسي سڄي ڪراچيءَ جي اردو دان طبقي طرفان ڪوٽا سسٽم تي واويلا ڪئي ويئي آهي تہ ٻئي پاسي ٿڌي ٿوري ڪرڻ لاءِ گڏجاڻيون ڪري سنڌي عوام سان يڪجهتي جو اظهار ڪندي سنڌين جي احساس محرومي جو ذڪر ڪيو پيو وڃي. کهڻ لاءِ ڇريون بہ تيز ڪبيون، ڪسڻ تي ڏند بہ ڪيڏبا ۽ يڪجهتي بہ ڪبي. ٻلا مڙسن جي يڪجهتي!

تازو اردو دانشورن طرفان سنڌ کي وڏيڪ انتظامي يونٽن ۾ تقسيم ڪرڻ جي تجويز بہ ڏني ويئي آهي. اها محمود الحق عثماني کان وٺي نواب مظفر تائين سمورن نسل پرستن جي آخري خواهش آهي تہ ”ٻاڳا ٿئي سهڻي.“

الله ڪر جيئنِ، مدي جن جي من ۾،
اسان ۽ پريِن جون، اميدون پسن،
تهان پوءِ مرن، سڙي انهيءَ سور ۾.

اڄ اخبار ۾ شڪيل پٺاڻ لاءِ هلندڙ بياني سلسلي ۾ جيل جي اسير دوستن حسين شاهہ، نور محمد ٽيبي، الله بچايو لغاري ۽ ٻين جي ايمنسٽي انٽرنيشنل کي اپيل شايع ٿي آهي تہ ”شڪيل پٺاڻ جي تنگ

۽ صحت ڪي بچائڻ لاءِ ڪيس اسپتال منتقل ڪيو وڃي.“ خدا ڪري اسپتال جلد منتقل ڪيو وڃي ته جيئن سندس سگهو علاج ٿئي جي نه ته هتي صحت جو اهو عالم ٿيندو وڃيس جو اونو اٿم ته ڪيڏي مهل ڦاٿي نه پوي. خدا وڏي حياتي ۽ اجا وڌيڪ تندرستي عطا ڪريس.

# مون ڪان پڇاڙو

(29۔ اپريل 1984ع)

نائين وڳي ڏاري ڪچهري ڏي ويس. عالم شاهه سان، محب شاهه واري ڳالهه ڪيم ته اسٽڊي سرڪل ڏانهن وڃڻ جي منع ڪندي چيائين” هو ته ماڻهو ڪلائڻ لاءِ تيار ٿيا وينا آهن، پاڻ جيئن هيترو وقت صبر ۾ گذاريو آهي، تيئن هاڻ به برداشت کان ڪم وٺڻ کپي.“ ڪچهريءَ ۾ قائدعوام جي قولن جو ڪتاب پڙهيو ويو. ڪچهري ڪان پوءِ ڪافي دوست بئرڪ 9 ۾ ڪتاب بڌڻ ويا. آءٌ، منير ۽ سليم گاڪڙو بئرڪ 15 ۾ ڪچهريءَ تي وياسين. 11 وڳي ڏاري عالم شاهه ۽ آءٌ چاچي شاهنواز خان وٽ ڪچهري تي وياسين ته، اڳوڻو ڊي ايس پي علي احمد جوڻيجو به ويٺو هو. علي احمد. ڊي ايس پي ٿيڻ کان اڳ ۾ ”لاڙ هاري مزدور تنظيم“ جو صدر هو اها تنظيم بدين ۽ ان جي آس پاس ڏاڍي سرگرم هئي. سندس رعب به وڏو هو. جو هوم سيڪريٽري محمد خان جوڻيجي جو پٽ هو. علي احمد، انهن ڏينهن ڪامريڊ علي احمد جوڻيجي جي نالي سان مشهور هو. وار ڪلهن تي هوندا هئس. سدائين ڪاڏي جي ڪسي، ڍِلي واري ڪرتي ۽ شلوار ۾ هوندو هو. اسان جون بدين ۾ ڏاڍيون ڪچهريون ٿيون. نهايت پياري سڀاءَ وارو دوست آهي.

چاچي شاهنواز خان وٽ الله بچايو لغاري ۽ ٻيا دوست به اچي نڪتا. ڪچهريءَ ۾ سيئي دوست پ پ جي رهنمائن جي گورنر سنڌ سان ملاقات تي تنقيد ڪري رهيا هئا. پ پ جا ڪافي اڳواڻ گورنر جهانداد خان سان مليا آهن. ڪجهه ڏينهن اڳ ۾ مير اعجاز جيڪو تازو ئي مچ جيل مان پئرول تي آزاد ٿيو آهي، تنهن شيخ پرڪيو شگر مل جي افتتاح جي موقعي تي اڳوڻي گورنر جنرل عباسي سان ملاقات ڪئي آهي. ڪالهه اخبار ۾ آيو ته رئيس نجم الدين سريوال به گورنر سان ملاقات ڪئي آهي، اڄ اخبار ۾ پير غلام رسول جيلاني ۽ خير محمد پرڳڙي جي گورنر سان ملاقات جي خبر آئي آهي. اڄ نجم الدين سريوال طرفان، گورنر سان ملڻ جي ترديد به شايع ٿي آهي. اها به وڏي تبديلي آهي جو وڏيرا جيڪي ڪمشنر ۽ ڊي سي سان ملي فخر ڪندا هئا سي گورنر ۽ وزيرن سان ملڻ جون ترديدون به ڪن ٿا ۽ جيڪي مليو اچن سي وري ماڻهن ۾ ڦڪا ڦڪا ٿا لڳن. اها به پ پ جي وڏي ڪاميابي آهي جنهن سياست جي ميدان ۾ صرف به ڪئمپون قائم ڪري ڇڏيون آهن: هڪڙي ايم آر ڊي، ضياءَ جي مخالف ڪئمپ، ٻي ضيا جي ڪئمپ، ٽئين ڪنهن به رستي جي گنجائش ڪونهي، يا ماڻهن سان يا حاڪمن سان. نه ته چا وڏيرو چا پاور ڪان پري.

في الحال ته اها وڏي تبديلي آهي، باقي اڳتي ڏسجي، خدا ايمان ڏيندن، واڪ به وڏا پيا لڳن ته انسان به خطا جو گهر آهي.

ڪچهري ۾ رفيق صفي بہ آيو. تنهن ٻڌايو تہ محب شاهہ اسٽڊي سرڪل ۾ درخواست پيش ڪئي آهي جنهن ۾ چيو ويو آهي تہ مولابخش چانڊيي، پ پ جي رهنما سيد قائم علي شاهہ تي تنقيد ڪئي آهي، تنهن ڪري هو لکت ۾ معافي وٺي. صفي صاحب اهو بہ ٻڌايو تہ درخواست تي ويهن ايڪيهن دوستن محب شاهہ سان اختلاف ڪندي چيو تہ مولابخش، قائم علي شاهہ تي ڪا بہ تنقيد ڪو نہ ڪئي آهي. هن صرف پارٽي ۾ نظم ضبط جي فقدان سبب انقلابي قدمن جي ناڪامي تي ڳالهايو آهي. دوستن جي زور ڀرڻ تي 3 رڪني ڪميٽي ٺاهي ويئي تہ محب شاهہ ۽ مولابخش وچ ۾ غلط فهمين کي دور ڪيو وڃي. شام جو عالم شاهہ دوستن جي چانهہ پارٽي ڪئي هئي. فدا حسين ڏيرو، سليم، منير، خالد ۽ آءٌ گڏجي دعوت ۾ وياسين. حسين شاهہ بہ ويٺو هو. ڏاڍيون مزيدار خبرون ٿيون. اڄ سائين جو موضوع هانگ ڪانگ ۽ چين جو دورو هو. پ پ جي پهرين دور ۾ جڏهن مير رسول بخش خان ٽالپر گورنر سنڌ هو، تڏهن حاجين جو جهاز "سفينہ حجاز" خراب ٿي پيو هو ۽ مرمت لاءِ هانگ ڪانگ ويو هو. حسين شاهہ مير صاحب جي پٽ مير رفيق ٽالپر ۽ ٻين دوستن سان ان جهاز تي هانگ ڪانگ ويو ۽ ڪافي عرصو اتي رهيو هو. حسين شاهہ ٻڌايو تہ جهاز کي هانگ ڪانگ ۾ ڪافي ڏينهن انهيءَ ڪري لڳا جو جهاز ۾ وڏو ڪم هو. اهو جهاز هٽلري لشڪر ۾ شامل هو. جنگ کان پوءِ ڪيس ٽوڙڻ لاءِ ڪنهن ڪمپنيءَ کي ڏنو ويو پر ڪمپني ٽوڙڻ بجاءِ ڪيس حاجين جي سفر لاءِ استعمال پئي ڪيو.

اڄ ڊان ۽ امن اخبار ۾ حڪومت پاران پنهنجي وزير دفاع مير علي احمد ٽالپر جي بيان جي وضاحت ڪئي ويئي هئي. بيان ۾ مير صاحب فرمايو هو تہ "جيڪي سمجهن ٿا تہ پ پ کي حڪومت ٻيهر ملندي سي احمقن جي جنت ۾ رهن ٿا. پ پ کي ڪنهن بہ صورت ۾ اقتدار ۾ اچڻ نہ ڏنو ويندو." حڪومت وضاحت ڪئي آهي تہ "مير علي احمد پ پ جو پراڻو ۽ ڪٽر مخالف آهي، تنهن ڪري اهي خيال مير صاحب جا ذاتي خيال آهن، انهن سان حڪومت جي پاليسيءَ جو ڪو بہ تعلق ڪونهي."

## يوم مئي جو جلسو ۽ پ پ تي تنقيد جو جواب

(پهرين مئي 1984ع)

اڄ يوم مئي جي ڪري جيل ۾ موڪل هئي. نائين وڳي ڏاري ڪچهري ڏي ويس تہ اهي بہ موڪل ڪيو وينا هئا. اڄ الله بچائي لغاري سيني دوستن کي چانهہ تي سڏيو هو. اتان ٿي وارڊ ڏي ويس.

ظهور عالم بلوچ، فدا حسن ڏيرو، منير ۽ آءٌ گڏجي بئرڪ 14 ۾ يوم مئي جي جلسي ۾ شريڪ ٿياسين. جلسي جو مهمان خصوصي پي آءِ اي جو مزدور رهنما ڪامران چوڌري هو. صدارت سيني تنظيمن جي نمائندن کان ڪرائي ويئي. انهن صدارت ڪندڙن ۾ پ پ سانگهڙ جو مجاهد ابراهيم، شير خان لنڊ، وطن دوست مزدور تحريڪ جو محمد خان احمداڻي، قومي محاذ آزادي ميرپورخاص جو محبوب، ڊي ايس ايف جو سوڍل رند شامل هئا. حسين شاهہ بخاري، ابوبڪر زرداري، منير پرڳڙي ۽ شڪيل پٺاڻ تقرير ڪندڙ هئا. شڪيل پٺاڻ ۽ ابوبڪر زرداري حسب عادت پ پ تي اڻ سڌي طرح سخت تنقد ڪئي. سندن تنقيد جي وجهہ هئي تہ "پ پ آمريڪا سان دوستي وڌائي رهي آهي." پ پ جي ڪارڪنن کي ڪافي ناراضگي ٿي، جڏهن سيد حسين شاهہ پنهنجي سحر انگيز تقرير ڪري پ

پ جي مخالفن کي جواب ڏنا ته سڄي بئرڪ تاڙين سان گونجي اٿي. تقرير دوران ڪارڪن ڪافي جذباتي ٿي ويا. جلسي جي ڪارروائي پير معظم پٽي هلائي. جلسي کان پوءِ به دوستن ۾ حسين شاهه جي تقرير جي واکاڻ هئي.

# جرئتمند جيالو عبدالرحمان پٽي

(2_ مئي 1984ع)

صبح جو ڪچهري ۾ ويس. گذريل ڪچهرين بابت دوستن جا لکيل مضمون پڙهيا ويا. سيئي دوست هاڻ سنو ڳالهائي ۽ بهتر لکي سگهن ٿا. محبوب جروار، اقبال جروار، غلام رسول زنگيجو ۽ مامون قمبراڻي تمام سنو لکي آيا هئا.

12 وڳي ڏاري ملاقات جو سڏ ٿيو ويس ته عبدالرحمان پٽي ۽ نذير پٽي آيل هئا. نذير هاڻ تازو آزاد ٿيو آهي ۽ عبدالرحمان سکر مان ڇٽي آيو آهي. عبدالرحمان به ڊاڪٽر اسماعيل واري ڳالهه ڪئي ته هنن جي وڃڻ کان اڳ ۾ سکر جيل ۾ سياسي قيدين کان ڪم ورتو ويندو هو ۽ کين پڪا ڪپڙا (جيل جا ڪپڙا) پارايا ويا هئا. بي ڪلاس وارن کي به سهولتون حاصل ڪو نه هيون. حيدرآباد مان بدلي ٿي ويل دوستن اتي وڏو گوڙ ڪيو بک هڙتالون ۽ هنگامو ڪيو. تڏهن سياسي قيدين کي سهولتون ڏنيون ويون. سکر جيل مان آيل خطن توڙي خبرن مان عبدالرحمان جي خبر پئي پوندي هئي، سيئي دوست سندس ساراهه ڪندا آهن. عبدالرحمان وڏي همت وارو جذباتي دوست آهي.

عبدالرحمان ڊاڪٽر اسماعيل اوڍيجي جي گرفتاري مهل وڏي جرئت جو مظاهرو ڪيو هو. جلالاڻي ڳوٺ (علي غلام جلالاڻي جو ڳوٺ ) تعلقي ٽنڊي محمد خان ۾ عوامي تحريڪ طرفان محمد خان مگسي ايم آر ڊي جو جلسو ڪرايو هو. جلسي جو مهمان خصوصي معراج محمد خان هو. ان کان سواءِ اقبال حيدر، صالح فيصل، ڊاڪٽر اسماعيل، فاضل راهو غازي، آئون ۽ ٻيا ضلعي اڳواڻ ۽ عهديدار موجود هئا. جلسي ۾ ابراهيم منشيءَ جي تقرير دوران بدنظمي پئدا ٿي وئي. منشي ۽ سندس ٻه ٽي دوست ناراض ٿي ويا هليا.

جلسي ۾ ڪنهن مقرر جي ايم سيد تي تنقيد ڪئي ۽ ابراهيم منشي ان جو جواب ڏنو. تلخي وڌي وئي. گهڙيءَ لاءِ جلسو رڪجي ويو پر پوءِ خير خوبي سان جلسو هليو ۽ ختم ٿيو.

ڊاڪٽر اسماعيل تي بدين ۾ ڪيس داخل ٿيو هو. اتي جي پوليس کيس ڳولي رهي هئي. پوليس کي پڪ هئي ته ڊاڪٽر هن جلسي ۾ ضرور ايندو. سو پوليس ٽنڊي اچي پهتي. معراج آيو. سنو استقبال ٿيو. استقبال ۾ ئي خبر پئجي وئي ته ڊاڪٽر کي گرفتار ڪرڻ جون تياريون ڪيون ويون آهن پر سنگت صلاح ڪئي ته جلسي مان کسڪي وڃبو. جلسو هليو. پوليس سڄي جلسي کي گهيرو ڪري وئي. تقريرون ختم ٿيون، تڪڙ ڪري وڃي گاڏين ۾ ويناسين. ڊاڪٽر کي معراج صاحب سان ويهاريوسين. گاڏيون ڳوٺ کان پري ٿيون ته پوليس تيز هلي اچي رستو روڪيو. پوليس اچي ڊاڪٽر کي لاهڻ جي ڪئي. ڪارڪن به ڪافي جذباتي ٿي ويا. اهي ڊاڪٽر کي لاهڻ نه ڏين. هڪڙيءَ تي پوليس

ٻي تي ڪارڪن. ڪارڪنن جو دٻاءُ ڏسي ڊي ايس پي پوليس کي پوزيشن وٺڻ جو حڪم ڏنو پوليس جا سپاهي رستي جي ڪنارن ۾ وڃي، پوزيشن وٺي ويهي رهيا. ڊي ايس پي يڪدم پنهنجو ريوالور ڪڍي هٿ مٿي ڪيو ته عبدالرحمان ٽپ ڏئي وڃي ريوالور ۾ هٿ وڌو. چيائين” “توهان کان ٻيو ڇا پڄندو، سواءِ پنهنجن کي گولين هڻڻ جي، اوهان کي شرم نه ٿو اچي معصومن تي گوليون هلائيندي! هلاءِ گولي، ڏي آرڊر سپاهين کي. تون به آرڊر ڏي ۽ آءٌ به ٿو چوان پنهنجي مجاهدن کي ته وارو ڪريو، جي پوليس گولي هلائي ته نه ڇڏيون! گوڙ ڪافي وڌي ويو، معراج محمد خان به گاڏي مان لهي آيو، پوليس کي سمجهائڻ لڳو. غازي ۽ آءٌ به ڪارڪنن کي منٿون ڪرڻ لڳاسين. ڊي ايس پي کي خدا مت ڏني، وڌيڪ ڪو نه ڪڇيو. هتين پيل پوليس وارن ۽ ڪارڪنن کي ڇڏائي ڌار ڪيوسين. ڊاڪٽر پوليس کي چيو ته ”هتي گرفتار ڪرڻ مان نقصان ٿيندو، پوليس کي پاسي ڪريو. ٽنڊي محمد خان تائين هلو اتي گرفتاري پيش ڪندس.“ پوليس صورتحال کي سمجهي ويئي ۽ اسان جي گاڏين جي اڳيان پويان هلندي رهي ۽ ڪارڪن وڏي جوش سان نعرا هڻندا، ضياءَ تي لعنتون وجهندا، ٽنڊي محمد خان پهتا ۽ ڊاڪٽر گرفتاري ڏني. عبدالرحمان پٽي، وڏي همت ۽ جوش سان پارٽيءَ ۾ سرگرم آهي. ٽنڊي محمد خان کي ٽپايو وينو آهي.

ملاقات کان پوءِ ڪمري تي آيس. شام جو خبر پئي ته دادوءَ جي دوستن جان محمد برهماڻي ۽ سندس ساٿين نور محمد ٽيٻي صاحب سان جهيڙو ڪيو آهي. اوڏانهن وياسين ته، ٽيٻو صاحب ڪمري ۾ منهن ويڙهيون رنو پئي. دوستن ٻڌايو ته مسلسل ٽن ڪلاڪن کان روئي رهيو آهي. دوستن کي جان محمد تي ڪافي ناراضگي ٿي ۽ سندس انهي عمل جي مذمت ڪري رهيا هئا. فيصلو ڪيو ويو ته حسين شاهه، عالم شاهه، پير معظم ، مصطفيٰ ڪورائي ۽ آءٌ انهي سلسلي ۾ فيصلو ڪنداسين. موٽي ڪمري تي آيس. اقبال، غلام رسول زنيگجو اسان وٽ ترسيا. نائين بجي ڌاري بند ڪيائون.

## پ پ آفيس جي ”مرڪز“ منتقلي

(5- مئي 1984ع)

صبح جو تيار ٿي اسپتال وڃڻ لاءِ ماڙيءَ تي آيس ته خبر پئي ته پوليس گارڊ ڪو نه ٿو اچي. دوست سڪندر ابڙيجي کي اسپتال ضرور وڃڻو هو سو ضد ڪيو بيٺو هو ته اسپتال ضرور ويندس. عالم شاهه وڏي ڪوشش ڪري جيل جي سپاهين سان ئي اسان کي اسپتال موڪليو. جيل کان ٻاهر ادا روشن بيٺو هو. تنهن ٻڌايو ته ”پيڻ جو رشتو ٽا ڪريون“ انهيءَ لاءِ مون کان پڇڻ آيو هو. مون کي ادا شمعون سان پيڻ جي رشتي جي تمام گهڻي خوشي ٿي.

اسپتال پهتاسين ته پرچي تي داخلا ته اڳئي ٿيل هئي پر اڱاري تي داخل ٿيڻ جو لکايم. اسپتال ۾ بيماري سيماري جو ته علاج ٿئي ئي پر قيدين کي اسپتال مان وڏو فائدو مٽن مائٽن ۽ سنگتين سان ملاقات جو هوندو آهي. اسپتال ۾ نسرين ۽ ٻار به آيا. نسرين ڪافي پريشان هئي ۽ بار بار روئي رهي هئي، کيس سمجهائي گهر موڪليم. سڪندر واندو ٿي ڪو نه آيو هو. تنهن ڪري موقعي جو فائدو

وٽي ڊاڪٽر اسماعيل جي گھر هليو ويس. ڊاڪٽر اسماعيل جو گھر اسپتال جي پاسي ۾ هو لال بتي جي پر ۾. ڊاڪٽر جي گھر ويس ته پاڻي سمجهيو آزاد ٿي ويو آهيان، نوٽن جو رڪيل هار ڪٽي مون کي پارايائين. ڪيس ٻڌايم ته آزاد ڪونه ٿيو آهيان پر اسپتال مان نڪري ملڻ آيو آهيان.

سڪندر جو پاءُ ڊاتسن وٽي آيو جيل ڏي روانا ٿياسين ته منٽ ڪري گاڏي لعل صاحب جي گھر وٽ روڪرايم. اڄ خبر پئي هئي ته لعل صاحب کي هارٽ اٽيڪ ٿيو هو گھڙيءَ لاءِ لعل صاحب سان ملي آيس.

لعل بن يوسف صاحب اسان جي برادري جو نهايت قابل احترام بزرگ آهي. پاڪستان پيپلزپارٽي جو بنيادي رڪن ۽ پراڻو خاڪسار آهي. سڄي ملڪ جا خاڪسار ڪيس پيار ۽ عقيدت سان ڏسندا آهن. خاڪساري جي زماني ۾ جيل به ويو، گھرن تي ڇاپا به لڳس، سڄي هندستان ۾ تحريڪ جي اجتماعن ۾ شريڪ ٿيو. انهيءَ حوالي سان پاڪستان جي هر شهر ۾ سندس چاهيندڙ ۽ عزت ڪندڙ دوست آهن. سائين ايماندار، پرخلوص، صاحب دل ۽ علمي شخصيت آهي. اصول پرستي ۽ ايمانداري جي ڪري سنڌ جي سمورن پراڻن سياسي ڪارڪنن ۾ ”سائين“ جي وڏي عزت آهي.

پاڪستان پيپلزپارٽي قائم ٿي ته سائين، پهرين اجلاس ۾ شريڪ هو. پارٽيءَ جي تنظيم ٿي ته حيدرآباد شهر جو پهريون صدر ٿيو. حيدرآباد پ پ جي پارٽي آفيس، گول بلڊنگ جي پاسي ۾ منشي عبدالشڪور جي جاءِ ۾ هئي. (آئون انهيءَ آفيس ۾ ئي وڃي پ پ جو ميمبر ٿيو هئس) 1969ع ۾ پ پ جي مخالف جلوس، جنهن جي اڳواڻي عثمان ڪينيڊي ڪري رهيو هو، تنهن پارٽي آفيس تي اچي حملو ڪيو. عثمان ڏاڪڻ رکي پارٽي جو پرچم لاهي ساڙي ڇڏيو. انهيءَ واقعي کان پوءِ پارٽي آفيس، ٽنڊي ولي محمد ۾ ”مرڪز“ ۾ قائم ڪئي ويئي. مرڪز لعل صاحب جي اوطاق ۾ آفيس هئي.

مرڪز تي پارٽي آفيس قائم ٿيڻ کان اڳ ۾ ئي لعل صاحب پابندي سان صبح شام اچي ويهندو هو. اهو مرڪز خاڪسارن جو مرڪز هو. ننڍي هوندي انهيءَ جي سامهون خاڪسارن کي پريڊون ڪندي به ڏٺوسين. مرڪز تي پوليس جا ڇاپا به جام لڳندا هئا. برصغير جا نامور خاڪسار اڳواڻ انهي مرڪز ۾ ترسندا هئا. اهو مرڪز محترمه فاطمه جناح جي حمايتن جو مرڪز به هو ته وري پٺتي صاحب جي انقلابي ڪارڪنن جو به مرڪز ٿيو. روزانو شام جو مرڪز تي وڏي ڪچهري هوندي هئي. پاڙي ۾ ٽرڪن جا اڏا به ڪونه هئا ۽ ٽريفڪ به گهٽ هئي، گهٽين مان ته ورلي ڪا گاڏي لنگهندي هئي. مرڪز جي ڪچهريءَ جو حلقو اڌ رستو والاري ڇڏيندو هو. لعل صاحب مقرر وقت تي مرڪز پهچي ويندو هو. اهو وقت مغرب کان ٿورو پهرين هوندو هو. لعل صاحب کي کاڌيءَ جا ڪپڙا، پشاوري سينڊل، چشمو هٿ ۾. ڪرسين جو وڏو دائرو، تنهن ۾ مختلف سوچ رکندڙ سياسي ڪارڪن، شاگرد اڳواڻ، صحافي ۽ سماجي ڪارڪن ويٺا هوندا هئا، رات جو دير تائين پئي ڪچهري هلندي هئي.

## حيدرآباد جي قرب وارين ڪچهرين جي ياد

انهيءَ وقت جي ڪچهرين کي ٿو سارجي ته جڻ اهو وقت هو ئي ڪچهرين جو ، شايد انهن

ڪچهرين جي ڪري ٻـ پائيچارو قائم هو. گهٽيون نفرتون انهن ڪچهرين جي ڪري جنم وٺڻ سان ئي ختم ٿي وينديون هيون. اکيون چار ٿيون، روبرو ويهي ڏک ڏوراپا هڪ ٻئي کي ڏنا تـ جڻ دل جي قدورت ختم ٿي ويندي هئي، هاڻ جو گڏ ويهجي نٿو تـ غلط فهميون ۽ دوريون بـ وڏي ويون آهن. ڪاش وري گڏجي ويهڻ جي حڪمت مان فائدو وٺي سگهون. ڪچهريون سڄي شهر ۾ هيون، هر پاڙي ۾ ڪچهري هئي. جيڪي ڪچهريون مون ڏٺيون، تن ۾ صبح جو مير رسول بخش جي بنگلي واري آفيس ۾، سڄي شهر مان سياسي ۽ سماجي اڳواڻ ۽ ڪارڪن ايندا هئا. رڳو اڳواڻ ۽ ڪارڪن نـ پر، عوام جو بـ وڏو تعداد هوندو هو جيڪي وڏيرن ۽ ڪامورن جون دانهون ڪٽي ايندا هئا. مير صاحب هر ماڻهوءَ جي تڪليف ٻڌي پهرين حاڪمن ۽ ڪامورن تي جنيون ڪندو هو پوءِ فون بـ ڪندو ۽ خط بـ ڏيندو هو. خط کي تعويذ چوندو هو ”بابا هي تعويذ وڃي ڏينس خدا ڪندو تنهنجو ڪم ٿي ويندو!“ مير صاحب جي فون ۽ خط جو اثر بـ ٿيندو هو مير صاحب هو تـ حڪومت مخالف رهنما پر سندس عوامي زندگي، جدوجهد، همت ۽ اصول پرستيءَ سبب هر طبقي ۾ قابل احترام هو. سياسي ماڻهو عزت ڪندا ۽ ڪامورا ڊڄندا هئس. رات جو مير صاحب جي باغ قليلي تي بـ وڏي ڪچهري ٿيندي هئي، انهن ڏينهن سڄي شهر مان ڪهي رات جي وقت قليليءَ تي ڪچهريءَ لاءِ اچڻ ايڏو آسان ڪو نـ هو شهري لحاظ کان اهو وڏو سفر هو پر سياسي جدوجهد ۾ اعتبار، اڳواڻن لاءِ محبت ۽ اعتماد جي ڪري ئي ورڪر ۽ اڳواڻ روز رات جو شهر جي هر ڪنڊ کان اچي ڪچهري مچائيندا هئا.

ميمڻ پاڙي ۾ بـ ڪچهري ٿيندي هئي. پاڙي ۾ چوڌاري جايون سندن هيون. ميمڻن اجا پانڊا مسواڙ تي ڪو نـ ڏنا هئا. چوڪ ۾ گند ڪچرو ڪو نـ هو ايڪڙ ٻيڪڙ گاڏي ميمڻن جي ئي بيٺل هوندي هئي. شام جي شروعات سان ئي مسجد اڳيان چٽڪارون ٿي وينديون هيون. صندل، بئنچ، ڪرسيون پٽجي وينديون هيون. هلڪي اوندهہ ٿي تـ آهستي آهستي سڀ گهرن مان نڪري اچي ڪچهري مچائيندا هئا. ڊپ ڊاءُ ڪو بـ ڪو نـ هو بي اونا ٿيا دير تائين ويٺا هوندا هئا. سيئي پاڻ ۾ هوندا هئا، ورلي ڪو ٻاهريون دوست سندن ڪچهري ۾ هوندو هو. محرم توڙي رمضان جو آدرياءُ وڏي سڪ مان ڪندا هئا. مومنن ۽ تراويحون پڙهڻ وارن جي تواضع ڪئي ويندي هئي. نوجوان وڏي چاهہ ۽ محبت سان مسجد سينگاريندا هئا. بزرگ پنهنجي سر ويهي نيازن جو اهتمام ڪندا هئا. ميمڻ پاڙي جا سيئي ميمڻ پ پ جا پرجوش حمايتي هئا. سڄي پاڙي ۾ هڪڙو گهر ۽ شايد گهر ۾ هڪڙو فرد محترم غلام نبي ميمڻ شروعات کان ئي پٽي صاحب جو مخالف هو. غلام نبي ميمڻ، گورنر مغربي پاڪستان نواب ڪالاباغ جي ساڄي ٻانهن ۽ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو وري ايوب خان جو دادلو ٻنهي جي پاڻ ۾ ڪو نـ پئي. ٻڌڻ ۾ ايندو هو تـ ڀٽي صاحب جي خلاف ”ٽريڪٽر ڪيس“ بـ غلام نبي ميمڻ ٺاهيو هو. جهونا چوندا هئا تـ ايوب سرڪار جي چوڻ تي، خيال پير علي محمد راشدي ڏيندو هو ۽ تن کي قانوني ڪپڙا، غلام نبي ميمڻ پارائيندو هو. ميمڻ صاحب وڏي دٻدٻي وارو وزير هو. سندس پٽن جي شادي تي تـ سڄو لاهور هو حيدرآباد ۾. نامور اداڪار، اداڪارائون ۽ رقاصائون شريڪ ٿيون هيون شادي ۾، شادي ڪو نـ هئي جڻ جشن هو. ميمڻ پاڙي ۾ هاڻي اڳوڻي رونق ڪونهي. نفسا نفسي جي واءُ ميمڻن کي بـ تيزي پڪيڙي ڇڏيو آهي.

ڪچهري، سنڌي پاڙن جي ثقافت هئي. هر پاڙي ۾ چوڪ ۽ هوٽل تي هوندي هئي. الله داد چنڊ جي

ڳوٺ، ذولف ۽ شبير لاڙڪ سان ملڻ ويندو هوس تہ اتي بہ موڪل واري ڏينهن ۽ رات جو روزانو يارن جو ميڙو متل هوندو هو سائين حيدرشاهہ، سندس پائر، پاڙي وارا پڙهيل لکيل ڪچهري ۾ هوندا هئا. انهيءَ ڪچهري جو روح روان ماما عبدالله بلوچ هوندو هو ماما عبدالله ذلف جو والد، پ پ جو بنيادي ڪارڪن آهي. ڪچهريون مچائيندي ۽ سنگت جي تواضع ڪندي لطف پيو ايندو اٿس. واجا احمد علي بلوچ جا ٽهڪ بہ انهيءَ ڪچهري جي سونهن هئا. بلوچ صاحب، لعل صاحب جو گهاٽو يار ۽ مير رسول بخش خان جي ٽيم جو اهم رڪن هو. لعل صاحب ۽ احمد علي بلوچ مير صاحب جي حڪمن ۽ حڪمت عملين تي عملدرآمد ڪندڙ ٽيم هئي.

ٽنڊي آغا ۾ خدا بخش ڏاهري، اشرف ابڙو، لياقت، ظفر مرزا، عبدالرزاق شيخ ۽ خادم ڏاهري سان سنگت هئي. ڊاڪٽر خدا بخش ۽ اشرف تہ پارٽيءَ ۾ بہ سرگرم هئا. هر جلسي ۽ جلوس ۾ گڏ هوندا هئاسين. ٽنڊي آغا جي ڪچهري ۾ بزرگ مرزا عنايت علي بہ هوندو هو. سيئي ڄڻا گڏجي مير صاحب جي صبح توڙي شام واري ڪچهريءَ ۾ بہ ويندا هئاسين. ٽنڊي آغا وارن دوستن سان تہ محرم ۾ بہ ڪچهري ٿيندي هئي. محرم ۾ اشرف ابڙو ظفر مرزا، اختر مرزا، محترم ممتاز مرزا، سائين اسماعيل شيخ، رزاق ۽ ٻيا نوجوان بہ هوندا هئا. ڪنهن نہ ڪنهن کي هٿ ۾ جهنڊو هوندو هو. اهو جهنڊو محرم جي نشاني سان گڏوگڏ پڙن ۽ جلوسن ۾ هڪ ٻئي کي ڳولڻ ۾ بہ مدد ڏيندو هو محرم ۾ ٽنڊي مير محمد، ٽنڊي نوڙهو ٽنڊي غلام حسين، ٽنڊي نور محمد ۽ ٽنڊي جهانيان وارا بہ ٽولي ڪري هلندا هئا.

پاڙن ۾ تہ ڪچهريون ٿينديون هيون پر شهر جون ڪي هوٽلون بہ يارن جي رهاڻين جو مرڪز هيون. ڪراچي هوٽل دانشورن، شاعرن، اديبن، فنڪارن جو مرڪز هئي. ڪيفي حيات صدر، سلطان هوٽل گاڏي کاتو ڪيفي شيرازين نور محمد هائي اسڪول روڊ، پوليس لائين سامهون ڪيفي جارج بہ پڙهيل لکيل ماڻهن جي وقت گذارڻ جا مرڪز هئا. جيل روڊ جي مارڪيٽ واري چيڙي تي اي ون هوٽل بہ سياسي نيم سياسي دانشورن ۽ آفيسرن جي ويهڻ جي جاءِ هئي. مهربان ايراني جي هوٽل تي سڄو ڏينهن اسپيشل چانهہ ۽ سياسي ۽ ادبي ڪچهري پئي هلندي هئي. لعل صاحب وارا ان هوٽل تي ويهندا هئا. پورهيت گهڻو ڪري سلاوٽ پاڙي جي سلطان هوٽل، ڪدڙا گهٽيءَ واري هوٽل، مياڻي روڊ واري ڪيفي بشير، شهاب سينيما سامهون ميمڻ جي هوٽل ۽ ڊومڻ واهہ روڊ تي گلشن هوٽل تي ساهہ پٽيندا هئا. گلشن هوٽل تي رڪارڊنگ واهہ جي ٿيندي هئي. ذات عاشق، معشوق ۽ درد جدائي جو ماريل اتي وينو ڪنڌ هڻندو هو. رات دير تائين گانن جي فرمائش ۽ چانهہ پيئي هلندي هئي. نيٺ عاشق وري شيش محل هوٽل ۽ ان جي سامهون فرنٽيئر هوٽل تي هوندا هئا. ڪائيندا پيئندا بہ پيا هئا تہ ديدار بہ پيا ڪندا هئا.

ڪوڪر پاڙي جي گهٽين ۽ پڙن تي بہ ڪچهريون ٿينديون هيون. ڪوڪر پاڙي جي ننڍڙي هوٽل ۾ محترم منظور چانگ سان ڪچهري ٿي هئي. منظور چانگ بہ پارٽيءَ جي پهرين ڪارڪنن مان هو. عمر جو وڏو ۽ گفتگو دانشوراڻي ڪندو هو. هڪڙي ڪچهريءَ ۾ ڏاڍي دلچسپ ڳالهہ ٻڌايائين تہ ”هو پاڻ بہ ترقي اردو بورڊ جو ميمبر هو ۽ انهيءَ زماني ۾ سنڌ جا نامور ماڻهو ترقي اردو بورڊ جا ميمبر هوندا هئا. اردو زبان کي برصغير جي سمورن مسلمانن جي زبان سمجهيو ويندو هو. هڪڙي ڪچهريءَ ۾

مولوي عبدالحق باباءِ اردو، برصغير جي ڪافي ٻولين جا ٿورا پئي مڃيا تہ انهن ٻولين اردو جي بنياد ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي. چانگ صاحب چيو تہ مون پڇيومانس تہ سنڌي ٻوليءَ جو ٿورو ڇو نہ مڃيو ويو آهي، جڏهن تہ اردوءَ ۾ ڪافي لفظ سنڌي زبان جا بہ موجود آهن؟ مولوي عبدالحق، چانگ صاحب کي اهڙا لفظ ٻڌائڻ لاءِ چيو تہ، چانگ صاحب، مولوي صاحب کي سندس لقب ”باباءِ اردو“ ڏانهن ڌيان ڇڪائيندي چيو تہ ”بابا مان مراد پيءُ فقط سنڌي زبان ۾ آهي. مولوي صاحب ٻيا بہ لفظ دريافت ڪيا ۽ چانگ صاحب چيو تہ اردوءَ ۾ ڪيري جو گوشت دودهي جو گوشت هئڻ کپي پر ٿڻن واري گوشت کي ڪيري جو گوشت چوڻ سنڌي آهي. اهڙي طرح شاديءَ ۾ رسم آرسي چوڻ بہ سنڌي آهي، ڇاڪاڻ تہ انهي رسم ۾ آرسيءَ کي اردو ۾ آئينہ چوڻ بجاءِ آرسي چوڻ سنڌي لفظ جو استعمال ڪرڻ آهي. اهڙي طرح کير مان ٺاهيل کيرٽي کي اردو ۾ کير چوڻ بہ سنڌي آهي. چانگ صاحب ٻڌايو تہ هن ڪافي لفظ ٻڌايا مولوي صاحب کي ۽ مولوي صاحب اها ڳالهہ تسليم ڪندي چيو تہ ڪنهن موقعي تي سنڌي زبان جي لاءِ اها ڳالهہ ضرور ڪندس تہ هن بہ اردو جي بنياد ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي.“

شهر جا نوجوان، فردوس سئينيما جي سامهون ڊي لڪس هوٽل ڇوٽڪي گهٽي ۾ دي پئرس هوٽل، راحت سئنيما جي سامهون مشرق هوٽل، سري گهاٽ تي المشرق، فوڪس فوٽو جي پر ۾ جام جم هوٽل ۽ ٻين هوٽلن تي گڏ ٿيندا هئا پر ڪيفي جبيس، شهر جي پڙهيل لکيل خاص ڪري سنڌي ڳالهائيندڙ نوجوانن جو وڏو مرڪز هئي. پهرين تلڪ چاڙهيءَ تي کولي ويئي، پوءِ مٿان واري جاءِ وٺي جبيس کي وڏايو ويو مٿين جاءِ ۾ ئي شايد محترم ابراهيم جويو ڪنهن زماني ۾ رهندو هو. اها جاءِ بہ واٽين جي شوق مان ٺاهيل ٻين جاين وانگر سهڻي هئي. بہ ڪمرا، سهڻي ڇت، نازڪ هٿين ۽ رنگين شيشن جي درن سان شيشم جا ڪٻٽ، ننڍڙو گول ٿنين سان ورانڊو ۽ مختصر اڱڻ. گراهڪ وڌي ويا تہ ٻاٿ روم، ڪچن ۽ اسٽور روم جي ڇتين تي بہ ويهڻ جو انتظام ڪيو ويو. وقت جي ڪامياب هوٽل هئي. صبح شام رش هئي. قرب واريون ڪچهريون بہ ٿينديون هيون تہ سياسي، سماجي ۽ ڪاروباري صلاح مشورا بہ ٿيندا هئا. سپاف جي قيام جو اعلان بہ هوٽل جبيس ۾ ئي ڪيو ويو هو. جيڪي بہ جبيس تي ويندا هئا تن کي چئڻ جبيس جو نشو ٿي ويندو هو جبيس تان ڏينهن ۾ ڦيرو ضرور پربو هو. مختيار، ڊاڪٽر اشرف، نجيب قاضي، غازي صلاح الدين، ڊاڪٽر شمس وارن سان تہ ويندو هئس پر موليڏنو راڄپر، امتياز مهيسر، فاروق ٻگهيو سليم شاهہ راهوڪي، ڪڏهن ڪڏهن قاسم شاهہ عرف منو شاهہ ٽنڊو محمد خان وارن سان تہ روز جبيس تي وڃڻ ٿيندو هو. ڪاليج مان نڪري شام جو جبيس تي نہ وياسين تہ چئڻ ڏينهن سنو گذريو ئي ڪو نہ. اهو دوستن، ساٿين ۽ شهر جو سهڻو زمانو هو.

جڏهن پوي ياد، صحبت سپيرين جي،
فريادون فرياد، ناگه وڃن نڱيو.

جبيس گهٽي پراٽي تي وقت جي ور ڪو نہ چڙهي ويئي پر هِن کي نفرتن جي واچوڙن جوين ۾ ئي لٽي ڇڏيو. شهر ۾ پاڪستان کان پوءِ آيلن ۽ اصل وينلن ۾ ويڇا ڪو نہ وڌيا هئا. اچا هڪ ٻئي جي پاڙن ۾ بہ اچڻ وڃڻ هو. هڪ ٻئي سان سنگتون بہ هيون، پارٽين ۾ بہ گڏ ويهندا هئا پوءِ بہ الائي ڇو شهر جي ماڻهن جو جيڪو بہ جلوس نڪرندو هو تنهن جي سنگ باري جو نشانو اصل رهاڪن جون ملڪيتون

ٿي هونديون هيون. احتجاجن باهه ڏيڻي هوندي هئي ته سرڪاري بس، گاڏيءَ سان گڏ ڪنهن نه ڪنهن سنڌي دڪان، هوٽل ڪي باهه ڏبي يا ٻيجبو ضرور هو. شهر جي سنڌين جا عاليشان ڊوبين جا دڪان، پر رونق حجامن جا دڪان (حيدرآباد جا مور حجام ۽ اُستي قاسم حجام جو دڪان ته سڄي سنڌ ۾ مشهور هو). نشاط هوٽل ڪان جبيس هوٽل، پيٽرول پمپ، هلڪيون ڦلڪيون ڪئبنون سڀ آهستي آهستي ويراني ڏانهن وڌنديون ويون جو هر دفعي شهر جي جلسن جلوسن ۾ ايندڙن جي ڏمر جو نشانو اهي ٿي هيون. شهر جي اصل ماڻهن جي وڻج واپار جا اهي مرڪز رڳو ڪاروباري جايون ڪو نه هيون، اُتي اکين وارن جون اکيون چار به ٿينديون هيون، صوفي روحن وارا محبتون به ويهي ونڊيندا هئا. پيار جي انهن پڙن جي ڦٽڻ وارو دور ٿي شهر جي ويران ۽ ويڳاڻي ٿيڻ جو آغاز هو. رڳو اهي هوٽلون پررونق ڪو نه هيون پر شهر جون رهائشي هوٽلون به ڪامياب ڪاروبار هو. اهي رهائشي هوٽلون گهڻو ڪري اسٽيشن جي آس پاس واري علائقي ۾ هيون. ايڪڙ ٻيڪڙ ڪا مارڪيٽ ۾ هئي باقي وڏيون ۽ ڪامياب هوٽلون قلعي جي پوئين ديوار سان اسٽيشن جي ويجهو هيون. زميندار هوٽل، حبيب هوٽل، يثرب هوٽل، فارول، گرانڊ هوٽل، شيزان هوٽل، نظاماڻي هوٽل، فردوس هوٽل جي ٻاهران گاڏين جي رش ۽ هوٽلن ۾ ماڻهن جي وڏي اچ وڃ ڏسبي هئي. مارڪيٽ ۾ نگاهه ڪريمي جي سنگاپوري چانهه ۽ سمبوسا، اسڪول ۽ ڪاليج واري زماني ۾ سيني شاگردن ڪي پاڻ ڏي ڇڪيندا هئا. رهائشي لحاظ ڪان مارڪيٽ ۾ تاج محل هوٽل ڪامياب هوٽل هئي. مارڪيٽ جي ايريا ۾ سيٺ ڪدو ميمڻ شاني هوٽل ٺهرائي پر جهڙي شوق مان ٺهرايائين ايڏي هلي ڪو نه. منهنجي خيال ۾ ته ڳدو سيٺ جي هوٽل ڪو نه هلي ته ٻين هوٽلن جون به پٽي پاڙون پٽيئين. آهستي آهستي رهائشي هوٽلن تان به رش لهي ويئي. ان جو سبب ٻين ڳالهين سان گڏ، وقت جي تيز رفتاري هو. رستن جو سفر آسان ۽ تيز ٿيو ته ماڻهن ويجهن علائقن لاءِ ريلن ۾ چڙهڻ ڇڏي ڏنو ته وقت ۽ حالتن به ماڻهن ڪي شهر ۾ هرويرو رهڻ لاءِ مجبور ڪو نه ٿي ڪيو.

مارڪيٽ واري تاج محل هوٽل ۾ منهنجو وڃڻ گهڻو ٿيندو هو جو اتي سائين صالح شاهه ڪراچي وارو اچي رهندو هو. سائين صالح شاهه بابا وارن جو به دوست هو ۽ لعل صاحب وارن جو به تحريڪي ساٿي ۽ دوست هو. سائين صالح شاهه پنهنجا به پٽ شير علي شاهه ۽ فتح علي شاهه نور محمد هاءِ اسڪول ۾ داخل ڪرايا هئا ۽ حيدرآباد ۾ پنهنجن دوستن ڪي سندن پارت ڪري ويو هو. مون ڪي انهن وٽ خبر چار لاءِ وڃڻو پوندو هو ۽ پوءِ انهن سان گهاٽي سنگت ٿي ويئي. اهي نور محمد هاءِ اسڪول جي هاسٽل ۾ رهندا هئا، موڪل جي ڏينهن مون سان هوندا هئا اسان جي گهر به اچي وقت گذاريندا هئا.

سائين صالح شاهه، مزاجاً قلندر ۽ سخي انسان هو. سائين پاڻ ٻڌائيندو هو ته ننڍي هوندي، مرحوم نور محمد (نور محمد هاءِ اسڪول جو باني) ڪيس ڪراچيءَ مان پنهنجي اسڪول حيدرآباد وٺي آيو جو سائين صالح شاهه، هوشيار شاگرد ۽ والي بال ۽ ڪرڪيٽ جو سٺو رانديگر هو. سائين ٻڌايو ته جوانيءَ ۾ خاڪسار ٿيو خاڪسار تحريڪ جي ڪافي جلسن جلوسن ۾ شريڪ رهيو. انهيءَ سلسلي ۾ هندستان ۾ گرفتار ٿي جيل به ڪاٽي آيو. سائين صالح شاهه ٻڌايو ته سندس چاچو اميد علي شاهه خاڪسارن جو مخالف هو انهيءَ ڪري جلدي خاڪسار تحريڪ ڪان الڳ ٿي ويو. سائين شروعات ۾

تمام غريب  ماڻهو هو. مشڪلن ۾ وقت گذاريندو هو. انگريزن سندس چاچي کي شير شاهه ڪالوني واري جاگير عطا ڪئي. پاڪستان ٺهيو ته ان زمين جي وڏي قيمت ٿي ويئي, سائين وڏي پئسي وارو ٿي ويو. مون انهيءَ دور ۾ ڏٺو سندس ڪراچي واري گهر جي اڳيان آفيس هئس, ان تي بورڊ لڳل هوندو هو ”آفيس آف دي سيد صالح محمد شاهه اونر آف شير شاهه اسٽيٽ“

سائين صالح شاهه کي گهڻو ڪري ٻارهن مهينا ئي ڪوٽ پتلون پيئي هوندي هئي, ڪيسا نوٽن سان ڀريل هوندا هئس, ورهائيندي رت وڃندو هئس. جنهن کي به ڏيندو هو ڪوٽ يا پينٽ جي ڪيسي ۾ هٿ وجهي, مٺ بند ڪري ڏئي ڇڏيندو هو. وٺڻ واري ۽ ڏسڻ واري کي خبر ڪو نه پوندي هئي ته ڇا ڏنو اٿس. هڪ شام ٺٽڊي ولي محمد ۾ ڪچهريءَ ۾ ويٺو هو ته ڪنهن فقير اچي صدا هنئي. سائين حسب عادت ڪيسي ۾ هٿ وجهي مٺ بند ڪري فقير کي خيرات ڏني. فقير ويو هليو پر ٿورو پري وڃي فقير وري هڪلون ڪندو آيو ته”سخي ڪربلا جو پاڙو ڏيارا!“ سائين وري ڪوٽ مان مٺ بند ڪري فقير جي حوالي ڪئي. فقير دعائون ڪندو ويو ۽ وري ڪو نه آيو. سائين صالح شاهه حيدرآباد ايندو هو ته قدم گاهه مولا علي ۽ سخي عبدالوهاب شاهه جيلانيءَ جي درگاهه تي ضرور  هلندو هو.  تاج محل هوٽل مان ٽانگي تي چڙهندا هئاسين. تلڪ چاڙهي شروع ٿي ته سائين هلندي ٽانگي مان لهي پوندو ۽ تلڪ چاڙهي جي ٻنهي پاسي ويٺلن فقيرن ۾ نوٽ ورهائيندو. تلڪ چاڙهي جي هيٺيان اچي ٽانگي ۾ چڙهندو. انهن ڏينهن تلڪ چاڙهي تي ڏاڍا فقير  رهيا پيا هوندا هئا. قدم گاهه ۽ سخي وهاب شاهه جي درگاهن تي حاضري ڀري قدم گاهه کان نوٽ ورهائيندو قلعي واري پاسي کان ٻاهر نڪرندو هو ۽ اتان اچي وري ٽانگي تي چڙهندو هو. سائين  پٽ شاهه ۽ قلندر شهباز جو وڏو عقيدت مند هو. پٽ شاهه تي به گڏجي وياسين. اتي فقير ته سائينءَ کي سڃاڻي ويا هئا. سائين کي ڏٺئون ته مڙي ويندا هئا سائين جي چوڌاري. مون فقيرن ۽ غريبن کي چوندي ٻڌو ته ”ڪراچي وارو سيد اچي ويو آهي جيڪو نوٽ ورهائيندو  آهي.“ واقعي انهيءَ وقت نوٽ ورهائڻ فقيرن ۾ هئي به وڏي ڳالهه. فقيرن لاءِ ماڻهو پايون, پنج پئسيون ۽ ڏهه پئسيون  ڪليون  ڪرايو وڻا هوندا هئا. سائين شاگردن جا خرچ به برداشت ڪندو هو. شير شاهه ڳوٺ ۾ ڪيترن ئي  ٻروچن جي گهرن ۾ ضرورت جو سامان به پيو ڏيندو هو. سائينءَ جي گهر واري به وڏي سخي عورت هئي, خير خيراتون ڪرڻ ۾ مڙس وانگر هئي. روز ٿئي وقت هنڊا ٻوڙن پِتن جا رڌرائي پاڻ ويهي ورهائيندي هئي, ڀرين آسي پاسي جي غريبن ۾, پوءِ گهر وارن ۾. سائين صالح شاهه جي والده به  پنهنجو مٽ پاڻ هئي. بروهڪي ڪپڙا پيا هوندا هئس. هر وقت پٺي سائين سان وڙهندي هئي ته ” تنهنجي پيءُ جا پئسا آهن, تنهنجي ڏاڏي جا پئسا آهن, تون ڪپائين پيو مون کي  ڪو نه ٿو ڏين.“ سائين جي والده جو سڄو جهيڙو بروهڪي زبان ۾ هوندو هو. سائين جا مهمان سنڌي هوندا هئا, سائين جو ساهراڻو ڪيڏ به سنڌي هو, اسين سنڌي جو اتي ويندا هئاسين ته ڏاڏي ”ٻيبي جنت“ اسان کي ڏسي چوندي هئي ”سنڌين کي نوٽ پيو ڪارائين باقي مون کي نٿو ڏين.“ سائين صالح شاهه ڏاڏيءَ جو جهيڙو ٻڌي وٽس اچي وِهندو هو ۽ پوءِ ويٺو ماءُ جا هٿ چمندو, پيرن جون ترِيون چمندو پيرن کي اکين تي رکندو پيرن کي هٿ گهمائي پنهنجي منهن تي پيو لائيندو. انهيءَ مهل ڏاڏي وري ويٺي سائينءَ کي پنن تي ڏڪ هڻندي هئي. اهي ڏڪ پيار مان هوندا هئا. ڏاڏيءَ جو جهيڙو سچي پچي جو ڪو نه هوندو

هو هوءَ تہ بزرگ هئي، اوڙي پاڙي، پنهنجن پراون لاءِ پيار واري. اسان کي بہ خرچيون پئي ڏيندي هئي. هن جو جهيڙو هوندو هو پئسن لاءِ. پئسا ڪٽندا هئس تہ جهيڙو ڪري وٺندي هئي. پئسا وٺي منگهو پير تي شير شاهہ جي درگاهہ تي وڃي درگاهہ جي خدمت ڪندي ۽ غريب غربا کارائيندي، منگهو پير نہ وئي ۽ پئسا بہ مليس تہ پوءِ گهر جي ڀاهران ويهي غريبن ۽ فقيرن جو انتظار ڪندي. فقير آيو تہ پئي ان کي غور سان ڏسندي ۽ جي پڪ ٿي ويس تہ واقعي مصيبت ۾ آهي تہ وس آهر خيرات ڏيندي ۽ پوءِ خيراتون ڪندي پئسا کٽائي وري سائينءَ سان وڙهندي تہ ”تنهنجي پيءُ جا پئسا آهن جو مون کي ڪو نہ ٿو ڏين!“

سائين صالح شاهہ ٻڌايو تہ مولانا ڀاشاني ۽ غفار خان جي پارٽين جو اتحاد ٿيو تہ ان اجلاس ۾ پاڻ بہ ويو هو اهو اجلاس ڍاڪا ۾ ٿيو هو. سائين جي ايم سيد وارن سان گڏ ويو هو. نعپ جي بنيادي رهنمائن مان هو ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي سان بہ تعلق هئس. ڪامريڊ جي هاري ڪانفرنس ۾ شريڪ ٿيندو هو. نعپ جي اڳواڻن جا خرچ وغيره بہ ڀريندو هو پر پوءِ سائين جي شايد دل ڀرجي وئي سياست مان. چوندو هو ”اهي سڀ وڏا استاد آهن، ماڻهن جي سورن جي ڳڻتي ڪنهن کي بہ ڪونهي.“ سائين سدائين انسانن جي بنيادي حقن جي تحريڪ جي ڳالهہ ڪندو هو. چوندو هو تہ پاڪستان کي ”يونائيٽيڊ اسٽيٽس آف پاڪستان“ هجڻ گهرجي. دولت جي خلاف پيو ڳالهائيندو هو. خيالن جي لحاظ کان ڪميونسٽ هو. سائينءَ جي وفات کان پوءِ سندس تصويرون ڏسي سندس سياسي سرگرمين جو احساس ٿيو. سندس حياتي ۾ تہ هوش بہ ڪو نہ هو جو سندس داستان حيات پڇي اڄ سندس تجربن، اندازن کان ٻين کي بہ واقف ڪريون ۽ پاڻ فائدو وٺون ها.

پاڙي وچ هئام، تان مون مور نہ پڇيا،
تيلاهين پيام، موريسر اکين ۾.

سائين رات سڄي ٻاهر ڪچهرين ۾ گذاري اسر ويل اچي سمهندو هو. صبح جو اٺين نائين وڳي جاڳي، اخبارون پڙهندو ۽ چانهہ پيئندو هو. اخبارون سڀ گهرائيندو ۽ پڙهندو هو. ڊان، جنگ، مشرق، انجام، حريت، آغاز عبرت. جتي بہ هوندو سڀ اخبارون اينديون. اخبارون پڙهي وري سمهندو پوءِ وقفي وقفي سان جاڳندو سمهندو ٻنپهرن جي ماني کائيندو پوءِ آهستي آهستي تيار ٿيندو شام تائين سندس تياري هلندي هئي. رات جو وري گهران نڪري ويندو هو. بغدادي، ڪنيار واڙو لي مارڪيٽ سنگتين سان، گهرن توڙي درگاهن تي ڪچهرين ۾ وقت گذاري وري فجر جو پيو موٽندو هو.

آفيس ۾ قسمت سان ويهندو هو تنهن ڪري آفيس ۾ ويهندڙ سائين کان وڌيڪ امير ٿيندا ويا. سندس هڪڙو مئنيجر لک رپيا هڙپ ڪري گم ٿي ويو. شاديون 3 ڪيون هيائين، ٽين گهر واريءَ جو تعلق بنگلور سان هو اڳيون مئنيجر پئسا کٽي پڄي ويو تہ سندس بنگلوري سالو مئنيجر ٿيو انهيءَ سائين جي حياتي ۾ ئي سائين کان رهڻ کهڻ سکيو هو سائين وفات ڪئي تہ اهو بہ سائينءَ جو ويڙهو ڇڏي ڪنهن سُني علائقي ۾ وڃي رهيو. شير شاهہ ۾ سائينءَ جي حويلي وڏو ويڙهو هئي جنهن ۾ سندس ٽي گهر، ڀاءُ جو گهر، ڀاٽيجن جا گهر ۽ ٽين گهر واريءَ جي مائٽن جا چار پنج گهر هئا. سائين پنهنجي پڙ ڏاڏي سيد شير شاهہ جو منگهي پير ۾، چاچي اميد علي شاهہ جو شير شاهہ ۾ ميڙو ڏوم ڏام سان لڳرائيندو

هو. وڏي شان مان پڙ ڪچندا هئا. واجا ٿيندا هئا. نياز ننگر به جام ٿيندو هو رات جو راڳ جي محفل به ٿيندي هئي. ٻين راڳيندڙن کان قوال وڌيڪ پئسا ڪٽي ويندا هئا. اهي قوال مئي ۾ مستيءَ جا ڪلام ٻڌائي سائينءَ کي جهومائيندا هئا ۽ سائين نوٽ گهوري گهوري آخر ۾ نوٽ هوا ۾ اڏائيندو هو.

سائينءَ جي وفات کان پوءِ شير شاهه ۾ ساڳيو ميڙو ڪونهي، اهي رونقون سڀ سائين سان هيون. سندس پٽ شير علي شاهه ۾ جوش ته والد وارا آهن پر ڪيس والد وارا وسيلا ڪونهن. سائين پنهنجا بخت هڪڙا پاڻ ورهائي ويو ٻيا پاڻ سان ڪٽي ويو پونئيرن لاءِ ڇڏڻ جي شايد سوچئين به ڪو نه. پنهنجو گهر نندين موٽن سينئين جهڙو به ڪو نه هو ۽ نه ئي پنهنجي حيثيت مطابق ٺهراياائين. اڄ انهيءَ گهر ۾ سيئي ماڻهو موجود آهن پر ڏاڏي جنت ڪونهي. سائين صالح شاهه جي سخي گهر واري ڪونهي ۽ صالح شاهه ڪونهي ته ميڙا به ڪونهن. سائين صالح شاهه تعليم واري دور کان ئي ٽنڊي ۾ گهٽ ايندو هو. ٽنڊي ۾ سندس گهاٽي ياري چاچا ماڻڪ سومري سان هئي. سندس پٽ حيدرآباد ۾ پڙهڻ لڳا ته پاڻ به گهٽ ايندو هو. سندس وقت جان محمد هميراڻي سان يا ٽنڊي وارن سان گذرندو هو.

ٽنڊو ڪچهرين جي ڪوڏين جو پاڙو آهي، اڄ به پاڙي وارن جو ڪچهرين ۾ ساهه آهي. نفسا نفسي واري وقت ۾ به ڪٿي نه ڪٿي به ٽي چٽا ضرور گڏيا وينا هوندا آهن. رات جو دير تائين به ڪي نه ڪي رهاڻين ۾ رڌل ضرور هوندا آهن پر تڏهن ٽنڊو وسندو هو. مارڪيٽ ٽاڻي کان وٺي ڏوبي گهاٽ تائين ست اَٺ ٻاڪڙا هوٽلون هيون. ڏينهن جو ته پريون پيون هونديون هيون پر رات پالي به ٿيندي هئي هوٽلن تي، هڪڙا ڏينهن ۾ سمهن ٻيا رات جو جاڳن، ڏينهن رات چانهه جا دور پيا هلندا هئا. اسپيشل چانهه جو رواج عام ڪو نه هو. ٽنڊي وارين هوٽلن تي سادي چانهه، پتي واري چانهه، ڪٽنگ چانهه، پوٽيا چانهه، لمبا پاٽي ۽ سليماني چانهه جا آرڊر ٻڌبا هئا.

هينئر ٽنڊي ۾ ٽرانسپورٽ ڪمپنين ته جيئڻ جنجال ڪري وڌو آهي. هر گهٽيءَ ۾ آهي پرديسين جي رش، سيئي پاڙي پتي جي ريتن کان اڻ واقف. تڏهن ٽنڊي ۾ فارورڊنگ ايجنسيون ڪليل ڪونه هيون (اهي ڪمپنيون به جهڙيون ايسٽ انڊيا ڪمپني. سڄو پاڙو آهي سندن قبضي ۾) پاڙو آزاد هو شام جو رستن تي ڪچهريون هيون ۽ رات جو ڪيترائي پاڙي وارا گهٽين ۾ گهرن اڳيان کٽون وجهي سمهندا هئا.

پاڙي ۾ زندگيءَ جو آغاز صبح صادق کان ئي ٿي ويندو هو. نوڪرين وارا گهٽ هئا، پورهيت گهڻا هئا. صبح سوير ئي هوٽلن تي اڇي نيرانيون چانهيون پي، ٻيڙيءَ جا دونها ڪڍي روزگار تي ويندا هئا. صبح سان ئي حلوائين تي رش به وڏي ٿيندي هئي، گهڻو ڪري غريب غربو ٻارن لاءِ مال پڙا، دال پڪوان، ٿوش، ڊبل روٽيون به ضرور وٺندو هو. صبح سان چاچي قادو ڏوڏي تي به وڏي رش هوندي هئي. ڪي ڏڌ مکڻ وٺي گهر وارن کي سُڪيو ڪندا هئا ته ڪي اُتي ئي پپر جي پن ۽ هٿ جي تري تي ئي مکڻ کائي ڏڌ پي لٽ ٿيندا هئا. رش ته چاچي حاجي سيدّي واري ۾ ادا عرس ٻچڙي جي ڪير جي صندل تي به ڏاڍي ٿيندي هئي پر "شيدو پالاري" ۽ "چاچو شفو پڪوڙائي" پاڳن وارا هئا، مٿن جيئري ميڙو هو.

ادا عرس جون ڊڳيون به پاڙي جي سڃاڻپ هيون. مالوند ته هر گهٽيءَ ۾ هئا پر ادا عرس جون ڊڳيون سڀن کان نراليون هيون. ڪنڌ ۾ رسو سهنديون ئي ڪو نه هيون، رسو ڪنهن وڌن ته مٿان ٿي ڪري

ڀونديون هيون. سڄو ڏينهن ڪليون پيون هونديون هيون. ڏينهن جو شهر مان بصر، گجر، ڪاڳر ۽ لفافا چري شام جو وٺاڻ تي ورنديون هيون. جهڙيون پاڻ نراليون هيون تهڙو سندن ڏراڙ ”سومار“ سومار هر ڏڳيءَ جي نسل ۽ عادت مان واقف هو ڏڳين جا نالا رکيل هئس. ”نيلو“ کي سڏيندو ته نيلو سان نيلوءَ جو ڦر به پيو ڏڪون ڪندو ايندو. ”ڳاموري“ کي هڪل ڪندو ته ڳاموري ڦر سوڌي اچي سومار جو پاسو وٺندي. ڪلي تي بيهي ڪاٺڻ وارن جانورن جي پيٽ ۾ ادا عرس جون ڏڳيون هلندي گهمندي پراوا پنا، ڀاڄيون ۽ ڳڙ کائيندي مواڙ لڳيون پيون هونديون هيون. ڪيترن ئي سالن کي ڏسي اسان کي ادا عرس واريون ڏڳيون ياد اچي ويند يون هيون. سپاف ۾ انهي زماني ۾ گهڻن دوستن تي ”ادا عرس واري ڏڳي“ نالو رکيل هو.

هوٽلن تي وڏا بحث مباحثا ٿيندا هئا. پڙهيلن ۽ ڪڙهيلن جون عالمانه خبرون به ٿينديون هيون ته موالين وارا ڏڪا به پيا لڳندا هئا. هوٽلن واري ڪچهريءَ ۾ سائين شريف شاهه جي ڪچهري زور ڪچهري هئي. ڪچهري بابا وٽ به ٿيندي هئي. اسان واري گهر واري جاءِ ۾ اڳ ۾ هوٽل هئي. هوٽل ڪان اڳ ۾ اوطاق هئي. سڄو ڏينهن رهاڻيون هيون اتي. حيدرآباد ۾ ڪُشتين جا مقابلا جام ٿيندا هئا. شهر جا پهلوان به مشهور هئا ته پنجاب جا پهلوان به ايندا هئا. بابا وٽ به جهلم مان خادم پهلوان، ظفر پهلوان ۽ ٻيا پهلوان اچي ترسندا هئا. خادم پهلوان ته ڏاڍو مشهور ۽ ڪامياب ٿيو. بابا جي ڪچهريءَ ۾ مولائي ۽ موالي جام هوندا هئا. عالم ۽ شاعر ۽ ڳائڻا به ايندا هئا. سينگار علي سليم، منو ڪيچي، (منو ڪيچي جو ڀاءُ الائي ڀائيتيو سکر جيل ۾ قيد هو. سکر جيل جو تن ڏينهن مرزا صاحب سپرنٽنڊنٽ هو ۽ سندس پٽن سان اسان جي دوستي هئي. منو ڪيچيءَ کي اسان جي سنگت جي خبر پئي ته پنهنجن قيدي ماڻهن سان اسپيشل ملاقات ۽ سهولت وٺي ڏيڻ لاءِ مون کي وٺي سکر هليو. سکر ويندي رستي ۾ استاد منو ڪيچي پئي جهونگاريو ”اڱڻ ٻهاريان تنهنجون واٽون نهاريان يار سڄڻ....“ مون چيس چاچا اوهان کي اهو ڪلام وڻي ٿو ڇا؟ چيائين ته ”رونا ليليٰ اها سٽ ڳائي سنڌ جي ڳائڻن کي ملهه وارو ڏڪ ڏئي ويئي آهي.“ خانصاحب، فدا حسين خان، مشهور طبلي نواز فياض علي خان ۽ حضور بخش هزاري ته بابا جا گهاٽا يار هئا پر ٻيا نامور فنڪار به بابا وٽ ايندا هئا. خانصاحب فتح علي خان ننڍي هوندي کان بابا وٽ مون ايندي ڏٺو اڃا تائين سندس پيار وارو تعلق بابا سان هليو اچي. سنڌ جو مشهور بزرگ صوفي شاعر راضي فقير به بابا وٽ ايندو هو. اوطاق تي ترسندو هو ننڍي هوندي، راضي فقير مون کان نوٽ بڪ ۾ پنهنجي شاعري لکرائيندو هو. ڪيس وڏو ڪارو جبو ۽ ٻروچڪي جُتي پيل هوندي هئي. پٽڪو اڌ ڪارو ۽ اڌ سائو هوندو هو. راضي فقير سان پٽائيءَ جي ميڙي تي به رهاڻيون ٿينديون هيون. راضي فقير جي شاعري به شاهه سائين جي شاعري جهڙي هئي، سندس هر بيت شاهه جي بيت سان ڏٺل هوندو هو.

سنڌ جي مشهور شاعر لعل حسين شاهه سوز جي به بابا سان ياري هئي. سکر مان ايندو هو ته اسان وٽ ئي ترسندو هو. شهر کان ٻاهر مجلسون پڙهڻ ويندو هو ۽ واندو ٿي وري اسان وٽ ئي ايندو هو. پهرين هوٽل واري اوطاق ۾ پوءِ اسان جي گهر واري اوطاق ۾ رهندو هو. سائين لعل شاهه شيعه مڪتبه فڪر جو وڏو عالم ۽ مقرر هو. بهترين شاعر هو. سندس شاعري گهڻي منظر عام تي ڪو نه آئي. صرف چند ڪافيون ۽ غزل مشهور ٿيا. سينگار علي سليم سندس ڪلام کي واهه جو ڳايو آهي ”آيا اڱڻ عجيب، نصيب ڀلا، اهي اڱڻ چمان يا عجيب چُمان“، ”الف ني ميم دا برقعه پاڪي خوب رچايا رنگ ميان“،

”وڏي ويون دل جون پريشانيون“ مولائين، موالين، عالمن ،فنڪارن جي انهيءَ محفل ۾ عجب عجب موضوع بہ نڪرندا هئا. هڪڙي ڪچهريءَ ۾ بابا، سائين لعل شاهہ سان ڪچهري ڪندي ”اڇي حاضر حسيني ٿي قلندر لعل مروندي“ واري ڪلام ۾ ”حاضر“ لفظ تي اعتراض ڪيو (اهو ڪلام محمد يوسف جو ڳايل آهي) بابا جو چوڻ هو تہ شاعر قلندر يعني پنهنجي مرشد کي مشڪل آسان ڪرڻ لاءِ سڏ ٿو ڪري، جڏهن تہ حاضر ٿيڻ لاءِ مرشد کي نہ پر پاڻ کان هيٺي يا جوابدار کي حڪم ڪبو آهي. سائين لعل شاهہ چيو ” ڳالهہ تہ لالا اوهان جي صحيح آهي (بابا کي دوست پيائو ۽ لالا چوندا آهن) پر اتي حاضر جي جاءِ تي ڇا هجڻ گهرجي ها؟ بابا چيو اها ست هجڻ گهرجي ها تہ ”اڇي حامي حسيني ٿي قلندر لعل مروندي“ اهڙي ڪچهري ۾ بابا، سينگار علي سليم جي ڳايل ڪلام ”آيا ڪين مارو وساريئون وطن کي“ ۾ ”پاڙيئون نہ سخن کي“ واري لفظ تي پڻ اعتراض ڪيو. اهو ڪلام مرثيہ طور بہ ڳايو ويندو آهي ۽ سيني جو اهو ئي چوڻ آهي تہ اهو ڪلام آهي ئي مرثيو تنهن ڪري بابا کي عقيدي جي لحاظ کان امام عالي مقام لاءِ واعدو نہ پاڙڻ واري ڳالهہ تي اعتراض هو. سائين لعل شاهہ سان ڪچهري ڪندي بابا، سائينءَ سان ڳالهہ ڪئي تہ مير حسن علي خان پنهنجي مرثيہ جا ڪيئي بند بنا نقطي ڇيا آهن. سائين انهيءَ مهل ڪاغذ گهرائي ٿوري دير ۾ ئي چار پنج شعر بنا نقطي لکي ڏنا. سائين لعل شاهہ ملتان ويو تہ اهي ڪچهريون وڏيڪ بڌڻ کان رهجي ويون. سائين اتان، اجا تائين محبت پريا خط موڪليندو رهندو آهي.

بابا جي ڪچهريءَ ۾ سنڌ جي نامور فنڪارن کي بڌم. فنڪارن کي بڌڻ جو گهڻو موقعو ”بابا حيات فقير“ وٽ ئي ملندو هو اتي خورشيد علي خان کي بڌم. سندس هڪڙو ڳايل ڪلام اجا بہ ياد اٿم تہ ”تيرون ڪي مصلي پر وه سجده شڪرانہ“ اتي مهدي حسن، سائين اختر حسين، منظور علي خان ۽ ٻيا وڏا وڏا سنڌ پنجاب جا گويا بہ ٻڌا تہ ڪراچي، حيدرآباد، لاهور جون رقاصائون بہ رقص ڪندي ڏٺم. حيات فقير وٽ ڪنهن مزار تي ميڙو نہ هو پر جيئري فقير جي صحبت لاءِ سڄي شهر مان عالم، اديب، شاعر، قوال، فنڪار، آفيسر ۽ مولائي اچي مڙندا هئا. حيات فقير لانگوٽي وارو فقير هو وڏا وار ۽ ڪارو ڪٿو بت تي. وڏا ننهن، ٻانهن ۾ لوهي ڪنگڻ، ڪنڌ ۾ مالها. ڳوڻ جي ننڍي پاٿاري تي ويٺو هوندو هو دل چيس تہ سردي، گرمي، اُس مينهن ۾ ٿلهي تي ويٺو هوندو هو. وري جي پور پيس تہ لانڍي ۾ مچ تي اچي ويهندو هو. پيٺو صاحب وزير خارجہ جي حيثيت ۾ پناڻ ڪالوني ۾ بہ آيو هو. حيات فقير جي ٿلهي تي ماڻهن سان مخاطب ٿيو. پري کان لانڍي ۾ دونهين تي ويٺل فقير کي ڏسي ان بابت پڇائين، ڪيس ٻڌايو ويو تہ ”اهو فقير قلندر ئي پناڻ ڪالوني کي وسائڻ وارو آهي.“ ڀٽي صاحب سندس تعريف ٻڌي، وڃڻ مهل فقير صاحب وٽ ويو، فقير صاحب هر جاهہ جلال کان بي نياز هو سو بي نيازيءَ مان ئي ڀٽي صاحب سان مليو. فقير صاحب جي صبر ۽ فقر جا ڪيئي قصا مشهور آهن. فقير صاحب پنڌ حج ڪيو هو فقير صاحب پنهنجي جسم کي وڏي تڪليف ڏني آهي. فقير صاحب وارن جو ملامتي فرقي وارو طريقيڪار آهي. فقير صاحب جي سلسلي ۾ پهرين سڄي بت جا وار پرون سوڌا ڪوڙنا پوندا آهن .لانگوٽي پائي، چار مکي ويهڻو پوندو آهي. فقير صاحب جي سلسلي ۾ نفس جي رياض لاءِ مختلف ڳالهين جا روزا رکيا ويندا آهن. فقير حيات علي بہ ڪيئي روزا رکيا. بابا بہ سندس خاص خليفن مان

آهي. بابا فقير سان پنجاب جو سفر بہ ڪيو. بابا ٻڌايو تہ فقير صاحب جي مرشد جي درگاهہ تي ڪيئي فقير وينا هئا. تن جا مختلف ڳالهين جا سالن جا روزا، ان نہ ڪائڻ جا روزا، نہ ڳالهائڻ جا روزا بہ هئا.

فقير صاحب جي مرشد جي درگاهہ ضلعي شيخوپوره ۾ مڙه بلوچان ويجهو آهي. درگاهہ مالهڻ شاهہ قلندر جي سڏبي آهي. فقير صاحب جي مرشد جي پوٽي غلام عباس مون سان ڳالهہ ڪئي تہ مالهڻ شاهہ قلندر لاهور جي گلبرگ (شايد) جي قبرستان ۾ ويٺل هو تہ ڊاڪٽر علامہ اقبال وجي بزرگ سان ڪچهري ڪئي ۽ مختلف سوال پڇيا. غلام عباس اهي سوال مون کي بہ ٻڌايا هئا پر صرف بہ سوال ياد آهن. ڊاڪٽر اقبال، فقير کان پڇيو تہ "اوهان جا وڏا ننهن، ٻُت جا وار غير شرعي آهن، اوهان شريعت جي خلاف اهي ڇو رکيا آهن؟" فقير صاحب چيو تہ "انهن شين جي صفائي جو حڪم آهي جيڪي استعمال ٿينديون آهن. ٿانو اهي ڏوئبا آهن جن ۾ ڪائبو آهي، جي ٿانوَ استعمال ئي نٿا ٿين سي ڌوئجن تہ ڇا، جي نہ ڌوئجن تہ ڇا؟" علامہ صاحب فقير کان قبرستان ۾ ويهڻ جو سبب پڇيو تہ فقير صاحب چيو تہ "سياڻي جتي مون کي کلهن تي کڻي ايندا، اُتي آءٌ پاڻ ئي پنڌ ڪري اچي وينو آهيان. پنهنجي منزل تي اڳ ۾ اچي ويهڻ ڪا غير شرعي ڳالهہ ڪونهي." غلام عباس ٻڌايو تہ علامہ صاحب اڪثر فقير وٽ ايندو هو ۽ فقير متعلق پنهنجي شاعريءَ ۾ بہ ذڪر ڪيو اٿس.

حيات فقير وڏي همت ۽ تڪليف سان جبل ڪوٽي، کوهہ کنيو هو. انهيءَ کوهہ مان ئي پناڻ ڪالوني جون گهڻيون جايون نهيون. انهيءَ کوهہ جي پاڻيءَ مان ئي پناڻ ڪالوني ۾ درگاهہ واري مسجد تعمير ٿي، انهيءَ مسجد جي تعمير ۾ رازا ۽ مزدور فقير حيات جا معتقد ئي هئا. فقير صاحب پاڻ بہ مزدوري ڪندو هو. بابا بہ انهيءَ مسجد جي تعمير ۾ تغاريون کڻندو ۽ سرون ڍوئيندو هو.

فقير صاحب جو آرام سڪون مختصر هو. ڪائيندو پيئندو گهٽ هو سجو ڏينهن سندس لنگر هوندو هو طرحين طرحين جا طعام پچندا هئا، ويٺل ڪائيندا هئا. هو پاڻ بنهہ سادو ڪائيندو هو. حيات فقير ۾ معتقدن جو وڏو عقيدو هو سندس ڪرامتن جو ذڪر بہ ڪندا آهن. منهنجي خيال ۾ تہ سندس روپ رنگ، دنيا ۽ دولت کان لاتعلقي، منصبي جاهہ و جلال کان بي نيازي پاڻ ئي وڏي ڪرامت آهي. حيات فقير جو نند، ماني ۽ نفسياتي ضرورتن کان بيپرواهہ ٿيڻ ئي صاحب ڪرامت هئڻ جو ثبوت هو.

نابودي نيئي، عبد کي اعليٰ ڪيو

مورت ۾ مخفي ٿيا، صورت پڻ سيئي.

ڪبي اُت ڪيهي، ڳالهہ پريان جي ڳجهہ جي

حيات فقير وٽ روز ڪچهري هئي. روز ڪو نہ ڪو فنڪار بہ هوندو هو. وڏن فنڪارن جون راڳڻيون تہ ڪو نہ سمجهندو هئس پر سينگار علي سليم ۽ حضور بخش هزاري کي سمجهي ويندو هئس. حضور بخش جي ڳايل "جوڳي والي ويس مين، ڪوئي راهہ مسافر آيا" ڏاڍو وڻندو هئم. ڪو فنڪار نہ آيو تہ چاچا رانجهو مشوري، چاچا نبي بخش ۽ بابا يڪتارو ۽ هٿن ۾ چير کڻي ويهي صوفياڻو ڪلام جهونگاريندا هئا.

بابا وارا تہ گهڻو ويندا هئا. حيات فقير وٽ، پر تندي وارا گهڻا ماڻهو ٻين درگاهن تي بہ حاضريون ڀريندا هئا تہ ميڙن ملاڪڙن جا بہ شوقين هئا. تندي ولي محمد جا اصل ماڻهو درگاهہ ڇتن شاهہ بخاري جا

معتقد آهن، درگاهه جي گادي نشين سيد گاجن شاهه جو سچي شهر جي سنڌي پاڙن وانگر هن پاڙي ۾ وڏو احترام ڪيو ويندو آهي. پاڙي جا ڪافي ماڻهو سخي جي درگاهه تي به پابندي سان ويندا آهن. سخي جو ميڙو به وڏي ڌام ڌوم سان لڳندو هو ميلي جو ملاکڙو مال پڙي جي ميدان تي ٿيندو هو. سڄي سنڌ مان پهلوان ايندا هئا. ٽنڊي ۾ مهر شاهه جو ميڙو به لڳندو آهي. انهي درگاهه جو متولي صوفي بصير الدين هو. صوفي صاحب ڪڏهن گيڙو، ڪڏهن ساوا ته ڪڏهن ڪارا ڪپڙا پيو پائيندو هو ڪڏهن پاڻ پيو نغارا وڄائيندو هو ته ڪڏهن پڙن ڪي درگاهه جي انگاس تي اچڻ ڪو نه ڏيندو هو. صوفي صاحب جنهن ڪچهري ۾ هوندو هو اتي ٻاٽتال وارو بحث مباحثو هوندو هو. ٽنڊي ولي محمد جي گهٽن گهرن مان درگاهه غلام شاهه ڪلهوڙي تي مڃي ماني به ويندي هئي.

پاڙي جا ڪافي گهر درگاهه جهانيان جا مريد آهن. پوڙهن ڪان ٻڌو اٿم ته ٽنڊو ولي محمد پهرين، درگاهه جهانيان ويجهو مائي مهان جي ٽنڊي وٽ هو. اهي ميراٽا ماڻهو هئا، پوءِ شايد ٻوڏ جي ڪري نواب ولي محمد لغاري وزيراعظم سنڌ لڏرائي موجوده ٽنڊي ولي محمد واري جاءِ ڪي آباد ڪرايو.

ٽنڊي وارا راڳ رنگ جا شوقين، شادين، طهرن تي وس سارو رس ضرور ڪندا. مرد ڳاٽا به ايندا ته ڪجريون به نچنديون، راڳ ٻڌڻ به ويندا ته پاڻ به پيا جهونگاريندا. شهمير چانڊيو ۽ امداد علي چانڊيو به پاڙي جا يگانا فنڪار هئا. بانسري به وڄائيندا هئا ته باجي تي ڳائيندا به هئا. جهڙ ڪار ڪئي يا مينهن وٺو ته ٻئي نڪري ايندا ميدان تي. وسندي مينهن به ڪنهن نه ڪنهن اوٽ ۾ ساز آواز جو مظاهرو ضرور ڪندا هئا. ٽنڊي وارا ذات پير فقير جا معتقد. سخت سنين ۾ به هاڻ واڌ آئي آهي ته ڪٽر شيعا به هاڻ وڌيا آهن. اڳي سڀ سنڌي مومن مسلمان. نج پج شيعن جا گهر ٻه ٽي هئا، تن ۾ محترم لعل محمد چنا ۽ جڳ مشهور ٻاڊي بلڊر ماما فدا پناڻ وارن جو گهر اهم هو باقي سڀ سُني پر مولائي سني. رسول سرڪار جي اصحابن جي عزت ۽ احترام به واجب ته عليءَ جي اولاد سان عشق به عقيدو، محرم آيو ته سڀ لطيف سائينءَ جي صلاح تي عمل ڪندا ته ”ڪارا رڱج ڪپڙا، ادا نيروتي...“ سڄي پاڙي ڪي هوندا ڪارا ڪيل. ڪافي نوجوان ۽ بزرگ ته جلوسن ۾ پيرين اگهاڙا پيا هلندا. ذوالجناح جا جلوس به ڏهه ٽي ڏينهن نڪرندا. پڙ به جام، ساٿين جو پڙ، روشن جو پڙ، نجي منشي جو پڙ، ڪنير جو پڙ، مائي ساران جو پڙ، مهر شاهه جو پڙ، ٻڙدين جو پڙ، جلال چانڊيي جو پڙ، سيالن جو پڙ، ڪاسائين جو پڙ، شيدين جو پڙ. جلوس ۽ پڙ به گهڻو ڪري سنين جا ئي هوندا هئا. ٽنڊي وارا به سڄي سنڌ جيان مذهبي فرق ۽ فرقي جي فتني ڪان پري، يارهيون به پيا ڪندا ته، عرس ۽ نياز به سيني گهرن ۾ هوندو. قلندر جي مينديءَ به وڏي جوش سان ڪڍندا. ”ميندي“ ته ڪافي گهرن ۾ ٿيندي هئي پر ساٿين واري مينديءَ جو وڏو رنگ هو. انهي مينديءَ ۾ واجو ٿيندو، مغرمانن تي شيدين جو ناچ به ٿيندو ته رات جو ساٿين جي وڏي گهر ۾ زائفاٽو راڳ سڄي رات هلندو. ماتلي مان حاجاٽي سمي ۽ ٻيون ڳائڻيون اينديون هيون. وڏي گهر جي وچ ۾ وڏو ميدان ۽ چوطرف گهر هوندا هئا. ميدان تي مجلسون ۽ محفلون ٿينديون هيون.

ٽنڊي ۾ ڪڪڙن جا شوقين به وڏا هئا. سڄو اونهارو پيون ڪڪڙن جو خدمتون ٿينديون هيون، دنيا ۾ جو به ساهه وارو ڪائيندو سو پريندو ته ضرور، سو سيارو آيو ته ڪڪڙن ڪي خدمت جو عيوضو ڏيڻو پوندو. آچر جي ڏينهن شوقين تياري ڪندا هئا ميل جي، ڌوتل ڪپڙا، پٽڪن، ٽوپين سان، سينگاريل

ٽانگن ۾ وڏين گاڏين ۾، ٽوئنرن وارين پونئر ڪلين سان ڪُڪڙ ڪِچن ۾، وڃي مڙندا هئا گدوءَ ۾ درياهه شاهه جي ڪپ تي اتي شهر جو وڏو ميل ٿيندو هو. جنهن ڪُڪڙ ڪُٽيو تنهن جي ساراهه سڄو سال پئي هلندي، جنهن ڪُڪڙ هارايو سو ڏٽين جي پيٽ ۾، پر پلو ڪُڪڙ ڳُسندو ڪو نه هو. پلي مان آسرو ڪو نه لاهبو هو وري خدمتون ٿينديون هيون وري ايندڙ ميل ۾ لاهبو هو.

مئڪسم گورڪيءَ جي ناول ”ماءُ“ ته چريو ڪري ڇڏيو (سچ پچ ته اجا هوش ۾ ڪو نه آهيون) پر سندس ٻيا ڪتاب به گهٽ ڪو نه هئا. سندس ”ٻچپن“ پڙهيم ته لڳو گورڪي، ٽنڊي ۾ وڏو ٿيو آهي. ٽنڊي ۾ روز شام جي آغاز سان به ٿي چٽا لڏندي جهومندي ۾ ڪرندي نظر ضرور ايندا هئا. هينئر هيروئن مڙسن کي ماري، ڪاري ناس ڪري ڇڏيو آهي، نه رشتن جي سڃاڻپ آهي نه پنهنجي حياتيءَ جو هوش. پاڻ به ڪِنُ ته آستانو به ڀوندو تي. هيروئن جي هاڃيڪارين ڪان اڳ به موالي گهٽ ڪو نه هئا.

پاڙي ۾ موڪيءَ جا مٽ جام هئا، پر اڃا، اجرا، وهنجي سهنجي پيا جهومندا هئا. پر ڪنٻن ۾ ويهي موت سان مڻ مڻ ڪو نه ڪندا هئا پر زندگيءَ جا اعلان ڪندا وتندا هئا. مئي جي مستيءَ ۾ هڪلون، جهونگارون، دشمن کي گاريون به جام ۽ وڏي واڪي پر دشمن جو نالو ڪو نه وٺندا، سمجهڻ وارا پيا سمجهندا ته ڪنهن تي موالي پيو باهه چنبي. هلڪا ڦلڪا ڦڏا ته روز ٿيندا، وڏا جهيڙا ورلي ٿيندا هئا. جهيڙي ۾ مُڪون، چنبا، جهيڙو وڌيو ته لٺيون، هاڪيون. ڪي ڪي اداڪار جهيڙي ۾ سوڍا جون بوتلون به هلائيندا هئا. وڏي جهيڙي ۾ ڪلپ، خردم ۾ چاقو هلندو هو. ڪلاشنڪوف ۽ ٽي ٽي ڪو نه هئي. سڀ ڪان وڏو خطرناڪ هٿيار سٽن نڪاون وارو چاقو هو. مرحوم روشن ڦيريون دفعو اسٽين گن پاڙي ۾ آندي ۽ پوءِ هٿيارن ڏيکارڻ جو رواج پيو. انهيءَ جو نتيجو اهو نڪتو جو هڪڙي رات ۾ پنج خون ٿيا. روشن جي پنهنجي گهر مان ٽي لاشا نڪتا.

موت سستو هاڻ ٿيو آهي. تڏهن ڪنهن جي قتل ۽ موت جو ٻڌبو هو ته ڪي ڏينهن ماڻهن مان حراس ڪو نه ويندو هو. جهيڙا به جام ٿيندا هئا ته هڪ ٻئي سان وير به هوندا هئا پر ڪو به ڪنهن جي سر ۽ عزت جو گهورو ڪو نه هو. ٽنڊي کي ڪيڏي مهل ڪراچيءَ وارو ڪلاڪوٽ ته ڪڏهن آمريڪا وارو ٽيڪساس سڏبو هو. سيئي عيب ثواب هئا ٽنڊي ۾، پر هڪ ٻئي جو حيا شرم به هو لحاظ مروت ماڻهن مان وئي ڪو نه هئي. وڏو ڪنهن به برادري جو هجي، سڄي پاڙي لاءِ وڏو هو. ٽنڊي جا رهواسي سيال هجن يا چانڊيا، ساٿي هجن يا مگريا، مشوري، ٻچڙا، سما، ڪنير، چنا، ڪاسائي، سومرا، پٽي، سراز، قريشي، ٻڙدي ۽ سيد سڀ پاڻ ۾ مائٽن وانگر هئا. شادين ۾ پل رنل هجن، پر قضين ۽ تڪليفن ۾ سڀ گڏ.

ٽنڊي ولي محمد جي ڪچهرين واري ميڙي ۾ هڪڙي ننڍڙي ڪچهري لعل صاحب واري ”مرڪز“ جي پوئين گهٽيءَ ۾ حبيب اوينيو جي هڪڙي پانڊي اڳيان ٿيندي هئي. حبيب اوينيو جو اهو پانڊو روزاني مهراڻ جي ايڊيٽر جي آفيس هئي. (مهراڻ اخبار حبيب اوينيو جي هيٺين حصي مان شايع ٿيندي هئي.) انهيءَ گدام ۾ اخبار ڪان اڳ ۾ گهاٽو هوندو هو ٻارن لاءِ گهاٽو به وڏو رونشو هو پاڙي ۾ ٽي چار گهاٽا هئا. ڏڳن جون اکيون ٻڌيون پيون هونديون هيون، چاڪياٽي ڳاڙهي گگهري سان، هلڪيون هڪلون ڪيو پئي هڪليندي هئڻ. مهراڻ جي آفيس اڳيان گهٽو ڪري چار، ڪڏهن ڪڏهن پنج

ڇڻا گڏ ٿيندا هئا. اسحاق وڪيل ۽ مظفر جوش شاعر پابنديءَ سان ڏسبا هئا. مهراڻ اخبار پيٽي صاحب، پ پ ۽ قوم پرست اڳواڻن خلاف تمام گهڻو لکندي هئي. ”پيپلا“ لفظ انهيءَ اخبار ايجاد ۽ مشهور ڪيو. انهيءَ اخبار جو مستقل ڪالم ”پير تي ڏنڪو“ پنهنجي مخالفن لاءِ وڏو گند پکيڙيندو هو. اها ڪچهري انهيءَ حلقي جو حصو هئي جيڪو سنڌ سطح تي ترقي پسند اڳواڻن ۽ دانشورن، اديبن، شاعرن خلاف سازش ۾ مصروف هو. انهيءَ حلقي طرفان سنڌ جي سڄاڻ ماڻهن خلاف ”سنهان پاڻ ۾ سپ“ نالي ڪتاب شايع ڪيو ويو. انهيءَ ڪتاب ۾ پيٽي صاحب ۽ جي ايم سيد خلاف زهريلي زبان استعمال ڪئي ويئي. سنڌ جي مرد قلندر عثمان ڏيپلائي، انهي ڪتاب جو جواب ”شيخ المشائخ“ نالي ڪتاب سان ڏنو. انهيءَ جواب جي سزا بہ ڏيپلائي صاحب کي مليو ۽ ڏيپلائي صاحب کي وزيرا علىٰ جتوئي صاحب گرفتار ڪرايو.

انهيءَ ڪچهريءَ جي صفا ڪچ ۾، جنهن گهٽيءَ جي ڪنڊ تي مهراڻ جي آفيس هئي، تنهن جي ساڄي چيڙي جي ٻي ڪنڊ تي سيٺ امي خواجي جي ڪُتر جي مشين هئي. انهي ڪُتر جي ڪارخاني ۾ روز رات جو چند نوجوانن جي رهاڻ مچندي هئي. اها رهاڻ، مهراڻ واري ڪچهريءَ جو ضد هئي. مهراڻ وارا همراهہ جن جون گلائون ڪندا هئا تن جون هن رهاڻ ۾ ثنائون ٿينديون هيون. مهراڻ وارو حلقو شيخ اياز جو ڳتر دشمن هو ۽ هتي نوجوان اياز جي آواز کي الهامي آواز سمجهندا هئا. ڪُتر جي ڪارخاني واري رهاڻ جا روح روان گلان (غلام علي خواجہ) ۽ نور محمد خواجہ هئا. ٻيا بہ نوجوان هوندا هئا پر گهڻو ڪري سڀ اسماعيلي نوجوان هئا. آءٌ بہ ڪڏهن ڪڏهن ويندو هئس ۽ اياز جون نيون نيون خبرون ۽ عجب عجب تفسيرون ٻڌي ايندو هئس.

پاڙي جون ڪچهريون رونق بہ هيون تہ صلح سلامتيءَ جو سبب بہ. سو پاڙي ۾ ڪچهريون تہ هر هنڌ هيون پر لعل صاحب واري ڪچهري خالص لکيل پڙهيل، سياسي ڪچهري هوندي هئي. پ پ جي آفيس شهر جي مرڪز ۾ آئي تہ پارٽيءَ جا اڳواڻ توڙي ڪارڪن سڄي شهر مان ايندا هئا. اهو وقت حيدرآباد ۾ پ پ جو تنظيمي لحاظ کان سونهري دور هو. سڄي شهر ۾ پ پ جون فعال برانچون هيون پر پ پ جا ڳڙهہ سنڌي پاڙا هئا. الاهي بخش قائمخاني، حڪيم عبداللطيف، يامين قريشي، مسيتو خان، ايس ايم اظهر تہ پارٽيءَ جا بنيادي ڪارڪن هئا پر پوءِ بہ ڪافي اردو ڳالهائيندڙ پ پ ۾ شامل ٿيا جن پارٽيءَ سان تڪليف ۾ نڀايو ۽ پارٽيءَ جي ڪاتي ۾ وڏيون قربانيون ڏنيون جن ۾ ابرار قريشي، ضياءَ الله خان، ملڪ منشي، ايس ايم اظهر ۽ ٻيا ڪارڪن بہ هئا پر شهر جا اڪثريتي اردو ڳالهائيندڙ علائقا پارٽي جا سخت مخالف رهيا.

الاهي بخش خان تڏهن مون کي منجهائي وجهندو آهي، جڏهن چوندو آهي تہ ”حيدرآباد جا شهري پ پ جي غلط پاليسين جي ڪري پيٽي صاحب جا مخالف ٿيا“ يا ڪڏهن ڪڏهن چوندو آهي تہ ”حڪومت ۾ شامل غلط ماڻهن جي ڪري شهري ماڻهو پ پ جا دشمن بڻجي ويا.“ خانصاحب واري ڳالهہ ڪافي دوست ڪندا آهن پر آءٌ انهيءَ کي حقيقتن کان انڪار سمجهندو آهيان.

پيٽي صاحب يا پ پ جي غلط پاليسي يا حڪومتي ماڻهن جو نامناسب رويو تہ پ پ حڪومت قائم ٿيڻ کان پوءِ ٿيو هوندو، جڏهن تہ اردو ڳالهائيندڙ تہ پ پ جي آغاز کان ئي پارٽي جا مخالف تي

ويا. پ پ سان شهري آبادي طرفان شديد نفرت جو اظهار ته 1977ع ۾ ڪيو ويو. شهري سنگتين پ پ توڙي مقامي ماڻهن ۾ سندن مقصدن ۾ مطالبن کان نفرت ۾ عليحدگي جو ڪو به موقعو هٿان وڃائڻ ڪو نه ڏنو آهي. جڏهن اتحاد جو ظاهري موقعو آيو شهري ماڻهو اصل وينلن کان ڏار ٿي بيٺا. ون يونٽ تحريڪ, سنڌيءَ ۾ ووٽر لسٽون, سنڌ جي زمين جي نيلامي خلاف تحريڪ, بهاري مسئلو اهي سڀ اهڙا مواقعا هئا جن تي اردو ڳالهائيندڙ سنڌي ڳالهائڻ وارن سان پنهنجي رشتي کي وڌيڪ مضبوط ڪري سگهيا ٿي. ايوب خلاف تحريڪ به خالص جمهوري تحريڪ هئي. سڄو پاڪستان ان تحريڪ ۾ شامل هو پر جيئن ته سنڌ ۾ ان تحريڪ جي اڳواٽي سنڌ جي اصل باشندن وٽ هئي ته شهري ماڻهو ان تحريڪ کان لاتعلق ٿي ويا. چوندون گروهن ۾ قومن جي اظهار جو بهتر ذريعو هونديون آهن. سنڌ ۾ چونڊ حلقي جي هجي يا صوبائي توڙي قومي, اردو وارن سدائين فيصلو اصل رهاڪن جي خلاف ئي ڏنو. جيئرن جي مقابلي ۾ مئا کٽائيندا. مير رسول بخش خان ۾ حافظ مبارڪ علي شاهه جو مقابلو ٿيو. شاهه صاحب اکين کان حافظ هو. مير صاحب هارايو ۾ حافظ صاحب کٽيو. مير صاحب هارائڻ کان پوءِ ٽنڊي ولي محمد ۾ ڪچهري ڪندي ٺهڪ ڏئي چيو" بادشاهه, انڌي سڄي جا ڪم لاهي ڇڏيا." لعل صاحب سڄي عمر شهر وارن سان سنگتون نڀايون, بي تعصبي سياست ڪئي پر ووٽ ڏيڻ جو وقت آيو ته سندس پيارن پاڙيسري يارن به ووٽ ڪو نه ڏنا. لعل صاحب جي مقابلي ان وقت جو ڇوڪرو عثمان ڪنيڊي چونڊ کٽي ويو.

انهيءَ حقيقت کان انڪار ڪونهي ته چند سنڌي ڳالهائيندڙ غيرمؤثر سياسي اڳواڻن جي غلط عملن به سنڌي- اردو اتحاد کي نقصان رسايو پر جيستائين عوام جو تعلق آهي, سنڌي عوام هميشه محبت, امن ۾ اتحاد واري روش ئي اختيار ڪئي. حيدرآباد جا شهري گڏ هوندي سوندي به ڌار هئا. انهيءَ ۾ اردو جو ڏهه ڪونهي پرديسي ذهنيت سڄي دنيا ۾ هڪ جهڙي آهي. پرديسي, مقامين سان گڏجڻ ۾ صديون لڳائيندا آهن ۾ شايد صدين گذرڻ کان پوءِ به پنهنجي عليحدگيءَ جون نشانيون سانڍي رکندا آهن.

ڳالهه هئي حيدرآباد پ پ جي. حيدرآباد جا جيڪي به اردو ڳالهائيندڙ شروع ۾ شامل ٿيا سي اڄ به پارٽي سان بيٺا آهن, سواءِ ايڪڙ ٻيڪڙ جي, جيڪي مير رسول بخش خان سان پارٽي ڇڏي ويا. مير صاحب جي گورنري جي آغاز ۾ ئي مير علي احمد خان ٽالپر جا پٽي صاحب سان اختلاف ٿي پيا هئا. مير علي احمد خان انگلينڊ ويو هليو ۾ اتان به پٽي صاحب خلاف جدوجهد جاري رکيو آيو. لنڊن مان دوستن ۾ ميمبرن کي خط لکي مير صاحب, قائد عوام خلاف بغاوت ڪرڻ جي اپيل ڪئي. مير صاحب جا سخت تنقيدي بيان هر روز پيا شايع ٿيندا هئا. ان زماني ۾ ئي عراقي سفارتخاني مان غيرقانوني اسلحو هٿ ڪيو ويو. سرڪار طرفان اعلان ڪيو ويو ته اهي هٿيار جمهوري حڪومت خلاف بغاوت لاءِ آندا ويا هئا ۾ انهيءَ سازش ۾ مير علي احمد خان شريڪ آهي." مير رسول بخش خان گورنر هو. تنهن انهيءَ خبر تي احتجاج ڪندي, گورنر هائوس ۾ پريس ڪانفرنس ۾ اعلان ڪيو ته علي احمد خان منهنجي پيءُ جي برابر آهي.... آءٌ هن ڪوفي ۾ وڌيڪ نه ٿو ترسي سگهان." مير صاحب استعيفيٰ ڏئي ڪوفو (گورنر هائوس) ڇڏيو.

مير صاحب جي پارٽي ڇڏڻ واري زماني ۾ ئي پنجاب جي رهنما غلام مصطفيٰ کر به پارٽي کان عليحدگي اختيار ڪري ڀٽي صاحب خلاف تحريڪ جو آغاز ڪيو. مير صاحب، کر سان ملڻ ويو ته، پ پ مير صاحب خلاف سخت ردعمل جو اظهار ڪيو. الائي ڪنهن صلاح ڏني پارٽي کي، يا "توڏن" کي پنهنجي لئہ ڪرائڻي هئي. فيصلو ڪيو ويو ته مير صاحب، کر کان ملاقات ڪري موٽي حيدرآباد اچي ته سندس ڪارن جهنڊن سان استقبال ڪيو وڃي. مير صاحب آيو پر پارٽي جي هدايتن تي ڪو خاطر خواهہ عمل ڪو نہ ٿيو. سنڌ جي پارٽي صدر ڪٽپر صاحب جو اجايو فيصلو هو ته مير صاحب خلاف احتجاج ڪيو وڃي. مير صاحب کر سان ملڻ ويو ته خود مير صاحب جا ويجها ڪارڪن به مير صاحب جي فيصلي جي خلاف هئا. مير صاحب جا ساٿي، ڀٽي صاحب کي دلي طور پنهنجو قائد تسليم ڪندا هئا. اهي ڀٽي صاحب خلاف ڪنهن به تحريڪ ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ تيار نہ هئا، تنهن ڪري مير صاحب پنهنجي فيصلي ۾ اڪيلو هو پر سنڌ پ پ جي غلط طريقي ڪار مير صاحب ۽ ڀٽي صاحب جي اختلافن کي به وڌائي ڇڏيو ته مير صاحب جي دوستن کي وري به مير صاحب سان ملائي ڇڏيو. مير صاحب پنهنجي دوستن جو ڪنوينشن ڪوٺايو. ڪنوينشن جي رات ڪٽپر صاحب فون ڪري لعل صاحب کي چيو "لالا، هڪڙي پاسي ٿي ويهہ."

ڪٽپر صاحب جو فون غير ضروري هو. پر ڪٽپر صاحب کي ڪير سمجهائي. ان وقت ڪٽپر صاحب، پاڻ کي ڀٽي صاحب کان پوءِ ٻيو نمبر پيپلو سمجهندو هو. سندس نظر ۾ ٻيا سڀ غدار هئا. ڪٽپر صاحب کي الائي ڪنهن چيو ته لعل صاحب کي هڪڙي پاسي ڪري. لعل صاحب هڪڙي پاسي هو. پ پ جو پهريون صدر هو. ايوبي آمريت خلاف جدوجهد کي حيدرآباد ۾ منظم ڪرڻ ۾ سندس اهم ڪردار هو. ڪيس صدارت تان هٽائي حيدرآباد جي وڪيل بديع الحسن زيدي کي صدر ڪيو ويو ۽ ڪيس سيڪريٽري ڪيو ويو. تڏهن به پ پ کي ڪونہ ڇڏيائين. زيدي صاحب جي جاءِ تي سيد علي نواز شاهہ کي صدر ڪيو ويو ته به لعل صاحب احتجاج ڪرڻ بجاءِ پارٽي جو ڪم وڌي جوش ۽ جذبي سان ڪيو. سائين علي نواز شاهہ جو رويو به لعل صاحب سان سٺو هو. سائين علي نواز شاهہ جي زماني ۾ ذري گهٽ سڄو شهر پ پ جو هو. انهيءَ جو سبب هڪڙي حڪومت، ٻيو سائين علي نواز شاهہ .سائين علي نواز شاهہ کي وقت تي دوستن کي سڃ ڏيڻ، دوستن پاران لٽ ڪٽڻ واري اصول وڏي طاقت بخشي، سندس وڏو حلقو پارٽيءَ ۾ سرگرم ٿيو. سائين جي زماني ۾ پارٽي گهٽ، سائين پاڻ وڌيڪ مضبوط هو. اهو ئي سبب هو جو حڪومت وڃي ته سائين ۽ سندس اصل دوست ته پارٽي سان مشڪل ۾ بيٺا، باقي ٻيو سڄو شهر پارٽي ڇڏي ويو.

پارٽيءَ جي مفاد پرستن جي سمورين سازشن جي باوجود به لعل صاحب پ پ کي نہ ڇڏيو نہ قيادت سان دغا ڪئي. لعل صاحب پنهنجي اصولن تي قائم رهيو پر انسان هو ڪيسين صبر ڪري ها. ڪٽپر صاحب جي ٽرڙائپ، لعل صاحب جي صبر کي ٽوڙي ڇڏيو. ڪٽپر صاحب فون تي چيو ته "لالا هڪڙي پاسي ٿي ويهہ." ته لعل صاحب جواب ڏنو "ڪٽپر صاحب آءُ ته هڪڙي پاسي ويٺو هوس پر اوهان کي شڪ آهي ته پوءِ سڀاڻي پڪو هڪڙي پاسي ٿي ويهبو." ٻئي ڏينهن مير صاحب جو ڪنوينشن هو ۽ لعل صاحب وڃي ڪنوينشن ۾ شريڪ ٿيو. ايئن پ پ جي هڪ ايماندار، اصول

پرست اڳواڻ ڪي سازشن ذريعي زوري پارٽي کان ڌڪي ڌار ڪيو ويو.

لعل صاحب پارٽي کان عليحدگي اختيار ڪري جڻ سياست کان ئي جدائي ڪئي. وري نہ ڪنهن پارٽي ۾ شامل ٿيو ۽ نہ ئي ڪنهن پ پ مخالف سرگرمي ۾ حصو ورتو. مير صاحبان مارشلائي حڪومت ۾ شامل ٿيا تہ لعل صاحب ميرن سان سخت اختلاف ڪيو. خاص ڪري مير علي احمد خان جي بيان تي سائين سخت ناراض ٿيندو آهي. مير علي احمد خان هڪڙي موقعي تي سائينءَ کان پڇيو تہ "ماٺهو پاڻ لاءِ ڇا ڇا ٿا چون؟" تہ سائين جواب ڏنو "مير سائين ماٺهو قتل حسين جي سلسلي ۾ پاڻ کي يزيد سان ٿا سمجهن." لعل صاحب جو جواب سندس سچائي، خلوص ۽ اصول پرستيءَ جو مظهر هو پر ساڳي وقت لعل صاحب جو جواب، مير صاحبن جي اخلاقي جرئت، پنهنجي ساٿين جي تنقيد ٻڌڻ ۽ برداشت ڪرڻ جو بہ ثبوت هو.

لعل صاحب موقعي ۽ مهل سان ڏاڍا سٺا شعر پڙهندو آهي، سوين اردو شعر ياد اٿس. مير علي احمد خان کي هڪڙي خط ۾ لکيائين تہ:

کسی کی ایک طرح سے بسر ہوئی نہ انیس،
عروج مہر بھی دیکھا تو دوپہر دیکھا۔

شعر تہ الائي ڪنهن جو آهي پر هي شعر سائين ڪڏهن ڪڏهن دهرائيندو آهي تہ:

جانا کسی کے پاس کسی آرزو کے ساتھ،
واللہ دشمنی ہے بڑی آبرو کے ساتھ۔

لعل صاحب اڄ ڪلهہ سياسي دنيا کي تياڳ ڏيو، سيني ۾ سياست ۽ دوستيءَ جا ڪئين طوفان سانديو خاموش زندگي پيو گذاري.

رهيا اٿئي رات، صبح ويندءِ صابري،
لنئون لنئون منجهہ لطيف چئي، ڪر تنين جي تات،
سندي جوڳين ذات، ٻيئي پيري پاڳ مڙي.

***

شام جو فدا حسين ڏيري طرفان دوستن جي مان ۾ دعوت هئي. وارڊ جي ميدان ۾ هڪ پاسي ڪرسين تي دوستن جي ويهڻ جو انتظام هو تہ ٻئي پاسي ٽيبلون هٽي مٿن اهتمام سان ماني رکي ويئي. ڪاڏي جا ٻہ ٽي ڊش هئا. سلاد سان گڏ رائتي جو بہ بندوبست هو. ماني مٿان بلب هٽي روشنيءَ جو اضافي بندوبست ڪيو ويو هو. 30 کن دوست، دعوت ۾ شريڪ ٿيا. دعوت ڏسي حسين شاهہ چيو "جهڙو وليمي جي دعوت ۾ آيا آهيون." مانيءَ کان پوءِ سنگت جي شربت سان تواضع ڪئي ويئي. ماني کائي سنگت موڪلايو. حسين شاهہ، عالم شاهہ، محب شاهہ، صالح ڪاتيار ۽ بدين جا دوست منير، سليم، خالد گهلو ظهور عالم بلوچ ۽ فدا حسين ڪچهري ڪرڻ ويهي رهياسين. ڪچهريءَ ۾ جيل جي هاڻوڪي ماحول تي دوستن پئي ڳالهايو تہ اهڙو ماحول جيلن ۾ اڳي ڪو نہ هو.

حيدرآباد جيل جو ماحول واقعي ٻين جيلن کان مختلف ٿي ويو آهي. ان جو سبب سياسي دوستن

جي گهٽتائي آهي ۽ جيل جي انتظام خاطر ڄاڻي ٻجهي ڪافي ڳالهين جي ڇوٽ ڏني وئي آهي. باقي جتي ٻه سياسي دوست گهٽ آهن، اتي جيل انتظاميه جا ساڳيا پراڻا داٻا آهن. ڪن آفيسرن، وقت ۽ حالتن مطابق تبديلي آندي ته آهي پر ڪافي آفيسر اڄ به جاهه ۽ جلال جو مظاهرو ضرور ڪندا آهن. غفور نظاماڻي (بدين) ۽ منير ميمڻ وارا ڊسٽرڪٽ جيل سکر ويا ته اتي جي سپرنٽنڊنٽ دراني مٿن ڏاڍو تشدد ڪيو هو. ڪانئن وڏا وڏا مٽ پاڻيءَ جا ڪٽايا ويندا هئا. فرش تي ليپو ڪرائيندا هئا. سکر جيل مان بدلي ٿي نارا جيل آيا ته منير ۽ غفور جي جسم تي ڏکن جا نشان هئا. هينئر به سکر جيل ۾ سپرنٽنڊنٽ ڪافي سختي ڪئي هئي (شايد اتي به ساڳيو دراني ئي آهي.) فتحياب علي خان، آفتاب شعبان ميراڻي، صديق کرل وارن کي پڪا ڪپڙا پارايا ويا هئا. سياسي قيدين کان ڪم به ورتو ويندو هو پوءِ جو هتان ڊاڪٽر اسماعيل، شريف قريشي ۽ عبدالرحمان پٺتي وارا ويا، تن وڏو مقابلو ڪري سياسي قيدين جي عذاب مان جند آزاد ڪرائي.

ڪچهريءَ ۾ بدين جي سياسي صورتحال تي به بحث ٿيو جو ٽيون ڏينهن اخبار ۾ آيو هو ته بدين جي اڳواڻن نجم الدين سريوال ۽ عبدالله هاليپوٽي گورنر جهانداد خان سان ملاقات ڪئي آهي. انهن اڳواڻن جي ملاقاتن سان ڪو به فرق ڪو نه ٿو پوي جو اها قيادت پنهنجو مدو پورو ڪري چُڪي آهي. نئين زماني ۽ حالتن ۾ نوان اڳواڻ ۽ ورڪر نروار ٿي بيٺا آهن، موجوده تحريڪ ۾ بدين ضلعي جي عوام توڙي ڪارڪنن وڏي همت جو مظاهرو ڪري پاڻ ملهايو آهي. محترم فاضل راهو بشير لغاري ۽ ڊاڪٽر اسماعيل ته اهم ڪردار ادا ڪيو آهي پر هن جي سموري سنگت ايم آر ڊي کي منظم ڪرڻ ۽ تحريڪ کي زور وٺرائڻ لاءِ وڏي جدوجهد ڪئي آهي. بدين ضلعي ۾ عوامي تحريڪ جا دوست به ڪافي سرگرم آهن پر حقيقت ۾ بدين ضلعو به دادو ٺٽي جيان پ پ جو قلعو آهي.

بدين ضلعي ۾ ايم آر ڊي کي زور وٺرائڻ ۽ گرفتار ٿيندڙن ۾ محترم فاضل راهو بشير لغاري (83-8-15) سليم گاڪڙو (83-7-12) ڊاڪٽر اسماعيل اوڍيجو (83-7-17) غلام مرتضيٰ ميمڻ (83-8-13) يار محمد خاصخيلي (83-8-15) محمد عثمان قريشي (83-8-13)، علي محمد شاهه -22) (83-8، سڪندر علي چانڊيو (83-8-20)، سجاد گاڪڙو (83-8-15)، محمد عرس خاصخيلي -14) (83-8، انور ڪنڀار (83-8-14)، الله جڙيو خان پتافي (83-8-17)، حاجي غلام حيدر نظاماڻي (83-8-17)، محمد سومار لنڊ (83-8-22) ، نبي بخش پرڳڙي (83-8-21)، پير علي بهادر (83-8-21)، گل حسن ڪنڀار (83-9-22)، بادل خان چانڊيو (گولاڙچي)، حضور بخش خاصخيلي (گولاڙچي)، احمد ڪنڀار بدين، عيدن مغل (گولاڙچي)، احمد ٻان (ٽنڊوباگو)، حاجي هاليپوٽو (ٽنڊوباگو)، طاهر هاليپوٽو (ٽنڊوباگو)، مولابخش سومرو (ماتلي)، زمان سومرو (ماتلي)، حميد نظاماڻي (ماتلي)، ڊاڪٽر لياقت قمبراڻي (ماتلي)، منير پرڳڙي (ٽنڊوباگو)، عبدالله ملاح (بدين)، حاجي انور پرڳڙي (ماتلي)، هاشم شيدي (ماتلي)، زاهد خواجه (بدين)، نادر خواجه (بدين)، وڪيو خاصخيلي (بدين)، اقبال ساريجو (بدين)، عبدالغفور نظاماڻي (بدين)، عبدالغفور ميمڻ (بدين)، علي اڪبر چانڊيو، حسن لوهار (گولاڙچي)، ميوو عالماڻي (گولاڙچي)، اسماعيل ملاح (باغي) (بدين)، مصطفيٰ ٽالپر (بدين)، بابو سومرو (بدين)، عمر سومرو (بدين)، علي احمد جوکيو (بدين)، وشنو مل (گولاڙچي)، علي محمد

نظاماڻي (گولاڙچي)، اسماعيل اداسي (گولاڙچي)، منظور ترڪ (گولاڙچي)، عبدالله پنهور (بدين)، ستار ميمڻ (بدين)، نواز جتوئي (تلهار)، شڪور گوپانگ (بدين)، فياض شيدي (ماتلي)، حاجي رمضان چانڊيو (ٽنڊو غلام علي)، مظهر ميمڻ (ٽنڊو غلام علي)، ڊاڪٽر حسين بخش (ٽنڊو غلام علي)، مظهر ميمڻ (ٽنڊو غلام علي)، خليل پرڳڙي (ٽنڊوباگو)، علي احمد سمون (ٽنڊوباگو)، عظيم جوڻيجو (ٽنڊوباگو)، امير بخش جمالي (ٽنڊوباگو)، ڊاڪٽر مصري راهمون (ٽنڊوباگو)، ڊاڪٽر عرس نظاماڻي (ماتلي)، عيسيٰ ميمڻ (بدين)، عبدالحق ميمڻ (بدين)، اسماعيل منڊرو (بدين)، مير ملاح (بدين)، حسن سومرو (بدين)، اڪبر ساريجو (بدين)، الطاف ڪورائي (بدين)، عبدالستار نظاماڻي (گولاڙچي)، گل حسن خاصخيلي (گولاڙچي)، بچايو شڪاري (گولاڙچي)، عطا دل (بدين)، غلام حسين حيدر مگسي (بدين)، امان الله ڪورائي (بدين)، احمد خان جمالي (بدين)، بخشو چانڊيو (بدين)، خادم شيدي (بدين)، جبار پرڳڙي (بدين)، منو ميمڻ (بدين)، مير علي بخش ٽالپر، اصغر ٽالپر، حاجي نورو ملاح، ڪانئو ملاح، اڪڙ شيدي، ابو ملاح (بدين)، سميت ٻيا به ڪيئي، پ پ ۽ عوامي تحريڪ جا دوست شامل آهن.

اڄ عالم شاهه ۽ سائين حسين شاهه، ٻئرڪ مان اسپتال جي مٿين وارڊ ۾ منتقل ٿيا آهن، تن کي اسپتال ڇڏي اٽڪل پوڻي ڏهين وڳي ڏاري اچي بند ٿياسين.

## نازڪ نفيس "خطرناڪ" قيديءَ جي آمد تي تبصرو

(6- مئي 1984ع)

صبح جو چانهه پي وينس ته ڪامريڊ مامون (بدين) آيو ٻيا به ڪجهه دوست آيا. اڄ اسٽڊي سرڪل جي ڪارروائي هتي اي ڪلاس ۾ هلائي سون جو سائين حسين شاهه ۽ عالم شاهه اسپتال وارڊ ۾ منتقل ٿي ويا آهن. سائين کي اسان وارو گوڙ ڪو نه وڻندو آهي. گهڻي دير نه سنجيده گفتگو ڪري سگهي ۽ نه ئي ٻڌي سگهي، باقي سنگت جي ڪچهريءَ ۾ پلي رات، ڏينهن گذري وڃي، ڪچهريءَ ۾ به گهڻو ڪري رڳو سائين ئي چانيل هوندو آهي، ٻيو ڳالهائي ڇو سائين ٻڌي ڇو.

اڄ ڪچهريءَ ۾ ڪامريڊ مائوزي تنگ جي هارين جي بغاوت جي سلسلي ۾ لکيل رپورٽ جو ڪجهه حصو پڙهيوسين. 10 وڳي کن اسپتال ويس، اتان مٿي وارڊ ۾ عالم شاهه ۽ حسين شاهه سان ملڻ ويس. مٿي به ڪمرا آهن، هڪڙي ۾ محب شاهه ٿو رهي، ٻئي ڪمري جنهن ۾ مجرم لغاري، علي حسن چانڊيو ۽ طارق اشرف رهندا هئا. تنهن ۾ اچي حسين شاهه وارا ترسيا آهن. طارق اشرف هن وارڊ ۾ اچڻ کان اڳ ۾ به ڏينهن اسان واري ٻئرڪ ۾ رهيل هو منهنجي ساڻس ملاقات ماڙيءَ وٽ ٿي هئي، ڪيس وٺي پنهنجي ٻئرڪ ۾ آيس. طارق جي هڪ اديب جي حيثيت ۾ ته عزت هئي پر منهنجي پياري دوست ظهير ميمڻ جو پيٽيوو به آهي. مون سندس متعلق چاچي شاهنواز خان کان اڳئي ٻڌو هو ته "نهايت نازڪ مزاج ماڻهو آهي، گهڻو ڪري خاموش رهندو آهي. پوڳن چرچن کان پري، هر وقت پنهنجو منهن وٺيو وينو هوندو آهي. صفائي جو تمام گهڻو خيال ڪندو آهي. پنهنجا ٿانو گلاس، ڪوپ، ٿالهي وغيره بار بار پيو صاف ڪندو آهي. عام قيدين وانگر نل ۽ حوض تي ماڻهن سامهون وهنجي به ڪو نه

سگهندو آهي.“ سندس اهي خبرون ٻڌي پهرين پنهنجي ٻئرڪ ۾ ۽ پوءِ اسپتال جي مٿان محب شاهه وارن وٽ رهڻ جو انتظام ڪرايوسين.

طارق اشرف جيل آيو ته انتظاميه پريشان ٿي ويئي ته هاڻ وري سندس خبرون رسالن ۽ اخبارن ۾ پڙهيون ٿينديون. ٻئرڪ ۾ آيو ته جنهن به سندس ٻڌو تنهن ٻئي ڪي چيو ”هوشيار ٿي وڃو طارق اشرف اچي ويو اٿو لکيوَ نه ڊائري، ڪيڏي نه رپورٽ.“

ٻه ڏينهن ٻئرڪ ۾ رهيو ٻئي ڏينهن ٻئرڪ ۾ چپ ٿي ويئي، چرچا پوڳ بند. سيڪو پيو گرامر ڳالهائي. دوست چون ته ”ٻئرڪ ۾ چؤ نڪي قائم ڪرائي اٿوَ“ طارق صاحب کي خبر پئي ته دوستن کي چيائين ”پوليس وارو ڪو نه آهيان جو دوستن جي هر ڳالهه تي چوڪي ڪندو وتان. ماضيءَ جي ڊائريءَ ۾ ڪي نه اچڻ جهڙيون ڳالهيون به مون کان اچي ويون تن جو ڪافي افسوس اٿم.“ اسپتال وارڊ ويا ته دائود خان پناڻ وڏي رازداريءَ ۾ دوستن کي چيو ”هوشيار ٿيو خطرناڪ ماڻهو پنهنجي وارڊ ۾ اچي ويو آهي.“ طارق صاحب هنن دوستن سان هري مري ويو ته اتي به عجيب عجيب بحث ۽ ڪچهريون موٽي آيون.

طارق صاحب رڳو پسوريون پڙهيون ڪو نه ڪندو آهي، سنگت جي ساراهه مان به ڪو نه ٿڪبو آهي، جنهن به ساڻس ٿوري به نيڪي ڪئي آهي تنهن جي پيو ساراهه ڪندو آهي. اڄڪلهه پنهنجي ڪيس، گهريلو ڪم ڪارين، ڪاروباري مسئلن ۽ ٻي ڊوڙڊڪ جي سلسلي ۾ مغل مغل پيو ڪندو هو.

جيئن علي محمد راشدي جي ڪتابن جي هر صفحي تي پير صاحب پاڳ بنفس نفيس موجود هوندو هو. تيئن وري طارق اشرف جي ڊائرين ۽ ڪار گذارين ۾ سندس دوست جو نالو نمايان هوندو آهي. اڳين ڊائرين ۾ فيروز. فيروز هو ۽ ايندڙ ڊائريءَ ۾ مغل صاحب هوندو. طارق صاحب ۽ سندس دوست پلا آهن، دوست جي طارق صاحب سان هر ڏک ۾ مهل ۾ بيٺا آهن ته طارق صاحب به سندن واڪاڻ مان ڪو نه ٿو ڍاپي. طارق صاحب سان جيل ۾ ڏاڍيون ڪچهريون ٿيون ۽ هر ڪچهريءَ ۾ طارق صاحب منهنجي مُڇن جو تذڪرو ٿي ڪيو. نياز همايوني صاحب ڪان پوءِ طارق صاحب کي مڇن جو دشمن ڏٺو اٿم. لڳي ٿو طارق صاحب جي ڊائري آئي ۽ منهنجو تذڪرو ٿيو ته ”مونڇون ڪا نام بهي آئيگا ميري نام سي پهلي.“ طارق صاحب رڳو ٻين جون خبرون ڪو نه ونندو آهي پر پنهنجو تذڪرو به رک رکاءُ ڪانسواءِ ڪندو آهي. مون هتي چيو هومانس ته ”سائين اوهين پاڻ مان ڪو نه ٿا مڙو سو ٻين جي کهڙي رکندؤ.“ مجرم لغاري سنڌ جو مشهور شاعر آهي. ڪچهري جو مور، سيني لاءِ سنو ۽ پيار پريو آهي. جيئي سنڌ جو جيالو آهي. علي حسن به پيارو ساٿي آهي. جيل ۾ ٻنهي وڏي همت ۽ زنده دلي سان وقت گذاريو. علي حسن جا مجرم سان چرچا پوڳ ۽ مجرم جي پيار ۽ نخري واري گهوڙا گهوڙا به وسارڻ جهڙي ڪونهي. ٻنهي جو ڏوهه ”يوم لطيف“ ملهائڻ هو. علي حسن کي ڪوڙا به هنيا ويا. علي حسن جي ڪوڙن تي مجرم ته ڏاڍو رنو پر جيل جا سڀ دوست ڏکيرا ۽ جذباتي هئا. اتان ڪچهري ڪري الله بچائي لغاري وٽ اچي وينس. لغاري صاحب افسوس پئي ڪيو ته ”حسين شاهه گڏ هلڻ جي صلاح به ڪو نه ڪئي، ڪٽي وڃي نه ها ته به چوي ته ها.“ دل ۾ چيم ڪيئن چوي ها، هڪڙي جهنگ ۾ ٻه شينهن ڪيئن رهن ها. لغاري صاحب ۽ حسين شاهه ڪچهري ۾ ته گڏ ويهي سگهن ٿا پر سائينءَ جو

لغاري صاحب سان رهڻ مشڪل آهي جو لغاري به ڪنهن جي سوائي ڪو نه سهي. ٽوڪڻ ۽ ڳالهه ڪٽي چرچو ڪرڻ ۾ دير ئي ڪو نه ڪري. لغاري صاحب جو چرچو به ساڀيان پيو لڳندو آهي.

ٻارهين وڳي ملاقات جو سڏ ٿيو سرور شاهه ۽ اڪبر ساند ملڻ آيا هئا. سرور شاهه کي 4 اپريل تي ڳڙهي خدابخش جي ڪنوينشن ۾ حيدرآباد سپاف جو ضلعي آرگنائيزر ڪيو ويو آهي. انهيءَ سلسلي ۾ ڪافي سرگرم آهي. اڪبر سنڌ پيپلز هاري ڪميٽي لاءِ سنو ڪم ڪري رهيو آهي. اخبارن ۾ هارين جي مسئلن تي سندس بيان به اچن پيا. قائم خاني صاحب جنهن مهل ملڻ آيو تنهن مهل شريف قريشي به اچي نڪتو. شريف تازو رها ٿيو آهي. سکر ۾ وڏي همت سان جيل گهاريو اٿس، اتان آيل سڀ دوست سندس تعريف ڪن ٿا. سچ پچ ته ايم آر ڊي ۾ حصو وٺندڙن سياسي جدوجهد جي تاريخ ۾ شاندار باب جو اضافو ڪيو آهي. پهريون ڀيرو هيڏي گهڻي تعداد ۾ ماڻهو جيل آيا آهن. نوان نوان دوست، نوجوان، بزرگ، بيمار، غريب سڪيا، سڀ وڏي همت سان جيل گهاري رهيا آهن.

اختر ٻين وڳي ڏاري آيو ڪيس پپو کي موڪلڻ جو چيم. پپو آيو ٻڌايائين ته اڄ نندي ڀيڻ جي "مڱڻي" تي رهي آهي. ڇهين وڳي ڏاري جان محمد برهماڻي موڪلائڻ آيو. ٻڌايائين ته سندس جيل ڪيس ۾ ضمانت تي ويئي آهي، رها ٿي رهيو آهي. هن سان ماڙيءَ تي موڪلايم. اڄ شيخ پرڪئي جا 6 دوست رها ٿيا، هي سيئي هاري ۽ پورهيت دوست هئا، هنن ۾ وڏي ڄمار جا بيمار ۽ ڪمزور ساٿي به هئا. هي بزرگ ڏسڻ ۾ ڏٻرا هئا پر سندن همت ۽ حوصلو جبل جيان اوچو ۽ مضبوط نظر آيو.

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| جبل | ماري | جڪ، | جو | آڏو | آريجن | ڪي، |
| توٽي | لڪن | لڪ، | سڀ | لنگهنديس | سڪ | سين. |

## ۽ جڏهن سر ڪٽيو جِنُ عثمان ڪينيڊي متان اچي ڪِريو!

(7- مئي 1984ع)

صبح جو اسپتال وڃڻ لاءِ ماڙيءَ تي ويس ته ڊي ايس ايف جو علي حسن چانڊيو بيٺو هو. ڊپٽي ٻڌايو ته پوليس ڪو نه ٿي ملي، مليا ته به ٿي سپاهي ملندا پر اسپتال وڃڻ وارا گهڻا آهن ۽ علي حسن کي وڌيڪ تڪليف آهي تنهن جو وڃڻ ضروري آهي. مون ڪيس چيو ته آئون ڪو نه ٿو وڃان منهنجي جاءِ تي علي حسن کي موڪليو. اتي ئي ڊپٽي ٻڌايو ته خيرپور مان عثمان ڪينيڊي بدلي تي آيو آهي. ڏسڻ مان لڳي ٿو ته ذهني طرح ٺيڪ نه آهي، ڪيس ڊاڪٽر حيدر قاضي وٽ علاج لاءِ حيدرآباد موڪليو ويو آهي. عثمان سان ملڻ لاءِ حسين شاهه وارن جي ڪمري تي ويس جو عثمان کي اسپتال واري وارڊ ۾ انهيءَ ڪمري ۾ رکيو اٿن. اتي ويس ته حسين شاهه ۽ عالم شاهه وينا هئا ۽ عثمان ڪنڌ هيٺ ڪيو شيو جو سامان ٺاهڻ ۾ لڳو پيو هو. ڪيس سلام ڪيم پر لفٽ ڪو نه ڏنائين. ويجهو وڃي چيو مانس، "عثمان پاڻي ڪيسي هو، آپ سي ملني آيا هون،" تڏهن ڪنڌ مٿي ڪٽي ٿورو ڳالهايائين، وري ڏيان ٻئي پاسي ڪري ڇڏيائين. ڪنڌ ۾ ٿلهو ڪارو ڏاڍو پيل هئس، موڳو موڳو پي لڳو. وري خيريت معلوم ڪئي مانس. اڌو گابرو جواب ڏئي تيار ٿي موڪلائي ڪمري مان نڪري ويو.

1978ع ۾ بہ عثمان جيل ۾ هو ساڻس تڏهن بہ ڪچهري ٿي هئي. نيڪ ناڪ هو اسين هن کان اڳ ۾ رهيا ٿياسين. ڪجهہ وقت کان پوءِ اخبارن ۾ خبرون آيون تہ عثمان دماغي توازن وڃائي ويٺو آهي، هڪ ڏينهن اخبارن ۾ خبر شايع ٿي تہ ”حيدرآباد ڪا نوجوان رهنما جو ڪيي بڙا جوشيلا اور شعلہ بيان مقرر ٿا، خاموش رهتا هي اور هر وقت خلائون مين گهورتا رهتا هي“ ۽ پوءِ اڪثر سندس رهائيءَ جون اپيلون اينديون رهنديون هيون. (ڪجهہ عرصو اڳ ۾ ارشاد رائو لاءِ بہ اخبارن ۾ شايع ٿيو تہ”سندس دماغ شديد دٻاءَ جو شڪار آهي، دماغي توازن وڃائي ويهندو.“ ٿورا ڏينهن اڳ ۾ نفيس صديقيءَ لاءِ بہ اهڙيون خبرون شايع ٿيون ۽ ڪيس ڪراچي منتقل ڪيو ويو هو. انهن رهنمائن جي رهائي جي اپيلن سان گڏوگڏ سندن ننڍن ٻارن جو اپيلون بہ شايع ٿينديون رهيون آهن تہ ”همارا ابو ڪب رها هوگا.“ شهري رهنمائن ڪي جيل ۾ گهڻو وقت ٿيو يا تڪليف وڌيڪ آئي تہ اخبارن ۾ وڏي هاءِ گهوڙا مچي ويندي آهي، سڄي دنيا جا ادارا حرڪت ۾ اچي ويندا آهن. مشير پيش امام کان وٺي انور عباس نقوي تائين گهڻو ڪري رڳو اخبارن جا مشهور ڪيل اڳواڻ آهن. گهڻن اڳواڻن کي ويجهو ڏسڻ سان اندازو لڳي ويندو آهي تہ هي ايڏا وڏا ناهن جيڏو هنن کي اخبارن ٺاهيو آهي.

ڪافي دير تائين حسين شاهہ سان ڪچهري ٿي، ڪيس چيم تہ خيال ڪجوس، اوهان سان گڏ رهي وڌيڪ چريو نہ ٿي پوي. عثمان گڏريل جيل ۾ بہ حسين شاهہ وارن سان گڏ هو تڏهن بہ حسين شاهہ ۽ شير خان لنڊ، عثمان کي ڊيڄاري سندس ذري گهٽ ساهہ ڪڍيو هو. فاضل راهو علي بهادر شاهہ، ستار ٻچاڻي، محمد خان سومرو ۽ غازي وارا بہ گڏ هئا، سيئي عثمان جي ڊڄڻ جا قصا ٻڌائيندا هئا. تن ڏينهن ۾ حسين شاهہ جيل ۾ ”سرڪٽيي“ جن جو قصو مشهور ڪري ڇڏيو هو ۽ شير خان هٿرادو سرڪٽيو ناهي، ٻين دوستن جي صلاح سان عثمان کي ڏيکاريو هو. حسين شاهہ ٻڌايو تہ تڏهن ڪمرن کان ٻاهر وارڊ ۾ سمهندا هئا. دوستن صلاح ڪري هڪڙي ڪاري برداشتي کي چيو تہ اسين آڌي رات جو اٽڪل ڪري عثمان کي اٿاريندا سين، تون ڊوڙندو اچي عثمان کي ڇاتي سان لڳجان. آڌي ٿي. بظاهر سڀ سمهي رهيا. عثمان حسب معمول وظيفا پڙهي پاڻ تي پنهنجي کٽ تي ڦوڪيا ۽ پوءِ چئني پاسي تاڙي هٽي سمهي رهيو. حسين شاهہ وارن وڏو پٽر اڇلي پٽين کي ڌڪ هڻي وڏا ڦهڪا ڪرايا. عثمان ڊڄي اٿي ويٺو کٽ تان اٿي هيڏانهن هوڏانهن پئي ڏنائين تہ اوچتو ڪمرن جي پنيان برداشتي ڊوڙندو اچي عثمان کي لڳو. عثمان وائڙو ٿي ويو. وڏي رڙ ڪري کٽ تي ڪري پيو. ٻئي ڏينهن بيمار ٿي پيو. گهران پڙهيل ڌاڳا ۽ پاڻي گهرايائين. ان ڏينهن کان پوءِ عثمان وري ڪمري کان ٻاهر ڪو نہ ستو.

حسين شاهہ کي سنگت جا هانوَ ڦاڙڻ ۾ مزو ايندو آهي. سندس هڪڙو دوست، ساڻس گڏ ڪراچي ويو. سائين اچي روحن جون خبرون ڪيون. سنگتي ڊڄڻو رات جو پهر ۽ رڳو جنن جون ڳالهيون. سائين دوست کي اهو بہ چيو تہ ”جنهن گهر ۾ رهون پيا، ان گهر جي مالڪ جي پيءُ جو روح بہ پنهنجي ٻارن کي ڏسڻ ايندو آهي،“ اهي خبرون ڪري ستا. سائين سمهڻ کان اڳ ۾ گهر ۾ شو خاطر تنگيل جهالر مان ننڍڙو گهنگهرو ڪڍي پنهنجي پير جي آڱوٺي ۾ ٻڌي ڇڏيو ۽ سيني جي سمهڻ کان پوءِ آهستي آهستي ان کي وڄائيندو رهيو. تان جو سندس دوست جاڳي پيو اٿي ويٺو. ٿوري دير صبر ڪيائين پر پوءِ ڏڪندي وڃي حسين شاهہ کي اٿاريائين. سائين وري سمهي رهيو پر هن دوست جي

رات ويئي رلي. حسين شاهہ جي ٻيڇارڻ جون گهٽيون وارداتون آهن, جن کي خبر آهي سي بيپراهہ ٿي ويندا آهن باقي جيڪي ڏنا يا بيخبرا ٿيا تن جو جڙ سر ئي ويو. اتان اٿي ڪمري تي آيس, سڄو ڏينهن ڪمري ۾ ئي گذريو. رات جو 9 وڳي ڏاري بند ٿياسين.

## ”اوهين منجهي پيا آهيو, تنهن ڪري هٽو نعرا“

(10 ـ مئي 1984ع)

صبح جو اٿي, ڊاڪٽر روم ۾ تيار ٿيس. نائين وڳي ڏاري گلوڪوز جي ٿيلهي لڳائي ويا. يارهين وڳي ڏاري يوسف ٽالپر صاحب ملڻ آيو تنهن ٻڌايو تہ الاهي بخش قائمخاني واتان اوهان جي خبر پئي سو ملڻ آيو آهيان, يوسف صاحب اسان بابت پروفيسر عالماڻي سان بہ مليو. يوسف صاحب ڪان پوءِ اختر آيو ۽ سپاف جو پراڻو دوست خان محمد خاڪي بہ اچي نڪتو چيائين هينئر هيٺ تنهنجي خبر پئي تہ تون داخل آهين. خان محمد هينئر ايم بي بي ايس جو فارم ڀرڻ آيو آهي. ڪافي گهوڙا گهوڙا ڪيائين تہ ”شهر جي شاگردن کي تہ ايئرڪنڊيشن, گهر, بجليون ۽ پڙهڻ جون ڪافي سهولتون آهن اسان ٻهراڙيءَ وارن لاءِ سڪ سان پڙهڻ جي هڪڙي ئي جاءِ هاسٽل آهي سا بہ بند ڪري ڇڏي اٿن, ڪيڏو ظلم آهي.“ خاڪي ٿرپارڪر سپاف جو اهم اڳواڻ هو. الله بچايو لغاري ۽ پوءِ اسدالله شاهہ حسيني عمر ڪوٽ دورو ڪرڻ هليا هئا تہ هن تمام سٺي جلسي جو انتظام ڪيو هو. خاڪي راڻي خان پٽي جي دور ۾ اسان سان دادو ضلعي جي دوري ۾ بہ شامل هو. ميهڙ ۾ جلسو ٿيو اتي بہ تقرير ڪئي هئائين. ان جلسي ۾ مزيدار ڳالهہ رشيد ميمڻ جي تقرير هئي. رشيد سپاف جو آفيس سيڪريٽري هو تنهن کي تقرير ڪرڻ جو شوق ٿيو تنهن اسٽيج سيڪريٽريءَ کي سڏي پنهنجو نالو ڏنو. ڪيس سڏ ٿيو, تقرير شروع ڪيائين مس تہ گهٻرائجي ويو ۽ پريشانيءَ ۾ هيڏانهن هوڏانهن ڏسندو رهيو ۽ وري چيائين تہ ”مون کي لڳي ٿو تہ سامعين اوهين منجهي پيا آهيو تنهن ڪري هٽو نعرا.“ پوءِ نعرا هڻي لهي آيو اسٽيج تان, سنگت ڏاڍو کلي. ڪي ڏينهن يارن کي ڳالهہ هٿ اچي وئي تہ ”اوهين منجهي پيا آهيو تنهن ڪري هٽو نعرا!“

خاڪي دير سان ڪچهري ڪري ويو. عبدالحسين پنهور آيو ٻڌايائين تہ جيل جي دوستن سان ملي آيو آهي, رئيس الله جڙيو پٽافي بہ ملڻ آيو. شام جو اشفاق, نالي پيائي مولابخش مشوريءَ سان هيٺ ويس. ڪچهريءَ ۾ روشن برڙو جساف ۽ سيد غوث علي شاهہ (سيد حيدرشاهہ جو ڀاٽيجو) بہ اچي نڪتا. غوث شاهہ لاءِ خبر پئي تہ ڪيس رحمت الله هيسباڻي جي جاءِ تي آرگنائيزنگ ڪميٽي جو چيئرمين مقرر ڪيو ويو آهي. ٻيا بہ ڪافي دوست آيا. ڪچهري ڪري ڪينٽين ۾ اچي ماني کاڌي سين. ڪجهہ دير مٿي ڊاڪٽر روم جي گئلري ۾ ڪچهري ڪئي سون. اشفاق صديقي گهٽو ڪري انهيءَ گئلريءَ ۾ اچي رات جو سمهندو آهي. رات جو يارهين وڳي ڏاري ڪمري ۾ اچي سمهڻ جي ڪيم.

## سياسي خبرن تي سينسرشپ، ڌاڙيلن کي ڀرپور ڪوريج!

(19 ـ مئي 1984ع)

ڪالهه صبح جو نائين وڳي پيٿالاجي ليبارٽري ويس، گلوڪوز ٽالرنس ٽيسٽ هئي، 2 ڪلاڪ هلي. اها ٽيسٽ پهرين به ٿي آهي پر سندس رپورٽ مان ڊاڪٽر نور محمد ميمڻ مطمئن ڪونهي سو وري ڪرائي اٿس. سڄو ڏينهن ڪمري ۾ ئي ليٽيو رهيس. شام جو ڊاڪٽر اشرف ۽ مختيار ملڻ آيا، ڊاڪٽر اشرف ٻڌايو ته اڄ هالا ۽ سعيد آباد جا شهر بند هئا، جو هالا مان ڪجهه ماڻهو اغوا ٿي ويا آهن.

اڄ جو اخبار آئي ته ان ۾ به ڌاڙن ۽ ڌاڙيلن جو خبرون وڏي سرخي سان شايع ٿيل هيون. سڄي سنڌ بدامني ۾ وڪوڙيل آهي. ٻه ڏينهن پهرين دادو ويجهو آءِ جي پوليس بشير صديقي تي حملو ٿيو، سندس عملي جا ماڻهو ماريا ويا ۽ زخمي ٿيا. ساڳئي ڏينهن لاڙڪاڻي ۾ ڌاڙيلن هٿان قمبر جو اي ايس پي مارجي ويو. اڄ هالا مان ماڻهو اغوا ٿيا آهن. پرو چانڊيي جي مارجڻ کان پوءِ آءِ جي پوليس جي واڪاڻ ڪندي نه ٿي ڍاپيو. زمين آسمان هڪ ڪري ڇڏيائين ته ”ڌاڙيلن جو ڪافي حد تائين خاتمو ڪيو ويو آهي، عنقريب امن قائم ٿي ويندو.“ پر حقيقت ۾ ڳالهه وڌي ويئي آهي. ماڻهن رات جو سفر ڪرڻ ڇڏي ڏنو آهي، هر طرف خوف ۽ هراس ڇانيل آهي. افواهن جو به طوفان آهي. هتي ان افواهه ته پرو جي قتل جي پلاند طور ڌاڙيلن پوليس وارن کي مارڻ جو اعلان ڪيو آهي، پوليس وارن جون ننڊون حرام ٿي ويون آهن. اسان وارا سپاهي به ڳالهين ۾ چوندا آهن ته اسان جي قيمت سرڪار وٽ 5000 رپيا آهي، ڪير ٿو 5000 هزارن تي سر وڃائي ۽ ٻچا رلائي!

ڪجهه ڏينهن کان اخبار تي سياسي خبرن شايع ڪرڻ تي سينسر شپ عائد ڪئي وئي آهي. نالي ماتر به ڪا سياسي خبر ڪا نه ٿي شايع ٿئي. هاڻ اخبارن ۾ رڳو ڌاڙن ۽ ڌاڙيلن جون خبرون آهن، اخبارن ۾ رڳو جنرل ۽ سندس هٿ ٺوڪيا وزير آهن يا ڌاڙيل. رڳو انهن کي سرگرمين جي اجازت آهي باقي هر سرگرمي تي بندش آهي.

رات جو نائين وڳي ڌاري عبدالستار ٻچاڻي صاحب ملڻ آيو ٻڌايائين ته ايس ايم ايل اي گهرايو هو، اٺن ڄڻن تي سخت ناراض هو ۽ چيائين ته سڄي شرارت انهن اٺن ڄڻن جي آهي، جن اٺن جا نالا ڪنيائين سي هئا. مخدوم خليق الزمان، حسين شاهه بخاري، غازي صلاح الدين، عالم شاهه، ستار ٻچاڻي، ظفر لغاري، ڊاڪٽر اسماعيل اوڍيجو ۽ مولابخش چانڊيو. رات جو سائين يار محمد شاهه (ڪيسانه موري وارو) ۽ سندس هڪ دوست ملڻ آيو.

## اسماعيل اداسي ۽ عطا دل جا انقلابي گيت

(20ـ مئي 1984ع)

ٻارهين وڳي گهر وارا آيا. 2 وڳي ٻنپهرن جو پير علي غلام به آيو. ٽيهري ڌاري اسماعيل اداسي آيو. ٻڌايائين ته وارڊ 12 سر جيڪل يونٽ 3 ۾ داخل ٿيو آهي. اسماعيل، ڏسڻ ڳالهائڻ ۾ نج ڳوٺاڻو آهي. رهي به ڳوٺ ۾ ته آهي به ڳوٺاڻو پر عوامي تحريڪ جي ڪارڪنن کي شايد اها سُڌي ڏني ويئي آهي ته ڪيڏا به

عالم، دانشور ۽ انگريزي دان هجو پر پنهنجي ٻولي ۽ روپ ۾ ڀهراڙيءَ وارو ڏيک ضرور ڏيٺو آهي، انهيءَ ڪري عوامي تحريڪ جا ڪارڪن ڄاڻي واڻي اردو ۽ توڙي مروڙي ڳالهائيندا. پٺائي ۽ حوالن ۾ هوندو ٻاهر جي دنيا ۽ ادب جون خبرون ڪندا ته ٻئي کي حيرت پئي لڳندي ته ڀهراڙيءَ جا ماڻهو هيڏو ڄاڻين ۽ ڳالهائين ٿا! پليجو صاحب ۾ لڳندو ڀهراڙيءَ جو بيخبر ۽ سادو ماڻهو آهي پر ڳالهائيندو ته وڏن عالمن، انگريز دانن ۽ اردو دانن کي بيهوش ڪري ڇڏيندو. فاضل صاحب به ايئن ڳالهائيندو آهي. هڪ دفعو ايم آر ڊي جي ميٽنگ ۾ ڳالهائيندي چيائين ته ”بدين ۾ هم ني بڙا جلسا ڪيا. هزارين ماڻهو آئي، دعوت پيي هوئي اس ۾ هم ني پهاندر ڪاٽا“ خواجہ خير الدين ”پهاندر“ جو لفظ ٻڌي ڊڄي ويو چيائين ڪيا ڪاٽا؟ فاضل صاحب چيو پهاندر. خواجہ وري نه سمجهيو ۽ پريشان هو شايد هن باندر سمجهيو. پوءِ فاضل صاحب سمجهياس ته پينس ڪا بڇڙا ڪاٽا.“

ڳالهہ هئي اسماعيل جي اسماعيل عوامي تحريڪ جو ڪارڪن ۽ عوامي شاعر آهي. اڄڪلهہ جيل ۾ سندس گيت وڏي جوش ۾ ڳايا ٿا وڃن سندس گيت:

”موري ميهڙ دادوءَ ۾ ڊاٿيڙا پٽ ڊول ڪنا“ ڏاڍو مقبول آهي. اسماعيل پنهنجي صاحب جي شهادت تي به گيت لکيو سو به گهڻو وقت لاڙڪاڻي ۽ ٻين اجتماعن ۾ سپاف ۽ پارٽي جا ڪارڪن ڳائيندا هئا. سندس اهو گيت هيئن هو ته:

لاڙڪاڻو ٿيو ويڳاڻو سنڌ ساڻي تو ڏسان،
هر ٻڍي ۽ ٻار جي اک ۾ پاڻي تو ڏسان.

اسماعيل اداسي ملاح، ڳوٺ حاجي خميسو ملاح سعيده موري ڪورواهہ جي ويجهو جو رهاڪو آهي، شروع ۾ پ پ جو ڪارڪن هو ۽ ديهہ جو سيڪريٽري به ٿي رهيو. 1973ع ۾ عوامي تحريڪ ۾ شامل ٿيو. اڄ ڪلهہ جيل ۾ عوامي تحريڪ جي ٻئي ڪارڪن عطا دل جو گيت سنگت کي وڻندو آهي، ڏاڍو جوش ڏياريندو آهي ساٿين کي.

”گولين کان ڀي ڪين ڊڄن ٿا، سوين سلام سوڍن تي
قيد ۽ ڪوڙا، ڏنڊ جي هوندي، قوم سڄي آ روڊن تي“

پ پ جي سنگت مان اهي گيت ۽ ٻيا به ڪيترائي سهرا، ڪافيون، غزل ۽ گيت رئيس ڏنل خان نظاماڻي سٺي انداز سان ڳائيندو آهي.

## چونڊن کان ضياءَ ايئن ٿو ڀڄي جيئن اُٺ ڀڄي پٽڻ کان

(21- مئي 1984ع)

صبح جو چانهہ پي وينس ته اخبار آئي، اخبار ۾ نهايت افسوس ناڪ خبر هئي ته محترم فاضل راهو جو نوجوان پٽ صديق راهو وفات ڪري ويو آهي. صديق راهو جو ڪجهہ ڏينهن اڳ ۾ ايڪسيڊنٽ ٿيو هو. فاضل راهو صاحب هن وقت لانڍي جيل ۾ نظر بند آهي. ساڻس جيل ۾ رهيل سمورا دوست سندس تعريف ڪندا آهن. راهو صاحب پاڻ به جيل همت سان گهاريندو آهي ته جيل جي

ساٿين جو بہ تمام گهڻو خيال رکندو آهي. موجوده تحريڪ لاءِ ڪافي پاڻ پتوڙيو اٿس. هن ڊويزن ۾ تہ ايم آر ڊي کي منظم ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو اٿس. ڪجهہ وقت اڳ ۾ سندس ننڍڙو پٽ گذاري ويو هو ۽ اڄ وري سندس نوجوان پٽ لاڏاڻو ڪري ويو آهي. خدا تعاليٰ سندس بهادر ۽ حوصلہ مند دل کي هن هانوَ ڏاريندڙ ڏک کي برداشت ڪرڻ جي قوت عطا فرمائي. فاضل صاحب جي گهر واري ۽ ڌيءَ بہ گرفتاري ڏني هئي ۽ هي مرحوم پٽ بہ ساڻس گڏ جيل ۾ رهي چڪو آهي. اسماعيل اداسي ٻڌايو تہ هن وقت بہ صديق راهو جي خلاف وارنٽ هئا ۽ روپوش هو.

اڄ اخبار ۾ اها خبر هئي تہ حيدرآباد سمري ملٽري ڪورٽ نمبر 19 ڪروڙن رپين جي چرس جي اسمگلنگ جي ڏوهہ ۾ ٻن شخصن کي سال، سال ٽيپ ڏهہ، ڏهہ ڪوڙا ۽ ڏهہ ڏهہ هزار ڏنڊ جي سزا ڏني آهي. ايم آر ڊي جي سياسي قيدين کان هي ڏوهي بہ چڱا جو هنن کي اهڙي ٻچڙي ڏوهہ تي بہ اها سزا ملي آهي. جڏهن تہ سياسي ڪارڪنن کي، نعرا هڻڻ ۽ گرفتاري پيش ڪرڻ تي سال سزا، ڏهہ ڪوڙا ۽ لک رپيا ڏنڊ جي سزا ٻڌائي ويئي آهي نہ رڳو ايترو پر ڏوهن جي سزا ۾ معافي بہ شامل ٿيندي رهندي آهي پر سياسي قيدين کي نہ معافي ملندي ۽ نہ ئي سزا پوري ٿيڻ کان پوءِ رهائي جي پڪ آهي.

حڪومت اهو واضح ڪري ڇڏيو آهي تہ هر جرم قابل معافي آهي. سواءِ چونڊن ڪرائڻ ۽ مارشل لا ختم ڪرائڻ جي مطالبي جي. ”چونڊون ڪرايو“ جو نعرو هاڻوڪن حاڪمن لاءِ ڄڻ گار ٿي ويو آهي. چونڊن جو لفظ ٻڌيو جنرل ضياءَ جا وار ڪاندارجي ٿا وڃن. چونڊن کان ضياءَ ايئن ٿو ڀڄي جيئن اٺ ڀڄي پٽڻ کان پر سندس ڀڄڻ بيڪار ٿيندو. جيئن جيئن سندس اقتدار ڊگهو ٿيندو ويندو تيئن تيئن ڏٻڻ ۾ ڦاسندو ويندو. ماڻهو سزائن کان ڪو نہ ٿا ڊڄن، سي ور ور ڏئي اٿندا ۽ سويارا ٿيندا ۽ حاڪم جنرل ضاءَ پنهنجي انجام تي پهچندو.

## پوٽي جي گرفتاريءَ جي صدمي ۾ سيٺ ڪمال الدين جو لاڏاڻو

(25۔ مئي 1984ع)

صبح جو دير سان اٿيس پر ناشتو ڪري وري سمهي رهيس. ٻنپهرن جو يونيورسٽيءَ جا ڪجهہ دوست آيا، ٻڌايائون تہ يونيورسٽي جون هاسٽلون خالي ڪرايون ويون آهن. سڀاڻي احسان ميمڻ شهيد جي ورسي آهي. يونيورسٽي تي پوليس جو گهيرو آهي ۽ اڄ رات ڇاپا هنيا ويندا. دوستن اهو بہ ٻڌايو تہ صورتحال جي پيش نظر جساف ورسي سنڌ يونيورسٽي بدران زرعي يونيورسٽي ۾ ملهائڻ جو فيصلو ڪيو آهي. شام جو اختر ٻڌايو تہ سڄي رستي ۾ پوليس ئي پوليس آهي. ڊيوٽي وارن سپاهين بہ ٻڌايو تہ بي پناهہ پوليس گڏ ڪئي وئي آهي.

انتظاميہ شهيد احسان ميمڻ جي ورسي تي هيتري ساري پوليس گڏ ڪري پنهنجا جوهر ڏيکارڻ جي تياري مڪمل ڪري ڇڏي آهي پر سڄي سنڌ ۾ بدامني جي اٿيل لهر ڏانهن سندن ڌيان ئي ڪو نہ ٿو وڃي. سنڌ يونيورسٽي ۾ سندن بربريت جي شڪار شهيد احسان جي ورسي کي روڪڻ لاءِ، وري ڪنهن سنڌي جوڌي کي شهيد ڪرڻ لاءِ تہ تيار ٿي ويا آهن پر اڄ ئي ڪنڌياري ويجهو پوليس ايس

ايچ او اي ايس آءِ ۽ ٻين سپاهين کي قتل ڪيو ويو آهي، تن جي قاتلن کان ته سنڌن ساهه ٿو نڪري. اڄ به ڏاڙن ۽ ڦرن جي ٻين خبرن سان گڏ اها به خبر آهي ته لاڙڪاڻي مان ٻه ڊاڪٽر اغوا ڪيا ويا آهن.

انهيءَ بدامنيءَ متعلق جنرل ضياءَ چيو آهي ته ”انهن وارداتن ۾ سياستدانن جو هٿ آهي، سنڌ ۾ بدامني تمام گهٽي آهي“ پر سنڌ جي گورنر ۽ وزير دفاع جو فرمان پنهنجي ڌڻيءَ کان مختلف آهي. گورنر چيو آهي ته ”سنڌ ۾ مڪمل سڪون آهي.“وزير دفاع فرمايو آهي ته ”سنڌ ۾ امن امان جو ڪو به مسئلو نه آهي.“

شام جو پنجين وڳي ڌاري منور ميمڻ، طارق ملڪ، محمد علي، ادا شمعون ۽ ٻيا دوست ملڻ آيا. منور سنڌ جو اڀرندڙ مصور آهي، سينيئر مصورن جو خيال آهي ته ”هي نوجوان جلد ملڪ جو وڏو مصور ٿيندو.“ منور جي شروعاتي ڇاهيل تصوير ڏسي نامور مصور ع.ق شيخ ۽ ظفر ڪاظمي حيران ٿي ويا ته ڪو نئون مصور اهڙي عاليشان تصوير ڇاهي ٿو سگهي! اهي تصويرون ڏسي انهن اهو به چيو ته ”هن مصور کي ڏات آهي.“

منور اڄڪلهه مصوري کان پاسو ڪري ڪاروبار ڏي توجهه ڪئي آهي. رنگن ۽ روشنين مان نڪري اڄ ڏاري، ڪڙي بوسي جي ٻورين وچ ۾ وقت پيو گذاري. سنڌس فن ۽ سنڌس ونيءَ جي وچ ۾ ويڙهه آهي. منور ۾ مصوري آهي ۽ پاپي ڪيس پنهنجي ساهراڻي روپ ۾ يعني، ”سيٺ يا ڪامورو“ ڏسڻ چاهي ٿي. فيصلو ته منور ڪندو باقي پنهنجي دعا آهي ته سنڌس گهر ۾ فن بڻي قائم ۽ دائم رهن.

منور ميمڻ، حيدر آباد جي مشهور سياسي شخصيت سيٺ ڪمال الدين جو پٽ آهي. سيٺ ڪمال پنهنجي سمورن سياسي همعصرن ۾ اڄ به احترام وارو آهي. ڪيس پيار مان ”چاچو“ چوندا آهن. جن ڏينهن شهر جي سياست ميونسپل سياست جي گرد ڦرندي هئي، تڏهن چاچو ڪمال الدين شهر جي سياست جي اهم رهنما ۽ سياسي گروپ ”ميمڻ گروپ جو دماغ سڏبو هو.“ قاضي گروپ، ميمڻ گروپ ۽ مير گروپ شهر جي قديم رهواسين جا نمائندا هئا. توڙي ساڻن گڏ ڪجهه اردو ڳالهائيندڙ رفيق به هئا جڏهن ته حافظ مبارڪ، ڪي، بي جعفر، فيض محمد صندل، نواب يامين، نواب مظفر، جميل احمد، صدر الدين انصاري، حاجي فريد ۽ ڪي ٻيا بزرگ وري حيدرآباد جي نون رهواسين جا نمائندا هئا.

موجوده مارشل لا ۾ چاچي ڪمال جي پياري پوٽي سليم کي جهنڊي ساڙڻ جي الزام ۾ گرفتار ڪيو ويو. چاچو اصلي ليگي هو. ڏاڍو ڊوڙيو ڊڪيو پر ڪجهه به نه ٿيو ۽ پوٽي جي رهائي جي سلسلي ۾ مايوس ٿي ويو. انهيءَ صدمي ۾ ڪيس دل جو دورو پيو ۽ پاڻ وفات ڪري ويو. چاچي سان گڏ ميمڻ گروپ به عملي طور لاڏاڻو ڪري ويو ته شهر مان ڪچهرين، رواداري، شرافت ۽ دوستيءَ واري سياست جو هڪڙو باب به ختم ٿي ويو. رات جو ائين وڳي ڌاري مخدوم شفيق الزمان صاحب آيو ۽ اسپتال ۾ داخل سيني دوستن سان مليو. مخدوم صاحب ٿوري دير ٻين کان الڳ ٿي به ڪچهري ڪئي، چيائين ته خليق سائين دوستن ۽ صورتحال متعلق صلاح مشورو ڪرڻ لاءِ چيو آهي.

# "سرڪار" جي رضا لاءِ روزا نمازون

(26ـ مئي 1984ع)

صبح جو ڊاڪٽر مون کي اِي اين ٽي جي او پي ڊي ڏانهن حيدرآباد موڪليو. حيدرآباد وڃڻ لاءِ ٻاهر نڪتس ته سڄ لڳي پئي هئي، هر طرف هُو جو عالم هو. هوٽلون ڪينٽينون، دڪان، ريڙها سڀ بند هئا. سمجهي ويس ته رمضان سڳورو اچي ويو آهي. اڳي رمضان پنهنجي مخصوص رونق سان ايندو هو هاڻ رمضان جو راڪاس گهمي ويندو آهي شهر ۾.

اسپتال جي ٻاهران، ڀرواڙين جي مريضن جا وارث، وڻن هيٺان، هيسيل مهاندن سان ويٺا هئا. هنن لاءِ رهڻ جو ڪو به بندوبست يا سڪٽي چانوَ جو انتظام به ڪونهي، ويتر غريباڻي ڪاڏي جو به آسرو ختم ٿي ويو. پوڙها پڪا پريشان پئي لڳا. رمضان سان گڏ رمضان تي عملدرآمد ڪرائڻ وارن جا به ميڙ هئا. اڳي روزا حڪم خداوندي ۽ رضا الاهيءَ جي لاءِ ماڻهن تي رکيا پر هاڻ مارشلائي حاڪمن آرڊيننس جاري ڪري روزي جي معاملي ۾ به ماڻهن کي پاڻ ڏانهن جوابدار بنائي ڇڏيو آهي. هاڻ روزي ۽ نماز جي پابندي رضاءِ سرڪار لاءِ ضروري ٿي پئي آهي، هاڻ محشر ڪان اڳئي . مارشل لا وارا حساب ڪتاب وٺيو ڇڏين. لڳي ٿو عنقريب مسجدن جي دروازن تي حاضري رجسٽر رکيل هوندا ۽ ماڻهو خوف خدا بجاءِ قهر سرڪارڪان بچڻ لاءِ نرڙن تي نماز جا نشان ٺاهيندا. اهي زوري چٽيل پيشانيون، قبرن کي ته روشن ڪن يا نه ڪن پر بيچڙاين کي لڪائڻ ۾ وڏو ڪم ڏينديون. ڳالهه ڪندا آهن ته هڪڙي وڏي سونهاري وارو چور، چوري ڪندي جهلجي پيو. ڪيس ڪورٽ ۾ ويو. جج به اشراف هو تنهن چيو ته "هي وڏي سونهاري وارو چوري نٿو ڪري سگهي." عدالت چور کي آزاد ڪري ڇڏيو. چور عدالت مان ٻاهر نڪري، ڏاڙهي تي هٿ ڦيريندي چيو ته "هيءَ ڏاڙهي آهي ته گهٽن گهرن جي پيينگ ٿيندي."

سو حيدرآباد وڃڻ لاءِ پنهنجي سرڪاري محافظ سان (جيڪو پاڻ ڪان ٻگري رائفل ڪلهي ۾ ڪنيو هليو) اچي سوزڪي ۾ چڙهيس. سڄو سوزڪي اسٽينڊ پوليس هو. تقريبن سمورا پوليس وارا بدين پوليس جي ٻلن (نشان) سان هئا. اڄ احسان شهيد جي ورسي جو پروگرام هو. تنهن ڪري پين ضلعن جي پوليس جو سڪ ڦٽائي هتي وٺي آيا آهن. اِي اين ٽي وارڊ ۾ ڊاڪٽر کي ڏيکاري موٽيس پي ته ڦاٽڪ ڪان وٺي، يونيورسٽي توڙي ايل ايم سي جا سمورا رستا پوليس جي گهيري ۾ هئا. رستن تي وڏا ڍگها ڪاٺ رکي رڪاوٽون به کڙيون ڪيون ويون هيون.

نثار میں تیری گلیوں کے اے وطن کے جہاں،
چلی ہے رسم کہ کوئی نہ سر اٹھا کے چلے،
جو کوئی چاہنے والا طواف کو نکلے،
نظر چرا کے چلے، جسم و جاں بچا کے چلے،
ہے اہل دل کے لئے اب یہ نظر بست و کشاد،
کہ سنگ و خشت مقید ہیں اور سگ آزاد۔

# اسپتال مان بيزار ٿي واپس جيل وڃڻ جي خواهش

(27_ مئي 1984ع)

صبح جو ڊاڪٽر نور محمد ميمڻ رائونڊ تي آيو. جيڪو طبيعت ڏسڻ سان گڏوگڏ ڪا نہ ڪا سياسي يا غير سياسي مزيدار ڳالھ ڪري ويندو آهي. ڊاڪٽر صاحب منهنجي هٿ ۾ ڪرنل محمد خان جو ڪتاب ”بسلامت روي“ ڏسي چيو: ڪهڙو ڪتاب آهي؟ جهڙ لاءِ ڪتاب وٺي پاڻ بہ پڙهيائين. ”سلامت“روي ڇا آهي؟ ٻڌايم تہ اردوءَ جو مزيدار سفرنامو آهي. ڪٿان جو سفر نامون آهي؟ ٻڌايم تہ لنڊن، پئرس، بيروت. ويندي ويندي چئي ويو ”انهيءَ (مصنف) کي چئو تہ ٺٽو ڏسي پوءِ سفرنامو لکي.“ ڊاڪٽر صاحب ڪڏهن ڪڏهن ويهي بہ رهندو آهي. سندس انداز ۾ گفتار مان سيئي ڊاڪٽر بہ پيا مزو وٺندا آهن. نور محمد صاحب جو رويو بہ ڏاڍي مهر وارو هوندو آهي. رائونڊ کان پوءِ ڊاڪٽر خدا بخش ڏاهري کي چيم تہ ”ڊاڪٽرن کي مون واري بيماري سمجھ ۾ نہ ٿي اچي ۽ ڏينهن بہ گهڻا ٿي ويا آهن. هاڻ موڪل ڏيو تہ واپس جيل وڃان.“ چيائين تہ عالماڻي صاحب اڄ اچي پيو انهيءَ سان صلاح ڪريون پوءِ ڪو فيصلو ڪنداسين. هونئن تہ هن وارڊ ۾ سائين نور محمد ميمڻ، سائين حسن شيخ جيڪي نهايت مهربان ۽ شفيق آهن، تن سميت سمورن ڊاڪٽرن جو رويو پيار پريو آهي پر ڊاڪٽر جليل بچاڻي ۽ خدابخش ڏاهري تہ پائرن وانگر پيش ٿا اچن. ڊاڪٽر جليل شخصيت توڙي سڀاوَ ۾ سدا ملوڪ ماڻهو آهي. ڪيڏو بہ ڪم ڪري، ڪيترو بہ مصروف رهي پر سندس چهري تي ٿڪاوٽ ۽ رويي ۾ بيزاريءَ جو اظهار ڪو نہ هوندو آهي. ڊاڪٽر خدابخش ڏاهري منهنجو پراڻو دوست ۽ سياسي ساٿي آهي. پ پ جي شروعاتي دور ۾ هن سان ڏاڍيون ڪچهريون هيون. پ پ جي هر جلسي، جلوس ۾ ساٿ رهندو هو. ٺٽي مير محمود مير جي باغ، قليلي ۽ ٺٽي ولي محمد جي ”مرڪز“ تي پابنديءَ سان ملاقاتون ٿينديون هيون. 1967ع ۾ پاڪستان پيپلزپارٽي قائم ٿي تہ ٺٽي آغا ۾ پ پ جي پهرين برانچ کولي وئي. انهيءَ برانچ جو افتتاح خود قائد عوام شهيد ڀٽي ڪيو هو. انهيءَ زماني ۾ پارٽي آفيس قائم ڪرڻ وڏي جرئت جو ڪم هو. ٺٽي آغا جي برانچ جو پهريون ميمبر شير سنڌ مير رسول بخش ٽالپر ٿيو صدر عبدالرشيد نيڪيدار، نائب صدر اشرف ابڙو جنرل سيڪريٽري خدابخش ڏاهري، جوائنٽ سيڪريٽري غلام رسول نوتڪاڻي ٿيا. انهيءَ ڪم ۾ سدائين ڪلٽو ملٽو پيارو بزرگ مرزا عنايت بہ شامل هو. انهيءَ برانچ طرفان قائد عوام شهيد ڀٽي کي چانديءَ جي تلوار بہ پيش ڪئي وئي هئي.

سو ڊاڪٽر خدابخش ڏاهري ٻڌايو تہ عالماڻي صاحب ايندو رائونڊ ڪو نہ ڏيندو باقي توکي ڏيکاريندا سين (دل ۾ چيم رائونڊ ڪو نہ ڏيندو باقي ڇا لاءِ ايندو؟ مريض بہ ڪو نہ ڏسندو تہ ڇا اچي ڪندو) ڏاهري صاحب منهنجي قسمت جاڳائي، عالماڻي صاحب سان ملاقات ڪرائي. عالماڻي صاحب وڏي قرب سان مليو حال احوال معلوم ڪيائين. ڊاڪٽر خدابخش کي چيائين هيمو گلوبن گهٽو آهي؟ سائين: نارمل آهي. نارمل بہ ڪيترو آهي؟ خدابخش چيو سائين 12 آهي. عالماڻي صاحب چيو: ڏسي ٻڌاءِ تہ ڪيترو آهي؟ ڏاهري صاحب ڏسي چيو: سائين 8 آهي. عالماڻي صاحب چيو ”هي

نارمل آهي؟ نوجوان مرد ماڻهو جو هي نارمل آهي؟ هيءُ ڪا زال ته ڪونهي جو هر مهيني.... خون جي ڪمي ٿي پئي.“ عالماڻي صاحب ٽيسٽن لاءِ هدايت ڪئي. عالماڻي صاحب مرض جي سڃاڻپ جي سلسلي ۾ پاڪستان ۾ مشهور آهي. سندس قابليت جا ڪيترائي قصا مشهور آهن. اها قابليت ئي آهي جو سندس پرائيويٽ اسپتال ۾ ماڻهن جا ميڙ آهن. قلندر جي ميلي تي زيارتي ڪي صبح کان شام تائين انتظار کان پوءِ به زيارت نصيب ٿي وڃي ٿي پر عالماڻيءَ جي مريض کي ڏينهن جا ڏينهن انتظار ڪرڻو پوندو آهي. سرڪاري اسپتال ۾ سندس زيارت لاءِ مريض کي هفتن جا هفتا لڳي ويندا آهن. عالماڻي صاحب ڪجهه وقت اڳ ۾ سيني سنڌي شاگردن خاص ڪري ٻروچن ۾ ڏاڍو مقبول هو پر سياسي عداوتن ۽ گروپ بندين (جن کي اڪثر پاڻ هوا ڏيندو هو) ڪري سخت تنقيد جو نشانو بڻيل آهي. استادن کي ڪنهن عهدي ۽ مرتبي ماڻڻ لاءِ ڪنهن سازش ۾ شريڪ ٿيڻ ۽ شاگردن ۾ گروپ بندي پيدا ڪرڻ کان پاسو ڪرڻ گهرجي.

استاد کي سمورن شاگردن کي برابر سمجهي پنهنجي محبت ۽ توجهه جو مرڪز بنائڻ گهرجي. مسلم ڪاليج ، نور محمد هاءِ اسڪول، سچل ڪاليج، سنڌ يونيورسٽي ۽ ايل ايم سي جا ڪيئي قابل استاد گروپ بندين جو شڪار ٿي سيني جي محبت جا حقدار ٿيڻ بجاءِ سندن ئي شاگردن جي تنقيدن جو نشانو بڻيل آهن.

سڄو وقت ڪمري ۾ ئي رهيس. شام جو اقبال جروار جي ننڍڙي پيٽ جي آپريشن لاءِ رت جي بندوبست ۾ لڳا رهياسين. انهيءَ سلسلي ۾ حيدرآباد ۾ شاگردن پاران قائم ڪيل والنٽيئر بلڊ بئنڪ جي ڊاڪٽر زاهد شاهه سان ملياسين. چيائين صبح جو بندوبست ڪنداسين. ڊاڪٽر ٻڌايو ته اقبال جي پيٽ کي 3 بوتلون خون جون لڳنديون. اقبال ۽ مون خون ٽيسٽ ڪرايو پر ڪو نه مليو.

## ضياءَ جي آمد جو ٻڌي جيل مٿان پ پ جو جهنڊو ٿاهي ڦڙڪائي ڇڏيوسين

(28_ مئي 1984ع)

صبح جو سوير اشفاق صديقي اٽڪل ستين وڳي اچي اٿاريو. ڏٺم ته جيل جو پيارو ساٿي پي آءِ اي جو اڳواڻ چوڌري ڪامران بيٺو هو. وڏي قرب سان مليو. ٻڌايائين ته صبح جو سوير رها ڪيو اٿن. پنجين وڳي ڏاري جيل مان ڪڍيو اٿن. ايڏو سوير رها ڪرڻ جو سبب پڇيوسين ته ٻڌايائين ته، ”رات جو چئي ويا هئا ته صبح جو سوير توکي رها ڪيو ويندو تنهنڪري تيار ٿي ويهجان. توکي ڊي ايم ايل اي وٽ پيش ٿيڻو آهي. پنجين وڳي ڏاري ونڻ آيا. ماڙي ۾ پهتس ته اتي هڪ ميجر ۽ جيلر بيٺا هئا. ٻڌايائون ته تنهنجي سزا پوري ٿي ويئي آهي، تنهن ڪري سزا ۾ مليل ڪوڙا لڳندا. پوءِ اتي ماڙيءَ ۾ ئي 5 ڪوڙا هڻي ٻاهر ڪڍي ڇڏيائون. جيل مان نڪري توسان ملڻ هتي اچي نڪتو آهيان.“ ڪامران کي ويهڻ ۾ ڏاڍي تڪليف ٿي رهي هئي. چيائين ته دوا لڳرائجي. ڊاڪٽر کي چيوسين، تنهن ڪامران جي زخمن تي دوا لڳائي. دوا هڻڻ مهل ڏٺوسين ته ڪامران کي ٻنڌڻن تي ٽن آڱرين جيترا ڳاڙها اپريل نشان

هئا. ڪامران جي جسم جا اهي زخم سنڌ جي نئين گورنر جي امن ۽ خير سگالي واري دعوي جي حقيقت ٻڌائي رهيا هئا. ڪامران جا اهي زخم شايد جتوئي صاحب جي خير سگاليءَ جو جواب به هئا. انهيءَ خير سگالي جي جذبي سبب ئي اڄ ملڪ جي اهم ترين ادارن، قانون ساز عدليه ۽ انتظاميه سان عوام جي نفرت ٿي ويئي آهي. بدقسمتيءَ سان فوج جو ادارو جيڪو سڄي ملڪ جي نگهباني ۽ سلامتي جو مرڪز آهي، تنهن مان به عوام جو اعتماد ختم ٿيندو پيو وڃي. اها نهايت خطرناڪ صورتحال آهي. اهي سمورا ادارا هڪڙي فرد ۾ ضم ٿي ويا آهن ۽ اهو فرد واحد سڄي ملڪ جي عوام جي نفرتن جو مرڪز آهي. اهي ادارا پنهنجي ساک وڃائيندا پيا وڃن. اهي ادارا سڄي قوم جي حقن جي حفاظت ڪرڻ بجاءِ هڪ شخص جي حڪمن جي پيروي ۽ خاص گروهه جي مفادن جو تحفظ ڪري رهيا آهن. ممڪن آهي ته انهيءَ فرد مان قوم کي آزادي ملي به وڃي، حالتون سازگار ٿي به وڃن، تڏهن به انهن ادارن کي پنهنجي غير جانبداري ۽ قومي ملڪيت هجڻ جو ثبوت ڏيڻ لاءِ وڏي جدوجهد ڪرڻي پوندي، پاڻ ۾ اهم تبديليون آڻيون پونديون، ڇاڪاڻ ته هڪڙي فرد جي وڃڻ جي ڪري ماڻهن کان پنهنجا زخم، بيعزتيون، ذلتون وسري نه سگهنديون. ايئن ڪيئن ممڪن آهي ته ماڻهن کي موت ڏئي انهن کان محبت جو مطالبو ڪجي.

محبت گوليوں سے بو رہے ہو،
وطن کا چہرہ خون سے دھو رہے ہو،
گمان تم کو کہ راستہ کٹ رہا ہے،
یقین مجھ کو کہ منزل کھو رہے ہو۔

ڏهين وڳي ڏاري ڪامران ڪراچي روانو ٿيو. اقبال جروار سان گڏجي سندس پيٽ جي آپريشن لاءِ رت هٿ ڪرڻ لئبارٽري ويس. اقبال ۽ مون به رت ٽيسٽ ڪرايو پر گروپ نه مليو. ٻن پهرن جو فقير رحمت الله هيسباڻي آيو جنهن به ڪافي ڪوشش ڪئي پر يونيورسٽي ۾ ايل ايم سي بند هجڻ جي ڪري ڪيس ڪاميابي ڪو نه ٿي. فقير رحمت الله اڪثر غريب مريضن لاءِ رت، ڪاڏي ۽ دوائن جو بندوبست ڪندو رهندو آهي. ڪجهه ڏينهن اڳ هڪ مريض لاءِ ست بوتلون هٿ ڪري ڏنائين. اها سموري رت پنهنجي دوستن کان ورتي هئائين. اڄ به ڪافي ڊوڙ ڊڪ ڪيائين پر رت نه ملي سگهي. آخر حيدرآباد بلڊ بينڪ ۾ فون ڪري چيائين ته ”ڪو تازو توانو رت هٿ ڪري ڏيو.“ لئبارٽري وارن واعدو ڪيو ته ڪو تندرست ماڻهو ڏسون ٿا. لئبارٽري ۾ رت نه هئڻ ڪري اتي رت جو وڪرو ڪندڙ موجود آهن انهن جي لاءِ سندن ٺيڪيدار سان ڳالهائڻو پوندو آهي. فقير جو ان ٺيڪيدار تي به ڪافي رعب آهي. رت لاءِ ٿيلهيون کپنديون هيون تن لاءِ گڏجي آر ايم او وٽ هليو. آر ايم او سان ملڻ شرط سندس سخت بحث مباحثو شروع ٿي ويو. فقير اسپتال ۾ ڪاڏي، دوائن ۽ ٻين سهولتن جي کوٽ بابت اتان جي انتظاميه تي شديد وٺ ڪري رهيو هو. آر ايم او ڇڻ فقير مان جهلجي ويو. هيڏانهن هوڏانهن جا ٻهانا ڪري پنهنجي جند ڇڏائڻ لاءِ چيائين ”فقير سائين هينئر ڪهڙو حڪم آهي!“ چيائين ”رت لاءِ ٿيلهيون کپن.“ آر ايم او اسپتال جي اڪائونٽ مان هينئن اسٽور تان ٿيلهيون گهرائي ڏنيون. فقير آر

ايم او ڪان موڪلايو تہ جڻ آر ايم او عذاب مان نڪرڻ تي دل ۾ شڪر بجاءِ آڻيندو هجي. ڄامشوري جي حدن ۾ فقير جي رهائي ۽ رعب جا ڪافي منظر ڏسڻ ۾ ايندا آهن.

شام جو لئبارٽري پهتاسين تہ اتي رت جا سودا گر اٺ ڏهہ پناڻ ۽ هڪڙو ٻيو همراهہ ويٺو هو. سوداگر پناڻ هو. سندس رنگ بافتي جهڙو هو. شايد سڄي رت وڪڻي چڪو هو ۽ هاڻي ڪيس اهو پسند نہ هو تہ ڪو ٻيو بہ پنهنجي رت وڪڻڻ ڪان بچائي. اهو پناڻ لئبارٽريءَ ۾ ڏاڍو مصروف هو ۽ لئبارٽريءَ جو سرڪاري انچارج ٽيبل تي بالم ٽيو ويٺو هو جڻ سيٺ پيڊي تي ويٺو هو. نوڪرن واپار پئي ڪيو. انچارج اتي ويٺي ٺيڪيدار کي رت جا پئسا ونڻ ۽ رت ڏيندڙن تي چڪاس رکڻ جون هدايتون ڏئي رهيو هو. سيٺ رت جي خريدارن جي رش سبب پريشان هو ان مهل هو ڪنهن طوائف جي ان باجي وڄائڻ واري استاد وانگر پئي لڳو جيڪو گهڻن تماشبينن جي هٿ ۾ نوٽ ڏسي هيڏانهن هوڏانهن واٽڙن وانگر ڏسندو آهي تہ متان ڪو تماشبين پنهنجا پئسا واپس کيسي ۾ نہ وجهي ڇڏي! هن سيٺ کي بہ فڪر اهو ئي لڳل هو تہ متان ڪو گراهڪ واپس نہ هليو وڃي. يا رت ڏيندڙ ڪان سنئون سڌو ڳالهائي سستو سودو نہ ڪري ڇڏي. ٺيڪيدار کي پئسا ڏناسين. ٺيڪيدار چيو: وڃي ڊاڪٽر کي ٻڌايو تہ رت تيار آهي. جيڏي مهل ضرورت پوي حڪم ڪجو. وري آپريشن ۾ ڪم ايندڙ سامان ورتوسين. سيون، ڌاڳا، دوائون، گلوڪوز تہ ٿهيو پر اسپرٽ بہ اسان کي ونٽو هو. هاڻي تہ مريض کي داخل ٿيڻ مهل پاڻ سان دستو پنن جو بہ آڻڻو پوندو آهي جنهن جو چارٽ ٺهندو. ماڻهو اسپتال ۾ اچي يا ٽاٽي تي، پهرين پاڻ سان پنن جو دستو ضرور کڻي اچي.

شام جو علي محمد سومرو ملڻ آيو. رات جو ڊيوٽي تي موجود ڊاڪٽرن سان ڪچهري ٿي جنهن ۾ خاص طور تي ان جهنڊي جي متعلق پڇيو ويو جيڪو جنرل ضياءَ جي حيدرآباد آمد تي جيل ۾ ٺاهي، جيل جي عمارت تي بلند ڪيو ويو هو. جهنڊي ٺاهڻ جي ڳالهہ ٻڌي ڪافي نوجوان حيران پئي ٿيا. اهي نوان دوست انهي ڪري ٿي حيران ٿيا جو شايد ڪين خبر نہ هئي تہ عشق ۽ جذبي ۾ انسان کهڙا کهڙا ڪم ڪري گذرندو آهي.

سوريءَ مٿي سيڻ، کهڙي ليکي سنرا
جي لِهہ لڳا نيڻ، تہ سوريائي سيج ٿي.

ڪاري فئڪٽري ۾ سياسي قيدين کي خبر پئي تہ جنرل ضياءَ دادو مان حيدرآباد اچي رهيو آهي. ساٿين جيل ۾ احتجاج جو فيصلو ڪيو ۽ ڪاري فئڪٽري مٿان پ پ جو جهنڊو ڦڙڪائڻ جي صلاح ٻيٺي، پر ترنگو ڪپڙو ڪٿان اچي؟ دادوءَ جي هڪڙي بزرگ کي ڪارا ڪپڙا پيل هئا. تنهن پنهنجي قميص لاهي ڏني، دادو جي ئي دوستن جي گوڏين جي ٽوالن جا ڳاڙها ۽ ساوا باردر ڦاڙي پاڻ ۾ ڳنڍي وڏا ڳاڙها ۽ ساوا حصا ٺاهيا ويا. ڪنهن دوست جي اچي قميص مان تارو ۽ چنڊ ٺاهيو ويو. چنڊ، تارو ۽ جهنڊو ٺنڊي الهيار جي پارٽيءَ جي پراڻي مجاهد، ڪامريڊ ڏٽي بخش قمبراڻي ٺاهيو. اهو ڪامريڊ درزي هو. جهنڊو ڦڙڪائڻ، ضياءَ جي هيليڪاپٽرن جي جيل مٿان گذرڻ مهل ماحول ۽ منظر ڏسڻ جهڙو هو. ملڪ لعل خان تہ هيليڪاپٽر ڏسي اهڙا ٿي ٻُل ڏنا، جڻ ٽپ ڏئي جهلي کڻي هيليڪاپٽر هيٺ ڪندو. انهيءَ جهنڊي ۽ احتجاج جي خبر اخبارن ۾ شايع ٿي ۽ ان جهنڊي کي ڏاڍي مشهوري ملي.

# امان جون دعائون

(پهرين جون 1984ع)

29 مئي 1984ع اڳاري جي ڏينهن اٺين پهرين آپريشن ٿيٽر ڏانهن ويس. اقبال جروار جي پيٽ جو آپريشن ٿيٽو هو ٿيٽر وٽ اقبال ۽ سندس چاچو موجود هئا. اتان ٿي وارڊ آيس ته پياري عبدالجليل بچاڻي چيو ته "اڄ ڊاڪٽر امداد بلوچ وارڊ ۾ ايندو تنهن ڪري حيدرآباد وڃي ڪيس ڏيکار." ڊاڪٽر امداد ڏي ويس، ساڻس ملاقات ٿي. پروقار شخصيت جو مالڪ هو وڏي پيار سان مليو منهنجي آڊيوگرافي ڪرايائين ۽ ڪجهه دوائون تجويز ڪيائين. هڪ هفتي کان پوءِ وري اچڻ جو چيائين.

ڊاڪٽر امداد بلوچ ٿي نظربندي دوران محترمه بينظير ڀٽو صاحبه جي ڪن جو آپريشن ڪيو هو ۽ اهو به ٻڌايائين ته هو محترمه سان گڏ لنڊن به ويو ۽ اتي به سندس آپريشن دوران موجود هو.

اربع 30 مئي تي وري مٽي جي سور لاءِ اکين جي اسپتال موڪليو ويس. اکين جي اسپتال ۾ ڊاڪٽر نثار ميمڻ سان ملاقات ٿي. ڊاڪٽر نثار ميمڻ ٽنڊي محمد خان جي سپاف جو بنياد وجهندڙن مان آهي. ڊاڪٽر ۽ اسماعيل ميمڻ سپاف ڪي هن تعلقي ۾ وڏي محنت سان منظم ڪيو. اسماعيل ميمڻ ضلعي حيدرآباد جو جنرل سيڪريٽري به رهيو. ڊاڪٽر ايل ايم سي ۾ به سپاف لاءِ تمام گهڻو پاڻ پتوڙيو. ڊاڪٽر سياسي ڪمن سان گڏ سماجي ڀلائيءَ جي سرگرمين ۾ ڀرپور حصو وٺندو آهي. تمام پيارو دوست آهي.

ڊاڪٽر نصرالله قريشي صاحب اکين جو معائنو ڪيو. ڊاڪٽر قريشيءَ جو مريض سان رويو به سٺو هوندو هو. مون ڪي مريضن سان پيار مان ڳالهائيندڙ ۽ سمجهائيندڙ ڊاڪٽر ڏاڍا وڻندا آهن. منهنجي خيال ۾ جج، استاد ۽ ڊاڪٽر خدائي ڪم سرانجام ڏيندا آهن. تن ڪي سدائين مهر ۽ پيار سان پيش اچڻ گهرجي. مون گهڻا ئي ڊاڪٽر اهڙا به ڏٺا آهن جن جي پيشانيءَ تي سدائين گهنج هوندو آهي، 24 ڪلاڪ باهوڙيا وتندا آهن. مريض ورجائي ڪا ڳالهه پڇندو ته مريض جو پٽڪو لاهي وجهندا آهن. ننڍي هوندي کان ڊاڪٽر شيخ رزاق صاحب جي اسپتال تي مريضن جا ميڙا ڏٺا اٿم. سهڻي شخصيت وارو ڊاڪٽر آهي، ڏٽي هٿ ۾ شفا به وڏي ڏني اٿس پر مريض ورجائي پڇڻ جي ڊپ کان اڌوري ڳالهه ٻڌي هليا ويندا آهن. ڳالهه هلي پئي ڊاڪٽر نصرالله قريشي صاحب جي. ڊاڪٽر صاحب جو نالو شيرين سومرو ڪيس دوران به گهڻو ٻڌڻ ۾ آيو ۽ هاڻ وري سندس نالو ذڪر ۾ آيو جو تازو ڪيس ڌاڙيل اغوا ڪري ويا هئا.

ڪالهه سڄو ڏينهن ڪمري ۾ ئي هئس. ڊاڪٽر نور محمد رائونڊ تي آيو ته ڪيس ٻڌايو ويو ته ڊاڪٽر عالماڻي چيو آهي ته "مولابخش ڪي اينميا آهي." بنپهرن جو غلام رسول جلالاڻي ملڻ آيو، ٻڌايائين ته ڪيس سندس زميندار زمين تان بيدخل ڪري ڇڏيو آهي ۽ فصل به ڪٽي ويو آهي. مصيبت اها آهي ته هو زميندار خلاف ڪري به ڪجهه نه ٿو سگهي جو اهو زميندار سندس پيٽيو آهي. غلام رسول اهو به ٻڌايو ته مون ڪي جيل وڃڻ جي ڪري بيدخل ڪيو اٿس. جڏهن ته زميندار پاڻ عوامي

تحريڪ جو سرگرم ڪارڪن به آهي گرفتاري ڏئي جيل ياترا به ڪري آيو آهي. غلام رسول ڪي سمجهايم ته پريشان نه ٿي. مفادن جي ڪنهن سان به مائٽي ڪو نه هوندي آهي. زميندار ڪهڙي به پارٽيءَ ۾ هجي پر هاريءَ لاءِ هو فقط زميندار ئي هوندو آهي. ڪيس چيم ته زميندار سان ڳالهاءِ جي وهنوار نه ڏي ته پوءِ عوامي تحريڪ جي اڳواڻن سان ڳالهائيندا سين (زميندار وهنوار نه به ڏنو ته به غلام رسول ڇا ڪري سگهندو. غريبن واري رواج ۾ ماڻهو ڏيءَ ۽ پيٽ ڏئي پاڻ گروي ٿي ويندا آهن)

نسرين فون تي ٻڌايو ته ننڍڙي رباب جي طبيعت تمام گهڻي خراب آهي، ڪيس بخار به آهي ۽ ساهه کڻڻ ۾ سخت تڪليف پئي ٿئي. ڇاتي بند ٿي وئي اٿس. اڄ ٻنپهرن جو امان ۽ به پيٽون ملڻ آيون. ماني به پاڻ سان کڻي آيون. امان ته سدائين نصيحتون ڪندي آهي پر اڄ ساڻس گڏ ٻه پينرون ساڻ ڏئي رهيون هيون. امان پئي چيو ته "ٻار تمام گهڻا پريشان آهي، ڪافي ڪمزور به ٿي ويا آهن، سندن ڪاڏي پيتي جو بهتر بندوبست ڪونهي. ننڍن ڀائرن ۽ پيٽن جي تعليم جي سلسلي ۾ به پريشاني آهي. ٻيا به گهر جا گهڻا مسئلا آهن جن ڪي توکي منهن ڏيڻو آهي. توکي ئي حل ڪرڻا آهن. تون اڃي جيل ۾ ويهي رهيو آهين، بس هاڻ گهڻو ٿيو هاڻ ٻاهر اچ!" امان پريشان هوندي آهي ته چوندي آهي ته سياست وڃي ڪڏ ۾ پئي، توکي سياست لاءِ ڪو نه ڇڏيوسين... پر وري ٿورو آرام ملندو اٿس ته پڻي صاحب ۽ سندس گهر وارن ڪي ياد ڪندي ۽ روئيندي آهي. انهيءَ مهل سنڌين جا سور به ڪيس ستائيندا آهن چوندي ته "شل ٻاهه لڳين، شل رلي مرن، سنڌين جو جيئڻ حرام ڪري ڇڏيو اٿن. پڻي ويچاري جو سڄو گهر ويران ڪري ڇڏيو اٿن." ضياءَ ۽ مهاجرن تي جنيون جام ڪندي آهي. امان شام تائين ويٺي رهي. ڪافي دير ڳالهيون ٿيون. وانگيڙن تي ٿيندڙ ويلن جو ذڪر ٻڌي ڪجهه ٿڌي ٿي ۽ ڪچهري ڪندي ڪجهه پريشانيون به گهٽيون ته دعائون ڏيندي گهر رواني ٿي، "ابا جڳ جهان جا پٽ جڙيا هوندا تن سان گڏ تون به چڱو ڀلو هجين، ابا امام مصيبتون معاف ڪندو، شل سور سجايا ٿينوَ."

امان ته وئي هلي پر گهڙيءَ لاءِ پورن ۾ وجهي وئي. امان ڪي ڪيئن ٻڌايان ته جي جهانن سان جيئڻ جا هيراڪ ٿي ويندا آهن تن ڪي پنهنجا سور ڏک ياد نه پوندا آهن، جيڪي ساماڻ سان ئي ويڙهيچن سان وچن ڪري ويهندا آهن تن لاءِ پاڻ پسڻ ڏکيو هوندو آهي.

رات جو پرائيويٽ وارڊ ۾ عباسي صاحب ۽ شفقت شاهه سان ملڻ ويس. عباسي صاحب ٻڌايو ته بي بي سي تان خبر نشر ٿي آهي ته "پ پ جي قائم مقام سيڪريٽري جنرل فاروق لغاري استعيفا ڏئي ڇڏي آهي." فاروق لغاري صاحب جي پاليسي به سمجهه ۾ ڪو نه ٿي اچي. جتوئي صاحب ولايت مان موٽڻ شرط تحريڪ جي آغاز جو اعلان ڪيو ته فاروق لغاري وري پنجاب جي ڪارڪنن ڪي بلدياتي چونڊن ۾ ڀرپور حصي وٺڻ لاءِ هدايتون ڪيون. سندس ڪارڪردگي تحريڪ جي دوران به ڪا ذڪر جوڳي ڪا نه رهي، هاڻ وري اوچتو استعيفيٰ.

"تنهنجي رمز سهڻا مان ڇا سمجهان؟"

# ضياءَ جي حڪومت ۾ وزارتون ماڻيندڙ ”سنڌ پرست!“

(2۔ جون 1984ع)

اڄ صبح اکين جي اسپتال ويس. نسرين ميڊم آفتاب منير سان ملي. ميڊم ڪيس سومر تي داخل ٿيڻ لاءِ چيو. خميس تي آپريشن ٿيندو.

اڄ عبرت اخبار ۾ سنڌ ڪابينہ جي حلف کڻڻ جي خبر هئي. ڪابينا ۾ قاضي عبدالمجيد عابد، ظفر علي شاهہ، مظفر شاهہ، غلام محمد مهر، غوث علي شاهہ، احد يوسف، دوست محمد فيضي، زين نوراني، بوستان علي هوتي ۽ مير مروت شامل آهن.

قاضي صاحب بہ آخر وزارت ماڻي. عبرت ۾ سرڪار کي ڏنل ”مخلصاڻا مشورا“ صاب پيا ۽ ڪيس پنهنجي مستقل ڪالم ”آخر ڇا ٿيندو؟“ جو جواب حاصل ٿي ويو. (قاضي صاحب جي ”آخر ڇا ٿيندو؟“ جي ڪاميابي ڏسي، ڊاڪٽر اسماعيل وقت بہ وقت چوندو هو ”استاد آخر ڇا ڪجي؟ ڇيم استاد پارٽي ۾ سرگرم ٿي سنڌ ڪائونسل ۾ ويهجي.“ پوءِ ڊاڪٽر صاحب واهہ جو سرگرم ٿيو سنڌ جو عهديدار ٿيو. وري چوندو هو تہ استاد ڇا ڪجي؟ استاد ميمبر ضرور ٿجي. پوءِ وزير ٿجي.، قسمت سندس ساٿ ڏئي ها تہ يقينن ڊاڪٽر سنڌ جي بهادر ۽ نامور اڳواڻن جي فهرست ۾ شامل ٿي سنڌ جي تاريخ ۾ اڻمٽ يادگيريون ڇڏي وڃي ها.

سيد ظفر علي شاهہ مغربي پاڪستان اسيمبلي جو بہ ميمبر هو. ڪيس پهريون ڀيرو جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن جي وهاب شاهہ ڪنوينشن ۾ ڏٺو هئم. آءٌ، حاجن شورو ۽ عبدالواحد آريسر گڏجي اهو ڪنوينشن ڏسڻ ويا هئاسين. تنهن ڏينهن سپاف جي چيئرمين سان بغاوت جي ڏوهہ ۾ غازي، حاجن ۽ آءٌ سپاف مان ڪڍيا ويا هئاسين. ظفر علي شاهہ جو پرجوش استقبال ڪيو ويو. ڪيس جلوس ۾ پنڊال آندو ويو. ظفر شاهہ جيئي سنڌ جي آئيندي جي اميد هو. آريسر صاحب ٻڌايو تہ شاهہ تحريڪ جو مستقبل جو قائد آهي. سائين ظفر شاهہ وهاب شاهہ ڪنوينشن ۾ پاڻي بہ پنهنجو ڪٽي آيو هو ۽ اهو پي پيتائين. سائين اصول پرست ۽ قوم پرست سياسي اڳواڻ طور مشهور هو. ڪنوينشن کان ٿورو عرصو ئي پوءِ ظفر شاهہ پ پ ۾ شامل ٿيو. (شايد وزير بہ ٿيو) بينظير صاحبہ سنڌ جي پهرين دوري دوران سندس ڳوٺ بہ هلي هئي ۽ شاهہ صاحب بهترين دعوت جو اهتمام ڪيو هو. قوم پرست حلقن ۾ سنجيده سياسي ماڻهن ۾ عزت جي نگاهہ سان ڏسجندڙ ظفر شاهہ هاڻ مارشل لا جو وزير آهي. ڏسجي ڇا ٿو ٿئي، باقي سنگت کي اها ڳالهہ بہ ياد رکڻ کپي تہ وڏيري جي اصول پرستي ۽ قوم پرستي بہ ”وڏيرپ“ جي ادا آهي. وڏيري جو ڪلچر، پيار، وفاداري، غداريءَ جا ماپا عوام جي ماپن کان مختلف آهن.

وهاب شاهہ ڪنوينشن ۾ ظفر شاهہ کان پوءِ جيڪا جوانن کي جهومائيندڙ ۽ جوش ڏياريندڙ شخصيت هئي سا هئي ”ابراهيم منشي“ جي شخصيت. ابراهيم منشيءَ کي بہ پهريون ڀيرو اتي ٻڌم. وڏي گرجدار آواز ۾ پنهنجا شعر ٻڌائي ماڻهن کي مست ڪري وڌو هئائين. سندس شعر قوم پرستن لاءِ جنگ جو طبل ۽ قلندر واري ڌمال هئا. ڪيس پوءِ بہ مختلف ڪچهرين ۾ ٻڌم. سياسي ڪارڪنن ۾ سندس وڏو احترام هو پر فوجي حڪومت قوم پرستن جي آئيندي کي وزير ڪري ڇڏيو آهي ۽ قوم

پرستي جي للڪار ڪي گم. الائي ڪٿي آهي ابراهيم منشي؟؟؟

سنڌ جا ماڻهو جيلن ۾ سندس شاعريءَ تي مستي واريون ڏمالون وجهيو پيا وقت گذارين ۾ منشي جو پتو ئي ڪونهي. ڊاڪٽر اسماعيل ڪيڏي ڪيڏي مهل شاعري به ڪندو هو. ٻڌايائين ته منشيءَ ڪي شعريه خط لکيو اٿم. اهو شعر مون کي ياد ڪونهي. ڪڏهن ڪڏهن جلسي ۾ پڙهندو هو. جيل ۾ سروچ سجاولي به آهي، تنهن به پاڻ تي لکيل منشيءَ جي شعر جي جواب ۾ شعر لکي ڪيس فوجي حڪومت جو ساٿاري ثابت ڪيو آهي.

هتي نوجوان هر ڪچهري ۾ منشيءَ جو ڪو نه ڪو گيت ضرور جهونگاريندا آهن، خاص ڪري عوامي تحريڪ جو ڪارڪن ابو ملاح ته واهه جو ڳائيندو آهي ته:

ڪٿيون ڪئين قيد ۾ گذريون، ڇڳو چيٽن ۾ ملنداسين،
سرنهن پيلا جهليندي گل، انهن ڪيٽن ۾ ملنداسين.
جڏهن جهنڊا آزاديءَ جا پيا جهر جهنگ جهوليندا،
ڏٽيءَ پون پيٽ پيا چڙهندا انهن پيٽن ۾ ملنداسين.
ڇڏي درياءَ ويندو دهشت بنائي پيٽ پيلاٽيون،
چڙهي ڪنهن ناو ننڍڙيءَ ۾ انهن ٻيٽن ۾ ملنداسين.
پرين هن پيار پنهنجي تي لڳا پهرن مٿان پهرا،
ته لڪ لانگها جهلي منشي، پيا اڪ ٽيٽن ۾ ملنداسين.

# وزارت جو "چئلينج" ۽ اسلام جي "روشني!"

(3- جون 1984ع)

صبح کان جيل واپس وڃڻ جي تياري ۾ هئس. مهربان ڊاڪٽر جليل بچاڻيءَ کان ته زوري موڪل ورتم پر اجا ڊاڪٽر خدابخش ڏاهريءَ جو انتظار هئم، جو عالماڻي صاحب کي ٽيسٽن جون رپورٽون ڏيکاري دوائون لکرائڻيون هيون.

اشفاق صديقي ۽ اقبال نظاماڻي ڪافي ضد ڪيو ته جيل في الحال نه وڃان، ڇاڪاڻ ته خميس تي نسرين جو آپريشن ٽيڙو آهي. اهو ڪرائي پوءِ پلي واپس وڃان. رات گهر وارا آيا هئا ته پريشان هئا، انهن جي به مرضي هئي ته آپريشن کان پوءِ اسپتال ڇڏيان. آخر فيصلو اهو ئي ٿيو ته آپريشن کان پوءِ جيل واپس وڃبو.

اٽڪل يارهين وڳي ڏاري طارق مجيد ملڻ آيو. طارق سپاف جي باني ڪارڪنن مان آهي. سپاف جي پهرين برانچ، طارق ئي ڪائي روڊ تي کولي هئي. ان وقت جو سپاف جو چيئرمين حسين شاهه بخاري سائيڪل تي چڙهي هن برانچ آفيس جو افتتاح ڪرڻ آيو هو تڏهن غازي سپاف حيدرآباد جو صدر هو. طارق تڏهن ستين ڪلاس ۾ پڙهندو هو. طارق سپاف ۾ گهڻو سرگرم رهيو. سپاف جو مرڪزي اطلاعات سيڪريٽري به ٿيو. سندس ماڻتن جي مرضي هئي ته سندس پٽ آفيسر ٿئي ته سندن ميمڻ برادري ۾ عزت

وڏي ۽ طارق جي بہ ڪنهن سنڌي گهر ۾ شادي ٿئي. ماڻهن جي سوچ آهي بہ صحيح جو هر طرف ”ڏوڪڙ وڏي ذات“ جا نعرا پيا لڳن.

طارق سپاف ڪان پاسيرو ٿي ويو پر سياست سندس نس نس ۾ سمايل هئي، سو علمي ۽ ادبي، فنڪشن ڪيو پنهنجي شوق جو پورائو پيو ڪندو هو. انهي شوق لاءِ هڪڙو ادارو بہ قائم ڪيائين، انهيءَ تحت ڊراما، فيشن شو وغيره بہ ڪيائين تہ مرتضيٰ شاهہ ڏاڏاهي سان شام ۽ مائي ڀاڳيءَ جي تاج پوشي جا عاليشان پروگرام بہ ڪيائين. ڪيس دوستن جي سنڌي ٽيم هئي جن ۾ الطاف سومرو، رفيق ميمڻ، شفقت مغل، حسين ۽ بہ خواجہ ڀائر ذوالفقار ۽ افتخار شامل هئا. ايل ايل بي ڪئي اٿس، ايم بي اي جي امتحان جي تياري پيو ڪري. سياست بڇڙي بيماري آهي. وڻندي آهي تہ ڇڏيندي ڏکيو آهي. سو هينئر بہ طارق ڳالهائيندو رڳو سياست تي آهي، ڪنهن نہ ڪنهن نموني چور چوريءَ ڪان ويندو تہ هيرا ڦيري ڪندو. وانگر پنهنجو سياسي شوق پيو پورو ڪندو آهي. طارق سٺو مقرر بہ آهي ۽ لکڻ جو ڏانو بہ اٿس. دل يار ڏي هٿ ڪار ڏي اٿس، ڏسون تہ يار ۽ ڪار کي گڏ ڪيئن ٿو هلائي.

اڄ اخبار ۾ نون وزيرن جا تاثرات بہ شايع ٿيا آهن. قاضي صاحب فرمايو آهي. تہ ”مون سنڌ جي مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ وزارت جو چئلينج قبول ڪيو آهي.“ (اڄڪلهہ جيڪو بہ وزير ٿئي ٿو سو چئلينج قبول ڪري ئي تہ وزير ٿئي ٿو.) قاضي صاحب وڌيڪ چيو آهي تہ ”اسلام مون کي جان کان وڌيڪ پيارو آهي ۽ سمورا مسئلا اسلام جي روشنيءَ ۾ حل ڪيا ويندا.“ شڪر ٿيو قاضي وزير ٿيو جو ڪيس اسلام جي روشني ڏسڻ ۾ آئي ۽ اهو بہ احساس ٿيو تہ زندگي ۽ سنڌ جا مسئلا انهيءَ روشنيءَ ۾ ئي حل ٿيڻ گهرجن. اڄ ڪلهہ جيڪو بہ وزير ٿيندو تنهن کي اهو مشڪل اعلان ڪرڻو ئي پوندو تہ ”اسلام ڪيس زندگي ڪان وڌيڪ پيارو آهي!“

## هڪڙا حڪمران پيا ڏاڙيل باقي عوام ويچارو ڍاڙ ڍوڙ

(4- جون 1984ع)

اڄ ڪلهہ اخبارن ۾ سواءِ ڏاڙيلن ۽ سرڪار جي ڪجهہ بہ ڪونهي. گهڻا ڏينهن اڳ ۾ دوستن قصو ٻڌايو تہ هڪڙو ماڻهو ڪنهن جي ڀڇا ڪندي، ڪنهن ڳوٺ ۾ اچي نڪتو ڪيس هڪڙو ماڻهو ڏسڻ ۾ آيو، تنهن کي سڏ ڪري پڇيائين تہ ”هتي ڪهڙين ذاتين وارا ماڻهو ٿا رهن؟“ ڳوناٺي جواب ڏنو ”ادا هتي هڪڙو سيدن جو گهر، ٻيو اسان ڪولهين جو راڄ، باقي سڀ ڍاڙ ڍوڙ ٿا رهن.“ سو اڄڪلهہ هڪڙا آهن حڪمران پيا ڏاڙيل، باقي عوام ويچارو تہ آهي ڍاڙ ڍوڙ.

اڄ عبرت ۾ وڏي ڊگهي فهرست شايع ٿيل هئي وزير ڪٽڻ تي گورنر کي مبارڪ باد ڏيندڙن جي. خيرن سان قاضي صاحب وزير ٿيو آهي بہ ٽي سال ۽ شايد جيسين وزارت قائم آهي تيسين پئي مبارڪ باد ڏيندڙن جي لسٽ شايع ٿيندي. پ پ پهريون دفعو اقتدار ۾ آئي تہ هلال پاڪستان ۽ عبرت پ پ ۾ شامل ٿيڻ وارن جي جيڪا لسٽ شايع ڪئي هئي، تنهن تي معلوم ٿيو تہ سڄي ايشيا جي آبادي پ پ ۾ شامل ٿي ويئي آهي. هاڻ تہ عبرت جو پنهنجوئي وزير ٿيو آهي، هاڻ سڄي دنيا مان آيل

مبارڪ باد جا پيغام پڙهڻ لاءِ ملندا. هونئن بہ الله پناهہ ۾ رکي قاضي صاحبان کي, منجهن قضيو ٿيو تہ تعزيت ڪندڙن ۽ جي شادي ٿي تہ شرڪت ڪندڙن جا نالا مهينن جا مهينا پيا شايع ٿيندا آهن.

اڄ عبرت ۾ سرڪار ڪان پوءِ رڳو ڏاڙيلن جون خبرون هيون. 1982ع ۽ 1983ع ۽ خاص ڪري 1984ع تہ آهي ئي ڏاڙيلن جو سال. آءِ جي صاحب چيو آهي تہ امن امان قائم ٿي ويو آهي پر ڏاڙيلن جهڙو آءِ جي صاحب جا چپرا ڪيڻ لاءِ بدامنيءَ جو طوفان برپا ڪري ڇڏيو آهي. اڄ هنڙيءَ وٽ ڏاڙيلن سان مقابلي جي بہ خبر آهي تہ هالا ويجهو بہ ڏاڙيل سان مقابلو ٻڌايو ويو آهي, جن ۾ ڪجهہ مئا, ڦٽيا ۽ ٻڌا آهن. اڄ اها بہ ڏک واري خبر هئي تہ دادوءَ ۾ جانورين جي ڳوٺ تي چانڊين جي حملي ۾ 11-12 ماڻهو مارجي ويا آهن. هن جهيڙي جو پس منظر چانڊين ۽ جانورين جو جهيڙو آهي. ٻڌايو ويو آهي تہ چانڊين جي ٽولي جي اڳواڻي ڏاڙيل علي گوهر ڪري رهيو هو. خدا ڄاڻي سنڌ ۾ هنن قومي ۽ قبيلائي هاڃيڪارين کي ٻنجو ڪڏهن ايندو.

رات جو مولابخش مشوري وٽ ڪچهريءَ ۾ وينا هئاسين تہ اتي بہ سڄو موضوع ڏاڙيل ئي هئا. ڪچهريءَ ۾ سپاهي چڱا وينا هئا. هڪڙو سپاهي ڏسڻ ۾ ٻوگهلو پر ڇهري مان شرارت پئي بڪندي اٿس, سو سواءِ چرچن جي ٻيو ڳالهائيندو ناهي, تنهن ڳالهہ ڪئي تہ "سائين دادو ۽ لاڙڪاڻي ۾ ڏاڙيلن جي خبر ئي ڪو نہ ٿي پئي, ڏسبو تہ ٻني ۾ هاري ڏاند پيو ڪاهي يا ڪلهي تي هر ڪنيو اچي, پرسان ايندڙ بس ڏسي, ڏاند ڇڏي وچي لڪل بندوق ڪڍندو, بس ڦري هڪ نالي لڪائي وري اچي ڏاندن کي لڳندو. زمانو خراب آهي, الائي ڇا ٿيندو!" ٿوري دير چپ ٿي وري پنهنجي سوچن ۾ ٻڏل سپاهي ساٿيءَ کي چيائين, "اٽ وچي ڏاڙيلن سان مل, هتي مرندين تہ ڇا ملندءِ! زخمي ٿئين تہ 50000 رپيا ۽ جي مئين تہ لک رپيا ماڻن کي ڏيندا. وارو ڪر مري وئين تہ ماڻٽ بہ سکيا ٿي ويندا باقي حياتيءَ ۾ جيڪو ڪاڏئي ۽ پيٽئي سو جڻ تنهنجي ترقي!"

ڪچهريءَ ۾ نالي پائي ڦاروا ڪارايا (نالي پائي ڦاروا ۽ ٽڏيون شيون گهٽيون ڪائيندو آهي) سپاهي چيس تہ "سائين ڦاروا اوهين ڪائو اوهان جي مشن ڪمزور آهي." نالي پائي جو هاضمو خراب ٿو رهي, ڪيس السر آهي, اوڳرايون بہ وڏيون ڏيندو آهي. آءٌ ڪيس چوندو آهيان تہ نالي پائي اوهان جون اوڳرايون دشمن داغ اوڳرايون آهن.

چرچائي سپاهي ڦاروا ڪائيندي چيو "سائين ڦارون جا ٻج بہ ڪايو وڃان ٿو. سڄو ڏينهن ڦارون جا ٻج ڳهندو وڃان, اهي ويندا ڪيڏانهن؟" چيومانس "اهي ٻج نہ ڪائو اهي پيٽ ۾ ڦٽي پوندئي ۽ پوءِ جتان ڪٽان ٽاريون نڪري ايندءِ ۽ ٽاريون ڦاروا جهليندين ۽ پوليس لائن جا ٻار سڄو ڏينهن پٿر هڻي ڇتو ڪري ڇڏيندءِ!" ٿوري دير لاءِ هٿ روڪيئين, وري ٺهڪ ڏئي شروع ٿيو "سائين الله خير ڪندو في الحال تہ ڪائون." ڪافي دير ڪچهري ٿي. اتان اٿي اچي ڪمري ۾ ستس.

# نالي پائيءَ سان اختلاف جي نوعيت

(5_ جون 1984ع)

صبح جو يارهين وڳي حيدرآباد ايل ايم سي ويس. ڊاڪٽر امداد سان مليس. ڏاڍي پيار سان مليو. چيائين نڪ جو آپريشن ٿيندو پر في الحال وڃان پيو موڪل تي، موٽي اچان پوءِ وڏيڪ فيصلو ڪنداسين. وري سياٽي آڊيوگرافي لاءِ سڏيائين. نسرين اسپتال ۾ داخل هئي، ساڻس مليس. اسپتال ۾ غلام نبي ساند سان ملاقات ٿي. حاجي غلام نبي مون سان گڏ گرفتاري ڏني هئي. حاجي ماني ڪارائي اسپتال ڇڏي ويو. ڄامشوري پهتس ته خبر پئي ته نالي پائي (مولابخش مشوري) اڪين جي اسپتال منتقل ٿي ويو آهي ۽ سندس ڪمري ۾ پير اعجاز اچي رهيو آهي. شام جو نالي پائي جي ڪمي پئي محسوس ٿي، جو ڏينهن رات ڪچهريون پئي هليون. مولابخش مشوري ۽ آءٌ گڏ پڙهيا آهيون، مسلم ڪاليج ۾ جوائنٽ سيڪريٽري جي پوسٽ لاءِ ٻئي هڪ ٻئي جي سامهون بہ بيناسين. اها اليڪشن مشوري صاحب کٽي مون هارائي. مشوريءَ ڪي پ پ تعلقي جي صدارت تان هٽائي منهنجي دوست حاجي ڄام شوري کي رکيو ويو تہ اسان جو اختلاف اڃا وڌي ويو. اهو اختلاف جيل اچڻ تائين رهندو آيو ۽ انهيءَ جي سيني دوستن کي سڌ آهي. هتي اسپتال ۾ اسان کي ڪچهريون ڪندي ۽ گڏ رهندي ڏسي دوستن کي حيرت ٿيندي آهي، پڇندا آهن تہ گڏ ڪيئن پيا رهو؟ وقت ڪيئن پيو گذري؟ آءٌ کين چوندو آهيان تہ اسان جو کهڙو جاگيرن تان جهيڙو آهي، اهي اختلاف گڏيل زندگيءَ جو حصو آهن. باقي وڏيرا جيڪي ماڻهن کي مصيبتن ۾ مبتلا ڪرڻ لاءِ هڪٻئي جا جاني دشمن ڏسڻ ۾ ايندا آهن. تن جي پارٽين ۽ دعوتن ۾ پاڪر پائڻ ۽ هڪ ٻئي جي مفادن جي تحفظ ڪرڻ تي حيرت ڇو نٿي ٿئي؟ شايد انهيءَ ڪري جو غريب پنهنجي هر جذبي ۾، پوءِ اهو دوستي جو هجي يا دشمني جو مخلص ٿئي ٿو ۽ وڏيري جو نہ جهيڙو خالص آهي ۽ نہ دوستي خالص.

نالي پائي مولابخش مشوري هٽڙي تعلقي حيدرآباد جو آهي. 21_ آگسٽ 1983ع تي سول اسپتال وٽ گرفتار ٿيو. ضلعي ڪائونسل جو ميمبر هو احتجاجن ان تان استعيفيٰ بہ ڏنائين. هن سان گڏ مظهر بلوچ، غلام رسول جلالاڻي ۽ عوامي تحريڪ جا ٽي ڪارڪن گرفتار ٿيا هئا. تازو نالي پائي جو پاڻيٽيو جيڪو نور محمد هاءِ اسڪول ۾ ميٽرڪ ۾ پڙهندو هو تنهن کي قتل ڪيو ويو آهي، الله تعاليٰ کيس همت ۽ صبر عطا فرمائي.

مولابخش مشوريءَ ڪانسواءِ ضلعي ڪائونسل جي ميمبرن جناب عبدالستار سريوال، حاجي صوبو خان چانڊيو (ٽنڊو محمد خان)، عالم خان نوتڪاڻي (ٽنڊو محمد خان)، ڏنل خان نظاماڻي (ٽنڊو قيصر) پڻ استعيفائون ڏئي گرفتاري پيش ڪئي آهي.

اسپتال مان نسرين سان مليو پي موٽيس تہ سندس ڳالهيون ۽ پريشان چهرو پئي ياد آيو. پر ڪري ڇا ٿي سگهيس. کيس دلداريون ۽ دلاسا ڏيڻ ڪانسواءِ.

چند روز میری جان فقط چند ہی روز،
ظلم کی چھاؤں میں دم لینے پہ مجبور ہیں ہم،

اور کچھ دیر ستم سہہ لیں تڑپ لیں رو لیں،
اپنی اجداد کی میراث سے معذور ہیں ہم،
جسم پر قید ہے جذبات پہ زنجیریں ہیں،
فکر محبوس ہیں گفتار یہ تعزیریں ہیں،
لیکن اب ظلم کی معیاد کے دن تھوڑے ہیں،
اک ذرا صبر کر فریاد کے دن تھوڑے ہیں۔

## اسپتال مان بيزار ٿي واپس جيل پهتس سپاهي وچڙيل يارن وانگي مليا

(12۔ جون 1984ع)

ڏهين جون تي صبح جو ڊاڪٽر نور محمد ميمڻ صاحب رائونڊ تي آيو. ڪيس راتوڪي تڪليف جو ٻڌايم. ڊاڪٽر صاحب وارڊ جي ڊاڪٽرن کان به پڇيو. ڊاڪٽرن چيو ته رات هن کي ڪافي تڪليف هئي پر ڪري ڪجهه به نٿي سگهياسين. مون ڊاڪٽر صاحب کي چيو ته تقريباً هڪ مهينو ٿيڻ وارو آهي، اڃا تائين اوهان کي خبر ڪو نه ٿي پوي ته منهنجي شگر گهٽ ڇو ٿي ٿئي؟ جڏهن اوهان کو خاطر جواب نٿا ڏيو ته وارڊ وارن ڊاڪٽرن جي آسري ڪيترو وينو هجان؟ وارڊ ته پروفيسر عالماڻي صاحب جو آهي پر پاڻ سدائين خير سان ڪو نه هوندو آهي. ڪجهه ڏينهن لاءِ تڏهن اچڻ شروع ڪيو هئائين جڏهن محترم قادربخش انصاري ايم ايس ٿي آيو هو. انصاري صاحب کان پوءِ پروفيسر به ايندا هئا ته مريضن جو به خيال وڌيڪ ڪيو ويندو هو پر ڊاڪٽر مافيا کي انصاري صاحب ڪو نه وڻيو ۽ انصاري صاحب موڪلاڻي ڪري ويو منهنجي ڳالهه تي ڊاڪٽر خوش مزاجي ۽ همدرديءَ واري لهجي ۾ چيو ”ٻروچ! پريشان نه ٿي، ٺيڪ ٿي ويندين، بس ماني ۽ کنڊ کائيندو وڃ.“ وارڊ جي ڊاڪٽرن کي به هدايت ڪيائين ته شگر گهٽ ٿيڻ مهل منهنجي شگر ٽيسٽ ڪئي وڃي ۽ بلڊ پريشر به چيڪ ڪيو وڃي.

يارهين وڳي نسرين آئي، ساڻس نندڙي سميرا ۽ عمير گڏ هئا. ڪيس ٻڌايم ته اسپتال مان بيزار ٿي پيو آهيان، اسپتال ۾ وقت به الاهي ٿي ويو آهي، ڊاڪٽر سمجهندا هوندا ته هي به جيل کان ٿڪو آهي تنهن ڪري اسپتال ۾ ترسيو پيو آهي، جي کنڊ ۽ ماني ئي کائڻي آهي ته جيل ۾ به وڃي کائي سگهجي ٿي. صلاح بيني ته جيل واپس وڃجي. گهر وارا واپس ويا. مون ڊاڪٽر خدابخش ڏاهري ۽ ڊاڪٽر جليل ٻچاڻي صاحب کان جيل وڃڻ جي موڪل گهري. ٻئي ڊاڪٽر وارڊ ۾ ڏاڍا محنتي ۽ پيارا ڊاڪٽر آهن. ٻنهي مون کي منع ڪئي ته ٽيسٽون وغيره ڪرايون ٿا. تون اڃان نه وڃ پر مون زوري ڪائڻ موڪلائي اسپتال ڇڏڻ جي پرچي نهرائي.

ٽين وڳي جيل پهتس. دروازي وٽ سپاهي وچڙيل يارن وانگر مليا. جيل ۾ اندر داخل ٿيس، ڇٽني پاسي چُپ هئي. گرمي به ڏاڍي هئي. وارڊ ۾ آيس ته منير وارا پراڻي ڪمري بجاءِ نمبر 1۔ ڪمري ۾ شفٽ

ٿي ويا هئا. اتي ويس ته سليم، منير ۽ سائين حسين شاهه سُتا پيا هئا. سنگت سان ملڻ ٿيو. خبر پئي ته سائين ۽ منير ڪي روزو آهي. حسين شاهه ٻڌايو ته ”منير جي رهائيءَ جي تاريخ ويجهي ايندي وڃي ۽ منير جو نماز ۽ تلاوت سان پيار وڌندو وڃي. ٻنپهرن جو گهڻو وقت تلاوت ۾ گذاريندو آهي.“

شام جو روزي ڪان پوءِ عالم شاهه سان ملڻ وارڊ ڏي وياسين. اتان ٻئي گڏجي اسان جي وارڊ آياسين. ڪچهري ٿي. هاڻي سادي نائين وڳي بند ڪندا آهن، بند ٿياسين. منير ٻڌايو ته صبح جو چئين وڳي جيل وارا جاڳائيندا آهن. سڄي جيل ڪي سيخن مان ماني ڏئي ويندا آهن. اسان ڪي فجر جو کوليندا آهن ۽ ٻانگ مهل بند ڪندا آهن، ڏينهن جي ماني ڪو نه ڏيندا آهن.

## جاڳا ڳائڻ جي روايت

رات جو 4 وڳي رمضان ۾ روزي لاءِ سريلن آوازن، فقيرن جي هڪلن بجاءِ چابين جي ڇڻڪاٽ ۽ ڳرن لوهي درن ۽ ڪڙن جي چيچاٽن تي اک کلي. ٻاهر رمضان ۾ روزانو رات جو قسمين قسمين نعرن، هڪلن هوڪرن، دهلن، دبن ۽ ٿالن جي آواز سان گڏ پاڙي جي جاڳي جماعت جي سريلن آوازن، جهومائي ڇڏيندڙ طرزن تي جوڙيل جاڳن تي اک کلندي آهي. انهن جاڳن لاءِ سيني سنڌي پاڙن جا بزرگ مرد ۽ عورتون سڄو سال انتظار ڪندا آهن. جاڳن ڳائڻ مهل اڪثر ماڻهو گهرن مان نڪري جاڳن ڳائيندڙن جي چانهه ، شربت، پاڻي ۽ ڪاڌي جي شين سان تواضع به ڪندا آهن ۽ نذرانو به ڏيندا آهن. حيدرآباد شهر جي سمورن پاڙن ۾ جاڳا جماعتون آهن. اسان جي پاڙي جي جماعت جو روح روان استاد امام بخش اُستو ممون به مٺي آواز ۾ ڏانو وارو جاڳو ڳائيندڙ ليکبو هو. هاڻ ماما بچل ٻڙدي به شهر جي سٺن جاڳو پڙهندڙن مان آهي. ٻه ٽي سال اڳ مان به پاڙي جي جماعت سان جاڳو پڙهندو هئس. سڄي شهر جي جاڳا جماعتن تي مشتمل شهر جي جاڳا جماعت به آهي، ان جو صدر سائين بصر شاهه گاڏي ڪاتي وارو آهي. سندس پٽ سائين محمد شاهه به ڏاڍو سٺو جاڳو ڳائيندو آهي. سولجر بازار جي درگاهه حاجي شاهه بخاريءَ جي مرحوم گادي نشين جو به آواز ڏاڍو پيارو هو مون ڪو نه ٻڌو پر رمضان ۾ مختلف پاڙن ۾ ٿيندڙ جماعتن جي مجلس جي سلسلي ۾ درگاهه بخاريءَ تي ٿيندڙ مجلس ۾ هر سال سندس رڪارڊ وڄائيندا هئا. سو ٻڌو اٿم ته سندس ڳايل ”الوداع اي ماه رمضان“ تي مجلس ۾ شريڪ اڪثر ماڻهن جون اکيون آليون ٿي ويندڀون آهن. رمضان جي شروعات ۾ رمضان جي آمد جا ۽ پوئين ڏينهن الوداعي جاڳا ڳايا ويندا آهن. الوداعي جاڳن تي اڪثر بزرگ مرد ۽ عورتون روئنديون به آهن. سنڌي جاڳا بهترين شاعري ۽ ڌنن جا نمونا آهن. هاڻي نوان جاڳا به ڳائجن ٿا جن جون ڌنون نيون به آهن ۽ فلمي گانن تي به ٻڌل آهن. نوان جاڳا ڳائيندڙ اردو سنڌي نوجوانن تي مشتمل الله والي جماعت آهي. اهي اردو جاڳا به پڙهندا آهن. اڄڪلهه فقير غلام محمد چنه جو اردو جاڳو ”جاني لگا رمضان، مسافر يه مهمان“ ڏاڍو مقبول ٿيو آهي. پراڻا جاڳا. ماستر محمد صديق مسافر، واصف، واصل، سنائي جا چيل آهن.

منير روزي جو اهتمام ڪيو هو رمضان جي خاص سئين ”ستر بينن“ سان (ستر بينون رمضان جي

خاص سوڪڙي آهي. گهڻو ڪري هر گهر ۾ هوندي آهي). ستر بينون ڪاڻي ملڪ روز پيتوسين. منير چيو ته اڳ ۾ سليم ساٿ ڏيندو هو پر هاڻ بيزار ٿي پيو آهي. ساٿ ڪو نه ٿو ڏي. مون چيس ”پرواهه نه ڪر، تون منهنجي سنگت ۾ جيل آيو آهين. آءٌ تنهنجي ڪري جيل ۾ ستربينون ڪائڻ ۽ ملڪ روز پيئڻ واري تشدد ۾ تنهنجو ساٿ ڪونه ڇڏيندس.“ ٻانگون آيون، بند ٿياسين. منير نماز پڙهي ۽ ستاسين. ڪالهه صبح جو دوست آيا، تن ٻڌايو ته ڪچهري پابندي سان هلي پئي، غلام رسول زنگيجي جي رهائيءَ ڪان پوءِ ڪامريڊ مامون ڪچهري هلائيندو آهي. دوستن سان مليو. عالم شاهه ڏي ويس. اتان شڪيل سان ملڻ لاءِ ”بي“ ڪلاس جي شڪيل واري ڪمري ۾ داخل ٿيس ته ڊاڪٽر پيرزادو، شڪيل جي ڪن کي لڳو پيو هو. ڊاڪٽر جي اوزارن جي پيتي کلي پئي هئي. خبر پئي ته شڪيل راند ڪندي ڪن ۾ ڪاغذ جو ٽڪرو وجهي ڇڏيو آهي، سو نه پيو نڪري، مون کي عباس نقوي جي ڳالهه ياد اچي ويئي ته ”شڪيل ڪي جسم اور جان ڪو نه ديکو يه بچه هي“ مون چيو شڪر آهي. ٻار راند ڪندي پنو ڪن ۾ ٽي وڌو. ڊاڪٽر شڪيل جي ڪن مان پنو ڪو نه ڪڍي سگهيو جو ڊاڪٽر ڪجهه ڪن ۾ وجهي چوري پوري مس ته شڪيل وٺيو رڙيون ڪري. آخر ڊاڪٽر وري اچڻ جو چئي ويو هليو. (ايئن لڳو چڻ شڪيل ڪن جو پنو به ٻاهر ڪڍائڻ نه چاهيندو هجي، جنهن جي اخبارن ذريعي به راڄن کي خبر پوندي ۽ شڪيل جي رهائيءَ جو اپيلون وري ٿينديون).

اتان اٿي چاچي شاهنواز خان سان ملڻ آيس. اتي رفيق صفي اچي ٻڌايو ته چاچي جي نظربنديءَ جو آرڊر گورنر صحيح ڪندو آهي ۽ نئون آرڊر اچي پيو. چاچي جي سزا به پوري ٿي ويئي آهي پر ڪيس رها نه ڪيو ويو آهي. ڪمري تي آيس. سادات عظام به ويٺا هئا. شام تائين ڪچهري ٿيندي رهي.

ڏهين جون تي اسپتال مان آيس ته خبر پئي ته سياسي قيدين جو ٽوٽل 136 آهي. بشير لغاري جو سکر مان خط آيو آهي، تنهن ٻڌايو ته سکر ۾ اجا به 150 سياسي قيدي آهن. هتي شروعات ۾ 1840 سياسي قيدي هئا، تن مان 238 عوامي تحريڪ، 13 پي اين پي (هنن ۾ ڊي ايس ايف، وطن دوست انقلابي پارٽي ۽ سنڌ هاري ڪميٽي جا دوست شامل آهن) اين ڊي پي، قومي محاذ آزادي جا پي ڊي پي 3، تحريڪ استقلال جا 2 هئا.

بشير لغاري، ڏاڍو پيارو ۽ همت وارو دوست هو. جڏهن وڏا وڏا بهادر به ايم آر ڊي جو نالو ٻڌي لڪي ويندا هئا، تڏهن بشير لغاري بدين ۾ ايم آر ڊي کي منظم ڪرڻ جو ذمو کنيو. بشير ئي ضلعي جو سيڪريٽري ٿيو. بشير سان ڊاڪٽر به تنظيم ۾ شامل ٿيو ته تحريڪ جو ڪم اجا به وڌيڪ تيز ٿي ويو. بشير تقرير ۾ پلبو ڏاڍو هو. سندس پلجڻ جا به ڏاڍا مزيدار قصا آهن.

ايم آر ڊي جي آغاز جو زمانو هو ڪراچيءَ جي خالص شهري انداز جي سياسي اڳواڻ ناظم آباد ۾ پنهنجي گهر” شهري حقوق ڪنوينشن“ گهرايو سمورين پارٽين جا ڳڻڻ جيترا ڪارڪن شريڪ ٿيا. ڪنوينشن جي نشستن جي صدارت به مختلف پارٽين جي اڳواڻن کان ڪرائي ويئي. پ پ جي قائد محترمه بينظير ڀٽو صاحبه نظربند هئي. تنهن ڪري ڪنوينشن جي صبح واري اجلاس جي صدارت بينظير ڀٽو صاحبه جي تصوير ڪان ڪرائي ويئي. ان اجلاس ۾ بشير لغاري به تقرير ڪئي. مارشل لا جو دٻدٻو به ۽ تقرير ڪرڻ، سا به ڪراچي جي ڪارڪنن ۾، بشير ٿورو ڪنفيوز هو. بشير کي سڏ ٿيو. هن

تقرير شروع ڪندي چيو تہ ” جناب صدر، مهمان خصوصي محترمہ بينظير ڀٽو صاحبہ ۽ نفيس صديقي صاحبہ ۽ حاضرين، حاضرين، نفيس صاحبہ ڀڏي ڪافي ڪليا تنهن ڪري بشير اجا بہ گهبرائجي ويو. جيئن تيئن تقرير پوري ڪري هيٺ لٿو اسان پڇيس تہ ”نفيس ڪي صاحبہ چو چيئہ؟“ چيائين ”جڏهن بينظير ڀٽو کي صاحبہ چيم تہ پوءِ سيئي صاحبائون تي لڳيون.“ ٿوري دير ڪان پوءِ ٿهڪ ڏيندي چيائين ”منهنجو ڏوهہ ڪونهي هڪڙي تقرير اردو ۾ ٻيو مار پئيس جو نالو ئي زائفاٽو ياد ئي ڪو نہ پيم تہ نفيس، صاحب آهي يا صاحبہ.“

بشير لغاري بہ دفعا ايم پي اي بہ ٿيو. ڄام صادق جي دور ۾ جڏهن گهٽا ئي ڏنا ۽ وڪاٽا، تڏهن بشير پنهنجي پارٽي سان دغا ڪو نہ ڪئي. بشير هاڻ اسان ۾ موجود ڪونهي پر دوستن جي درميان سندس تذڪرو ضرور ٿيندو.

# حوض ۾ طوفان

(14۔ جون 1984ع)

صبح جو ٽين وڳي اٺيس ۽ منير سان گڏ سحري ڪيم. ساڍي چئين وڳي ڏاري منير روزو رکي نماز پڙهي فارغ ٿيو. وري سمهي رهيس. صبح جو نائين وڳي ڪچهري ۾ شريڪ ٿيس. ڪالهہ ماما آيو هو تنهن ٻڌايو تہ نسرين اسپتال ۾ داخل ٿي آهي. اڄ يارهين وڳي اختر آيو تنهن ٻڌايو تہ آپريشن ٿي ويو آهي، هينئر نسرين هوش ۾ آهي. اختر اهو بہ ٻڌايو تہ قائم خاني صاحب اڄ اسپتال ۾ بہ آيو هو. خانصاحب ڪالهہ ملاقات تي بہ آيو هو ۽ ڪافي دير اُس ۾ ويٺو رهيو. خانصاحب پابنديءَ سان گرفتار ساٿين جي مائٽن، پاڙن، ڪورٽ، بار ۽ ٻين جاين ۽ موقعن تي دوستن سان رابطو رکيو اچي. خانصاحب کي آفرين هجي.

ٻنپهرن جو سادات عظام ڪمري تي گڏ هئا. شام جو منير سان گڏ روزو کولي عالم شاهہ سان ملڻ ويس، اتان موٽيس تہ رستي ۾ ماڙيءَ وٽ نهيل حوض ۾ اڳوٽي هوم سيڪريٽري محمد خان جوڻيجي جو پٽ اڳوٽو ڊي ايس پي ۽ اڳوٽو ڪامريڊ علي احمد جوڻيجو وهنتو پئي. سائين حسين شاهہ کي صلاح هنيائين تہ سائين قليلي جي سڪ حوض مان لاهڻ ۾ دير ئي ڪو نہ ڪئي، لاهي قميص گهڙي پيو حوض ۾. مولانا نعماني جنهن کي اڪثر شام جو حوض ۾ ٽي ڏسبو آهي، سو بہ اچي نڪتو ۽ گهڙي پيو حوض ۾. مولوي ۽ شاهہ جو گڏيا پاڻ ۾ تہ بحث شروع ٿي ويو. مولانا وفاق جو ڪٽر حمايتي ۽ سائين حسين شاهہ سنڌ جي حقن ۽ خودمختياريءَ جو وڪيل، ڪافي دوست گڏ ٿي ويا. مولانا جا سنجيده دليل سائين جي هميشہ جهڙي دليلن واري، چرچي ڀوڳ واري انداز جي ڪچهري، بحث ڪافي دير هليو.

ڪچهري ختم ٿي بہ ويئي. دوست بہ هليا ويا پر ظهور عالم رند ۽ مولانا مان حسين شاهہ اڙجي ويو. ڪافي دير ٻئي ڄڻا حسين شاهہ تي چوهہ ڇنڊيندا رهيا تہ حسين شاهہ جي گفتگو پارٽيءَ جي موقف جي خلاف آهي. وارڊ ۾ بہ بحث تي تبصرو جاري هو. ظهور عالم صاحب ڀوڳ ۾ بہ پارٽي جي موقف تان

هتڻ پسند ڪو نہ ڪندو آهي. وارڊ ۾ لائيٽ ڪو نہ هئي. ڏهين وڳي ڏاري آئي، تيسين ٻاهر ويٺا رهياسين ۽ 15 تاريخ جي چنڊ جي روشني تي ماني بہ کاڌي سين تہ رهاڻ بہ ڪئي سون. لائيٽ اچڻ شرط بند ڪيو اٿن. منير نماز ۾ مصروف آهي ۽ سليم اخبار ڪي لڳو پيو آهي.

## منير کي بيماري لڳي يا جيل

(16- جون 1984ع)

صبح جو ٽين وڳي اٿي منير سان گڏ سحري ڪيم. اڄ فدا حسين ڏيرو بہ اٿيو آهي، رات چيو هئائين تہ روزو رکندس، پر اٿڻ کان پوءِ ارادو بدلائي ڇڏيائين. چئي ڪچهري ٿا ڪريون. سو چئين وڳي ڏاري حيدر زمان جيلر آيو ۽ بند ڪري ويو.

صبح کان ئي اسان جي رهائي جون ڳالهيون هيون. پر اسان کي ۽ ٻين دوستن کي شڪ هو تہ شايد رها نہ ڪن. حسين شاهہ بخاري، غازي ۽ ملڪ صاحب جي سزا پوري ٿيڻ کان پوءِ  کين نظربند ڪيو ويو آهي. جيل وارن مارشل لا وارن کان معلومات حاصل ڪئي پر جيئن تہ حڪومت سرڪاري ملازمن جي پگهار وڌائڻ بجاءِ موڪل وڌائي جمعي سان گڏ ڇنڇر بہ موڪل ڪري ڇڏي آهي، تنهن ڪري مارشل لا آفيس ۾ ڪو ذميوار آفيسر ڪو نہ هو. جيل وارن کي چيو ويو آهي تہ سڀاڻي ٻڌائيندا سين. سڄو ڏينهن ڪمري تي ڪچهري هئي. روزي کان پوءِ منير سان گڏ اسپتال ويس. رات کان منير جي طبيعت خراب آهي. صبح جو بلڊ پريشر 60_80 هئس. سڄو ڏينهن منڊل هو. شام جو لوڻ وغيره استعمال ڪيائين. سادات عظام رات جي ماني اسان سان گڏجي کاڌي. اڄ سڄو ڏينهن منير، سائين حسين شاهہ جو نشانو هو.  پوڳ ڪري رهيو هوس تہ ”رهائيءَ جي خفي ۾ مڙس جو بي پي ئي لهي ويو آهي، منير مڙس ٿي اچي چڙهيو آهين.“ چئي: ”منير کي جيل لڳو آهي.“ ”جيل لڳو اٿس“ جيل ۾ مقبول محاورو آهي. هر وقت، هر ڳالهہ ۽  هر موقعي تي هر دوست تي فٽ ٿي ويندو آهي.

## سزا پوري ٿيڻ باوجود آزاد نہ ٿياسين

(17- جون 1984ع)

اڄ رهائيءَ جي تاريخ هئي. صبح جو سوير اٿياسين. نائين وڳي ڏاري آفيس ۾ ڪم ڪندڙ قيدي دوست شفيع آيو اچي ٻڌايائين تہ مارشل لا وارن سان ڳالهہ ٻولهہ ٿي آهي. ڇهن ڄڻن جي آزادي جي اجازت ملي آهي. اوهين تيار ٿيو. ساڍي نائين وڳي ڏاري ملاقات جو سڏ ٿيو. ڏهين وڳي ملاقات جي ڪمري ۾ ويس تہ منير جا ڪافي ماڻهو  آيل هئا.  شڪيل لاءِ دوست آيل هئا. منهنجي لاءِ بابو اختر ۽ حسين بخش آيا هئا. مشوريءَ کي بہ وٺڻ لاءِ ماڻهو آيل هئا. دوستن مان  عبدالحسين پنهور سندس پيائر ۽ مسڪين شورو بہ آيا هئا. جيل انتظاميہ کان پڇا ڳاڇا ڪئي سون، خبر پئي تہ مارشل لا آفيس ماڻهو ويل آهي، آرڊر اچي تہ رها ڪريون. ٻنپهرن جو حيدر زمان آيو. چيائين تہ آرڊر ۾ گڙٻڙ آهي. رهائيءَ سڀاڻي ٿيندي. دوست آندل هارن سوڌا واپس ويا ۽ اسين رهائيءَ جي تاريخ جي باوجود رها ڪو نہ ٿياسين. شام

جو وارڊ ۾ ڪچهري ٿي. دوست چٽي رهيا هئا ته اجا جيل ۾ مهمان آهيون پر مون دوستن کي چيو ته مون کي لڳي ٿو ته آءٌ اجا توهان سان گڏ رهندس. ڏهين وڳي ڏاري بند ٿياسين. اڄ منير، مولابخش مشوري، مظهر بلوچ، امتياز ميراڻي، شڪيل پٺاڻ ۽ منهنجي سزا پوري ٿي هئي.

## ٻيا دوست آزاد، منهنجي نظربنديءَ جو آرڊر

(18 ـ جون 1984ع)

صبح جو اٿياسين. ڏهين وڳي ملاقات لاءِ وياسين. ڪافي دوست ۽ مائٽ آيل هئا. حيدر زمان هيڊ ڪوارٽر فون ڪيا، چيائون اڃي ليٽر ڪٽي وڃو. سپاهي منهنجي سالي اختر سان گڏ ويو. حيدر زمان رازداريءَ ۾ ٻڌايو ته 4 ڄڻا رها ٿين ٻيا باقي ٻن ڄڻن کي نظر بند ٿا ڪن. ٻڻ ڄڻن ۾ مشوري صاحب ۽ شڪيل پٺاڻ آهي. مون چيس ته مشوري صاحب نه آءٌ هوندس. حيدر زمان ضد ڪيو ته مون به ضد ڪندي چيو ته ڏسي ونجو شڪيل ۽ آءٌ نظربند ٿينداسين. مارشل لا وارن کي شڪيل ۽ منهنجي افعالن جي خبر آهي. اهي چاڻن ٿا گوڙ ڪرڻ ڄڻ اسان جو ڏنڌو آهي. حيدر زمان چيو ته مون ولديت پڙهي آهي، تنهن ڪري لکي ٿو ڏيان ته تون ۽ منير آزاد ٿيندؤ. حيدر زمان منير ۽ مون سان ڏاڍو سٺو پيش ايندو آهي ۽ اسان کي اشراف قيدي به سمجهندو آهي، تنهن ڪري اها سندس اسان سان همدردي هئي. باقي پڪ هئي ته فائدي واري ڳالهه ۾ سدائين پنهنجي ئي نالي پل ٿيندي آهي. ڪافي دير انتظار ڪري ڪمري تي موٽي آياسين. ٻنپهرن جي ماني ڪاڌي سين. ٻين وڳي ملاقات جو سڏ ٿيو. ويس ته آفيس ۾ منير ۽ حيدر زمان ويٺا هئا. حيدر زمان جو موڊ ٺيڪ نه هو. آرڊر بابت پڇيم ته چيائين "سائين خبر ناهي ڇا ٿي ويو. ڪالهه مشوري صاحب جو نالو هو ۽ اڄ اوهان جو نالو آهي نظربندي لاءِ." مون چيس ڪا وڏي ڳالهه ڪونهي، آءٌ اڳئي ان ڳالهه لاءِ تيار هئس تين وڳي منير سامان ٻڌي آيو ماڙيءَ تي، دوستن سان ملي وڏو دراڪري وڃي نالي ماتر آزادي واري ماحول ۾ پهتو.

ڪمري ۾ سليم گاڪڙو ۽ آءٌ چپ هئاسين. سوير ئي سمهي رهياسين. منير پنهنجي سزا وڏي صبر ۽ حوصلي سان ڪٽي. سدائين ڪلندو ۽ ڪچهريون ڪندو وتندو هو. جيل جا سيئي دوست ڪيس پسند ڪندا هئا. منير سمري ڪورٽ ۾ به وڏي همت سان بيان ڏيندي چيو هو ته "ظلم اوهين ٻيا ڪريو ۽ ڀريون اسين هتي رهڻ وارا پنجابي ٻيا." اهو به چيائين ته اسان جا مفاد سنڌين سان آهن. اسين ٻولي جي لحاظ کان پنجابي آهيون، علائقي جي حوالي سان اسين سنڌي آهيون. اوهان کي اپيل ٿو ڪريان ته "سنڌين تي ظلم بند ڪريو ضياءَ جي حمايت نه ڪريو." اهو بيان پنجابي ۾ ئي ڏنئين.

## مائيءَ جو ريوالور گم ٿيڻ واري عجيب خبر

(19 ـ جون 1984ع)

صبح جو اٿي تيار ٿي وينس ته دوست اچن ته ڪچهري شروع ڪريون پر خبر پئي ته اڄ جيل ۾ ڊي ايم ايل اي اچڻو آهي، سو سڄو جيل بند آهي. هر وارڊ جي در تي پوليس جو وڏو انالو بيهاريو ويو آهي.

عام قيدي تہ ٿهيو پر پنگي بہ وارڊ ۾ اچي وڃي ڪو نہ ٿو سگهي.

سائين حسين شاهہ اڪثر ڪرامتون ڪندو آهي. سو ڪرامت جي زور تي وارڊ جو دروازو ڪولائي اچي ڪچهري تي نڪتو. اخبارون پئي پڙهيوسين تہ سائين حسين شاهہ ڏيان ڇڪائيندي دلچسپ خبر پڙهي. اها خبر ڏيان طلب هئي جنهن ۾ ميرپور جي هڪڙي خاتون جو بيان هو تہ ٻنيءَ جي سار سنڀال لهندي سندس ريوالور وڃائجي ويو آهي، جنهن صاحب کي لپي تہ هن ايڊريس تي پڄائي. خبر واقعي دلچسپ هئي، ماين جي سوني سئي، سوني ڇلي، منڊي ۽ ڇير جي وڃائڻ ايستائين جو دل وڃائڻ جو تہ ٻڌو هوسين پر مائين جا پستول بہ وڃائجن پيا. هاڻ ٻڌو اٿئون. ٻاهر تہ مائين ۽ هٿيارن جو پاڻ ۾ وڏو واسطو آهي پر هاڻ سنڌ ۾ بہ زالن هٿيار کڻڻ شروع ڪيا آهن. لڳي ٿو زمانو بدلجي پيو. ڪجهہ وقت کان پوءِ سنگت کي سوکڙي ۾ ڇلي، منڊي، والين بدران پستول ۽ بندوق ڏيڻي پوندي.

ان خبر سان مائي راڻي ياد اچي ويئي. مائي راڻي اسماعيلي فرقي سان تعلق رکندڙ بهادر عورت هئي. سدائين پستول ڪلهي ۾ هوندو هوس. زمينون بہ پاڻ سنڀاليندي هئي، پرخلوص قومي ڪارڪن هئي، هر قومي سڏ يعني جلسي جلوس، مظاهري ۾ شريڪ ٿيندي هئي. مون ڪيس پهريون ڀيرو جامعيو عربيو ۾ سنڌي ٻولي ڪنوينشن ۾ شعر پڙهندي ڏٺو هو پوءِ تہ اڪثر ڪيس پستول سان ڏسندو هوس جو ٽنڊي ولي محمد ۾ رهندي هئي. مڙسن جو مَٽ هئي.

يارهين وڳي در کليا. خبر پئي تہ ڊي ايم ايل اي سان ايس پي پوليس، آءِ جي جيل نور الاهي، ڊپٽي ڪمشنر ۽ ڪمشنر گڏ هئا. اهي جڏهن قاسي گهاٽ وارڊ ڏي ويا تہ هڪ قيدي ڊي ايم ايل اي کي هڪڙي پڙي کڻي هٿ ۾ ڏني ۽ اڪيلائيءَ ۾ کيس ٻڌايائين تہ هن پڙيءَ ۾ چرس، آفيم ۽ هيروئن آهي، اهي ٿيئي هتي جيل ۾ عام جام ملندا آهن. ڊي ايم ايل اي سخت ناراض ٿيو ۽ پنهنجو رائونڊ ختم ڪري واپس ويو هليو. ٻڌڻ ۾ آيو آهي تہ اها ڪن آفيسرن جي سپرنٽنڊنٽ اوقاش خلاف سازش هئي. اڄ سڄو ڏينهن جيل جو اسٽاف سخت پريشان هو.

شام جو سائين حسين شاهہ پنهنجو سامان اچي ڇڪر مان کڻي اسان جي ڪمري ۾ رهڻ لاءِ آيو. سو اڄ اسان وٽ ستو پيو آهي. سائين کي ڇپ رڳو سمهڻ مهل ايندي آهي. سائين سمهندو بہ ڳالهيون ڪندي آهي. باقي جي سمهارڻ جي ڪوشش ڪبي تہ نہ پاڻ سمهندو نہ ٻين کي سمهڻ ڏيندو.

هڪ دفعي سائين اسدالله شاهہ خيرپور جي دوري تي هليو. سڄو ڏينهن تقريرون ۽ ميٽنگون ٿيون سو ٿڪجي پيو. رات جو خيال ٿيس تہ حسين شاهہ کي سوير سمهاري ننڊ ڪجي. سو ڊائزيپام گوري جي تعريف ڪري اڌ گوري کڻي سائين حسين شاهہ کي کارايائين. الائي ڇا ٿيو گوري جو اثر ئي ابتو ٿيو. اچي سائين ڪچهري ۾ شروع ٿيو ڪير بس ڪرائيس، ڪير سمهاريس. سائين اسدالله شاهہ تہ وڃي ڪمري ۾ ستو پر اسان جي جند ڪير ڇڏائي. اسين بہ سائين جي ڪچهري ٻڌندي سمهي رهياسين. پوءِ حسين شاهہ الائي ڪيڏي مهل ستو. صبح جو اسدالله شاهہ کي چيوسين: سائين صبر ۾ سمهندو آهي. اوهان تہ کيس زوري سمهارڻ جي ڪوشش ڪري اسان کي ويل ۾ وجهي ڇڏيو. سائين چيو آئنده توبهہ ڪيم جو وري سمهارڻ لاءِ ڪوشش ڪريان يا صلاح ڏيان.

# حسين شاهه جي مارشل لا هيڊڪوارٽر طلبي

(20- جون 1984ع)

هڪ وڳي ڏاري منير ملاقات تي آيو. ڪافي دير ڪچهري ٿي. منير کان پهرين ماما جو پٽ شوڪت به آيو هو. گهران خط به آندو هئين. خط ۾ هو ته ڪالهه منير پنهنجي ٻارن سوڌو اسان جي گهر آيو هو. شوڪت ٻڌايو ته نسرين جو آپريشن ڪامياب ڪو نه ٿيو آهي. شوڪت کان اٽو ۽ ضروري سامان گهرايم. نسرين جو ٻڌي ڪافي پريشان ٿيس پر هتي ويهي پريشان ٿيڻ ڪانسواءِ ڪري به ڇا ٿو سگهان.

منير جي ملاقات دوران ئي ڊپٽي کي فون آيو. فون تي مارشل لا وارن جو حڪم هو ته حسين شاهه بخاري کي سپاٽي هيڊڪوارٽر ۾ پيش ڪيو وڃي ۽ غازي صلاح الدين به خيرپور مان حيدرآباد جيل اچي رهيو آهي ان کي به سپاٽي پيش ڪيو وڃي. رات جو دير تائين غازي جو انتظار ڪيوسين پر غازي کي اڄ ڪو نه آندئون.

# ڪجهه سپاف ۽ ان جي بانيڪارن بابت

(21- جون 1984ع)

سائين صبح سان ئي تيار ٿي ويٺو پر ڪافي وقت گذرڻ باوجود پوليس ڪو نه آئي. خبر پئي ته 21 رمضان آهي سو پوليس ڪو نه ايندي. ڊپٽي مارشل لا هيڊ ڪوارٽر وارن کي صورتحال کان آگاهه ڪيو. تن چيو ”پوليس اسين ٽا موڪليون.“ ٿوري دير کان پوءِ پوليس اچي ويئي ۽ سائين حسين شاهه کي هيڊڪوارٽر ۾ پيش ڪرڻ لاءِ پاڻ سان وٺي وئي. اٽڪل هڪ وڳي ڏاري حسين شاهه موٽيو تنهن، اچي ٻڌايو ته ”غازي کي به هيڊڪوارٽر وٺي آيا هئا، ان کي حيدرآباد جيل موڪليو اٿن پر جيل وارا ڪيس نارا جيل ٽا موڪلين.“ عالم شاهه ۽ آءُ تڪڙا وڃي ماڙيءَ تي پهتاسين، ضد ڪري جيل وارن کان غازيءَ جي ليٽر تي صحيح ڪرائي سون، غازي کي ڪمري تي وٺي آياسين.

اڄ وڏي عرصي کان پوءِ هيءَ چونڪڙي پاڻ ۾ گڏي هئي. اسين چارئي ڄڻا ٻاهر به اڪثر گڏ هوندا آهيون. ايم آر ڊي کي منظم ڪرڻ وقت ته چند ڪلاڪ ڏار ٿي گهر ويندا هئاسين نه ته هر وقت گڏ روز شام جو ملڪ صاحب وٽ ميڙو متل هوندو هو. ملڪ صاحب جو بنگلو مارشل لا وارو سڄو دور پارٽي ۽ ايم آر ڊي جي سرگرمين جو مرڪز هو. مرڪزي توڙي صوبائي ليڊرن جو قيام به هتي ئي ٿيندو هو رڳو محترمه صاحبه سائين علي نواز شاهه جي بنگلي کان سواءِ ٻئي هنڌ ڪو نه ترسندي هئي. باقي سيني اڳواڻن جون سرگرميون ملڪ صاحب واري بنگلي تي ئي هونديون هيون. ملڪ صاحب به وڏي همت ۽ جرئت سان حڪومت جي دٻاءَ جي باوجود پارٽي ۽ ايم آر ڊي کي سرگرم رکيو آيو. ملڪ صاحب بهادر ۽ سٺي دوست هئڻ سان گڏوگڏ وسيع دسترخوان جو مالڪ به آهي، دوست ته دوست پر هر ماڻهوءَ کي ماني ڪارايو خوش پيو ٿيندو آهي.

ملڪ صاحب جي بنگلي واري روزانه جي ڪچهريءَ ڪانسواءِ سنڌ جي دورن ۾ به اسان ٽنهي جو

وڏو ساٿ رهيو. هر جلسي ۽ جلوس ۾ به سدائين گڏ. اسان جو اهو ساٿ سپاف جي شروعاتي دور کان قائم آهي. (انشاءَ الله اڳتي به قائم رهندو).

حسين شاهه، سپاف جو باني صدر آهي. سپاف جو بنياد 1971ع ۾ پيو. حسين شاهه ان جو صدر، روشن پنهور جنرل سيڪريٽري، اعجاز ميمڻ نائب صدر، غلام قادر چاموٽ حيدرآباد ڊويزن جو صدر ۽ غازي صلاح الدين حيدرآباد جو صدر ٿيا. مخدوم رفيق ٽالپر، فقير بخت علي هيسباڻي ۽ ٻيا دوست باني ميمبر هئا. سپاف حڪومت جي آغاز ۾ ئي قائم ٿي. حسين شاهه جو مير رسول بخش خان سان گهرو تعلق هو. هر وقت سندس قيام گورنر هائوس ۾ ئي هو. تنظيمي ڪم جي سلسلي ۾ روشن پنهور وڌيڪ سرگرم هو. سندس تعلق مسعود نورانيءَ سان هو مسعود وري ممتاز صاحب جو خاص ماڻهو هو. مير صاحب ۽ ممتاز صاحب هڪٻئي سان ڪو نه ٿي نڀيا، اها اڻبڻت سپاف ۾ به ظاهر ٿي. روشن پنهور ڪوشش ۾ هو ته حسين شاهه کي هٽائي سپاف کي سڄو سارو ممتاز صاحب جي حوالي ڪجي.

روشن جون ڪوششون تڏهن ڪامياب ٿيون جڏهن سپاف طرفان سنڌ يونيورسٽي اولڊ ڪئمپس ۾ 4 مارچ جو جلسو منعقد ڪيو ويو. جلسو سپاف جو ۽ سپاف جو چيئرمين گم. انهيءَ ڏينهن بسنت هال اڳيان جيئي سنڌ پاران به 4 مارچ جو جلسو منعقد ڪيو ويو. انهيءَ جلسي جو مهمان خصوصي عطاءُ الله مينگل هو. ان جلسي ۾ ماڻهن جي شرڪت سپاف واري جلسي کان وڌيڪ هئي. اسان واري جلسي جو مهمان خصوصي صوبائي وزير سيد عبدالله شاهه هو تن ڏينهن سائين عبدالله شاهه قوم پرستيءَ جون وڏيون خبرون ڪندو هو. ان جلسي جي صدارت مولانا عبدالحق رباني پئي ڪئي. جلسو سرڪاري هو پر مولانا صاحب حڪومت خلاف سخت تقرير ڪئي. ان جلسي ۾ ٻئي عوامي مقرر ڪامريڊ مير محمد ٽالپر به وڏيرن ۽ سرڪار جون لاڪون لاهي ڇڏيون. ڪامريڊ وڏيرن ۽ ڪامورن لاءِ پوبون ڏينهن هوندو هو. سندس تقرير ٻڌندڙ کي بيزار ته ڪو نه ڪندي آهي، ڪامريڊ تقريرن ۾ پنهنجن پراون کي گاريون به جام ڏئي ڇڏيندو آهي. تقريرن ۾ گاريون ته جيئي سنڌ جو اڳواڻ حفيظ قريشي به ڏاڍيون ڏيندو آهي پر سندس گارين سان گڏوگڏ فڪري نڪتا به ڪمال جا هوندا آهن. رڳو ڪلائيندو ڪونهي پر ڪلندي ڪلندي ٻڌندڙن کي سوچڻ تي به مجبور ڪري ڇڏيندو آهي.

عبدالواحد آريسر صاحب سان گڏ، ڪامريڊ حيدربخش جتوئيءَ جي پهرين ورسي تي وياسين. ورسيءَ ۾ سائين جي ايم سيد مهمان خصوصي هو. تقريرون ته سڀ سٺيون هيون پر حفيظ قريشي هڪڙي ڳالهه چئي "مون کي باباءِ سنڌ چوڻ تي سخت اعتراض آهي، ڇاڪاڻ جو سنڌ ڪنهن جي ڄائي ڪونهي بلڪ سنڌ، سنڌ وارن کي جنم ڏنو آهي. حيدربخش جتوئي، باباءِ سنڌ نه پر عاشق سنڌ هو فرزند سنڌ هو." انهيءَ جلسي ۾ قريشي صاحب ولي خان تي به ڏاڍي وٺ ڪئي هئي. اردو زبان جي حوالي سان حفيظ صاحب ڪامريڊ جام کي "ولي خان جو ڪئپسول" چئي ٿي مخاطب ٿيو انهيءَ زماني ۾ پاڻي جي سخت کوٽ هئي. سنڌو درياهه ۾ واري پئي اڏامي انهيءَ جو ذڪر ڪندي پنهنجي مخصوص لهجي سان سڄي مجموعي کي جذباتي ڪري وڌو. "چون ٿا ته قومون ڪو نه مرنديون آهن. اڙي جي قومون ڪو نه مرنديون آهن ته درياهه به سڪندا آهن ڇا؟ جيڪڏهن درياهه سڪي سگهن ٿا ته قومون به مري سگهن ٿيون."

انهيءَ جلسي ۾ راڳ جي محفل بہ هئي. انهيءَ محفل ۾ مرحوم ڪريم بخش نظاماڻي بہ دف وڄائيندي ڪافي ڪلام ٻڌايا. هڪڙو ڪلام سائين جي ايم سيد جي پسند جو ٻڌايائين تہ:

غمن ۾ بہ ڪلندي گذاري ڇڏيوسين،
وهيو واپريو ڇا وساري ڇڏيوسين.
وساريا سين دوڪا سيئي دوستن جا،
نہ دشمن ٿياسين ڪڏهن دشمنن جا،
اڳڻ جيڪو آيو ڪيڪاري ڇڏيوسين.

ڳالهين جي ٻيلي ۾ اصل وات وڃايو الائي ڪٿان وڃيو نڪران. ڳالھ هئي سپاف ۽ حسين شاھ جي. هڪڙو حسين شاھ انهيءَ جلسي ۾ ڪو نہ آيو. ٻيو وري مير رسول بخش خان ٽالپر جنهن پريس ڪانفرنس ۾ گورنري تان استعيفيٰ ڏني، تنهن جي تصوير ۾ حسين شاھ، مير صاحب جي پويان بيٺل هو. حسين شاھ ڪراچيءَ مان گول بلڊنگ پهتو تہ ماحول ئي ٻيو هو سندس پراڻو ساٿي غازي صلاح الدين بہ سندس ساڻ ڇڏي روشن پنهور جو حمايتي ٿي ويو هو. حسين شاھ موقعي مهل تي جذباتي بہ ڏاڍو ٿيندو آهي. يڪدم استعيفيٰ ڏئي ڇڏيائين. مسعود جي خدا ٻڌي، روشن پنهور سپاف جو نئون چيئرمين ٿيو. ممتاز صاحب سپاف جي مڪمل سرپرستي ڪئي. ٻين جماعتن ڪي بہ سپاف ۾ ضم ڪري انهن ڪي نئين سر منظم ڪيو ويو. نئين باڊي ۾ غلام مصطفيٰ پٽو "مارووڙا فيڊريشن" جو جنرل سيڪريٽري ٿيو. فتح محمد پٽو سکر نائب صدر، هارون سومرو سينيئر نائب صدر (ايس ايس ڪو) اسد ابڙو مارووڙا ڊپٽي جنرل سيڪريٽري، گلزار شيخ پنو عاقل، مولابخش چانڊيو اطلاعات سيڪريٽري. نئين تنظيم ۾ نذير چاڪرائي، نذير شيخ، حاجي رحيم شورو، منظور وساڻ، شفقت شاھ سکر، عبدالله خان ورياھ (جنهن پنهنجي سروري تنظيم سپاف ۾ ضم ڪئي) احمد نواز ٻيپچوهو جيڪب آباد، احمد خان لنڊ دادو، حاجن شاھ سيوهڻ، الله بچايو امير علي لاڙڪاڻو، فتاح شيخ لاڙڪاڻو، مولابخش پٽو سکر، قربان شيخ ، محمد حسن هيلايو ٺٽو پير واحد بخش جيلاني سڪرنڊ، علي اڪبر خاصخيلي نواب شاھ، مختيار چانڊيو حيدرآباد، حيات ڦل نوشهروفيروز، عبدالڪريم جويو جيڪب آباد، نثار ميمڻ، اسماعيل ميمڻ ٽنڊو محمد خان، اسلم ابڙو جيڪب آباد، بشير ايري، امير علي ايري ميهڙ ۽ ٻيا ڪافي دوست سرگرم ٿيا.

روشن پنهور جو دور تنظيمي سرگرمين جي لحاظ کان سپاف جو بهترين دور هو پر انهيءَ دور ۾ ئي سپاف تي تنقيد بہ سخت ڪئي ويندي هئي. هونئن تہ سنڌ جا ميجيل توڙي ايرنڊڙ دانشور قوم پرستي جي حوالي سان پ پ جا سخت مخالف هئا پر ممتاز ڀٽي جي پاليسين، مسعود نوراني ۽ روشن پنهور جي غلط رويي ۽ طريقي ڪار جي ڪري اڻ ڏريا پڙهيل لکيل ۽ آفيسر بہ سپاف جا مخالف ٿي ويا هئا.

جيئي سنڌ فيڊريشن وارا ڄامشوري جي حدن ۾ ڪنهن بہ سنڌي شاگرد تنظيم کي برداشت ڪرڻ پنهنجي عقيدي جي خلاف سمجهندا هئا. انهيءَ ڪري ايس اين ايف ۽ سنڌي شاگرد تحريڪ سان اڻ ٽنڊڙ واقعا پيش ايندا هئا پر جيئي سنڌ جي گهٽي ڇڪتاڻ سپاف سان ئي هئي، انهيءَ ڇڪتاڻ واري ماحول ۾ ئي سنڌ يونيورسٽي، مرڪزي وزير قانون عبدالحفيظ پيرزادي کي قانون جي اعزازي ڊگري ڏيڻ

جو فيصلو ڪيو. ڪانووڪيشن منعقد ٿيو. ڪانووڪيشن ۾ پيرزادو صاحب ۽ وزير اعليٰ ممتاز علي ڀٽي سان گڏ يونيورسٽي جي چانسلر، ان وقت جي گورنر بيگم رعنا لياقت علي خان به آئي. جساف وڏو گوڙ ڪيو. مهمانن تي وڏي ڪاهه ڪئي ويئي. گورنر جي بيعزتي ڪئي وئي ۽ اسماعيل وساڻ، حفيظ پيرزادي کي ڏڪ هڻي ڪڍيو. انهيءَ گوڙ ۾ پير منور ۽ سندس ساٿين وڏي همت جو مظاهرو ڪري پيرزادي صاحب کي بچائي ورتو. انهيءَ واقعي کان پوءِ حڪومت ۽ جساف وچ ۾ وڏي وٿ وڌان ٿي. انهيءَ دور ۾ ئي سپاف جي ٻن بهادر اڳواڻن جان محمد ڪيڙو ۽ مردان شاهه کي شهيد ڪيو ويو. الزام جساف جي رهنما يوسف جکراڻيءَ تي لڳو ۽ انهيءَ ڪيس ۾ کيس گرفتار ڪيو ويو. حڪومت وڏي سختي ڪئي ته جساف جو وفد مدد علي سنڌيءَ جي قيادت ۾ ممتاز ڀٽي سان مليو ۽ يوسف جکراڻي سان لاتعلقي جو اعلان ڪيو ويو.

جساف سان بديع الحسن زيدي صوبائي وزير جي اغوا کان پوءِ به سرڪار وڏي سختي ڪئي پر روشن پنهور جي دور کان ئي جساف سان ڇڪتاڻ شدت اختيار ڪئي. اها ڇڪتاڻ اڃا جاري آهي. هاڻ ته انهيءَ ڇڪتاڻ ۾ جساف کي اڻسڌي طرح ضياءَ شاهي جي حمايت به حاصل آهي، جو اڄ جڏهن سڄي سنڌ ضياءَ جي ظلم خلاف سراپا احتجاج آهي تڏهن جيئي سنڌ تحريڪ ۽ سندس قائد ضياءَ جي ثنا خواني ۾ مصروف آهي.

روشن پنهور جي وقت ۾ به سپاف کي سرڪار جي مڪمل بلڪ طاقتور حمايت حاصل هئي پر سپاف وزيراعليٰ ممتاز علي ڀٽي سان ايڏي ڪو نه وچڙندي هئي جيڏي وزير اعليٰ غلام مصطفيٰ جتوئي سان. ممتاز صاحب عام شاگردن ۽ ورڪرن سان گهٽ ملندو ۽ هجائتو ٿيندو هو. جڏهن ته جتوئي صاحب، سپاف جي گهڻي ڀاڱي رهنمائن ۽ ڪارڪنن سان پنهنجائپ وارو تعلق قائم ڪري ڇڏيو هو. سندس نرم طبيعت، پارٽيءَ جي هر وڏي ننڍي کي به وزيراعليٰ سان ڳالهائڻ ۽ مطالبا ڪرڻ جي جرئت پئدا ڪري ڇڏي هئي. جتوئي صاحب جي دور ۾ ئي پارٽي جي ڪارڪنن ۽ سپاف جي اڳواڻن ۾ پرمٽ ۽ پلاٽ جو وڏو رواج پيو. جنهن به جتوئي صاحب کان گهريو سو جهڻ خالي نه ويو. جنهن نه گهريو ۽ نه ورتو سو سيني ۾ بيوقوف ٿي لڳو.

حسين شاهه بخاري ٻهريون دفعو يحيٰ خان جي مارشل لا جي ٻئي ڏينهن گرفتار ٿيو. يحيٰ خان جي مارشل لا ستين محرم جي رات لڳي هئي. انهيءَ رات جواهر جو پڙ نڪتل هو. اهو پڙ رات جو يارهين ٻارهين وڳين ڪاسائين جي پڙ وٽ پهتو ته فوج جلوس کي گهيرو ڪري جلدي جلدي هلائي سري گهاٽ وٺي آئي. هونئن اهو جلوس آڌي رات جو اتي پهچندو آهي ۽ اتي زبردست ماتم ۽ نوحه خواني ٿيندي آهي. انهيءَ رات ماتم ٽڏو هو فوجي گهيرو ڪيو بيٺا هئا. هڪڙي پڙائي کي فوجي آفيسر الائي ڇا تان چمات وهائي ڪڍي ته وٺي ڀاڄ پئي. شربت جا ڊرم وغيره ڪري پيا، انهن آوازن هيڪاري مومن ڊيڄاري وڌا. مومن گهوڙا به ساڻ ڪاهي وٺي ڀڳا. سائين حسين شاهه اتي هو. وڏا وار، مٿي تي پٽي ٻڌل، هڪلون ڪري گهوڙا ۽ مومن ورائي آيو. اڇي حلقو ناهي يزيديت مرده باد، حسينيت زنده باد جا نعرا هڻي گهڙيءَ لاءِ ماتم ڪرايائين. انهيءَ جي ٻئي ڏينهن حيدر چوڪ تي به نعرا لڳا. انهن ۾ به حسين شاهه شامل هو. ڪيس داخل ٿيو. انهيءَ ڪيس ۾ لالا قادر، يوسف ٽالپر، مسعود نوراني، پير منور گرفتار

ٿيا. يوسف ٽالپر جو وڪيل آفتاب آخوند، مسعود جو رسول بخش پليجو، لالا قادر جو منشي عبدالشڪور، پير منور جو پير الاهي بخش هئا. حسين شاهه جي وڪالت ذوالفقار علي ڀٽي صاحب ڪئي. ڪيس 9 مهينا سزا آئي. وري 26 جنوري 1969ع جي واقعي ۾ گرفتار ٿيو. ٻيا ساٿي هئس يوسف ٽالپر، لالا قادر، اقبال ترين ۽ غازي صلاح الدين. هڪ سال 7 مهينا سزا ڪاٽي آزاد ٿيو. انهيءَ سزا دوران حيدرآباد ۽ ملتان جيل ۾ رهيو. وري ڊاڪٽر افغان تحريڪ ۾ گرفتار ٿيو گڏ هئس رفيق صفي، آغا زاهد، مسعود پيرزادو، غلام محمد ساريو، شفيق انصاري، لالا قادر، عبدالڪريم انصاري، يوسف شورو ۽ علي اڪبر بروهي. سزا هڪ سال 5 مهينا ڪاٽيائين. وري ضياءَ دور ۾ 12 مهينا نظربند، وري هاءِ جيڪنگ ۾ 5 مهينا نظربند، وري ايم آر ڊي تحريڪ ۾ 12 مهينا قيد. لڪ ڏنڊ سزا کان پوءِ 3 مهينا اٽڪوري نظربندي.

حسين شاهه سپاف جو ٻيهر به صدر ٿيو. هن کان پوءِ سائين عالم شاهه سپاف جو صدر ٿيو. عالم شاهه به ٽي دفعا طويل نظربنديون وڏي همت ۽ حوصلي سان گذاريون. سندس دور ڪارڪردگيءَ جي لحاظ کان ٺٺو دور هو. عالم شاهه کان پوءِ غازي سپاف جو صدر ٿيو. عالم شاهه سٺو مقرر آهي پر سندس تقرير جوش ڏياريندڙ لهجي بجاءِ ادبي انداز ۾ هوندي آهي.

غازي صلاح الدين 1980ع ۾ سپاف جو صدر ٿيو. غازي واري باڊيءَ ۾ لاڙڪاڻي جو تمام پيارو دوست اياز سومرو جنرل سيڪريٽري ٿيو. غازي کي سپاف ۾ ڪم ڪرڻ جو شروع کان ئي جنون هو. سندس دور ۾ سپاف ڪافي سرگرم رهي. ضياءَ جي سختي وارو دور هو سرگرمين جي لحاظ کان روشن پنهور کان پوءِ غازي جي صدارت وارو دور سپاف جو سرگرم دور هو. غازي سپاف توڙي ايم آر ڊي کي منظم ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي. غازي ۽ حسين شاهه جو پارٽيءَ جي سٺن مقررن ۾ شمار ٿئي ٿو.

غازي 1969ع ۾ پهريون دفعو گرفتار ٿيو تڏهن نائين درجي ۾ پڙهندو هو. اها سزا بهاولپور، لانڍي ۽ حيدرآباد جيل ۾ ڪاٽيائين. ٻيو دفعو شيرين سومرو ڪيس ۾ سکر ۽ حيدرآباد جيل ۾ 9 مهينا سزا ۽ 3 مهينا نظربندي. هينئر خيرپور جيل مان حيدرآباد بدلي ٿي آيو آهي.

حسين شاهه، عالم شاهه، غازي ۽ آءُ جو گڏياسين ته سپاف جو زمانو موٽي آيو. ماضي جون ڳالهيون ڪندي ماڻهو اصل ڪو نه ٿڪبو آهي، ماضي به اهو جنهن ۾ ماڻهو پاڻ کي پهلوان سمجهندو هجي. پوءِ ڪير بس ڪرائي ڳالهائڻ کان. اسين چارئي جو ويناسين سپاف جون ڳالهيون دهرائڻ ته سائين اسد الله شاهه مرحوم جون يادون به موٽي آيون. ڪافي دير تائين ان سدا ملوڪ ماڻهو جو تذڪرو ٿيندو رهيو.

اهو به اتفاق آهي ته 3 سال اڳي اجوڪي ڏينهن تي ئي سائين اسد الله شاهه وفات ڪئي هئي. 21 رمضان تي حضرت علي عليه السلام جي شهادت جي سلسلي ۾ دادن شاهه جي پڙ تان وڏو ماتمي جلوس نڪري، افطار مهل قدم گاهه مولا عليءَ تي ختم ٿيندو آهي. انهيءَ جلوس ۾ سائين نعيم شاهه متيارين وارو گڏيو تنهن ٻڌايو ته "سائين اسد الله شاهه وفات ڪري ويو آهي، ڪيس اباڻي قبرستان گنجي ٽڪر تي دفن ڪيو ويو آهي." نعيم شاهه اهو به ٻڌايو ته "سندس جنازي کڻڻ کان وٺي سندس دفن ٿيڻ تائين مسلسل بارش پوندي رهي." مون کي ياد آهي ته انهيءَ ڏينهن کان شروع ٿيل بارش ساندهه 3 ڏينهن

ٿيندي رهي جڻ آسمان به هن زنده دل، علم ۽ انسان دوست شخص جي لاڏاڻي تي سندس چاهيندڙن جي غم ۾ شرڪت ڪري رهيو هو.

سائين اسد الله شاهه پيارو ساٿي، شفيق بزرگ ۽ پلو انسان هو. وزيراعليٰ جتوئيءَ جو آفيسر آن اسپيشل ڊيوٽي هو ۽ سپاف جي معاملن جو انچارج به هو. وزيراعليٰ جي او ايس ڊي کان اڳ ۾ سنڌ ٽيڪسٽ بورڊ جو چيئرمين هو. صوبائي وزير تعليم پيار علي الانا سندس غير موجودگيءَ ۾ بورڊ جي گودامن تي ڇاپو هنيو ته سائين جا صوبائي وزير سان اختلاف ٿي پيا. الانا صاحب جي رويي کي سائين پنهنجي بيعزتي سمجهيو ۽ عهدي تان استعيفيٰ ڏئي ڇڏيائين. سائين اسدالله شاهه مخدوم طالب المولىٰ سائينءَ جو نهايت پيارو هو تنهن به احتجاج ڪيو ۽ آخر پٽي صاحب جي حڪم تي سائينءَ کي وزيراعليٰ جو او ايس ڊي مقرر ڪيو ويو.

سپاف جي انچارج جي حيثيت ۾ سائينءَ سان ڪچهرين ۽ ملاقات جو آغاز ٿيو ۽ اهو سرڪاري تعلق پيار واري گهري تعلق ۾ تبديل ٿي ويو سائين جي جڻ، حسين شاهه غازي ۽ مون کان سواءِ سرندي ڪو نه هئي. سائين ڪڏهن به محسوس ڪو نه ڪرايو ته ڪنهن ڳالهه ۾ ڪو اسان کان وڏو آهي. سندس رويو سدائين پيار، هجت ۽ دوستي واروئي رهيو. سائينءَ سان گڏ سنڌ جي شهرن جا ڪافي دورا ڪياسين. ڪيئي ڏينهن ۽ راتيون گڏجي گذاريوسين. ڪار ۾ هجون يا ڪنهن جلسي ۽ گڏجاڻي ۾، رات جو سمهڻ جي تياري هجي يا صبح جي سنبت، سائين جي قرب واري ڪچهري جاري هوندي هئي. سائينءَ سان حسين شاهه جون هجتون ۽ سائين جا تبصرا ۽ جواب سبحان الله.

سائين مختلف شهرن جي دوري دوران ڪنهن نه ڪنهن شخص لاءِ چوندو هو ته ”حسين شاهه هي ماڻهو مون سان گڏ پڙهيو اٿئي.“ هڪڙي ڏينهن اسد الله شاهه ڪنهن دوست جو ساڳيو تعارف ڪرايو ته حسين شاهه چيس ”سائين اوهين وٽن جي هينيان پڙهيا آهيو ڇا؟“ سائين پريشان ٿي پڇيو ڇو؟ حسين شاهه چيس ته ”جيترا ماڻهو اوهان ڏسيا آهن اوترا ماڻهو ته ڪنهن ڪلاس روم ۾ ماپي ڪو نه سگهندا، تنهنڪري سمجهيم ته اوهين شايد وٽن هينان پڙهيا آهيو.“ پوءِ سائين وڏو ٽهڪ ڏئي نچ ٽڪڙائي لهجي ۾ چيو ”اي حسين شاهه آهي تو واري ڳالهه سچي.“ حسين شاهه سان سدائين خليفو گڏ هوندو آهي. سائينءَ جو ساٿي ورلي ڪو رئيس غلام حيدر وانگر صبرائتو، گهٽ ڳالهائو هوندو آهي، نه ته سائينءَ وارو خليفو پنهنجو مٽ پاڻ هوندو آهي. يعني صفا سوڪڙي هوندو آهي. تن ڏينهن ٻين دوستن کانسواءِ پيارو دوست صديق يوسفاڻي به هميشه حسين شاهه سان گڏ هوندو هو. صديق جي اک ۾ ٿورو فرق آهي پر سٺو دوست ۽ زنده دل انسان آهي. ڇاڻي واڻي رکي رکي ڪنگهڻ مهل هڻڪار ڪندو هو. اهڙيون به ٽي ڪنگهڪارون، سائين اسدالله شاهه جي اڳيان به ڪيائين. سائين ڪافي دير صبر ڪري حسين شاهه کي چيو ”اي حسين شاهه اسين ڪي پاڙيا آهيون!؟“ حسين شاهه چيو ”سائين خدا جي پناهه خير آهي؟“ سائين چيو ” نه نه ٻڌاءِ اسين پاڙيا آهيون؟“ اهو سوال سائين اسدالله به ٽي دفعا زور ڏئي حسين شاهه کان پڇيو. ( سائين اسد الله شاهه پاڙِئي جي جاءِ تي پيو لفظ استعمال ڪيو هو) حسين شاهه چيو نه ”سائين، اوهين اهو ڇو پيا چئو؟“ تڏهن اسدالله شاهه چيو ته ”پوءِ تو وارو هي ممڻو سڄو ڏينهن ڇو وينو منهنجي آڏو ڪنگهڪارون ڪري.“ صديق وري ڪنگهڪار ڪو نه ڪئي پر پوءِ جڏهن به

صديق سامهون تي آيو دوستن ٿهڪ ڏنا.

سائين سنڌ جي نامور ماڻهن سان ڪچهريون ۽ ملاقاتون ڪيون هيون. اڪثر ڪچهرين ۾ سائين انهن جا احوال به پيو ٻڌائيندو هو. سائين پير عبدالستار جان سرهنديءَ کان ڏاڍو متاثر هو. ڏاڍي تعريف ڪندو هو پير صاحب جي. چوندو هو ته ”پير عبدالستار جان ۽ مخدوم محمد زمان سنڌ جا حسين ترين انسان آهن.“ سائين اسد الله شاهه، پير صاحب جي شڪل صورت سان گڏوگڏ سندس علم ۽ معاملا فهميءَ جي به تعريف ڪندو هو. چوندو هو ته پير صاحب پنهنجي حياتيءَ ۾ سنڌ جي سمورن سياسي توڙي سماجي شخصيتن لاءِ قابل احترام ۽ قابل اعتبار شخصيت هو.“

سائين اسدالله شاهه مخدوم صاحب جي تعريف ڪندي ته اصل ڪو نه ٿڪبو هو. ٻڌائيندو هو ته سندس تعليم حاصل ڪرڻ جو سهرو به مخدوم صاحب تي آهي. ٻڌائيندو هو ته ”مون اڳٺ ۽ گنجيون اُٺي شروعاتي تعليم حاصل ڪئي.“ انهيءَ سلسلي ۾ سيد ميران محمد شاهه جي به تعريف ڪندو هو. سائين اسدالله شاهه بهترين شاعر به هو علمي ادبي سرگرمين ۾ به ڀرپور حصو وٺندو هو پر ڪيس پنهنجي غربت جي ڪري گهڻين ڏکيائين ڪي منهن ڏيڻو پوندو هو. ”مخدوم صاحب جي محبت ۽ سرپرستي ۽ سائين ميران محمد شاهه جي مدد ڪانسواءِ آءٌ هن منزل تي اصل ڪو نه پڄان ها.“ سدائين پيو چوندو هو.

سائين هڪ واقعو ٻڌائيندي چيو ته ”شاهه ڀٽائيءَ جي ميلي تي ادبي ڪانفرنس جي شروعات هئي. مخدوم صاحب ۽ ميران محمد شاهه انهيءَ سلسلي ۾ ڪافي سرگرم هئا. ڪوششون وٺي سمورن وڏن ننڍين شاعرن، اديبن کي گڏ ڪندا هئا. هڪڙي ڀيري شاعري جي آخري ڏينهن مخدوم صاحب، مولانا گرامي، عقيلي صاحب ۽ مون کي ڪار ۾ چاڙهي هالا وٺيو پئي ويو. ڪار ۾ اڳيان مخدوم صاحب ويٺل هو پوئين سيٽ تي هڪڙي پاسي گرامي صاحب، ٻئي پاسي عقيلي صاحب ٻئي پهلوان گوڏا کولي ويهي رهيا، وچ ۾ آئون رڳو نالي ماتر سيٽ تي هئس پر ڪچي ڪو نه ٿي سگهيس. گاڏي هلندي ٻنهي بزرگن مان ڪنهن چيو ته ”اسدالله شاهه تنهنجي ڪپڙن ۾ پگهر جي ته ڪيڏي ڌپ آهي.“ اها ڳالهه مخدوم صاحب به ٻڌي. مخدوم صاحب گاڏي ۾ رکيل فروٽ مان ڪيلو ڪڍي مون کي چيو ته کائو. مون اڌ کاڌو ته مخدوم صاحب مون کان ڪيلو وٺي اڌ پاڻ کاڌو ۽ پوءِ چيائين ته ”عقيلي صاحب، اسدالله شاهه جي ڪپڙن ۾ پگهر جي ڌپ نه پر پيار جي خوشبو آهي.“ سائين اسدالله ٻڌايو ته ”انهن ڏينهن مون وٽ ڪپڙا گهڻا ڪو نه هئا، هڪڙي وڳي ۾ ئي ڀٽ شاهه ويو هئس. سڄو ڏينهن ادبي ڪانفرنس جي سلسلي ۾ مصروف رهندو هئس ۽ رات جو اهو وڳو ڌوئي، سڪائي صبح جو پائيندو هوس. ميڙي جي آخري ڏينهن وڳو ڌوئي ڪو نه سگهيس ۽ اڻ ڌوتل ڪپڙن سان ئي مخدوم صاحب سان گڏ هالا وڃي رهيو هوس پر مخدوم صاحب جي محبت منهنجي هميشه لاءِ عزت وڌائي ڇڏي“ سائين مخدوم صاحب سان گذاريل وقت جا ڏاڍا مزيدار ۽ دلچسپ قصا ٻڌائيندو هو. سائين اهو به ٻڌايو ته عقيلي صاحب ۽ فقير عيسيٰ خواجه (ميرپور بٺورو) ڇير ٻڌي مخدوم صاحب جي محفل ۾ نچندا هئا. انهن محفلن ۾ مخدوم صاحب پاڻ به باجي تي ڳائيندو هو.

فقير عيسيٰ، پيريءَ ۾ مون به ڏٺو. جواني ۾ حسين شخص هوندو هو. فقير صاحب ڏاڍو نفيس ماڻهو، ٺٽي ضلعي جي لٺ وڏيرن جي گروپ جو اهم رڪن هو. غريبن سان گهٽ پوندي هئس. جڏهن مون ڏٺو

تڏهن بہ نوڪرن ڪانسواءِ ورلي ڪو ماڻهو ايندو هئس. بنگلي تي ڪچهري لاءِ سواءِ انهن سياسي ڪارڪنن جي جن کي سنڌس سرپرستي حاصل هئي ۽ جيڪي سرگرم ٿي رڳو هن جي صلاحن مچڻ لاءِ هئا. انهن جو گهڻو ڪم تنظيم ۽ سنڌن عهديدارن ۽ برانچن خلاف پڪارڻ هو. فقير صاحب انهن ڏينهن ماڻهن بجاءِ جانورن سان وڌيڪ پيار ڪندي نظر ايندو هو. فقير صاحب کي محمد خان سومرو ۽ سنڌس ورڪرن ۽ جيالن جي ٽيم بنهہ ڪو نہ وڻندي هئي. ورڪر بہ گهٽ ڪو نہ ڪندا هئا، جو جيڪي وڏيرا پارٽيءَ ۾ شامل ڪو نہ ٿيا سي تہ نهيو پر جيڪي شامل ٿيا تن جا بہ تڻ اهڙا تپائيندا هئا جهڙو اڄ بہ اهي دشمن ٿي هجن. وڏيرن بہ گهٽ ڪو نہ ٿي ڪئي، پنهنجا ڪيئي جيالا بچي ڇڏيا هئائون. تنظيم کي، پر فقير صاحب پاڻ بہ عملي طرح انهن جيالن جي مڏي ڦٽائڻ پويان هو. الائي ڪٿان فقير صاحب ٽيپ رڪارڊ جي اها ڪيسٽ هٿ ڪئي جنهن ۾ اها محفل رڪارڊ ٿيل هئي جنهن ۾ محمد خان سومرو ۽ ٻيا جيالا شريڪ هئا. گلاسن جي ٽڪرجڻ جا آواز ۽ ابراهيم منشيءَ جي آواز ۾ سنڌس شاعري (جنهن لاءِ چيو ويو تہ ڀٽي صاحب ۽ سنڌس خاندان خلاف آهي) بہ رڪارڊ ڪئي ويئي هئي. فقير صاحب اها ڪيسٽ، وزيراعظم ڀٽي صاحب، وزيراعليٰ ۽ پارٽيءَ جي سمورن عهديدارن ڏي موڪلي. اها ڪيسٽ فقير صاحب مون کي بہ ٻڌرائي. محمد خان سومري ۽ منشي خلاف انهيءَ ڪيسٽ بہ وڏو ڪردار ادا ڪيو.

فقير صاحب وٽ سائين اسدالله شاهہ سان گڏ ويو هوس. ڏاڍيون پراڻيون ڳالهيون ٻڌڻ لاءِ مليون هيون. سائينءَ سان گڏ اڪثر ڪراچي هوٽل جي ان ڪچهريءَ ۾ بہ شريڪ ٿيڻ جو موقعو مليو جنهن ۾ ان وقت جا نامور دانشور، فنڪار ۽ سياسي اڳواڻ شريڪ ٿيندا هئا. سائين ان ڪچهريءَ ۾ گهڻو ڪري گرامي صاحب سان ملڻ هلندو هو.

سائين اسدالله شاهہ پنهنجن گهڻن معاملن جي سلسلي ۾ حافظ شيرازيءَ جي ديوان تي فال بہ وجهندو هو. حافظ ۽ خيام ٻڌائيندي سائين مست ٿي ويندو هو.

سائينءَ کي پنهنجي پهرين گهرواري سان ڏاڍو پيار هو ۽ اڪثر ڪيس ياد ڪندو هو. ٻڌايائين تہ ”پهرين گهرواريءَ جي وفات ڪان ڪجهہ ڏينهن پهرين منهنجي عجيب غريب اداسي واري ڪيفيت هئي ۽ انهيءَ ڪيفيت ۾ ٿي مون بہ بہ قطعہ لکيا ۽ عجيب اتفاق ٿيو تہ جنهن ڏينهن مون اهي قطعہ مڪمل ڪيا، انهيءَ ڏينهن پهرين گهرواريءَ جو انتقال ٿي ويو. ٻنهي قطعن جون پهريون سٽون مون کي ياد آهن. هڪڙي قطعي جي سٽ هئي ”حسرتون ويئون گذاري ٿي خفا“ ٻي قطعي جي پهرين سٽ هئي، ”دل ۾ آهن حسرتن جا سوَ مقام.“ سائين کي سهڻي شاعري ۽ گانا ٻڌندي بہ ڏاڍو لطف ايندو هو. سائين اڪثر ٿوئر ۾ غازيءَ ڪان ٻڌندو هو.

یہ عالم شوق کا دیکھا نہ جائے،
یہ بت ہے یا خدا دیکھا نہ جائے۔

# رئيس امروهيءَ جو اعتراف

سائين اسد الله شاهه جي آفيس ۾ ئي اردو جي مشهور دانشور رئيس امروهيءَ سان ملاقات ٿي. رئيس امروهي، سائين وٽ قومي يڪجهتي ڪائونسل جي تشڪيل جي سلسلي ۾ آيو هو (اردو دانشورن جي پنهنجي ذاتي سوچ کهڙي به هجي ان تي عمل به ضرور ڪندا پر هر حڪومت جي قومي يڪجهتي قائم ڪرڻ واري سرڪاري سڏ تي به وڏي شوق سان ايندا) سائين اسدالله منهنجو تعارف ڪرايس، وري سندس بابت مون کي ٻڌايائين ته مون چيس ته "آءُ رئيس صاحب کان ڏاڍو متاثر هئس (متاثر پڙهي ڪو نه ٿيو هئس جو ان کي سمجهي اجا ڪو نه ٿي سگهيس پر سندس متعلق عجيب غريب خبرون ٻڌي متاثر ٿيس) رئيس امروهي صاحب منهنجي واتان "هئس" ٻڌي مون کان پڇيو "هئس، جو مطلب چاهي مون کان ڪا غلطي ٿي آهي؟" مون چيس "اهل علم کي اهل دل هئڻ گهرجي ۽ اهل دل جو انسان دوست هجڻ لازمي آهي." چيائين "صاف ٻڌايو مون کان ڪهڙو ڏوهه ٿيو آهي." چيومانس"اوهان مان "اردو ڪا جنازه هي ذرا ڏوم سي نڪلي" لکڻ جي اميد ڪو نه هئي. انهي شاعري بيپناهه ماڻهن کي قتل ڪرايو. مهاجرن ۽ سنڌ جي مستقل باشندن جي وچ ۾ نفرتون وڌايون آهن." اهو ٻڌي رئيس امروهي صاحب اٿيو ۽ اچي منهنجي پيشانيءَ تي چمي ڏنائين، چيائين "معاف ڪريو انسان آهيان، مون کان گناهه ٿيو آهي." رئيس امروهي انهيءَ ملاقات ۾ اسان کي شام جي دعوت ڏني، شام جو عالم شاهه ۽ عبدالغفور نظاماڻي (بدين) سان گڏجي اتي ويس. بنگلو گارڊن جي علائقي ۾ هو اتي به شام جو وڏي ڪچهري هئي، وچ ۾ وڏي نڙ وارو حقو رکيل هو ۽ چوڌاري وڏا ننڍا دانشور ويٺا هئا. حقي واري ڪچهريءَ کان اڳ ۾ رئيس صاحب وٽ جنهن ڪمري ۾ وڃي ويٺاسين، اتي ڪافي مرد ۽ عورتون ساڻس ملاقات ڪري پنهنجي مسئلن ۽ مشڪلاتن جو حل پڇي رهيون هيون. رئيس صاحب جي سيڪريٽري ملاقاتين کان زوري وقت جي پابندي پئي ڪرائي. ملاقاتي ويا ته ڪافي دير رئيس صاحب سان ڪچهري ٿي. ڪچهريءَ ۾ پهرين لڪي لڪي، پوءِ ظاهر ظهور، مئي نوشي ڪندو رهيو. ڪچهريءَ ۾ رئيس صاحب پنهنجي شاعري به ٻڌائي ته ڪمال امروهي ۽ مينا ڪماريءَ جا قصا به ٻڌايا. رئيس صاحب جي ڪچهري ۾ "فولاد خان" عبدالوحيد صديقي به ويٺو هو. رئيس صاحب اسان کي پنهنجي نفسياتي علاج جو مرڪز گهمڻ جي به دعوت ڏني پر سنگت شوق جي باوجود به اهو مرڪز ڏسي نه سگهي.

سائين اسدالله شاهه 1977ع جي چونڊن دوران اليڪشن سيل جي آفيس جو انچارج به رهيو. سيل جي آفيس سيڪرٽيريٽ جي نئين بلڊنگ جي ستين فلور تي هئي. انهيءَ اليڪشن آفيس ۾ پاڪستان جي مشهور اردو شاعر جميل الدين عالي ۽ محسن ڀوپاليءَ سان ملاقات ٿي. اهي ٻئي به اليڪشن جي سلسلي ۾ سرڪار جي مدد لاءِ آيا هئا.سائين اسدالله شاهه حسب معمول ڏاڍي پيار مان تعارف ڪرايو. سائين منهنجي تقريرن جي حوالي سان ڏاڍيون همت ڏياريندڙ ۽ محبت ڀريون ڳالهيون چوندو هو. وري مون کي چيائين هي جميل الدين عالي صاحب آهي ۽ هي محسن ڀوپالي آهي. مون چيو "سائين جميل عالي صاحب اڄڪلهه پاڪستان جو قومي شاعر آهي (منهنجو اشارو اسلامي سربراهه ڪانفرنس جي موقعي تي لکيل تراني ڏانهن هو) باقي محسن صاحب جو ته آءُ پرستار آهيان." محسن

ڀوپالي اها ڳالهه ٻڌي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ چيائين ”توهان مون کي پڙهيو آهي؟“ ٻڌايومانس تہ منهنجي چاچي لعل بن يوسف جي واتان سندس (ڀوپالي جا) بهترين شعر مون ٻڌا آهن. رسالن ۾ بہ پڙهيو اٿم پر هيءُ شعر تہ خاص ڪري سياسي تقريرون ڪندڙن کي ڏاڍو ياد آهي تہ:

جاہل کو اگر جہل پہ انعام دیا جائے،
اس حادثہ وقت کو کیا نام دیا جائے،
مئخانے کی توہین ہی رندوں کی ہتک ہے،
کم ظرف کے ہاتھوں میں اگر جام دیا جائے۔

محسن ڀوپالي شعر ٻڌي چيو ”هيءُ شعر پتو صاحب لاءِ لکي آيو آهيان. اوهان کي اهو بہ پسند ايندو. پوءِ شعر ٻڌايائين تہ:

چڑھتے سورج کو گالیاں دینا،
ہے مشغلہ یہی اندھیروں کا،
شب پرستوں کے روٹھ جانے سے،
کام رکتا نہیں سویروں کا۔

1977ع جي چونڊن کان پوءِ پي اين اي جي تحريڪ هلي. ظالمن، غاصبن، تعصبين جي سازش ڪامياب ٿي تہ ڪيئي خواب اڌورا رهجي ويا. ڪيئي ميڙا ڦٽي ويا. سائين اسدالله شاهہ کي 1977ع جي تبديليءَ کان پوءِ ڏاڍو پريشان ڪيو ويو. سائينءَ کان تن معاملن جي پڇا پئي ٿي جن سان سائينءَ جو واسطو ڪو نہ هو. سائين نہ سخت دل سياسي ڪارڪن هو نہ نرجو ڪامورو. سائين کي مستقل بيچيني ۽ پريشاني دل جو مريض ڪري وڌو ۽ انهيءَ بيماري کيس پنهنجن چاهيندڙن کان هميشہ لاءِ جدا ڪري ڇڏيو.

اڄ نہ اوطاقن ۾ طالب تنوارين،
آديسي اٿي ويا مڙهيون مون مارين،
جي جيءَ کي جيارين، سي لاهوتي لڏي ويا.

## جيل جي حوض ۾ ٽبي هڻڻ جو مقابلو

(22- جون 1984ع)

صبح جو نائين وڳي ڌاري مولانا جاويد نعماني ۽ رفيق صفي آيا. ٻڌايائون تہ مولانا صاحب جي جيل بدلي ٿي آهي، ڪراچي وڃي رهيو آهي. تيار ٿي حسين شاهہ، غازي ۽ آءٌ مولانا کان موڪلائڻ وياسين. ٻارهين وڳي ڌاري مولانا ڪراچيءَ لاءِ روانو ٿي ويو. مولانا صاحب جيل جو سٺو ساٿي هو. سڪر مان رفيق صفيءَ سان بند وارڊ ۾ آيو هو. هتي ڪنهن سان واقفيت ڪو نہ هئس. بند وارڊ مان نڪرڻ

ڪان پوءِ دوستن سان رلي ملي ويو ڪچهرين ۾ شريڪ ٿيندو هو جيل ۾ تمام سٺو وقت گذاريائين. شڪل شبيهه، اوچي ڪراڪلي ٽوپي، لباس ۽ گفتگوءَ مان مولانا ئي لڳندو هو. پاڻ کي پ پ جو سڏائيندو هو پر مون سندس نالو اڳ نه ٻڌو هو. روز شام جو ڪامريڊ سان گڏ ماڙيءَ وٽ ٺهيل حوص ۾ هوندو هو. حوض ۾ ٽبي هڻڻ جو مقابلو به ٿيندو هو. مقابلي ۾ ڪامريڊ علي احمد جوڻيجو مولانا نعماني، سائين حسين شاهه ۽ پير مڪرم حصو وٺندا هئا. هڪڙي مقابلي ۾ ڪامريڊ 102 سيڪنڊن جي ٽٻي هڻي پهريون نمبر آيو ٻئي نمبر تي مولانا نعماني هو جنهن 98 سيڪنڊ ٽٻي هنئي.

ڪجهه ڏينهن اڳ ۾ سواداعظم جي اڳواڻ مولانا ذڪريا، نعماني صاحب جي رهائي جو مطالبو ڪيو هو. مولانا ٻڌايو ته ايران ۽ افغانستان جو دورو ڪيو اٿس ۽ ڪيس هاليند مان انٽرپول ذريعي گرفتار ڪري واپس پاڪستان وٺي آيا آهن.

## قادر پيان، يونس پيان ۽ حنيف سرواڻ کي جيل ۾ ڪوڙا هنيا ويا

(24- جون 1984ع)

شام جو ڇهين وڳي ڪورٽ وارڊ ۾ دعوت جو سڏ هو. دعوت ۾ ويس ته 25-30 دوست ويٺا هئا. هڪڙي دوست اٿي ٻڌايو ته هيءَ دعوت بخت کهاوڙ طرفان محترم يونس پيان ۽ قادر پيان جي رهائيءَ جي خوشي ۾ منعقد ڪئي ويئي آهي ۽ اوچتو اهو به اعلان ڪيائين ته ”هاڻ مولابخش چانڊيو به اکر ڳالهائيندو.“ اعلان اوچتو ته هو پر هاڻ هر ڪچهريءَ ۾ تقرير لازمي مضمون ٿي ويو آهي. هر تقريب ۾ پنهنجي تقرير به دعوت جي چاشني سان گڏ ضروري ٿي ويئي آهي، سو به اکر ڳالهايم.

قادر پيان جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن جو دوست آهي ۽ يونس پيان پارٽي جو ساٿي آهي. سپاف جو پراڻو يار آهي. راڻي خان پيٽي جي زماني ۾ تعلقي سجاول جو نائب صدر هو. نٽي ۽ سجاول جي اسٽيج جو به سٺو اداڪار آهي. گرفتاريءَ کان اڳ ۾ ٺٽي شگر مل ۾ اڪائونٽ اسسٽنٽ هو ٺٽو شگر مل مزدور يونين جو جوائنٽ سيڪريٽري به آهي. يونس ۽ قادر 18 سيپٽمبر 1983ع تي جلوس ۾ گرفتاري پيش ڪئي. هنن سان گڏ حنيف سرواڻ ۽ محسن سنڌي به گرفتار ٿيا. هي ٻئي دوست به وڏا صبرائتا ۽ همت وارا دوست آهن. محسن سنڌي سپاف جو پراڻو دوست آهي. گرفتاري جي ڪري نوڪري ختم ٿي ويئي اٿس پر غريبي سندس همت کي ڪمزور ڪو نه ڪيو آهي. قادر پيان کي هڪ سال 10 ڪوڙا ۽ 6000 رپيا ڏنڊ جي سزا ملي. قادر پيان، يونس پيان ۽ حنيف سرواڻ کي ڪوڙا هنيا ويا. حنيف جي بنهه ڪمزور جسم کي ڏسي ڪو به اعتبار ڪو نه ڪندو ته هن ڪو وڏي همت سان ڪوڙا کاڌا ۽ صبر سان جيل ڪاٽيو هوندو.

سجاول ۽ ٺٽي ۾ هن جدوجهد ۾ اڳتي رهيو. هتي جا ڪافي دوست گرفتار ٿيا. هنن دوستن تي جلوس دوران تشدد به گهڻو ڪيو ويو. سجاول جي گرفتار دوستن ۾ بابو شاهه، شاهد شاهه، شفيق شاهه (ٽئي پيائر) ارشاد جتوئي، عبدالستار ميمڻ، يعقوب عمراڻي، ٻڍو، سمن پارهيڙي، اڪبر شاهه، حاجي ٻاگهل، سرويچ سجاولي، عثمان سرويچ، عبدالواحد خليفو غلام حسين لغاري، صديق، عمر پيان،

عبدالغفور شيخ، عاليجاهه ميمڻ، پير هاشم شاهه، پير محمد شاهه، پير قطب شاهه، پير گل حسن شاهه، ڪرم علي، فاروق درس، سرتاج، مارو شورو، نياز پٽي ۽ ٻيا سڄاول مان اٽڪل 54 ساٿي گرفتار ٿيا. پ پ جي مٿين دوستن کان سواءِ عوامي تحريڪ سان واسطو رکندڙ دوست به شامل آهن.

## باقي وڃي 27 ڄڻا بچياسين

(29- جون 1984ع)

ڪجهه ڏينهن کان وري رهائيءَ جون خبرون گرم آهن. رمضان جي معافي جو به انتظار هو معافي ملي به پر جيترن دوستن کي رها ٿيڻ کپندو هو اوترا رها ڪو نه ٿيا. 27 تاريخ تي 18 ڄڻا رها ڪيا ويا ۽ ڪجهه دوستن کي، جن کي به رها ٿيڻو هو تن کي سزا پوري ڪٽڻ جي باوجود به روڪيو ويو ۽ ڇيو ويو ته کين سياڻي رها ڪيو ويندو ۽ ٻين به ڪافي دوستن جي رهائي عمل ۾ نه آئي. لسٽون نهن پيون 28 تاريخ تي ڪافي دوستن جا مائٽ به آيا پر اهي دوست جن کي ڪوڙا به لڳي چڪا هئا، شام تائين رها نه ڪيا ويا ۽ سندن مائٽ سڄو ڏينهن اُس ۾ انتظار ڪري شام جو پنهنجي ڳوٺن ڏانهن هليا ويا.

اڄ صبح جو اٺياسين، چانهه پي آئون ۽ غازي به وڃي بلوچ صاحب (ظهور عالم بلوچ) جي ڪچهري ۾ شريڪ ٿياسين. ڪجهه ڏينهن کان صبح جو بلوچ صاحب وٽ ڪچهري ٿيندي آهي. اسين پهتاسين ته گرما گرم بحث جاري هو. حسين شاهه، ستار راڄپر ۽ سندس دوست مڪمل صوبائي خودمختياريءَ جا حمايتي هئا ۽ بلوچ صاحب وفاق جي ڀرپور وڪالت پئي ڪئي. ڪچهريءَ مان اٿي اڃي ناشتو ڪيوسين ته سائين حسين شاهه اخبار کڻي آيو ۽ اچي ٻڌايائين ته حڪومت سياسي قيدين جي رهائيءَ جو آرڊر ڪري ڇڏيو آهي. اخبار پڙهي سين، خبر سچي هئي. انهيءَ مهل آفيس ۾ ڪم ڪندڙ شفيع آيو ۽ اچي حسين شاهه ۽ غازيءَ کي چيائين ته جلدي تيار ٿي ماڙي تي اچو. ٻئي ڄڻا تيار ٿي ويا ته آءُ وهنجڻ ويس. تيار ٿي ماڙيءَ تي ويس ته خبر پئي ته سائين ۽ غازي رها ٿي جيل مان ويا به هليا. ماڙيءَ جي ٻاهران ڪافي دوستن جو سامان پيو هو. ڪي دوست آيا پئي ۽ هڪ ٻئي کان موڪلايائون پئي. چاچو شاهنواز خان ۽ فدا حسين ڏيرو به دوستن کان موڪلائي رهيا هئا. اتي ئي خبر پئي ته عالم شاهه ۽ اشفاق صديقيءَ جو نالو رهائي واري لسٽ ۾ آهي، اهي به تيار ٿي آيا. اٽڪل هڪ وڳي تائين 81 کن دوست رها ٿي ويا، باقي 27 ڄڻا رهجي ويا جن ۾ شير خان لنڊ، پير مڪرم، سندس سؤٽ، شڪيل پٺاڻ، ستار راڄپر آئون ۽ ٻيا دوست آهيون. ٻنپهرن جو ڪمري تي آيس ته ڪمري ۾ ضرورت جو سامان بلڪل ڪو نه هو ايستائين جو پيئڻ لاءِ گلاس ۽ کائڻ لاءِ پليٽ به ڪو نه هئي. هنڌ ۽ ڪپڙن کي ڇڏي باقي هلڪو ڦلڪو سامان برداشتي پاڻ ۾ ورهائي کڻي ويا جو هنن سمجهيو ته هڪڙو به سياسي قيدي ڪو نه بچندو پر کين ڪهڙي خبر ته ڪي بختن وارا بچندا تن لاءِ به ڪي ٽپڙ ڇڏجن. شام جو پنجين وڳي تائين پاسا ورائيندو رهيس پر ننڊ ڪا نه آئي. اٿي ستار راڄپر جي ڪمري ۾ آيس. ڪچهريءَ ۾ شير خان لنڊ به گيت ٻڌايا ڇهين وڳي ڏاري وارڊ کان ٻاهر نڪتس ته خبر پئي ته پير مڪرم جي ڊپٽي سان تيز ڪلامي ٿي پئي آهي جو ڊپٽي هاڻ سختي ڪرڻ جي ڳالهه ٿي ڪئي.

جيل وارن جون اکيون، ساڻين جي رها ٿيڻ شرط ٿي ڦري ويون هيون. ٻنپهرن جو دوست رها ٿي ويا ۽ ان مهل آفيس ۾ ويس تہ ايس پي سموري عملي سان ويٺو هو چيائين تہ ”هاڻي انين وڳي ڏاري بند ٿيو ۽ اي ڪلاس خالي ڪري سيئي بي ڪلاس وارڊ ۾ گڏجي رهو.“ مون کيس چيو تہ ”اڄ اسين بہ تپيا ويٺا آهيون. اسان کي خبر آهي تہ هاڻ اوهين پنهنجو جاهہ و جلال ضرور ڏيکاريندؤ پر في الحال ڇڏيو. عيد کان پوءِ انهيءَ مسئلي تي سنگت سان ڳالهائينداسين.“

شام جو بلڪل خاموشي هئي. چند دوست اداس ويٺا هئا، پير مڪرم حوض ۾ وهنتو پئي. چيائين ماحول کي ٺيڪ ڪرڻ لاءِ معمول وارو پروگرام جاري رکيو اٿم. اڄ وارڊ ۾ بہ خاموشي هئي. محمد علي پرڳڙي جو ٽيپ رڪارڊ بند هو. انڌين پراڻا گانا ۽ جلال چانڊيو بڌڻ ۾ ڪو نہ پئي آيا. حسين شاهہ جون مزيدار خبرون، دوستن جا ٽهڪ ۽ هڪلون ڪو نہ هيون، شام جو ڪچهريءَ ۾ دوست حسين شاهہ کي ياد ڪري رهيا هئا.

رات جو ڏهين وڳي ڏاري بند ٿياسين. ڪامريڊ شير خان لنڊ مون سان اچي رهيو. ڪافي دير ڪچهري ٿي. شير خان پنهنجي سياسي حياتي جون خبرون پئي ٻڌايون جنهن ۾ گهاريل جيل جو تذڪرو ۽ موجوده صورتحال تي تبصرو بہ هو. ڪچهريءَ کان پوءِ شير خان لنڊ پنهنجي پياري آواز ۾ امداد حسيني جي وائي.

ٽڙندا ڪاڪ ڪنول،
او راڻل تڏهن ملنداسين.
نڪو پهرا پيار تي نڪا جهل پل

شيخ اياز جي وائي:

عشق اسان وٽ آرائينءَ جيئن، آيو جهول ڀري
نهنا نيڻ پريںءَ جا ايئن، جيئن رڻ ۾ رات ٺري

۽ نوجوان شاعر اڪبر شاهہ جي پيارن گيتن ۽ شير خان جي ڪچهريءَ وري ساهہ وجهي ڇڏيو. وقتي اداسي ختم ٿي وئي، دير تائين ڪچهري ڪندا رهياسين.

## شير خان لنڊ: شينهن قومي ڪارڪن

شير خان لنڊ جيڪو جيل ۾ سدائين ڳٽتين کان آجو نظر ٿي آيو. سو اٽڪل 44 بهارون پورهئي ۽ سياسي جدوجهد ۾ گذاري چڪو آهي. 4 درجا سنڌيءَ جا پڙهيل آهي، ٻڌايائين تہ هن عبدالله بخاري سان گڏجي ڪميونسٽ گروپ ۾ ڪم ڪيو هو. ان زماني ۾ ڪميونسٽ پارٽي نعپ ۾ شامل هوندي هئي، تنهن جا چار گروپ هئا جيڪي امام علي نازش، جمال نقوي، طفيل ۽ عبدالسلام سان منسوب هئا، انهن ۾ 4 سنڌي گهڻو سرگرم هئا ۽ چارئي محترم بزرگ حيدربخش جتوئي، قاضي فيض محمد، غلام محمد لغاري ۽ سوڀو گيانچنداڻي هئا. ٻڌايائين تہ نعپ سان اختلافن سبب ڪافي دوست ڌار ٿيا ۽ انهن گڏجاڻيءَ ۾ 1968ع ڌاري سنڌي عوامي تحريڪ جو بنياد وڌو. پهرين گڏجاڻيءَ ۾ 80-

82 ماڻهو گڏ ٿيا هئا. گڏجاڻي غلام مصطفيٰ پرڳڙي جي بنگلي تي ٿي هئي. تنظيم لاءِ محترم شيخ اياز سکر لاءِ، محترم قاضي فيض محمد ڪي نواب شاهہ، مولوي مراد نٽي، محترم فاضل راهو بدين، محترم ڪامريڊ غلام محمد لغاري ٿرپارڪر ۽ محترم عبدالحفيظ قريشي حيدرآباد لاءِ ڪنوينر مقرر ٿيا. شير خان ٻڌايو تہ هو پاڻ سنڌي هاري ڪاميٽي ۾ سرگرم ٿيو ۽ 1974ع ۾ محترم رسول بخش پليجي سان اختلاف، سنڌي عوامي تحريڪ ڪي پاڪستان جي سطح تي تنظيم ۾ تبديل ڪرڻ سبب ٿيا. شير خان 1982ع ۾ پي اين پي ۾ شامل ٿيو هو. نٽي ضلعي جي ڪاميٽي جو ميمبر آهي. 1964ع ۾ پهريون دفعو سنڌي ادبي ڪچهرين جي سلسلي ۾ حڪومت خلاف سرگرمين جي الزام هيٺ گرفتار ٿيو. 35_30 ڏينهن لاڪ اپ ۾ هو. انهيءَ زماني ۾ لاڪ اپ ۾ رات جو سيني قيدين کي هڪڙي سنگهر ۾ سلهاڙيو ويندو هو رات جو جيڪڏهن ڪو ضروري حاجت لاءِ اٿندو هو تہ سيني قيدين کي اٿڻو پوندو هو. ٻيون ڀيرو 1966ع ۾ ون يونٽ خلاف تحريڪ دوران گرفتار ٿيو ۽ ٽيون ڀيرو وري وڏيرن تلهار ۾ چوريءَ جو ڪوڙو ڪيس داخل ڪرائي ڪيس گرفتار ڪرايو. ٽنهن ۾ ڏيڍ مهينو ڪن بدين ۾ قيد هو. سنڌي لسٽن واري تحريڪ ۾ چوٿون دفعو گرفتار ٿي 2_ مهينا ڪن جيل ڪاٽيائين يوسف ٽالپر ڪي آزاد ڪرائڻ جي سلسلي ۾ پنجون دفعو گرفتار ٿيو. ستون ڀيرو ڪيس 110 ۾ گرفتار ڪيو ويو. سجاول ٺاٽي مان مهيني ڪان پوءِ آزاد ٿيو وري 110 ۾ گرفتار ٿي ويو. انهيءَ مان آزاد ٿيو تہ ڌاڙي جو ڪيس مٿس سيٺ عبدالهادي ميمڻ ڪرايو جنهن جي زمين تي هارين قبضو ڪيو هو. انهيءَ ڪيس ۾ فاضل راهو مير پير بخش ۽ شير خان لنڊ جوابدار هئا. فاضل راهو کي هڪ سال سزا آئي. وري 107 جي ڪيس ۾ ڪيترائي ڏينهن قيد رهيو. 1970ع ۾ قلم اي 16 تحت لاڏين جي لاڪ اپ ۾ ڏيڍ مهينو ڪاٽي رها ٿيو تہ 16 ڏينهن ڪان پوءِ وري گرفتار ڪيو ويو. 1971ع ۾ خون جي ڪيس ۾ 3 مهينا جيل ۾ رهيو. 1972ع ۽ 1974ع ۾ ڊي پي آر ۾ 3 مهينا ڪراچيءَ ۾ قيد هو. وري ڊي پي آر ۾ 8 مهينا ۽ سنڌ ڪرائيم ڪنٽرول ايڪٽ تحت هڪ مهينو 5 ڏينهن بند هو. 1976ع ۾ 3 مهينا حيدرآباد ۾، وري 1977ع ۾ 3 مهينا نظر بند. 1978ع ۾ 6 مهينا نظر بند، وري 1979ع ۾ 9 مهينا، 1981ع 3 مهينا، 1983ع ۾ 8 مهينا، 1984ع ۾ اجا نظربند آهي، ڏهون مهينو اٿس. سنڌ جو هي بهادر ۽ ارڏو قومي ڪارڪن (جيڪو اجا رهنما ڪو نہ ٿيو آهي، شايد انهي ڪري جو رهنمائن واري ڪڙم مان ڪونهي) اجان ٿڪو ڪونهي ۽ نڪو ويجهڙائي ۾ سندس ٿڪجڻ جا آثار ڏسڻ ۾ ٿا اچن.

ڪرڪٽا لاهي، سک نہ ستا ڪڏهين،
اوسيئڙو آهي، ڪاهوڙين کي پنڌ جو.

سلام آهي ڪامريڊ حيدربخش جتوئي، ڪامريڊ غلام محمد لغاري ڪان وٺي شير خان لنڊ تائين سنڌ جي انهن سرويچن کي جن صلي ۽ خوف ڪان بيپرواهہ ٿي پنهنجي اٽل ارادي، همت ۽ جدوجهد ۾ مڪمل اعتماد سان لاڪ اپ، لوهي نيئرن ۽ جيل جي ڪهري ڪوٺن کي اج اسان لاءِ ميڙ مثل ڪري ڇڏيو آهي.

تان کي ساٿن اور، جان آهين اوطاقن ۾،

ڏھہ ڏھہ پيرا ڏينھن ۾ پاڻ مٿانئن گھور،
ويا جي ھنگلور، تہ ڪرمَ ملنڊءِ ڪاپڙي.

# جيل ۾ عيد

(30- جون 1984ع)

رات سائرن وڄائي عيد جي چنڊ نظر اچڻ جو اعلان ڪيو ويو.

اڄ صبح اٽڪل سوائين ڇھين وڳي ڊاري سپاهي آيو ۽ اٿاري ٻڌائي ويو تہ عيد نماز ستين وڳي ٿيندي. پوڻين ستين وڳي دوست ٻاهر نڪتا پر نماز پڙهڻ جي ڪنهن جي بہ نيت ڪو نہ پئي لڳي، شايد انهيءَ ڪري جو هڪڙو تہ جيل هو ٻيو وري نماز جو وقت جلدي رکيو ويو هو. ستين وڳي ڊاري پير مڪرم ۽ رفيق صفي آيا، اچي چيائون تہ ”ٻيا دوست تيار نہ ٿي سگهيا تنهن ڪري نماز وقت تي ڪو نہ ٿي سگهي آهي، ٽائيم بدلائي 7:30 وڳي ڪيو اٿئون جلدي تيار ٿي، ڪاري فئڪٽري اچو تہ نماز پڙهون.“

ڪاري فئڪٽري ۾ 200 کن دوست گڏ ٿيا. پوڻي 8 وڳي نماز ٿي. نماز کان پوءِ دوست جيئي پئي ٿو ۽ جيئي سنڌ جا نعرا هڻندا بي ڪلاس آيا. شڪيل پٺاڻ جي گهران آيل سئيون ڪاڌيون سين. پير صاحبن شربت سان دوستن جي تواضع ڪئي. ٻنپهرن جو منهنجي گهران ماني آئي. پير مڪرم، پير معظم، پير اعجاز، پير جان محمد، پير سليم، شڪيل، رفيق صفي، ڪامريڊ علي احمد جوڻيجو وارا آيا. گڏجي ماني ڪاڌي سين. دوست ويا. شام تائين پنهنجي ڪمري ۾ ئي پاڻ سان روح رهاڻ ڪندو رهيس.

*اس قدر پیار سے اے جانِ جہاں رکھا ہے*

*دل کے رخسار پر اس وقت تیری یاد نے ہاتھ*

*یوں گماں ہوتا ہے گرچہ ہے ابھی صبح فراق*

*ڈھل گیا ہجر کا دن آ بھی گئی وصل کی رات*

ڇهين وڳي ڊاري دوست ڪوڏي ڪوڏي ڏسڻ ويا ۽ اتان ٿي بي ڪلاس آيا جو اتي دوستن جي دعوت هئي. آءٌ بہ اتي ئي وڃي سنگت سان گڏيس. اڄ مانيءَ ڪارائڻ جو طريقو بلڪل نئون اختيار ڪيو ويو. اڳي جيل جي دعوتن ۾ ويهاري يا ٽيبلن تي ماني جو انتظام ٿيندو هو پر اڄ هر دوست کي پنهنجي پنهنجي پليٽ ۾ ماني ڏني پئي وئي. انهيءَ ڪري ورهائڻ واري تي دوستن جي رش ٿي ويئي، ان مهل اها جيل جي نہ پر پاڙي ۾ ٿيل شادي يا نياز جي پت جي دعوت پئي لڳي. ٻاهر ماني تہ جام هوندي آهي پر ماني شروع ڪرڻ کان اڳئي مهمانن جي صبر جو پيمانو لبريز ٿي ويندو آهي ۽ ڏسٹا وائسٹا ماڻهو وني ماني ڏانهن ڊوڙ ڪندا آهن ۽ پوءِ چڱي ڀلي دعوت بدنظمي جو شڪار ٿي ويندي آهي. ماني سٺي ۽ گهڻي هجڻ جي باوجود بہ ميزبان جي گلا ٿي پوندي آهي ۽ اهو ٻڌڻ ۾ ضرور ايندو آهي تہ ”ڪهڙي دعوت ڪيائون. ماني کارائڻ جي فضيلت ئي ڪو نہ هئن! ماني کٽي پئي، ڪو نہ هئن تہ ڪيئون ڇو؟ رڳو پئي ڌڪا لڳا، اشراف تہ ويجهو وڃي ڪو نہ ٿي سگهيا!“ تبصره باز پنهنجي تبصرن تي پاڻ کي ڏوهہ هرگز ڪو نہ ڏيندا، اهو ڪو نہ ڏسندا تہ دعوتي، ٽيڻي تعداد ۾ اچي ويا، هڪڙا سچا پچا

دعوتي ٻيا جن جي مولا ٻڌندو آهي ته پاڙي يا ڪنهن ميدان ۾ شادي ٿي. ٻيو دعوتي ٻه ڪو نه گهتائيندا، گهر گهاٽ مان ته ميڙي سيڙي ٻار ٻچا آڻيندا پر جي وٽن مهمان ٻه هوندا ته اهو به ضرور آڻيندا. مطلب ته ميزبان ويچاري جي نيڪي برباد گناهه لازم.

ماني ڪائي وارڊ ۾ آياسين. بند ٿيڻ تائين شير خان لنڊ پنهنجي پياري آواز سان ڪچهريءَ کي مچايو ويٺو هو. اج ڪيس استاد بخاري اچي ياد پيو هو:

سنڌ سان اهڙي جند جڙي جو ٻيا دل وارا وسري ويا،
جيئي سنڌ سدائين جيئي ٻيا سڀ نعرا وسري ويا.
جيئي اسان جي سنڌ جو سائين لالڻون لال لطيف سدائين،
اوڙي پاڙي وارا شاعر، ڏاڍا پيارا وسري ويا.
پورا ناسي پينڊ هتي جا، ڇا جو چاندي ڇا جو سون؟
ٿر جي واري چلڪي واري چنڊ ستارا وسري ويا.
سنڌو، ٻارڻ، منڇر، ڪينجهر مون لئه آهن آب حيات،
نيل ۽ دجله، گنگا جمنا پوتر ڌارا وسري ويا.
شام شفق جي رنگيني ۾ سهڻو هاڙهو ۽ هالار،
ٻگل ٻاڙهن محبوبن جا محبوب نظارا وسري ويا.

# عيد جي موڪلن جيل جي بوريت ڪي وڌائي ڇڏيو

(3- جولاءِ 1984ع)

اج عيد جون موڪلون ختم ٿيون. موڪلن جيل جي بوريت کي وڌائي ڇڏيو هو جو ملاقات به بند هئي ته اخبارون به بند. جيل ۾ اخبارن جو به محبوبن جيان انتظار ٿيندو آهي. هتي اخبارون ته محبوبن کان به پاڳن واريون آهن. محبوبن لاءِ ته هڪڙو عاشق آزار ۾ هوندو آهي پر هتي هڪڙي اخبار لاءِ ڏهن عاشقن جو ماندو هوندو آهي.

ملاقات لاءِ حسين شاهه، قائم خاني صاحب گڏجي آيا ۽ ٿوري دير کان پوءِ مختيار به آيو. حسين شاهه ٻاهر جا مزيدار احوال ٻڌايا. دوستن کي عيد جي موقعي تي منهنجي رها نه ٿيڻ جو ڏک هو. چيائون پئي ته "عيد تي سڀ گڏياسين ته تون ڏاڍو ياد آئين."

گر آج تجھ سے جدا ہیں تو کل بہم ہوں گے،
یہ رات بھر کی جدائی تو کوئی بات نہیں،
گر آج اوج پہ ہیں طالع رقیب تو کیا،
یہ چار دن کی خدائی تو کوئی بات نہیں۔

خانصاحب حسب معمول دوستن لاءِ ڪافي سامان آندو. غازي به سنگت لاءِ شربت جا شيشا ۽ ٻيو سامان کڻي آيو هو.

# امان روئي ڏنو

(4_ جولاءِ 1984ع)

صبح جو يارهين وڳي ڏاري ادا شمون ملڻ آيو. ٻڌايائين ته ڪنهن دوست اختياري وارن ڪان منهنجي نه رها ڪرڻ جو سبب معلوم ڪيو ته جواب مليس ته ”مولابخش چانڊيو رابطي جو ڪم ڪندو آهي، خطرناڪ ماڻهو آهي.“ لڳي ٿو هن حڪومت به مزو نه ڪيو سيني ۾ آءُ خطرناڪ ٿو لڳان. اهڙي ڳالهه مون کي به چئي ويئي هئي. شيرين سومرو ڪيس ۾ گرفتار ڪري هيڊ ڪوارٽر ۾ پيش ڪيائون ته هڪڙي آفيسر ٻئي کي فون ڪري ٻڌايو ته ”تو وارو شڪار هٿ اچي ويو آهي پر ڪيس ڏاڍي ڪونهي. پوءِ مون کان پڇيئين ته اڳ ۾ توکي ڏاڍي هئي هاڻ ڇو ڪوڙيئي؟“ (مون کي کهڙي خبر ته ڏاڍي به هنن کان پڇي ڪوڙجي) ان آفيسر اهو به ٻڌايو ته مون تي اهو به الزام آهي ته مون پٺائيءَ جي ميڙي تي تقريرون ڪري ماڻهن کي اشتعال ڏيارڻ جي ڪوشش ڪئي ته شهيد پٺي جي رهائي لاءِ، تحريڪ هلائي وڃي ۽ غدار وڏيرن تي دباءُ وڌو وڃي ته جيئن هو پارٽي قيادت خلاف سازش ۾ شريڪ نه ٿين. ان آفيسر مون کي ٻئي ڪرنل صاحب وٽ پيش ڪيو. ڪرنل صاحب پلو ماڻهو هو جو سندس ڳالهائڻ پلو هو. (في الحال تي اسان کي اها به چڱائي تي لڳي ته ڪو رڳو چڱو ڳالهائي) انهيءَ ٻڌايو ”ته تون برابر شيرين سومرو ڪيس ۾ ڪونهين پر توکي بند رکڻ ضروري آهي. انديشو آهي ته ان مسئلي تي تون ڪو گوڙ ڪرائيندين.“

ٻنپهرن جو ڪامريڊ علي احمد لغاري ماتلي جو دوست ملڻ آيو. سرور شاهه پٽ شاهه وارو ۽ سندس دوست به آيا. نثار ميمڻ به آيو. ٻنپهرن جو ٻين وڳي ڏاري مخدوم شفيق الزمان غازي ۽ خانصاحب سان گڏجي آيو. ايم آر ڊي جي سمورن دوستن سان مليو. پوڻي 3 وڳي امان ۽ نسرين ملڻ آيون. نسرين ڪافي ڪمزور هئي. امان پهريون دفعو ڪافي رني ۽ چيائين ”ابا هاڻ خير سان ٻاهر اچ. مون کي هاڻي تنهنجي پريشاني ٿي ٿئي. حسين شاهه، غازي، عالم شاهه ۽ منير وارا هئا ته دلجاءِ هئي، هاڻ اڪيلو آهين ته سک نه ٿو اچيم.“ امان کي ڪافي سمجهايم ۽ ٻڌايم ته اڪيلو ڪو نه آهيان، اڃا ڪافي دوست گڏ آهن. وقت سنو پيو گذري، ڪجهه تسلي ته آيس پر وڃڻ مهل ايڏي پرسڪون نه هئي جيڏي هميشه هوندي هئي.

شام جو شير خان سان گڏجي پنڌ ڪيم. ڪچهري ۾ سر سامونديءَ تي ٿورو بحث ٿيو. رات جو مون لکيو پئي ته شير خان پنهنجي مٺي آواز ۾ ڳايو پئي.

صبح ملندم سومرا، وٽي جو واڏايون.
آءُ ڪيئن سيج سمهان، منهنجا ماروئڙا پڌري پٽ سمهن.

# جيل انتظاميا اڪيون ڏيکارڻ شروع ڪري ڇڏيون

(5_ جولاءِ 1984ع)

صبح جو يارهين وڳي ايس پي پير معظم ۽ مون کي سڏائي چيو ته اي ڪلاس وارڊ ۾ رهندڙ سي ڪلاس جا قيدي، بي ڪلاس وارڊ ۾ اچن ۽ بي ڪلاس مليل قيدي اي ڪلاس وارڊ ۾ شفٽ ٿين ته ان کي

بي ڪلاس پڌرو ڪريون.“ اهو به ٻڌايائين ته دادو جيل تي ڇاپو لڳو آهي ۽ اتي به سپرنٽنڊنٽ کي گرفتار ڪيو ويو آهي. ٻين جيلن تي ڇاپا لڳندا ۽ تلاشيون ورتيون وينديون تنهن ڪري هتي اها تبديلي نهايت ضروري آهي.“ ڪافي ڏي وٺ ٿي جو اسان کي اها پڪ هئي ته ڇاپي واري ڳالهه رڳو بهانو آهي. سياسي قيدين جي وڌي انگ جي رهائي ڪان پوءِ سختي ڪري جيل وارا جيل کي وري به ضابطي هيٺ آڻڻ ٿا. اسان کي وارڊ تبديل ڪرڻ لاءِ بار بار چوندا رهيا آهن. پر اسان ڪين ڇيو هو ته عيد کان پو ڏسنداسون.

آخر دوستن جي صلاح مشوري کان پوءِ وارڊ تبديل ڪرڻ جو فيصلو ٿيو. بي ڪلاس وارا دوست يڪدم اچي ويا ۽ اسان جا ڪمرا پنهنجي پنهنجي نالي ڪري ويا. شام جو بي ڪلاس ويس ته اتي به دوست جيل جي بدليل صورتحال تي تبصرو ڪري رهيا هئا.

# جيل جي تلاشي

(7 _ جولاءِ 1984ع)

صبح جو اٺياسين ته دروازا بند هئا. سپاهين اچي ٻڌايو ته جيل جي تلاشي ورتي پيئي وڃي. ڪن دوستن ڪمري جي پوئين درين مان ڏٺو ته بورچيخاني تي پوليس چڙهيل هئي ۽ ڪافي سپاهي هيٺ به بيٺا هئا. ڪافي دير ڪان پوءِ پيٽي ڊيڙ وارو آيو. اسان جي ڪمرن کي لوهي جارين جا در به هئا تنهن ڪري پيٽو نه ملي سگهيو. بک لڳڻ شروع ٿي ته خانصاحب الاهي بخش قائم خاني جون ڏنل مٺيون لوليون وقفي وقفي سان کائڻ لڳس. تڪليف وڌي ته شربت به پيتم. ٻه مهينا ٿيندا جو اچانڪ شگر گهٽ ٿيو وڃي. ڊاڪٽرن بار بار منو کائڻ جي هدايت ڪئي آهي. تنهن ڪري گهر وارا توڙي ملاقاتي مصري به ڏيئي ويا آهن. سا به پيو کائيندو آهيان. چڻ 24 ڪلاڪ ئي ”سوني جهرڪي“ پيو ڏسان.

ٽِين وڳي ڌاري ڊپٽي جيلر ۽ پوليس جو وڏو اٿالو اچي ويو. مارڪيٽ جو علائقه مئجسٽريٽ الله بچايو ميمڻ به اچي نڪتو. ڪمرا کوليا ويا، تلاشي ورتي وئي. تلاشي دوران اسٽاف جو رويو سنو هو. تلاشي وقت ٻاهر جي پوليس ڪافي هئي. چار پنج انسپيڪٽر هئا، تن ۾ مارڪيٽ جو ايس ايچ او طفيل ملڪاڻي ۽ شيرواني به هئا. تن سان ڪچهري به ٿي. خليق شيرواني وڏي رهائيءَ وارو پوليس آفيسر آهي. نوجوانن خاص ڪري سنڌ يونيورسٽي، ايل ايم سي وغيره جي شاگردن سان گهڻو تعلق اٿس. سندس رويو به بهتر هوندو آهي. پوليس وارن ۾ ڪافي آفيسر آهن جن جي سياسي ڪارڪنن توڙي ڌوهارين ۾ وڏي رهائي آهي. پراڻن آفيسرن ۾ چاچي مرتضيٰ ۽ عرفان صاحب جو وڏو نالو ۽ سنگت آهي. اسان واري دور ۾ حيدرآباد ۾ احسان گونڊل، خليق شيرواني، دودو خان رند، خليل باجوه ۽ ڪن ٻين آفيسرن جو نالو ڪافي مشهور رهيو آهي. تلاشي کان پوءِ کوليو ويو بک سيني کي لڳي هئي، تڪڙ ۾ سئيون نهرائي سيني ڪاڏيون. شام جو ستين وڳي ڌاري بند ڪرڻ آيا. ڇيائون صبح جو ڇئين وڳي کان ڊيوٽي تي آهيون، جلدي بند ٿيو. ڪافي بحث ٿيو ڊپٽي اچي نڪتو. وڏي ڏي وٺ ٿي پر هميشه وانگر رعب اجايو ويس. سندن گفتگو ڪافي بدليل هئي، لڳو پئي ته سياسي قيدين جو هاٺي اڳوٺو اوج ڪونهي.

سوائين نائين وڳي بند ٿياسين. ڪامريڊ پيارا گيت ٻڌايا. ٻارهين وڳي تائين ڪچهري ٿي.

ڪامريڊ بند ٿيڻ کان پوءِ سائين اڪبر شاهه جو هي گيت ڏاڍي پياري انداز ۾ ٻڌايو:

جهانگياٽي اٿي پرتون جهول، مک پٽڙ جي مند اچي ويئي
پٽي پنهواري پاپي ويندا، هي رلي آيا جي رول
سون سريڪا سانگي پنهنجا، اوٺيڙا انمول
چوري چاڪئون چيپ هتي آ، چا جا هينئڙي هول
ونڊ اچي تون ويڙهيچن ۾، قربن جا ڪچڪول.

خليل شيرواني مٿس ٿيل فائرنگ جي نتيجي ۾ قتل ٿي ويو. مئجسٽريٽ الله بچايو ميمڻ، فقير منش ماڻهو هو. سدائين جلسن جلوسن جي وچ ۾ پيو هلندو هو. شاگردن ۽ سياسي ڪارڪنن تي سندس ميڙ منٽ جو اثر به ٿيندو هو. ميمڻ صاحب کي حيدرآباد ۾ سرفراز چانڊيءَ تي ظالم دهشتگردن وڏي بيدردي سان قتل ڪري ڇڏيو. سندس قتل تي سڄو شهر ڏڪيرو هو.

# ڏيرن تي مڇرن جي حملي جي شدت ۾ اضافو

(8 - جولاءِ 1984ع)

صبح جو ڇهين وڳي ڏاري ڪامريڊ اٿاريو ته ”اڄ به دروازا بند آهن، الائي ڇو ڪو نه کوليا اٿن؟“ انتظار ڪيوسين. اٺين وڳي ڏاري کوليائون. پير معظم ۽ پير مڪرم ٻڌايو ته ايس پي ۽ ڊپٽي آيا هئا، تن چيو ته ”رات توهان سنو نه ڪيو آهي! اسان وري به نرمي ڪري توهان کي کوليو آهي، هاڻ وارڊ جو دروازو بند رهندو ۽ ملاقات تي به ڪجهه سختي ڪئي ويندي.“ ناشتو ڪري سيئي دوست گڏ ٿياسون. پير مڪرم ۽ ڪجهه دوست ڪافي جذباتي هئا پر پير معظم، ڪامريڊ ۽ منهنجي صلاح هئي ته انتظاميه سان ڳالهه ٻولهه ڪري پوءِ ڪو قدم کڻجي. ڪافي بحث مباحثي کان پوءِ صلاح بيٺي ته 5 دوست وڃي انتظاميه سان ڳالهائين. پرچي موڪلي سون. ٻارهين وڳي ڏاري ايس پي سڏايو. ڪافي ڏي وٺ ٿي. سپرنٽنڊنٽ ۽ ڊپٽي گذريل وقت ۾ سياسي قيدين طرفان ٿيل زيادتين جو ذڪر ڪيو. اهي زيادتيون هنن کي تڏهن ياد پيون جڏهن سياسي قيدي رها ٿي وڃي چند بچيا آهيون. اڳ ۾ انهن کي ياد ڪون هيون. (سچي ڳالهه آهي ته مڇرن جي ڪاهه ڏيرن تي ئي گهٽي ٿيندي آهي) وٺ وٺان کان پوءِ ڪافي ڳالهيون انتظاميه جون ۽ ڪجهه مسئلا اسان جا قبول ٿيا. فيصلو ڪيو ويو ته وارڊ جي دروازي سان گڏوگڏ بي ڪلاس، ڪورٽ وارڊ ۽ اي ڪلاس وارڊ جا دروازا به کوليا ويندا، سياسي قيدي چڪرن ڏانهن ڪو نه ويندا صرف ٻاهرين روڊ ۽ وارڊن تائين رهندا. اسان کي سامان باقاعدگيءَ سان گهرائي ڏنو ويندو. ملاقات تي جنهن به قيدي کي سڏ ٿيندو، ان کان سواءِ ملاقات جي ڪمري ۾ ٻيو ڪو به قيدي نه ويندو. سمورا سياسي قيدي هر حال ۾ اٺين وڳي بند ٿيندا.

هڪ وڳي ڏاري غازي، حسين شاهه، عالم شاهه، حاجن شورو، يعقوب شورو ۽ ظهير ميمڻ ملاقات تي آيا. اسان واري وارڊ ۾ اڄڪلهه لوڊو راند زور آهي. شير خان، يوسف زرداري، ظفر راڄپر ۽ طالب جکرو ته سڄو وقت لوڊو ئي کيڏندا رهندا آهن. هاڻ انهن ۾ عوامي تحريڪ جي محي الدين ڪيڙاني ۽ سردار

خان لغاري جو اضافو ٿيو آهي. سردار خان کي ڏسجي تڏهن به ٺهڪ ۾ ٻڌجي ته به کلن جا ڪوڪرا. ڏاڍو مزو ايندو آهي جڏهن ڪامريڊ شير خان ۽ سردار خان هارائي 10 پيرا اٺ ويهه ڪندا آهن. اٺين وڳي بند ٿياسين. ماني ڪمري ۾ ئي ڪاڏي سين. سمهڻ کان اڳ ۾ شير خان به ٿي گيت ٻڌايا:

ڪينجهر تنهنجي ڪنڌيءَ تي ڪوئي ته تماچي اڇٽو آ
نورا پائي نوري کي، ٿي لهرون لهرون نچٽو آ

................

سانورا او بانورا منهنجا پرين منهنجا پرين
ڪڏهن نه اهڙا جهڙا هيل
مون وٽ پنا باک رابيل.

سدا ملوڪ پياري سياوَ وارو بهادر دوست ظفر راڄپر به قاتلاڻي حملي ۾ شهيد ٿي ويو.

## ”جيلن ۾ جاءِ ڪانهي“

(11_ جولاءِ 1984ع)

صبح جو نم جي هيٺان ڪچهري پئي ڪئي سين ته نائين وڳي ڊاري ايس پي ۽ ڊي ايس پي اوچتو وارڊ ۾ اچي نڪتا. ٻڌايائون ته نئون آءِ جي معائني تي ٿو اچي. برداشتين کي صفائي جو حڪم ٿي ويو. سي لڳي ويا وارڊ جي مهٺ مهٺان کي. هڪ وڳي ڊاري ملاقات جو سڏ ٿيو. ويس ته سائين حسين شاهه ۽ غفار لغاري آيل هئا. ٻڌايائون ته صبح کان بيٺا آهيون پر آءِ جي جي ڪري ملاقات بند هئي. جيل ۾ معائنو ٿئي يا هلڪو ڦلڪو جهيڙو، اندر وارا ته ويل ۾ هوندا ئي آهن پر وڏي ويل ۾ ٻاهر وارا به اچي ويندا آهن.

ملاقات ڪري اچي وينس ئي مس ته دوستن جا سڏ ٿيا. ڪمري مان نڪري معلوم ڪيم ته خبر پئي ته وارڊ جي در وٽ نئون آءِ جي، سيڪريٽري هوم عثماني، ڊائريڪٽر انفارميشن، جيل جو اسٽاف ساڻ ڪيو بيٺا هئا. پير مڪرم پنهنجو تعارف ڪرائي ڪيس جيل جي متعلق شڪايتون ڪيون. ڪين ٻڌايائين ته گذريل ڇاپي دوران هزارين رپين جو سامان جيل وارا ڪٽي ويا آهن. قيدين تي بيپناهه تشدد ڪيو ويو آهي ۽ اسان سياسي قيدين سان به ڪافي بدسلوڪي ڪئي ويئي آهي. آءِ جي ۽ سيڪريٽري هوم سپرنٽنڊنٽ کي هدايت ڪئي ته تشدد بند ڪيو وڃي ۽ سياسي قيدين کي تنگ نه ڪيو وڃي. انور شاهه ۽ محب شاهه خيرپور جيل بدلي ٿيڻ لاءِ درخواست ڏني. آءِ جي درخواست پڙهي چيو ته جيلن ۾ جاءِ ڪونهي باقي ڏسان ٿو خيرپور ۾ جاءِ هوندي ته بدلي ڪنداسين. ڪامورا ويا، موٽي ڪمرن ڏي آياسين. سردار خان لغاري ڪلائي ڪلائي اڌ مئو ڪري ڇڏيو. آءِ جي جي ڪيل ان ڳالهه تي ته ”جيلن ۾ جاءِ ڪونهي!“ ڏاڍو مزو ڪيائين. چئي توهانجي.... جيڪڏهن جيلن ۾ جاءِ ڪونهي ته ڇڏيو ته گهر وڃون.... هنن وٽ هڪڙي جاءِ ڪونهي ٻيو هيڪاندا مڙس ويهاريو وينا آهن.

اڄڪلهه وارڊ ۾ لوڊو راند جي موسم آهي سڄو ڏينهن لوڊو لڳي پئي آهي. راند هلندي سڄو ڪمرو

مٿي تي هوندو آهي.

# سردار خان جو ڏوهه

(16 ـ جولاءِ 1984ع)

صبح جو اٺيس تہ ڏٺم سردار خان واندو ساندو ٿيو ويهاٺي ڪي ٽيڪ ڏيو وينو هو. وڏي غلطان ۾ هو. ڪالهہ ملاقات تي گهر جو خط مليو هو شايد انهي خط جو اجا اثر هيس. چانهہ تهي آهي. پر ڪوپن ۾ وجهندي ٽرماس منهنجي هٿن مان ڪري پيو چانهہ وري ٺهرائي پيتي سين. پير مڪرم سڏ ڪيو. ويس تہ پير صاحب سان شڪيل پناڻ، مصطفيٰ ڪورائي ۽ پير معظم وينل هئا. سپرنٽنڊنٽ سان ڪالهوڪي گڏجاڻي تي ڳالهائي رهيا هئا. جيل ڪميٽي حيدرآباد، توڙي هتي نارا جيل ۾ انتظاميہ سان سٺي نموني مسئلا حل ڪرائيندي رهي آهي پر پير مڪرم هميشہ ڪميٽي تي تنقيد ئي ڪندو رهندو آهي تہ هي مسئلو حل نہ ٿيو اجا وڏيڪ ٺيڪ ڪپندو هو. اوهين جيل انتظاميہ کي ڪو نہ ٽا سجاڻو هو وڏا ذليل آهن. وغيره وغيره. مصطفيٰ ڪورائي بہ هميشہ ڪميٽي جو مخالف ئي رهيو. شڪيل ڪچندو ڪو نہ هو باقي تبصرا اهڙا ڪندو هو جنهن مان ڪميٽيءَ سان اختلاف ظاهر پيو ٿيندو هو. شڪيل جو طريقو ٿوري فرق سان ٻائو ابوبڪر جهڙو ئي آهي. پير معظم ٻڌايو تہ اڄ ڪان آءُ ڪميٽي ۾ ڪو نہ هوندس، ستار ۽ مون بہ ڪميٽي ڪان عليحدگي اختيار ڪئي. نئين ڪميٽي ۾ فيصلي مطابق پير مڪرم، غلام مصطفيٰ ۽ شڪيل پناڻ مقرر ٿيا.

وهنجي سهنجي ويناسين تہ پير سجاد جان ۽ پير ولي جان ڪچهريءَ تي اچي نڪتا (پير سجاد جان، ٽنڊي محمد خان جي ٽنڊو سائينداد جي سرهندي خاندان مان آهي ۽ پير سعيد جان جو پٽ آهي. سرهندي پير جتوئي صاحب جا مرشد سڏبا آهن. جتوئي صاحب جي وزارت اعليٰ جي زماني ۾ سعيد جان جي وڏي لئہ هئي. ايم پي اي بہ ٿيو هو. حڪومت ڪان پوءِ مخدوم خليق الزمان جي مدد ۽ پارٽيءَ جي ناتي ۾ پير سعيد جان جو وڏو پٽ پير خالد جان ضلعي ڪائونسل حيدرآباد جو چيئرمين چونڊيو هو. خالد جان ننڍي عمر جو ناتجربيڪار هو تنهن ڪري اجلاس دوران بہ سندس ڪمري جي پويان واري ڪمري ۾ پير سعيد جان وينو هوندو هو ۽ چيئرميني پاڻ هلائيندو هو مزي جي ڳالهہ اها تہ ان زماني ۾ وري وائيس چيئرمين بہ پير صاحب هو ۽ سندس صدارت ۾ وري سندس پٽ پويان ويهي هدايتون ڏيندو هو. ايم آر ڊي جي تحريڪ شروع ٿي تہ جتوئي صاحب حسين شاهہ غازي ۽ مون کي پير سعيد جان ڏي موڪليو تہ هو ايم آر ڊي جي حمايت ۾ گرفتاري پيش ڪري ۽ خالد جان ڪان استعيفا ڏياري. پير صاحب چيو تہ "پيري مريدي پنهنجي جاءِ تي، باقي اسين اشراف ماڻهو نڪو جيل وڃون، نڪو استعيفا ڏياري پنهنجي پٽ کي پريشان ڪندس." پير صاحب سياست ۾ جيل ڪو نہ آيو، باقي هاڻ سندس بيو پٽ جيل ۾ اچي نڪتو آهي.

ٻنپهرن جي ماني گڏجي کاڌي سين ڪچهري هلي پئي تہ اوچتو سردار خان چپ توڙي سرڪار تي گارين جا دس وجائي ڇڏيا. سنڌي ٻولي ۾ گارين جا جيڪي بہ لفظ ها سي سڀ سردار استعمال ڪيا.

دوست ڪل ۾ پئجي ويا. گهڙي ڪن ماٺ ڪيائين ته ڪامريڊ شير خان پڇيس ته پلا توکي گرفتار ڇو ڪيو اٿن؟ بس وري اچي شروع ٿيو جيڪي ڪلام، گانا ياد هئس تن جون ستون چندر جي طرز تي گارين سان سينگاري ڳائي رهيو هو. ڪامريڊ کي پنهنجي گرفتاريءَ جو واقعو ٻڌايائين ۽ اچي گارين ۾ پيو. " ڇيائين مارشل لا وارن ..... ظلم ته ڏسو جيڪي بس تي چڙهي آيا. جن جلوس ڪڍيو جيڪي وڙهيا تن کي سرڪار ڇڏي ڏنو باقي مون کي رڳو بس جي مالڪ هجڻ جي ڏوهه ۾ ويهاريو ويٺا آهن. هنن جي ..... هي ظلم ڪونهي! ڪيترا ماڻهو ريل تي چڙهي جلسو ڪيڻ آيا. اڙي پوءِ جهليو ريل جي مالڪ کي! اهڙو ناحق....." اڄ سمهڻ ڪو نه هو. سردار جون مزيدار ڳالهيون هيون ۽ سنگت جا ٽهڪ هئا. پير سجاد جان، پير ولي جان، سردار خان ۽ مون تاش راند ڪئي، پنجين وڳي ڊاري سنگتي ويا. شام جو ٽورو پنڌ ڪري ستين وڳي ڊاري وارڊ ۾ گهڙياسين پئي ته ستار به جيل جي چڪر وارڊ مان پئي آيو هٿ ۾ ٻارن واري پلاسٽڪ جي چوسٽي هئس. الائي ڪٿان هٿ آئي هئس. وارڊ ۾ اچي سردار خان جون اکيون پورائي، چوسٽي ڪٽي وات ۾ وڌائينس، بس پوءِ ته رڙنشو تي آيو. سردار خان ڪٽي لانگوٽي ٻڌي، چوسٽي وات ۾ وجهي ليٽي پيو ۽ ٻار جي روئڻ جا آواز ڪيڻ لڳو. سڄو وارڊ کلي کلي غش تي ويو. سردار خان جا شعر گانا، سنگت سان چرچا ۽ محي الدين ڪيڙاني جنهن کي جيل ۾ پنهنجو مرشد ڪيو اٿس، تنهن سان ڇيڙ خاني نائين وڳي تائين هلندي رهي. رات جو بي بي سي تان پاڪستان جي سلسلي ۾ پروگرام پئي هليو. پروگرام ۾ سياسي پارٽين جي ليڊرن جا صوبائي خودمختياري بابت تاثر نشر پئي ڪيا ويا. بزنجي صاحب ۽ مزاري صاحب ته صوبائي خودمختياري جي حمايت ڪئي پر پلا پاڳ صوبن جا مشير پيش امام، مولانا عبدالغفور ۽ جرنل چشتي به صوبائي خودمختياري جي حمايت ڪئي. (اها ايم آر ڊي جي جدوجهد ئي آهي جنهن حاڪمن، سياستدانن، اخبارن جي سوچ ئي تبديل ڪري ڇڏي آهي) پروگرام ۾ ممتاز صاحب جي ڪنفيڊريشن جي سلسلي ۾ رڪارڊ ڪيل ڪراچي جيل واري تقرير به نشر ڪئي وئي ۽ صاحبزادي بينظير ڀٽو جو بيان به ٻڌايو ويو. جنهن ۾ بينظير صاحبه چيو آهي ته 1973ع جو آئين بحال ڪري چونڊون ڪرايون وڃن، عوام جي منتخب اسيمبلي عوام جي خواهش مطابق آئين ۾ تبديليون ڪندي. ڪنفيڊريشن جي باري ۾ چيائين ته اهو ممتاز صاحب جو ذاتي موقف آهي، پارٽي جو فيصلو ڪونهي. ممتاز صاحب متعلق ٻڌايو ويو ته ممتاز صاحب پاڻ ڪي پ پ جو ميمبر ۽ پارٽيءَ جي فيصلي جو پابند سمجهي ٿو.

بند ٿيڻ کان اڳ ۾ دادوءَ جي دوستن ۾ ملهه جو مقابلو ٿيو. دادوءَ جا هي دوست هر وقت مست لڳا پيا آهن. هر وقت ڪل پوڳ، راند روند، وڏي مڙسيءَ سان جيل ڪاٽي رهيا آهن.

بند ٿيڻ لاءِ جيئن ڪمري ۾ گهڙياسين ته ٽهڪ ڇڏائي ويو. ڪمري ۾ سردار خان ڪپڙا لاهيو، هاٿيءَ جيڏو مڙس گوڏ جو ڪڇو پايو، وات ۾ چوسٽي وجهيو اکيون پوريو ستو پيو هو. ٽهڪن ۽ شور تي سڄي وارڊ جا دوست اچي ڪمري ۾ نڪتا. سردار خان ڪلاڪي ماندو ڪري وڌو. ايتري ۾ سپاهي بند ڪرائڻ لاءِ اچي نڪتا. سردار جي دروازي ڏانهن پٺ هئي.هن سپاهي ڪو نه ڏٺا، تنهن پٺي هڪڙي ٺلهي گار سپاهين کي ڏني، چيائين هي.... به الائي ڪيڏانهن هليا ويا آهن، اجا بند ڪرڻ ئي ڪو نه آيا آهن. مون اشارو ڪيومانس ته پويان بيٺا ٿئي. ٽيڏي اک سان سپاهين کي ڏسي اهڙو تاثر ڏيڻ لڳو. جهڙو

ڪيس سپاهين جي خبر ئي ڪونهي. چوڻ لڳو: سپاهين ويچارن کي ڪهڙي خبر ته هتي باقي ڪير بچيا آهن. "سپاهي سمجهن ٿا ته هي پڙهيل لکيل سياسي قيدي آهن پر ڪين اها خبر ڪونهي ته اشرافن کي سرڪار گهر موڪلي ڇڏيو آهي باقي ڇڙيل ڇنڊيل وڃي بچيا آهن..." ۽ پوءِ هلڪيون ڦلڪيون جنيون سنگت جي نالي ڪندي رهيو. سپاهين کين مليل گار ڀڏي هئي. سي هن اوچتي ڦيري تي ڏاڍو کليا. سردار کي هٿ ڀڏي ماٺ ڪرايوسين. سپاهي بند ڪري ويا. شير خان جا منڙا گيت اسان لاءِ جهڙيون منڙيون لوليون هوندا آهن. ڪامريڊ 3_3 گيت ٻڌايا. ستار راڄپر "ڪيئي ڪتاب" شروع ڪري ڏنو. سردار خان مستي ڪري ساٽو تي پيو هو ۽ ڪامريڊ کي به اکين ۾ تڪليف هئي، تنهن ڪري سنگت ٻارهين وڳي ڏاري ئي سمهي پيئي.

نارا جيل ۾ هي ٻيو دفعو اچڻ ٿيو آهي. هن ڪان پهرين تڏهن نارا جيل آيو هئس، جڏهن پنجاب هاءِ ڪورٽ قائدعوام شهيد کي موت جي سزا جو فيصلو ٻڌايو هو.

پنجاب هاءِ ڪورٽ ڀٽي صاحب جي ڪيس ۾ موت جي سزا جو اعلان ڪيو ته، پاڪستان پيپلزپارٽي بطور تنظيم جي پنهنجي روايتي صبر ۽ تحمل واري رويي جو مظاهرو ڪيو (ڪرڻ به ڪپندو هو جو سڄي تنظيم جا سرواڻ ملڪ جا چوٽيءَ جا اشراف خاندان هئا) پ پ جي تنظيم کي ته پڪ هئي ته "صبر جنين جو سير تير نه گسي تن جو..." پر عوام پنجاب توڙي سنڌ ۾ وڏي بي صبري جو مظاهرو ڪيو. ٻنهي صوبن ۾ شديد احتجاج ٿيو ان احتجاج دوران حيدرآباد جي تنظيم جيڪا پڻ ملڪ جي اشراف تنظيم جو لازم حصو ٿئي سا ته خاموش رهي پر ڪجهه جذباتي جيالا، بهادر نوجوان ۽ غيرتمند مائرون ۽ ڀينرون احتجاج لاءِ نڪري آيا. نعرا لڳا، مخالفن تي تبرا ٿيا ۽ جلوس به نڪتا. حيدرآباد ۾ وڏو احتجاجي جلوس عورتن جو هو انهيءَ جلوس ۾ هڪ ٻن تنظيمي عورتن کانسواءِ باقي سڀ عورتون ڀٽي صاحب ۽ جمهوريت جي محبت ۾ شريڪ ٿيون. جلوس ۾ عورتن سان گڏ ڪي نوجوان ۽ بزرگ به هئا. پوليس وڏي سختي ڪئي. راحت سئنيما جي ويجهو جلوس جو گهيرو تنگ ڪيو ويو مردن کي گرفتار ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي ته مرد ڀڄي وڃي ويجهو گهرن ۾ لڪا. آءٌ به پاسي واري ماڙيءَ ۾ پرائي گهر ۾ گهڙي ويس. عورتن جي سموري جلوس کي ٿاڻي تي سڄو ڏينهن قيد ڪيو ويو رات دير تائين سيئي عورتون رها ٿيون.

آءٌ جلوس مان ته بچي ويس پر ڪجهه ڏينهن جي لڪ لڪوٽيءَ کان پوءِ مون کي گرفتار ڪري مارڪيٽ ٿاڻي تي رکيو ويو. لاڪ اپ ۾ ڏاڍي ٻوسٽ وارا ڏينهن گذريا. اتان سٽي ٿاڻي تي آٽي لاڪ اپ ڪيائون. احتجاج هليو پئي. ڀرارڙين توڙي شهرن مان ڏاڍا ماڻهو گرفتار ٿيا. سڄي سنڌ جا لاڪ اپ "هائوس فل هئا." سٽي لاڪ اپ جا ڪمرا به ٽمٽار ٿي ويا. سمهڻ تي ٺهيو پر ويهڻ جي جاءِ ڪو نه هئي. رات جو ڪي نوجوان ته ڪاڪوس واري ڇت تي ويهي رات گذاريندا هئا. ماڻهو جو گهڻا ٿيا ته ڪاڪوس به عذاب بڻجي ويو. انهن ڏکين ڏينهن ۾ ئي عبدالستار بچاڻي صاحب به سٽي لاڪ اپ اچي مهمان ٿيو پوءِ جيڪي ملڻ وارا ايندا هئس تن کي چوندو هو ته "ڪجهه به نه آڻيو رڳو اگر بتيون وٺي اچو." پوءِ جيڪو ملاقاتي ٿي آيو تنهن سان گهڻيون اگربتيون ۽ ٿورا گل هوندا هئا. اسان وارو ڪمرو لاڪ اپ نه پر جيئري پير وارو هجرو بڻجي ويو.

# حڪيم ايڇ ايم سومري ڪي دل جو مصنوعي دورو

ڪي ڇُٽي ويا، گهڻا جيل ڏانهن ويا باقي ٻه ٽي ڄڻا وڃي بچياسين. ايل ايم سي جو اعجاز شاهه، ايس اين ايس ايف جو پيارو ساٿي قاسم بروهي ۽ ٻيو ٻه ڪو دوست شايد. اسان واري ڪولي ۾ اسان جي سامهون هڪڙو قدآور بزرگ، قميص لاهيو ويٺو هو. هٿ ۾ ڪجي واري وڄڻي مسلسل لڏي رهي هئس. ڪيڏي مهل در ٻاهران رکيل مٽ مان هٿ پسايو پنهنجي ڪوڙيل مٿي تي پئي گهمايائين. ڳالهايائين ٻولهايائين ڪو نه ٿي، لڳو پئي ته اسان سان ڳالهائڻ ڪان ڊنو پئي. ڏينهن ٻه گذريا، انسان هو ڪيسين چپ رهي ها، نيٺ ڳالهايائين. حال احوال ٿيا، خبر پئي ته حڪيم ايڇ ايم سومرو آهي. اهو ئي حڪيم ايڇ ايم سومرو جنهن جا اشتهار سنڌ جي هر پٽ تي لکيا پيا آهن ته ”وڃايل شباب جواني 24 ڪلاڪن ۾ بحال“ (رڳو ايڇ ايم سومرو نه پر يوناني دواخانه، حڪيم شاهه محمد، چائنه هيلٿ سينٽر 70 ساله سنياسي بابا، سيد ڪلينڪ. مطلب ته سوين اشتهار ۽ نالا ملن ٿا پڙهڻ ڏسڻ لاءِ، وڃايل طاقت ورائڻ جي سلسلي ۾ دعوائون ڪرڻ وارن جا اهي اشتهار ڏسي لڳي ٿو ڄڻ سڄو ملڪ نامردي واري بيماري ۾ ورتل آهي. يا هن ملڪ جي ماڻهن کي ٻيو ڪو ڪم ئي ڪونهي سواءِ وڃايل شباب کي وارئڻ جي)

سومرو صاحب ڏاڍو تنگ هو. سندس چوڻ مطابق هو بيگناهه هو ۽ ڪيس اها به خبر ڪو نه هئي ته ڪيس ڇو گرفتار ڪيو ويو آهي. اسان کي چيائين ”يار، ڪا اٽڪل ڪريو گهڙي لاءِ ئي سهي پر ٻاهر نڪران، ساهه ٿو منجهي.“ سنگت صلاح ڪئي. فيصلو ٿيو ته حڪيم صاحب کي اسپتال موڪلجي. حڪيم صاحب اسان واري صلاح تي عمل ڪندي. ڇاتيءَ تي هٿ رکي رڙيون ڪرڻ لڳو. اسان گوڙ ڪيو، لاڪ اپ جا ڏٽي ڀڄي آيا. چيوسين ”وارو ڪريو، حڪيم صاحب کي دل جو دورو پيو آهي. ڪيس فورن ٻاهر ڪڍو ۽ اسپتال موڪلڻ جو بندوبست ڪريو.“ دروازو کوليو ويو، حڪيم صاحب کي ڪٽي وڃي ڪٽ تي رکيئون، انهي دوران ڊاڪٽر اعجاز شاهه يا سندس دوست جيڪو پڻ ڊاڪٽر هو تنهن چٺي لکي حڪيم صاحب جي هٿ ۾ ڏئي ڇڏي ته اسپتال ۾ ڊيوٽي آفيسر کي وڃي ڏي.

حڪيم صاحب ڦٿڪيو پئي سو ٿاڻي وارن اسپتال موڪلڻ ۾ دير ڪا نه ڪئي. حڪيم صاحب ويو ته ڏاڍي خوشي ٿي ته هڪڙو بيگناهه ته في الحال عذاب مان آزاد ٿيو. ڪلاڪ ڏيڍ مس گذريو ته، حڪيم صاحب کي وري اچي لاڪ اپ ڪيئون. اسين حيران هئاسون ته ڇا ٿيو! حڪيم صاحب ڇو آيو! حڪيم صاحب کان پڇيوسين ته ٻڌايائين ته ”اسپتال ۾ ڊاڪٽر فورن معائنو ڪيو. بلڊپريشر، ڇاتي، ڦڦڙ سڀ ڏٺائين، آءٌ اکيون پوريو پيو هوس. ڊاڪٽر چيو خير آهي ۽ ٻئي ڊاڪٽر کي انجيڪشن هڻڻ جو چيائين. آءٌ انجيڪشن کان ڊڄندو آهيان. مون يڪدم ڪٽي اکيون کوليون. چيم سئي ڪو نه لڳرائيندس. ڊاڪٽر چيو ته سئي ضروري آهي، واپس ايندي هي ليٽر به ڏنو اٿس.“

ليٽر وٺي پڙهيوسين ته ڊپٽي ڪمشنر پاران حڪيم صاحب جي نظربندي جو آرڊر هو. لڳو پئي ته لاڪ اپ وارن حڪيم صاحب جي بگڙيل طبيعت جو احوال انتظاميه سان ڪيو ۽ انتظاميه احتياط طور

حڪيم صاحب جي نظربندي جو آرڊر جاري ڪري ڇڏيو. سنگت ڏاڍو ڪلي. حڪيم صاحب پاڻ بہ پئي ٺهڪ ڏنا، چيائين ”وبس علاج ڪرائڻ، پاڻ کي وچي جيل ڏياري آيس.“ ٻئي ڏينهن حڪيم صاحب کي جيل وٺي ويا.

ٻن، ٽن ڏينهن کان پوءِ مون کي ۽ ٻن ٻين دوستن کي لاڪ اپ مان ڪڍيئون. پوليس واري ڪاري گاڏيءَ ۾ چڙهياسين تہ حڪيم صاحب بہ ويٺو هو. مون کي ۽ حڪيم صاحب کي هڪڙي هٿڪڙي ۾ قابو ڪيئون. ملٽري اسپتال وٺي آيا، اسان جو طبي معائنو ڪيائون. حڪيم صاحب چيو ”الائي ڇا ٿا ڪن، لڳي ٿو ڪوڙا هڻندا، تڏهن تہ پيا ڊاڪٽرن کي ڏيکارين.“

ملٽري ڪورٽ ۾ پيش ڪيائون. نالي ماتر شنوايون ٿيون. اسان تي فرد جرم عائد ٿي. خبر پئي تہ پيٽي صاحب کي هاءِ ڪورٽ طرفان ڏنل سزا تي احتجاج جو ڏوهہ ڪيو اٿئون. اسان تي سٽي ٿاڻي جي اي ايس آءِ الزام هنيو ۽ ڪورٽ کي ٻڌايو تہ ”هاءِ ڪورٽ جي خلاف عورتن ۽ مردن جلوس ڪڍيو. جلوس ۾ جنرل ضياءَ مرده باد، مارشل لاءِ ختم ڪريو، جمهوريت بحال ڪريو ۽ ٻيا ملڪ دشمن نعرا هنيا ويا. جلوس کي پوليس منتشر ڪيو. حڪيم ايڇ ايم سومرو ۽ مولابخش چانڊيو جاءِ واردات تان گرفتار ڪيا ويا.“ ڪورٽ سڳوري آڏي پڇا جو حق بہ ڏنو پر هر سوال تي ڪورٽ سڳوري فرمايو: اهو سوال نہ پڇو انهيءَ سان ڪيس جو واسطو ڪونهي. مون چيو تہ پلا صوبيدار قرآن کڻي چوي تہ ”مون کي مارڪيٽ ٿاڻي تان آندو ويو آهي يا نہ.“ ڪورٽ چيو ”هتي قرآن تي فيصلو ڪو نہ ٿو ٿئي ثبوت پيش ڪيو.“ ٻڌل اسين، ثبوت بہ اسين پيش ڪريون، صوبيدار قسم ڪو نہ کڻندو تہ پوءِ اسين ڪوڙا، صوبيدار سچو. واهہ جو فيصلو آهي تہ صوبيدار قرآن ڪو نہ کڻندو، فيصلو قرآن تي نہ پر ثبوت تي ٿيندو. ڪورٽ جي صاحب جو صاحب ضياءُ ٿو چوي تہ سڄي ملڪ ۾ قرآن جو قانون قائم ڪيو ويندو! خير ڪيس هلائي سزا ڏيڻ جي قانوني ڪارروائي پوري ڪئي ويئي. جج صاحب چيو فيصلي جو انتظار ڪريو. ٻاهر وڃي ويناسين. انهيءَ ڪورٽ ۾ محترم آغا سليم، سيد الله بخش شاهہ بخاري ۽ ارشاد پناڻ جيڪي ٽيئي ريڊيو پاڪستان سان وابستا هئا، تن جو بہ ڪيس هلي رهيو هو. انهن سان اڳين شنوائين تي بہ ملاقات ٿيندي هئي. مٿن الزام هو تہ هنن قائداعظم ۽ پاڪستان جي خلاف ڳالهايو آهي. شنوائين تي ننڍڙي سورٽ بہ ايندي هئي ۽ منهنجي هٿڪڙين کي ڏسي چوندي هئي”هي لاهہ بابا گهر هلو.“ سائين الله بخش شاهہ چوندو هو تہ هن ڀار کي شنوائين تي نہ گهراءِ، هٿڪڙيون ڏسي پريشان ٿي ٿيئي.“ مون چيس ”سائين سنڌ جي ماڻهن جي بخت ۾ الائي ڇا لکيل آهي، ڀل تہ هن عمر کان ئي هٿڪڙيون ڏسي پڪي ٿئي.“

محترم حميد آخوند آغا صاحب وارن سان ملڻ ايندو هو ۽ ان ڏينهن بہ موجود هو. آخوند صاحب ڪورٽ جي صاحب واري ڪمري مان نڪري ٻڌايو تہ ”مولابخش چانڊيي کي ڪوڙن جي سزا ملي هئي پر منهنجي سفارش تي معاف ڪئي ويئي آهي، باقي سال سزا ڏيس ٿو.“ ٿيو بہ ايئن. ٿوري دير کان پوءِ سڏ ٿيو، فيصلو ٻڌايو ويو، چيو ويو تہ حڪيم سومرو بزرگ آهي، ان کي رڳو سال سزا ڏني ٿي وڃي، مولابخش چانڊيو کي 10 ڪوڙن جي سزا ملي ٿي سگهي پر ڪورٽ ان تي بہ رحم ڪري ٿي، رڳو سال سزا سخت پورهئي سان ڪاٽيندو.“

مارشل لا ڪورٽ جو انصاف اڪين سان ڏسي ڪنن سان ٻڌي، ڪاري گاڏي ۾ چڙهياسين، اچي نارا جيل پهتاسين. ٻاهرين پوليس ڪان نارا جيل جي ڊپٽي حيات ڦل اسان کي وصول ڪيو. حيات ڦل نوشهري جو، سالن جو سنگتي، سپاف جو ڊپٽي سيڪريٽري جنرل رهي چڪو آهي. وزيراعليٰ غلام مصطفيٰ جتوئي کيس نوڪري ۾ رکيو. حيات جو واسطو به ايس ايس ڪو سان هو.

ماڙيءَ مان نڪري جيل ۾ اندر ٿياسين ته سامهون وچ جيل ۾ ننڍو ڪوٽ چڪر جو هو ان تي به وڏو ڪارو در چڙهيل هو. کاٻي پاسي بئرڪون هيون. در جي پاسي ۾ ننڍڙا ڪمرا. ساڄي پاسي ٿورو پرڀرو به ڪمرا ٺهيل هئا. ڪمرن جي اڳيان سڄي جيل جو اڪيلو وڻ. ڏوٻي گهاٽ ۽ به حوض هئا. حڪيم صاحب کي ساڄي وٺي ويا. خبر پئي ته ساڄي پاسي، بي ڪلاس، بند وارڊ ۾ نظربنديءَ جو وارڊ آهي. حڪيم صاحب سزا لڳڻ جي باوجود به نظربند وارڊ ڏي موڪليو ويو جو ڪجهه ڏينهن اڳ ۾ نظربند ٿي آيو هو. مون کي کاٻي پاسي کان چڪر جي ٻاهران ڦيرائي چڪر جي بلڪل پويان بئرڪ ۾ وٺي آيا. اتي اها اڪيلي بئرڪ هئي. آفتاب رضا مغل ۽ ٻيا ڪيئي چهرا جن سان ستي لاڪ اپ ۾ جلوس ۾ شناسائي ٿي هئي، ڏسڻ ۾ آيا. نالي چڙهيو هئس، سيئي دوست وڏي پيار سان مليا. وڏي عزت سان بئرڪ ۾ پٽ پرسان پاٿاري وجهي ڏنائون. انهيءَ بئرڪ ۾ ئي ج.س.ا.ف جو حبيب الله ناريجو به هو. بئرڪ ساٿين سان ڀريل هئي. سيئي پ پ جا ڪارڪن هئا، سواءِ حبيب الله جي. ڪجهه ڏينهن ڪان پوءِ ڪامريڊ شميم واسطي، شير محمد مگريو محمد خان سولنگي، شبير بيدار پتو به اچي نڪتا، اهي سيئي ڪامريڊ هئا. پاڻ کي ڪميونسٽ ظاهر ڪو نه ٿي ڪيئون. تنهن ڪري هڪڙا ٽريڊ يونين جا ۽ ٻيا ايس اين ايس ايف جا هئا.

پ پ حيدرآباد ضلعي جا اڳواڻ سيد روشن شاهه سندس ڀاءُ سيد تاج محمد شاهه ۽ پياري ڏنل خان نظاماڻي وارا به اچي ويا. ڪچهريون مچي ويون ته جيل جو احساس به گهٽجي ويو.

جيل ۾ اچڻ شرط ماٺتاٺا ڪپڙا يعني گهر وارا ڪپڙا لهرائي پنهنجو ويس ڍڪيائون (جيل ۾ ڪپڙن ۾ مساوات آهي) ٻئي ڏينهن پريڊ تي سڏ ٿيو. پريڊ ايس پي جي دربار آهي. قيدي جوڙي جوڙي تي ويهندا آهن. ٻانهون گوڏن تي، ڪنڌ هيٺ هوندا اٿن. پريڊ ۾ وجي ويناسين. ايس پي ۽ ڊي ايس پي ڪرسين تي هئا، ٻيو اسٽاف ڪين گهيرو ڪيو بيٺو هو. قيدين کي ڪم تي لڳائڻو هو سيني جا ڪم لکيئون. ڊپٽي منهنجو واقف هو تنهن ڪري منهنجي بورچيخاني ۾ ڊيوٽي لڳي ته روز ماني جي ٽائيم تي وڃي سياسي قيدين جي ماني جي نگراني ڪريان.

ٻه ٽي ڏينهن بورچيخاني ويس. هو ڇا جنهن تي نگراني ٿئي ها! سڄي جيل جي ساڳي چانهه، ساڳيو ٻوڙ ساڳيون ڪاغذ جهڙيون ڦلڪيون. چانهه ڏسي اوڪارا ايندا هئا، پيٽ تي پري هو. ايس پي محبوب شاهه چاچا لعل بن يوسف جو واسطيدار هو. کيس خبر پئي ته مون کي سڏائي چيائين ته ”تون وڃي منهنجي گهر جي ڊيوٽي ڪر. ننڍڙن ٻارن کي ٽيوشن وغيره پڙهاءِ!“ وري سوچي چيائين ته ”ٻاهر وڃڻ لاءِ توکي پير ڪڙي هٽڻي پوندي، تون لعل سائينءَ جو ڀائيٽو آهين ۽ لعل سائين منهنجو محسن آهي، کيس، پير ڪڙيءَ جي خبر پوندي ته مون کي ميار ڏيندو، تون ڪو به ڪم نه ڪر وڃي وارڊ ۾ آرام سان ويهه.“

محبوب صاحب تہ مهرباني ڪئي. پر وارڊ ۾ آرام هو ڪٿي؟ وچٿري بئرڪ ۾ نہ پنکو هئس ۽ نہ در درين تي ڪا چاري وغيره. اس کي تہ جهل هوندي کونهي پر مکين جي بہ پسنديده جاءِ اسان واري بئرڪ هئي. بئرڪ جي پاسي ۾ قيدين لاءِ حاجت وارا هنڌ هئا. بئرڪ جو پنهنجو ڪاڪوس بہ خدا جي پناهہ! فرش ڪچو هيٺ مٽي. اسٽاف ٻڌايو تہ سياسي قيدين کان اڳ ۾ هن بئرڪ ۾ جيل جا گڏهہ پوريا ويندا هئا. واهہ جي ڳالهہ تي، گڏهہ ويا سندن جاءِ اسان اچي والاري. اها ڳالهہ تہ اجا بہ سٺي آهي جو گڏهن جي جاءِ تي انسان آيا پر ظلم تہ انهن ملڪن ۾ ماڻهن سان آهي جتي انسان وڃن ۽ گڏهہ اچن. ماڻهن جي جاءِ گڏهہ والارين، عالمن جي مصلن تي جاهل ويهن. مڙسن جا وارث ياڙي ٿين. ڳالهہ بئرڪ جي هئي، الائي ڪٿان وچي نڪتو آهيان. رات جو دوست دير تائين ڪچهري ڪندا هئا. وڏي واڪي ڪچهري بند ٿي تہ پڙ پڙ تہ اسر تائين ٻڌبي هئي. اک لڳي تہ مڇر هوشيار ڪري وجهندا هئا. اک کلي تہ گهڙيءَ لاءِ يارن جا کونگهرا سمهڻ ڪو نہ ڏيندا، تان جو ننڊ پاڻ مجبور ٿي کونگهرن کان بيپرواهہ ٿي اکيون پوري ڇڏي. کونگهرن تان ڳالهہ ياد آئي تہ سائين اسدالله شاهہ کونگهرا ڏاڍا هڻندو هو ۽ سائين حسين شاهہ سمهي ڪو نہ سگهندو هو. سائين اسدالله شاهہ جا کونگهرا بہ ڪيترن آوازن سان هوندا هئا. جيسين حسين شاهہ جاڳندو هو تيسين سائين اسد جا کونگهرا ۽ حسين شاهہ جا تبصرا جاري هوندا هئا. حسين شاهہ، غفور نظاماڻي، عالم شاهہ، غازي، رئيس غلام حيدر رند ۽ آءٌ سنڌ جي دوري تي وياسين. جيڪب آباد ۾ هڪڙو ئي ڪمرو مليو سمهڻ لاءِ، رات جو دير سان ستاسين. هڪڙن کي سوير ننڊ آئي ٻيا دير تائين جاڳندا رهيا.صبح جو حسين شاهہ چيو"خدا جي پناهہ، هڪڙا کونگهرا ٻيون اوڳرايون، اوڳرايون بہ اهڙيون جهڙو وٺاڻ ۾ ستا پيا آهيون ۽ ڪٺن سان پاڏا ٻڌا پيا هئا."

هتي بئرڪ ۾ بہ نہ رات جي ننڊ پوري، نہ ڏينهن جو آرام. ڏينهن جو گرمي سبب مٿان ڪپڙو نہ وجهي سگهجي. جي ڪپڙو مٿان ڪونهي تہ وري مکين جا ميڙا منهن تي، انهيءَ مصيبت کان بچڻ لاءِ مون گس اهو ڪڍيو جو سج جي اولهہ پاسي لڙڻ کان پوءِ بئرڪ جي سامهون چڪر جي پٽ جي ڇانوَ ۾ ڪمبل وڇائي، سر سيراندي ڏئي مٿان چادر وجهي سمهي رهندو هئس. هڪ ڏينهن چاچو شاهنواز اتان گذريو تہ پڇيائين ڪير ستو پيو آهي؟ منهنجي خبر پيس تہ مون کي جاڳائي پنهنجي ڪمري ۾ وٺي ويو. چيائين "آءٌ ٻنپهرن جو ڪو نہ سمهندو آهيان، ٻنپهرن جو تون منهنجي ڪمري ۾ اچي سمهندو ڪر." "بي" ڪلاس ۾ بہ ڏينهن ٻنپهرن جو مس ستس، پوءِ تہ ڪچهرين جي ڪري ننڊ ايندي ئي ڪو نہ هئي.

## چاچي شاهنواز سان ڪچهريون

"بي" ڪلاس ۾ چاچو شاهنواز خان، امدادالله انڙ، غلام شبير ڪليار، حاجي ڏٽي بخش ڪاڪا، سيد الله بخش شاهہ بخاري، آغا سليم، حرن جي ڪيس ۾ جوابدار مختيارڪار ۽ بہ ٽي ٻيا بہ هئا. سڄو ڏينهن ڪچهري مٽي پئي هوندي هئي. ڪچهرين ۾ حبيب الله ناريجو بہ هوندو هو. حبيب الله سان ڪچهري تہ تڏي شروع ٿيندي هئي پر ڪچهري جي پڇاڙي سدائين گرم هوندي هئي. پر ڪجهہ عرصي کان پوءِ حبيب الله جي ڳالهين تي چپ ڪي بهتر سمجهيم. حبيب الله خانبهادر کهڙي کي سنڌ

جو محسن سمجهندو هو. پيٽي صاحب جو نہ نالو وٺندو هوس، نہ ذات. پيٽي صاحب سان نفرت جڻ سندس روح ۾ شامل هئي. ظهور الاهي، ضياءَ جي وزارت ۾ ڪنيو ويو تہ حبيب الله منائي ورهائي. چاچو شاهنواز خان ٻڌائيندو آهي تہ پيٽي صاحب جي دور ۾ جڏهن حزب اختلاف جا ليڊر ڪراچي جيل ۾ هئا تہ حبيب الله ۽ ٻيا ج.س.ا.ف جا اڳواڻ ڏينهن رات ظهور الاهي جي دسترخوان جا ئي مهمان هئا. امدادالله انڙ بہ اڪثر سندس ڳالهين تي چڙي پوندو هو. امدادالله انڙ صاحب ان وقت حيدرآباد جو ڊي سي هو جڏهن ج.س.ا. ف وارن صوبائي وزير بديع الحسن زيدي کي اغوا ڪيو هو. انڙ صاحب جيئي سنڌ وارن جون ڏاڍيون مزيدار خبرن ٻڌائيندو هو. حبيب الله جا بحث ۽ دليل بہ ٻڌڻ جهڙا هوندا هئا. ٿورو بحث ڪري وري ٻئي کي چئي ڏيندو هو تہ تون هئين ڪٿي؟ توکي خبر ڪونهي؟“

نارا جيل ۾ مخدوم خليق الزمان جو مئنيجر ڏٽي بخش ڪاڪا صاحب بہ پنهنجو مٽ پاڻ هو. سچو ڏينهن ڪلندي ڪڏندي گذاريندو هو. ڳڻتي وارو تہ ڏيک ئي ڪو نہ ڏيندو هو. آءُ اڪثر سندس ڪمري تي ئي ماني کائيندو هوس. سڄو ڏينهن وٽس ئي ڪچهري متل هوندي هئي. خدا ڪيس وڏي زندگي عطا فرمائي. وڏو زنده دل انسان آهي.

نارا جيل ۾ ساڳي جاچ ۾ آيل آغا سليم ۽ الله بخش شاه بخاري بہ واهہ جو وقت گذاريندا هئا. آغا صاحب سهڻي شخصيت جو مالڪ هو تہ گفتگو بہ ڏاڍي سهڻي ڪندو هو. سندس ڳالهائڻ جو انداز ۽ ٻولي بہ سيني کي وٺندي هئي. آغا صاحب جو سگريٽ جو ڪش تہ سبحان الله! هڪڙي ڪش ۾ جڻ سموري جوانيءَ جو مزو وٺندو هو. جيل ڪيڏي ڪيڏي مهل پريشان ڪندو هئس. مون ڪچهريءَ ۾ پڇومانس تہ ”توهان تہ قوم کي سجاڳي جو گس ڏيکاريندا آهيو اوهين تہ جدوجهد لاءِ اتساهيندا آهيو اوهين ڪيڏي ڪيڏي مهل پريشان ٿا لڳو ڇو؟“ تہ چيائين: ”من، اسان جو ڪم لکڻ آهي، اسين فقط سوچ ڏيندا آهيون، اسان جو ڪم جيلن ۾ اچڻ ڪونهي، جيل سياسي ڪارڪن ڪاٽيندا آهن، اديب ۽ دانشور نہ.“ ڳالهہ تہ آغا صاحب جي سچي هئي تہ دانشور رڳو دانشمندي جون ڳالهيون ڪندا آهن جدوجهد نہ پر اڄ دنيا جي ڪيترن ئي اديبن ۽ دانشورن کان دنيا واقف آهي جن قومن کي گس بہ ڏسيا تہ قوم جي عملي طرح اڳواڻي بہ ڪئي آهي، شايد انهي ڪري ئي انهن قومن پنهنجي منزل ماڻي آهي جو گس ڏسيندڙن ئي سندن رهنمائي ڪري صحيح رستي تان قوم کي وٺي ڪاميابي سان همڪنار ڪرايو آهي.

آغا صاحب واري جاچ ۾ شامل الله بخش شاهہ بخاري تہ مست سيد هو. چوويهہ ڪلاڪ ئي چست، ڪچهري ۾ اندران ٻاهران حاضر، گفتگو ۾ بہ صاف تہ ڪلڻ ۾ بہ سچائي. سائين صبح جو سوير اٿي گيڙو چادر سان پاڻ ڍڪي گهڙيءَ لاءِ مراقبو ڪندو هو. صبح جو شاهہ پڙهندي يا ريڊئي تان ڪا پٽ ڏٽيءَ جي ست وٽي ويس تہ سڄو ڏينهن پيو اها ست جهونگاريندو. هڪ دفعي صبح کان رات تائين ”ور ميان خان بلوچا“ جهونگاريندي ٻڌومانس. شاهہ جا بيت بہ مست ڪندا هئس، اهي هر وقت سندس زبان تي هوندا هئا. جيترا ڏينهن جيل ۾ رهيو خفو ۽ خفت ويجها ڪون ڏناسونس.

نارا جيل ۾ چاچي شاهنواز خان سان ڏاڍيون مزيدار ۽ معلوماتي ڪچهريون ٿيون. چاچو گهوڙن، ڪتن، ڪڪڙن، ميلن ملاڪڙن جو شوقين، سڄي سنڌ جي ميڙن جي شوقينن ۽ ملاڪڙن جي پهلوانن جا

تذڪرا هئا. پير صاحب پاڳاري، مخدوم صاحب، ڄام صادق علي، ڄام انور علي، رحمت الله ٻهڻ سان ته گهرو تعلق هئس. پر سنڌ جي ٻين ميرن پيرن وڏيرن ڪانسواءِ ڏاڙيلن جي دوستي جا احوال به ٻڌائيندو هو. ٻڌايائين ته ”سنڌ جي مشهور ڏاڙيل فيضو ورياهه سان دوستي ٿي پئي، ان دوستيءَ ۾ 16 سالن جي عمر ۾ گرفتار ٿيس. انهن دوستين تر ۾ دشمنيون به وڌائي ڇڏيون. گهڻا مائٽ لڏي وڃي ٽنڊي آدم شهر ۾ ويٺا پر مون ڳوٺ نه ڇڏيو مون سڄو سال بندوق ڪٽي، راتين جو گهر تي پهرو ڏنو. جاڳڻ ڏکيو هو تنهن ڪري آفيم ڪائيندو هوس ته جاڳي سگهان. سڄو سال جو آفيم ڪاڌم ته عادت پئجي ويئي، هڪڙي ڏينهن نهايت پيارو دوست ملڻ آيو ته مرڳو وڙهي پيومانس. ڏاڍو پڇتايم. پوءِ احساس ٿيم ته ان ڇڙ جو وڏو سبب آفيم آهي. آفيم ڇڏڻ جو فيصلو ڪيم پر ڇڏڻ ڏکيو هو تنهن ڪري وڃي مسجد وسايم. فجر، اشراق ويندي عشاءَ نفلن تائين سڄو ڏينهن رات مسجد ۾. نيٺ آفيم مان جند ڇڏايم.“ چاچو شاهنواز ڏگهڙيءَ جي نوحاڻين جي به ڏاڍي ساراهه ڪندو آهي ته: ”ڏاڍا مڙس، بهادر، سٺا دوست، ڪڪڙن ڪتن جا شوقين. جوانيءَ ۾ ڪيل، چورين، ڌاڙن ۽ جهيڙن جا قصا به وڏي فخر سان ٻڌائيندا، عاشق به حد جا، اڻ پڙهيل پر پٽ ڏٽيءَ جا حافظ، سڄي رات شاهه جا بيت ٻڌائيندي رات گذاري ڇڏيندا آهن.“ چاچو نوحاڻين ۾ پنهنجي حسيب خان جو ڏاڍيون تعريفون ڪندو آهي. چاچي انهن نوحاڻين جا مزيدار ۽ حيران ڪندڙ احوال به ٻڌايا.

چاچي شاهنواز خان ڪي جن ٻڌو ۽ ڏٺو سي ڪيس سخت مزاج ۽ ڏاڍي دل وارو ئي سمجهن ٿا پر ناري ۾ چاچي ڪي شاهه جي بيتن تي روئيندي ڏٺم ته حيران ٿي ويس ته چاچي جي دل اهڙي به آهي جنهن تي شاهه جو بيت اثر ٿو ڪري، هڪ دفعي چاچي چيو ته ”پٽائيءَ جي مختلف سرن مان بيت پڙهه.“ پٽائيءَ جي مختلف سرن مان بيت پڙهڻ شروع ڪياسين: پورب، سامونڊي، بروو سنڌي، مون ڏنو ته بيت ٻڌڻ مهل چاچي جون اکيون پرجي ٿي آيون ۽ منهن جو رنگ ڳاڙهو ٿيندو ويو. جيڏي مهل رپ جا بيت پڙهڻ شروع ڪيم ته چاچي جو صبر ٽٽي پيو ۽ بي اختيار روئڻ لڳو.

چاچي ٻڌايو ته اڪثر، ظلم ۽ جدائيءَ جا داستان ڪيس روئاڙي وجهندا آهن. ٻڌايائين ته ڪجهه ڏينهن اڳ ۾ هندستان جي اڳوڻي ڪمانڊر انچيف جي خود نوشت ۾ ڀڳت سنگهه ۽ سندس ڦاسيءَ جو احوال پڙهي ڪافي دير روئندو رهيو. چاچو جيل ۾ ورزش ۽ مطالعو پابنديءَ سان ڪندو آهي. ڪافي ڪتاب گهرائي پاڻ وٽ رکيا اٿس، ڪتابن ۾ اڪثر تاريخ جا ڪتاب آهن. امدادالله انڙ صاحب به پابنديءَ سان پڙهندو هو. انڙ صاحب وٽندڙ ڪتاب ڪي پڙهي انهي ڪتاب جو تت ۽ پنهنجي راءِ رڪارڊ ڪري ڇڏيندو هو. سندس چوڻ هو ته آئينده اها ڪيسٽ ٻڌڻ به سڄو ڪتاب پڙهڻ جي برابر هوندي ۽ ڪافي وقت بچي پوندو، مطلب ته ناري ۾ ڪڇهريون ته ڄام هيون پر چاچي وٽ گذاريل وقت دلچسپ ۽ ڪارائتو هو.

نارا جيل جا اهي ڏينهن مارشل لا جا جاهه و جلال وارا ڏينهن هئا. وڏا وڏا ڪنڌار ڏسڻ ته نهيو پر ٻڌڻ ۾ به ڪو نه ٿي آيا. انهن ئي ڏينهن” اصلاحي ڪميٽيون“ ناهيون پئي ويون. پارٽي جا ڪيئي نامور رهنما ۽ ڪارڪن انهن اصلاحي ڪميٽين جا ميمبر ٿيا، ڪي لڪل ته ڪي ظاهر پر گهڻو ڪري سپ وڏا ماڻهو آتا هئا. مارشل لا وارن جو ماڻهو ٿيڻ لاءِ فوج جي ضابطي ڪين مجبور ڪري وڌو هو نه ته اهي

وڏا ماڻهو سڀ فوج ۾ پرتي ٿيڻ لاءِ تيار هئا.

اهڙن وڏن ماڻهن وچ ۾ ايڪڙ ٻيڪڙ وڏا ماڻهو اهڙا به هئا جيڪي عوام جا محبوب ٻڌيل هئا. مخدوم خليق الزمان ان وقت انهن محبوبن مان هو. مخدوم صاحب ان وقت خيرپور جهڙي گرم جيل ۾ نظربند هو سندس خط ۽ خبرون اينديون هيون جن مان سندس بلند حوصلي جي خبر پئي پوندي هئي. نظربندي بنھ ڏکي هئي. نظربند عام توڙي سياسي قيدين کان الڳ رکيا هئا. ناري ۾ به نظربندي وارڊ ڏکيو هو سندس مهمان ٻاهر نڪري ماڻهن کي ڏسي به ڪو نه سگهندا هئا. موقعو ملندو هو ته دروازي جي سيرن مان ليئو پائي ڏسندا هئا. انهيءَ مهل ڪو واقف اتان گذرندو هو ۽ جي ٻنهي جون اکيون چار ٿي ويندييون هيون ته ڪجھ اکين سان، ڪجھ تڪڙ ۾ چپن سان به ٻول ڳالهائي وٺندا هئا.

پرين هن پيار پنهنجي تي لڳا پهرن مٿان پهرا،
ته لڪ لانگها جهلي منشي، پيا اک ٽيٽن ۾ ملنداسين.

بند وارڊ ۾ حڪيم ايچ ايم سومري جي ته گهوڙا گهوڙا پئي پوندي هئي پر لاڙڪاڻي جو بزرگ رهنما چاڪر علي جوڻيجو وڏي صبر ۽ همت وارو ڏيک ڏيندو هو. ڪافي عرصو هن جيل ۾ نظربند هو هن سان گڏ عبدالوحيد ڪٽپر صاحب به سکر مان بدلي ٿي آيو پر سندس ساراهه ڪو نه ٻڌڻ ۾ آئي. روج راڙو جام ڪندو هو. گهر وارن لاءِ بنھ آتو هو سرڪار سان ناراضگي ختم ڪيو وينو هو رڳو سرڪار جي ناراضگي ختم ٿيڻ جي دير هئي. ڪٽپر صاحب پهرين اسپتال داخل ٿيو ۽ پوءِ جلد رها ٿيو.

چاڪر علي جوڻيجو صاحب گرميءَ ڪري پنير پيو پيئندو هو. اسان جو هڪڙو دوست جنهن کي ٻين سڪين قيدين جا ڪيڪ، مانيون، سئيون، گيھ کائڻ ۽ پيئڻ مان لطف ايندو هو ۽ اڪثر ٻين جا سامان ۽ ڪپڙا پيو استعمال ڪندو هو. تنهن جوڻيجي صاحب کان پنير پيئڻ جو سبب پڇيو. جوڻيجي صاحب ٻڌايس ته گرميءَ ۾ سنو آهي. جوڻيجو صاحب آزاد ٿيو ته ان دوست چاڪر صاحب کان پنير جو دٻو ۽ نڪر جو ٿيو به گهري ورتو. هڪڙي ڏينهن روشن شاهه ۽ ڏنل خان وارن ڏٺو ته اهو دوست ٿيي مان ڪجھ ڪڍيو پيو کائي. کائڻ مهل سندس هٿ مان ريگهاڙا پئي ڳڙيا. پڇيائونس ته ڇا پيو کائين؟ چيائين ”چاڪر صاحب پنير ڏئي ويو آهي، گرمي کان چڱو آهي سو پيو کاوان.“ ڏنل خان وارن سمجهايس ته پنير پسائي ڇاڻي ان جو پاڻي پيئبو آهي. چيائين“ مون کي ته خبر ئي ڪو نه هئي، آءٌ روز پنير پسايو کايو وڃان ۽ پاڻي هاريو ڇڏيان.“

چاڪر صاحب ۽ سومرو صاحب رها ٿي ويا ته وارڊ نظربندن کان آجو ٿي ويو ۽ اسان واري ٻئرڪ به پرجي ويئي ته روشن شاهه، ڏنل خان، تاج محمد شاهه ۽ آءٌ به هن وارڊ ۾ اچي رهياسين. ڪمري ۽ باٿ روم جي سهولت هئي باقي ڪچهري ٻئرڪ ۾ واهه جي هئي. ڄام شوري، هالا، ٽنڊي ڄام، ٽنڊي محمد خان، بلڙي شاهه ڪريم، حيدرآباد شهر ۽ آسپاس جا دوست جام هئا. چرچا، لطيفا، بحث مباحثا وندرايو وينا هوندا هئا. روز رات جو راڳ جي محفل ته ضرور ٿيندي هئي. انهيءَ محفل جو آخري آئٽم منهنجو هوندو هو. آءٌ لولي ڏيندو هوس ته:

”سنڌڙي به تون منهنجي جندڙي به تون
او منهنجي ڌرتي به داتا به تون

جڳ جيئي پاڻ لئہ آءُ نہ اهڙو هيان
شال تو لئہ مران شال تو لئہ جيان
تيرٿ ٻي تون منهنجا تڪيا بہ تون
منهنجي مُڪتي بہ تون منهنجي ماتا بہ تون
تنهنجا دودا جيئن تنهنجا دولهہ جيئنِ
شال پنهنجا بہ لايا سجايا ٿين
ٻاگهي بہ تون منهنجي تارا بہ تون.

اها لولي 67_1968ع واري دور ۾ نياز همايوني کان ٻڌي هئم. انهيءَ زماني ۾ نياز صاحب ڏاڍي پياري آواز ۽ انداز سان پنهنجي شاعري ٻڌائي، ماڻهن جا جذبا جوان ڪري ڇڏيندو هو. نياز صاحب جو ”آزادي اعلان اسان جو، آزادي ايمان اسان جو“ ڏاڍو مقبول هو پر سندس دوهن جو رنگ ئي ٻيو هو. نياز صاحب بہ مستيءَ ۾ ٻيو ڳائيندو هو تہ پرجوش هجوم بہ نياز صاحب سان گڏ پيو جهومندو هو.

سنڌڙي منهنجي ماءُ او جيجل، توتان گهور ٿيان،
شال نہ ٿيان غدار سنڌءِ، پل ڏاڪو ٿيان يا چور ٿيان،
ڪڏهن تہ لال ڪنوار هئين، اڄ بيوه جان بيحال ابو!
سنڌڙي تنهنجي جهول ڪي جس پر دل وارن جو ڪال ابو!

روئندي روئندي نير ڪٽي ويو لهو اڃي ويو لڙڪن ۾،
آءُ ڪيئن ڪلندي ڪير پيان منهنجي سنڌڙي آهي سڏڪن ۾،
سنڌڙي تنهنجا وير جيئن تون شاد رهين آباد رهين،
شال ڏسان ڏينهڙا جڏهن جيجل ڪان آزاد رهين.

سنڌڙي تنهنجي نانوَ تان، صدقي منهنجا سپ سنگيت الا،
جيسين جيئندس تيسين لکندس تنهنجي غم جا گيت الا.

جذبن سان سچائيءَ واري دور ڪي ياد ڪندي الائي دل ڪٿان وڃي نڪتي آهي. ڳالهہ هئي ناري جيل جي. سو بئرڪ ۾ روز رات جو راڳ جي محفل ڪان پوءِ لولي شروع ٿيندي ئي دوست سمهڻ جي ڪندا هئا، پوءِ پڙ پڙ پلي سڄي رات پيئي هلي پر وڏي واڪي واري ڪچهري پوري ٿي ويندي هئي.

بئرڪ مان نڪري نظربند وارڊ ۾ اچي رهياسين. روشن شاهہ، ڏنل خان ۽ تاجل شاهہ گڏ هئاسين. اهي سيئي دوست، ٻاهر جا بہ دوست هئا. هتي بہ سندن ساٿ ڏاڍو پيار وارو هو. ڏنل خان جا مثال، چرچا محفل کي ڪنيو وينا هئا. سندس پيارو آواز بہ رات جي اداسيءَ کي گهٽائي ڇڏيندو هو. نارا جيل انتظامي لحاظ کان ڪيڏو بہ ٿڌو هجي پر موسم جي لحاظ کان ٻارهن مهينا گرم. ڏينهن جو اونهاري جي ٻاهہ تہ رات جو ڪمرن ۾ ٻوسٽ. ويتر مينهن شروع ٿيو تہ لائيٽ جي لڪ لڪوتي وڌي ويئي. سڄي رات بہ جاڳٽو پوندو هو. مينهن ۾ سڄي ڇت پئي ٽمندي هئي، ٽانو نڪر، ڏٻا لوٽا سپ رکندا هئاسين ٽمڻ واري جاءِ تي ۽ اسين هنڌ ويڙهيو ان تي ڇڙهيا وينا هوندا هئاسين، تان جو مولائي سپرنٽنڊنٽ

سيد محبوب کي اسان تي رحم پيو ۽ اسان کي ٻاهر سمهڻ جي اجازت ملي.

هن دفعي ٻه ٻاهر سمهڻ جي اجازت ملي آهي، پر هن دفعي دوست جام آهن، سڄو ڏينهن ٻه ڳالهين ۾ گذريو وڃي ته رات جو ٻه دير تائين ڪچهريون قائم آهن.

سردار خان 1995ع ۾ حج تي سائين خورشيد شاهه واري قافلي ۾ هو. سون تي سهاڳو ڄام آفتاب، سردار خان سان ٽيم ۾ شامل ٿي ويو. بس سڄو حج جو زمانو هئا ٺهڪ. منيٰ عرفات جا خيما ته آسمان تي هئا. خدا سائين ڄام آفتاب ۽ سردار خان کي تندرستي ڏي، جيل ۽ سفر ۾ شل سدائين گڏ هجن.

## جيل ۾ حشر جي رات

(19_ جولاءِ 1984ع)

رات ٻين وڳي ڌاري اک کلي، ڏٺم ته ڪامريڊ شير خان جاڳيو پيو، لائيٽ ڪو نه هئي. ڪمري ۾ گهٽ ۽ گرمي ڏاڍي هئي، حشر جي رات ٿي لڳي. ڪامريڊ ۽ آءٌ وڃي دروازي تي ويٺاسين. ڪچهري ڪندا رهياسين. ٽين وڳي ڌاري ڪامريڊ ٻه ٽڪجي وڃي ليٽيو. چئين وڳي ڌاري ڪجهه رات ٺري ته آءٌ ٻه وڃي ستس.

## ”گنجا پير پارٽي“

(20_ جولاءِ 1984ع)

رات تمام گهٽي گرمي هئي. ماڪوڙن ۽ جيتن جا ٻه ميڙا هئا. ٻاهر ستاسين پر ننڊ نه آئي. جهوٽو مس ٿي آيو ته ماڪوڙن جا ولر بت تي چڙهيو ٿي ويا. ٽين وڳي تائين پاسا ورائيندو رهيس، ٻيا ٻه ڪافي دوست جاڳي رهيا هئا. ڪامريڊ شير خان ڪمري ۾ ستل هو لائيٽ ويئي هلي ته اهو ٻه ٻاهر اچي ستو. ٿوري دير ۾ لائيٽ آئي، ڪامريڊ وري ڪمري ۾ ويو پر لائيٽ وري ويئي هلي ۽ ڪامريڊ وري ٻاهر آيو. محي الدين ٻه ڪمري ۾ هو تنهن جي ٻه اچ وڃ شروع هئي. آخر ٽين وڳي لائيٽ آئي، آءٌ ٻه وڃي ڪمري ۾ ستس.

رات دير سان ستاسين تڏهن ٻه ستين وڳي اٿي ناشتو ڪري ويهي رهياسين، جو اڄ جمعو هو وارڊ ۽ ڪمرن جي صفائي ٿيڻي هئي. صبح جو ڪافي دير تائين ستار، ڪامريڊ ۽ آءٌ تاش راند ڪندا رهياسين. ٻارهين وڳي ڌاري نثار گاڏهي بلوچ، ملڪ اڪبر، احمد ڀائي، علي محمد جتوئي ۽ سومرو صاحب آيا، ڪچهري ٿي. هميشه وانگر گيتن جي نشست ٻه ٿي. علي محمد، شير خان، سومري صاحب ۽ مون ٻه گيت ٻڌايا. نثار گاڏهي ٺنڊي محمد خان جو رهاڪو ۽ منهنجو پراڻو پيارو دوست آهي. ڪاليج واري زماني ۾ مغربي پاڪستان جي ٿوئر تي ويا هئاسين، ڏاڍو دلچسپ وقت گذريو. نثار شاگردي واري زماني ۾ ماروئڙا فيڊريشن ۾ هو. ملڪ اڪبر، تمام پيارو ۽ مڙس ماڻهو دوست آهي، جيل ۾ وڏي همت سان وقت گذاري رهيو آهي. سيئي دوست سندس عزت ڪندا آهن. احمد ڀائي دوائن جي ڪمپني جو مالڪ آهي، واپاري آهي، جيل ۾ ڏاڍو سٺو دوست ٿي ويو آهي، وڏو زنده دل شخص آهي.

علي محمد جتوئي سپاف جو پراڻو دوست آهي، پ پ رهنما ارشاد جتوئي جو پاءُ آهي. آواز ڏاڍو مٺو اٿس. شام جو وارڊ ۾ چهل پهل هوندي آهي. ڪي شطرنج، ڪي والي بال، ڪي تاش ته ڪو وري ڊوڙ ڊڪ ۾ لڳو پيو هوندو آهي. سڄو ڏينهن گرمي هئي، هينئر ٿوري ٿڌي هوا لڳي آهي، رات ٺرڻ شروع ڪيو آهي. سنگت ڇئن پنجن جي گروپن ۾ ڪچهري ڪري رهي آهي ته سردار خان مخصوص انداز ۾ هڪل ڪري چيو: حضرات! چند منٽن ۾ ”گنجا پير پارٽي“ پنهنجي فن جو مظاهرو ڪندي. اڄڪلهه سڄي پير برادري وار لهرائي روڊ تي ويئي آهي. سيئي مائٽ گڏ هلندا ويهندا آهن ته وڏو مزو ڪندا آهن.

فن جو مظاهرو شروع ٿي چڪو آهي: پير جان محمد ڏاڍي سٺي انداز ۾ وينو ڳائي ته ”چوٽ ڏاڍي لڳم پر ڪيم درگذر“ پير اعجاز تاڙيون تي ۽ پير سليم مَٽ تي وڄت پيا ڪن. پير مڪرم پڻ ۾ وينو اٿن. محفل رات جي پوين پهرن تائين جاري رهندي، پاڻ سمهڻ جي تياري ٿا ڪريون. پير مڪرم رهاڻين جو راڻو آهي. رنگ برنگي محفلون ٻاهر به واهه جون مچائيندو آهي. شعر، شاعر، موسيقي ۽ فنڪار سندس ڪچهرين جا مستقل مهمان هوندا آهن.

## هڪ مستانو شهيد ڀٽي جي تصوير ڏسي زارو زار روئندو رهيو

(21_ جولاءِ 1984ع)

رات دير تائين ڪچهري ۽ راڳ جي محفل هلي. پير جان محمد ڏاڍا سٺا اردو گانا ٻڌايا، آخر ۾ هو جمالو به ٿيو سڀني دوستن جمالو ۾ حصو ورتو پر شير خان لنڊ جو ٺيٺ سنڌي نچڻ واهه جو هو. صبح جو سوير اڪ کلي ائين وڳي ڌاري ناشتو ڪيوسين. وارڊ ۾ اوچتو ڪارن ڪيڙن پاتل هڪڙو مستانو اچي نڪتو ڪافي دير تائين چرين واريون حرڪتون ڪندو رهيو وري اچي ڪل ۾ پيو. کلندي کلندي روئڻ لڳو. برداشتي منٽن سان خاموش ڪرايس. سردار خان پاسيرو ٿيو پيو هو. مستاني وڃي ان کي زور ڏيڻ شروع ڪيا. مستاني کي ڳالهائڻ ڪو نه ٿي آيو. سندس ٽٽل ڦٽل جملا سمجهه ۾ ڪو نه ٿي آيا. زور ڏيندي اٿيو ورانڊي مان ٻاهران چڪر ڏيئي وري اچي روئڻ شروع ڪيائين. ڪامريڊ شير خان چيو ته لڳي ٿو: ڀٽي صاحب جي تصوير ڏسيو ٿو روئي. وارڊ جي ورانڊي ۾ پير معظم ڀٽي صاحب جون 2 تصويرون ڀتين تي ڪوئلي مان ٺاهيون آهن. ڪامريڊ سچو هو ٿوري دير کان پوءِ مستانو اٿيو ۽ ورانڊي ۾ تصوير جي سامهون بيهي سلوٽ ڪرڻ لڳو. ڪافي دير سلوٽ ڪندي بيٺو رهيو ۽ وري اچي روئڻ ۾ پيو. سڀ ڪري مستاني کي پاسي ۾ ويهاري پڇندا رهياسين، ته هن فوٽو کي سڃاڻين ٿو؟ هيڏانهن هوڏانهن ڪنڌ هٽي ها ڪيائين. پڇيوسين ڪنهن جو آهي؟ گگ ڳاڙيندي ڏند پڪوڙي وڏي مشڪل سان چيائين: ذوالفقار علي ۽ پوءِ اٿيو وڃي تصوير کي سلوٽ ڪيائين ۽ پوءِ ڪافي دير تائين روئندو ڪلندو رهيو ۽ ويو هليو.

پير معظم تصويرون سٺيون ٺاهيندو آهي. وارڊ ۾ ڀٽي صاحب جون به تصويرون به ديوارن تي ٺاهيون اٿس. سردار خان جي تصوير سڀني سنگتين جي توجهه جو مرڪز آهي، تر به اصل کان مختلف

ڪونهي. پير معظم حيدرآباد جيل ۾ به پٽي صاحب جون مختلف وارڊن ۾ تصويرون ٺاهيون هيون. پٽ شاهه جي راڄ راهو به سٺي تصوير ٺاهي هئي. اسان جي وارڊ ۾، تقريباً هر وارڊ ۾ سامهون واري پٽ تي پٽي صاحب جي وڏي تصوير ٺاهي ويئي هئي. جيل ۾ هينئر بي جيڪا تصوير مشهور آهي سا سنڌ جي نوجوان مصور محمد علي پٽي جي ٺاهيل لاکيٽي لطيف جي تصوير آهي، جنهن جي تازو سنڌيالاجي ۾ رونمائي ٿي آهي. آءُ اسپتال ۾ هئس ته اها تصوير اخبارن ۾ شايع ٿي هئي. اها تصوير گهر وارا مون کي ڏيکارڻ لاءِ کڻي آيا. ڏاڍي پياري تصوير هئي. وڏي تصوير فريم ڪرائڻ لاءِ گهر وارا کڻي ويا. ننڍڙي مون پاڻ وٽ رکي. اسپتال مان جيل آيس ته منير چيو ته تولاءِ سوکڙي رکي اٿم ۽ پوءِ ڪڍي اها تصوير ڏنائين، ٻڌايائين ته تصوير ٻاهر موڪليان ٿو فريم ڪرائڻ لاءِ، گهر ۾ رکندس. غازي خيرپور مان بدلي ٿي آيو ته ان تصوير جي تعريف ڪيائين ۽ وٽس به اها تصوير هئي. شير خان ۽ مون اها تصوير حيدرآباد ۽ نارا جيل جي ڪمري ۾ لڳائي. ڊپٽي جي ٽيبل ۾ به اها تصوير هئي. پٽائي پلاري جي تصوير جي مقبوليت پٽ ڌڻيءَ سان ته عشق جو اظهار آهي ئي پر ان تصوير جي مقبوليت تخليقڪار محمد علي پٽيءَ لاءِ به خراج تحسين آهي.

صبح ڪان وٺي جهڙڪار ڪيو بيٺو هو. ڏهين وڳي ڏاري سنهڙي بوند شروع ٿي ٻارهين وڳي ڏاري وسڪارو. دوست وهنجندا ۽ والي بال کيڏندا رهيا. وارڊ کان ٻاهر ڏاڍي گپ هئي، گپ به ڪلراٺي ٻڇڙي گپ. نثار بلوچ، علي محمد جتوئي ۽ ٻيا دوست پنن ۽ پيرن اگهاڙا اچي نڪتا. ملڪ صاحب وارا ڪو نه آيا. ماني سيني کي گڏجي کائڻي هئي سو پيرن اگهاڙا ترڪڻ کان بچندا وڃي ملڪ صاحب وارن کي وٺي آياسين. ماني گڏجي کاڌي سين. اڍائي وڳي سنگت ڪچهري ڪري وارڊن ڏانهن وري. ڇهين وڳي وارڊن ۾ راند روند شروع ٿي ويئي. تاش راند تي اٺ ويهه جي شرط هئي. ستار ۽ پير اعجاز 3 پيرا اٺ ويهه ڪئي. سردار خان اٺ ويهه ۾ مزو ڪندو آهي. پهلوان مڙس ويهي ڪو نه سگهي، پوءِ گوڏن تي هٿ رکي رڳو هيٺ مٿي پيو ٿيندو آهي. سنگت پٽي ڪلندي آهي. سردار خان اڄ به اٺ ويهه ڪئي ۽ پير معظم ۽ سردار جي ياءُ آصف کان مقابلو ڪٺي کين به اٺ ويهه ڪرائي. هنن اٺ ويهه ڪئي ته سردار وٺي هڪلون ڪيون. توبهه توبهه جا نعرا بلند ڪيا. سردار ۽ آصف في سبيل الله ضد ۾ آهن. ٻنهي کي هڪٻئي کي ڏکيو ڪرڻ ۾ لطف ايندو آهي. مقابلا هلن پيا ۽ شڪيل پناڻ خيري سلي اچي چادر وجهو سنئون سڌو ستو پيو آهي.

## منهن ۾ مسلمان اندر ۾ ابليس

(22_ جولاءِ 1984ع)

صبح جو ملاقات جو سڏ ٿيو ويس ته بابا، منير رنڌاوا ۽ سندس ماسات آيل هئا. ڪجهه دير ڪچهري ٿي. منير ٻڌايو ته جنرل ضياءَ کي بار جي دعوت ڏني ويئي آهي. بار ۾ افواهه آهن ته ضياءَ جي اچڻ وقت ڪجهه وڪيلن کي نظربند ڪيو ويندو. منير اهو به ٻڌايو ته حسين شاهه ڳالهه ڪئي آهي ته مير پيو ڊي ايم ايل اي سان مولابخش جي رهائيءَ جي ڳالهه ڪئي پر ڊي ايم ايل اي چيو ته ”چانڊيو

ڪميونسٽ ٿي ويو آهي ۽ پارٽي ۾ هارين جي تنظيم قائم ڪري، ڪميونسٽن لاءِ ڪم ڪري رهيو آهي."

گرفتاري مهل "اليڪشن ڪرايو. جمهوريت بحال ڪريو" جو نعرو بلند ڪيوسين ته ملڪ دشمني جي الزام هيٺ ڪيس هلائي سزا ڏني اٿن. هاڻي ڪميونسٽ سمجهي نظربند ڪيو اٿن. جيئن ته سمجهه ۾ اچين تيئن ٿا ڪن. باقي سڀ غلط آهي. چونڊن جو مطالبو نه ڪريو. سياسي ڪم نه ڪريو. پر جي سياسي ڪم ڪريو ته هنن جي صلاح سان ڪريو. پوءِ اسان جهڙو ڪو اشراف ڪونهي! اڄڪلهه هنن سان قوم جا قاتل، ڌاڙيل ۽ لٽيرا ساٿاري ٿي ولي بڻجي ويا آهن. جڳن جا ڏوهاري قوم کي نمازون پڙهائڻ ۽ اسلامي نظام کي نافذ ڪرڻ لاءِ ڪوشش ۾ آهن. منهن ۾ مسلمان اندر ۾ ابليس.

## حيدرآباد بار پاران جنرل ضياءَ کي خطاب جي دعوت

(23_ جولاءِ 1984ع)

صبح جو 11 وڳي ڏاري عبدالحسين پنهور ملاقات تي آيو. هڪ وڳي ڏاري وري ملاقات جو سڏ ٿيو. ويس ته ستار راڄپر به ملاقات پئي ڪئي. منهنجي لاءِ عاقل لوڌي ۽ حيدرآباد جو نوجوان وڪيل بيٺا هئا. عاقل ايم آر ڊي جي سياسي قيدين جي سلسلي ۾ ڪافي سرگرم آهي. عاقل چيو ته حيدرآباد بار وارا بزدل آهن. قيدي وڪيلن لاءِ قرارداد نٿا پاس ڪن. وڏيڪ چيائين ته هاڻي هو منهنجي ۽ ٻين قيدي وڪيلن جي رهائيءَ لاءِ سنڌ بار ڪان ريزوليشن پاس ڪرائي حيدرآباد وارن کي به ٻڌائيندو. عاقل سان گڏ آيل نوجوان وڪيل ٻڌايو ته حيدرآباد بار طرفان جنرل ضياءَ کي دعوت ڏني پئي وڃي. انهيءَ سلسلي ۾ حسن محمود بيگ ڪوشش پيو ڪري. ضياءَ کي دعوت ڏيڻ جي ڪري ڪن وڪيلن بيگ تي "مير جعفر" نالو رکيو آهي. ان دوست اهو به ٻڌايو ته سينئر سول جج وٽ حسن محمود ۽ ٻئي وڪيل کي آرگيومينٽ ڪرڻي هئي. جج صاحب ٻئي وڪيل کان پڇيو ته گهڻو وقت وٺندؤ؟ وڪيل جواب ڏنو ته، "آءُ ته ڪلاڪ کن ڳالهائيندس، باقي مير جعفر کان پڇو ته هو گهڻو ٽائيم وٺندو. سڄي هال ۾ ٽهڪڙو مچي ويو ۽ حسن محمود ڏاڍو ڦڪو ٿيو.

حيدرآباد بار ۾ سينئر اردو وڪيل گهڻو ڪري پ پ جا سخت مخالف آهن. هاڻ ڪورٽ بار ۾ انهن جي اڪثريت ڪامياب ٿي آهي. هر اليڪشن ۾ گڏيل فيصلو ڪري حصو وٺندا آهن. انهيءَ گروپ ۾ سينئر وڪيل حسن محمود بيگ، ڪمال الدين، احد يوسف، راحت ڪاظمي ۽ ٻيا وڪيل آهن. حيدرآباد جو مست وڪيل ڊاڪٽر ممتاز پناڻ انهن وڪيلن جون لاڪون لاهيندو آهي، راحت ڪاظمي کي ڪراهت ڪاظمي سڏيندو آهي.

سياسي قيدين جي سلسلي ۾ جناب قربان علي چوهاڻ ۽ رسول بخش انڙ سميت سمورا سنڌي سينئر توڙي جونيئر وڪيل وڏي همت ۽ جذبي جو مظاهرو ڪندا آهن پر ايم آر ڊي ۽ پ پ جي حوالي سان محترم عبدالمجيد پٽي، محترم الله بچايو لغاري، محترم قاضي عبدالستار ۽ محترم اشرف لغاري اهم ڪردار ادا ڪيو آهي.

# سردار خان جي رهائي

(26۔ جولاءِ 1984ع)

صبح جو تيار ٿي وينس تہ يارهين وڳي ڏاري ملاقات جو سڏ ٿيو گهر وارا ملاقات تي آيا هئا. گهڻو ڪري گهر وارا پروگرام سان ايندا هئا پر اڄ اوچتي ملاقات هئي. نسرين ڪافي پريشان هئي. ٻئي ٻار، سميرا ۽ ننڍڙو عمير گڏ هئس. ٻار ڪافي ڪمزور هئا. نسرين چيو تہ "پريشانيون وڏي ويون آهن. ڪيئن بہ ڪري ٻاهر اچ. ٻارن جي صحت ٺيڪ ڪونهي. توکي ڪيئن ٻڌايان تہ ڪيتري پريشان آهيان." مون سندس پريشاني محسوس ڪئي پئي پر پوءِ بہ کيس دلاسو ڏنم. "سڀ ٺيڪ ٿي ويندو الله تي رک. پريشان ٿيڻ بجاءِ همت کان ڪم وٺڻ کپي." ٿوري دير ملاقات ٿي.

گهر وارا ويا. خبر پئي تہ ٻاهر عبدالله ڪورائي، قادري ملاقات تي آيا آهن سڏ ڪرايم. سيخن واري ڪمري ۾ ملاقات لاءِ آيا. ساڻن مسعود نوراني کي ڏسي ڏاڍي حيراني ٿي.

ڪوشش ڪيم تہ ملاقات اندر ٿئي پر جيل وارن چيو تہ اسپيشل ملاقات گهر وارا ڪري ويا آهن. هاڻ اسپيشل ملاقات نہ ٿي سگهندي. ايتري ۾ شڪيل پٺاڻ جو والد ملاقات تي اچي نڪتو سندس اسپيشل ملاقات هئي. هن سان گڏ مون وارا دوست بہ اندر اچي ويا ۽ ويجهو ويهي ڪچهري ڪئي سون. سيخن واري ڪمري ۾ بہ تہ رڳو ملاقاتي ڏسبا آهن. حال احوال ٻڌي ڪو نہ سگهبا آهن.

مسعود نوراني 1967ع واري سياسي هلچل جي اهم شاگرد اڳواڻن مان هو. مسعود واري زماني ۾ يوسف لغاري، لالا قادر، يوسف ٽالپر، اقبال ترين، جام ساقي بہ اهم اڳواڻ هئا. مسعود نوراني سنڌ اسٽوڊنٽس ڪلچرل آرگنائيزيشن، ايس ايس ڪو جو سربراهہ هو. مسعود سٺو مقرر هو ذهين بہ ليکيو ويندو هو. سندس آواز بہ ڏاڍو سٺو هو. تڏهن جلوسن ۾ عوام جي ڀرپور شرڪت هوندي هئي. اجرڪن، سنڌي ٽوپين، ڪاڏي جي ڪپڙن جو رواج هو. پرجوش رنگ برنگي جلوس جي اڳيان مسعود نوراني ڳائيندو هلندو هو. نعرن جي گونج ۾ مسعود شيخ اياز جو ڪلام ڳائيندو هو:

هڙڪ          هلو          ڏيما          هلو

.........

مٺهيار          آيو          مٺهيار          ڙي

1970ع وارين چونڊن ۾ پ پ جي مهم ۾ شريڪ هو. حڪومت قائم ٿي تہ ممتاز ڀٽي جو ايڊيشنل پوليٽيڪل سيڪريٽري ٿيو. ممتاز جو دٻدٻو هو سندس پوليٽيڪل ۽ ايڊيشنل پوليٽيڪل سيڪريٽري بہ زور هئا. مسعود جي وڏي پڙ پلان هئي. مسعود لاءِ مشهور هو تہ مسعود جي ڪيسي ۾ وارنٽ هوندا آهن. مسعود جي آفيس سياسي ڪارڪنن ۽ شاگردن جو مرڪز هئي. مسعود شاگردن جو بہ انچارج هو. هن ئي حسين شاهہ کي لهرائي روشن پنهور کي سپاف جو چيئرمين بڻايو. سپاف کي ٻهريون دفعو باقاعده سرڪاري تنظيم مسعود بڻايو. غازي ۽ مون روشن خلاف بغاوت ڪئي تہ اسان ٻنهي کي سپاف مان مسعود ئي خارج ڪرايو تيسين خارج رهياسين، جيسين ممتاز ڀٽو لٽو ۽ جتوئي

صاحب وزيراعليٰ بڻيو. جتوئي صاحب جي زماني ۾ ڪجهه وقت مسعود ئي شاگردن جو انچارج هو. تنهن ڪوشش ڪرائي پنهنجي پراڻي ماڻهو راڻي خان پٺي کي چيئرمين مقرر ڪرايو. روشن ۽ راڻي کي وزير اعليٰ ئي نامزد ڪيو. اعلان سنڌ پ پ جي صدر ڪيو هو. مسعود جي آفيس ۾ ئي سنڌ پ پ کي ٻن حصن ۾ ورهائجندي ڏٺوسين. مسعود سنڌ پ پ جي عهديدارن، اڳواڻن ۽ اهم ڪارڪنن جي لسٽ ٺاهي رهيو هو. ان لسٽ کي ٻن حصن ۾ ورهائي نالا لکيا پئي ويا. هڪڙي حصي جو عنوان هو مير گروپ، ٻئي حصي جو عنوان هو ممتاز پٺو گروپ. انهيءَ تقسيم جي نتيجي ۾ ڪافي مير گروپ سڏجندڙ پارٽي مان نڪتا ۽ ڪيڏيا ويا ۽ ڪيترائي خاموش ٿي وڃي ويهي رهيا. مير گروپ جي چانٽي ۾ ممتاز پٺو طرفان سائين قائم علي شاهه سرپرستي ڪري رهيو هو. جڏهن عبدالوحيد ڪٽپر صدر ٿيو ته انهن خاموش اڳواڻن ۽ ورڪرن مان ڪافي سرگرم ٿيا. پارٽي جي عروج جي هل ۾ مست صدر ڪٽپر صاحب جي رويي گهٽن کي وري به خاموش ڪري ڇڏيو. حڪومت ختم ٿي ته مسعود گم ٿي ويو. گهڻي وقت کان پوءِ وڪالت جي ويس ۾ ظاهر ٿيو پر وري لاپته ٿي ويو. هاڻ وري راڻي خان جي رسالي ”نئون نياپو“ جي ايڊيٽر جي حيثيت ۾ ظاهر ٿيو آهي. ڏسجي ڪڏهن ٿو وري ٿڀي هٽي. هن ملاقات ۾ مسعود صاحب جو لاڙو ممتاز جي سوچ ڏانهن پيي محسوس ٿيو. سندس چوڻ هو ته هاڻ وقت بدلجي ويو آهي، اسان کي به نئين راهه اختيار ڪرڻ کپي. نئين راهه جو تفصيل ڪو نه ٻڌايائين، شايد وقت ۽ جاءِ موزون نه هئي. ڏسون پاڻ کهڙي ٿو نئين راهه وٺي، پاڻ ان تي پوءِ سوچيندا سين.

شام جو اوچتو سردار خان اچي نڪتو. سردار گذريل ٻن ڏينهن کان سول اسپتال ۾ داخل هو. ساڍس ڊيٽي گڏ هو. ٻڌايائين ته سردار جي رهائي جو آرڊر اچي ويو آهي. سامان ٻڌوسين. وارڊ مان نڪرڻ کان اڳ ۾ سنگت جي فرمائش تي جابلو ٻڪر واريون رڙيون ڪري ٻڌايائين. سنگت کان موڪلائي وڃي ماڙيءَ مان نڪتو. وارڊ ۾ چپ لڳي پئي آهي. سنگت جيسين سردار جي جدائيءَ جو صدمو برداشت ڪري. سچ پچ سردار وارڊ جي رونق هو. رات جو سيءُ پوڻ شروع ٿي ويو آهي، ڪافي دوست ڪمرن ۾ ٽا سمهن. ستار، شير خان ۽ آئون وراندي ۾ تنوڙيون وڇائي سمهندا آهيون. هر ڪم ۾ ڪا چڱائي به هوندي آهي. حيدرآباد جيل جي انتظاميه ناراض ٿي ناري بدلي ڪيو ته پريشان ٿياسين. ته اتي الائي ماحول ڪهڙو هوندو. هتي جهڙو گهر ڪري ويا هئاسين. پر نارا جيل اچي پاڻ سک جو ساهه کنيو اٿئون.

# زوردار برسات

(5_ آگسٽ 1984ع)

رات جو وقفي وقفي سان جهڙ ڦڙ ٿيندي رهي. ٽين وڳي ڏينهن کان مينهن وسڻ شروع ٿيو آهي. گذريل ٽن چئن ڏينهن کان ڪيڏي مهل بوند ته ڪيڏي مهل وڏ ڦڙو ٿو وسي پر اڄ زوردار برسات ٿي آهي. برسات ۾ ئي محي الدين سان گڏجي نثار وارن ڏي ويس. اتان نثار، علي محمد جتوئي، سيٺ روپچند گڏجي ملڪ اڪبر صاحب وارن وٽ اسپتال وياسين. وسندڙ مينهن ۾ ٻاهر گاهه تي ويهي ڪچهري

ڪندا رهياسين. اتان اٿي روپچند وارن جي بئرڪ ۾ آياسين. سيٺ پاپڙ پچايا. ڪائي چانهه پيتي سين. سنگت موسم جي تعريف به ڪندي رهي ۽ مولا مولا جون هڪلون به. سرڪار تي هلڪين ڦلڪين جنين جو سلسلو به جاري هو. اتي ئي خبر پئي ته پير فدا ڪري پيو آهي ۽ سندس ٻانهن ڀڄي پئي آهي. وارڊ ۾ آياسين پير صاحب کي ڪافي تڪليف هئي، تنهن ڪري ڪيس علاج لاءِ جيل کان ٻاهر موڪليوسين.

پير معظم، پير مڪرم، پير اعجاز ۽ پير سليم اسان جي ڪمري ۾ آيا. مصطفيٰ ڪورائي به اچي نڪتو ڪافي دير ڪچهري ٿيندي رهي. ٻاهر نڪري آياسين ته مينهن وري شروع ٿي ويو. تنؤريون وڄائي مينهن ۾ ويهي رهياسين. پير مڪرم اندين گانا ٻڌايا، پوءِ سيني گڏجي جمالو ڳاتو پير اعجاز ۽ پير سليم ٿالهه پئي وڄايو ۽ مون جمالو پئي چيو. سنگت نچندي ورندي پئي ڏني. ڏهين وڳي ڌاري مينهن بند ٿيو ته ٻاهر تنؤريءَ تي ئي سمهي رهياسين.

جي لِهه لڳا نيڻ ته سوريائي سيج ٿي.

# تيز هوا سان بارش سمورن قيدين جي ننڊ ڦٽائي ڇڏي

(6- آگسٽ 1984ع)

رات يارهين وڳي مينهن شروع ٿيو. آءٌ ۽ شير خان اٿي ورانڊي ۾ آياسين. ستار وڃي ڪمري ۾ ستو ٻين وڳي ڌاري تمام تيز هوا سان بارش شروع ٿي، تنهن سيني دوستن کي جاڳائي وڌو. ڪامريڊ ته اڌ تنؤري پاڻ تي ورائي سمهي رهيو پر ٻيا دوست جاڳيا پئي، انهن جي پڻ پڻ به هلي پئي. ننڊ نه آئي، مينهن بند ٿيڻ جي آسري ۾ ويٺو رهيس. تڏي هوا تي جهوتا ته آيا پئي پر ڪمري ۾ وڃڻ جي همت ڪو نه پئي ٿي. ڪمري جو هڪڙو پنکو هليو ئي ڪو نه ٿي. پيو نه هلڻ جهڙو بس نه هلڻ کان بهتر هو.

سيني کي مينهن بند ٿيڻ جو انتظار هو. ڪمرن ۾ اپس ۽ مڇرن جي ڪري سيئي ٻاهر سمهڻ لاءِ ويٺا هئا. پر بارش بند ڪو نه ٿي. دوست ڪمري ۾ وڃي ستا ۽ شير خان ۽ آءٌ به بيزار ٿي چئين وڳي ڌاري ڪمري ۾ وڃي ستاسين.

# جاءِ نه سڄو ڏينهن، هينئڙو اوني وڳ جيئن

جيل ۾ پورن مٿان پور هوندا آهن. جڏهن جيل اندر بيماريءَ وارا ڏينهن هجن، طبيعت ۾ مزو نه هجي، ويجها يار دوست آزاد ٿي ويا هجن، اڪيلاپ جو احساس ٿيڻ لڳي ته پوءِ ڪيفيت يڪائي سرڪار جي بلڪل هِن بيت وانگر ٿي ويندي آهي:

جاءِ نه سڄو ڏينهن، هينئڙو اوني وڳ جيئن...

منهنجي شگر ليول انتهائي گهٽجي پئي وئي. اوچتو ايئن پئي محسوس ٿيو جڻ منهنجون ٽنگون وسامي پئي ويون، جنهن ڪري مون کي ڪافي پريشاني ۽ خوف جو احساس ٿيڻ لڳو. ڊاڪٽر ڏانهن ويس ته هن ٻڌايو ته توهان کي هائپو گليسميا (شگر گهٽجي وڃڻ) آهي جيڪا خطرناڪ آهي. هن

ڪجھ دوائون ڏنيون. بيماريءَ ۾ اڪيلائپ جي احساس سبب آئون پريشان ٿي ويس. جيل مان منهنجا سمورا يار دوست آزاد ٿي ويا، جن سان ڪچهريون ٿينديون هيون، باقي وڃي جيڪي بچيا انهن ۾ اندر جون اورڻ وارا گهٽ ۾ چيڙائڻ وارا وڌيڪ هئا. چِڙ جو جواب چڙ سان ڏيڻ بدران مون خاموشيءَ کي بهتر سمجهيو. هٽڻ، هڪلڻ بيلي ساڙڻ واري ڪيفيت ۾ هئس. اهڙي ڪيفيت ۾ برداشت ڪرڻ بہ مون لاءِ وڏو عذاب هو. ملڪ لعل خان جيل مان آزاديءَ بعد اٽڪ وڃي فوجي آفيسرن سان ملاقاتون ڪيون. انهن ملاقاتن دوران فوجين ملڪ لعل خان کان پڇيو تہ ”مولا بخش چانڊيو ڪٿان جو آهي؟“ هن کين ٻڌايو: حيدرآباد جو. وري پڇيائون تہ سندس ڳوٺ ڪهڙو آهي؟ جنهن تي ملڪ صاحب چيو: اها تہ مون کي خبر نہ آهي. فوجين اهو تاثر ڏنو تہ مولابخش چانڊيو لاڙڪاڻي يا دادوءَ جو آهي ۽ ڌاڙيلن سان سندس واسطا آهن جنهن ڪري ڪيس آزاد نہ پيو ڪيو وڃي! انهن ڏينهن ۾ پرو چانڊئي جي مارجڻ کان پوءِ ڌاڙيلن بہ ماٺ ٿيڻ بدران پنهنجون ڪارروايون وڌائي ڇڏيون هيون. جيل ۾ هڪڙو دوست ملڻ آيو جنهن بہ مير رفيق ٽالپر جي ڪيل اهائي ڳالھ ڪئي تہ سڀ چون ٿا تہ مولا بخش چانڊيو لاڙڪاڻي يا دادوءَ جو آهي ۽ ڌاڙيلن سان واسطا اٿس، جنهن ڪري ئي سزا ۽ نظربندي پوري ٿيڻ باوجود ڪيس رهائي نہ پئي ملي!

ٿورن ڏينهن کانپوءِ مارشل لا وارن مون کي گهرايو. سڀ کان پهرين اهو ئي پڇيائون تہ ”*آپ کہاں کے ہو؟*“ مون چيو حيدرآباد جو آهيان وري چيائون تہ ” *اصل کہاں کے ہو؟*“ مون چيو آئون اصل حيدرآباد جو ئي آهيان، وري چيائون تہ،

”*ہمارا مطلب ہے آپ کا گوٹھ کون سا ہے؟*“

”*میرا گوٹھ بھی حیدرآباد ہی ہے*“ مون چيو.

” *گاؤں؟ گاؤں؟*“

” *میرا گاؤں بھی حیدرآباد ہی ہے۔*“ مون کين جواب ڏنو.

*اگر آپ پوچھنا چاہتے ہیں کہ میرے رشتیدار کہاں کے ہیں تو میرے رشتیدار ٹنڈو محمد خان کے ہیں۔ میری والدہ ٹنڈو محمد خان کی ہیں، میرے والد حیدرآباد میں پیدا ہوئے، میں بھی حیدرآباد میں ہی پیدا ہوا ہوں۔*“ مون کين تفصيل سان جواب ڏنو.

”*آپ لاڑکانہ کے نہیں ہو؟*“ فوجي رعبدار آواز ۾ پڇيو.

”*نہیں میں لاڑکانہ کا نہیں ہوں*“ مون انڪار ۾ ڪنڌ لوڏيندي جواب ڏنو.

”*دادو کے؟*“ هن وري پڇيو.

”*نہیں میں دادو کا بھی نہیں ہوں، میں حیدرآباد کا ہوں*“ مون کيس ٻڌايو.

”*ہمیں تو رپورٹ ہے کہ آپ دادو کے ہو اور ڈاکوؤں سے آپ کے روابط ہیں؟*“ هن چيو.

” *ہم سیاسی لوگ ہیں ہمارا ڈاکوئوں سے کیا کام؟*“ مون کين جواب ڏنو جنهن کان پوءِ آئون واپس جيل اچي ويس.

ڪجھ ڏينهن کان پوءِ طبيعت ويتر خراب ٿي وئي. جيل انتظاميہ اچي ٻڌايو تہ ”مولابخش

تنهنجي رهائيءَ جو آرڊر اچي ويو آهي.“ اهو ٻڌي سامان تيار ڪري سمورن قيدين کان موڪلائي ٻاهر آيس. جيل ٻاهران منهنجو پٽ، سؤٽ مختيار ۽ ٻہ سالا انتظار ۾ بيٺا هئا، جن سان گڏ اچي گهر پهتس.

# منصف جي شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي سالگره تي جيل ۾ پڙهيل تقرير

انساني شعور جي ابتدا کان وٺي هيل تائين، انساني تاريخ جو ڪو بہ دور ظلم کان نفرت ۽ حق صداقت سان پيار ۽ عقيدت ڪرڻ وارن کان خالي نہ رهيو آهي. تاريخ گواهہ آهي تہ هر باشعور انسان پنهنجي پنهنجي دور ۾ ٿيندڙ ظلم ۽ بربريت خلاف نفرت، بيزاري ۽ حق پرست مظلوم سان پيار ۽ عقيدت جو اظهار پئي ڪيو آهي. اهوئي سبب آهي جو اڄ دنيا ڪي زهر پيئڻ وارو سقراط تہ ياد آهي پر ڪيس زهر پيارڻ وارن ظالمن ڪي ڪو بہ ياد نٿو ڪري. اڄ دنيا ۾ ابراهيم عليہ، موسيٰ عليہ ۽ سوريءَ تي چڙهڻ واري عيسيٰ عليہ جا پوئلڳ تہ لکن جي تعداد ۾ ملندا پر هنن جي مخالفت ڪندڙ ظالمن جي وارث هجڻ جي دعويٰ ڪندڙ هڪ بہ نظر نہ ايندو.

تاريخ شاهد آهي تہ ظالم ۽ جابر يزيد، حضرت حسين ؑ ڪي بيپناهہ ظلم ۽ ڏاڍ سان ڪربلا جي ميدان ۾ وقتي شڪست ڏيئي، حضرت ڪي پنهنجي راهہ تان هٽايو ۽ سندس نام نشان مٽايو پر انهي ڏاڍ ۽ ظلم جي باوجود بہ ماڻهن جي محبت، عقيدت ۽ دائمي فتح حضرت حسين ؑ جي حصي ۾ آئي ۽ لعنت، ملامت جابر ۽ ظالم حاڪم يزيد جو مقدر بڻي.

تاريخ جو اهو سفر انسان سان گڏوگڏ جاري آهي، جيسين انسان آهي تيسين، اوندهہ ۽ روشني، علم ۽ جهل، ظلم ۽ حق صداقت جا سلسلا هلندا رهندا ۽ ڪئين انسان انهن سلسلن تي هلندي تاريخ ۾ پنهنجا اڻمٽ نقش ڇڏي ويندا. هڪڙن جون يادگيريون ڳوڙهن ۽ گلن سان ۽ ٻين جون لعنتن ۽ ملامتن سان.

تاريخ جي ان سفر ۾ اسان جي هن سر زمين جو هڪ لائق فرزند بہ شامل آهي جنهن ڪي ظلم جي وارثن، حق جي حمائتي هجڻ جي ڏوهہ ۾ سوري چاڙهيو. اهو فرزند جو ملڪ جي لکن مظلوم ماڻهن جي دلين جي ڌڙڪن هو، جو ملڪ جو پرجهلو ٿي آيو جو علم، دانش جو امام هو، جو صاحب فهم و فراصت هو. اهو عالمي امن جو علمبردار، ٽين دنيا جو مڃيل رهنما، ملڪ جو پهريون چونڊيل وزير اعظم، عالم اسلام جي مفادن جو محافظ ”سرداد نہ بداد دست در دست يزيد“ چٽي حسينيت جي سنت ادا ڪندڙ اسان جو محبوب ۽ عظيم قائد شهيد جمهوريت ذوالفقار علي ڀٽو آهي، جنهن اصولن خاطر سوري قبولي پر ظالم اڳيان ڪنڌ نہ جهڪايو.

هن عظيم انسان، عيسيٰ ؑ ۽ حسين ؑ جي پوئلڳ جي قتل تي بہ لکن انسانن احتجاج ڪيو پاڻ جلايو. پوڙهن، ٻڪن، نوجوانن، عورتن ۽ ٻارن صداءِ احتجاج بلند ڪئي. دنيا جي مهذب قومن، قانونن جي احترام ۽ رحم جي نالي ۾ اپيلون ڪيون پر تاريخ پاڻ دهرائي رهي هئي. مظلوم جا حيلا وسيلا وقتي طرح بيسود ثابت ٿيا، ظالم انتها ڪئي ۽ هن ويهين صديءَ جي تارا مسيح جي دور قبل مسيح

جي ياد تازه ڪئي ۽ سمورين قانوني حجتن، اپيلن ۽ احتجاجن کان منهن موڙيندي هڪ عظيم ۽ بيگناهه انسان کي انسان دوستيءَ جي ڏوهه ۾ ڦاسي چاڙهيو ويو.

تاريخ پاڻ دهرايو انسانن جو پيار ۽ عقيدت مظلوم جي حصي ۾ آئي. اڄ ملڪ جا سمورا باشعور انسان دوست، ظلم سان جنگ جوٽڻ وارا قائد شهيد لاءِ عقيدت جو اظهار ڪري رهيا آهن. سندس خواهشن جي تڪميل جو عهد ڪري رهيا آهن. سندس پلاند پارڻ جو وچن ڪري رهيا آهن.

حقن تان قربان ٿيندڙن لاءِ عقيدت ۽ احترام واجب آهي پر صحيح معنيٰ ۾ انهن کي خراج عقيدت پيش ڪرڻ، سندن فڪرن جي تڪميل آهي. حسينيت سان پيار، يزيديت جو خاتمو آهي.

اسان کي ٻه جيڪڏهن پنهنجي قائد کي خراج تحسين پيش ڪرڻو آهي، ته سندس خواهشن جي تڪميل ڪرڻي آهي، سندس فڪر پيٽو ازم کي سمجهڻو ۽ نافذ ڪرڻو آهي. سندس فڪر جي تڪميل ئي سندس قتل جو پلاند آهي.

چاڪاڻ جو قائدشهيد کي رڳو فرد سمجهي ڪنهن فرد قتل نه ڪيو آهي پر قائد کي هن ملڪ ۾ ترقي پسند فڪر سمجهي ۽ هن ملڪ ۾ عوامي انقلاب جي ابتدا سمجهي، رجعت پسند قوتن، سامراجي چاڙتن ۽ ظالماڻي نظام قتل ڪيو آهي. ان ڪري انهيءَ ظالماڻي نظام جو خاتمو ۽ پيٽو ازم جو قيام ئي قائد شهيد جي قتل جو پلاند آهي.

پيٽو ازم قائدشهيد جا اهي روشن خيال ۽ اها عظيم جدوجهد آهي، جنهن ۾ ملڪ جي خوشحالي ۽ قوم جي آسودگي جو راز سمايل آهي. پيٽو ازم قائدعوام جو اهو سياسي طريقيڪار آهي، جنهن ڏتڙيل عوام جي زندگيءَ کي شعور جي ڪرڻ سان منور ڪري طاقت جي سرچشمي هجڻ جو احساس ڏنو.

پيٽو ازم عوامي سياست آهي. پيٽو ازم محلاتي سازش جي خاتمي جو نالو آهي. پيٽو ازم اهو سياسي نظام آهي جنهن ۾ اقتصادي مسئلن جو حل شامل آهي. پيٽو ازم نالو آهي بک، بيماري، جهالت ۽ اقربا پروريءَ خلاف جدوجهد جو.

پيٽو ازم ولائتي ۽ ديسي ڦورن خلاف جدوجهد آهي. پيٽو ازم ملڪي حالتن پٽاندڙ سوشلزم ڏانهن وک آهي. پيٽو ازم مذهبي فرقيواريت خلاف جهاد آهي. مطلب ته پيٽو ازم ملڪي حالتن مطابق اهو سياسي نظام آهي جنهن ۾ ملڪ جي سمورن مسئلن جي حل جي ضمانت آهي.

اسان جي پيٽو ازم مان مراد رڳو پنهنجي محبوب قائد سان عقيدت ۽ پيار يا شخصيت پرستي هرگز نه آهي، پر پيٽو ازم قائد عوام جا اهي زرين انقلابي اصول آهن جن جي ڪري ڪين منصور جي سنت ادا ڪرڻي پئي. پيٽو ازم رڳو حڪومت جو زمانو ۽ ڪجهه انقلابي ڪوتاهيون هجن ها ته قائد عوام کي هرگز شهيد نه ڪيو وڃي ها. قائد عوام ملڪ جي پهرين جديد انقلابي سياسي دور جو باني آهي.

ان ڳالهه جو اعتراف پاڪستاني سياست جي لات مناتن پنهنجي تقريرن ۾ بارها ڪيو آهي. انهن نام نهاد انقلابي رهنمائن اعلانيه قائد عوام کي ختم ڪرڻ سان گڏوگڏ پيٽو ازم لفظ استعمال ڪري سندس خاتمي جو مطالبو ڪيو. ڪين ڄاڻ هئي ته قائد عوام فقط هڪ شخص نه بلڪ اهي انقلابي ڪارناما ۽ اصول آهن جن عوام جي زندگيءَ ۾ تبديلي آڻي قائد عوام کي امر بڻايو آهي. مطلب ته پيٽو ازم شخصيت پرستي هرگز نه آهي، پر پيٽو ازم آهي ڇا؟ پيٽو ازم قائد عوام جا انقلابي اصول ۽ عوامي

انداز سياست آهي. قائد عوام جي انقلابي اصولن ۽ انداز سياست کي سمجهڻ لاءِ اسان کي قائد عوام جي سياسي زندگي کي سمجهڻو پوندو. قائد عوام جي قتل جي سبب تي غور ڪرڻو پوندو ۽ قائد عوام جي قاتلن کي سڃاڻڻو پوندو.

قائد عوام جي سياسي زندگي جو آغاز 1957ع ۾ ٿيو جڏهن هن اقوام متحده ۾ جنرل اسيمبلي جي ڇهين ڪميٽيءَ ۾ خطاب ڪيو. پاڪستان جي هن نوجوان نمائندي جي تقرير جو عنوان "امن عالم ۽ جارحيت" هو ۽ ان حوالي سان قائد عوام سياسي زندگيءَ جي آغاز ۾ ئي دنيا جي امن لاءِ ڪوشان هو. پنهنجي تقرير ۾ دنيا جي ضمير کي جاڳائي رهيو هو ته عالمي امن ڳالهين سان قائم نه ٿيندو بلڪ ان لاءِ ٺوس قدم کنيا وڃن. پاڻ چئي رهيو هو ته "پاڪستان هر ان ڪوشش ۽ حرڪت کي مسلح حملو ۽ جارحيت قرار ڏي ٿو جنهن سان هڪ قوم ٻي قوم کي اهڙي ئي انداز ۾ جاني، مالي يا معاشي نقصان پهچائي جهڙو ڪنهن مسلح حملي يا جارحيت سان پهچائي سگهي ٿو بظاهر هي جارحيت نه ٿي لڳي پر حقيقي معنيٰ ۾ اها جارحيت ئي آهي."

قائد عوام عالمي ضمير کي اپيل ڪئي، "پنهنجي ذميداري نڀائي ۽ جارحيت کي جارحيت ۽ مظلوم کي مظلوم قرار ڏيڻ ۾ ڪا به رعايت نه ڪئي وڃي ۽ نه ڪنهن خوف خطري جو خيال ڪيو وڃي."

ان کان پوءِ 1958ع ۾ قائد عوام کي پاڪستان پاران ٻيهر اقوام متحده ۾ ملڪ جي نمائندگيءَ لاءِ موڪليو ويو هن دفعي قائد عوام اقوام متحده ۾ 5 خطاب ڪري عالمي مدبرن ۽ مقررن کان خوب داد تحسين وصول ڪيو. دنيا جي مدبرن پاڪستان کي لکي موڪليو ته "هن نوجوان ملڪ جو مان مٿانهون ڪيو آهي."

1958ع ۾ ئي قائد عوام جي حقيقي سياسي زندگي جو آغاز ٿيو جڏهن کيس مرڪزي وزير مقرر ڪيو ويو.

قائد عوام باشعور، عالمي حالتن کان باخبر ۽ سچو قوم پرست هو پاڻ موقعي ملڻ شرط ملڪي مفاد جو محافظ بڻجي، بين الاقوامي سامراجين خلاف سيني سپر ٿي بيٺو. ملڪ ۾ اهڙين پاليسين جي ناهڻ جو محرڪ بڻيو جن جو مطلب سامراجين جي سازشين کي ڀنجو ڏيڻ هو ۽ ٻاهرين دنيا ۾ سامراجين خلاف بين الاقوامي اتحاد ناهڻ ۾ مصروف ٿي ويو. انهيءَ سوچ تحت ئي قائد عوام ڪوششون ونئي دنيا جي عظيم انقلابي ملڪن ۽ قومن سان دوستاڻا ناتا قائم ڪيا. پاڪستان ۽ روس جو پهريون معاهدو به انهي ڪوشش جو نتيجو هو. روس سان گهرا ناتا قائم ڪرڻ سان گڏوگڏ عظيم چين ڏانهن به سندس رويو پيار ۽ چاهه وارو هو. چين سان سرحدي معاهدو به قائد عوام جي ڪوشش جو نتيجو هو. انڊونيشيا سان مضبوط دوستي، ايران ۽ ترڪي سان معاهدا به قائد عوام جي ترقي پسندانه پاليسي جا ئي نتيجا هئا.

قائد عوام جڏهن ملڪي پاليسين جو منهن انقلابي لاڙن ڏي موڙيو اتي بين الاقوامي سطح تي به سامراجين خلاف پاڻ پتوڙيندو رهيو. اقوام متحده ۾ عظيم چين جي ميمبر ٿيڻ لاءِ پهريون بلند آواز به قائد عوام جو ئي هو ته "چين جي ستر ڪروڙ عوام کي نظر انداز ڪري، عوامي جمهوريه چين کي رڪن

ڪرڻ کان سواءِ اقوام متحده بين الاقوامي آزادي ۽ بني نوع انسان جي ترقي ۽ خوشحاليءَ لاءِ ڪو به انقلابي قدم نه کڻي سگهي.“

قائد عوام جي خواهش غير جانبداريءَ جي راهه هئي. سندس منزل استحصال کان آجو امن ۽ آشتيءَ وارو ملڪي ۽ بين الاقوامي سماج هو. ”اقوام متحده کي سمورن سامراجي اثرن ۽ وڏين طاقتن جي ڳنجوڙ کان آزاد ڪيو وڃي ۽ ان سلسلي ۾ اقوام متحده جو هيڊڪوارٽر نيويارڪ کان منتقل ڪري ڪنهن غير جانبدار ملڪ ۾ قائم ڪيو وڃي.“

”آءٌ اوهان (سلامتي ڪائونسل) کان معلوم ڪرڻ گهران ٿو ته ڇا اهو قدرت جو قانون آهي ته آفريڪا ۽ ايشيا جا باشندا پسمانده، ڪم علم ۽ مفلوڪ الحال رهن؟ ڇا اهو اسان جي نصيب ۾ لکيل آهي ته اسين بدحال رهون؟ نه بلڪل نه. اسين پسماندگي ۽ افلاس جو طوق لاهڻ چاهيون ٿا ۽ اسان پنهنجي عوام جي مستقبل جي بهترين تعمير ڪرڻ چاهيون ٿا ۽ اسان جي خواهش آهي ته اسان جا ايندڙ نسل عزت، اطمينان ۽ خوشحاليءَ جي زندگي گذارين.“

علم تاريخ جو ماهر، عالمي سياست جو هيءُ سڄاڻ وقت جي تبديلي سان گڏوگڏ سامراجي هٿڪنڊن جي تبديلين کان به واقف هو. ڪيس اهو احساس ٿيو ته ” ڌارين جي غلاميءَ جي جاءِ ڌارين جي دخل اندازي والاري آهي.“ ”شهنشاهيت واري روپ جي ڪلاسيڪي معنيٰ جي خاتمي کان پوءِ صرف استحصال جو طريقو ڦير ڦار هيٺ آيو آهي. جيئن ئي سامراجي طاقتون پنهنجي بينڪن مان نڪتيون، تيئن ئي ”ويڙهايو ۽ حڪومت ڪريو“ جي پاليسي بيڪار ٿي ويئي ۽ انهي جي جاءِ نئين زماني جي چئلينج کي منهن ڏيڻ لاءِ ”ملايو ۽ حڪومت ڪريو“ جي پاليسي والاري جيتوڻيڪ مقصد ساڳيو هو.

شهنشاهيت جي خاتمي عالمي طاقتن جي اوسر عظيم طاقتن جي تصور کي بدلائي ڇڏيو آهي. ان جا مفاد بنيادي طور هاڻي عالمي نوعيت جا آهن. سندس توسيع جو مقصد اهو نه آهي ته دنيا تي روايتي انداز ۾ قبضو ڪري، پر ماڻهن جي ذهنن تي ضابطو قائم ڪري ۽ ترقي پذير ملڪن جي ليڊرن جي تابعداري حاصل ڪري ۽ سو به هروڀرو سڌي طرح مداخلت جي بجاءِ اقتصادي غلبي ۽ ٻين طريقن سان، جديد نو آبادياتي دور ۾ ڪنهن به عظيم طاقت لاءِ ڪنهن ايراضيءَ تي عملي طرح قبضو ڪرڻ لازمي ناهي، ڇاڪاڻ ته سندس عالمي پاليسءَ جا مفاد اڻسڌي استحصال ۽ ٻين گهٽن قسمن جي لالچن جي ذريعي پلئه پئجي سگهن ٿا. مواصلات جي موجوده ذريعن جي ڪري عظيم طاقتن لاءِ اهو ممڪن ٿي پيو آهي ته ڪنهن مستقل قبضي کان سواءِ ئي سڄي دنيا جي ماڻهن جي روزمره جي زندگين تي پنهنجو حڪم هلائين ۽ پنهنجون هدايتون جاري ڪن. هن جديد نظرياتي ۽ نو آبادياتي غلبي جي حوس ڪري دنيا جون طاقتون دنيا جي هر حصي ۾ هڪ خوفناڪ عالمي رقابت ۾ داخل ٿي چڪيون آهن.

قائد عوام جي سوچ عالمي سامراج کان ننڍين قومن کي آجي ڪرڻ لاءِ هئي.”گذريل ويهن سالن جي اندر انهن عالمي طاقتن جي ظهور، حڪومت هلائڻ واري طريقيڪار جي سڄي نظريي کي بدلائي ڇڏيو آهي. اهي سڀ ننڍيون قومون جيڪي ترقي پذير قومن جي باب ۾ اچي وڃن ٿيون تن لاءِ وڏين

طاقتن سان لاڳاپا متعين ڪرڻ ۽ پنهنجي قومي مفاد کي مقدم رکڻ وڏيڪ منجهائيندڙ ۽ مشڪل ٿي پيو آهي. ننڍي قوم جيڪا حڪمت عمليءَ جي نون طريقن کي سمجهي نٿي سگهي، تنهن جي قسمت ۾ نااميدي، نراسائي جو احساس، تنهائي ۽ شايد پڇاڙي ۾ مڪمل تباهي لکجي چڪي آهي.“

قائد عوام پنهنجي هن سياسي دور ۾ پنهنجي سموري ڪوشش ملڪ کي آزاد ۽ غير جانبدار پاليسي ڏيڻ ۽ ترقي واري راهه تي هلائڻ ۽ بين الاقوامي سامراج خلاف مظلوم قومن جي متحده جدوجهد ڪرڻ لاءِ وقف ڪئي. قائد عوام جنهن رفتار سان پنهنجي انقلابي سوچ تحت جدوجهد ڪري رهيو هو ۽ جنهن جدوجهد جي نتيجي ۾ سامراج پنهنجي مخالف قوتن کي متحد ٿيندي ڏسي رهيو هو تنهن کي روڪڻ لاءِ سامراج قائد عوام خلاف سازش سٽي ۽ ان سازش جي ئي نتيجي ۾ قائد عوام کي وزارت خارجه جي منصب کان الڳ ڪيو ويو. قائد عوام خلاف ٿيل ان سامراجي سازش کي برطانيا جي جڳ مشهور مفڪر برٽينڊ رسل بين الاقوامي مدبرن کي پنهنجي طرفان لکيل خطن ۾ پڌرو ڪري ڇڏيو آهي.

لارڊ برٽينڊ رسل برما جي جنرل ني ون کي 13 آگسٽ 1966ع تي خط ۾ لکيو آهي ته:

......”ذوالفقار علي ڀٽو کان معلوم ٿيو ته اوهان لنڊن ۾ هئا. اهو (ڀٽو صاحب) به اوهان کي ايشيا جو عظيم ليڊر تسليم ٿو ڪري ۽ ان جي راءِ سبب منهنجي ذاتي راءِ کي تقويت ملي آهي. جيڪڏهن اوهان سان ملاقات ٿئي ۽ ڪن اهم موضوعن تي ڳالهائڻ جو موقعو ملي ته مون کي خوشي ٿيندي. مون کي نڪرومه، صدر سوئيڪارنو ۽ ذوالفقار علي ڀٽي جهڙن سچن قوم پرستن ۽ ترقي پسند رهنمائن تي آمريڪي دٻاءَ تي سخت تشويش آهي.“

اخبار سپڪٽيٽر جي ايڊيٽر کي لکيل خط ۾ لارڊ برٽينڊ رسل چيو ته ”تازين تبديلين جي ڇاڻ رکندڙ چڱي طرح محسوس ڪري رهيا آهن ته مغرب جي مفاد پرستانه سياست، عوام جي خواهشن سان هم آهنگ رهنمائن کي پنهنجي انتقام جو پهرين نشانو بڻائڻ چاهي ٿي، جي افرو ايشيائي استحڪام ۽ خودمختارانه ترقي جي پاليسيءَ جا خالق آهن. ان سلسلي ۾ نت نوان حربا استعمال ڪيا پيا وڃن. مثال طور گهانا ۾ نڪرومه جي حڪومت جو تختو اونڌو ڪرڻ لاءِ ڪيئي ڊراما رچايا ويا. انڊونيشيا ۾ ڪاٻي ڌر جي فرضي انقلاب جي انديشي جي هوا کڙي ڪري ساڄي ڌر جي فوجي بغاوت جو جواز فراهم ڪيو ويو. اهڙي طرح پاڪستان ۾ هڪ اهڙي شخصيت کي جيڪا خودمختيار خارجه پاليسيءَ جي معمار طور سڃاتي وڃي ٿي، تنهن کي وزارت کان الڳ ڪيو ويو.... ڀٽو صاحب اهو پهريون ليڊر هو جنهن نهر سوئيز جي اوپر ۾ ٿيندڙ سامراجي پاليسين کي بي نقاب ڪري ڇڏيو ۽ هر موقعي مهل تي ان جي خلاف نفرت ۽ حقارت سان ڀرپور تقريرون ڪيون..... پس پرده آمريڪي سازشين ان کي اقتدار کان الڳ ڪيو آهي. بهرحال ذوالفقار علي ڀٽي جو هيئن حڪومت کان الڳ ٿيڻ هن ملڪ جي مستقبل لاءِ هڪ عظيم خطرو آهي.“

لارڊ طرفان صدر ناصر کي لکيو ويو ته:

”آءٌ آمريڪا جي انهن ڪوشش کي سخت تشويش سان ڏسان ٿو جيڪي اهڙن رهنمائن کي تباهه ڪرڻ لاءِ ڪيون ويون آهن جيڪي غير ملڪي ڏاڙيلن ۽ مغربي ملڪن جي دٻائن خلاف مزاحمت

ڪندي پنهنجي عوام جي مفادن ڪي اڳتي وڌائڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. اوهان بخوبي واقف آهيو ته گهانا ۽ انڊونيشيا ۾ به اهي سازشون ٿي چڪيون آهن ۽ اوهين پوري طرح باخبر نه هجو ها ته اهو ئي ڪجھ متحده عرب جمهوريه ۾ ٿئي ها.

تازو ئي آمريڪا ۽ برطانيا ذوالفقار علي ڀٽي ڪي وزارت خارجه کان الڳ ڪرائڻ لاءِ زبردست دٻاءُ کان ڪم ورتو. بيشڪ، مسٽر ڀٽو پاڪستان جي آزادانه خارجه پاليسي جو معمار آهي. مسٽر ڀٽي ئي تن تنها آفريقي ۽ ايشيائي استحڪام لاءِ جدوجهد ڪئي ۽ متحده عرب جمهوريه سان تعلقات ۾ اضافي لاءِ بي پناهه خطرا کنيا.... مون کي يقين آهي ته پاڪستان جا واقعا اهڙو رخ اختيار ڪندا جو ڀٽو صاحب ٻيهر اقتدار ۾ اچي ويندو....“

الجزائر جي صدر بومدين ڪي لکيل خط ۾ چيو ويو آهي ته”....تازو پاڪستان ۾ به اهڙي ئي قسم جي هڪ تبديلي واقع ٿي آهي. منهنجي مراد جناب ذوالفقار علي ڀٽي جي حڪومت کان عليحدگي آهي، جيڪو آزاداڻي خارجه پاليسي ۽ افرو ايشيائي استحڪام جو معمار هو. هن پاڪستان کي نو آبادياتي ملڪن جي صفن مان ڪڍي ايشيا ۽ آفريڪا جي انهن ملڪن جي صف ۾ ويهاريو آهي جي آزادانه پاليسيءَ جي باري ۾ بلڪل واضح آهن.

آءٌ ذاتي طرح باخبر آهيان ته الجزائر ۽ پاڪستان کي قريب آڻڻ ۾ جناب ڀٽي اهم قدم کنيا آهن..... پاڪستان جي آزادي ۽ خودمختياريءَ لاءِ هن جو اصولي موقف ان ڳالهه جي نشاندهي ڪري ٿو ته هو ٻيهر اقتدار ۾ اچي ويندو.“

انڊونيشيا جي رهنما سوئيڪارنو کي لکيو ويو ته:

”.....قومي وقار ۽ ترقيءَ لاءِ اوهان ۽ آفريڪي و ايشيائي عوام لاءِ اهي خصوصيتون ناگزير آهن، جيئن ذوالفقار علي ڀٽو نت نئين تبديلين جو رهنما آهي.“

روسي رهنما گروميڪو کي لکيو ويو ته ”آءٌ وڏي تشويش سان ان دٻاءُ جو جائزو وٺي رهيو آهيان جيڪو آمريڪا طرفان اهڙن قوم پرست رهنمائن تي وڌو پيو وڃي جيڪي پنهنجي قومي آزادي ۽ ملڪ جي حقيقي مفادن لاءِ ڪم ڪن ٿا ۽ اهڙو دٻاءُ صدر نڪرومه ۽ پٽرس لوممبا تي وڌو ويو. بلڪل اهڙي طرح پاڪستان جي وزير خارجه جناب ذوالفقار علي ڀٽي کي وزارت خارجه کان الڳ ڪيو ويو. مون کي خبر آهي ته جناب ڀٽو پاڪستان جي آزاداڻي خارجه پاليسي ۽ 1960ع جي پاڪ سوئيٽ آئل ايگريمينيٽ جو خالق آهي. پاڪستان ۽ روس جي دوستاڻن تعلقاتن لاءِ جناب ڀٽي جي پيش قدمي هڪ نهايت اهم قدم هو جنهن سبب پاڪستان آمريڪي پاليسين جي غلامي مان نڪري ويو.“

چيني رهنمائن کي لکيو ويو ته ”مون کي اميد آهي ته اوهان لاءِ ممڪن ٿيندو ته سياسي طور تي ذوالفقار علي ڀٽي جي مدد جاري رکي سگهو. اهو ذوالفقار علي ڀٽو ئي هو جنهن چين سان دوستاڻي تعلقات ۽ ترقي پسند انسانيت جي مقصد کي اڳتي وڌائڻ جي پاليسي اختيار ڪئي. هن چين سان دوستي واري پاليسي مرتب ڪئي. پنهنجي مالي فائدن خاطر آمريڪي مفادن جي خدمت ڪرڻ وارن هن پاليسيءَ جي سخت مخالفت ڪئي. پاڪستان جا حالات اهڙو رخ اختيار ڪندا جو ذوالفقار علي ڀٽو ٻيهر برسر اقتدار اچي ويندو.“

سامراجي سازش وقتي طور ڪامياب ٿي. شهيد ڀٽي کي اقتدار کان الڳ ڪيو ويو. سچ ۾ حق، بي پناهه ظلم جي باوجود به اڳي کان اڳرو ظاهر ٿيندو آهي. سچو انقلابي تشدد سان بزدل نه ٿيندو آهي بلڪ تشدد ڪيس نئون حوصلو ۽ جوش عطا ٿو ڪري. هونئن به بحران غير معمولي انسانن جي صلاحيتن کي وڌيڪ اجاگر ڪن ٿا. ملڪي بحرانن ۾ ئي ملڪ ۾ قوم جون صحيح قيادتون پيدا ٿين ٿيون.

پاڪستان ۾ هن سامراج سازش به پاڪستان جي ايندڙ انقلاب جي قيادت کي نروار ڪري ڇڏيو. قائد جي فڪر جي واضح اظهار جو هيءُ ئي زمانو آهي، جڏهن قائد عوام ملڪي فرضن ۾ سرڪاري مصلحتن کان آجو ٿي پنهنجي سوچن، خيالن ۽ خواهشن جو اعلانيه اظهار ڪيو. قائد عوام ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ وجي عوام جي عظيم الشان اجتماعن ۾ قوم کي آزادي ۽ خودمختياريءَ جا درس ڏئي رهيو هو. قائد عوام جي اعلانن ۾ قوم لاءِ خوشخبري هئي، زندگي ماڻڻ جو سڏ هو. قائد عوام هر خوف ۽ ڊپ کان آجو ٿي قوم جي مسيحائي ڪري رهيو هو.

”آءٌ پنهنجن خيالن ۽ نظرين کي چند ڏينهن جي اقتدار لاءِ قربان نٿو ڪري سگهان.“ ”اقتدار اچڻي ويڄڻي شيءِ آهي. اقتدار سدائين ڪنهن وٽ نه رهيو آهي. سڪندر، فرعون، چنگيز خان ۽ هٽلر جهڙن حڪمرانن جو اقتدار ختم ٿي ويو. جا شيءِ هميشه رهي ٿي ۽ جا شيءِ غيرفاني آهي، اها هيءَ آهي ته ڪنهن ڇا ڪيو. ڪنهن عوام جي خدمت ڪئي ۽ ڪنهن عدل انصاف ڪيو. ڪنهن قوم پرستي ڪئي، ڪنهن پنهنجو سڀ ڪجهه عوام لاءِ قربان ڪيو. تاريخ ڪڏهن ڪنهن ظالم کي خراج تحسين پيش نٿي ڪري ۽ نه ڪنهن مظلوم، انسانيت دوست جي قرباني کي نظر انداز ڪري ٿي.“

”آئون رنگ، نسل ۽ علائقائيت جو قائل نه آهيان. آئون انگريزن جي ان فرسوده فلسفي جو انڪاري آهيان ته رنگ نسل ۽ علائقي جي بنيادن تي ڪا قوم وڏي يا ننڍي ٿئي ٿي يا بزدل يا بهادر ٿئي ٿي. منهنجي ويجهو سمورا انسان برابر آهن. ڪٿي ڪو ڪارو آفريڪي هجي يا چيني، جاپاني، ننڍو ويٽ نامي يا ڊگهو آمريڪي. اها سوچ منهنجي زندگيءَ جو نظريو آهي. اوهين مون کي سنڌي غير سنڌي بنيادن تي ڊيڄارڻ جي ڪوشش نه ڪيو اوهين اڃا ريگستان جي عوام کان ناواقف آهيو اوهان کي حق نٿو پهچي ته اوهين سنڌ جي عوام کي بزدل چئو.“

”آئون عوامي مسئلا پرامن ۽ جمهوري طريقي سان حل ڪرڻ جو قائل آهيان پر جيڪڏهن اوهين جمهوريت جي زبان نٿا سمجهو ته عوام پنهنجا حق حاصل ڪرڻ لاءِ ڪهڙو طريقو اختيار ڪري؟ ضرورت پئي ته سڀ کان پهرين آءٌ ميدان ۾ نڪرندس. اسين انقلاب کان نٿا ڊڄون، اسين خون خرابي کان نٿا ڊڄون.“

قائدعوام جو هي فرمان ته سندس فڪر جي واضح ۽ صاف تصوير آهي ته، ”جڏهن کان پاڪستان وجود ۾ آيو آهي، هر ڪا حڪومت قومي وحدت لاءِ اپيلون ڪندي آهي. پاڪستان هڪ ٻئي پٺيان مختلف بحرانن مان گذرندو رهيو آهي ۽ تمام تر دلسوز اپيلن جي باوجود قومي وحدت اسان کان پاسيري ٿيندي رهي آهي. انهن ڳالهين جا ضرور ڪي مضبوط سبب ٿي سگهن ٿا ته اسان وٽ قومي وحدت بجاءِ بحرانن جي يلغار رهي آهي. انهن سببن جي جائزي وٺڻ جي ضرورت آهي. اسان جي

ملڪ کي ٻن قسمن جي بحرانن کي منهن ڏيڻو پيو آهي عمومي قسم جا بحران جن سڄي دنيا، خاص ڪري ايشيا کي پنهنجي لپيٽ ۾ ورتو آهي. ٻيا اهي بحران جن جا پاڇا برصغير پاڪ هند تي لهرائي رهيا آهن.

ٻنهي بحرانن ۾ وڏو واضح تعلق آهي. بحرانن جي نوعيت ڪهڙي به هجي، اهي بحران سادا هجن يا پيچيده، ضروري آهي ته حالتن جو صحيح اندازو لڳايو وڃي. جنهن دنيا ۾ اسين رهون ٿا اها هڪ اهڙي موڙ طرف وڌي رهي آهي جو عالمگير تباهي جو پيش خيمو ثابت ٿي سگهي ٿو.

اسين هڪ عمودي چٽان جي ڪناري تي بيٺا آهيون. ان جي پنيان موت جي وادي آهي. ڇا اسان کي ڄاڻي واڻي تباهيءَ سان همڪنار ٿيڻ کپي يا پوئتي هٽڻ گهرجي؟ ۽ پوئتي هٽڻ ڪانسواءِ ڪو به رستو نه آهي. ان سان اسان جي عزت نفس کي ڪو به ڌڪو نه لڳندو. ان جو نتيجو اهو نڪرندو جو هي سهڻي دنيا هرويرو جي تباهي کان بچي ويندي.

اهو اصرار ڪرڻ بي معنيٰ آهي ته بحران اڄ جي دور جي تقاضا آهي ۽ اسان جي هن مضطرب دور جو فطري مظهر آهي. ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته جي شيطاني رجحان ڪارفرما آهن، تن جي وهڪري کي ڦيرائي ڇڏجي. اهو صرف اسان جو ملڪ نه آهي جو بحران ۾ گرفتار آهي پر ڪيترن ئي ملڪن اسان سان ملندڙ جلندڙ مسئلن کي حل ڪرڻ ۾ ڪاميابي حاصل ڪئي آهي. طاقت وٺي ٻين مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ نڪتا آهن. اڳتي وڌڻ جي طاقت داخلي مسئلن کي حل ڪرڻ سان ٿئي ٿي.

ڪيترن ئي ملڪن جي برعڪس بدقسمتيءَ سان پاڪستان اڃا تائين پنهنجي ڪيترن ئي بنيادي ۽ داخلي مسئلن کي حل ڪرڻ ۾ ناڪام رهيو آهي. هي اهي مسئلا آهن جن جو اثر عوام، سندس نصيب، سندن اولاد جي زندگين ۽ انهن جي معاشري تي ايندڙ وقت ۾ ٿيڻو آهي، جن مسئلن جو تعلق عوام ۽ انهن جي امنگن سان آهي، سچ پڇ ته اڄ تائين انهن کي سامهون رکيو نه ويو آهي.

جيستائين ملڪ جو عوام پنهنجي مستقبل جو آزادانه فيصلو نٿو ڪري تيستائين اسان جي مشڪلاتن جو خاتمو ڏکيو آهي، موجوده جمود کي محض هٿڪنڊن سان ٽوڙي نه سگهبو. اڳتي قدم، پوئين غلطين جي بار کان آزاد ٿي ئي کڻي سگهجي ٿو.

انتشار جي گرد و غبار ۾ هڪ راهه جا نشان واضح آهن. عوام جو هڪ وڏو تعداد جنهن ۾ نئون نسل سرفهرست آهي، ان نتيجي تي پهتو آهي ته پاڪستان جا مسئلا حل ڪرڻ ۾ پراڻا طور طريقا اسان جا مددگار ثابت نٿا ٿي سگهن.

هر عهد جي پنهنجي سياسي نوعيت ٿئي ٿي. اڄ جي جوشيلي ۽ للڪاريندڙ دور جي تقاضا آهي ته پاڪستان جي سموري آباديءَ لاءِ بهترين خواهش مطابق معاشري جي تعمير لاءِ هڪ بلڪل نئين راهه تلاش ڪئي وڃي.

اسين ماضي ڏانهن موٽڻ لاءِ تيار نه آهيون ۽ نه ئي عوام موجوده دور کي وڌيڪ برداشت ڪرڻ لاءِ تيار آهي.

داخلي اختلافن کي باهمي رضامندي ۽ ڳالهه ٻولهه سان حل ڪرڻ لازمي آهي. آزادي ضمير جي هن دور ۾ عوام جي دانشمنديءَ تي شڪ نٿو ڪري سگهجي. اهڙن آزاد ادارن جي ضرورت آهي جي

پنهنجي خالقن کان پوءِ بہ زندھ رهي سگهن. قانون کي عمل ۾ ايئن اچڻ گهرجي جو اهو عوام جي هٿ جي تلوار نہ هجي ۽ نہ وري غير منصفاڻي صورتحال کي برقرار رکڻ لاءِ ڍال هجي.“

قائد عوام پاڪستان جي حالتن مطابق انقلابي تبديلين آڻڻ جو خواهشمند هو. سندس خواهش هئي تہ ملڪ ۾ سوشلزم رائج ٿئي. ملڪ جا ماڻهو ڏاڍ ۽ ظلم کان آجا ٿي زندگي گذارين. عوام ملڪ جو حقيقي مالڪ ۽ مختيار هجي.

موجوده حالتن جي جاءِ تي هڪ اهڙي جمهوري اختيارن جي دور جو آغاز ٿئي جنهن ۾ پوري آبادي شريڪ هجي. نہ رڳو شريڪ ٿئي پر ان کي بااختيار هجڻ جو احساس ٿئي. ان ڳالھ تي فخر ڪري. ان سان گڏوگڏ بنيادي حقن کي بحال ڪيو وڃي ۽ عوام کي هڪ اهڙي برابري واري معاشري جي قيام لاءِ اپاريو وڃي جنهن ۾ ماڻهن جي ضرورتن جو پوراءُ هجي، سموري طاقت عوام کي منتقل ڪئي وڃي. اهو رڳو جمهوريت جي ذريعي ئي ٿي سگهي ٿو.

جمهوريت ضروري آهي پر آخري منزل نہ آهي. جمهوريت جي جدوجهد ۾ اقتصادي مقصدن کي هرگز نظر انداز نٿو ڪري سگهجي جي پهرين حيثيت جا حامل آهن. اقتصادي ترقيءَ کانسواءِ ڪا بہ قوم سڪٽي جمهوريت سان مطمئن نٿي ٿي سگهي. جمهوري آزادي ضروري آهي پر اقتصادي مساوات ۽ انصاف وڌيڪ ضروري آهي. اقتصادي تبديلين کان سواءِ قومي زندگيءَ ۾ ڪا بہ روشن تبديلي نہ اچي سگهندي. جيڪڏهن عوام جي غلامي جي خاتمي جي خواهش آهي تہ جمهوريت سان گڏوگڏ ڪشاده دل سوشلزم بہ ضروري آهي.

هتي غريب ملڪ جي محدود وسيلن کي ضايع ڪيو پيو وڃي ۽ بين الاقوامي مارڪيٽ ۾ خام مال جي قيمتن جي ڪري صنعتي ملڪن مان ضروري سامان گهرائڻ جي صلاحيت گهٽ ٿيندي پئي وڃي. ان صورتحال ۾ اسان جي اقتصادي مسئلن جو واحد حل سوشلزم آهي.

سوشلزم ئي استحصال جي خاتمي ۽ وحدت جي فروغ جو واحد ذريعو آهي. جيستائين استحصال ختم نہ ٿيندو تيسين وحدت رڳو نعري کانسواءِ ڪجھ بہ ناهي. سوشلزم ئي سمورن لاءِ مساوي موقعا پئدا ڪري استحصال کان بچائي ٿو. طبقاتي فرق جي ديوارن کي ڪيرائي اقتصادي ۽ سماجي انصاف کي قائم ڪري سگهي ٿو. سوشلزم جمهوريت جو اعليٰ ترين اظهار آهي.

انهن ملڪن کانسواءِ جي انقلاب جي بنيءَ مان گذريا آهن، ڪيئي اهڙا ملڪ آهن جن ۾ دستوري شهنشاهيت قائم آهي، جتي تشدد آميز تبديلين کانسواءِ سوشلست تقاضائن کي بدتريج پورو ڪيو ويو آهي.

سوشلزم جو اصول بنيادي طرح ٻن ڳالهين تي منحصر آهي: اول جديد سوشلزم جو بنياد معروضي آهي، ٻيو سوشلست طرز فڪر دنيا جي هر خطي ۾ ملڪ جي رائج اقتصادي ۽ سياسي حالتن سان هم آهنگ ٿي سگهي ٿو. ان اعتبار کان سوشلزم پاڪستان لاءِ سنئون سڌو توجھ جي لائق آهي، جو هيءُ اهڙو ملڪ آهي جتي داخلي ۽ خارجي استحصال جو دور آهي.

سوشلزم جي ذريعي ان داغ کي ڌوئڻو پوندو. پهريون اهو قدم ٿيندو تہ غاصبانہ سرمائيداري کي ختم ڪيو وڃي ۽ سوشلزم کي حرڪت ۾ آندو وڃي. پيداواري ذريعا صنعتي ترقيءَ کي جنم ڏين ٿا يا جن

تي صنعتن جو انحصار آهي تن کي هرگز نجي ملڪيت ۾ نہ رهڻ ڏنو ويندو.
سمورا ڪاروبار جي قومي معيشت جي مٿين ڍانچي جي تشڪيل ڪن ٿا. لازمي طور عوامي ملڪيت ۾ ٿيڻ چاهين. بنيادي پيداواري ذريعا ۽ متبادل تي عوامي اختيار جو مطلب اهو ناهي تہ نجي شعبو ختم ڪيو ويندو. نجي ڪاروبار کي پنهنجو مفيد ڪردار ادا ڪرڻ جي اجازت هوندي پر اجاره دار ذخيرا قائم ڪرڻ جي قابل نہ هوندو. نجي شعبي کي انهن حالتن ۾ وڌڻ جي اجازت هوندي جي نجي شعبي کي زيب ڏين ٿيون.
هڪ جاءِ جون حالتون ٻئي کان مختلف ٿين ٿيون. پاڪستان ۾ جو سوشلزم نافذ ٿي سگهي ٿو ان لاءِ ضروري آهي تہ ان جي نظريہ حيات سان هم آهنگ هجي ۽ پنهنجي نوعيت جي اعتبار سان جمهوري هجي، ڪنهن بہ طريقي سان بيروني مداخلت جو سوال پئدا نہ ٿئي."
"جيڪڏهن سوشلزم جو اسڪينڊي نيوين قسم تي سگهي ٿو تہ ڪو بہ سبب نہ آهي جو پاڪستاني قسم نہ هجي، جو اسان جي حال مطابق هجي."
"اسلام ۽ سوشلزم جا اصول هڪٻئي سان ٽڪرجندڙ ناهن. اسلام مساوات جي تعليم ڏئي ٿو ۽ سوشلزم مساوات جي حاصل ڪرڻ جو جديد طريقو آهي. اسلام اسان جو دين آهي، اهو پاڪستان جو بنياد آهي. سوشلسٽ انداز حڪومت ان برتريءَ جي رقيب نہ آهي پر ان جي برعڪس سوشلزم سموري قوم کي اسلامي قدرن جو محافظ بڻائي ڇڏيندو."
"منهنجو ايمان آهي تہ جيڪڏهن اقتصادي ۽ سماجي انصاف جي راهہ کي نظر انداز ڪيو ويو تہ نہ رڳو پاڪستان جي سالميت کي خطرو آهي، پر ان جو ٽڪر ٽڪر ٿيڻ بہ يقيني آهي."
قائد عوام سڄي ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ وڃي قوم کي نئين زندگيءَ لاءِ پيغام ڏيندو رهيو ۽ ملڪ ۾ ظلم ۽ استحصال کان آجي، امن ۽ آشتيءَ واري سماج جي قيام جي جدوجهد لاءِ سڏيندو رهيو. قوم کي بہ قائد عوام جي صورت ۾ پنهنجو نجات دهنده ڏسڻ ۾ آيو سڄي قوم سندس زندگيءَ جي سڏ تي جيءُ چيو. پڪا، پوڙها، نوجوان، ٻار، زالون، شاگرد، هاري، پورهيت قائد عوام جي قافلي ۾ شريڪ ٿي ويا. ملڪ ۾ چونڊون ٿيون تہ ملڪ جي هڪ حصي ۾ ڪيس وڏي اڪثريت سان ڪاميابي حاصل ٿي ۽ جڏهن ملڪ جي عاقبت نانديش، اقتدار جي حوس ۾ انڌن جنرلن ۽ سرمائيدارن جي مفاد پرستانہ پاليسيءَ سبب ملڪ جو هڪ حصو الڳ ٿي آزاد بنگلاديش بڻجي ويو تہ هن باقي پاڪستان جي سلامتيءَ جو بہ ڪنهن کي يقين نہ هو ۽ آخرڪار ظالم حڪمرانن شڪست مڃي ۽ ڪين سواءِ قائد عوام جي اهڙو ڪو بہ رهنما نظر نہ آيو جو هن تباهہ حال ملڪ کي بچائي ۽ هلائي سگهي ملڪي حاڪميت جون واڳون قائد عوام جي حوالي ڪيون ويون.
قائد عوام کي عوامي جدوجهد دوران ڪهڙن ڏکن ڏاکڙن کي منهن ڏيڻو پيو ۽ هن ڪهڙين حالتن ۾ حڪومت جون واڳون ورتيون ۽ ڪيئن هن تباهہ حال ملڪ کي ٻيهر تعمير ڪيو ان جا تفصيل هڪ مڪمل تاريخ آهي.
قائد عوام حڪومت سنڀالڻ شرط هن ٻڏل ٻيڙي کي ڪناري لڳائڻ ۾ لڳي ويو ملڪ جي معيشت تباهہ ٿي چڪي هئي. ملڪ جا 90 هزار جنگي قيدي هندستان جي قيد ۾ هئا، سڄو ملڪ بحران جو

شڪار هو. سڀ کان وڏي ڳالهه اها هئي ته سڄي قوم مايوسيءَ ۾ مبتلا هئي.

قائد عوام وڏي جاکوڙ ڪئي، سڄي دنيا ۾ پاڪستان جي وڃايل وقار کي ٻيهر بحال ڪرايو. خارجه پاليسي کي ٻيهر آزاداڻي راهه تي آندو. ملڪي معيشت کي به ٻيهر بحال ڪرائڻ لاءِ تڪڙا اپاءَ ورتا. قائد عوام کي جن حالتن ۾ ملڪ مليو تن حالتن ۾ قائد عوام پارٽي ۽ ان جي تنظيم تي گهڻو توجهه نه ڏيئي سگهيو. سندس نظر ۾ ملڪ ۽ قوم جي بقا کي اوليت هئي، ان جي باوجود ته قائد عوام ملڪي مسئلن ۾ گهيريل هو. ڪيس پنهنجا عوام سان ڪيل وعدا ياد هئا. عوام جي حقيقي آزادي ۽ خوشحاليءَ تان سندس خيال هٽيو نه هو. پاڻ عوام جي ترقيءَ لاءِ ڪي بنيادي قدم کنيا. ملڪ جون بئنڪون، انشورنس ڪمپنيون ۽ سموريون ڳريون صنعتون قومي ملڪيت ۾ ورتيون ويون. زرعي اصلاحات ڪري هارين جي حقن جي حفاظت لاءِ قانون جوڙيا ويا، پورهيتن جي خوشحالي لاءِ سڌارن جو اعلان ڪيو ويو، تعليمي سڌارا ڪيا ويا. تعليم جي فروخت کي ختم ڪري هر شهريءَ لاءِ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ اپاءَ ورتا ويا. ڪاليجن ۽ يونيورسٽين ۾ اضافو ڪيو ويو. مطلب ته زندگي جي هر شعبي ۾ انقلابي تبديليون آڻڻ لاءِ قدم کنيا ويا. ملڪي حالتن سبب بيشڪ اهو نه ٿي سگهيو جيڪو قائد عوام چاهيو ٿي، ته به قائد عوام جي دور کي انقلابي، سماجي برابري واري سماج ڏانهن اهم قدم ضرور چئي سگهجي ٿو.

اها به حقيقت هئي ته جيڪي قدم قائد عوام ذوالفقارعلي ڀٽي عوام جي ڀلائيءَ لاءِ کنيا تن مان جيترو فائدو ٿيڻ کپندو هو سو به قائد عوام کي بهترين ٽيم نه هجڻ سبب حاصل نه ٿي سگهيو. ان ۾ قائد جي ڪوتاهي نه هئي پر پاڪستان پيپلزپارٽي جنهن دور مان گذرندي مختصر عرصي ۾ تباهه حال ملڪ جي اقتدار جي مالڪ بڻي، تنهن ۾ سندس ڪارڪنن جي صحيح معنيٰ ۾ اها تربيت نه ٿي سگهي، جيڪا هر انقلابي پارٽيءَ جي ڪارڪنن لاءِ لازمي هوندي آهي. هن پارٽي جڏهن ڪامورا شاهي، ظالمانه وڏيرا شاهي خلاف جدوجهد جو اعلان ڪيو ۽ حڪومت ۾ به انقلابي قدم کڻڻ شروع ڪيا ته هن پارٽي وٽ اهڙي موثر تربيت يافته ٽيم نه هئي، جا ڪامورا شاهي ۽ وڏيرا شاهي جي سازشن کي ڀنجو ڏيئي سگهي.

قائدعوام جي حڪومت جو زمانو فڪر قائد عوام جي مڪمل تعبير ته ناهي ته به قائد عوام پنهنجي مختصر دور ۾ ملڪ جي چپي چپي ۾ پنهنجون يادگيريون ڇڏيون آهن. زندگيءَ جي هر شعبي ۾ سندس انقلابي خواهشن جي جهلڪ نظر ٿي اچي. فڪر قائدعوام، قائد عوام جي انقلابي جدوجهد آهي. حڪومت جا عوامي ڀلائي وارا پروگرام آهن، قائدعوام جون سونهري يادون آهن. قائد عوام جي دور حڪومت جي چند انتظامي غلطين يا چند شخصن جي غلط پاليسين جي تنقيد ڪري فڪر قائد عوام کان انڪار نٿو ڪري سگهجي ۽ نه ئي وري فڪر قائد عوام کي ذاتي بغض سبب رڳو شخصيت پرستي قرار ڏيئي فڪر قائد عوام جي حقيقت کان ا نڪار ڪري سگهجي ٿو.

فڪر قائد عوام کي رڳو قائد عوام جي نالي سان منسوب ٿيڻ سبب شخصيت پرستي قرار ڏيڻ درست نه آهي. سمورا فڪر پنهنجن بانين ۽ نافذ ڪرڻ وارن جي نالي سان به سڃاتا وڃن ٿا.

اسان جي ايمان مطابق اسلام خدائي دين ۽ نظريو آهي ۽ سندس نالو اسلام ئي آهي، پر سندس نفاذ لاءِ مولوي ۽ عالم نفاذ اسلام جي مطالبي ڪرڻ وقت نظام مصطفيٰ جو مطالبو ڪندا آهن. ڪميونزم کي مارڪس ازم به چيو ويندو آهي. روس ۾ ڪميونزم، لينن ازم جي اضافي نالي سان سڏيو ويندو آهي.

ساڳئي نظريي کي چين ۾ مائو ازم بہ چون ٿا. اڄ ڪيترائي ملڪ آهن جتي قومي آزاديءَ لاءِ ۽ استحصال خلاف ٿيندڙ جدوجهد کي پنهنجي عظيم قائدن جي نالي سان منسوب ڪيو ويو آهي ۽ عظيم رهبرن جي نالي سان جدوجهد کي منسوب ڪرڻ هرگز شخصيت پرستي ناهي.

پاڪستان جي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو عوامي سياست جي بنياد وجهندڙ ملڪي ڦورن خلاف عملي جدوجهد ڪندڙ بين الاقوامي سامراج خلاف جنگ جوٽيندڙ مذهبي فرقيوارائي جنون خلاف آواز اٿاريندڙ عوام کي طاقت جو سرچشمو قرار ڏيئي کين پنهنجي حقيقي طاقتور وجود جو احساس ڏياريندڙ هڪ هٿين جو خاتمو چاهيندڙ انسانيت جي سربلندي ۽ انسان جي حقيقي آزادي گهرندڙ ملڪ جي حقيقي خود مختياري ۽ غيرجانبداري جي خالق، آسمان سياست جي چوڏهين جي چنڊ، جنهن پنهنجي انهن عظيم مقصدنَ لاءِ پنهنجي جان جو نذرانو ڏيئي قوم کي جدوجهد جو صحيح رستو ڏيکاريو. تنهن جي انهن اعليٰ آدرشن جي تڪميل ۽ سندس خوابن جي تعبير سماج لاءِ ٿيندڙ جدوجهد کي سندس نالي سان منسوب ڪرڻ شخصيت پرستي هرگز نہ آهي.

فڪر قائد عوام شخصيت پرستي نہ پر عظيم انسان جي اصول پرستي آهي. فڪر قائد عوام شخصيت پرستي هجي ها تہ انسان دشمن طبقا جن سدائين حڪمرانن اڳيان پڇ لٽڪائڻ وارو ڪردار ادا ڪيو آهي يا اهي جن جو ڪم ئي آهي حاڪم جي ظلم کي هٿ ٺوڪئي مذهب جي جبي جي اوٽ ۾ لڪائڻ، جن سدائين دولت تي دين وڪڻي، دين جي سوداگري ڪئي آهي، سي قائد عوام جي حياتيءَ ۾ سندس خلاف فتوائون نہ ڏين ها ۽ نہ وري اهي وس جا پاڏا پنهنجي ملڪي ۽ غير ملڪي آقائن سان ٻانهن ٻيلي ٿي فڪر قائد عوام کي ختم ڪرڻ لاءِ سهڪندا ۽ سازشون ڪندا وتن ها. اهي سمورا ظلم جي پنيرائي ڪندڙ انهيءَ حقيقت کان چڱي طرح واقف هئا تہ قائد عوام هڪ اهڙي جدوجهد جو آغاز ڪري ان کي ڪاميابي ڏانهن وڌائي رهيو آهي جنهن سان سندن غير ملڪي آقائن جي وجود جي خاتمي سان گڏوگڏ ، سندن مفاد پرستي جو بہ خاتمو اچي ويندو ۽ عوام جو استحصال نہ ٿي سگهندو ۽ هو ايندڙ وقت ۾ عوام جو خون چوسي عياشيون نہ ڪري سگهندا. سندن هڪ هٿين جو خاتمو اچي ويندو ۽ انهي سان گڏوگڏ کين سندن حفاظت ڪندڙ سمورن ادارن جو وجود بہ خطري ۾ نظر اچڻ لڳو.

قائد عوام خلاف سازشون شروع ٿي ويون. جتي ويهن سندن گهوڙا گهوڙا شروع ٿي تہ ”ڀٽي جي دور ۾ اشرافن سان وڏو ظلم ٿي رهيو آهي، ڪي جي ماڻهن کي عزت ڏني ويئي آهي، جن کي ڪالهہ ڪو پڇندو ڪو نہ هو سي بہ اڄ ليڊر بڻيو خاندانن جي بي عزتي ڪندا وتن. ڀٽي مزدورن جو مغز خراب ڪري ڇڏيو آهي. شاگرد تہ اصل چتا ٿي پيا آهن، هاري تہ ٻنهہ حالن مان نڪري ويا آهن، بس جيئي ڀٽو ڪم ڪار ڇتو!“ اهي ڳالهيون انهن ظالمن جي بغض ۽ عناد جون عڪاسي ڪري قائد عوام سان سندن نفرت کي ظاهر ڪري رهيون آهن ۽ انهن ڳالهين مان اها ڳالهہ صاف سمجهہ ۾ پئي آئي تہ ڀٽي صاحب سان سندن مخالفت جو اهو ئي هڪ سبب هو جو سندن نام نهاد خانداني کي خطرو هو ۽ کين اهو ڊپ هو تہ هو ايندڙ وقت ۾ ماڻهن کي پنهنجي حڪم جو غلام بڻائي نہ سگهندا.

دنيا جي انقلابن جي تاريخ شاهد آهي تہ جتي بہ هيٺن محڪوم ماڻهن پنهنجي اتحاد سان

حاڪم ۽ ظالم طبقن تي فتح حاصل ڪري، ڪانئن پنهنجو حساب ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ته انهن ماڻهن، هيٺن خلاف اهڙن ئي خيالن جو اظهار پئي ڪيو آهي. چين ۾ هارين جي بغاوت دوران اتي جي ظالم طرفان به ايئن چيو ويو ته مائو ماڻهن جو مغز خراب ڪري ڇڏيو آهي! هاري اشرافن جون بي عزتيون ڪري رهيا آهن.

اهي ظالم به سازشن ۾ شريڪ هئا ته سندن محافظ دين فروش ملان به سندن ٻانهن ٻيلي ٿي بيٺا، ڇو جو انهن ملن کي به خبر هئي ته قائد عوام جي فڪر سان سندس منافقيءَ جو ڪاروبار بند ٿي ويندو، سندن پاپائيت به ختم ٿي ويندي. سندن اسلام سان ڪو به واسطو نه هو. نه ته سندن اسلامي غيرت کين ضرور اهڙي شخص جي خلاف سازش ڪرڻ کان روڪي ها جنهن پنهنجي دور حڪومت ۾ بيپناهه اسلامي خدمتون سرانجام ڏنيون هيون. قرآن ڪريم جي غلطين کان پاڪ نسخي جي ڇپائي، جمعي جي موڪل، حج تان پابندي لاهڻ، شراب ۽ ڪلبن تي پابندي، قائد عوام جا سونهري اسلامي ڪارناما آهن پر ختم نبوت جي مسئلي کي حل ڪرڻ اهڙو وڏو ڪارنامو آهي، جنهن جي صحيح معنيٰ ۾ تعريف برصغير جا اهي فرزند جليل ڪري سگهن ٿا جن پنهنجون زندگيون ان مسئلي کي حل ڪرائڻ لاءِ وقف ڪري ڇڏيون. هزارين ختم نبوت جا پروانا جن پنهنجين جانين جو نذرانو ڏيئي ڇڏيو.

پر هنن فتوا باز ملن کي دين سان نه پر دولت سان سروڪار هو. ملن جي فتوائن ۽ استحصالي قوتن جي بيزاري رڳو انهي ڪري هئي جو هيٺا زور ٿي رهيا هئا. محڪوم کي حڪومت جو حق حاصل ٿي رهيو هو محلن ۽ ماڙين جي بجاءِ راڄن اڳيان ميدانن ۾ فيصلا ٿيڻ جي ابتدا ٿي رهي هئي.

انهيءَ ڪري ئي انقلاب، جمهوريت ۽ انساني آزاديءَ جا دشمن پاڻ گڏجي وينا ۽ قائد عوام جي انقلابي پروگرام کي روڪڻ لاءِ منظم ٿي سازشون ڪرڻ لڳا. هن دفعي انهن سازشن ۾ سندن بين الاقوامي آقائن ڀرپور مدد ڪئي ۽ انهن سازشن ۾ ظالماڻي نظام کي جاري رکڻ وارن سمورن فردن ۽ ادارن ڪردار ادا ڪيو ۽ آخرڪار 5 جولاءِ 1977ع تي عوام جي چونڊيل وزيراعظم، پاڪستان ۾ پهرين انقلابي دور جي موجد ذوالفقار علي ڀٽي صاحب کي رات جي اونداهيءَ ۾ حڪومت تان لاهي عوام جي حاڪميت کي ختم ڪري، انقلاب جي وهڪري آڏو عارضي بند ٻڌو ويو.

5 جولاءِ کان پوءِ غاصب حڪمران اعلان ڪيو ته 90 ڏينهن ۾ چونڊون ڪرايون وينديون. هن پنهنجن سمورن واعدن کان انحرافي ڪندي پنهنجي ظالماڻي حڪومت کي طول ڏيڻ شروع ڪيو، ايستائين جو بيت الله ۾ ڪيل واعدو به وفا نه ڪيو ويو. اقوام متحده ۾ دنيا جي مهذب قومن آڏو چونڊن ڪرائڻ لاءِ به ڪيل وعدن کان منهن موڙي ملڪ کي رسوا ڪيو ويو. غاصب حڪمران ٽولي ۽ سندس عوام دشمن حمائتين وڏا وس ڪيا ته پاڪستان پيپلزپارٽي کي ختم ڪيو وڃي ۽ عوام مان قائد ذوالفقار علي ڀٽي جي اثر کي ختم ڪيو وڃي پر عقل جي انڌن جا سڀ حيلا وسيلا بيڪار ٿيا، ڇاڪاڻ جو حڪمران جنهن کي امر ۽ قاتل قرار ڏيئي رهيا هئا، قوم تنهن کي پنهنجو نجات ڏيندڙ ۽ محبوب اڳواڻ مڃي رهي هئي. پروپئگنڊا عوام ۾ بي اثر هئي. سچ فرمايو آهي قائدعوام ته ”تخت اونڌي ڪرڻ ۽ انقلاب ۾ وڏو فرق آهي، ڇو ته انقلاب سان گڏ آدرشن جي حرڪت ۽ حرارت موجود رهي ٿي، ان کي عوام جي وڏي اڪثريت جي جانثاري واري تائيد حاصل ٿئي ٿي، جڏهن ته تختي اونڌي

ڪرڻ مهل اهو تاثر ڏنو وڃي ٿو تہ سياسي مسئلن کي ختم ڪيو ويو آهي پر حقيقت ۾ ڪو بہ مسئلو حل نٿو ٿئي.“

قوم سمجهيو ٿي تہ قائد عوام کي عوام دوستي سبب ئي حڪومت کان الڳ ڪيو ويو آهي. سندس ڏوهہ اهو آهي تہ هن پهريون ڀيرو عوام کي شعور ڏيئي کين حقيقي حڪمران ۽ طاقتور هجڻ جو احساس ڏنو آهي.

تو هيٽن جي حمايت ڪئي، تڏهن سوليءَ تي چاڙهيو وئين،
تو ايرن جي امامت ڪئي، تڏهن سوليءَ تي چاڙهيو وئين،
تو بگهڙن سان بغاوت ڪئي، تڏهن سوليءَ تي چاڙهيو وئين،
تو منافقن تي ملامت ڪئي، تڏهن سوليءَ تي چاڙهيو وئين،
منافق، مڪار، منهن ڪارا سدائين بيعزتا هوندا،
پيل توکي پِتا سائين، گلي ۾ گل رتا هوندا.

آخرڪار ظالم حڪمران جڏهن هر طرح سان مايوس ٿيا تہ کين قائد عوام کي جسماني طرح ختم ڪرڻ ڪانسواءِ ڪا بہ صورت نظر نہ آئي ۽ ظالم جي وارثن پنهنجي ظلم جي تاريخ دهرائي ۽ هڪ انسان دوست کي ڦاسي چاڙهيو پر قائد عوام جا قاتل اقتدار جي حوس ۾ انڌا جنرل، سندن غير ملڪي آقا ۽ سندن ديسي چاڙتا، سرمائيدار، وڏيرا، جاگيردار ۽ دين فروش ملان ان ڳالهہ کي وساري وينا تہ هاڻ ڀٽو صاحب هنن جي مارڻ جو ناهي، ڇو تہ ڀٽو صاحب هاڻ فرد نہ پر نظريو بڻجي چڪو آهي ۽ نظريا مرندا ناهن.

ڇا بہ ڇوين مان مرٽو ناهيان،
ويس مٽائي ورٽو آهيان،
تون بہ چنيسر جو ڪجهہ چاهين،
مون کان اڳ ۾ ورٽو ناهين.
نالي نئين سان ويس بدل سان،
تنهنجي منهنجي جنگ ازل کان،
جاري آهي جاري رهندي.

بين الاقوامي مبصرن سچ چيو تہ ”مئل ڀٽو زندهہ ڀٽي کان وڌيڪ طاقت ور آهي.“ اهي دنيا جا مبصر ان ڳالهہ کي سمجهي رهيا هئا تہ ڀٽو صاحب هاڻ هڪ فڪر بڻجي چڪو آهي. فڪر ظلمن سان ختم نہ ٿيندا آهن. فڪر پنهنجي سچائيءَ جي آڌار تي هميشہ زندهہ رهندا ۽ عوام جي رهنمائي ڪندا رهندا آهن. هن ملڪ ۾ قائد عوام جو فڪر اڄ بہ عوام جي رهنمائي ڪري رهيو آهي ۽ انشاءَ الله ايندڙ وقت ۾ بہ قائد عوام جي تاريخي جدوجهد ۽ زرين اصولن جي روشنيءَ ۾ عوام پنهنجي منزل ماڻيندو. ضرورت صرف ان ڳالهہ جي آهي تہ فڪر قائد عوام جا پوئلڳ پنهنجي مقصدن سان پرخلوص ٿي جدوجهد ڪن. اهو بہ تاريخ جو سبق آهي تہ نظرين جا نفاذ ڪندڙ پهرين پاڻ نظرين جا بهترين نمونا هوندا آهن.

نظريا سڪڻن نعرن سان نافذ ڪو نہ ٿيندا آهن. نظرين جي نفاذ لاءِ دانشمندي، اتحاد ۽ اڻٽڪ

جدوجهد جي ضرورت آهي. ڇڙوڇڙ ماڻهو انقلاب برپا نہ ڪري سگهندا آهن. ظالماڻي نظام کي جاري رکڻ لاءِ بي پناھ منظم طريقا آهن. تن کي ڊاهڻ ۽ تبديل ڪرڻ لاءِ بہ نظم ضبط جي ضرورت آهي.

فڪر قائد عوام جي نفاذ چاهيندڙن کي انهيءَ واٽ تي هلڻو پوندو جنهن واٽ تي هلي دنيا جي ڪيترن ئي مظلوم قومن پنهنجا حق حاصل ڪيا آهن. قائد عوام جي پوئلڳن کي سياسي انقلابي تعليم ۽ تربيت حاصل ڪرڻي پوندي.

قائد عوام جو هي فرمان تہ پنهنجي پيروڪارن لاءِ واضح رهنمائي آهي: ”منهنجي اوهان کي گذارش آهي تہ هاڻ اوهان هڪ هڪ لمحي کي قيمتي سمجهو. وقت اچي ويو آهي جڏهن اسان کي رات ڏينهن ڪم ڪرڻو آهي. اهو نہ ٿئي جو چئن ڏينهن جوش خروش رهي ۽ پوءِ جذبا ٿڌا ٿي وڃن. جيڪڏهن جوش جذبي کي قائم رکيو ويو تہ ولولو ڪڏهن گهٽ نہ ٿيندو. اوهين جماعت جا سمورا ڪم اڻ ٿڪ جدوجهد ۽ جوش خروش سان شروع ڪيو اوهان وٽ هڪ مڪمل انقلابي پروگرام سان مسلح پارٽي آهي. ان پروگرام کي چڱي طرح سمجهي ڳوٺ ڳوٺ ۽ شهر شهر تائين پهچايو. اهو پروگرام سمورن مظلوم طبقن جي آزاديءَ جو پيغام آهي. اهو پروگرام 22 خاندانن جي ڦرمار ۽ اجارو داري جو خاتمو ڪري ڇڏيندو. اوهين اجاره دارن کي ڇڏي سموري قوم کي متحد ۽ منظم ڪريو. ان بنياد تي هڪ وسيع تر قومي جمهوري محاذ قائم ڪريو. اوهان لاءِ ضروري آهي تہ ان پروگرام تي عمل ڪرڻ لاءِ هڪ پورهيت کان وٺي غريب گهورڙئي تائين، هڪ دڪاندار کان وٺي قوم پرست امير تائين، هاريءَ کان وٺي محب وطن زميندار تائين سمورن فردن کي گڏ ڪٺو. اوهان وٽ عوامي پروگرام آهي. اهڙا پروگرام ۽ منشور ئي عوامي تبديلي آڻين ٿا ۽ سياسي معاشي انقلاب برپا ڪن ٿا. نوس پروگرام ۽ نظرين جي بنياد تي جا جدوجهد ڪئي وڃي ٿي ۽ جي تبديليون آنديون وڃن ٿيون، اهي هميشہ دائم ۽ قائم رهن ٿيون. اسلام اسان جو دين آهي، جمهوريت اسان جي سياست آهي. سوشلزم اسان جي معيشت ۽ طاقت جو مالڪ عوام آهي. اهو منشور اوهان جي فتح جو علمبردار آهي. جلد از جلد عوام تائين پهچو جلسا ڪيو ۽ عوام کي جدوجهد جو پيغام ڏيو. عوام اوهان جي آواز تي لبيڪ چوڻ لاءِ تيار وينو آهي. مون کي هڪ علائقي ۾ نہ پر پوري ملڪ ۾ ڪم ڪرڻو پوي ٿو مون تي تمام گهڻيون ذميداريون آهن. اوهان کي گهرجي تہ منهنجي غير موجودگيءَ جو احساس ڪرڻ کان سواءِ پنهنجو ڪم مسلسل جاري رکو.

مون کي فخر آهي تہ اسان جي پارٽي ۾ اهڙن ڪارڪنن جي ڪمي ناهي جيڪي هيرن جواهرن کان وڌيڪ قيمتي آهن. مون کي يقين آهي تہ هڪ ڏينهن اهي سياست جي آسمان تي سج ۽ چنڊ وانگر روشن ٿيندا. جيتوڻيڪ سياست ۾ اڳي ڪڏهن هنن جو نالو بہ ڪنهن نہ ٻڌو هوندو. اوهان کي ياد هوندو تہ مون چيو هو تہ اسان جي پارٽيءَ کي وڏن نالن جي ضرورت ناهي، هي پارٽي پاڻ وڏا نالا پيدا ڪندي. پر عظيم نالو عظيم ڪم سبب پيدا ٿئي ٿو. اوهان کي گهرجي تہ هر وقت پنهنجي ڪم جو جائزو وٺندا رهو ۽ پارٽيءَ ۾ تنقيد ۽ پاڻ تي تنقيد جو عمل جاري رکو ڇو جو اهو عمل پارٽي کي سينگاري ۽ سنواري ٿو. مضبوط ۽ منظم ڪري ٿو.“

چاڪاڻ تہ پارٽي ئي انقلاب کي برپا ڪري سگهي ٿي، پارٽي پنهنجي قيادت ۽ انقلاب جو تحفظ

ڪري سگهي ٿي. اهو چوڻ صحيح نہ آهي تہ آئين ئي قيادتن ۽ انقلابن جي بقا لاءِ ڪافي آهي يا ذميدار آهي. بيجان ڪتاب پارٽي، قيادت يا انقلاب کي بچائڻ جي ڪا بہ طاقت نٿو رکي. بيجان ڪتاب نہ پر جاندار پارٽيون قيادتون بچائينديون آهن، انقلابن کي استحڪام بخشينديون آهن. دنيا جي انقلابي ملڪن ۾ آئين، انقلابن خلاف سازش کي نٿا روڪين، بلڪ انقلابي پارٽيون پنهنجن قيادتن ۽ انقلابن کي مضبوط بنايو اچن. هتي بہ قيادت، پارٽي ۽ جمهوريت جي واحد ضمانت هڪ منظم ۽ جاندار پارٽي ئي آهي.“

انقلاب لاءِ گروپ بندين تي لعنت ڪري اتحاد پيدا ڪرڻو پوندو، پنهنجي انقلابي پارٽي پاڪستان پيپلزپارٽي قائد عوام جي امانت ۽ اسان جي ڪاميابي جي ضمانت آهي. پارٽيءَ جي ڪارڪنن کي هر خوف ۽ لالچ کان پري ٿي عوام ۽ قوم جي بهتريءَ ۾ پارٽي خلاف ٿيندڙ اندرين ۽ ٻاهرين سازشن کي ناڪام بڻائڻو پوندو. پاڪستان پيپلزپارٽي نالو آهي قائد ۽ سندس خاندان ۽ عوام جو. پاڪستان پيپلزپارٽي قائد ۽ سندس خاندان ۽ عوام جي بيپناهہ قربانين جو ثمر آهي. قائد عوام جو خاندان ۽ پيپلزپارٽي عوام جي ڪاميابي ۽ حڪمرانيءَ لاءِ ضمانت جي علامت آهن. پاڪستان پيپلزپارٽي، قائد عوام ۽ سندس خاندان جي، عوام سان بيمثال، لازوال محبت ۽ وابستگيءَ کي اجا قائم ڏسندي ئي يقين ٿو ٿئي تہ هن ملڪ ۾ فڪر قائد عوام جي نفاذ کي ٽاري نٿو سگهجي، جو عوام اڄ قائد عوام کي پنهنجو رهبر تسليم ٿو ڪري بي پناهہ ظلم، ڏاڍ، قيد، ڪوڙا، ڏنڊ، ڦاهيون بہ عوام کي پنهنجي قائد جي خاندان ۽ پارٽيءَ کان پري نہ ڪري سگهيون آهن ۽ جڏهن پنهنجي عظيم قائد جي حقيقي وارث صاحبزادي بينظير صاحبہ کي سورن، سختين، صدمن، قيدن ۽ جلاوطنين کي ان پوءِ بہ وڏي بهادريءَ سان پنهنجي رهنمائي ڪندي عوام ڏسي ٿو تہ سندن پنهنجي ڪاميابيءَ تي ايمان پختو ٿي وڃي ٿو.سلام آهي قائد عوام کي جنهن جا اهڙا وارث آهن.

جهڙو پنهون پاڻ، تهڙي سٽا ساٿ جي.

سلام صاحبزادي بينظير صاحبہ کي جنهن پنهنجي عظيم پيءُ جي خواهش جي تڪميل لاءِ ڏکن ۽ ڏاکڙن جو رستو قبول ڪري عوام جي رهنمائي ڪئي. سندس بهادري، همت، حوصلي، دانشمندي، مقصد سان سچائي، عوام سان وابستگي ان ڳالهہ جو دليل آهي تہ هن قوم جي تقدير بينظير صاحبہ آهي. قائد جي تصوير بينظير صاحبہ آهي، پڻ وارث جي تفسير بينظير صاحبہ آهي.

پاڪستان پيپلزپارٽي ۽ بينظير صاحبہ لازم ملزوم آهن ۽ پاڪستان پيپلزپارٽي ۽ بينظير صاحبہ، عوامي حاڪميت ۽ عوامي فتح لاءِ ضروري آهن. جيڪي چاهين ٿا تہ هن ملڪ ۾ فڪر قائد عوام نافذ ٿئي، تن تي واجب آهي تہ پيپلزپارٽي ۽ سندس عظيم قيادت جي حفاظت ڪن. ملڪ جي غريب پورهيت، هاري، مسڪين، نوجوان، مظلوم عورت ۽ ترقي پسند سوچ رکڻ وارن تي تہ فرض ٿو عائد ٿئي تہ هو بينظير صاحبہ ۽ پارٽيءَ جي حفاظت ڪن جو بينظير صاحبہ ۽ پارٽي هنن لاءِ ئي ضروري آهي.

ڏکيون جان نہ مڙن، تان تان پنڌ نہ ٿئي،
پنڌ واريون پڌريون، ڳاڙها ڳل سندن،
ٻيون هونئن ئي هٿ هڻن، روئنديون روئڻ واريون.

فڪر قائد عوام ضرورت ٿي آهي مسڪينن، هارين، مزدورن، نوجوانن مظلوم عورتن ۽ عوام دوستن جي، ڇاڪاڻ تہ ڀٽو ازم بک، بيماري، ڏاڍ، ظلم ۽ جهالت جي خاتمي جي جدوجهد آهي. فڪر قائد عوام ۾ رڳو ماضيءَ جا ڪارناما ناهن پر حال جي ضرورت ۽ وقت جي تقاضائن ڪي قائد عوام جي انقلابي اصولن جي روشني ۾ پورو ڪرڻ آهي.

نظريا بيئل پاڻي وانگر نہ آهن، سچن فڪرن جو وهڪرو وقت سان گڏ جاري آهي. تنهنڪري اڄ جي قومي ضرورتن ڪي پورو ڪرڻ بہ ڀٽو ازم آهي. فڪرن ۾ عوام جي خوشحالي ۽ آسودگي سمايل هوندي آهي. وقت جي ضرورت ڪان منهن موڙڻ نظرين لاءِ موت آهي، فڪر قائد عوام تہ آهي ٿي وقت جو آواز ڀٽو ازم جو مطلب ٿي آهي عوام جي جدوجهد جي رهنمائي ڪري عوام لاءِ آسودگي، امن ۽ برابري وارو سماج قائم ڪرڻ، ملڪ ڪي آزاداڻي غير جانبداراڻي خارجہ پاليسيءَ تي هلائڻ، سرمائيداري، وڏيرا شاهي ۽ ڪامورا شاهي جي ظلم مان عوام جي جند آزاد ڪرائي سوشلزم ڏانهن وک وڌائڻ، جو قائد عوام جي خوابن جي تعبير سماجي برابري وارو سماج ٿي آهي.

ان ٿي سماج لاءِ جدوجهد ڀٽو ازم آهي.

اها ٿي اسان جي منزل آهي.

جيئي ڀٽو سدا جيئي

چيئرمين خاتون ملت بيگم نصرت ڀٽو صاحبہ زنده باد.

شريڪ چيئرمين صاحبزادي بينظير ڀٽو صاحبہ زنده باد.

پاڪستان پيپلز پارٽي زنده باد.